ڪندا، ۽ اهي الله تعالىٰ جون حدون آهن جن کي عقلمندن لاءِ بيان فرمائي ٿو.

له تفسير جلالين و تفسير مظهري.

وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ

۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو يوءِ ان جو وقت پورو ٿين ٿيون پهچي تہ انهن کي شريعت[1] مطابق روکيو يا

سَرِّحُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ ۪ وَلَا تُمْسِكُوْهُنَّ ضِرَارًا لِّتَعْتَدُوْا ۚ وَمَنْ

نيڪيءَ سان ڇڏي ڏيو ، ۽ انهن کي تڪليف ڏيڻ لاءِ نہ روکيو جو حد کان وڌو ، ۽ جيڪو ايئن

يَّفْعَلْ ذٰلِكَ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ؕ وَلَا تَتَّخِذُوْٓا اٰيٰتِ اللّٰهِ هُزُوًا ۠ وَّ

ڪري تہ اهو پنهنجو ئي نقصان ڪري ٿو ، ۽ الله تعالىٰ جي آيتن کي مذاق نہ بنايو ، ۽

اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَمَآ اَنْزَلَ عَلَيْكُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ وَ

ياد ڪريو الله جي نعمت جيڪا توهان تي آهي ۽ ڪتاب ۽ حڪمت توهان تي انهيءَ لاءِ نازل فرمايائين جو

الْحِكْمَةِ يَعِظُكُمْ بِهٖ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٣١﴾

انهيءَ جي ذريعي نصيحت حاصل ڪريو ۽ الله کان خوف ڪريو ۽ توهان يقين ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءَ کي ڄاڻندڙ آهي.

وَاِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَبَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا تَعْضُلُوْهُنَّ اَنْ يَّنْكِحْنَ

۽ جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيو يوءِ انهن جي عدت پوري ٿئي تہ يوءِ نہ روکيو انهن کي نڪاح ڪرڻ کان

اَزْوَاجَهُنَّ اِذَا تَرَاضَوْا بَيْنَهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ ذٰلِكَ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ

سندن مڙسن سان جنهن وقت پاڻ ۾ شريعت[2] مطابق رضامند هجن ، اها نصيحت توهان مان انهيءَ لاءِ آهي

كَانَ مِنْكُمْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ ذٰلِكُمْ اَزْكٰى لَكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ وَ

جيڪو الله تعالىٰ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ، اهو توهان لاءِ زياده صاف ۽ بلڪل پاڪ آهي ، ۽

اللّٰهُ يَعْلَمُ وَاَنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٢﴾ وَالْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ

الله ڄاڻي ٿو ۽ توهان نہ ٿا ڄاڻو . ۽ مائون پنهنجن ٻارن کي پورا ٻہ سال

حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ لِمَنْ اَرَادَ اَنْ يُّتِمَّ الرَّضَاعَةَ ؕ وَعَلَى الْمَوْلُوْدِ لَهٗ رِزْقُهُنَّ

کير پيارين انهيءَ لاءِ جيڪا ماءُ کير جي مدت پوري ڪرڻ گهري ۽ پيءُ تي انهن عورتن جو ڪارائڻ

[1] تفسير روح البيان. [2] تفسير روح البيان.

وَكِسْوَتُهُنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ لَا تُكَلَّفُ نَفْسٌ اِلَّا وُسْعَهَا ۚ لَا تُضَآرَّ

۽ ڏيڻ آهي شريعت مطابق ، مائٽو کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف ڏني وڃي ، نڙي تڪليف

وَالِدَةٌ بِوَلَدِهَا وَلَا مَوْلُوْدٌ لَّهٗ بِوَلَدِهٖ ۚ وَعَلَى الْوَارِثِ مِثْلُ ذٰلِكَ ۚ

ڏني وڃي ماءُ ۽ پيءُ کي سندس ٻار بابت ، ۽ وارث تي به ساڳيا حق آهن ،

فَاِنْ اَرَادَا فِصَالًا عَنْ تَرَاضٍ مِّنْهُمَا وَتَشَاوُرٍ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْهِمَا ؕ

پوءِ جيڪڏهن ماءُ ۽ پيءُ پاڻ ۾ راضي ٿي مشورو ڪري ٻار جو ڪير ڇڏائڻ ته انهن تي ڪو به گناهه ڪونهي

وَاِنْ اَرَدْتُّمْ اَنْ تَسْتَرْضِعُوْٓا اَوْلَادَكُمْ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِذَا سَلَّمْتُمْ

۽ توهان جيڪڏهن ارادو ڪريو ڏاين کان ٻارن کي کير پيارڻ جو ته به توهان تي ڪو گناهه ناهي جيڪڏهن

مَّآ اٰتَيْتُمْ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۲۳۳﴾

توهان انهن کي ڏنو جيڪو ڏيڻو هو شريعت مطابق ، ۽ الله تعالىٰ کان ڈجو ۽ توهان يقين ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي

وَالَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ

۽ توهان مان جيڪي فوت ٿين ۽ پنهنجون زالون (بيوه) ڇڏين اهي چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن

اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّعَشْرًا ۚ فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ

عدت ۾ ويهن ، پوءِ جڏهن انهن جي عدت[1] پوري ٿئي ته انهن تي ڪو گناهه ڪونهي

فِيْمَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

ان معاملي ۾ جيڪو عورتون[2] پنهنجي لاءِ ڪن شريعت مطابق ، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان

خَبِيْرٌ ﴿۲۳۴﴾ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْمَا عَرَّضْتُمْ بِهٖ مِنْ خِطْبَةِ

خبردار آهي . ۽ توهان تي گناهه ناهي انهي ڳالهه ۾ جو پردو رکي نڪاح جو پيغام عورتن

النِّسَآءِ اَوْ اَكْنَنْتُمْ فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ ؕ عَلِمَ اللّٰهُ اَنَّكُمْ سَتَذْكُرُوْنَهُنَّ

ڏانهن موڪليو يا دلين ۾ لڪايو ، الله ڄاڻي ٿو ته توهان هاڻي انهن جو ذڪر ڪندا ،

[1] تفسير روح المعاني . [2] تفسير النسفي .

وَلٰكِنْ لَّا تُوَاعِدُوْهُنَّ سِرًّا اِلَّآ اَنْ تَقُوْلُوْا قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۬ وَّ

ها انهن سان خفيه وعدو نه ڪريو مگر شريعت جي قانون مطابق ڳالهايو ، ۽ نه

لَا تَعْزِمُوْا عُقْدَةَ النِّكَاحِ حَتّٰى يَبْلُغَ الْكِتٰبُ اَجَلَهٗ ؕ وَاعْلَمُوْٓا

انهن سان نڪاح ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪريو جيستائين عدت پنهنجي اندازي کي پهچي ، ۽ توهان يقين ڪريو

اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ فَاحْذَرُوْهُ ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

بيشڪ الله تعالىٰ توهان جي دلين جون ڳالهيون ڄاڻي ٿو پوءِ ان کان ڊجو ، ۽ توهان يقين ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ

غَفُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿٢٣٥﴾ لَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ مَا لَمْ

بخشيندڙ بردبار آهي . جن عورتن کي توهان هٿ نه لڳايو آهي ۽ انهن لاءِ مهر مقرر ڪيو آهي جيڪڏهن

تَمَسُّوْهُنَّ اَوْ تَفْرِضُوْا لَهُنَّ فَرِيْضَةً ۖۚ وَّمَتِّعُوْهُنَّ ۚ عَلَى الْمُوْسِعِ

توهان انهن عورتن کي طلاق ڏيڻ چاهيو ته توهان تي ڪو به گناهه ڪونهي ، ۽ انهن کي تن ڪپڙن واري جوڙي ڏيو ، دولتمند

قَدَرُهٗ وَعَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهٗ ۚ مَتَاعًۢا بِالْمَعْرُوْفِ ۚ حَقًّا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٢٣٦﴾

پنهنجي طاقت مطابق ۽ غريب پنهنجي طاقت مطابق ڏين شريعت مطابق ، ۽ اهو نيڪ ماڻهن تي واجب آهي .

وَاِنْ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ وَقَدْ فَرَضْتُمْ لَهُنَّ

۽ جن عورتن کي توهان هٿ لائڻ کان اڳ ۾ طلاق ڏني ۽ انهن لاءِ کجهه مهر مقرر ڪري چڪا هئا

فَرِيْضَةً فَنِصْفُ مَا فَرَضْتُمْ اِلَّآ اَنْ يَّعْفُوْنَ اَوْ يَعْفُوَا الَّذِيْ

هاڻي انهي جوڙ مهر ڏيڻ توهان تي واجب آهي . ها جيڪڏهن عورتون پاڻ يا جن جي هٿ ۾

بِيَدِهٖ عُقْدَةُ النِّكَاحِ ؕ وَاَنْ تَعْفُوْٓا اَقْرَبُ لِلتَّقْوٰى ؕ وَ

نڪاح جي عقد آهي معاف ڪن ، ۽ توهان کي (اي مردو) زياده ڏيڻ تقويٰ جي قريب آهي ، ۽

لَا تَنْسَوُا الْفَضْلَ بَيْنَكُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٣٧﴾

پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا احسان نه وساريو ، بيشڪ الله تعالىٰ توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي .

ع ٢٠

له تفسير روح البيان وتفسير النسفي .

حٰفِظُوْا عَلَى الصَّلَوٰتِ وَالصَّلٰوةِ الْوُسْطٰى ۚ وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ

سڀني نمازون هميشگي سان پنهنجي وقتن تي پڙهو ۽ وچين نماز تاڪيد سان پڙهو ۽ نماز ۾ ادب سان الله جي

قٰنِتِيْنَ ﴿٢٣٨﴾ فَاِنْ خِفْتُمْ فَرِجَالًا اَوْ رُكْبَانًا ۚ فَاِذَآ اَمِنْتُمْ

حضور ۾ بيهو. پوءِ جيڪڏهن توهان کي خوف هجي ته نماز پيادل يا سواري تي پڙهو، پوءِ جڏهن امن وارا ٿيو

فَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَمَا عَلَّمَكُمْ مَّا لَمْ تَكُوْنُوْا تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٣٩﴾ وَ

پوءِ نماز پڙهو توهان جيئن توهان کي الله تعالى سيکاريو جيڪو طريقو توهان نه ڄاڻندا هئا. ۽

الَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَيَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا ۖ وَّصِيَّةً

جيڪي ماڻهو توهان مان فوت ٿين ۽ پنهنجين زالن کي ڇڏن، پوءِ پلي پنهنجين عورتن

لِّاَزْوَاجِهِمْ مَّتَاعًا اِلَى الْحَوْلِ غَيْرَ اِخْرَاجٍ ۚ فَاِنْ خَرَجْنَ

لاءِ وصيت کن هڪ سال جي خوراڪ جيئن اهي پنهنجن گهرن مان نه ڪڍن، پوءِ جيڪڏهن گهرن ٻاهر

فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ فِيْ مَا فَعَلْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِنَّ مِنْ مَّعْرُوْفٍ ؕ

نڪرن ته توهان تي گناهه ناهي جيڪي ڪجهه پنهنجي لاءِ شريعت ۾ مطابق ڪن،

وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٤٠﴾ وَلِلْمُطَلَّقٰتِ مَتَاعٌۢ بِالْمَعْرُوْفِ ؕ

۽ الله تعالى غالب حڪمت وارو آهي. ۽ طلاق ڏنل عورتن لاءِ به شريعت مطابق مالي نڪي ڏيڻي آهي،

حَقًّا عَلَى الْمُتَّقِيْنَ ﴿٢٤١﴾ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اٰيٰتِهٖ لَعَلَّكُمْ

اهو پرهيزگارن تي واجب آهي. اهڙي طرح الله تعالى توهان لاءِ پنهنجون آيتون بيان فرمائي ٿو ته جو

تَعْقِلُوْنَ ﴿٢٤٢﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَهُمْ ع ٢٤٢ ٥

توهان سمجهو. اي حبيب چا توهان نه ڏٺو بني اسرائيل جي هڪ گروهه کي جيڪي موت جي ڊپ کان

اُلُوْفٌ حَذَرَ الْمَوْتِ ۪ فَقَالَ لَهُمُ اللّٰهُ مُوْتُوْا ۫ ثُمَّ اَحْيَاهُمْ ؕ

پنهنجن گهرن کان نڪتا ۽ اهي هزارين هئا، پوءِ الله تعالى انهن کي فرمايو مري وڃو پوءِ انهن کي زنده فرمايائين،

إِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ أَكْثَرَ

بيشڪ الله تعالىٰ مانڻن تي احسان ڪندڙ آهي پر گهڻا مانڻهو الله تعالىٰ جو

النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٢٤٣﴾ وَقَاتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ

شڪرانو بجا نه ٿا آڻين ٠ ۽ توهان الله تعالىٰ جي واٽ ۾ جهاد ڪريو ۽

اعْلَمُوْٓا أَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٤﴾ مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ

توهان يقين ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ بڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ٠ ڪير آهي جيڪو الله تعالىٰ کي

اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗٓ أَضْعَافًا كَثِيْرَةً ؕ

سهڻو قرض ڏئي نه الله تعالىٰ انهي لاءِ ثواب تمام گهڻو فرمائي

وَاللّٰهُ يَقْبِضُ وَيَبْصُۜطُ ۠ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٤٥﴾

۽ الله تعالىٰ روزي گهٽ ڪري ٿو ۽ زياده ڏئي ٿو ۽ توهان الله تعالىٰ ڏانهن موٽايا ويندا ٠

وقف لازم

أَلَمْ تَرَ إِلَى الْمَلَإِ مِنْۢ بَنِيْٓ إِسْرَآءِيْلَ مِنْۢ بَعْدِ مُوْسٰى

اي حبيب ڇا بني اسرائيل جي هڪ گروهه ڏانه (حضرت) موسىٰ کان پوءِ توهان نه ڏٺو ؟

إِذْ قَالُوْا لِنَبِيٍّ لَّهُمُ ابْعَثْ لَنَا مَلِكًا نُّقَاتِلْ فِيْ سَبِيْلِ

جڏهن پنهنجي نبي کي چيائون ته اسان لاءِ هڪ بادشاهه مقرر ڪر انهي لاءِ جو اسين جهاد في سبيل الله

اللّٰهِ ؕ قَالَ هَلْ عَسَيْتُمْ إِنْ كُتِبَ عَلَيْكُمُ الْقِتَالُ

ڪريون ، نبي فرمايو قريب آهي جيڪڏهن جهاد توهان تي فرض ڪيو ويو ته توهان

أَلَّا تُقَاتِلُوْا ؕ قَالُوْا وَمَا لَنَآ أَلَّا نُقَاتِلَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

جهاد نه ڪندا ٠ عرض ڪيائون اسان کي ڇا ٿيو آهي جو الله تعالىٰ جي واٽ ۾ جهاد نه ڪنداسين

وَقَدْ أُخْرِجْنَا مِنْ دِيَارِنَا وَأَبْنَآئِنَا ؕ فَلَمَّا كُتِبَ

حالانڪ اسان پنهنجي وطن ۽ اولاد کان پري ڪيو ويا آهيون ، پوءِ جڏهن انهن تي

عَلَيْهِمُ الْقِتَالُ تَوَلَّوْا اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ

جهاد فرض ڪيو ويو تہ ٿورن مانھن کان سواءِ ٻياسيءِ مُنھن ڦيرائي ويا، ۽ الله تعالىٰ ظالمن کي چڱيءَ

بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٤٦﴾ وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ بَعَثَ

طرح ڄاڻي ٿو ۽ انھن کي انھن جي نبي فرمايو بيشڪ الله تعالىٰ طالوت کي توهان لاءِ

لَكُمْ طَالُوْتَ مَلِكًا ؕ قَالُوْٓا اَنّٰى يَكُوْنُ لَهُ الْمُلْكُ

بادشاهہ مقرر ڪيو آهي ، چيائون انهي کي اسان لاءِ الله تعالىٰ بادشاهي ڪيئن مقرر

عَلَيْنَا وَنَحْنُ اَحَقُّ بِالْمُلْكِ مِنْهُ وَلَمْ يُؤْتَ سَعَةً

ڪيو آهي حالانڪ[1] اسين انهيءَ کان وڌيڪ بادشاهيءَ جي لائق آهيون ۽ طالوت تہ

مِّنَ الْمَالِ ؕ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰىهُ عَلَيْكُمْ وَزَادَهٗ

مسڪين[2] آهي ، نبي فرمايو انهيءَ کي الله تعالىٰ توهان مان چونڊيو آهي ۽ انهيءَ کي علم

بَسْطَةً فِى الْعِلْمِ وَالْجِسْمِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤْتِىْ مُلْكَهٗ مَنْ

۽ جسم ۾ توهان کان ڪشادو ڪيو آهي ، ۽ الله تعالىٰ جنهن کي پسند ڪري پنهنجو ملڪ اُن کي

يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٤٧﴾ وَقَالَ لَهُمْ نَبِيُّهُمْ اِنَّ

ڏيئي ٿو ، ۽ الله تعالىٰ احسان ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي . ۽ انهن کي سندن نبي فرمايو بيشڪ اُن جي بادشاهي

اٰيَةَ مُلْكِهٖٓ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ التَّابُوْتُ فِيْهِ سَكِيْنَةٌ مِّنْ

جي نشاني توهان وٽ پيٽي مبارڪ[3] جو اچڻ آهي ان ۾ دلي سُکون آهي توهان جي رب

رَّبِّكُمْ وَبَقِيَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَاٰلُ هٰرُوْنَ تَحْمِلُهُ

جي طرفان ۽ متبرڪ[4] شيون جيڪي حضرت موسىٰ ۽ هارون جي خاندان ۾ رهيل هيون انهي تبرڪ کي

الْمَلٰٓئِكَةُ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٤٨﴾ ع ١٦ ٢٤٨

ملائڪ کڻي ايندا، بيشڪ انهيءَ ۾ توهان لاءِ وڏي نشاني آهي جيڪڏهن توهان مڃيندڙ آهيو .

[1] تفسير بيضاوي. [2] تفسير بيضاوي، [3] تفسير جلالين وتفسير (منزل ١) بيضاوي ولغات القرآن عربي وتفسير ڪبير.
[4] تفسير بيضاوي وتفسير جلالين وتفسير نسفي وتفسير روح البيان.

فَلَمَّا فَصَلَ طَالُوْتُ بِالْجُنُوْدِ ۙ قَالَ اِنَّ اللّٰهَ مُبْتَلِيْكُمْ

پوءِ جڏهن طالوت لشڪرون ٻاهر نڪتو، چيائين بيشڪ الله توهان کي هڪ نهر سان

بِنَهَرٍ ۚ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ لَّمْ يَطْعَمْهُ

آزمائيندو، پوءِ جنهن انهيءَ جو پاڻ پيتو پوءِ اهو منهنجو ناهي، ۽ جنهن پاڻ نه پيتو پوءِ

فَاِنَّهٗ مِنِّيْٓ اِلَّا مَنِ اغْتَرَفَ غُرْفَةً ۢ بِيَدِهٖ ۚ فَشَرِبُوْا

بيشڪ اهو منهنجو آهي سواءِ ان جي جو هڪ لپ پنهنجي هٿ سان پري پيئي، پوءِ ٿورن ماڻهن

مِنْهُ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ ۭ فَلَمَّا جَاوَزَهٗ هُوَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

کان سواءِ هِين سڀني پاڻ پيتو ، پوءِ جڏهن طالوت ۽ ان سان گڏ مسلمان نهر پار ڪري

مَعَهٗ ۙ قَالُوْا لَا طَاقَةَ لَنَا الْيَوْمَ بِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ ۭ قَالَ

وياڪ، چيائون اسان کي اڄ جالوت ۽ ان جي لشڪر سان وڙهڻ جي طاقت ناهي، انهن

الَّذِيْنَ يَظُنُّوْنَ اَنَّهُمْ مُّلٰقُوا اللّٰهِ ۙ كَمْ مِّنْ فِئَةٍ

جيڪي جن کي الله سان ملڻ جو يقين هو ، ڪيترين ئي ٿورڙين جماعتون

قَلِيْلَةٍ غَلَبَتْ فِئَةً كَثِيْرَةًۢ بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ

وڏين جماعتن تي الله تعالىٰ جي حڪم سان فتح ڏيون آهن، ۽ الله تعالىٰ

مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ۝ وَلَمَّا بَرَزُوْا لِجَالُوْتَ وَجُنُوْدِهٖ

صبر ڪندڙن سان گڏ آهي . ۽ مسلمان جڏهن جالوت ۽ ان جي لشڪر جي سامهون ٿيا

قَالُوْا رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّثَبِّتْ اَقْدَامَنَا وَ

عرض ڪيائون اي اسانجا رب! اسان کي صبر جي توفيق ڏي ۽ اسان جي پيرن کي مضبوط ڪر ۽

انْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ۝ فَهَزَمُوْهُمْ بِاِذْنِ

اسان کي ڪافرن تي فتح عطا ڪر . پوءِ مسلمانن ڪافرن کي الله تعالىٰ جي حڪم

اللّٰهِ لا وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَ

سان شڪست ڏني، ۽ (حضرت) داؤد جالوت کي قتل ڪيو ۽ الله تعالىٰ (حضرت) داؤد کي ملڪ ۽

الْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ

نبوّت ڏه عطا فرمائي ۽ انهي کي جيڪو پسند ڪيائين علم سيکاريائين، ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ کافرن کي

النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ

مسلمانن سان دفع نه ڪري ها تہ البتہ زمين ۾ فساد ٿئي ها پر

اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ

الله تعالىٰ مهربان آهي جهان وارن تي . اهي الله جون نشانيون آهن

نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

جيڪي ڏه جبرئيل جي معرفت حق سان تو ڏانهن نازل ڪجن ٿيون ۽ بيشڪ اي حبيب توهان سچن رسولن مان آهيو.

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ

الجزء ٣ وقف لازم

اهي رسول آهن انهن مان هڪڙن پيغمبرن کي ٻين کان پلو ڪيو سين، انهن مان ڪن سان الله تعالىٰ

اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ

ڪلام فرمايو ۽ رسولن عربي کي سڀني کان بلند درجو عطا فرمايو ۽ اسان مريم جي فرزند عيسىٰ کي معجزا ڏنا

وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْ

۽ ڪيس (حضرت) جبرئيل سان مدد ڏني سين، ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ گهري ها تہ انهن جاپويان پاڻ ۾ نہ وڙهن

بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ

ها انهي کان پوءِ جو انهن وٽ ظاهر نشانيون اچي چڪيون پر انهن اختلاف ڪيو انهن مان

مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا وَلٰكِنَّ

ڪي تہ ايمان تي رهيا ۽ ڪي ڪافر ٿيا، ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ گهري ها تہ نہ وڙهن ها، پر

ڈ تفسير روح البيان. ڏه تفسير نسفي. ڏه تفسير روح البيان.

ڏه تفسير روح المعاني. ڏه تفسير بيضاوي وجلالين وڪبير و تفسير مظهري وتفسير روح المعاني.

اللّٰهِ لا وَقَتَلَ دَاوٗدُ جَالُوْتَ وَاٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ وَ

سان شڪست ڏني، ۽ (حضرت) داؤد جالوت کي قتل ڪيو ۽ الله تعالىٰ (حضرت) داؤد کي ملڪ ۽

الْحِكْمَةَ وَعَلَّمَهٗ مِمَّا يَشَآءُ ؕ وَلَوْلَا دَفْعُ اللّٰهِ

نبوّت ڏه عطا فرمائي ۽ انهي کي جيڪو پسند ڪيائين علم سيکاريائين، ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ کافرن کي

النَّاسَ بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لَّفَسَدَتِ الْاَرْضُ وَلٰكِنَّ

مسلمانن سان دفع نه ڪري ها تہ البتہ زمين ۾ فساد ٿئي ها پر

اللّٰهَ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٢٥١﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ اللّٰهِ

الله تعالىٰ مهربان آهي جهان وارن تي . اهي الله جون نشانيون آهن

نَتْلُوْهَا عَلَيْكَ بِالْحَقِّ ؕ وَاِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٢٥٢﴾

جيڪي ڏه جبرئيل جي معرفت حق سان تو ڏانهن نازل ڪجن ٿيون ۽ بيشڪ اي حبيب توهان سچن رسولن مان آهيو.

تِلْكَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ۘ مِنْهُمْ مَّنْ كَلَّمَ

الجزء ٣ وقف لازم

اهي رسول آهن انهن مان هڪڙن پيغمبرن کي ٻين کان پلو ڪيو سين، انهن مان ڪن سان الله تعالىٰ

اللّٰهُ وَرَفَعَ بَعْضَهُمْ دَرَجٰتٍ ؕ وَاٰتَيْنَا عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ الْبَيِّنٰتِ

ڪلام فرمايو ۽ رسولن عربي کي سڀني کان بلند درجو عطا فرمايو ۽ اسان مريم جي فرزند عيسىٰ کي معجزا ڏنا

وَاَيَّدْنٰهُ بِرُوْحِ الْقُدُسِ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلَ الَّذِيْنَ مِنْ

۽ ڪيس (حضرت) جبرئيل سان مدد ڏني سين، ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ گهري ها تہ انهن جاپويان پاڻ ۾ نہ وڙهن

بَعْدِهِمْ مِّنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ وَلٰكِنِ اخْتَلَفُوْا فَمِنْهُمْ

ها انهي کان پوءِ جو انهن وٽ ظاهر نشانيون اچي چڪيون پر انهن اختلاف ڪيو انهن مان

مَّنْ اٰمَنَ وَمِنْهُمْ مَّنْ كَفَرَ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا اقْتَتَلُوْا وَلٰكِنَّ

ڪي تہ ايمان تي رهيا ۽ ڪي ڪافر ٿيا، ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ گهري ها تہ نہ وڙهن ها، پر

ڈ تفسير روح البيان. ڏه تفسير نسفي. ڏه تفسير روح البيان.

ڏه تفسير روح المعاني. ڏه تفسير بيضاوي وجلالين وڪبير و تفسير مظهري وتفسير روح المعاني.

اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يُرِيْدُ ﴿٢٥٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰكُمْ

الله تعالىٰ جيكو چاهي اهو كري ٿو ٠ اي مؤمنو! الله تعالىٰ جي ڏنل مال خرچ كريو

مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خُلَّةٌ وَّلَا شَفَاعَةٌ ؕ

انهي ڏينهن جي اچڻ كان پهرين جنهن ۾ نه واپار ٿيندو ۽ نه كافرن لاءِ دوستي ۽ نه شفاعت هوندي ،

وَالْكٰفِرُوْنَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٥٤﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ۚ

۽ كافر ئي ظالم آهن ، الله آهي انهي كانسواءِ كوبه معبود ناهي ، اهو زنده ۽ بين كي قائم ركندڙ آهي ،

لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي

انهيءَ كي ڪهڙي نند نه ئي اچي ، جيكي كجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سڀ الله تعالىٰ

الْاَرْضِ ؕ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَشْفَعُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا بِاِذْنِهٖ ؕ يَعْلَمُ مَا بَيْنَ

جو آهي ، كير آهي جيكو سفارش كري الله تعالىٰ جي حڪم سواءِ ، اهو جاڻي ٿو جيكي كجهه

اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ۚ وَلَا يُحِيْطُوْنَ بِشَيْءٍ مِّنْ عِلْمِهٖٓ اِلَّا بِمَا

اڳيان ۽ جيكو كجهه پويان آهي ، ۽ نه ڄاڻن كنهن به شيءَ جي معلومات كي مگر جنهن كي پاڻ

شَآءَ ۚ وَسِعَ كُرْسِيُّهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ۚ وَلَا يَـُٔوْدُهٗ حِفْظُهُمَا ۚ

چاهي ، الله تعالىٰ جي ڪرسي آسمانن ۽ زمين كان كشادي آهي ۽ الله كي آسمانن ۽ زمين جي حفاظت كرڻ گرانبار ناهي

وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ﴿٢٥٥﴾ لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ

۽ اهو ئي بلند عظمت وارو آهي . دين ۾ ڪابه زبردستي ناهي ، بيشڪ هدايت جداڻي گمراهي

الْغَيِّ ۚ فَمَنْ يَّكْفُرْ بِالطَّاغُوْتِ وَيُؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ

كان ، پوءِ جيكو شيطان كي نه مڃي ۽ الله تي ايمان آڻي تو پوءِ بيشڪ اُن مضبوط رسي

بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۗ لَا انْفِصَامَ لَهَا ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٥٦﴾

كي جهلي ، جنهن كي كڏهن نه ٽٽڻو آهي ، ۽ الله تعالىٰ بڌ ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي .

لہ تفسیر نسفی ۔ لہ تفسیر روح المعانی ۔ لہ تفسیر بیضاوی ۔ لہ تفسیر جلالین ۔

اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُخْرِجُهُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَ

الله تعالىٰ مؤمنن جو مددگار آهي، اهو انهن کي اونداهين کان روشنيءَ جي طرف کڌي ٿو ٿئي

الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَوْلِيٰٓـُٔهُمُ الطَّاغُوْتُ ۙ يُخْرِجُوْنَهُمْ مِّنَ النُّوْرِ اِلَى

ڪافرن جا سائي شيطان آهن جيڪي انهن کي روشني کان اونداهيءَ جي طرف

الظُّلُمٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٥٧﴾ اَلَمْ تَرَ

وڃي ٽا، اهي مانڪو جهنمي آهن، اهي انهي ۾ هميشه رهندا. اي حبيب ڇا تو هان

اِلَى الَّذِيْ حَآجَّ اِبْرٰهٖمَ فِيْ رَبِّهٖٓ اَنْ اٰتٰىهُ اللّٰهُ الْمُلْكَ ۘ اِذْ

نه ڏٺو انهي مانڪوءَ کي جنهن رب جي باري ۾ ابراهيم سان تڪرار ڪيو انهي کي الله تعالىٰ بادشاهي ڏني، جنهن وقت

قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّيَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۙ قَالَ اَنَا اُحْيٖ وَاُمِيْتُ ؕ

ابراهيم فرمايو منهنجو رب اهو آهي جيڪو ماري ۽ جياري ٿو، چيائين آئون ماريان ٿو ۽ جياريان ٿو

قَالَ اِبْرٰهٖمُ فَاِنَّ اللّٰهَ يَاْتِيْ بِالشَّمْسِ مِنَ الْمَشْرِقِ

ابراهيم فرمايو بيشڪ الله تعالىٰ سج کي اوپر کان اُپاري ٿو

فَاْتِ بِهَا مِنَ الْمَغْرِبِ فَبُهِتَ الَّذِيْ كَفَرَ ؕ وَاللّٰهُ لَا

پوءِ تون سج کي اولهه کان اُپار، پوءِ ڪافر حيران ٿي رهجي ويو ۽ الله تعالىٰ هدايت

يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٥٨﴾ ۙ اَوْ كَالَّذِيْ مَرَّ عَلٰى قَرْيَةٍ وَّهِيَ

نٿو ڏئي ظالمن جي قوم کي. يا مثال (حضرت) عزير جو جيڪو لنگهيو هڪ ڳوٺ مان

خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا ۚ قَالَ اَنّٰى يُحْيٖ هٰذِهِ اللّٰهُ بَعْدَ

۽ اهو پنهنجن ڇتين تي ڪريل هو، فرمايائين ڪهڙيءَ طرح الله تعالىٰ هن ڳوٺ کي ويران ٿيڻ کان پوءِ

مَوْتِهَا ۚ فَاَمَاتَهُ اللّٰهُ مِائَةَ عَامٍ ثُمَّ بَعَثَهٗ ؕ قَالَ كَمْ

آباد ڪندو، پوءِ الله تعالىٰ انهي کي سؤ سال مُئل رکي پوءِ زنده ڪيو، الله تعالىٰ فرمايو تون

وقف لازم ع ٣٠

له تفسير جلالين. ڪه تفسير بيضاوي. ڪه تفسير نسفي وتفسير جلالين. ڪه تفسير نسفي.

لَبِثْتَ ؕ قَالَ لَبِثْتُ يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ؕ قَالَ بَلْ لَّبِثْتَ

هيءِ ڪيترو وقت رهين، عرض ڪيائين هڪ ڏينهن يا ڪجهه گهٽ، الله تعالىٰ فرمايو نه بلڪ توکي سوَ

مِائَةَ عَامٍ فَانْظُرْ اِلٰى طَعَامِكَ وَشَرَابِكَ لَمْ يَتَسَنَّهْ ۚ

سال گذريو آهن پوءِ تون پنهنجي طعام ۽ پاڻي ڏانهن ڏس جو اڃان بدبوءِ دار نه ٿيو آهي،

وَانْظُرْ اِلٰى حِمَارِكَ وَلِنَجْعَلَكَ اٰيَةً لِّلنَّاسِ وَانْظُرْ اِلَى

۽ پنهنجي گڏهه ڏانهن ڏس (جيڪو مئي پيو آهي) اهو انهي لاءِ جو توکي اسين ماڻهن لاءِ نشاني ڪريون ۽ ڏس

الْعِظَامِ كَيْفَ نُنْشِزُهَا ثُمَّ نَكْسُوْهَا لَحْمًا ؕ فَلَمَّا

انهن هڏين ڏانهن جي ته ڪهڙيءَ طرح اسين ترتيب ڏيون ٿا پوءِ انهن تي گوشت چاڙهيون ٿا، پوءِ جڏهن اها

تَبَيَّنَ لَهٗ ۙ قَالَ اَعْلَمُ اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٥٩﴾

گاله ظاهر ٿي، چيائين آئون يقين ڪريان ٿو ته بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءِ تي قادر آهي.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِىْ كَيْفَ تُحْىِ الْمَوْتٰى ؕ قَالَ اَوَلَمْ

۽ جڏهن وقت ابراهيم عرض ڪيو اي منهنجا رب مون کي ڏيکار تون مئلن کي ڪيئن جيارين ٿو؟ الله تعالىٰ فرمايو

تُؤْمِنْ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنْ لِّيَطْمَئِنَّ قَلْبِىْ ؕ قَالَ فَخُذْ اَرْبَعَةً مِّنَ

ڇا تو کي يقين نه آهي؟ عرض ڪيائين ڇونه، مگر ڇاهيان ته منهنجي دل مطمئن ٿئي، الله تعالىٰ فرمايو چار پکي وٺي انهن کي

الطَّيْرِ فَصُرْهُنَّ اِلَيْكَ ثُمَّ اجْعَلْ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنْهُنَّ جُزْءًا

ڪُهي پاڻ ۾ ملائي پوءِ انهن مان هڪ هڪ حصو هر جبل تي رکي ڇڏ

ثُمَّ ادْعُهُنَّ يَاْتِيْنَكَ سَعْيًا ؕ وَاعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٦٠﴾ ع ١٩

انهي پڪار پوءِ تون انهن کي پاڻ ڏانهن سڏ، تو وٽ دوڙي ايندا ۽ تون يقين ڪر بيشڪ الله تعالىٰ غالب حڪمت وارو آهي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ

انهن جو مثال جيڪي پنهنجي مالن کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ٿا، انهي دانڙي جي مثال آهي جنهن

له تفسير مظهري. له تفسير مظهري. له تفسير جلالين.

اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللّٰهُ

مان ست سنگ پيدا ٿيا هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻا آهن ، ۽ الله تعالىٰ انهي

يُضٰعِفُ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ﴿٢٦١﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ

کان به زياده ڪري ٿو جنهن کي چاهي ، ۽ الله تعالىٰ احسان ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي . جيڪي ماڻهو پنهنجي مالن

اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ لَا يُتْبِعُوْنَ مَآ اَنْفَقُوْا مَنًّا وَّلَآ

کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪري پوءِ خيرات ڪرڻ کان پوءِ کنهن تي ٿورو نه ٿا رکن ۽ نه ئي کنهن کي

اَذًى ۙ لَّهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ

ڏکوئڻ ٿا ، انهن جو ثواب سندن رب وٽ آهي ، ۽ انهن تي کو به خوف نه آهي ۽ نه ئي

يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٦٢﴾ قَوْلٌ مَّعْرُوْفٌ وَّمَغْفِرَةٌ خَيْرٌ مِّنْ صَدَقَةٍ

اهي ڏکوئبا . سُهڻو ڳالهائڻ ۽ معاف ڪرڻ انهي خيرات کان بهتر آهي جنهن جي

يَّتْبَعُهَآ اَذًى ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَلِيْمٌ ﴿٢٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا

پويان ڏکوئڻ هجي ، ۽ الله تعالىٰ بي پرواه بردبار آهي . اي مؤمنو ! توهان پنهنجن خيراتن جو

تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰى ۙ كَالَّذِيْ يُنْفِقُ مَالَهٗ رِئَآءَ

ثواب ٽورو ڪري ۽ کنهن کي ڏکوئي وڃائي نه ڇڏيو ، انهي ماڻهوءَ وانگر جيڪو پنهنجو مال

النَّاسِ وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ صَفْوَانٍ

ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ خرچ ڪري ٿو ۽ الله ۽ قيامت تي ايمان نه ٿو رکي ، پوءِ انهيءَ جو مثال اهڙو آهي جيئن صاف

عَلَيْهِ تُرَابٌ فَاَصَابَهٗ وَابِلٌ فَتَرَكَهٗ صَلْدًا ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ

پٿر تي مٽي هجي پوءِ اهڙو زور سان مينهن پوي جو اُن پٿر کي صاف ڪري ڇڏي ، پنهنجي ڪمائي مان کنهن

عَلٰى شَيْءٍ مِّمَّا كَسَبُوْا ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦٤﴾

به شيءَ تي طاقت رکي نه ٿا سگهن ، ۽ الله تعالىٰ هدايت نه ٿو ڏي قوم ڪافرن جي .

له تفسير جلالين . ٢ تفسير روح المعاني . ٣ تفسير بيضاوي و تفسير جلالين .

وَمَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمُ ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ

۽ انهن جو مثال جيڪي پنهنجن مالن کي الله تعالىٰ جي رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ ثواب

وَتَثْبِيْتًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ كَمَثَلِ جَنَّةٍۭ بِرَبْوَةٍ اَصَابَهَا وَابِلٌ

خاطر خرچ ڪن ٿا انهيءَ جو مثال انهي باغ جهڙو آهي جيڪو مٿاهين زمين تي هجي انهي تي زوردار

فَاٰتَتْ اُكُلَهَا ضِعْفَيْنِ ۚ فَاِنْ لَّمْ يُصِبْهَا وَابِلٌ فَطَلٌّ ۗ وَاللّٰهُ بِمَا

مينهن وسي جو پنهنجو ميوو ٻيڻو ڏيئي پر جيڪڏهن زوردار مينهن انهيءَ تي نه پوي ته فقط هلڪو مينهن ۽ الله تعالىٰ

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٢٦٥﴾ اَيَوَدُّ اَحَدُكُمْ اَنْ تَكُوْنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنْ

توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. ڇا توهان مان ڪو ماڻهو پسند ڪندو ته ان وٽ هڪ باغ ڪجورن

نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ لَهٗ فِيْهَا مِنْ كُلِّ

۽ انگورن جو هجي جنهن جي هيٺان نهرون وهن، انهيءَ ماڻهو لاءِ ان باغ ۾ هر قسم

الثَّمَرٰتِ ۙ وَاَصَابَهُ الْكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖ فَاَصَابَهَا

جا ميوا هجن، ۽ پاڻ پوڙهو ٿي وڃي ۽ سندس ننڍڙا اولاد هجي، پوءِ ان باغ کي هڪ طوفان

اِعْصَارٌ فِيْهِ نَارٌ فَاحْتَرَقَتْ ۗ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمُ

لڳي جنهن ۾ باهه هجي پوءِ انهيءَ کي ساڙي ڇڏي، اهڙيءَ طرح بيان فرمائي ٿو الله تعالىٰ اوهان لاءِ پنهنجن

الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢٦٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْفِقُوْا ع ٣٥

آيتن کي ته مَن اوهان فڪر ڪريو. اي مؤمنو! توهان خرچ ڪريو

مِنْ طَيِّبٰتِ مَا كَسَبْتُمْ وَمِمَّآ اَخْرَجْنَا لَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ ۖ

پاڪ شين مان جيڪي توهان ڪمايو ٿا ۽ انهن شين مان خرچ ڪريو جيڪي اسان توهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيون ٿا،

وَلَا تَيَمَّمُوا الْخَبِيْثَ مِنْهُ تُنْفِقُوْنَ وَلَسْتُمْ بِاٰخِذِيْهِ

آهن، ۽ خراب شين جو ارادو نه ڪريو جو انهيءَ مان خرچ ڪريو ۽ خراب شيءِ توهان نه ٿا ورتو

له تفسير نسفي وتفسير جلالين وتفسير بيضاوي. ٢ تفسير جلالين وتفسير نسفي. ٣ تفسير نسفي وتفسير روح المعاني. ٤ لغات القرآن عربي.

إِلَّآ أَن تُغۡمِضُواْ فِيهِۚ وَٱعۡلَمُوٓاْ أَنَّ ٱللَّهَ غَنِيٌّ حَمِيدٌ ﴿٢٦٧﴾

مگر اکيون پوري ، ۽ اوهان يقين کريو بيشڪ الله بي پرواه ساراهيل آهي.

ٱلشَّيۡطَٰنُ يَعِدُكُمُ ٱلۡفَقۡرَ وَيَأۡمُرُكُم بِٱلۡفَحۡشَآءِۖ وَٱللَّهُ

شيطان توهان کي مسکيني جو وسوسو ۽ جهي ٿو ۽ برن کمن جو چوي ٿو ، ۽ الله تعالىٰ

يَعِدُكُم مَّغۡفِرَةٗ مِّنۡهُ وَفَضۡلٗاۗ وَٱللَّهُ وَٰسِعٌ عَلِيمٞ ﴿٢٦٨﴾

توهان سان بخشش ۽ مهرباني جو وعدو فرمائي ٿو ، ۽ الله تعالىٰ احسان کندڙ ڄاڻندڙ آهي.

يُؤۡتِي ٱلۡحِكۡمَةَ مَن يَشَآءُۚ وَمَن يُؤۡتَ ٱلۡحِكۡمَةَ فَقَدۡ

الله تعالىٰ دين علم سان گڏ عمل جي توفيق جنهن کي چاهي ڏئي ٿو ۽ جنهن کي دين علم عمل سان ڏنو ويو ۽ بيشڪ

أُوتِيَ خَيۡرٗا كَثِيرٗاۗ وَمَا يَذَّكَّرُ إِلَّآ أُوْلُواْ ٱلۡأَلۡبَٰبِ ﴿٢٦٩﴾

انهيءَ کي گهڻو خير ڏنو ويو ، ۽ نصيحت حاصل نه ٿا کن مگر عقلمند .

وَمَآ أَنفَقۡتُم مِّن نَّفَقَةٍ أَوۡ نَذَرۡتُم مِّن نَّذۡرٖ فَإِنَّ

۽ جيڪي ڪجهه توهان خرچ ڪريو ٿا يا نذر مقرر ڪريو ٿا الله تعالىٰ کي ان جي

ٱللَّهَ يَعۡلَمُهُۥۗ وَمَا لِلظَّٰلِمِينَ مِنۡ أَنصَارٍ ﴿٢٧٠﴾ إِن تُبۡدُواْ

معلومات آهي ، ۽ ظالمن جو ڪو به مددگار ناهي . جيڪڏهن زکوات ڏه

ٱلصَّدَقَٰتِ فَنِعِمَّا هِيَۖ وَإِن تُخۡفُوهَا وَتُؤۡتُوهَا

ظاهر ۾ ڏيو ته اهو اوهان لاءِ تمام بهتر آهي ، ۽ جيڪڏهن لڪ ۾ خيرات مسڪين کي

ٱلۡفُقَرَآءَ فَهُوَ خَيۡرٞ لَّكُمۡۖ وَيُكَفِّرُ عَنكُم مِّن

ڏيو ته اهو توهان لاءِ تمام بهتر آهي ، ۽ الله توهان جا گناه بخش

سَيِّـَٔاتِكُمۡۗ وَٱللَّهُ بِمَا تَعۡمَلُونَ خَبِيرٞ ﴿٢٧١﴾ لَّيۡسَ عَلَيۡكَ

ڪندو ، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان خبردار آهي . (اي حبيب) توهان جي ذمي ان جي

لہ تفسير روح البيان و تفسير جلالين . منزل ١ ٢ تفسير ابن عباس .

هُدٰىهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا

هدايت جو ذمو لاهڻ ناهي پر جنهن کي الله چاهي هدايت ڏئي ۽ جيڪا چڱي شيءُ توهان

مِنْ خَيْرٍ فَلِاَنْفُسِكُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْنَ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ

ڏيو تا انهيءَ ۾ توهان جي بهتري آهي، ۽ توهان خرچ نه ٿا ڪريو مگر الله تعالىٰ جي رضامندي

اللّٰهِ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ يُّوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا

لاءِ ، ۽ جيڪو (مال) توهان خرچ ڪري رهيا آهيو توهان کي ان جو پورو ثواب ملندو ۽ توهان

تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٢﴾ لِلْفُقَرَآءِ الَّذِيْنَ اُحْصِرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

کي نقصان نه ڏنو ويندو. توهان انهن فقيرن تي خرچ ڪريو جيڪي الله جي راهه ۾ روڪجي پيا آهن

لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ ضَرْبًا فِي الْاَرْضِ ۫ يَحْسَبُهُمُ الْجَاهِلُ

انهن کي زمين ۾ ڪاروبار ڪرڻ جي فرصت ٻه ناهي، ناواقف ماڻهو انهن کي شاهوڪار

اَغْنِيَآءَ مِنَ التَّعَفُّفِ ۚ تَعْرِفُهُمْ بِسِيْمٰهُمْ ۚ لَا يَسْئَلُوْنَ

سمجهن ٿا ڪنهن کان سوال نه ڪرڻ جي ڪري، (اي حبيب) تو ڏاڻا انهن کي شڪل مان سڃاڻي ٿا، اهي ماڻهن کان

النَّاسَ اِلْحَافًا ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ

عاجزي سان سوال نه ٿا ڪن، ۽ توهان جيڪا خيرات ڪريو ٿا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ انهي کي

عَلِيْمٌ ﴿٢٧٣﴾ اَلَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّيْلِ

ڄاڻندڙ آهي. جيڪي ماڻهو پنهنجي مالن کي خيرات ڪن ٿا رات ۽

وَالنَّهَارِ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ

ڏينهن ۾ ڳجهه ۽ ظاهر ۾ پوءِ انهن لاءِ انهيءَ جو ثواب سندن

رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٤﴾

رب وٽ آهي، ۽ کوبه خوف انهن تي ناهي ۽ نه اهي ڏکوئيندا.

وقف منزل

ف تفسير جامع البيان وتفسير نسفي وتفسير مظهري. ٢ تفسير نسفي وتفسير جلالين. ٣ تفسير نسفي.

الَّذِيْنَ يَأْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِيْ

جيڪي ماڻهو وياج کائن تا نہ اٿندا قيامت جي ڏينهن قبرن مان مگر جيئن ٻيهي ٿو اهو

يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَالُوْٓا اِنَّمَا الْبَيْعُ

ماڻهو جنهن کي جن جو اثر ڪيو هجي ، اهو ان لاءِ تہ انهن چيو تہ واپار ٻہ

مِثْلُ الرِّبٰوا ۘ وَاَحَلَّ اللّٰهُ الْبَيْعَ وَحَرَّمَ الرِّبٰوا ؕ فَمَنْ جَآءَهٗ

وياج وانگر آهي ، الله تعالىٰ واپار کي حلال فرمايو ۽ وياج کي حرام فرمايو ، پوءِ جنهن ماڻهوءَ کي

مَوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ فَانْتَهٰى فَلَهٗ مَا سَلَفَ ؕ وَاَمْرُهٗٓ اِلَى اللّٰهِ ؕ

سندس رب جي طرفان نصيحت پهتي ۽ پوءِ روڪجي پيو تہ ان کي حلال آهي جيڪو اڳ ۾ ورتائين ، ۽ ان جو حڪم الله جي حوالي آهي

وَمَنْ عَادَ فَاُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٢٧٥﴾

۽ جنهن وري ٻہ وياج ڪاڏو پوءِ اهي جهنمي آهن ، اهي دوزخ ۾ هميشہ رهندا .

يَمْحَقُ اللّٰهُ الرِّبٰوا وَيُرْبِي الصَّدَقٰتِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ

الله وياج کي برباد ڪري ٿو ۽ خيرات جو ثواب وڌائي ٿو ۽ الله تعالىٰ ناشڪري ڪندڙ ۽ وڏي گنهگار

كَفَّارٍ اَثِيْمٍ ﴿٢٧٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَاَقَامُوا

کي پسند نہ ٿو فرمائي . بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ نماز قائم

الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ لَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ

ڪئي ۽ زڪوات ڏني انهن لاءِ انهن ڪمن جو ثواب سندن رب وٽ آهي ، ۽ انهن تي

عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٢٧٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ

ڪو ٻہ خوف ناهي ۽ نہ اهي ڏکوئيندا . اي مؤمنو ! تو هان الله تعالىٰ کان ڈجو

وَذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ

۽ ڇڏي ڏيو رهيل وياج جيڪڏهن تو هان مؤمن آهيو . پوءِ جيڪڏهن

وقف لازم

تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۚ وَاِنْ تُبْتُمْ

ايئن نہ ٿا ڪريو تہ الله تعالىٰ ۽ سندس رسول جي طرفان توهان کي جنگ جو اطلاع ڏجي ، ۽ جيڪڏهن توبہ ڪريو

فَلَكُمْ رُءُوْسُ اَمْوَالِكُمْ ۚ لَا تَظْلِمُوْنَ وَلَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٢٧٩﴾ وَاِنْ

ٿا تہ فقط پنهنجو اصل مال وٺو ، ۽ توهان وڌيڪ نہ وٺو ۽ نہ توهان کي گهٽ ڏبو . ۽ جيڪڏهن

كَانَ ذُوْ عُسْرَةٍ فَنَظِرَةٌ اِلٰى مَيْسَرَةٍ ۭ وَاَنْ تَصَدَّقُوْا خَيْرٌ

قرضي مسڪين آهي تہ اُن کي آساني تائين مهلت ڏيو ، ۽ جيڪڏهن قرض معاف ڪريو تہ اهو

لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨٠﴾ وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى

توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن اوهان ڄاڻو ٿا . ۽ انهيءَ ڏينهن کان ڊجو جنهن ۾ الله ڏانهن موٽايا

اللّٰهِ ۡ ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٨١﴾ ع

ويندا ، ۽ هر ماڻهو کي سندس عمل جو پورو ثواب ملندو ۽ انهن سان ظلم نہ ڪيو ويندو .

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَدَايَنْتُمْ بِدَيْنٍ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى فَاكْتُبُوْهُ ۭ

اي مؤمنو ! جڏهن توهان مقرر وقت تائين قرض جي ڏيتي ليتي ڪريو تہ اُن کي لکو ،

وَلْيَكْتُبْ بَّيْنَكُمْ كَاتِبٌۢ بِالْعَدْلِ ۠ وَلَا يَاْبَ كَاتِبٌ اَنْ يَّكْتُبَ

۽ توهان جي وچ ۾ لکندڙ انصاف سان لکي ، ۽ لکندڙ لکڻ کان انڪار نہ ڪري

كَمَا عَلَّمَهُ اللّٰهُ فَلْيَكْتُبْ ۚ وَلْيُمْلِلِ الَّذِيْ عَلَيْهِ الْحَقُّ

جيئن تہ الله ان کي علم ڏنو آهي تہ ان کي لکڻ گهرجي ، ۽ جنهن تي حق آهي اهو لکندو وڃي

وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ وَلَا يَبْخَسْ مِنْهُ شَيْـــًٔا ۭ فَاِنْ كَانَ الَّذِيْ

۽ انهيءَ کي گهرجي تہ الله کان ڊڄي جيڪو سندس رب آهي ۽ لکندڙ اُن مان ڪا به شيءِ گهٽ نہ ڪري ، پوءِ جنهن تي حق

عَلَيْهِ الْحَقُّ سَفِيْهًا اَوْ ضَعِيْفًا اَوْ لَا يَسْتَطِيْعُ اَنْ يُّمِلَّ هُوَ

آهي جيڪڏهن اهو بي وقوف يا عاجز آهي يا لکرائڻ جي صلاحيت نہ ٿو رکي

ع ٣٠ ٢

فَلْيُمْلِلْ وَلِيُّهٗ بِالْعَدْلِ ؕ وَاسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ

ترجمو: سندس سنپالينڌڙ کي انصاف سان لکرائڻ گهرجي ، ۽ مردن مان ٻه شاهد گواهه ڪريو ،

فَاِنْ لَّمْ يَكُوْنَا رَجُلَيْنِ فَرَجُلٌ وَّامْرَاَتٰنِ مِمَّنْ تَرْضَوْنَ مِنَ

پوءِ جيڪڏهن ٻه مرد نه هجن تڏهن هڪ مرد ۽ ٻه عورتون جنهنجي مرضيءَ سان شاهد

الشُّهَدَآءِ اَنْ تَضِلَّ اِحْدٰىهُمَا فَتُذَكِّرَ اِحْدٰىهُمَا الْاُخْرٰى ؕ وَ

ڪريو متان هڪ عورت کي ويسر ٿئي تہ ٻي اُن کي ياد ڏياري ، ۽

لَا يَاْبَ الشُّهَدَآءُ اِذَا مَا دُعُوْا ؕ وَلَا تَسْـَٔمُوْٓا اَنْ تَكْتُبُوْهُ

شاهدن کي جڏهن سڏايو وڃي تہ اچڻ کان انڪار نہ ڪن ، ۽ لکڻ کي ڳرو نہ سمجهو مقرر وقت

صَغِيْرًا اَوْ كَبِيْرًا اِلٰٓى اَجَلِهٖ ؕ ذٰلِكُمْ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ وَاَقْوَمُ

تائين ڇاهي قرض ٿورو هجي يا گهڻو ، اها لکت الله تعالىٰ وٽ زياده انصاف واري آهي ، انهيءَ

لِلشَّهَادَةِ وَاَدْنٰٓى اَلَّا تَرْتَابُوْٓا اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَ تِجَارَةً

جي شاهدي ۾ تمام سُٺي رهندي ۽ ويجهو آهي جو توهان کي ڪوشڪ نہ ٿيو ، مگر جيڪڏهن

حَاضِرَةً تُدِيْرُوْنَهَا بَيْنَكُمْ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَلَّا

توهان واپار روبرو ۽ هٿ وهٽ پاڻ ۾ ڪريو تا ان جي لکت نہ ڪرڻ ۾ توهان تي ڪو

تَكْتُبُوْهَا ؕ وَاَشْهِدُوْٓا اِذَا تَبَايَعْتُمْ ۪ وَلَا يُضَآرَّ كَاتِبٌ

گناهه ناهي ، ۽ جڏهن واپار ڪريو تہ شاهد مقرر ڪريو ، ۽ لکندڙ ۽ شاهد کي تڪليف

وَّلَا شَهِيْدٌ ؕ وَاِنْ تَفْعَلُوْا فَاِنَّهٗ فُسُوْقٌۢ بِكُمْ ؕ وَ

نہ پهچايو ٿه ، ۽ جيڪڏهن تڪليف ڏيندا تہ بيشڪ اهو توهان لاءِ گناهه آهي ، ۽

اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَيُعَلِّمُكُمُ اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٢﴾

الله تعالىٰ کان ڈجو ، ۽ الله تعالىٰ توهان کي سيکاري ٿو ، ۽ الله تعالىٰ هر شيءَ کي چاڻندڙ آهي.

ٿه ۽ ٢ تفسير جلالين.

وَاِنْ كُنْتُمْ عَلٰى سَفَرٍ وَّلَمْ تَجِدُوْا كَاتِبًا فَرِهٰنٌ مَّقْبُوْضَةٌ ؕ

۽ جيڪڏهن توهان سفر ۾ آهيو ۽ لکندڙ نه تو ملي تہ گروي جون شيون قبضي ۾ ڏنيون وڃن،

فَاِنْ اَمِنَ بَعْضُكُمْ بَعْضًا فَلْيُؤَدِّ الَّذِى اؤْتُمِنَ اَمَانَتَهٗ

پوءِ جيڪڏهن توهان جو هڪ ٻئي تي اعتبار آهي تہ جنهن کي پنهنجي امانت (قرض) ادا ڪرڻ گهرجي

وَلْيَتَّقِ اللّٰهَ رَبَّهٗ ؕ وَلَا تَكْتُمُوا الشَّهَادَةَ ؕ وَمَنْ يَّكْتُمْهَا

۽ الله کان ڈڄڻ گهرجي جيڪو سندس رب آهي، ۽ شاهدي نہ لکايو، ۽ جيڪو (ماڻهو) شاهدي لکائيندو

فَاِنَّهٗۤ اٰثِمٌ قَلْبُهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿٢٨٣﴾ لِلّٰهِ مَا فِى

پوءِ بيشڪ سندس دل گنهگار آهي، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کي ڄاڻندڙ آهي. الله تعالىٰ جو ئي آهي جيڪو

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَاِنْ تُبْدُوْا مَا فِىْۤ اَنْفُسِكُمْ اَوْ

ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، ۽ جيڪڏهن توهان ظاهر ڪريو جيڪي توهان جي دل ۾

تُخْفُوْهُ يُحَاسِبْكُمْ بِهِ اللّٰهُ ؕ فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ

آهي يا ڳجهو ڪريو توهان کان الله اُن جو حساب وٺندو، پوءِ بخش ڪري تہ جنهن کي چاهي ۽ عذاب ڪري تہ

يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٨٤﴾ اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَاۤ اُنْزِلَ

جنهن کي چاهي، ۽ الله تعالىٰ هر شيءَ تي قادر آهي. رسول ڪريمؐ قرآن مجيد جي تصديق

اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَمَلٰٓئِكَتِهٖ

فرمائي ۽ مؤمن قرآن ڪريم تي ايمان آندو، سڀني ايمان آندو الله تي ۽ ملائڪن تي

وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ ۫ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۫ وَقَالُوْا

۽ مقدس ڪتابن تي ۽ معزز رسولن تي، چوندا تہ اسين الله جي رسولن تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نہ ٿا ڪريون، عرض ڪن ٿا

سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا ؗ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨٥﴾ لَا يُكَلِّفُ

اسان ٻڌو ۽ مڃيو، اي الله اسان تنهنجي بخشش چاهيون ٿا ۽ فقط الله تہ اسين مومن آهي. نہ تو تڪليف ڏئي

٣ ع ٣٦ ٢

له ۽ ٥ تفسير جلالين. ٥ تفسير بيضاوي.

اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا

اللّٰه مانھوءَ کي مگر سندس طاقت آھر، چڱائي جو ثواب ۽ برائي جي جزا ٿو ملندس، اي رب اسانجا

لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ

اسان کي پڪڙ نہ ڪر جيڪڏھن اسان کان وسري يا خطا ٿي آھي، اي رب اسان جا اسان تي ڪو بار نہ

اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا

وجھ جيئن اسان کان اڳين مانھن تي تو بار ودو ھو، اي رب اسانجا اسان تي بار نہ وجھ

مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۟ وَاغْفِرْ لَنَا ۟ وَارْحَمْنَا ۟

جنھن جي ڪڻ جي اسان کي طاقت نہ آھي، ۽ اسان کي معاف فرماءِ، ۽ اسان کي بخش فرماءِ، ۽ اسان تي رحم فرماءِ،

اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٨٦﴾

تون ئي اسان جو ڪارساز آھين پوءِ تون اسان کي ڪافرن جي قوم تي فتح عطا فرماءِ.

اٰيَاتُهَا ٢٠٠ (٣) سُوْرَةُ اٰلِ عِمْرٰنَ مَدَنِيَّةٌ (٨٩) رُكُوْعَاتُهَا ٢٠

سورة آل عمران مدني آھي ھن ۾ ويھ رکوع ۽ ٻہ سو آيتون آھن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اللّٰه تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ٻاجھارو (آھي).

الٓمّٓ ﴿١﴾ اللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ﴿٢﴾ نَزَّلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ

الٓمّٓ. اللّٰه تعالىٰ آھي انھيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو معبود ناھي اھو زنده ۽ ٻين کي قائم رکندڙ آھي. توھان تي قرآن ڪريم نازل

بِالْحَقِّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ وَاَنْزَلَ التَّوْرٰىةَ وَالْاِنْجِيْلَ ﴿٣﴾

فرمايائين جو سڀ کان، جيڪو اڳين ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو، اللّٰه توراة ۽ انجيل پھرين نازل فرمايو.

مِنْ قَبْلُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَاَنْزَلَ الْفُرْقَانَ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

مانھن جي هدايت لاءِ ۽ فرق ڪندڙ ڪتاب نازل فرمايو، بيشڪ جيڪي مانھو اللّٰه تعالىٰ جي آيتن

١ تفسير بغوي. ٢ تفسير جلالين وتفسير بغوي وتفسير بيضاوي. منزل ١ ٣ تفسير جلالين. ٤ تفسير بغوي وتفسير جلالين.

بِاٰيٰتِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ۝٤

جا انڪاري ٿيا انهن لاءِ سخت عذاب آهي، ۽ الله تعالىٰ غالب بدلو وٺندڙ آهي.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يَخْفٰى عَلَيْهِ شَيْءٌ فِى الْاَرْضِ وَلَا فِى السَّمَآءِ ۝٥ هُوَ

بيشڪ الله تعالىٰ کان ڪابه شيءِ ڳجهي نه آهي زمين ۾ ۽ نه آسمانن ۾. اهوئي آهي

الَّذِىْ يُصَوِّرُكُمْ فِى الْاَرْحَامِ كَيْفَ يَشَآءُ ؕ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ

جيڪو توهان جي تصوير ماءُ جي پيٽن ۾ جيئن جهڙيءَ طرح چاهي پيدا فرمائي ٿو، ناهي ڪو به معبود مگر اهو

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٦ هُوَ الَّذِىْٓ اَنْزَلَ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ مِنْهُ

عزت حڪمت وارو. اهوئي آهي جنهن توهان تي قرآن ڪريم نازل فرمايو، انهي ۾

اٰيٰتٌ مُّحْكَمٰتٌ هُنَّ اُمُّ الْكِتٰبِ وَاُخَرُ مُتَشٰبِهٰتٌ ؕ فَاَمَّا

جون ڪجهه آيتون صاف معنيٰ رکن ٿيون اهي قرآن ڪريم[1] جو بنياد آهن ۽ ٻيون آيتون متشابهات آهن، پر جن

الَّذِيْنَ فِىْ قُلُوْبِهِمْ زَيْغٌ فَيَتَّبِعُوْنَ مَا تَشَابَهَ مِنْهُ ابْتِغَآءَ

مانهن جي دلين ۾ ورڇ آهي سي متشابهه آيتن جي پٺيان فتني ۽ پاڻ مراد ومعنائون

الْفِتْنَةِ وَابْتِغَآءَ تَاْوِيْلِهٖ ۚ وَمَا يَعْلَمُ تَاْوِيْلَهٗٓ اِلَّا اللّٰهُ ۘ وَالرّٰسِخُوْنَ

طلب ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، ۽ الله تعالىٰ کان سواءِ حقيقت مراد جي نه ڪير ڄاڻي ٿو ۽ يقيني علم

فِى الْعِلْمِ يَقُوْلُوْنَ اٰمَنَّا بِهٖ ۙ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ رَبِّنَا ۚ وَمَا

وارا چون ٿا اسان انهن آيتن تي ايمان آندو، اهي سڀئي آيتون اسان جي رب وٽان آهن، ۽ نصيحت

يَذَّكَّرُ اِلَّآ اُولُوا الْاَلْبَابِ ۝٧ رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ

نه فقط عقلمند حاصل ڪن ٿا. اي اسان جا رب هدايت ڏيڻ کان پوءِ اسان جون دلين

هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ۝٨

ڏانگيون نه فرماءِ ۽ اسان کي پنهنجي طرفان رحمت عطا فرماءِ، بيشڪ تون ئي گهڻو عطا ڪندڙ آهين.

وقف لازم وقف النبي صلى الله عليه وسلم وقف منزل

[1] تفسير جامع البيان. [2] تفسير جلالين وتفسير مظهري.

رَبَّنَآ اِنَّكَ جَامِعُ النَّاسِ لِيَوْمٍ لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُخْلِفُ

اي انسان جا رب بيشڪ تون قيامت جي ڏينهن سڀني ماڻهن کي گڏ ڪندڙ آهين جنهن ۾ ڪوشڪ ناهي بيشڪ

الْمِيْعَادَ ۝٩ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ

الله تعالىٰ جو وعدو ڏيڻ جي. بيشڪ جن ماڻهن ڪفر ڪيو انهن کي سندن مال ۽ اولاد الله تعالىٰ جي

اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمْ وَقُوْدُ النَّارِ ۝١٠ كَدَاْبِ

عذاب کان بچائي نه سگهندو، ۽ اهي ئي دوزخ جو ٻارڻ آهن. جيئنڪ

اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ

فرعون وارا ، ۽ انهن کان اڳ وارا ماڻهو هئا، انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ الله انهن کي سندن

بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝١١ قُلْ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا

گناهن جي عيوض پڪڙيو، ۽ الله تعالىٰ سخت عذاب ڪندڙ آهي. اي حبيب توهان ڪافرن کي فرمايو

سَتُغْلَبُوْنَ وَتُحْشَرُوْنَ اِلٰى جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ۝١٢ قَدْ كَانَ

جلدي توهان شڪست کائيندا، ۽ جهنم ڏانهن گڏ ڪيا ويندا، ۽ بڇري جاءِ آهي ويهڻ جي ۽ بيشڪ توهان

لَكُمْ اٰيَةٌ فِيْ فِئَتَيْنِ الْتَقَتَا ؕ فِئَةٌ تُقَاتِلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ

لاءِ نشاني آهي به ٽولاجيڪي هڪ ٻئي کي سامهون ٿيا، هڪ جماعت الله جي واٽ ۾ جنگ ڪئي ۽

اُخْرٰى كَافِرَةٌ يَّرَوْنَهُمْ مِّثْلَيْهِمْ رَاْيَ الْعَيْنِ ؕ وَاللّٰهُ يُؤَيِّدُ

ٻيا ڪافر هئا، مسلمانن ظاهر ۾ ڪافرن کي پاڻ کان ٻيڻو ڏٺو، ۽ الله جنهن کي گهري پنهنجي

بِنَصْرِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّاُولِي الْاَبْصَارِ ۝١٣

طاقت[٢] سان فتح ڏئي ٿو، بيشڪ انهيءَ ۾ عقلمندن لاءِ عبرت آهي.

زُيِّنَ لِلنَّاسِ حُبُّ الشَّهَوٰتِ مِنَ النِّسَآءِ وَالْبَنِيْنَ وَالْقَنَاطِيْرِ

ماڻهن لاءِ سينگاري ويئي آهي پسنديده شين جي محبت، عورتون، پٽ ۽ گهڻي دولت [٣]

[٢] تفسير مظهري. [٣] تفسير جلالين.

الْمُقَنْطَرَةِ مِنَ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَالْخَيْلِ الْمُسَوَّمَةِ وَالْاَنْعَامِ

۽ سُونَ ۽ چاندي ۽ نشان ڪيل گهوڙا ۽ چوپايو مال

وَالْحَرْثِ ؕ ذٰلِكَ مَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ

۽ پوکون، اهي شيون دنياجي زندگي جو سامان آهن، ۽ الله تعالىٰ وٽ بهترين مونڊ جي جاءِ

الْمَاٰبِ ﴿١٤﴾ قُلْ اَؤُنَبِّئُكُمْ بِخَيْرٍ مِّنْ ذٰلِكُمْ ؕ لِلَّذِيْنَ اتَّقَوْا عِنْدَ

(بهشت) آهي اي حبيب توهان فرمايو ڇا آءٌ توهان کي انهن کان بهتر شيءُ جو دس ڏيان، پرهيزگارن لاءِ سندن

رَبِّهِمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَاَزْوَاجٌ

ربّ وٽ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هميشه بهشت ۾ رهندا ۽ پاڪ گهرواريون

مُّطَهَّرَةٌ وَّرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿١٥﴾

هونديون ۽ الله جو رضامند وهوندو، ۽ الله تعالىٰ پنهنجن بانهن کي ڏسندڙ آهي.

الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اِنَّنَاۤ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا

اهي ماڻهو جون ٿا اي اسان جا ربّ اسان تنهنجي رسول جي تصديق ڪئي پوءِ تون اسانجا گناهه بخش ڪر

وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿١٦﴾ الصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰدِقِيْنَ وَالْقٰنِتِيْنَ

۽ اسان کي جهنم جي عذاب کان پناهه ڏي. صبر ڪندڙ ۽ سچ چوندڙ ۽ نياز نوڙت ڪئي ۽ الله تعالىٰ

وَالْمُنْفِقِيْنَ وَالْمُسْتَغْفِرِيْنَ بِالْاَسْحَارِ ﴿١٧﴾ شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ

جي راهه ۾ خرچ ڪندڙ ۽ رات جي پوئين حصي ۾ الله کان بخشش طلب ڪندڙ. الله تعالىٰ بيان فرمايو بيشڪ ناهي

لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۙ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَاُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًۢا بِالْقِسْطِ ؕ

ڪو عبادت جي لائق مگر اهو، ۽ الله جي وحدانيت جي شاهدي ملائڪن ۽ علم وارن حق تي ڏني،

لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾ اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ

ناهي ڪو عبادت جي لائق مگر اهو عزت (ڀ) حڪمت وارو. بيشڪ پسنديده دين الله تعالىٰ وٽ

النصف

١٨ ۽ ڪ تفسير جلالين.

الْإِسْلَامُ ۗ وَمَا اخْتَلَفَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ إِلَّا مِنْ بَعْدِ

اسلام آهي ، ۽ نہ اختلاف کيو اهل ڪتاب وارن مگر علم اچڻ

مَا جَاءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًا بَيْنَهُمْ ۗ وَمَنْ يَكْفُرْ بِآيَاتِ اللَّهِ

کان پوء پنهنجي حسد جي سببان ، ۽ جيڪو انسان الله جي آيتن جو انڪار ڪري

فَإِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿١٩﴾ فَإِنْ حَاجُّوكَ فَقُلْ أَسْلَمْتُ

تہ پوء بيشڪ الله جلد حساب وٺندڙ آهي . پوءِ اي حبيب جيڪڏهن اهي تو سان جهيڙ ڪن تہ تون

وَجْهِيَ لِلَّهِ وَمَنِ اتَّبَعَنِ ۗ وَقُلْ لِلَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَ

انهن کي فرمايو ته مون پنهنجو منهن الله لاءِ سر جهڪايو آهي ، اهل ڪتاب وارن ۽ ان پڙهيلن کي

الْأُمِّيِّينَ ءَأَسْلَمْتُمْ ۚ فَإِنْ أَسْلَمُوا فَقَدِ اهْتَدَوْا ۖ وَإِنْ

فرمايو ڇا توهان دين لاءِ سر جهڪايو ، پوء جيڪڏهن تسليم ڪيائون تہ هدايت وارا ٿيا ، ۽ جيڪڏهن

تَوَلَّوْا فَإِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلَاغُ ۗ وَاللَّهُ بَصِيرٌ بِالْعِبَادِ ﴿٢٠﴾

نہ ٿا مڃن تہ توهان تي صرف پيغام پهچائڻ آهي ، ۽ الله تعالىٰ پنهنجن بانهن کي ڏسندڙ آهي .

إِنَّ الَّذِينَ يَكْفُرُونَ بِآيَاتِ اللَّهِ وَيَقْتُلُونَ النَّبِيِّينَ

بيشڪ جن ماڻهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ نبين (سڳورن) کي بي گناهه

بِغَيْرِ حَقٍّ ۙ وَيَقْتُلُونَ الَّذِينَ يَأْمُرُونَ بِالْقِسْطِ مِنَ النَّاسِ ۙ

قتل ڪيو ، ۽ جيڪي ماڻهو ڪين انصاف جو چوندا هئا انهن کي قتل ڪيائون ،

فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢١﴾ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ حَبِطَتْ

انهن ماڻهن کي توهان دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌايو ، اهي ماڻهو آهن جن جا ڪم

أَعْمَالُهُمْ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ۖ وَمَا لَهُمْ مِنْ نَاصِرِينَ ﴿٢٢﴾

دنيا ۽ آخرت ۾ ضايع ٿي ويا ، ۽ انهن جو ڪو به مددگار ناهي .

ع ١٣ ٢

له تفسير بيضاوي ، تفسير نسفي ، تفسير مظهري و لغات القرآن عربي .

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ اُوْتُوْا نَصِيْبًا مِّنَ الْكِتٰبِ يُدْعَوْنَ اِلٰى كِتٰبِ

چا توهان نه ڏٺو انهن يهودين کي جن کي تورات مان احڪام پهتا، انهن کي تورات تي عمل ڪرڻ لاءِ

اللّٰهِ لِيَحْكُمَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ يَتَوَلّٰى فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ وَهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾ ذٰلِكَ

سڏيو ويو تو انهي لاءِ ته انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو ويو، هڪ گروهه انهن مان انڪار ڪري ڦري ويو تو اهو

بِاَنَّهُمْ قَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدٰتٍ ۖ وَّغَرَّهُمْ

انڪار ان سبب کان ٿيو جو چون ٿا ته اسان کي هرگز نه وڻندي باهه مگر چند ڏينهن ۽ ڪوڙ

فِيْ دِيْنِهِمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ فَكَيْفَ اِذَا جَمَعْنٰهُمْ لِيَوْمٍ لَّا

گاهائي ٿا جي ڪري دين ۾ دوکو کائن ٿا. پوءِ ڪهڙي حال ۾ هوندا جڏهن انهن کي قيامت جي ڏينهن

رَيْبَ فِيْهِ ۚ وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾

انهن کي گڏ ڪنداسين، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ۽ هر انسان کي سندس عمل جي جزا ڏني ويندي ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويندو.

قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ

اي حبيب تون عرض ڪر ته اي الله تون مالڪ الملڪ آهين جنهن کي چاهين بادشاهي ڏين ۽ جنهن کان چاهين

مِمَّنْ تَشَآءُ ۖ وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ۭ بِيَدِكَ الْخَيْرُ ۭ

بادشاهي واپس وٺين، ۽ جنهن کي چاهين عزت ڏين ۽ جنهن کي چاهين ذلت ڏين، تنهنجي دست قدرت ۾ خير آهي،

اِنَّكَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٦﴾ تُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَتُوْلِجُ النَّهَارَ

بيشڪ تون هر شيءَ تي قادر آهين. رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪرين ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل

فِي الَّيْلِ ۡ وَتُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَتُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ ۡ

ڪرين ٿو، ۽ مئل مان زنده کي ڪڍين ٿو ۽ زنده مان مئل کي ڪڍين ٿو،

وَتَرْزُقُ مَنْ تَشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٢٧﴾ لَا يَتَّخِذِ الْمُؤْمِنُوْنَ

۽ جنهن کي چاهين بغير حساب جي رزق ڏين ٿو. مؤمن، ڪافرن کي پنهنجو دوست

منزل ١

١ تفسير نسفي ٢ تفسير جلالين.

الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ

نہ بنائين سواءِ مؤمنن جي ، ۽ جيڪو مؤمن کافرن سان

ذٰلِكَ فَلَيْسَ مِنَ اللّٰهِ فِيْ شَيْءٍ اِلَّآ اَنْ تَتَّقُوْا مِنْهُمْ تُقٰىةً ؕ

دوستي ڪندو انهيءَ جو الله جي دين ۾ ڪو واسطو ناهي مگر اهو جو الله کان خوف کري تو ڪري خوف ڪرڻ

وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿٢٨﴾ قُلْ اِنْ تُخْفُوْا

۽ الله تعالىٰ تو کان پاڻ کان ڊيڄاري ٿو ، ۽ الله تعالىٰ ڏانهن موٽڻ آهي . اي حبيب تو کان انهن کي فرمايو جيڪڏهن

مَا فِيْ صُدُوْرِكُمْ اَوْ تُبْدُوْهُ يَعْلَمْهُ اللّٰهُ ؕ وَيَعْلَمُ مَا فِي

تو هان ظاهر ڪريو يا لڪايو جيڪو تو هان جي دلين ۾ آهي ، الله کي سڀ معلوم آهي ، ۽ الله تعالىٰ جاني ٿو جيڪي ڪجهه

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٢٩﴾

آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي ، ۽ الله تعالىٰ هر شيءَ تي قادر آهي .

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۚ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ

قيامت جي ڏينهن هر انسان جنهن چڱو ڪم يا بڇڙو ڪم ڪيو هوند و اهو موجود ۽ حاضر

سُوْٓءٍ ۚ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَبَيْنَهٗٓ اَمَدًا بَعِيْدًا ؕ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ

ڏسندو ، انسان اميد ڪندو ته جيڪڏهن عمل ۽ سندس وچ ۾ ڪو وڏو فاصلو هجي ها ، ۽ الله تو هان کي پاڻ کان

نَفْسَهٗ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌ ۢ بِالْعِبَادِ ﴿٣٠﴾ قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ

ڊيڄاري ٿو ، ۽ الله بانهن تي مهربان آهي . اي حبيب تو هان فرمايو اي انسانو جيڪڏهن تو هان الله سان

فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٣١﴾

محبت ڪا هيو ته منهنجي فرمانبرداري ڪريو ، الله تو هان سان محبت ڪندو ۽ تو هان جا گناهه بخشي ڏيندو ۽ الله بخشڻ ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي

قُلْ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ

تو هان فرمايو الله ۽ الله جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو ، پوءِ جيڪڏهن منهن ڦيرين پوءِ بيشڪ الله ڪافرن

لہ تفسير بيضاوی . ٢ تفسير نسفی . ٣ تفسير مظهری .

الْكٰفِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ اِنَّ اللّٰهَ اصْطَفٰٓى اٰدَمَ وَنُوْحًا وَّاٰلَ اِبْرٰهِيْمَ وَاٰلَ

تي عذاب کندڙ آهي. بيشڪ الله (حضرت) آدمؑ (حضرت) نوحؑ ۽ اولاد (حضرت) ابراهيمؑ ۽ اولاد

عِمْرٰنَ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿٣٣﴾ ذُرِّيَّةًۢ بَعْضُهَا مِنْۢ بَعْضٍ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ

عمران جي کي انتخاب[1] کيو جهان وارن ماڻ. انهن جو هڪڙو خاندان[2] آهي، ۽ الله تعالىٰ بڌ ٻڌندڙ

عَلِيْمٌ ﴿٣٤﴾ اِذْ قَالَتِ امْرَاَتُ عِمْرٰنَ رَبِّ اِنِّيْ نَذَرْتُ لَكَ مَا فِيْ

ڄاڻندڙ آهي. جڏهن (حضرت) عمران جي گهرواري عرض کيو اي منهنجا رب بيشڪ مون نذر کيو آهي جيڪو

بَطْنِيْ مُحَرَّرًا فَتَقَبَّلْ مِنِّيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٣٥﴾ فَلَمَّا وَضَعَتْهَا

منهنجي پيٽ ۾ آهي خاص تنهنجي خدمت ۾ رهڻ لاءِ پوءِ مون کان تون قبول فرماءِ، بيشڪ تون بڌ ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهين. پوءِ جڏهن ان کي

قَالَتْ رَبِّ اِنِّيْ وَضَعْتُهَآ اُنْثٰى ؕ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْ ؕ وَلَيْسَ

تولد کيائين عرض کيائين اي منهنجا رب مون ته چوڪري تولد ڪئي آهي، ۽ الله تعالىٰ کي معلوم آهي جيڪا ولادت ٿي، ۽ پٽ

الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰى ۚ وَاِنِّيْ سَمَّيْتُهَا مَرْيَمَ وَاِنِّيْٓ اُعِيْذُهَا بِكَ وَ

ڏيءُ جهڙو ناهي، ۽ بيشڪ مون ان جو نالو مريم رکيو ۽ بيشڪ آئون اڻي کي ۽ ان جي اولاد کي

ذُرِّيَّتَهَا مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ﴿٣٦﴾ فَتَقَبَّلَهَا رَبُّهَا بِقَبُوْلٍ حَسَنٍ وَّ

تنهنجي پناهه ۾ ٿو ڏيان، شيطان رجيم کان محفوظ رکڻ ڪري ٿي. پوءِ (بي بي) مريم کي سندس رب سهڻي طريقي سان قبول

اَنْۢبَتَهَا نَبَاتًا حَسَنًا ۙ وَّكَفَّلَهَا زَكَرِيَّا ؕ كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا

فرمايو ۽ ان کي سهڻي نموني سان پرورش فرمايائين، ۽ (حضرت) زڪريا کي سندس نگهباني لاءِ مقرر ڪيائين، جڏهن به زڪريا

الْمِحْرَابَ ۙ وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًا ۚ قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَا ؕ قَالَتْ

(بي بي) مريم وٽ محراب[3] ۾ ويندو هو ته وٽس بي موسمي ميوا لهندو هو، چيائين اي مريم هي ميوا تو وٽ ڪٿان آڻي ٿا، چيائين

هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٧﴾

اهي الله تعالىٰ وٽان آڻي ٿا، بيشڪ الله تعالىٰ جنهن کي چاهي بغير حساب جي رزق ڏئي ٿو.

[1] تفسير روح البيان وتفسير مظهري. [2] تفسير بغوي. [3] تفسير بيضاوي.

هُنَالِكَ دَعَا زَكَرِيَّا رَبَّهٗ ۚ قَالَ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً

انهي جاءِ تي (حضرت) زكريا پنهنجي رب کان دعا گهري، عرض کيائين اي منهنجا ربّ مون کي پاڻ جيو اولاد

طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿٣٨﴾ فَنَادَتْهُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَهُوَ قَآئِمٌ

عطا فرماءِ، بيشڪ تون دُعا قبول ڪندڙ آهين . پوءِ جبرئيل (حضرت) زڪريا کي آواز ڏنو حالانڪ (حضرت)

يُّصَلِّيْ فِي الْمِحْرَابِ ۙ اَنَّ اللّٰهَ يُبَشِّرُكَ بِيَحْيٰى مُصَدِّقًا

زڪريا پنهنجي جاءِ نماز تي بيهي نماز پڙهي رهيو هو، بيشڪ الله تعالى تو کي (پٽ) يحيىٰ جي مبارڪ ڏيئي ٿو جيڪو

بِكَلِمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ وَسَيِّدًا وَّحَصُوْرًا وَّنَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٣٩﴾

(حضرت) عيسىٰ جي تصديق ڪندو ۽ سردار ۽ عورتن کان پاسو ڪندڙ هوندو ۽ خاص پيغمبرن مان هوندو .

قَالَ رَبِّ اَنّٰى يَكُوْنُ لِيْ غُلٰمٌ وَّقَدْ بَلَغَنِيَ الْكِبَرُ وَامْرَاَتِيْ

زڪريا عرض ڪيو اي منهنجا ربّ مون کي پٽ ڪيئن تولد ٿيندو حالانڪ آئون عمر رسيدہ آهيان ۽ منهنجي گهرواري ب

عَاقِرٌ ۭ قَالَ كَذٰلِكَ اللّٰهُ يَفْعَلُ مَا يَشَآءُ ﴿٤٠﴾ قَالَ رَبِّ اجْعَلْ

بار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ناهي، جبرئيل فرمايو الله تعالى ائين ڪري ٿو جيئن چاهي . زڪريا عرض ڪيو اي منهنجا ربّ

لِّيْٓ اٰيَةً ۭ قَالَ اٰيَتُكَ اَلَّا تُكَلِّمَ النَّاسَ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ اِلَّا رَمْزًا ۭ

مون کي ڪا نشاني ڏي، الله فرمايو تنهنجي لاءِ نشاني هي آهي تون ٽي ڏينهن ڪالهائي نه سگهندين مگر اشارن سان،

فَتَكُوْنُوْنَ سَوَآءً فَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ اَوْلِيَآءَ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا
پوءِ توهان سڀئي هڪ جهڙا ٿيو، پوءِ انهن مان ڪنهن کي پنهنجو دوست نه بنايو جيستائين الله تعالىٰ جي[1] هم ۾
فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۗ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ

هجرت نه ڪن، پوءِ جيڪڏهن اهي منهن موڙين پوءِ انهن کي پڪڙيو پوءِ انهن کي قتل ڪريو جتي

النصف ۱۱ ۴

[1] تفسير جلالين و تفسير بيضاوي.

وَجَدْتُّمُوْهُمْ ۚ وَلَا تَتَّخِذُوْا مِنْهُمْ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۸۹﴾ اِلَّا

توهان کي ملن، ۽ انهن مان کنهن کي دوست ۽ مددگار نہ بنايو. مگر

الَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ اِلٰى قَوْمٍ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ اَوْ

اهي ماڻهو جيڪي اهڙي قبيلي سان تعلق رکن ٿا جنهن سان توهان معاهدو ڪيو آهي يا

جَآءُوْكُمْ حَصِرَتْ صُدُوْرُهُمْ اَنْ يُّقَاتِلُوْكُمْ اَوْ يُقَاتِلُوْا

توهان وٽ آيا ۽ سندن سينا تنگ ٿيا جو توهان سان مقابلو ڪن يا پنهنجي قبيلي سان مقابلو

قَوْمَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ لَسَلَّطَهُمْ عَلَيْكُمْ فَلَقٰتَلُوْكُمْ ۚ فَاِنِ

ڪن ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ گهري ها ته انهن جون دليون مضبوط ڪري ها پوء توهان سان مقابلو ڪن ها، پوءِ جيڪڏهن

اعْتَزَلُوْكُمْ فَلَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ وَاَلْقَوْا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ ۙ فَمَا جَعَلَ

اهي توهان کان پاسو ڪن ۽ مقابلو نه ڪن ۽ توهان سان صلح ڪن، پوءِ الله تعالىٰ مقرر نه ڪيائين

اللّٰهُ لَكُمْ عَلَيْهِمْ سَبِيْلًا ﴿۹۰﴾ سَتَجِدُوْنَ اٰخَرِيْنَ يُرِيْدُوْنَ

توهان تي انهن سان جنگ لاءِ ڪرڻ. جلدي لهندا توهان ٻين ماڻهن کي جيڪي ارادو ڪن ٿا

اَنْ يَّاْمَنُوْكُمْ وَيَاْمَنُوْا قَوْمَهُمْ ؕ كُلَّمَا رُدُّوْٓا اِلَى الْفِتْنَةِ

توهان کان به امن ۾ رهن ۽ پنهنجي قوم کان به امن ۾ رهن، اهي جڏهن ڪڏهن مسلمانن سان جنگ ڪن ٿا

اُرْكِسُوْا فِيْهَا ۚ فَاِنْ لَّمْ يَعْتَزِلُوْكُمْ وَيُلْقُوْٓا اِلَيْكُمُ السَّلَمَ

تہ انهي ۾ هلاڪ ٿين ٿا، ﴿۱﴾ پوءِ جيڪڏهن اهي توهان کان پاسو نه ڪن ۽ صلح نه ڪن

وَيَكُفُّوْٓا اَيْدِيَهُمْ فَخُذُوْهُمْ وَاقْتُلُوْهُمْ حَيْثُ

۽ پنهنجن هٿن کي جهيڑي کان نه روکين پوءِ وٺو توهان انهن کي ۽ قتل ڪريو توهان انهن کي جتي

ثَقِفْتُمُوْهُمْ ؕ وَاُولٰٓئِكُمْ جَعَلْنَا لَكُمْ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿۹۱﴾ ع ۱۲ ۹

توهان کي ملن، ۽ اهي ئي آهن جن تي اسان توهان کي چٽو اختيار ڏنو آهي.

﴿۱﴾ تفسير جلالين وتفسير جامع البيان.

﴿۲﴾ تفسير جامع البيان.

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ اَنْ يَّقْتُلَ مُؤْمِنًا اِلَّا خَطَـًٔا ۚ وَمَنْ قَتَلَ مُؤْمِنًا

۽ مؤمن جو شان[1] ناهي جو مؤمن کي قتل ڪري مگر غلطي سان، ۽ جيڪو ماڻهو مؤمن کي غلطي

خَطَـًٔا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ وَّدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ اِلٰٓى اَهْلِهٖٓ اِلَّآ اَنْ

سان قتل ڪري تو تہ ان تي مسلمان ٻانهي کي آزاد ڪرڻو آهي ۽ خون[2] ٻها ادا ڪري مقتول جي وارثن کي مگر اهو

يَّصَّدَّقُوْا ؕ فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ

جو وارث معاف ڪن، ۽ جيڪڏهن مقتول انهي قبيلي مان آهي جيڪي تو ها نجار شمن آهن ۽ مقتول مؤمن[3] آهي

مُّؤْمِنَةٍ ؕ وَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ فَدِيَةٌ مُّسَلَّمَةٌ

پوءِ مسلمان[4] ٻانهو آزاد ڪرڻو آهي، ۽ جيڪڏهن مقتول انهن قبيلي[5] مان آهي جن سان تو ها نجو معاهدو وڪيل آهي پوءِ ان جي وارثن

اِلٰٓى اَهْلِهٖ وَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ۚ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ

کي خون بها ڏيو ۽ مسلمان ٻانهو آزاد ڪريو، پوءِ جنهن وٽ ٻانهو نه هجي تہ پوءِ به مهينا لاڳيتا روزا

مُتَتَابِعَيْنِ ۙ تَوْبَةً مِّنَ اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۹۲﴾ وَمَنْ يَّقْتُلْ

رکي، اها الله تعالىٰ وٽ قاتل جي توبه آهي ۽ الله تعالىٰ ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي، ۽ جيڪو ماڻهو مؤمن

مُؤْمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خَالِدًا فِيْهَا وَغَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ

کي ارادي سان قتل ڪري تو تہ ان جي جزا جهنم آهي اهو هميشه انهي ۾ رهندو ۽ قاتل تي الله تعالىٰ جو غضب آهي ۽

لَعَنَهٗ وَاَعَدَّ لَهٗ عَذَابًا عَظِيْمًا ﴿۹۳﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا ضَرَبْتُمْ فِىْ

لعنت آهي ۽ قاتل لاءِ الله وڏو عذاب تيار ڪيو آهي، اي مؤمنو جڏهن جهاد لاءِ توهان[6] سفر

سَبِيْلِ اللّٰهِ فَتَبَيَّنُوْا وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ اَلْقٰٓى اِلَيْكُمُ السَّلٰمَ لَسْتَ مُؤْمِنًا ۚ

ڪريو تہ تحقيقات[7] ڪريو ۽ توهان انهي ماڻهوءَ کي نہ چئو تہ تون مسلمان نه هين جيڪو چوي تہ آئون مؤمن آهيان،

تَبْتَغُوْنَ عَرَضَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۡ فَعِنْدَ اللّٰهِ مَغَانِمُ كَثِيْرَةٌ ؕ كَذٰلِكَ

توهان دنيا جو سامان طلب ڪريو ٿا، پوءِ الله وٽ مال غنيمت گهڻو آهي، توهان به

[1] تفسير جلالين. [2] ۽ [3] تفسير النسفي. [4] [5] لغات القرآن. [6] [7] تفسير النسفي.

كُنْتُمْ مِّنْ قَبْلُ فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ فَتَبَيَّنُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

پھر تُنِ ايئن هئا پوءِ الله تعالىٰ توهان تي احسان فرمايو پوءِ توهان تي تحقيقات ضروري آهي، بيشڪ الله تعالىٰ توهانجي عمل

خَبِيْرًا ﴿۹۴﴾ لَا يَسْتَوِي الْقٰعِدُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ غَيْرُ اُولِي الضَّرَرِ

کان خبردار آهي. برابر نه ٿا ٿين اهي مؤمن جيڪي بغير ڪنهن سبب جي جهاد کان

وَالْمُجٰهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ فَضَّلَ اللّٰهُ

ويهن ٿا ۽ اهي مؤمن جيڪي الله جي راهه ۾ پنهنجن مالن ۽ جانين سان جهاد ڪن ٿا، الله پلو ڪيو انهن

الْمُجٰهِدِيْنَ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ دَرَجَةً ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ

مجاهدن کي جيڪي پنهنجن مالن ۽ جانين سان جهاد ڪن ٿا ويهندڙن کان، ۽ الله سڀني سان پلائي

اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَفَضَّلَ اللّٰهُ الْمُجٰهِدِيْنَ عَلَى الْقٰعِدِيْنَ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۹۵﴾

جو وعدو فرمايو، ۽ الله تعالىٰ جهاد ڪندڙن کي ويهندڙن کان وڏي ثواب سان پلو ڪيو آهي.

دَرَجٰتٍ مِّنْهُ وَمَغْفِرَةً وَّرَحْمَةً ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا

الله جي طرفان درجاءِ مغفرت ۽ رحمت انهن لاءِ آهي، ۽ الله تعالىٰ بخشيندڙ

رَّحِيْمًا ﴿۹۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ تَوَفّٰىهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ ظَالِمِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ع ۱۵

مهربان آهي. بيشڪ اهي ماڻهو جن جا روح ملائڪ ڪڍن ٿا انهي حال ۾ جو پنهنجن نفسن تي ظلم

قَالُوْا فِيْمَ كُنْتُمْ ؕ قَالُوْا كُنَّا مُسْتَضْعَفِيْنَ فِي الْاَرْضِ ؕ

ڪندا هئا، فرشتا انهن کي چون ٿا تو توهان ڪهڙي شغول ۾ هئا، (جواب ۾) چون ٿا ته اسين زمين ۾ ڪمزور هئا سين،

قَالُوْٓا اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا ؕ

ملائڪن چيو ڇا الله جي زمين[1] ڪشادي نه هئي جو توهان ان ۾ هجرت ڪريو ها،

فَاُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿۹۷﴾ اِلَّا

پوءِ اهڙن ماڻهن جي جاءِ جهنم آهي، ۽ تمام خراب ٿي جاءِ موٽڻ جي. مگر

[1] تفسير النسفي. [2] تفسير روح البيان. [3] يعني مدينه پاڪ جي زمين. (منزل ۱) تفسير ابن عباس تفسير ڪبير و تفسير روح البيان و تفسير بيضاوي و مظهري.

الْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالْوِلْدَانِ لَا

جيڪي ڪمزور[1] آهن مردن مان ۽ عورتن مان ۽ ٻارن مان جيڪي

يَسْتَطِيْعُوْنَ حِيْلَةً وَّلَا يَهْتَدُوْنَ سَبِيْلًا ﴿۹۸﴾ فَاُولٰٓئِكَ

ڪنهن حيلي جي توفيق نٿا رکن ۽ رستي جي ڪين خبر ناهي . پوءِ انهن مائٹن کي

عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّعْفُوَ عَنْهُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَفُوًّا

جلد ئي الله تعالىٰ بخش فرمائيندو ، ۽ الله تعالىٰ معاف ڪندڙ

غَفُوْرًا ﴿۹۹﴾ وَمَنْ يُّهَاجِرْ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ يَجِدْ فِي

بخشيندڙ آهي . ۽ جيڪو مسلمان الله جي واٽ ۾ هجرت ڪندو اهو زمين ۾ گهڻي جاءِ

الْاَرْضِ مُرٰغَمًا كَثِيْرًا وَّسَعَةً ؕ وَمَنْ يَّخْرُجْ مِنْۢ بَيْتِهٖ

۽ گهڻي گنجائش لهندو ، ۽ جيڪو مسلمان پنهنجي گهر مان نڪري

مُهَاجِرًا اِلَى اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ثُمَّ يُدْرِكْهُ الْمَوْتُ فَقَدْ

تو هجرت ڪندڙ الله تعالىٰ ۽ رسول عربي ﷺ جي طرف انهي کان پوءِ اُن کي موت[2] اچي پهتو پوءِ بيشڪ

وَقَعَ اَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۰۰﴾ وَ

اُن جي هجرت جو ثواب الله تعالىٰ جي ذمي ٿيو ، ۽ الله تعالىٰ بخشيندڙ ، ساجهارو آهي . ۽

اِذَا ضَرَبْتُمْ فِي الْاَرْضِ فَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ اَنْ

جڏهن توهان زمين ۾ مسافري ڪريو تہ توهان تي ڪو گناهه ناهي جو ڪن نمازن

تَقْصُرُوْا مِنَ الصَّلٰوةِ ۖ اِنْ خِفْتُمْ اَنْ يَّفْتِنَكُمُ الَّذِيْنَ

کي گهٽ ڪري پڑهو ، جيڪڏهن توهان کي خوف آهي تہ توهان کي ڪافر تڪليف

كَفَرُوْا ؕ اِنَّ الْكٰفِرِيْنَ كَانُوْا لَكُمْ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿۱۰۱﴾

ڏيندا ، بيشڪ ڪافر توهان جا ڇٽا دشمن آهن .

[1] ۽ ڪه ۽ ڪه تفسير روح البيان .

وَاِذَا كُنْتَ فِيْهِمْ فَاَقَمْتَ لَهُمُ الصَّلٰوةَ فَلْتَقُمْ طَآئِفَةٌ مِّنْهُمْ

اي حبيب[1] جڏهن توهان مؤمنن ۾ موجود هجو پوءِ نماز ۾ انهن کي امامت[2] ڪرايو پوءِ گهرجي ته انهن ۾ان[3] مان هڪ

مَّعَكَ وَلْيَاْخُذُوْٓا اَسْلِحَتَهُمْ ۫ فَاِذَا سَجَدُوْا فَلْيَكُوْنُوْا مِنْ

جماعت توهان سان گڏ هجي ۽ اهي پنهنجا هٿيار کڻي بيهن ، پوءِ جڏهن اهي رڪعت پوري ڪن ته توهان کان پويان

وَّرَآئِكُمْ ۪ وَلْتَاْتِ طَآئِفَةٌ اُخْرٰى لَمْ يُصَلُّوْا فَلْيُصَلُّوْا مَعَكَ

هٿي بيهن ، ۽ هاڻي بي جماعت اچي نماز پڙهي جن نماز نه پڙهي پوءِ اهي هڪ رڪعت توهانجي پويان پڙهن

وَلْيَاْخُذُوْا حِذْرَهُمْ وَاَسْلِحَتَهُمْ ۚ وَدَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ

۽ اهي پنهنجي بچاءُ لاءِ هٿيار کڻي بيهن ، ڪافرن جو اراده آهي ته جيڪر

تَغْفُلُوْنَ عَنْ اَسْلِحَتِكُمْ وَاَمْتِعَتِكُمْ فَيَمِيْلُوْنَ عَلَيْكُمْ مَّيْلَةً

توهان پنهنجن هٿيارن ۽ سامان کان غافل رهو ته جيئن توهان کي هڪ حملي سان ختم

وَّاحِدَةً ؕ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اِنْ كَانَ بِكُمْ اَذًى مِّنْ مَّطَرٍ

ڪري ڇڏن ، ۽ توهان تي گناهه ناهي جيڪڏهن توهان کي مينهن جي ڪري تڪليف پهچي ٿي

اَوْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَنْ تَضَعُوْٓا اَسْلِحَتَكُمْ ۚ وَخُذُوْا حِذْرَكُمْ ؕ

يا بيمار آهيو ته پنهنجا هٿيار بدن تان لاهي رکو ، ۽ پنهنجو بچاءُ[4] گوليو ،

اِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿۱۰۲﴾ فَاِذَا قَضَيْتُمُ

بيشڪ الله تعالىٰ ڪافرن لاءِ خواري وارو عذاب تيار ڪيو آهي . پوءِ جڏهن توهان

الصَّلٰوةَ فَاذْكُرُوا اللّٰهَ قِيٰمًا وَّقُعُوْدًا وَّعَلٰى جُنُوْبِكُمْ ۚ

نماز کان فارغ ٿيو پوءِ الله جو ذڪر ڪريو بيهڻ ۾ ۽ ويهڻ ۾ ۽ پاسيري سمهڻ ۾ ،

فَاِذَا اطْمَاْنَنْتُمْ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ ۚ اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ

پوءِ جڏهن اطمينان سان ٿيو پوءِ نماز قائم ڪريو ، بيشڪ نماز مؤمنن تي

[1] تفسير الشفي . [2] تفسير جامع البيان . [3] تفسير جلالين .

عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿١٠٣﴾ وَلَا تَهِنُوْا فِي ابْتِغَآءِ

وقت مقرر ڪيل مٿ فرض مقرر ڪيل له آهي. ۽ ڪافرن جي تلاشي ۾ سُست ٿه

الْقَوْمِ ۭ اِنْ تَكُوْنُوْا تَاْلَمُوْنَ فَاِنَّهُمْ يَاْلَمُوْنَ كَمَا تَاْلَمُوْنَ ۚ

نه ٿيو ، جيڪڏهن توهان کي ڏک پهتو آهي پوءِ بيشڪ انهن کي به ڏک پُهتو جيئن توهان کي ڏک پهتو

وَتَرْجُوْنَ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا يَرْجُوْنَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا

۽ الله مٿ توهان اميد رکو ٿا جيڪا اُميد ڪافر نه ٿا رکن، ۽ الله تعالىٰ علم ڪندڙ حڪمت

حَكِيْمًا ﴿١٠٤﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ لِتَحْكُمَ بَيْنَ ع ١٢

وارو آهي ۔ اي حبيب بيشڪ اسان توهان ڏانهن قرآن ڪريم حق سان نازل فرمايو انهي لاءِ ته توهان ماڻهن

النَّاسِ بِمَآ اَرٰىكَ اللّٰهُ ۭ وَلَا تَكُنْ لِّلْخَاۗىِٕنِيْنَ خَصِيْمًا ﴿١٠٥﴾ لا

جي وچ ۾ فيصلو ڪريو وحيءَ رباني سان، ۽ غدارن جي طرفان اختلاف نه ڪريو ۔

وَّاسْتَغْفِرِ اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٠٦﴾ ۚ وَلَا تُجَادِلْ

۽ الله کان معافي طلب ڪريو، بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ مهربان آهي ۔ ۽ انهن جي طرفان

عَنِ الَّذِيْنَ يَخْتَانُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ مَنْ كَانَ

اختلاف نه ڪريو جيڪي پاڻ کي خيانت ۾ وجهن ٿا، بيشڪ الله پسند نه ڪندو فرمائي انهي ماڻهو کي جيڪو

خَوَّانًا اَثِيْمًا ﴿١٠٧﴾ يَّسْتَخْفُوْنَ مِنَ النَّاسِ وَلَا يَسْتَخْفُوْنَ مِنَ

خيانت ڪندڙ گنهگار آهي، اهي ماڻهن کان لڪائن ٿا ۽ الله تعالىٰ کان نه ٿا لڪائن حالانڪه

اللّٰهِ وَهُوَ مَعَهُمْ اِذْ يُبَيِّتُوْنَ مَا لَا يَرْضٰى مِنَ الْقَوْلِ ۭ وَ

الله انهن سان گڏ آهي جنهن وقت دل ۾ اهڙا ڪاوڙ تجويز ڪن ٿا جيڪا الله تعالىٰ کي ناپسند آهي، ۽

كَانَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطًا ﴿١٠٨﴾ هٰٓاَنْتُمْ هٰٓؤُلَاۗءِ جٰدَلْتُمْ

الله تعالىٰ انهن جي عملن کي گهيرو ڪندڙ آهي ۔ ٻڌو ٿا توهان اهي ماڻهو آهيو جيڪي اختلاف

له ۽ ڪه تفسير روح البيان. ڪه تفسير جلالين.

عَنْهُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ فَمَنْ يُّجَادِلُ اللّٰهَ عَنْهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

کریوٹا انھن جي طرفان دنیا جي حیاتي ۾ ، پوءِ انھن جي طرفان کیر اختلاڑو کند والله سڳا قیامت جي ڏینھن

اَمْ مَّنْ يَّكُوْنُ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿۱۰۹﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا اَوْ يَظْلِمْ

یا کیر انھن جو وکیل ھوندو . ۽ جیکو ماٹھو گناھ کري تو یا پنھنجو پاڻ سان ظلم

نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۱۰﴾ وَمَنْ

کري ٿو پوءِ الله تعالیٰ کان بخشش طلب کري تو ڏسي الله تعالیٰ کي بخشيندڙ ۽ مھربان ڏسندو . ۽ جیکو

يَّكْسِبْ اِثْمًا فَاِنَّمَا يَكْسِبُهٗ عَلٰى نَفْسِهٖ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا

گناھ کري تو پوءِ بیشک ان جي[1] جزا انھي تي پوندي . ۽ الله تعالیٰ جاڻندڙ حکمت

حَكِيْمًا ﴿۱۱۱﴾ وَمَنْ يَّكْسِبْ خَطِيْۗـــَٔةً اَوْ اِثْمًا ثُمَّ يَرْمِ بِهٖ بَرِيْۗـــًٔـا

وارو آھي . ۽ جیکو ماٹھو خطا کري تو یا گناھ کري تو پوءِ ان گناھ کي بي گناھ تي ھٹي تو

فَقَدِ احْتَمَلَ بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۱۱۲﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ

پوءِ بیشک ان بھتان ۽ چٽو گناھ پاڻ تي کنيو . ۽ جیکڏھن اي حبیب توھان جي مٿان

وَرَحْمَتُهٗ لَهَمَّتْ طَّاۗىِٕفَةٌ مِّنْهُمْ اَنْ يُّضِلُّوْكَ ۭ وَمَا

الله جو فضل ۽ رحمت نڪي ھاڻ البته کجھ ماٹھو ارادو کن ٿا توھان کي صحیح فیصلي[2] کان روکين ، ۽ نٿا

يُضِلُّوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَضُرُّوْنَكَ مِنْ شَيْءٍ ۭ وَاَنْزَلَ

گمراھ کن مگر پنھنجو پاڻ کي ۽ توھان کي اي حبیب کنھن بہ شيءِ جو نقصان[3] پھچائي نٿا سگھن ، ۽ الله تعالیٰ نازل

اللّٰهُ عَلَيْكَ الْكِتٰبَ وَالْحِكْمَةَ وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ

فرمایو توھان تي قرآن کریم ۽ حکمت عظیم ۽ توھان کي سیکاریائين جیکو کجھ

تَكُنْ تَعْلَمُ ۭ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿۱۱۳﴾

توھان جي معلومات[4] ۾ نڪو ھو ، ۽ الله تعالیٰ جو توھان جي مٿان عظیم احسان آھي .

[1] تفسیر جلالین . [2] تفسیر روح البیان . [3] تفسیر مظھري و تفسیر روح البیان و تفسیر کبیر .

لَاخَيْرَ فِيْ كَثِيْرٍ مِّنْ نَّجْوٰىهُمْ اِلَّا مَنْ اَمَرَ بِصَدَقَةٍ اَوْ

انهن جي گهڻن مشورن ۾ خير ناهي مگر جيڪو ماڻهو نيڪيءَ جو چوي يا

مَعْرُوْفٍ اَوْ اِصْلَاحٍۭ بَيْنَ النَّاسِ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ

سمٽي گڏهه چوي يا ماڻهن جي وچ ۾ صلح ڪرائي ، ۽ جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ جي رضامندي

ابْتِغَآءَ مَرْضَاتِ اللّٰهِ فَسَوْفَ نُؤْتِيْهِ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۱۱۴﴾ وَ

خاطر ايئن ڪري تو پوءِ جلدي اسين اُن کي گهڻو ثواب ڏينداسين. ۽

مَنْ يُّشَاقِقِ الرَّسُوْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُ الْهُدٰى وَ

جيڪو ماڻهو رسول عربي ڏي مخالفت ڪري انهيءَ کان پوءِ جو هدايت اُن لاءِ ظاهر ٿي چڪي ۽

يَتَّبِعْ غَيْرَ سَبِيْلِ الْمُؤْمِنِيْنَ نُوَلِّهٖ مَا تَوَلّٰى وَنُصْلِهٖ

مسلمانن جي رستي کان ٻئي رستي تي هليو، ڦيرائيندا سين اُن کي اوڏانهن جيڏانهن ڦاڪو ڏيئي ۽ ان

جَهَنَّمَ ؕ وَسَآءَتْ مَصِيْرًا ﴿۱۱۵﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ

کي جهنم ۾ داخل ڪندا سين، ۽ اها خراب جاءِ آهي موٽڻ جي. بيشڪ الله تعالىٰ نه بخش ڪري جو اُن سان ڪنهن کي برابر

بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ

ڪيو وڃي ۽ انهي کان سواءِ جنهن کي چاهي بخش ڪري تو، ۽ جيڪو ماڻهو الله سان ڪنهن کي برابر

فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿۱۱۶﴾ اِنْ يَّدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖۤ اِلَّاۤ

ڪري تو پوءِ بيشڪ اهو پري واري گمراهيءَ ۾ پيو. (اهي) نه ٿا عبادت ڪن مگر بتن جي جيڪي

اِنٰثًا ۚ وَاِنْ يَّدْعُوْنَ اِلَّا شَيْطٰنًا مَّرِيْدًا ﴿۱۱۷﴾ لَّعَنَهُ اللّٰهُ ۘ

مؤنث آهن، ۽ نه ٿا عبادت ڪن مگر تڪبر ڪندڙ شيطان جي. الله تعالىٰ انهن تي لعنت موڪلي،

وَقَالَ لَاَتَّخِذَنَّ مِنْ عِبَادِكَ نَصِيْبًا مَّفْرُوْضًا ﴿۱۱۸﴾ لا

۽ (شيطان) چيو مون کي قسم آهي آئون ضرور الله جي بانهن مان ڪجهه حصو پنهنجو ڪري وٺندس.

وقف لازم

۱ تفسير جلالين وتفسير جامع البيان. ۲ تفسير البغوي وتفسير جامع البيان. ۳ تفسير جلالين وتفسير النسفي وتفسير جامع البيان.

وَّلَاُضِلَّنَّهُمْ وَلَاُمَنِّيَنَّهُمْ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُبَتِّكُنَّ اٰذَانَ

۽ قسم سان آئون انهن کي گمراهه ڪندس ۽ ضرور انهن کي خراب خيال ڏيارينديس ۽ ضرور انهن کي چوندس تہ چوڙ پائي

الْاَنْعَامِ وَلَاٰمُرَنَّهُمْ فَلَيُغَيِّرُنَّ خَلْقَ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَّخِذِ

مال جاکڙ چيرن ۽ ضرور انهن کي چوندس تہ الله تعالىٰ جي خلقت ۾ تبديلي ڪن ۽ جيڪو الله کي ڇڏي

الشَّيْطٰنَ وَلِيًّا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَقَدْ خَسِرَ خُسْرَانًا مُّبِيْنًا ؕ ﴿۱۱۹﴾

شيطان کي پنهنجو مددگار بنائي تہ پوء بيشڪ اهو ڇتي نقصان ۾ پيو .

يَعِدُهُمْ وَيُمَنِّيْهِمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿۱۲۰﴾

شيطان انهن کي وعدو ڏئي تہ ۽ خراب خيال ڏياري تہ ۽ نہ تہ وعدو ڪري انهن سان شيطان مگر ڌوڪي ۽ جو .

اُولٰٓئِكَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؗ وَلَا يَجِدُوْنَ عَنْهَا مَحِيْصًا ﴿۱۲۱﴾

اهڙن ماڻهن جي جاء جهنم آهي ، ۽ جهنم کان بچڻ جي کا به جاء نہ لهندا .

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا جلدي اسان انهن کي باغن ۾ داخل ڪنداسين جنهن

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَ

جي هيٺان نهرون وهن ٿيون اهي هميشه هميشه بهشت ۾ رهندا ، الله تعالىٰ جو وعدو سچو آهي ، ۽

مَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا ﴿۱۲۲﴾ لَيْسَ بِاَمَانِيِّكُمْ وَلَآ اَمَانِيِّ

الله تعالىٰ کان وڌيڪ ڪنهن جي ڳالهه سچي ٿي سگهي ٿي نہ اناهي (نجات مشرڪن جي) اميدن تي ۽ نہ اهي (نجات) اهل ڪتاب

اَهْلِ الْكِتٰبِ ؕ مَنْ يَّعْمَلْ سُوْٓءًا يُّجْزَ بِهٖ ۙ وَلَا يَجِدْ لَهٗ

وارن جي اميدن تي ، جيڪو گناهه ڪندو اُن کي ان جي جزا ملندي ، ۽ نہ لهندو اهو ماڻهو

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿۱۲۳﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِنَ

الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو حمايتي ۽ مددگار . ۽ جيڪو ماڻهو نيڪ عمل

لہ تفسير جامع البيان . منزل ۱ لہ تفسير جلالين .

الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ

ڪري تو چاهي اهو مرد آهي يا عورت آهي ۽ اهو مؤمن آهي پوءِ اُهي

يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ وَلَا يُظْلَمُوْنَ نَقِيْرًا ﴿١٢٤﴾ وَمَنْ اَحْسَنُ

بهشت ۾ داخل ٿيندا ۽ انهن سان ترِ برابر بظلم نه ڪيو ويندو. ۽ انهي کان زياده سهڻو

دِيْنًا مِّمَّنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَّاتَّبَعَ مِلَّةَ

دين ڪنهن جو آهي جنهن پنهنجي چهري کي الله لاءِ جُهڪايو ۽ اهو نيڪوڪار آهي ۽ دينِ ابراهيمي جي تابعداري

اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ؕ وَاتَّخَذَ اللّٰهُ اِبْرٰهِيْمَ خَلِيْلًا ﴿١٢٥﴾ وَلِلّٰهِ

ڪئي جيڪو حق ڏانهن لڙندڙ آهي، ۽ الله تعالىٰ (حضرت) ابراهيم کي پنهنجو سچو دوست بنايو. ۽ الله تعالىٰ

مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ

لاءِ آهي جيڪي ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ الله تعالىٰ هر شيءَ کي (پنهنجي علم سان) گهيري ۾

مُّحِيْطًا ﴿١٢٦﴾ وَيَسْتَفْتُوْنَكَ فِي النِّسَآءِ ؕ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِيْهِنَّ ۙ

ڪندڙ آهي. ۽ اي حبيب توهان کان عورتن بابت فتويٰ معلوم ڪن ٿا، تو فرمايو الله توهان کي اُن جي فتويٰ ڏئي

وَمَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فِي الْكِتٰبِ فِيْ يَتٰمَى النِّسَآءِ الّٰتِيْ لَا

ٿو ۽ جيڪو توهان تي پڙهيو ويو ٿو قرآن ڪريم ۾ انهن يتيم عورتن بابت جن کي توهان نه ٿا

تُؤْتُوْنَهُنَّ مَا كُتِبَ لَهُنَّ وَتَرْغَبُوْنَ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ

ڏيو جيڪو انهن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي ۽ توهان خواهش ڪريو ٿا ته انهن عورتن سان نڪاح ڪريون

وَالْمُسْتَضْعَفِيْنَ مِنَ الْوِلْدَانِ ۙ وَاَنْ تَقُوْمُوْا لِلْيَتٰمٰى

۽ نه ڏيڻ ضعيف ٻارن کي سندن حق ڏيو ، ۽ يتيمن سان توهان انصاف

بِالْقِسْطِ ؕ وَمَا تَفْعَلُوْا مِنْ خَيْرٍ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِهٖ عَلِيْمًا ﴿١٢٧﴾

ڪريو ، ۽ توهان جيڪا نيڪي ڪريو ٿا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ انهيءَ کي ڄاڻندڙ آهي.

ع ١٤ = ٤٨ ٥

له تفسير جامع البيان و تفسير جلالين.

وَاِنِ امْرَاَةٌ خَافَتْ مِنْۢ بَعْلِهَا نُشُوْزًا اَوْ اِعْرَاضًا فَلَا جُنَاحَ

۽ جيڪڏهن ڪاءُ عورت پنهنجي مڙس جي زيادتي يا نه ڀالهائڻ جو خوف ڪري پوءِ ناهي گناهه

عَلَيْهِمَآ اَنْ يُّصْلِحَا بَيْنَهُمَا صُلْحًا ؕ وَالصُّلْحُ خَيْرٌ ؕ وَاُحْضِرَتِ

انهن ٻنهي تي جو پنهنجو ٻاڻ ۾ صلح ڪن، ۽ صلح ڪرڻ تمام بهتر آهي، ۽ دلين (انسانن جي)

الْاَنْفُسُ الشُّحَّ ؕ وَاِنْ تُحْسِنُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا

لالچ ڪندڙ آهن، ۽ جيڪڏهن توهان چڱائي ۽ پرهيزگاري ڪندا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ توهان

تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۲۸﴾ وَلَنْ تَسْتَطِيْعُوْٓا اَنْ تَعْدِلُوْا بَيْنَ النِّسَآءِ

جي عملن کان خبردار آهي. ۽ هرگز توهان طاقت رکي نه سگهو جو انصاف[1] ڪريو پنهنجن زالن جي وچ ۾

وَلَوْ حَرَصْتُمْ فَلَا تَمِيْلُوْا كُلَّ الْمَيْلِ فَتَذَرُوْهَا كَالْمُعَلَّقَةِ ؕ وَ

جيتوڻيڪ توهان حرص ڪريو پوءِ سمورو لاڙو هڪ زال ڏانهن رکي پوءِ ٻي کي لٽڪيل وانگر ڇڏي ڏيو، ۽

اِنْ تُصْلِحُوْا وَتَتَّقُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۱۲۹﴾ وَ

جيڪڏهن توهان انصاف ڪندا، ۽ خوفِ خدا رکندا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ مهربان آهي. ۽

اِنْ يَّتَفَرَّقَا يُغْنِ اللّٰهُ كُلًّا مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ وَاسِعًا

جيڪڏهن ٻاڻ ۾ جدائي ٿي ڪي الله تعالىٰ پنهنجي فضل[2] سان نوازيندو، ۽ الله تعالىٰ احسان ڪندڙ حڪمت

حَكِيْمًا ﴿۱۳۰﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ وَلَقَدْ وَصَّيْنَا

وارو آهي. ۽ الله جي لاءِ آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي، ۽ يقيناً تحقيق حڪم ڪيو

الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ وَ

اسان اهلِ ڪتاب وارن کي جيڪي توهان کان اڳ ۾ هئا، ۽ توهان مسلمانن کي تہ الله کان ڈجو، ۽

اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ؕ

۽ جيڪڏهن توهان ڪفر ڪندا پوءِ بيشڪ الله جي لاءِ آهي جيڪي ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهي.

[1] تفسير جلالين. [2] تفسير النسفي.

وَكَانَ اللّٰهُ غَنِيًّا حَمِيْدًا ﴿۱۳۱﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

۽ الله تعالىٰ بي نياز ساراهيل آهي. ۽ الله تعالىٰ لاءِ آهي جيكو كجهه آسمانن ۾ آهي

وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۱۳۲﴾ اِنْ يَّشَاْ

۽ جيكو كجهه زمينن ۾ آهي ۽ الله تعالىٰ بهترين كار ساز آهي. جيكڏهن الله تعالىٰ

يُذْهِبْكُمْ اَيُّهَا النَّاسُ وَيَاْتِ بِاٰخَرِيْنَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى

چاهيٿ اي انسانو توهان كي ختم كري پڄڏي ۽ بين مانڻهن كي آڻي، ۽ الله انهي تي

ذٰلِكَ قَدِيْرًا ﴿۱۳۳﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ ثَوَابَ الدُّنْيَا فَعِنْدَ اللّٰهِ

قادر مطلق آهي. جيكو مانڻهو ارادو كري تو ثواب دنيا جي كي پوءِ الله تعالىٰ وٽ

ثَوَابُ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ سَمِيْعًۢا بَصِيْرًا ﴿۱۳۴﴾ ع ۲۴/۱۰

ثواب آهي دنيا ۽ آخرت جو، ۽ الله تعالىٰ بڌندڙ ڏسندڙ آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْا قَوّٰمِيْنَ بِالْقِسْطِ شُهَدَاۗءَ لِلّٰهِ

اي مؤمنو توهان انصاف تي قائم[1] رهو (۽) شاهدي خدا كارڻ ڏيو

وَلَوْ عَلٰٓى اَنْفُسِكُمْ اَوِ الْوَالِدَيْنِ وَالْاَقْرَبِيْنَ ۚ اِنْ يَّكُنْ غَنِيًّا

جيتوڻيڪ توهانجي پنهنجي پاڻ تي[2] شاهدي هجي يا پيءُ مائٽن تي، جنهن تي شاهدي ڏيو اهي امير

اَوْ فَقِيْرًا فَاللّٰهُ اَوْلٰى بِهِمَا ۣ فَلَا تَتَّبِعُوا الْهَوٰٓى اَنْ تَعْدِلُوْا ۚ

هجن يا غريب پوءِ الله تعالىٰ انهن كان وڌيڪ آهي، پوءِ توهان پنهنجن سڌن تي نه هلو جو حق كان پري هٽي وڃو

وَاِنْ تَلْوٗٓا اَوْ تُعْرِضُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۱۳۵﴾

۽ جيكڏهن توهان شاهدي[3] ڦيرايو يا شاهدي ڏيڻ[4] ڇڏي ڏيو پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ توهان جي عمل كان خبردار آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْ نَزَّلَ

اي مؤمنو! ايمان آڻيو توهان الله تعالىٰ تي ۽ رسول عربي تي ۽ قرآن كريم تي ۽ انهن

[1] تفسير جلالين وتفسير نسفي. [2] تفسير جامع البيان. [3] تفسير جلالين.

عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَالْكِتٰبِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِاللّٰهِ

مقدس کتابن تي جيکي اڳ ۾ الله تعالىٰ نازل فرمايا ۽ جيکو نہ ٿو مڃي الله تعالىٰ کي

وَمَلٰٓئِكَتِهٖ وَكُتُبِهٖ وَرُسُلِهٖ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا

۽ ملائڪن کي ۽ ڪتابن کي ۽ رسولن کي ۽ قيامت کي پوءِ بيشڪ گمراھ ٿيو پري جو

بَعِيْدًا ﴿۱۳۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا ثُمَّ

گمراھ ٿيڻ. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو انهي کان پوءِ ڪفر ڪيو انهي کان پوءِ ايمان آندو انهي کان پوءِ ڪفر

ازْدَادُوْا كُفْرًا لَّمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ سَبِيْلًا ﴿۱۳۷﴾ ؕ

ڪيو پوءِ ڪفر ۾ زيادہ ٿيا، هرگز نہ بخش ڪندو الله انهن کي ۽ نہ انهن کي سڌي رستي تي هدايت ڏيندو.

بَشِّرِ الْمُنٰفِقِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمَا ۙ﴿۱۳۸﴾ الَّذِيْنَ يَتَّخِذُوْنَ

توهان منافقن کي خوشخبري ٻڌايو تہ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. جيکي ماڻهو ڪافرن

الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ؕ اَيَبْتَغُوْنَ عِنْدَهُمُ

کي دوست ڪن ٿا مؤمنن کان سواءِ ، ڇا طلب ڪن ٿا انهن وٽ

الْعِزَّةَ فَاِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ﴿۱۳۹﴾ وَقَدْ نَزَّلَ عَلَيْكُمْ فِى الْكِتٰبِ

عزت کي پوءِ بيشڪ سموري عزت الله تعالىٰ وٽ آهي. ۽ بيشڪ الله تعالىٰ توهان تي قرآن ۾[1] نازل فرمايو

اَنْ اِذَا سَمِعْتُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ يُكْفَرُ بِهَا وَيُسْتَهْزَاُ بِهَا فَلَا تَقْعُدُوْا

تہ جڏهن توهان الله جون آيتون ٻڌيون انهي جو انڪار ڪن ٿا ۽ انهي سان مذاق ڪن ٿا پوءِ توهان انهن سان گڏ

مَعَهُمْ حَتّٰى يَخُوْضُوْا فِىْ حَدِيْثٍ غَيْرِهٖٓ ۚ اِنَّكُمْ اِذًا مِّثْلُهُمْ ؕ اِنَّ

نہ ويهو جيستائين اهي بين ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿين، ۽ جيڪڏهن نہ ته بيشڪ توهان به انهن جهڙا آهيو بيشڪ

اللّٰهَ جَامِعُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْكٰفِرِيْنَ فِىْ جَهَنَّمَ جَمِيْعَا ۙ﴿۱۴۰﴾

الله تعالىٰ منافقن ۽ ڪافرن کي جهنم ۾ گڏ ڪندو.

[1] تفسير نسفي. [2] تفسير جلالين وتفسير بغوي.

الَّذِيْنَ يَتَرَبَّصُوْنَ بِكُمْ ۚ فَاِنْ كَانَ لَكُمْ فَتْحٌ مِّنَ اللّٰهِ قَالُوْٓا اَلَمْ

جيڪي ماڻهو توهان جي هلڪت جو انتظار ڪن ٿا، پوءِ جيڪڏهن توهانکي الله جي طرفان فتح حاصل ٿئي ٿي، چون ٿا ڇا اسين

نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ وَاِنْ كَانَ لِلْكٰفِرِيْنَ نَصِيْبٌ ۙ قَالُوْٓا اَلَمْ نَسْتَحْوِذْ

توهان سان گڏ نه آهيون، ۽ جيڪڏهن ڪافرن کي ڪاميابي ٿئي ٿي، چون ٿا ڇا اسان کي توهان جي مٿان

عَلَيْكُمْ وَنَمْنَعْكُمْ مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۭ فَاللّٰهُ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ يَوْمَ

غلبو نه هو ۽ ڇا اسان توهان کي مومنن کان نه بچايو؟ پوءِ الله تعالىٰ فيصلو ڪندو توهان سڀني جو قيامت

الْقِيٰمَةِ ۭ وَلَنْ يَّجْعَلَ اللّٰهُ لِلْكٰفِرِيْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ سَبِيْلًا ﴿۱۴۱﴾ ع ۲۰ ۷ ۴

جي ڏينهن، ۽ هرگز الله تعالىٰ ڪافرن کي مسلمانن تي ڪوبه رستو نه ڏيندو.

اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَهُوَ خَادِعُهُمْ ۚ وَاِذَا قَامُوْٓا

بيشڪ منافق (پنهنجي سمجهه مطابق) الله تعالىٰ سان فريب ڪن ٿا ۽ اهو اُنهن کي فريب جي سزا ڏئي ٿو، ۽ جڏهن نماز لاءِ

اِلَى الصَّلٰوةِ قَامُوْا كُسَالٰى ۙ يُرَاۗءُوْنَ النَّاسَ وَلَا يَذْكُرُوْنَ اللّٰهَ

بيهن ٿا تہ سُست ٿي بيهن ٿا، ماڻهن کي ڏيکارن ٿا ۽ الله تعالىٰ کي ياد نه ٿا ڪن

اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۴۲﴾ مُّذَبْذَبِيْنَ بَيْنَ ذٰلِكَ ۡ لَآ اِلٰى هٰٓؤُلَاۗءِ وَلَآ

مگر ٿورو پريشان آهن، (ايمان ۽ ڪفر جي) وچ ۾ نه هيڏانهن نه ڇا ۽ نه

اِلٰى هٰٓؤُلَاۗءِ ۭ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ سَبِيْلًا ﴿۱۴۳﴾ يٰٓاَيُّهَا

هوڏانهن ڇا ۽ جنهن کي الله تعالىٰ گمراهه ڪري تو پوءِ هرگز نه لهندين تون انهن لاءِ ڪنهن رستي کي. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوا الْكٰفِرِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِ

مومنو! توهان (ڪڏهن به) ڪافرن کي دوست نه بنايو سواءِ مومنن

الْمُؤْمِنِيْنَ ۭ اَتُرِيْدُوْنَ اَنْ تَجْعَلُوْا لِلّٰهِ عَلَيْكُمْ سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿۱۴۴﴾

جي، ڇا توهان اراده ڪريو ٿا جو پنهنجي مٿان (ڪافرن سان دوستي ڪري) الله لاءِ ڇنوڙ دليل پيدا ڪريو.

لہ تفسیر جلالین وتفسیر صفی۔ ۲ تفسیر صفی وتفسیر جلالین۔ ۳ تفسیر روح البیان۔ ۴ تفسیر جلالین۔

إِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِي الدَّرْكِ الْأَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ

بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺين درجي ۾ آهن ۽ اي پڌندڙ هرگز نه لهندين تون

نَصِيْرًا ﴿۱۴۵﴾ إِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَأَصْلَحُوْا وَاعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَ

انهن لاءِ مددگار کي. مگر اهي ماڻهو جيڪي توبه تائب ٿيا ۽ نيڪ ڪم[1] ڪيائون الله تعالىٰ جي دين کي پڪو ڪيائون ۽

أَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَأُولٰٓئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۖ وَسَوْفَ يُؤْتِ

پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪيائون پوءِ اهي مؤمنن سان گڏ آهن ۽ جلدي الله تعالىٰ

اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ أَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۱۴۶﴾ مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ

مؤمنن کي اجر عظيم عطا فرمائيندو . الله تعالىٰ توهان کي عذاب ڏيئي ڇا ڪندو

إِنْ شَكَرْتُمْ وَآمَنْتُمْ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۷﴾

جيڪڏهن توهان الله تعالىٰ جي نعمتن جو شڪرانو ڪيو ۽ ايمان آندو ۽ الله شڪرانو قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي.

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ إِلَّا مَنْ ظُلِمَ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ

الله تعالىٰ پسند نٿو فرمائي خراب ڳالهه جي ظاهر ڪرڻ کي مگر جنهن ماڻهو سان ظلم ڪيو ويو ۽ الله تعالىٰ

سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۸﴾ إِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا أَوْ تُخْفُوْهُ أَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ

ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهي ظاهر ۾ يا ڳجهه ۾ ڪريو يا ڪنهن جي برائي درگذر

فَإِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿۱۴۹﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ

ڪريو تا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ معاف ڪندڙ قادر آهي . بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي الله تعالىٰ ۽ ان جي رسولن کي

رُسُلِهٖ وَيُرِيْدُوْنَ أَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ

نه تاميجين ۽ ارادو ڪن ٿا الله تعالىٰ تي ايمان آڻين ۽ پاڻ رسولن جو انڪار ڪن[2] ۽ چون ٿا ايمان

نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّنَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّيُرِيْدُوْنَ أَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ

آندو اسان ڪن رسولن تي ۽ انڪار ڪيو اسان ڪن رسولن جو ۽ ارادو ڪن ٿا ايمان ۽ ڪفر جي وچ ۾ ڪا

الجزء ۶

[1] تفسير جلالين وتفسير جامع البيان. [2] تفسير روح البيان.
[1] تفسير مظهري وتفسير روح البيان وتفسير ڪبير. منزل [2] تفسير ۱۰ وح البيان. [2] تفسير جلالين وبيضاوي وتفسير مظهري.

إِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ فِي الدَّرْكِ الْأَسْفَلِ مِنَ النَّارِ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ

بيشڪ منافق دوزخ جي سڀ کان هيٺين درجي ۾ آهن ۽ اي پڌندڙ هرگز نه لهندين تون

نَصِيْرًا ﴿۱۴۵﴾ إِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا وَأَصْلَحُوْا وَاعْتَصَمُوْا بِاللّٰهِ وَ

انهن لاءِ مددگار کي. مگر اهي ماڻهو جيڪي توبه تائب ٿيا ۽ نيڪ ڪم[1] ڪيائون الله تعالىٰ جي دين کي پڪو ڪيائون ۽

أَخْلَصُوْا دِيْنَهُمْ لِلّٰهِ فَأُولٰٓئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۖ وَسَوْفَ يُؤْتِ

پنهنجي دين کي الله لاءِ خالص ڪيائون پوءِ اهي مؤمنن سان گڏ آهن ۽ جلدي الله تعالىٰ

اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ أَجْرًا عَظِيْمًا ﴿۱۴۶﴾ مَا يَفْعَلُ اللّٰهُ بِعَذَابِكُمْ

مؤمنن کي اجر عظيم عطا فرمائيندو . الله تعالىٰ توهان کي عذاب ڏيئي ڇا ڪندو

إِنْ شَكَرْتُمْ وَآمَنْتُمْ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ شَاكِرًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۷﴾

جيڪڏهن توهان الله تعالىٰ جي نعمتن جو شڪرانو ڪيو ۽ ايمان آندو ۽ الله شڪرانو قبول ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي.

لَا يُحِبُّ اللّٰهُ الْجَهْرَ بِالسُّوْٓءِ مِنَ الْقَوْلِ إِلَّا مَنْ ظُلِمَ ۚ وَكَانَ اللّٰهُ

الله تعالىٰ پسند نٿو فرمائي خراب ڳالهه جي ظاهر ڪرڻ کي مگر جنهن ماڻهو سان ظلم ڪيو ويو ۽ الله تعالىٰ

سَمِيْعًا عَلِيْمًا ﴿۱۴۸﴾ إِنْ تُبْدُوْا خَيْرًا أَوْ تُخْفُوْهُ أَوْ تَعْفُوْا عَنْ سُوْٓءٍ

ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. جيڪڏهن توهان ڪنهي ظاهر ۾ يا ڳجهه ۾ ڪريو يا ڪنهن جي برائي درگذر

فَإِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَفُوًّا قَدِيْرًا ﴿۱۴۹﴾ إِنَّ الَّذِيْنَ يَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَ

ڪريو تا پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ معاف ڪندڙ قادر آهي . بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي الله تعالىٰ ۽ ان جي رسولن کي

رُسُلِهٖ وَيُرِيْدُوْنَ أَنْ يُّفَرِّقُوْا بَيْنَ اللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَيَقُوْلُوْنَ

نه تاميجين ۽ ارادو ڪن ٿا الله تعالىٰ تي ايمان آڻين ۽ پاڻ رسولن جو انڪار ڪن[2] ۽ چون ٿا ايمان

نُؤْمِنُ بِبَعْضٍ وَّنَكْفُرُ بِبَعْضٍ ۙ وَّيُرِيْدُوْنَ أَنْ يَّتَّخِذُوْا بَيْنَ

آندو اسان ڪن رسولن تي ۽ انڪار ڪيو اسان ڪن رسولن جو ۽ ارادو ڪن ٿا ايمان ۽ ڪفر جي وچ ۾ ڪا

الجزء ۶

[1] تفسير جلالين وتفسير جامع البيان. [2] تفسير روح البيان.
[1] تفسير مظهري وتفسير روح البيان وتفسير ڪبير. منزل [2] تفسير ۱۰ وح البيان. [2] تفسير جلالين وبيضاوي وتفسير مظهري.

ذٰلِكَ سَبِيْلًا ﴿١٥١﴾ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكٰفِرُوْنَ حَقًّا ۚ وَاَعْتَدْنَا

وات ڪيڻ . اهي ئي پڪا ڪافر آهن ۽ اسان تيار ڪيو آهي

لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿١٥٢﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ وَ

ڪافرن لاءِ خواريءَ واري عذاب ڪي . ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو الله تعالىٰ ۽ سندس رسولن

لَمْ يُفَرِّقُوْا بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْهُمْ اُولٰٓئِكَ سَوْفَ يُؤْتِيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ ؕ

تي ۽ انهن مان ڪنهن تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نه ڪيائون انهن ماڻهن کي الله تعالىٰ جلدي سندن ثواب ڏيندو

وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿١٥٣﴾ يَسْـَٔلُكَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَنْ تُنَزِّلَ ع ٢٠

۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي . اي حبيب توهان کان يهودي سوال ڪن ٿا ته انهن تي

عَلَيْهِمْ كِتٰبًا مِّنَ السَّمَآءِ ۚ فَقَدْ سَاَلُوْا مُوْسٰٓى اَكْبَرَ مِنْ ذٰلِكَ

آسمان مان هڪ دفعي سان ڪتاب نازل ٿئي ، پوءِ بيشڪ (انهن) موسىٰ کان انهيءَ کان به وڏو سوال

فَقَالُوْٓا اَرِنَا اللّٰهَ جَهْرَةً فَاَخَذَتْهُمُ الصّٰعِقَةُ بِظُلْمِهِمْ ۚ ثُمَّ

ڪيو جو چيائون ته اسان کي الله تعالىٰ ظاهر ظهور ڏيکاريو ، پوءِ انهن کي بجلي هلاڪ ڪيو سندن ظلم جي ڪري

اتَّخَذُوا الْعِجْلَ مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنٰتُ فَعَفَوْنَا عَنْ

پوءِ گابي جي عبادت ڪيائون معجزن اچڻ کان پوءِ به . پوءِ اسان (اها گالهه) معاف

ذٰلِكَ ۚ وَاٰتَيْنَا مُوْسٰى سُلْطٰنًا مُّبِيْنًا ﴿١٥٤﴾ وَرَفَعْنَا فَوْقَهُمُ

فرمائي ۽ اسان (حضرت) موسىٰ کي روشن غلبو عطا فرمايو . ۽ يهودين جي مٿان اسان (اچلائي ڏنو)

الطُّوْرَ بِمِيْثَاقِهِمْ وَقُلْنَا لَهُمُ ادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا وَّقُلْنَا

طور سينا ٻلند ڪيو پڪي وعدي وٺڻ لاءِ ۽ اسان انهن کي فرمايو ته توهان (ايليا شهر جي) دروازي ۾ سجدو ڪري داخل ٿيو

لَهُمْ لَا تَعْدُوْا فِى السَّبْتِ وَاَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ﴿١٥٥﴾

۽ اسان يهودين کي فرمايو ته هفتي جي ڏينهن جو شڪار نه ڪريو ۽ اسان يهودين کان پڪو وعدو ورتو

١ تفسير بيضاوي . ٢ تفسير جلالين . (منزل ١) ٣ تفسير مظهري . ٤ تفسير مظهري .

فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيثَاقَهُمْ وَكُفْرِهِمْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَقَتْلِهِمُ الْاَنْۢبِيَآءَ

پوءِ وعدي خلافي سببان (اسان انهن[1] تي لعنت ڪئي) ۽ انهن الله جي آيتن جو انڪار ڪيو ۽ نبين کي

بِغَيْرِ حَقٍّ وَّقَوْلِهِمْ قُلُوْبُنَا غُلْفٌ ؕ بَلْ طَبَعَ اللّٰهُ عَلَيْهَا بِكُفْرِهِمْ

ناحق شهيد ڪيو ۽ انهن جو چوڻ ته اسانجي دلين تي پردا آهن بلڪ سندن ڪفر سببان[2] الله انهن

فَلَا يُؤْمِنُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٥٥﴾ وَّبِكُفْرِهِمْ وَقَوْلِهِمْ عَلٰى مَرْيَمَ بُهْتَانًا

جي دلين تي مُهر هنئي پوءِ ايمان نه ٿا آڻن مگر ٿورڙا ۽ عيسيٰ جي انڪار ڪرڻ سببان[3] ۽ مريم تي وڏي

عَظِيْمًا ﴿١٥٦﴾ وَّقَوْلِهِمْ اِنَّا قَتَلْنَا الْمَسِيْحَ عِيْسَى ابْنَ مَرْيَمَ رَسُوْلَ اللّٰهِ ۚ

الزام هڻڻ سببان. ۽ انهن جو چوڻ ته بيشڪ اسان مسيح عيسيٰ پٽ مريم الله جي رسول کي قتل ڪيو آهي.

وَمَا قَتَلُوْهُ وَمَا صَلَبُوْهُ وَلٰكِنْ شُبِّهَ لَهُمْ ؕ وَاِنَّ الَّذِيْنَ اخْتَلَفُوْا

۽ انهن عيسيٰ کي قتل نه ڪيو ۽ نه قاسي ڏني ۽ پر عيسيٰ جهڙي[4] هڪ شڪل کي قتل ڪيو ۽ بيشڪ جن

فِيْهِ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ ؕ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ اِلَّا اتِّبَاعَ الظَّنِّ ۚ وَ

ماڻهن اختلاف ڪيو عيسيٰ متعلق اهي ضرور شڪ ۾ آهن. انهن کي عيسيٰ جي قتل[5] جو علم ناهي مگر گمان کان ٿا ۽

مَا قَتَلُوْهُ يَقِيْنًا ﴿١٥٧﴾ بَلْ رَّفَعَهُ اللّٰهُ اِلَيْهِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا

انهن عيسيٰ کي يقيناً قتل نه ڪيو. بلڪ الله تعالىٰ عيسيٰ کي پاڻ ڏانهن کڻايو ۽ الله غالب حڪمت

حَكِيْمًا ﴿١٥٨﴾ وَاِنْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اِلَّا لَيُؤْمِنَنَّ بِهٖ قَبْلَ مَوْتِهٖ ۚ

وارو آهي. ۽ سڀئي يهودي ۽ نصاريٰ رسول عربي تي سڪرات وقت ضرور ايمان آڻيندا (مگر هو ايمان قبول نه ڪيو ويندو)

وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكُوْنُ عَلَيْهِمْ شَهِيْدًا ﴿١٥٩﴾ فَبِظُلْمٍ مِّنَ الَّذِيْنَ هَادُوْا

۽ رسول عربي قيامت جي ڏينهن انهن تي شاهد هوندو. پوءِ يهودين جي ظلم ڪرڻ سببان

حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ طَيِّبٰتٍ اُحِلَّتْ لَهُمْ وَبِصَدِّهِمْ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

اسان انهن تي پاڪ شيون حرام ڪيون جيڪي انهن لاءِ حلال هيون ۽ انهي ڪري جو هو الله جي واٽ کان روڪيندا هئا

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير مظهري. [3] تفسير روح المعاني وتفسير نسفي.
[4] تفسير جلالين. [5] تفسير نسفي.

كَثِيرًا ﴿١٦٠﴾ وَّاَخْذِهِمُ الرِّبٰوا وَقَدْ نُهُوْا عَنْهُ وَاَكْلِهِمْ اَمْوَالَ النَّاسِ

گھڻي ڪ مخلوق کي ۽ اهي وياج کائيندڙ هئا ، حالانڪ تحقيق کين انهيءَ کان روڪيو ويو ۽ اهي ماڻهن جو مال ناحق

بِالْبَاطِلِ ؕ وَاَعْتَدْنَا لِلْكٰفِرِيْنَ مِنْهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿١٦١﴾ لٰكِنِ

کائيندا هئا ۽ انهن مان ڪافرن لاءِ اسان دردناڪ عذاب تيار ڪيو آهي . پر انهن مان

الرّٰسِخُوْنَ فِي الْعِلْمِ مِنْهُمْ وَالْمُؤْمِنُوْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ

علم جا پڪا ۽ مؤمن ايمان آڻن ٿا قرآن ڪريم تي ۽ جيڪي

اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ وَالْمُقِيْمِيْنَ الصَّلٰوةَ وَالْمُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ

ڪتاب اڳ ۾ نازل ڪيا ويا ۽ نماز پڙهندڙ ۽ زڪوات ڏيندڙ ۽

الْمُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ اُولٰٓئِكَ سَنُؤْتِيْهِمْ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿١٦٢﴾ ع ٢٠ ٢

ايمان آڻيندڙ الله تعالىٰ تي ۽ قيامت تي . اسان انهن ماڻهن کي جلدي اجر عظيم ڏينداسين .

اِنَّآ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ كَمَآ اَوْحَيْنَآ اِلٰى نُوْحٍ وَّالنَّبِيّٖنَ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۚ وَ

اي حبيب بيشڪ اسان توهان ڏانهن وحي موڪلي جيئن وحي موڪلي نوح ۽ ان کان پوءِ رسولن ڏانهن

اَوْحَيْنَآ اِلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ وَالْاَسْبَاطِ

۽ وحي موڪلي اسان ابراهيم ۽ اسمٰعيل ۽ اسحاق ۽ يعقوب ۽ سندس[٢] اولاد ڏانهن

وَعِيْسٰى وَاَيُّوْبَ وَيُوْنُسَ وَهٰرُوْنَ وَسُلَيْمٰنَ ۚ وَاٰتَيْنَا

۽ (وحي موڪلي سين) عيسىٰ ۽ ايوب ۽ يونس ۽ هارون ۽ سليمان ڏانهن ۽ اسان

دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿١٦٣﴾ ع وَرُسُلًا قَدْ قَصَصْنٰهُمْ عَلَيْكَ مِنْ قَبْلُ وَ

داؤد کي زبور عطا ڪيو . ۽ (موڪليل) رسولن ڏانهن بيشڪ ڪن پيغمبرن جا احوال توهان کي اڳ ڪان (اڳ قصا بيان) ڪيا ۽

رُسُلًا لَّمْ نَقْصُصْهُمْ عَلَيْكَ ؕ وَكَلَّمَ اللّٰهُ مُوْسٰى تَكْلِيْمًا ﴿١٦٤﴾ غ رُسُلًا

ڪن پيغمبرن جا احوال توهان کي اڳ بيان نه ڪيا ۽ الله تعالىٰ (حقيقت[٣] بغير واسطي جي) موسىٰ سان ڪلام فرمايو . اسان

لہ تفسير نسفي . ٢ تفسير جمع البيان وتفسير (منزل ١) جلالين . ٣ جلالين . ٤ تفسير روح البيان
٥ تفسير جلالين

مُّبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ لِئَلَّا يَكُوْنَ لِلنَّاسِ عَلَى اللّٰهِ حُجَّةٌۢ
رسولن کي مبارڪ ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو انهي ۽ لاءِ ته ماڻهن جي الله تي ڪا حجت نه رهي
بَعْدَ الرُّسُلِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَزِيْزًا حَكِيْمًا ﴿١٦٥﴾ لٰكِنِ اللّٰهُ يَشْهَدُ
رسولن موڪلڻ کان پوءِ ۽ الله تعالىٰ غالب حڪمت وارو آهي. پر الله تعالىٰ قرآن ڪريم
بِمَآ اَنْزَلَ اِلَيْكَ اَنْزَلَهٗ بِعِلْمِهٖ ۚ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَشْهَدُوْنَ ؕ وَ
جي شاهدي ڏئي ٿو ته قرآن ڪريم کي پنهنجي خاص علم سان نازل فرمايو آهي ۽ ملائڪ نبوت جي شاهدي ڏين ٿا ۽
كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ﴿١٦٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَصَدُّوْا عَنْ
الله تعالىٰ جي شاهدي ڪافي آهي. بيشڪ جن ماڻهن رسول عربي کي نه مڃيو ۽ دين اسلام کان (پاڻ کي)
سَبِيْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿١٦٧﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
روڪيو تحقيق اهي سخت گمراهه ٿيا. بيشڪ جن ماڻهن الله تعالىٰ
وَظَلَمُوْا لَمْ يَكُنِ اللّٰهُ لِيَغْفِرَ لَهُمْ وَلَا لِيَهْدِيَهُمْ طَرِيْقًا ﴿١٦٨﴾
جو انڪار ڪيو ۽ رسول عربي جي تعريف لڪائي، الله تعالىٰ انهن کي بخشڻ نه ڪندو ۽ نه ئي صحيح رستو ڏيکاريندو
اِلَّا طَرِيْقَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ
مگر رستو جهنم جو هميشه هميشه جهنم ۾ رهندا ۽ ائين ڪرڻ الله تعالىٰ لاءِ
يَسِيْرًا ﴿١٦٩﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ مِنْ
آسان آهي. اي انسانو! تحقيق توهان وٽ رسول عربي تشريف فرما ٿيا قرآن ڪريم سان گڏ
رَّبِّكُمْ فَاٰمِنُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ وَاِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ لِلّٰهِ مَا فِى
جيڪو توهان جي رب جي طرفان آهي، پوءِ توهان ايمان آڻيو ته توهان لاءِ بهتر ٿيندو ۽ جيڪڏهن توهان انڪار ڪيو پوءِ
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿١٧٠﴾
بيشڪ الله لاءِ آهي جيڪي ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، ۽ الله تعالىٰ ڪهڙو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

١ تفسير روح البيان. ٢ تفسير روح البيان. (مخزل) ٣ تفسير لسفي و تفسير روح البيان.
٤ تفسير لسفي. ٥ تفسير روح البيان و تفسير جلالين. ٦ تفسير جامع البيان و تفسير جلالين و
تفسير لسفي و تفسير روح المعاني و تفسير مظهري. ٧ تفسير روح البيان.

يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ لَا تَغْلُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ وَلَا تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ اِلَّا

اي عيسائي مذهب وارا توهان پنهنجي دين ۾[1] حد کان نه وڌو ۽ الله تعالىٰ لاءِ اها ڳالهه ڪريو جيڪا

الْحَقَّ ؕ اِنَّمَا الْمَسِيْحُ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَكَلِمَتُهٗ ۚ

حق آهي. مسيح يعني عيسىٰ پٽ مريم جو الله جو رسول ۽ الله جي حڪم[2] جو نتيجو آهي .

اَلْقٰىهَآ اِلٰى مَرْيَمَ وَرُوْحٌ مِّنْهُ ز فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ قف وَلَا

جيڪو الله تعالىٰ بي بي مريم ڏانهن پهچايو ۽ الله جي[3] رحمت آهي پوءِ توهان الله ۽ الله جي رسولن تي ايمان آڻيو ۽

تَقُوْلُوْا ثَلٰثَةٌ ؕ اِنْتَهُوْا خَيْرًا لَّكُمْ ؕ اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ؕ

توهان نه چئو ته تي خدا آهن ، توهان باز ڪي ان ڳالهه کان روڪيو ته توهان لاءِ بهتر آهي ، فقط هڪ الله عبادت جي

سُبْحٰنَهٗٓ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗ وَلَدٌ ۘ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي

لائق آهي ، ان[4] اولاد کان پاڪ آهي ، سندس[5] ملڪيت آهي جيڪي ڪجهه آسمانن ۽

الْاَرْضِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿١٧١﴾ لَنْ يَّسْتَنْكِفَ الْمَسِيْحُ اَنْ

زمينن ۾ آهي . ۽ الله (سڀني[6] جهان جي) سنڀالڻ لاءِ ڪافي آهي . هرگز نه ٿو عيب سمجهي عيسىٰ جو

يَّكُوْنَ عَبْدًا لِّلّٰهِ وَلَا الْمَلٰٓئِكَةُ الْمُقَرَّبُوْنَ ؕ وَمَنْ يَّسْتَنْكِفْ

اُهو الله جو بانهو هجي ۽ ملائڪ مقرب به الله تعالىٰ جي بانهن ٿين ۽ هرگز نه ٿا سمجهن ۽ جيڪو ماڻهو

عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيَسْتَكْبِرْ فَسَيَحْشُرُهُمْ اِلَيْهِ جَمِيْعًا ﴿١٧٢﴾ فَاَمَّا

الله جي عبادت کي عيب سمجهي ۽ وڏائي ڪري ٿو[7] ۽ جلدي انهن سڀني کي (قيامت) ڏڪيو ويندو

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَيُوَفِّيْهِمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدُهُمْ

پر جيڪي انهن مان جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا . پوءِ انهن کي سندن ثواب ٿو ۽ ثواب ملندو ۽ الله تعالىٰ

مِّنْ فَضْلِهٖ ۚ وَاَمَّا الَّذِيْنَ اسْتَنْكَفُوْا وَاسْتَكْبَرُوْا

پنهنجي فضل سان انهن لاءِ ثواب زياده فرمائيندو . ۽ پر جن مان الله جي عبادت کان انڪار ڪيو ۽ وڏائي ڪئي

وقف لازم ع ٢٢

[1] تفسير مظهري وتفسير جلالين. [2] تفسير (منزل ١) مظهري وتفسير روح البيان. [3] تفسير مظهري.
[4] تفسير روح البيان. [5] تفسير مظهري. [6] تفسير روح البيان. [7] تفسير روح البيان. [8] تفسير جلالين.

فَيُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ وَّلَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ

پوءِ الله تعالىٰ انهن کي دردناک عذاب ڪندو آهي الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو به

اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٧٣﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمْ بُرْهَانٌ

مددگار ۽ حمايتي نه لهندا. اي انسانو بيشڪ توهان ڏي توهان جي رب طرفان

مِّنْ رَّبِّكُمْ وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ﴿١٧٤﴾ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

رسول عربي تشريف فرمائيا. ۽ اسان توهان ڏانهن قرآن ڪريم موڪليو پر پوءِ جن ماڻهن

اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَاعْتَصَمُوْا بِهٖ فَسَيُدْخِلُهُمْ فِيْ رَحْمَةٍ

الله تي ايمان آندو ۽ الله جي دين کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو پوءِ الله تعالىٰ جلدي انهن کي

مِّنْهُ وَفَضْلٍ ۙ وَّيَهْدِيْهِمْ اِلَيْهِ صِرَاطًا مُّسْتَقِيْمًا ﴿١٧٥﴾

پنهنجي رحمت ۽ فضل ۾ داخل ڪندو ۽ انهن کي پاڻ ڏانهن سنئين رستي تي هلائيندو.

يَسْتَفْتُوْنَكَ ۭ قُلِ اللّٰهُ يُفْتِيْكُمْ فِي الْكَلٰلَةِ ۭ اِنِ امْرُؤٌا

اي حبيب توهان کان فتويٰ ايجن ٿا، توهان فرمايو الله تعالىٰ ڪلاله متعلق فرمائي ٿو جيڪڏهن ماڻهو

هَلَكَ لَيْسَ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَهٗٓ اُخْتٌ فَلَهَا نِصْفُ مَا تَرَكَ ۚ وَهُوَ

فوت ٿي ويو ۽ ان کي اولاد نه آهي ۽ ان کي ڀيڻ آهي پوءِ ڀيڻ لاءِ اڌ ملڪيت آهي جيڪا فوتي چڏي ۽

يَرِثُهَآ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّهَا وَلَدٌ ۭ فَاِنْ كَانَتَا اثْنَتَيْنِ فَلَهُمَا الثُّلُثٰنِ

مرد ڀيڻ جو وارث ٿيندو جيڪڏهن ڀيڻ کي اولاد نه آهي، پوءِ جيڪڏهن به ڀيڻيون هجن ملڪيت ۾ انهن

مِمَّا تَرَكَ ۭ وَاِنْ كَانُوْٓا اِخْوَةً رِّجَالًا وَّنِسَاۗءً فَلِلذَّكَرِ مِثْلُ حَظِّ

جا ٽن حصن مان ٻه حصا آهن جيڪا ملڪيت چڏي ويو ۽ جيڪڏهن ڀاءُ ڀيڻ (وارث) هجن مرد ۽ عورتون (وارث) هجن پوءِ

الْاُنْثَيَيْنِ ۭ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَكُمْ اَنْ تَضِلُّوْا ۭ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٧٦﴾

مرد جو حصو ٻن عورتن جي برابر آهي، الله بيان فرمائي ٿو تہ متان توهان گمراهه ٿيو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي

ع ٢٤

١ تفسير روح البيان. ٢ تفسير جامع البيان وتفسير (منزل ١) جلالين وتفسير مظهري وتفسير بيضاوي و تفسير نسفي. ٣ ڪلاله: معنيٰ جنهن ماڻهو کي نه ڀاءُ ۽ اولاد نه هجي. المفردات في غريب القرآن عربي

(اياتها ١٢٠) (٥) سُوْرَةُ الْمَآئِدَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٢) (ركوعاتها ١٦)

سورة مائده مدينه طيبه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ١٦ رکوع ۽ ١٢٠ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيکو نهايت مهربان ۽ جهار و (آهي).

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَوْفُوْا بِالْعُقُوْدِ ؕ اُحِلَّتْ لَكُمْ بَهِيْمَةُ

اي مؤمنو توهان پنهنجن وعدن کي پورو ڪريو، توهان لاءِ چوپايا جانور

الْاَنْعَامِ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ غَيْرَ مُحِلِّي الصَّيْدِ وَاَنْتُمْ حُرُمٌ ؕ اِنَّ

حلال ڪيا ويا مگر اهي جانور جيڪي توهان ڏي قرآن ۾ بيان ڪيا ويا ۽ احرام جي حالت ۾ شڪار حلال نه

اللّٰهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ ۝١ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآئِرَ اللّٰهِ

سمجهو بيشڪ الله تعالىٰ جيڪو چاهي حڪم ڪري ٿو. اي مؤمنو توهان حج جي احڪامن جي بي رکاوٽ نه ڪجهو

وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَلَا الْهَدْيَ وَلَا الْقَلَآئِدَ وَلَآ آٰمِّيْنَ الْبَيْتَ

۽ حج جي مهينن ۾ جنگ کي حلال نه سمجهو ۽ قرباني جي جانورن کي نه روڪيو (خصوصاً) نشان ڪيل قرباني جا جانور

الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَرِضْوَانًا ؕ وَاِذَا حَلَلْتُمْ فَاصْطَادُوْا ؕ

حاجين کي روڪيو جيڪي بيت الله جي حاضري ۾ الاءِ اچن ٿا الهي الله جي فضل ۽ رضامندي جا طلبگار آهن ۽ جڏهن احرام لاهيو ته پوءِ

وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَاٰنُ قَوْمٍ اَنْ صَدُّوْكُمْ عَنِ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اَنْ

شڪار ڪريو ۽ توهان کي قوم جي دشمني ڪنهن ڏي نه اڀاري جو توهان انهن کي بيت الله (جي زيارت) کان روڪي حد

تَعْتَدُوْا ۘ وَتَعَاوَنُوْا عَلَى الْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۖ وَلَا تَعَاوَنُوْا عَلَى

کان وڌو، ۽ نيڪي ۽ پرهيزگاري تي هڪ ٻئي سان تعاون ڪريو، ۽ گناهه ۽ زيادتي تي

الْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ ۖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٢

هڪ ٻئي سان تعاون نه ڪريو ۽ الله تعالىٰ جو خوف ڪريو بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي.

١ تفسير ڪبير. ٢ تفسير روح البيان. ٣ تفسير مظهري. (منزل ٢) ٤ تفسير مظهري وتفسير في ظلال ۽ تفسير روح البيان. ٥ تفسير روح البيان.

حُرِّمَتْ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةُ وَالدَّمُ وَلَحْمُ الْخِنْزِيرِ وَمَآ أُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ

توهان جي مٽان حرام ڪيو ويو مُردار (جانور) ۽ سُئر[1] وارو رت ۽ سُئر جو گوشت ۽ جنهن جانور جي ڪُهڻ وقت

بِهٖ وَالْمُنْخَنِقَةُ وَالْمَوْقُوذَةُ وَالْمُتَرَدِّيَةُ وَالنَّطِيحَةُ وَمَآ أَكَلَ

غير الله جو نالو ورتو ويو ۽ گهوٽ ڏنل جانور ۽ مُڌي اوزار سان مئل جانور ۽ ڪري مئل جانور ۽ سنگ سان مُل جانور ۽ جنهن جانور کي

السَّبُعُ إِلَّا مَا ذَكَّيْتُمْ ۖ وَمَا ذُبِحَ عَلَى النُّصُبِ وَأَنْ تَسْتَقْسِمُوا

ڦاڙي ڇڏيندڙ جانور کاڌو، مگر جيڪي ڪجهه توهان انهن جانورن کي حلال ڪري ورتو ۽ جيڪو جانور رُت جڙيل ڪيو ويو حرام آهي ۽ تيرن سان قسمت[2]

بِالْأَزْلَامِ ۚ ذٰلِكُمْ فِسْقٌ ۗ اَلْيَوْمَ يَئِسَ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ دِينِكُمْ

آزمائي ڪرڻ حرام آهي اهي سڀ ڪم سرڪشي جا آهن، اڄ ڏينهن ڪافر توهان جي دين کان نااميد ٿي ويا

فَلَا تَخْشَوْهُمْ وَاخْشَوْنِ ۚ اَلْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ وَأَتْمَمْتُ

پوءِ توهان کافرن کان نه ڊڄو ۽ خالص الله کان ڊڄو، اڄ ڏينهن الله تعالى مدد[3] فرمائي توهان لاءِ توهان جي

عَلَيْكُمْ نِعْمَتِي وَرَضِيتُ لَكُمُ الْإِسْلَامَ دِينًا ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ فِي

دينيءَ احڪامن کي مڪمل ڪيو ۽ توهان تي الله پنهنجو نعمتون پورين ڪيون[4] ۽ توهان لاءِ دين اسلام پسند فرمايو ۽ پوءِ جيڪو

مَخْمَصَةٍ غَيْرَ مُتَجَانِفٍ لِّإِثْمٍ ۙ فَإِنَّ اللّٰهَ غَفُورٌ رَّحِيمٌ ۝٣ يَسْـَٔلُونَكَ

ماڻهو مجبوريءَ حرام ڪائي توبڪ جي صورت ۾ نه لاڙو ڪندڙ گناهه جي طرف، پوءِ بيشڪ الله غفور رحيم آهي اي حبيب ڪامل سوال

مَاذَآ أُحِلَّ لَهُمْ ۖ قُلْ أُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبَاتُ ۙ وَمَا عَلَّمْتُمْ مِّنَ الْجَوَارِحِ

ڪن تا ڪهڙو حلال ڪيو ويو انهن لاءِ حلال ڪيو ويو، توهان فرمايو پاڪ شيون توهان لاءِ حلال ڪيون ويون ۽ جن جانورن کي توهان تابعدار سڪاريوتا انهن جو

مُكَلِّبِينَ تُعَلِّمُونَهُنَّ مِمَّا عَلَّمَكُمُ اللّٰهُ ۖ فَكُلُوا مِمَّآ أَمْسَكْنَ عَلَيْكُمْ

ڪيل شڪار حلال آهي، توهان انهن کي سڪاريوتا جيئن توهان کي الله سڪاريو آهي، پوءِ توهان کائو جيڪو انهن جانورن پڪڙيو

وَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهِ ۖ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۚ إِنَّ اللّٰهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ۝٤

۽ الله جو نالو انهي تي وٺو ۽ الله کان خوف ڪريو، بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي.

---

[1] تفسير بيضاوي وتفسير جلالين وتفسير روح البيان. (منزل ٢) [2] تفسير ڪبير وتفسير بيضاوي وتفسير روح البيان.
[3] تفسير روح البيان [4] تفسير روح البيان [5] تفسير بيضاوي [6] تفسير بيضاوي [7] تفسير جلالين.

اَلْيَوْمَ اُحِلَّ لَكُمُ الطَّيِّبٰتُ ؕ وَطَعَامُ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ حِلٌّ لَّكُمْ ۖ

اڄ ڏينهن توهان لاءِ پاڪ لذيذ شيون حلال ڪيون ويون ۽ اهل ڪتاب جي ذبيحي (بسم الله الله اڪبر ساڻ ڪن تہ) توهان لاءِ

وَطَعَامُكُمْ حِلٌّ لَّهُمْ ۫ وَالْمُحْصَنٰتُ مِنَ الْمُؤْمِنٰتِ وَالْمُحْصَنٰتُ

حلال آهي ۽ توهان جا طعام انهن لاءِ حلال آهن، ۽ پاڪ دامن عورتون مؤمنن مان يا

مِنَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ

اهل ڪتاب مان توهان مسلمانن لاءِ حلال آهن، جڏهن توهان انهن جا مهر ادا

مُحْصِنِيْنَ غَيْرَ مُسٰفِحِيْنَ وَلَا مُتَّخِذِيْٓ اَخْدَانٍ ؕ وَمَنْ يَّكْفُرْ

ڪريو نيڪوڪار هجن نہ بدڪار ۽ نہ پوشيدہ دوستي رکندڙ، ۽ جيڪو ماڻهو شريعت

بِالْاِيْمَانِ فَقَدْ حَبِطَ عَمَلُهٗ ۖ وَهُوَ فِى الْاٰخِرَةِ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝٥

اسلامي جو انڪار ڪري تہ پوءِ ان جا سڀ عمل ڇٽي ويا ۽ آخرت ۾ اهو نقصان وارن مان آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا

اي مؤمنو! جڏهن توهان نماز پڙهڻ جو ارادو ڪريو پوءِ توهان پنهنجن

وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ

منهن کي ڌوءُ ۽ پنهنجن هٿن کي ٽوڙن سميت ڌوءُ ۽ پنهنجن مٿن جي مسح ڪريو

وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ؕ وَاِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا ؕ

۽ پنهنجن پيرن کي ٽڪين سميت ڌوءُ ۽ جيڪڏهن توهان غسل جي حالت ۾ آهيو پوءِ سموري

وَاِنْ كُنْتُمْ مَّرْضٰٓى اَوْ عَلٰى سَفَرٍ اَوْ جَآءَ اَحَدٌ مِّنْكُمْ

بدن کي پاڪ ڪريو ۽ جيڪڏهن توهان مريض آهيو يا توهان مسافر آهيو يا توهان مان

مِّنَ الْغَآئِطِ اَوْ لٰمَسْتُمُ النِّسَآءَ فَلَمْ تَجِدُوْا مَآءً فَتَيَمَّمُوْا

ڪو قضا حاجت ڪري آيو هجي يا توهان گهرواريون سان همبستري ڪئي هجي پوءِ توهان کي پاڻي نہ ملي پوءِ

١ تفسير روح البيان. ٢ تفسير روح البيان. (منزل ٢) ٣ تفسير مظهري. ٤ تفسير مظهري.
٥ تفسير جلالين.

صَعِيدًا طَيِّبًا فَامْسَحُوا بِوُجُوهِكُمْ وَأَيْدِيكُمْ مِّنْهُ ۚ

پاڪ مٽي سان تيمم ڪريو پوءِ پنهنجن مُنهنِ ۽ هٿن جي انهيءَ مٽي سان مَسح ڪريو،

مَا يُرِيدُ اللَّهُ لِيَجْعَلَ عَلَيْكُم مِّنْ حَرَجٍ وَلَٰكِن يُرِيدُ

الله تعالىٰ توهان جي لاءِ تنگي نه ٿو چاهي ۽ پر الله تعالىٰ چاهي ٿو

لِيُطَهِّرَكُمْ وَلِيُتِمَّ نِعْمَتَهُ عَلَيْكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٦﴾

ته توهان کي پاڪ ڪري ۽ توهان تي پنهنجن نعمتون پورين فرمائي تان جو توهان شڪر گذار ٿيو.

وَاذْكُرُوا نِعْمَةَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَمِيثَاقَهُ الَّذِي وَاثَقَكُم

۽ توهان پنهنجي مٿان الله جون نعمتون ياد ڪريو ۽ الله سان ڪيل پڪي وعدي کي به ياد ڪريو

بِهِ ۙ إِذْ قُلْتُمْ سَمِعْنَا وَأَطَعْنَا ۖ وَاتَّقُوا اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ

جيڪو توهان کان پڪي طرح ورتو ويو، جڏهن توهان چيو اسان حڪم ٻڌو ۽ اسان فرمانبرداري ڪئي، ان

بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿٧﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُونُوا قَوَّامِينَ

۽ الله کان ڊجو بيشڪ الله سيني جي اندر رازن کي ڄاڻندڙ آهي. اي مومنو! الله جي احڪامن تي

لِلَّهِ شُهَدَاءَ بِالْقِسْطِ ۖ وَلَا يَجْرِمَنَّكُمْ شَنَآنُ قَوْمٍ

پورا رهو انصاف سان شاهدي ڏيو ۽ توهان کي دشمن قوم جي دشمني نه اُڀاري

عَلَىٰ أَلَّا تَعْدِلُوا ۚ اعْدِلُوا هُوَ أَقْرَبُ لِلتَّقْوَىٰ ۖ وَاتَّقُوا

جو توهان انصاف نه ڪريو، توهان انصاف ڪريو انصاف ڪرڻ پرهيزگاريءَ کي ويجهو آهي، ۽

اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿٨﴾ وَعَدَ اللَّهُ الَّذِينَ

الله کان ڊجو، بيشڪ الله توهان جي عملن کان خبردار آهي. الله تعالىٰ نيڪ ڪارن

آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَهُم مَّغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ عَظِيمٌ ﴿٩﴾

مؤمنن سان بخشش ۽ اجر عظيم جو واعدو فرمايو آهي.

لہ تفسير مظهري. ٢ تفسير روح البيان. (منزل ٢)

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١٠﴾

ء جن مانھن کُفر کیو ء اسان جن آیتن کي نہ مجو اِهي جَهنمي آهن .

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ

اي مؤمنو ! الله جي نعمت کي ياد کريو (جيڪا توهان کي عطا ٿي)

اِذْ هَمَّ قَوْمٌ اَنْ يَّبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ فَكَفَّ

جڏهن هڪ قوم ارادو کيو ته توهان کي تباهه ڪن پو ء الله تعالىٰ توهان کان

اَيْدِيَهُمْ عَنْكُمْ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ

انهن جا هٿ روڪيا ، ء الله کان توهان ڊجو ء الله تي پو ء ايمان نہ مؤمن

الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١١﴾ وَلَقَدْ اَخَذَ اللّٰهُ مِيْثَاقَ بَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ ۚ وَ

توڪل ڪن . ء بيشڪ الله تعالىٰ بني اسرائيل کان وعدو ورتو ، ء

بَعَثْنَا مِنْهُمُ اثْنَيْ عَشَرَ نَقِيْبًا ۭ وَقَالَ اللّٰهُ اِنِّىْ مَعَكُمْ ۭ

اسان انهن مان ٻارهن اڳواڻ مقرر ڪيا ، ء الله تعالىٰ فرمايو بيشڪ آئون توهان سان آهيان ، جيڪڏهن توهان نماز پڙهي ء زڪوات اداڪئي ء منهنجن رسولن

لَئِنْ اَقَمْتُمُ الصَّلٰوةَ وَاٰتَيْتُمُ الزَّكٰوةَ وَاٰمَنْتُمْ

ء ايمان آندو ء اُنهن جي تعظيم ڪئي ء (جيڪڏهن) توهان الله جي راهه ۾ خرچ ڪريو تا

بِرُسُلِيْ وَعَزَّرْتُمُوْهُمْ وَاَقْرَضْتُمُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا

لَاُكَفِّرَنَّ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَلَاُدْخِلَنَّكُمْ جَنّٰتٍ

ته ضرور آئون توهان جا گناهه معاف ڪندس ء ضرور آئون توهان کي بهشت

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۚ فَمَنْ كَفَرَ بَعْدَ ذٰلِكَ مِنْكُمْ

۾ داخل ڪندس جنهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون پو ء جنهن مانهو ان بعد توهان مان ڪافر ٿيو

[1] تفسير روح البيان. [2] تفسير روح البيان. (منزل ٢) [3] تفسير روح البيان. [4] تفسير روح البيان.

فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١٢﴾ فَبِمَا نَقْضِهِمْ مِّيْثَاقَهُمْ

ڪيو، پوءِ بيشڪ اُهو سڌي رستي تان گمراهه ٿيو پوءِ وعدي خلافي سببان

لَعَنّٰهُمْ وَجَعَلْنَا قُلُوْبَهُمْ قٰسِيَةً ۚ يُحَرِّفُوْنَ الْكَلِمَ

اسان انهن کي پنهنجي رحمت کان پري ڪيوءِ اسان انهن جون دليون سخت ڪيون، رسول عربي جي

عَنْ مَّوَاضِعِهٖ ۙ وَنَسُوْا حَظًّا مِّمَّا ذُكِّرُوْا بِهٖ ۚ وَلَا تَزَالُ

تعريف توراة مان لکائن ٿا، ۽ گهڻو حصو نصيحت جو وساري ڇڏيو ۽ همیشه

تَطَّلِعُ عَلٰى خَآئِنَةٍ مِّنْهُمْ اِلَّا قَلِيْلًا مِّنْهُمْ فَاعْفُ

رسولِ عربي، انهن جي خيانتن تي واقف آهن، مگر ٿورا يهودين مان ايمان آڻن ٿا، پوءِ توهان

عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣﴾

انهن کي معاف ڪريو ۽ درگذر ڪريو، بيشڪ الله تعالىٰ نيڪوڪارن سان محبت رکي ٿو.

وَمِنَ الَّذِيْنَ قَالُوْٓا اِنَّا نَصٰرٰٓى اَخَذْنَا مِيْثَاقَهُمْ

تون انهن کي بخش ڪندين پوءِ بيشڪ تون ئي غالب[1] حڪمت وارو آهين . الله فرمائيندو وهيءُ ڏينهن آهي جو نفعو

الصّٰدِقِيْنَ صِدْقُهُمْ ۭ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

ٿو ڏئي مؤمنن کي سندن ايمان[2] آڻڻ[3] . انهن لاءِ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هميشه

فِيْهَآ اَبَدًا ۭ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿۱۱۹﴾

هميشه انهيءِ ۾ رهندا ، الله تعالىٰ انهن کان راضي هوندو ءِ اهي رب کان راضي هوندا ، اها وڏي ڪاميابي آهي

لِلّٰهِ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا فِيْهِنَّ ۭ وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۱۲۰﴾ ع ۱۶ ۱۵ ۲

الله لاءِ آهي مُلڪ آسمانن ءِ زمين جو ۽ جيڪي ڪجهه انهن ۾ آهي ءِ الله تعالىٰ هر شيءِ تي قادر آهي .

سُوْرَةُ الْاَنْعَامِ مَكِّيَّةٌ (۵۵) (۶) اٰيَاتُهَا ۱۶۵ رُكُوْعَاتُهَا ۲۰

سورة انعام مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي ، انهيءَ ۾ ۱۶۵ آيتون ۽ ۲۰ رڪوع آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ جهاري (آهي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَجَعَلَ الظُّلُمٰتِ

سڀئي تعريفون الله تعالىٰ لاءِ آهن جنهن آسمانن ءِ زمين کي پيدا فرمايو ۽ تخليق ڪيائين اونداهين

وَالنُّوْرَ ۭ ثُمَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱﴾ هُوَ الَّذِيْ

ءِ روشني کي ، انهي کان پوءِ جيڪي ماڻهو ڪفر ڪن ٿا سي پنهنجي رب سان ٻين کي شريڪ ڪن ٿا . اهو الله

خَلَقَكُمْ مِّنْ طِيْنٍ ثُمَّ قَضٰٓى اَجَلًا ۭ وَاَجَلٌ مُّسَمًّى عِنْدَهٗ ثُمَّ

جنهن توهان کي مٽيءَ مان پيدا فرمايو پوءِ هڪ مُدت کي (توهان لاءِ) مقرر ڪيائين ءِ الله وٽ وقت (توهان جي) مقرر

[1] تفسير جلالين و تفسير ابن عباس . [2] تفسير ابن عباس و تفسير (منزل ۲) مظهري . [3] تفسير ڪبير .

اَنْتُمْ تَمْتَرُوْنَ ﴿۲﴾ وَهُوَ اللّٰهُ فِی السَّمٰوٰتِ وَفِی الْاَرْضِ ؕ یَعْلَمُ سِرَّكُمْ

ٹیل آهي انهيءَ کان پوءِ توهان شڪ ڪريو تہ ايءَ اهو الله آهي آسمانن ۽ زمين ۾، جاڻي ٿو ڳجهہ توهان جي ڪي

وَجَهْرَكُمْ وَيَعْلَمُ مَا تَكْسِبُوْنَ ﴿۳﴾ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ

۽ ظاهر توهان جي ڪي ۽ جاڻي ٿو عملن توهان جن ڪي. ۽ نہ ڪي اچي انهن وٽ کا آيت سندن

اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿۴﴾ فَقَدْ كَذَّبُوْا بِالْحَقِّ لَمَّا

رب جي طرفان مگر انهيءَ کان اهي منهن موڙيندڙ هئا . پوءِ بيشڪ انڪار ڪيائون قرآن جو جڏهن

جَآءَهُمْ ؕ فَسَوْفَ يَاْتِيْهِمْ اَنْۢبٰٓؤُا مَا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۵﴾ اَلَمْ

رسول عربي انهن وٽ آندو، پوءِ جلدي ايندي انهن وٽ خبر انهيءَ جي جنهن سان مذاق ڪندا هئا. ڇا

يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِی الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ

نہ ڏٺائون ڪيترين هلاڪ ڪيو اسان انهن کان اڳ ۾ امتون جن کي اسان ڪايو زمين ۾ نعمتن سان جن نعمتن

لَّكُمْ وَاَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَيْهِمْ مِّدْرَارًا ۪ وَّجَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِیْ مِنْ

سان اسان توهان کي نہ ڏنو ڪايو ۽ اسان مسلسل برسڻ وارو مينهن انهن تي وسايون ۽ اسان نهرن کي پيدا فرمايو جيڪي

تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَاَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿۶﴾

وهيون ٻڌي انهن جي هيٺان پوءِ سندن گناهن سبب اسان انهن کي هلاڪ ڪيو ۽ انهن کان پوءِ اسان پيدا ڪيا ٻيا ماڻهو.

وَلَوْ نَزَّلْنَا عَلَيْكَ كِتٰبًا فِیْ قِرْطَاسٍ فَلَمَسُوْهُ بِاَيْدِيْهِمْ لَقَالَ

۽ جيڪڏهن اسان رسول عربي تي لکت نازل ڪريون ها پني تي پوءِ انهيءَ کي اهي هٿ لائن ها، تہ چون ها

الَّذِيْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ هٰذَاۤ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۷﴾ وَقَالُوْا لَوْلَاۤ اُنْزِلَ

جن ماڻهن ڪفر ڪيو، نا هي (قرآن) مگر صاف جادو . ۽ چيائون چو نہ رسول عربي تي ملائڪ

عَلَيْهِ مَلَكٌ ؕ وَلَوْ اَنْزَلْنَا مَلَكًا لَّقُضِیَ الْاَمْرُ ثُمَّ لَا يُنْظَرُوْنَ ﴿۸﴾

نازل ڪيو ويو (جيڪو سندن تصديق ڪري ها) ۽ جيڪڏهن اسان ملائڪ موڪليون ها تہ فيصلو ڪري ڇڏيو وڃي ها انهن کان پوءِ مهلت نہ ڏني وڃي ها

۱ تفسير جلالين. ۲ تفسير روح المعاني. ۳ تفسير ابن عباس. (منزل ۲) ۴ تفسير روح البيان. ۵ تفسير روح البيان. ۶ تفسير جلالين.

وَلَوْ جَعَلْنٰهُ مَلَكًا لَّجَعَلْنٰهُ رَجُلًا وَّلَلَبَسْنَا عَلَيْهِمْ مَّا

۽ جيڪڏهن فرشتي کي پيغمبر ڪري موڪليوهان ها اهو ضرور انساني شڪل ۾ موڪليوهان ها ۽ ضرور رسول اڃا بت اهي شڪ ۾ پون ها

يَلْبِسُوْنَ ۝٩ وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَحَاقَ بِالَّذِيْنَ

جيئن هيڏا اهي شڪ ۾ آهن ۽ تحقيق توهان کان اڳين رسولن سان مذاق ڪيو ويو ۽ (عذاب ۾) گرفتار ٿيا اهي

سَخِرُوْا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ۝١٠ قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ

ماڻهو جن پيغمبرن سان مذاق ڪيائون تي . اي حبيب توهان فرمايو سير ڪريو توهان زمين ۾

ثُمَّ انْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِيْنَ ۝١١ قُلْ لِّمَنْ مَّا

انهيءَ کان پوءِ ڏسو ته ڪهڙي پڄاڙي آهي رسولن کي ڪوڙو سمجهندڙن جي . اي حبيب توهان فرمايو ڪنهن

فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلْ لِّلّٰهِ ؕ كَتَبَ عَلٰى نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ؕ

لاءِ آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ؟ اي حبيب توهان فرمايو الله لاءِ آهي الله تعالىٰ (امت محمديه لاءِ) رحمت جو فيصلو فرمايو آهي ،

لَيَجْمَعَنَّكُمْ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ اَلَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا

الله ضرور توهان کي گڏ ڪندو قيامت جي ڏينهن ۾ جو ناهي شڪ انهيءَ ۾ جن ماڻهن نقصان ۾ وڌو

اَنْفُسَهُمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ۝١٢ وَلَهٗ مَا سَكَنَ فِي الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ؕ

پنهنجن وجودن کي پوءِ اهي نه ٿا ايمان آڻن . ۽ سڀئي مخلوقات ۽ موجودات الله تعالىٰ جي ملڪيت آهن ،

وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝١٣ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَتَّخِذُ وَلِيًّا فَاطِرِ

۽ اهو ئي بڌڻ ڏاڻڻ آهي . اي حبيب توهان فرمايو ڇا الله کان سواءِ آڻون عبادت ڪرڻ جيڪو

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَهُوَ يُطْعِمُ وَلَا يُطْعَمُ ؕ قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ

پيدا ڪندڙ آهي آسمانن جو ۽ زمين جو ۽ اهو ڪارائي ٿو ڏئي پاڻ نه ٿو ڪائي . اي حبيب توهان فرمايو مون کي

اَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ مَنْ اَسْلَمَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝١٤ قُلْ

بيشڪ حڪم ڪيو ويو آهي ته آڻون پهريون فرمانبردار هجان ۽ هرگز تون ڪڏهن نه ٿج مشرڪن سان . اي حبيب توهان فرمايو

الربع ۱

له تفسير مظهري و تفسير بغوي و تفسير جلالين و تفسير (منزل ۲) ابن عباس . ۳ تفسير جلالين و روح البيان و روح المعاني .
۴ تفسير جلالين . ۵ تفسير ابن عباس و روح المعاني ۶ تفسير جلالين و تفسير بيضاوي و تفسير روح البيان . ۷ تفسير ابن عباس .

إِنِّيٓ أَخَافُ إِنۡ عَصَيۡتُ رَبِّي عَذَابَ يَوۡمٍ عَظِيمٖ ١٥ مَّن

بيشڪ آئون خوف ڪريان ٿو قيامت جو جيڪڏهن (بالفرض) مون پنهنجي رب جي بي فرماني ڪئي . جيڪو ماڻهو

يُصۡرَفۡ عَنۡهُ يَوۡمَئِذٖ فَقَدۡ رَحِمَهُۥۚ وَذَٰلِكَ ٱلۡفَوۡزُ

قيامت جي ڏينهن عذاب کان پري ڪيو ويو پوءِ بيشڪ انهيءَ تي الله رحم ڪيو ۽ اها صاف ڪاميابي

ٱلۡمُبِينُ ١٦ وَإِن يَمۡسَسۡكَ ٱللَّهُ بِضُرّٖ فَلَا كَاشِفَ لَهُۥٓ إِلَّا هُوَۖ

آهي . ۽ جيڪڏهن الله توهان کي سختي پهچائي پوءِ ڪير به انکي لاهي نٿو سگهي مگر الله تعالى

وَإِن يَمۡسَسۡكَ بِخَيۡرٖ فَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيۡءٖ قَدِيرٞ ١٧

۽ جيڪڏهن الله توهان کي پلائي پهچائي تو پوءِ الله تعالى هر شئي تي قادر آهي .

وَهُوَ ٱلۡقَاهِرُ فَوۡقَ عِبَادِهِۦۚ وَهُوَ ٱلۡحَكِيمُ ٱلۡخَبِيرُ ١٨

۽ الله تعالى پنهنجن بانهن تي غالب آهي ، ۽ اهو هميشه حڪمت وارو خبردار آهي .

قُلۡ أَيُّ شَيۡءٍ أَكۡبَرُ شَهَٰدَةٗۖ قُلِ ٱللَّهُ شَهِيدُۢ بَيۡنِي وَبَيۡنَكُمۡۚ

اي حبيب توهان فرمايو الله کان شاهدي ۾ ڪهڙي شئي وڏي آهي ، اي حبيب توهان فرمايو الله شاهد آهي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾

وَأُوحِيَ إِلَيَّ هَٰذَا ٱلۡقُرۡءَانُ لِأُنذِرَكُم بِهِۦ وَمَنۢ بَلَغَۚ أَئِنَّكُمۡ

۽ مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي هي قرآن انهيءَ لاءِ ته توهان کي ۽ جن ماڻهن تائين قرآن ڪريم پهچي ڇا توهان

لَتَشۡهَدُونَ أَنَّ مَعَ ٱللَّهِ ءَالِهَةً أُخۡرَىٰۚ قُل لَّآ أَشۡهَدُۚ قُلۡ إِنَّمَا

(مڃي جملا ٿلهو) شاهدي ڏيو ٿا ته بيشڪ الله تعالى سان گڏ بياخدا آهن ، اي حبيب توهان فرمايو ته آئون شاهدي نه ڏيو ٿو

هُوَ إِلَٰهٞ وَٰحِدٞ وَإِنَّنِي بَرِيٓءٞ مِّمَّا تُشۡرِكُونَ ١٩ ٱلَّذِينَ ءَاتَيۡنَٰهُمُ

ڏيان ٿو توهان فرمايو الله هڪ آهي ۽ بيشڪ آئون اوهان جي شرڪ کان قطعاً بيزار آهيان ، اهي ماڻهو جن کي اسان

ٱلۡكِتَٰبَ يَعۡرِفُونَهُۥ كَمَا يَعۡرِفُونَ أَبۡنَآءَهُمُۘ ٱلَّذِينَ خَسِرُوٓاْ أَنفُسَهُمۡ

توراة ۽ انجيل ڏنو رسول عربي کي سڃاڻن ٿا جيئن سڃاڻن ٿا پنهنجن پٽن کي ، جن ماڻهن نقصان ۾ وڌو پنهنجن وجودن کي

وقف لازم ولكن الخ وقف لازم

١ تفسير روح البيان . ٢ تفسير روح البيان . ٣ لغات القرآن عربي و (صنزل ٢) تفسير روح المعاني ٤ تفسير روح المعاني او تفسير روح البيان
٥ تفسير مظهري . ٦ تفسير مظهري و تفسير روح المعاني و تفسير الخازن .

فَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٢٠﴾ وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرَىٰ عَلَى اللَّهِ كَذِبًا أَوْ

پوءِ اهي ايمان نہ آڻيندا ۱۰ ۽ ناهي کوبہ هڪڙو وڏيڪ ظالم اُن شخص کان جيڪو الله جي مٿان کوڙ ٻڌي ٿو

كَذَّبَ بِآيَاتِهِ ۚ إِنَّهُ لَا يُفْلِحُ الظَّالِمُونَ ﴿٢١﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيعًا

يا الله جي آيتن جو انڪار ڪري ٿو، بيشڪ ظالم چونڪارو نہ ٿا وٺن. ۽ ان ڏينهن اسين سڀني کي گڏ ڪنداسين

ثُمَّ نَقُولُ لِلَّذِينَ أَشْرَكُوا أَيْنَ شُرَكَاؤُكُمُ الَّذِينَ كُنْتُمْ تَزْعُمُونَ ﴿٢٢﴾

ان کان پوءِ اسين انهن مائٹن کي چوندا سين جيڪي شرڪ ڪندا هئا، ڪٿي آهن جن جو توهان گمان ڪندا

ثُمَّ لَمْ تَكُنْ فِتْنَتُهُمْ إِلَّا أَنْ قَالُوا وَاللَّهِ رَبِّنَا مَا كُنَّا مُشْرِكِينَ ﴿٢٣﴾

هئا پوءِ نہ ٿو هجي عُذر انهن جو مگر چوندا قسم آهي الله جو اي اسانجا رب اسين دنيا ۾ شرڪ ڪندڙ نہ هئاسين

انْظُرْ كَيْفَ كَذَبُوا عَلَىٰ أَنْفُسِهِمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَا كَانُوا

رسولِ عربي توهان نگاهه ڪريو ڪهڙي طرح اهي پاڻ تي کوڙ ڪاله ائن ٿا ۽ انهن کي وسري ويو اهي

يَفْتَرُونَ ﴿٢٤﴾ وَمِنْهُمْ مَنْ يَسْتَمِعُ إِلَيْكَ ۚ وَجَعَلْنَا عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ

ڪاله يون جيڪي الله تي مڙهيندا هئا. ۽ ڪجهه انهن مان اهي آهن جيڪي توهان کان قرآن ٻڌن ٿا ۽ اسان انهن جي دلين تي

أَكِنَّةً أَنْ يَفْقَهُوهُ وَفِي آذَانِهِمْ وَقْرًا ۖ وَإِنْ يَرَوْا كُلَّ آيَةٍ

سمجهڻ کان پردا ڪرايا آهن ۽ انهن جي ڪنن تي گرانٽ آهي . ۽ جيڪڏهن هر نشاني ڏسن تڏهن به

لَا يُؤْمِنُوا بِهَا حَتَّىٰ إِذَا جَاءُوكَ يُجَادِلُونَكَ يَقُولُ الَّذِينَ

ايمان نہ آڻيندا انهي ڪري، ايستائين جو جڏهن رسولِ عربي وٽ اچن ٿا (هر وقت) تڏهن ساڻ ڪافر

كَفَرُوا إِنْ هَٰذَا إِلَّا أَسَاطِيرُ الْأَوَّلِينَ ﴿٢٥﴾ وَهُمْ يَنْهَوْنَ عَنْهُ

جهڳڙو ڪن ٿا ۽ چون ٿا ناهي هي قرآن مگر اڳين جون کوڙيون ڪاله يون. ۽ ڪافر منع ٿا ڪن مائٹن کي رسولِ عربي

وَيَنْأَوْنَ عَنْهُ ۖ وَإِنْ يُهْلِكُونَ إِلَّا أَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُونَ ﴿٢٦﴾

جي تابعداري کان ۽ پاڻ پري ٿين ٿا رسولِ عربي کان ۽ نہ ٿا هلاڪ ڪن مگر پنهنجن نفسن کي اُن ٿا سمجهن .

۱۰ تفسير جلالين . ۲ تفسير خازن و مظهري . ۳ تفسير ابن كثير و مظهري (منزل ۲) و تفسير النسفي

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلَى النَّارِ فَقَالُوْا يٰلَيْتَنَا نُرَدُّ وَلَا نُكَذِّبَ

۽ جيڪڏهن رسول عربي توهان ڏسوها جنهن وقت بيهندا اهي باهه تي پوءِ چوندا اي ڪاش اسين موڪليا وڃون ها

بِاٰيٰتِ رَبِّنَا وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧﴾ بَلْ بَدَا لَهُمْ مَّا كَانُوْا

۽ اسين نڪوڙ ڪريون ها الله جي آيتن کي ۽ هجون ها اسان مومنن مان. بلڪ ظاهر ٿي پيو انهن لاءِ جيڪي ڪجهه

يُخْفُوْنَ مِنْ قَبْلُ ۭ وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَاِنَّهُمْ

لڪايا ٿون ڏي دنيا ۾ (ماڻهن کان) ۽ جيڪڏهن اهي موڪليا وڃن ها ته دنيا ۾ ضرور اهي ڪن ها جن کان منع ڪيا ويا ۽

لَكٰذِبُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَقَالُوْٓا اِنْ هِيَ اِلَّا حَيَاتُنَا الدُّنْيَا وَمَا نَحْنُ

بيشڪ اهي ڪوڙا آهن. ۽ چيائون نه اهي ۽ مگر حياتي دنيا جي ۽ اسين (مرڻ کان پوءِ)

بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿٢٩﴾ وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ وُقِفُوْا عَلٰي رَبِّهِمْ ۭ قَالَ اَلَيْسَ هٰذَا

نه اٿاريا ويندا سين. ۽ جيڪڏهن رسول عربي توهان ڏسوها جڏهن اهي رب جي گيان پيش ڪيا ويندا، الله فرمائيندو ڇا

بِالْحَقِّ ۭ قَالُوْا بَلٰي وَرَبِّنَا ۭ قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ

نه اهي هي حق، عرض ڪندا ها ٽوقسم آهي رب اسان جي جو، الله حڪم فرمائيندو ۽ چوندا ته عذاب ڪي چکو انهي

تَكْفُرُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِلِقَاۗءِ اللّٰهِ ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءَتْهُمُ ع ٣ ١٠ ٩

سبب جو توهان ڪفر ڪندا هئا. بيشڪ نقصان ۾ آيا اهي ماڻهو جن قيامت کي ڪوڙو سمجهيو ان جو جڏهن اوچتي

السَّاعَةُ بَغْتَةً قَالُوْا يٰحَسْرَتَنَا عَلٰي مَا فَرَّطْنَا فِيْهَا ۙ وَهُمْ

قيامت آئي چيائون اي حسرت اسان جي انهي ڪاهلپ تي جو ڪوتاهي ڪئي اسان انهي ۾ ۽ اهي

يَحْمِلُوْنَ اَوْزَارَهُمْ عَلٰي ظُهُوْرِهِمْ ۭ اَلَا سَاۗءَ مَا يَزِرُوْنَ ﴿٣١﴾ وَمَا

ڪڍندا گناهن پنهنجن کي پنهنجن پٺن تي، خبردار خراب آهي اهو بار جيڪو ڪڍندا ۽ ناهي

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ ۭ وَلَلدَّارُ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ

حياتي دنيا جي مگر راند ۽ تماشو ۽ بهشت پلو آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي

١ تفسير النسفي. ٢ تفسير روح المعاني. (منزل ٢) ٣ تفسير جلالين.

يَتَّقُوْنَ ۝ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ۝٣٢ قَدْ نَعْلَمُ اِنَّهٗ لَيَحْزُنُكَ الَّذِيْ

خوفِ خدا رکن تا، چاپوءِ توهان نہ تا سمجھو ۔ تحقيق اسان کي معلوم آهي ته اهي مائٹو (رسولِ عربيؐ)

يَقُوْلُوْنَ فَاِنَّهُمْ لَا يُكَذِّبُوْنَكَ وَلٰكِنَّ الظّٰلِمِيْنَ بِاٰيٰتِ

کي ڏکوئڻ تا، پوءِ بيشڪ اهي توهان کي (اي رسولِ عربي) کوڙ نہ تا سمجهن پر ظالم الله جي

اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ ۝٣٣ وَلَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ فَصَبَرُوْا

آيتن (قرآنِ مجيد) جو انڪار ڪن تا، ۽ بيشڪ تحقيق ڪوڙا سمجهيا ويا رسول جيڪي توهان کان اڳ آيا، پوءِ صبر ڪيائون

عَلٰى مَا كُذِّبُوْا وَاُوْذُوْا حَتّٰٓى اَتٰىهُمْ نَصْرُنَا ۚ وَلَا مُبَدِّلَ

انهي گالهه تي جنهن ۾ ڪوڙا سمجهاويا (نبوت ۾) ۽ ايذاءُ ڏنا ويا ايستائين جو آئي انهن وٽ اسانجي مدد، ۽ ناهي

لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ۭ وَلَقَدْ جَاۗءَكَ مِنْ نَّبَاِي الْمُرْسَلِيْنَ ۝٣٤

ڪير تبديل ڪندڙ الله جي حڪمن کي، ۽ بيشڪ تحقيق توهان وٽ آيون آهن خبرون اڳين پيغمبرن جون.

وَاِنْ كَانَ كَبُرَ عَلَيْكَ اِعْرَاضُهُمْ فَاِنِ اسْتَطَعْتَ اَنْ تَبْتَغِيَ نَفَقًا

۽ توهان جي مٿان انهن جو منهن موڙڻ جيتوڻيڪ وڏي برداشتي آهي پوءِ جيڪڏهن توهان کي توفيق آهي تہ طلب ڪريو

فِي الْاَرْضِ اَوْ سُلَّمًا فِي السَّمَاۗءِ فَتَاْتِيَهُمْ بِاٰيَةٍ ۭ وَلَوْ شَاۗءَ اللّٰهُ لَجَمَعَهُمْ

ڪا سرنگ زمين ۾ يا ڏاڪڻ آسمان ۾ پوءِ توهان انهن کي ڪا نشاني آڻي ڏيو، ۽ جيڪڏهن الله چاهي ته گڏ ڪري

عَلَى الْهُدٰى فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْجٰهِلِيْنَ ۝٣٥ اِنَّمَا يَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ

انهن کي هدايت تي پوءِ (اي مخاطب) هرگز نہ تي تون جاهلن مان. اهي (توهان جي دعوتِ اسلامي) قبول ڪندا جيڪي

يَسْمَعُوْنَ ۘ وَالْمَوْتٰى يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ ثُمَّ اِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ۝٣٦ وَقَالُوْا لَوْلَا

ٻڌن ٿا، ۽ ڪافرن کي الله قبرن مان اٿاريندو ۽ انهي ڪان پوءِ الله ڏانهن موٽايا ويندا. ۽ چيائون ڇو

نُزِّلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يُّنَزِّلَ

رسولِ عربي تي ڪا نشاني نازل ڪئي وئي سندس رب جي طرفان، اي حبيب توهان فرمايو بيشڪ آيت نازل ڪرڻ تي الله قادر آهي

النصف

وقف لازم وقف لازم عند النصف

له تفسير جلالين، وبيضاوي. ٢ تفسير روح البيان. ٣ تفسير روح البيان. (هنزل ٢) ٤ روح البيان. ٥ تفسير كبير وتفسير جلالين وتفسير نسفي وتفسير روح المعاني وتفسير روح البيان وتفسير جامع البيان.

اٰيَةً وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۷﴾ وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ

پر اکثر انهن جا نہ ٹا ڄاڻن ۰ ۽ ناهي کوهلندڙ جانور زمين ۾

وَلَا طٰٓئِرٍ يَّطِيْرُ بِجَنَاحَيْهِ اِلَّآ اُمَمٌ اَمْثَالُكُمْ ؕ مَا فَرَّطْنَا فِي

۽ ناهي کو پکي جيکو پنهنجن پرن تي اڏامي ٿو مگر سندن تقدير لکيل آهي، نہ ڇڏي آهي

الْكِتٰبِ مِنْ شَيْءٍ ثُمَّ اِلٰى رَبِّهِمْ يُحْشَرُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

اسان لوح محفوظ ۾ کا به شيءِ، انهي کان پوءِ اهي پنهنجي رب ڏانهن گڏ ڪيا ويندا ۰ ۽ جيکي ماڻهو قرآن ڪريم

بِاٰيٰتِنَا صُمٌّ وَّبُكْمٌ فِي الظُّلُمٰتِ ؕ مَنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يُضْلِلْهُ ؕ وَمَنْ يَّشَاْ

کي ڪوڙو سمجهن ٿا، اُهي ٻوڑا ۽ گونگا آهن اوندهين ۾ ۰ جنهن کي رب چاهي گمراهه ڪري ۽ جنهن کي رب چاهي

يَجْعَلْهُ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۳۹﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ

انهيءَ کي سڌين رستي تي هلائي ۰ اي حبيب توهان فرمايو ٻڌايو جيڪڏهن اچي

اللّٰهِ اَوْ اَتَتْكُمُ السَّاعَةُ اَغَيْرَ اللّٰهِ تَدْعُوْنَ ۚ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۴۰﴾

توهان تي الله جو عذاب يا اچي توهان تي قيامت ڇا الله کان سوا ۽ بتن کي پڪاريندا جيڪڏهن توهان سچا آهيو

بَلْ اِيَّاهُ تَدْعُوْنَ فَيَكْشِفُ مَا تَدْعُوْنَ اِلَيْهِ اِنْ شَآءَ وَتَنْسَوْنَ

بلڪ خاص الله کي توهان پڪاريو ٿا پوءِ جيڪڏهن چاهي ٿو توهان جو تڪليف لاهي جنهن جي ڏعا توهان الله کان گهرو ٿا ۽ توهان بتن

مَا تُشْرِكُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَآ اِلٰٓى اُمَمٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَاَخَذْنٰهُمْ بِالْبَاْسَآءِ

کي وساري ڇڏيو ۰ ۽ بيشڪ تحقيق توهان کان اڳ اسان گهڻين امتن ڏانهن پيغمبر موڪليا (تنهن نہ مڃيو) پوءِ

وَالضَّرَّآءِ لَعَلَّهُمْ يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿۴۲﴾ فَلَوْلَآ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَا تَضَرَّعُوْا

اسان انهن کي مسڪيني ۽ مرض ۾ گرفتار ڪيو تہ من اهي توبه ڪن پوءِ جو نہ انهن توبه ڪئي جنهن وقت انهن ڏ

وَلٰكِنْ قَسَتْ قُلُوْبُهُمْ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۴۳﴾

اسانجو عذاب آيو، پر ڪٹيا قلب انهن جا ۽ سندن لاءِ شيطان سينگاريو جيڪي (ڪفر) ڪندا هئا.

۱ تفسير روح البيان وتفسير جلالين وتفسير بيضاوي. ۲ تفسير جلالين منزل ۲ ۳ تفسير بيضاوي وجلالين ونسفي وتفسير ڪبير.
۴ تفسير جلالين. ۵ تفسير ڪبير.

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَيْءٍ ؕ حَتّٰٓى

پوءِ جڏهن جو وساريائون جنهن جي ڪين نصيحت ڪئي وئي پوءِ (بطور مهلت) اسان انهن تي نعمتن جا دروازا کوليا

اِذَا فَرِحُوْا بِمَآ اُوْتُوْٓا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ ﴿۴۴﴾ فَقُطِعَ

ايستائين جو خوش ٿيا انهي سببان جيڪي اسان انهن کي ڏنو، اسان انهن کي اوچتو پڪڙيو، پوءِ اهي اُن وقت نااميد آهن.

دَابِرُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ؕ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۵﴾ قُلْ

پوءِ قوم ظالمن جي پاڙ پٽي وئي، ۽ سڀئي تعريفون الله لاءِ آهن جيڪو رب آهي جهانن جو. اي

اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَخَذَ اللّٰهُ سَمْعَكُمْ وَاَبْصَارَكُمْ وَخَتَمَ عَلٰى

حبيب توهان فرمايو ڇا توهان (رهندڙ مڪي جا) مون کي خبر ڏيندا جيڪڏهن الله توهان جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ختم ڪري

قُلُوْبِكُمْ مَّنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِهٖ ؕ اُنْظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ

۽ توهان جن دلين تي مُهر هڻي. ڪير آهي معبود الله کان سوا، جو اهي شيون توهان کي ڏي. اي حبيب توهان ڏسو ڪيري

الْاٰيٰتِ ثُمَّ هُمْ يَصْدِفُوْنَ ﴿۴۶﴾ قُلْ اَرَءَيْتَكُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُ

طرح اسين دليل بيان ڪريون ٿا انهي کان پوءِ به ته ايمان نٿا آڻن. اي حبيب توهان فرمايو مون کي خبر ڏيو جيڪڏهن توهان تي

اللّٰهِ بَغْتَةً اَوْ جَهْرَةً هَلْ يُهْلَكُ اِلَّا الْقَوْمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۷﴾ وَمَا

الله جو عذاب اوچتو اچي يا ظاهر ظهور ته فقط ظالم قوم هلاڪ ٿيندي. ۽ نه ٿا

نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ فَمَنْ اٰمَنَ

موڪليون اسان رسولن کي مگر مبارڪ ڏيندڙ ۽ ڊيڄارينڊڙ، پوءِ جنهن مڃيو ايمان آندو

وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَالَّذِيْنَ

۽ چڱائي ڪئي پوءِ نه آهي خوف انهن تي ۽ نه آهي ڏکويا. ۽ جن ماڻهن

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا يَمَسُّهُمُ الْعَذَابُ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿۴۹﴾ قُلْ

ڪوڙو سمجهو آيتن اسان جن کي پهچي ٿو انهن کي عذاب انهي سببان جو گناهه ڪندا هئا. اي حبيب توهان فرمايو

لہ تفسیر روح البیان. ۲ تفسیر لاہوری. ۳ تفسیر روح المعانی. (منزل ۲) ۴ تفسیر ابن عباس. ۵ تفسیر جلالین. ۶ تفسیر روح المعانی.

لَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ

نہ تو دعویٰ[1] کریان آئون توھان لاءِ تہ مون وٽ ڌات خوڪ[2] الله جا خزانا آھن ۽ ڌات خود[3] آئون غيب جاڻان ٿو

اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ؕ قُلْ

۽ آئون نہ تو دعویٰ[4] کریان تہ بيشڪ آئون ملائڪ آھيان ، آئون تہ فقط وحي رباني جي تابعداري کريان ٿو،

هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ؕ اَفَلَا تَتَفَكَّرُوْنَ ﴿۵۰﴾

اي حبيب توھان فرمايو ڇا ڪافر ۽ مومن پاڻ ۾ برابر آھن، ڇا پوءِ توھان فڪر نٿا ڪريو.

وَاَنْذِرْ بِهِ الَّذِيْنَ يَخَافُوْنَ اَنْ يُّحْشَرُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ

۽ اي حبيب توھان قرآن سان ٻڌائيندا ٿيو انھن ماڻھن کي جيڪي خوف ڪن ٿا جو اھي گڏ ڪيا ويندا سندڪ ربّ ڏانھن

لَيْسَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿۵۱﴾

نا هي انھن لاءِ (حقيقت ۾) الله کان سواءِ ڪو مددگار ۽ نہ سفارشي ڪندڙ ته ڪنھن کي خوف ڪن.

وَلَا تَطْرُدِ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيْدُوْنَ

۽ توھان پري نہ ڪريو انھن ماڻھن کي جيڪي[5] عبادت ڪن ٿا پنھنجي ربّ جي صبح ۽ شام ۽ اراد و ڪن ٿا

وَجْهَهٗ ؕ مَا عَلَيْكَ مِنْ حِسَابِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ وَّمَا مِنْ حِسَابِكَ

الله جي ذات[6] جو، توھان تي انھن جي حساب مان ڪا شئي ناهي ۽ نہ توھان جي حساب مان

عَلَيْهِمْ مِّنْ شَيْءٍ فَتَطْرُدَهُمْ فَتَكُوْنَ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۲﴾ وَكَذٰلِكَ

انھن تي ڪا شئي آھي، پوءِ توھان انھن کي پري ڪريو تا پوءِ ترھا انھن لاءِ ناانصافن[7] مان ٿي پوندا. ۽ اھڙي

فَتَنَّا بَعْضَهُمْ بِبَعْضٍ لِّيَقُوْلُوْٓا اَهٰٓؤُلَآءِ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنْۢ

طرح اسان[8] آزمايو ڪن ماڻھن کي ڪن ماڻھن سان، نيٺ[9] چوندا ڇا انھن تي الله احسان ڪيو اسان جي

بَيْنِنَا ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِالشّٰكِرِيْنَ ﴿۵۳﴾ وَاِذَا جَآءَكَ الَّذِيْنَ

وچان، ڇا الله تعالىٰ شڪرگذار بانھن کي زياده ڄاڻندڙ نه آھي. ۽ جنھن وقت توھان وٽ اھي ماڻھو اچن ٿا

---

[1] تفسير شڪي، تفسير بيضاوي، تفسير روح المعاني، تفاسير البيان. (منزل ۲) [2] سار سلسلة الكلام كانه يقول لا ادعي الامر العظيم ولا ادعي العلم الغيبي ولكني ادعو الرسالة. وهذا مناسب، لانه متى حصر له الشئ فكيف اطيقه شرعاً؟ استكبار كرڻ، دفع دعويٰ. تفسير مظهري جلد ۳، ص ۶۹. [3] تفسير روح البيان. [4] تفسير جلالين. [5] تفسير شڪي. [6] تفسير بيضاوي. [7] تفسير روح البيان.

يُؤْمِنُونَ بِاٰيٰتِنَا فَقُلْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ كَتَبَ رَبُّكُمْ عَلٰى

جيڪي اسان جن آيتن تي ايمان آڻن تا پوءِ توهان فرمايو الله[1] جو سلام توهان تي آهي الله توهان لاءِ پاڻ تي رحمت

نَفْسِهِ الرَّحْمَةَ ۙ اَنَّهٗ مَنْ عَمِلَ مِنْكُمْ سُوْٓءًا بِجَهَالَةٍ ثُمَّ تَابَ

جوفيصلو فرمايو آهي . بيشڪ جنهن توهان مان غلطي مان گناهه ڪيو پوءِ انهي

مِنْۢ بَعْدِهٖ وَاَصْلَحَ فَاَنَّهٗ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۵۴﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ

کان پوءِ توبہ تائب ٿيو ۽ نيڪ عمل ڪيا پوءِ بيشڪ آڻون بخشيندڙ رحم ڪندڙ آهيان . ۽ اهڙيءَ طرح[2] بيان ڪريون ٿ

الْاٰيٰتِ وَلِتَسْتَبِيْنَ سَبِيْلُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۵۵﴾ قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ ع ۸

تا اسان نشانين کي انهيءَ لاءِ تا اي[3] حبيب توهان مجرمن جي واٽ ظاهر ڪريو . اي حبيب توهان فرمايو بيشڪ

اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قُلْ لَّآ اَتَّبِعُ

آڻون منع ڪيو ويو آهيان جو آڻون عبادت ڪريان (انهن بتن جي) جن جي توهان[4] الله کان سوا عبادت ڪريو ٿا اي

اَهْوَاۗءَكُمْ ۙ قَدْ ضَلَلْتُ اِذًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿۵۶﴾

حبيب توهان[5] فرمايو آڻون توهان جن سڏن جي تابعداري نه ڪريان ايئن ٿيڻ[6] سان وقت آڻون هدايت ٿيندڙن[7] مان آهيان

قُلْ اِنِّيْ عَلٰي بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَكَذَّبْتُمْ بِهٖ ۭ مَا عِنْدِيْ

آڻون هدايت ۽ ايمان[8] . توهان فرمايو بيشڪ آڻون صاف دليلن تي آهيان پنهنجي رب جي طرفان[9] الله تعالى ۽ توهان ڪوڙو سمجهو جنهن عذاب

مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ ۭ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ۭ يَقُصُّ الْحَقَّ ۭ وَهُوَ

جي تڪر توهان ڪريو ٿا اهو موٽ[10] ناهي ، ناهي حڪم مگر الله تعالى جو ، اهو سچي ڪالهه بدائي ٿو ۽ اهو

خَيْرُ الْفٰصِلِيْنَ ﴿۵۷﴾ قُلْ لَّوْ اَنَّ عِنْدِيْ مَا تَسْتَعْجِلُوْنَ بِهٖ

سڀ کان بهتر[11] حاڪم آهي . اي حبيب توهان فرمايو جيڪڏهن تحقيق جنهن عذاب جي توهان تڪر ڪريو ٿا موٽ

لَقُضِيَ الْاَمْرُ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿۵۸﴾

هجي ها تہ يقيناً منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي ها ، ۽ الله ظالمن کي ويڪ جاڻندڙ آهي .

[1] تفسير الصفي [2] تفسير جلالين [3] تفسير بيضاوي . (منزل ۲) [4] تفسير روح المعاني [5] تفسير جلالين وتفسير مظهري .
[6] تفسير جلالين .

وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ؕ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ

۽ الله تعالىٰ وٽ غيب جون چابيون آهن نہ ٿو ڄاڻي (حقيقت ۾) انهن کي مگر الله تعالىٰ ۽ ڄاڻي ٿو الله جيڪو زمين ۽ سمنڊ ۾

وَمَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا

آهي، ۽ نہ ٿو ڪري ڪو وڻ جو پن مگر الله انهي کي ڄاڻي ٿو ۽ نه ئي ڪو ٻج زمين جي اوندهه ۾ ۽ نہ

رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿۵۹﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ بِالَّيْلِ

تازي شيءِ ۽ نہ سڪل شيءِ مگر لوح محفوظ ۾ لکيل آهي . ۽ الله اهو آهي جيڪو رات جو توهان کي

وَيَعْلَمُ مَا جَرَحْتُمْ بِالنَّهَارِ ثُمَّ يَبْعَثُكُمْ فِيْهِ لِيُقْضٰٓى اَجَلٌ مُّسَمًّى ۚ

سمهاري ٿو ۽ ڄاڻي ٿو جيڪو عمل توهان ڏينهن ۾ ڪريو ٿا انهي کان پوءِ ڏينهن جو توهان کي جاڳ ڪري ٿو انهي لاءِ (انسان) ۾ نيهي

ثُمَّ اِلَيْهِ مَرْجِعُكُمْ ثُمَّ يُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۶۰﴾ وَهُوَ الْقَاهِرُ

زندگي پوري ڪري انهي کان پوءِ الله ڏانهن توهان جو موٽڻ آهي پوءِ خبر ڏيندو توهان کي انهي جي جيڪو توهان عمل ڪندا هئا ۽ الله

فَوْقَ عِبَادِهٖ وَيُرْسِلُ عَلَيْكُمْ حَفَظَةً ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَكُمُ

غالب آهي ٻندڙن ۾ انهن ۾ ۽ توهان تي حفاظت ڪندڙ ملائڪ (ڪراماً ڪاتبين) مقرر ڪيا آهن ايئن جو جنهن وقت توهان مان

الْمَوْتُ تَوَفَّتْهُ رُسُلُنَا وَهُمْ لَا يُفَرِّطُوْنَ ﴿۶۱﴾ ثُمَّ رُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ

هڪڙي ڏي موت اچي ٿو ته اسان جا موڪليل فرشتا روح قبض ڪن ٿا ۽ اهي ڪوتاهي نٿا ڪن . انهي کان پوءِ موٽايا ويندا طرف الله

مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ ؕ اَلَا لَهُ الْحُكْمُ ۫ وَهُوَ اَسْرَعُ الْحٰسِبِيْنَ ﴿۶۲﴾ قُلْ مَنْ

جي جيڪو سندن سچو مالڪ آهي خبردار (قيامت) الله جو حڪم هلندو ۽ الله نهايت تيز حساب ڪندڙ آهي . توهان فرمايو ڪير

يُّنَجِّيْكُمْ مِّنْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ تَدْعُوْنَهٗ تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ۚ

نجات ڏئي ٿو توهان کي زمين ۽ سمنڊ جي مصيبتن مان ، الله کي توهان ٻڪاريو ٿا دل سان ۽ زبان سان

لَئِنْ اَنْجٰىنَا مِنْ هٰذِهٖ لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۶۳﴾ قُلِ اللّٰهُ

قسم سان جيڪڏهن الله اسانکي هن مصيبت مان نجات ڏي ته ضرور اسين شڪر ڪندڙن مان ٿينداسين توهان فرمايو الله

لہ تفسیر روح المعانی وتفسیر مظهری وتفسیر جلالین۔ (منزل ۲) ۲ تفسیر روح البیان۔ ۳ المفردات فی غریب القرآن۔ ۴ تفسیر روح المعانی و تفسیر روح البیان۔ ۵ تفسیر جلالین۔ ۶ تفسیر روح البیان۔ ۷ تفسیر مظهری وروح البیان وروح المعانی۔ ۸ تفسیر روح المعانی۔

يُنَجِّيكُم مِّنْهَا وَمِن كُلِّ كَرْبٍ ثُمَّ أَنتُمْ تُشْرِكُونَ ﴿٦٣﴾ قُلْ هُوَ الْقَادِرُ

نجات ڏي ٿو توهان کي انهي مصيبت مان ۽ هر غم مان انهي کان پوءِ به توهان شرڪ ڪريو ٿا. اي رسول عربي توهان فرمايو الله

عَلَىٰ أَن يَبْعَثَ عَلَيْكُمْ عَذَابًا مِّن فَوْقِكُمْ أَوْ مِن تَحْتِ أَرْجُلِكُمْ أَوْ

قادر آهي جو موڪلي توهان جي مٿان عذاب کي توهان جي مٿان يا توهان جي هيٺان يا

يَلْبِسَكُمْ شِيَعًا وَيُذِيقَ بَعْضَكُم بَأْسَ بَعْضٍ ۗ انظُرْ كَيْفَ نُصَرِّفُ

توهان کي گروهه ڪري ۽ توهان ۾ هڪ ٻئي سان جنگ ڪريو، اي رسول عربي توهان نگاهه ڪريو ڪهڙي طرح اسين

الْآيَاتِ لَعَلَّهُمْ يَفْقَهُونَ ﴿٦٥﴾ وَكَذَّبَ بِهِ قَوْمُكَ وَهُوَ الْحَقُّ ۚ قُل

بيان ڪريون تا آيتن کي تہ من آهي سمجهن. ۽ توهان جي قوم (قريش) قرآن ڪريم کي ڪوڙو سمجهو حالانڪ اهو سچو آهي، اي حبيب

لَّسْتُ عَلَيْكُم بِوَكِيلٍ ﴿٦٦﴾ لِّكُلِّ نَبَإٍ مُّسْتَقَرٌّ وَسَوْفَ تَعْلَمُونَ ﴿٦٧﴾

توهان فرمايو آئون توهان تي وڪيل ناهيان. هر هڪ خبر لاءِ وقت مقرر ٿيل آهي ۽ توهان جلدي معلوم ڪندا.

وَإِذَا رَأَيْتَ الَّذِينَ يَخُوضُونَ فِي آيَاتِنَا فَأَعْرِضْ عَنْهُمْ حَتَّىٰ

۽ جنهن وقت توهان ڏسو انهن ماڻهن کي جيڪي قرآن سان مذاق ڪن ٿا پوءِ توهان انهن کان پاسو ڪريو ايستائين

يَخُوضُوا فِي حَدِيثٍ غَيْرِهِ ۚ وَإِمَّا يُنسِيَنَّكَ الشَّيْطَانُ فَلَا تَقْعُدْ

جو پئي ڳالهه ۾ مشغول ٿين ۽ اي مخاطب جيڪڏهن شيطان توکي ڀلائي ياد گيري کان پوءِ به

بَعْدَ الذِّكْرَىٰ مَعَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَى الَّذِينَ يَتَّقُونَ

نہ پوءِ تون ظالم قوم سان گڏ نہ ويهه. ۽ پرهيزگار ٿي انهن (ڪافرن)

مِنْ حِسَابِهِم مِّن شَيْءٍ وَلَٰكِن ذِكْرَىٰ لَعَلَّهُمْ يَتَّقُونَ ﴿٦٩﴾ وَذَرِ

جي حساب جو ڪو ذمو ناهي، پر (مسلمانن ٿي) نصيحت ڪرڻ آهي تہ من آهي خوف ڪن.

الَّذِينَ اتَّخَذُوا دِينَهُمْ لَعِبًا وَلَهْوًا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيَاةُ الدُّنْيَا

۽ پاسو ڪريو انهن ماڻهن کان جن دين پنهنجي کي راند ۽ تماشو ڪري ورتو ۽ مغرور ڪيائين انهن کي حياتي دنيا جي

لہ تفسير جلالين. ۲ تفسير روح المعاني وروح البيان. ۳ تفسير روح البيان. (منزل ۲) ۴ تفسير جلالين. ۵ تفسير مظهري وروح المعاني. ۶ تفسير جلالين. ۷ روح المعاني.

وَذَكِّرْ بِهٖٓ اَنْ تُبْسَلَ نَفْسٌۢ بِمَا كَسَبَتْ ۙ لَيْسَ لَهَا مِنْ دُوْنِ

۽ توهان نصيحت كريو قرآن سان، ان لاءِ تہ كو مائھو پنھنجي بداعمالي جي كري هلاك نہ ٿئي، نہ ئي انهي لاءِ الله كان

اللّٰهِ وَلِيٌّ وَّلَا شَفِيْعٌ ۚ وَاِنْ تَعْدِلْ كُلَّ عَدْلٍ لَّا يُؤْخَذْ مِنْهَا ۭ اُولٰۗىِٕكَ

سواءِ كو مددگار ۽ نہ كو سفارشي، ۽ جيڪڏهن اهو مائھو ڏوڪڙ فديو ادا كري (تڏهن به) نہ ورتو ويندو انهي كان، اهي انهي

الَّذِيْنَ اُبْسِلُوْا بِمَا كَسَبُوْا ۚ لَهُمْ شَرَابٌ مِّنْ حَمِيْمٍ وَّعَذَابٌ

مائھو آهن جيڪي پنھنجي بداعمالي جي كري هلاك كيا ويا، انهن جي پيئڻ لاءِ گرم پاڻي هوندو ۽ عذاب

اَلِيْمٌۢ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ۝ قُلْ اَنَدْعُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا ع ۷ ۲۰

دردناڪ انهي سبب جو (دنيا ۾) ڪفر كندا هئا. رسول عزيز توهان فرمايو الله تعالى كان سواءِ انهن (بتن) جي عبادت كريان

يَنْفَعُنَا وَلَا يَضُرُّنَا وَنُرَدُّ عَلٰٓى اَعْقَابِنَا بَعْدَ اِذْ هَدٰىنَا اللّٰهُ

جيڪي اسان كي نفعو ۽ نقصان نہ ٿا ڏين ۽ اسين موٽايا ويون پنھنجن ڪرتن (پيرن) تي انهي كان پوءِ جڏهن الله اسان

كَالَّذِي اسْتَهْوَتْهُ الشَّيٰطِيْنُ فِي الْاَرْضِ حَيْرَانَ ۡ لَهٗٓ اَصْحٰبٌ

كي هدايت ڏني، مثال انهي مائھو جي جنهن كي شيطانن بيابان ۾ گمراهه كيو انهي حال ۾ حيران آهي، انهي جا ساٿي رفيق

يَّدْعُوْنَهٗٓ اِلَى الْهُدَى ائْتِنَا ۭ قُلْ اِنَّ هُدَى اللّٰهِ هُوَ الْهُدٰى ۭ

آهن جيڪي انهي كي سڏين رستي ڏانهن سڏي رهيا آهن، تہ تون هيڏانهن اچ، توهان فرمايو بيشڪ هدايت

وَاُمِرْنَا لِنُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ وَاَنْ اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ

فقط اسلام آهي ۽ اسانكي حكم كيو ويو آهي تہ اسان رب العلمين جا مخلص ٿيون. ۽ اسانكي حكم آهي تہ نماز پنج وقت پڙهون

اتَّقُوْهُ ۭ وَهُوَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ۝ وَهُوَ الَّذِيْ خَلَقَ

۽ الله كان خوف كريو، ۽ الله تعالى اهو آهي جو انهي ڏانهن سڀئي گڏ كيا ويندا. ۽ الله تعالى اهو آهي جنهن پيدا فرمايو

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۭ وَيَوْمَ يَقُوْلُ كُنْ فَيَكُوْنُ ۙ

آسمانن ۽ زمين كي حق سان ۽ قيامت جي ڏينهن الله حكم كندو تہ فوراً ئي پوندو

الانعام ۶

۱ تفسير روح البيان. ۲ روح البيان و تفسير مظهري. ۳ تفسير مظهري. (منزل ۲) ۴ تفسير مظهري و روح المعاني و ابن عباس و نسفي و جلالين و جامع البيان و تفسير بيضاوي. ۵ تفسير مظهري. ۶ تفسير جلالين. ۷ تفسير روح البيان. ۸ تفسير روح المعاني. ۹ تفسير ابن عباس. ۱۰ تفسير روح المعاني. ۱۱ تفسير خازن و جلالين.

قَوْلُهُ الْحَقُّ ۭ وَلَهُ الْمُلْكُ يَوْمَ يُنْفَخُ فِي الصُّوْرِ ۭ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ۭ

الله تعالیٰ جو حکم سچو آهي، ۽ سمورو ملڪ الله جو آهي انهيءَ ڏينهن صور ۾ قوڪ ڏني ويندي، الله هر غيب حاضر کي ڄاڻندڙ آهي

وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ۝۷۳ وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ لِاَبِيْهِ اٰزَرَ اَتَتَّخِذُ

۽ الله حڪمت وارو خبردار آهي. ۽ رسول عربي توهان ياد ڪريو جڏهن ابراهيم پنهنجي چاچي آزر کي چيو ڇا اوهين

اَصْنَامًا اٰلِهَةً ۚ اِنِّىْٓ اَرٰىكَ وَقَوْمَكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝۷۴ وَكَذٰلِكَ

بُتن کي معبود ڪري وٺو ٿا، بيشڪ آئون اوهان تو توکي ۽ قوم تنهنجي کي صاف گمراهيءَ ۾ ڏسان ٿو ۽ اهڙيءَ طرح

نُرِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلِيَكُوْنَ مِنَ

اسان ڏيکاريو ابراهيم کي پنهنجي قدرت ۽ حڪمت آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ انهي لاءِ ته هو يقين

الْمُوْقِنِيْنَ ۝۷۵ فَلَمَّا جَنَّ عَلَيْهِ الَّيْلُ رَاٰ كَوْكَبًا ۚ قَالَ هٰذَا رَبِّيْ ۚ

ڪندڙن مان ٿئي. پوءِ جڏهن رات جو اونداهي ڪيس ڏيکيو ڏنائين تاري کي، چيائين هي منهنجو رب آهي،

فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَآ اُحِبُّ الْاٰفِلِيْنَ ۝۷۶ فَلَمَّا رَاَ الْقَمَرَ بَازِغًا قَالَ

پوءِ جڏهن تارو غائب ٿيو ابراهيم چيو آئون غائب ٿيندڙن سان محبت نٿو رکان. پوءِ جڏهن چنڊ کي ايرندڙ ڏنائين چيائين

هٰذَا رَبِّيْ ۚ فَلَمَّآ اَفَلَ قَالَ لَىِٕنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ

هي منهنجو رب آهي، پوءِ جڏهن جڏهن غائب ٿيو چيائين جي مون کي منهنجو رب هدايت نه ڏني ته ضرور آئون گمراهن

الضَّاۗلِّيْنَ ۝۷۷ فَلَمَّا رَاَ الشَّمْسَ بَازِغَةً قَالَ هٰذَا رَبِّيْ هٰذَآ اَكْبَرُ ۚ

قوم مان ٿيندس. پوءِ جڏهن جوسج کي ايرندڙ ڏنائين چيائين هي منهنجو رب آهي، اهي ٻيهر وڏو آهي،

فَلَمَّآ اَفَلَتْ قَالَ يٰقَوْمِ اِنِّىْ بَرِيْۗءٌ مِّمَّا تُشْرِكُوْنَ ۝۷۸ اِنِّىْ وَجَّهْتُ

پوءِ جڏهن سج لهي ويو چيائين اي منهنجي قوم بيشڪ آئون توهان جن معبودن کان بيزار آهيان. بيشڪ آئون پنهنجي چهري

وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ حَنِيْفًا وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝۷۹

ڪيائين الا الله الذي جڏهن پيدا فرمايو آسمانن ۽ زمين کي آئون حق جو تابعدار آهيان ۽ نه آهيان آئون مشرڪن مان

لہ تفسیر روح المعانی۔ ۲ المفردات فی غریب القرآن و تفسیر صاوی و (منزل ۲) تفسیر کمالین و تفسیر روح المعانی۔ ۳ تفسیر مظہری۔ ۴ تفسیر بیضاوی و جلالین۔
۵ تفسیر روح البیان و جلالین۔ ۶ تفسیر جلالین۔

وَحَآجَّهٗ قَوْمُهٗ ؕ قَالَ اَتُحَآجُّوْٓنِّیْ فِی اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنِ ؕ وَلَآ

۽ ابراهيم ٹاسندس قوم جهيڙو ڪيو، ابراهيم چيو جاتوهان مونسان الله جي وحدانيت ۾ جهيڙو ٿا ڪريو تا حالانڪ تحقيق الله مونکي

اَخَافُ مَا تُشْرِكُوْنَ بِهٖۤ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ رَبِّیْ شَیْـًٔا ؕ وَسِعَ رَبِّیْ

هدايت ڏني، ۽ آئون خوف نه ٿو ڪريان توهان جن معبودن کان مگر جيڪو منهنجي رب منهنجي لاءِ تڪليف مقرر ڪئي، منهنجي رب جو علم

كُلَّ شَیْءٍ عِلْمًا ؕ اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۰﴾ وَكَیْفَ اَخَافُ مَاۤ اَشْرَكْتُمْ

هر شيءَ کان زياده آهي، ڇا پوءِ توهان نصيحت نه ٿا وٺو. ۽ ڪهڙيءَ طرح آئون خوف ڪريان ٿا توهان جن معبودن جو

وَلَا تَخَافُوْنَ اَنَّكُمْ اَشْرَكْتُمْ بِاللّٰهِ مَا لَمْ یُنَزِّلْ بِهٖ عَلَیْكُمْ

حالانڪ توهان نٿا خوف ڪريو بيشڪ توهان الله تعالىٰ سان شرڪ ڪريو ٿا جنهن الله تعالىٰ نازل نه ڪيو توهان جي مٿان

سُلْطٰنًا ؕ فَاَیُّ الْفَرِیْقَیْنِ اَحَقُّ بِالْاَمْنِ ۚ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۱﴾

ڪو به دليل، پوءِ ٻنهي گروهن مان ڪهڙو وڌيڪ امن جوڳو آهي، جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا.

اَلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ یَلْبِسُوْۤا اِیْمَانَهُمْ بِظُلْمٍ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْاَمْنُ

جن ماڻهن ايمان آندو ۽ پنهنجي ايمان کي ظلم سان نه گڏيائون انهن لاءِ امن آهي

وَهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۸۲﴾ وَتِلْكَ حُجَّتُنَاۤ اٰتَیْنٰهَاۤ اِبْرٰهِیْمَ عَلٰی قَوْمِهٖ ؕ

۽ اهي هدايت وارا آهن. ۽ اهي اسانجي وحدانيت جا دليل اسان ڏنا ابراهيم کي سندس قوم لاءِ

نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ اِنَّ رَبَّكَ حَكِیْمٌ عَلِیْمٌ ﴿۸۳﴾ وَوَهَبْنَا

اسين بلند درجا ڪريون ٿا جنهن جا اسين چاهيون، بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو هميشه ڄاڻندڙ آهي. ۽ اسان عطا

لَهٗۤ اِسْحٰقَ وَیَعْقُوْبَ ؕ كُلًّا هَدَیْنَا ۚ وَنُوْحًا هَدَیْنَا مِنْ قَبْلُ وَ

ڪيو ابراهيم کي اسحٰق (پٽ) ۽ يعقوب (پوٽو)، سڀني کي اسان هدايت ڏني ۽ انهيءَ کان اڳ اسان نوح کي هدايت ڏني سين ۽

مِنْ ذُرِّیَّتِهٖ دَاوٗدَ وَسُلَیْمٰنَ وَاَیُّوْبَ وَیُوْسُفَ وَمُوْسٰی وَ

انهيءَ جي اولاد مان داؤد ۽ سليمان ۽ ايوب ۽ يوسف ۽ موسىٰ ۽

وقف لازم

ص ۱۵ ع ۱۵

له تفسير جلالين. ۲ تفسير روح البيان. ۳ تفسير جلالين.
۴ تفسير روح المعاني.

هٰرُوْنَ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۸۴﴾ وَزَكَرِيَّا وَيَحْيٰى وَ

هارون کي هدايت ڏني سين، ۽ اهڙي ئي طرح اسين نيڪوڪارن کي بلند درجا ڏيون ٿا. ۽ زکريا ۽ يحيٰي ۽

عِيْسٰى وَاِلْيَاسَ ؕ كُلٌّ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿۸۵﴾ وَاِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ

عيسيٰ ۽ الياس، سڀئي (ڪامل) صالحن مان هئا. ۽ اسماعيل ۽ يسع

وَيُوْنُسَ وَلُوْطًا ؕ وَكُلًّا فَضَّلْنَا عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَمِنْ

۽ يونس ۽ لوط، ۽ سڀني کي اسان فضيلت ڏني سين (نبوت سان) انهي جڳ واريءَ تي. ۽ انهن جي

اٰبَآئِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَاِخْوَانِهِمْ ۚ وَاجْتَبَيْنٰهُمْ وَهَدَيْنٰهُمْ اِلٰى

والدن مان ۽ انهن جي اولاد مان ۽ انهن جي ڀائرن مان (ڪيترن کي) (جو ڏوسين) ۽ اسان انهن کي فضيلت ڏني ۽ سڌي رستي

صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۸۷﴾ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ

تي اسان انهن کي هلايو. اها هدايت الله تعالىٰ جي آهي جنهن کي چاهي هدايت فرمائي تو انهي سان

مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَلَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۸۸﴾

پاڻهن پنهنجن مان، ۽ جيڪڏهن شرڪ ڪن ها تہ يقيناً سندن عمل باطل ٿين ها.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ وَالْحُكْمَ وَالنُّبُوَّةَ ۚ فَاِنْ

اِهي اُهي ماڻهو آهن جن کي اسان ڪتاب تہ ڏنا ۽ حڪمت ۽ نبوت (عطا ڪئي) پوءِ جيڪڏهن

يَّكْفُرْ بِهَا هٰٓؤُلَآءِ فَقَدْ وَكَّلْنَا بِهَا قَوْمًا لَّيْسُوْا بِهَا

انهن ٿين ڪافرن جو انڪار ڪن ٿا (يعني جا رهندڙ) پوءِ بيشڪ اسين مقرر ڪندا سين انهن لاءِ اها قوم جيڪا انهيءَ جو

بِكٰفِرِيْنَ ﴿۸۹﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدَى اللّٰهُ فَبِهُدٰىهُمُ اقْتَدِهْ ؕ

انڪار ڪندڙ نہ هوندا. اِهي اُهي ماڻهو آهن جن کي الله هدايت ڏني پوءِ تون انهن جي هدايت جي تابعداري ڪر.

قُلْ لَّآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٰى لِلْعٰلَمِيْنَ ﴿۹۰﴾ ع

اي رسول! تون چئو تہ آئون توهان کان قرآن جو اجر نٿو گهران، نہ ئي هي قرآن ڪريم مگر نصيحت سڀني جهانن لاءِ.

ع ۱۰/۲

له تفسير بغوي و روح المعاني. ٢ تفسير روح المعاني و تفسير بيضاوي. ٣ تفسير البيضاوي. ٤ روح المعاني. ٥ تفسير بغوي. ٦ تفسير جلالين.
٧ تفسير جلالين. ٨ روح المعاني و تفسير النسفي.

وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖٓ اِذْ قَالُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى بَشَرٍ مِّنْ

۽ نہ سڃاتو (يهوديں) الله کي حق سان سڃاڻڻ جهن وقت چيائون نہ نازل ڪيائين الله تعالىٰ ڪنهن بشر تي

شَيْءٍ ؕ قُلْ مَنْ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ الَّذِيْ جَآءَ بِهٖ مُوْسٰى نُوْرًا وَّهُدًى

ڪا شي، (رسول عربي تو ڏانهن) فرمايو اهو ڪتاب (توراة) ڪنهن نازل ڪيو جيڪو موسىٰ ڪتي آيو روشني ۽ هدايت

لِّلنَّاسِ تَجْعَلُوْنَهٗ قَرَاطِيْسَ تُبْدُوْنَهَا وَتُخْفُوْنَ كَثِيْرًا ۚ وَعُلِّمْتُمْ مَّا لَمْ

ڏيندڑ هوماڻهن کي. توهان توراة کي پوپوڪري جدا جدا ورق ڪري ڏيو انهي مان ڪجهه حصو ظاهر ڪريو ٿا ۽ رسول عربي جي تعريف ڪيائو ٿا ۽ توهان کي معلوم عربي

تَعْلَمُوْٓا اَنْتُمْ وَلَآ اٰبَآؤُكُمْ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ ثُمَّ ذَرْهُمْ فِيْ خَوْضِهِمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿۹۱﴾

ويو جيڪو توهان کي ۽ توهان جن ڏاڏن کي معلوم نہ هو، توهان کي معلوم ڪرايو الله نازل فرمايو پوءِ جدا ڪيو انهن کي سندن ڪوڙن عقيدن ۾ راند ڪندڙ ڇڏ

وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ مُّصَدِّقُ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَ

۽ هي (قرآن ڪريم) ڪتاب آهي جيڪو اسان نازل ڪيو آهي وڏي برڪت وارو آهي تصديق ڪندڙ آهي انهيءَ مقدس ڪتابن جي ۽

لِتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا ؕ وَالَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ

انهي لاءِ ته توهان ڀڄائيندا مڪي جي ماڻهن کي ۽ سمورن ماڻهن کي، ۽ اهي ماڻهو جيڪي آخرت تي ايمان رکن ٿا

يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَهُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿۹۲﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ

(انهي) قرآن ڪريم تي ايمان آڻن ٿا ۽ اهي پنهنجن نمازن تي هميشگي ڪن ٿا. ۽ ڪير آهي وڏيڪ ظالم انهيءَ کان

افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ قَالَ اُوْحِيَ اِلَيَّ وَلَمْ يُوْحَ اِلَيْهِ شَيْءٌ وَّمَنْ

جيڪو الله تي ڪوڙ مڑهي ٿو يا چيائين مون ڏانهن وحي رباني ڪئي وئي آهي حالانڪ ان ڏانهن وحي ڪجهه به نہ ڪئي وئي ۽ جنهن

قَالَ سَاُنْزِلُ مِثْلَ مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ

ماڻهو چيو جلد ئي موندا انهن نازل ڪيو ويندو مثل انهيءَ جي جيڪو الله نازل ڪيو، ۽ جيڪڏهن تو هان اهو وقت ڏسو ها جڏهن ظالم

غَمَرٰتِ الْمَوْتِ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَاسِطُوْٓا اَيْدِيْهِمْ ۚ اَخْرِجُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ

موت جي سڪرات ۾ هوندا ۽ ملائڪ (سندن ساهه ڪڍڻ لاءِ) هٿ وڌائيندا ته چوندا توهان پنهنجن ساهن کي ڪيو،

لہ تفسير جلالين وابن عباس. ۲ تفسير روح البيان. ۳ تفسير جلالين وابن عباس. (منزل ۲) ۴ تفسير روح المعاني. ۵ تفسير النسفي. ۶ تفسير روح البيان.

اَلْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ غَيْرَ الْحَقِّ

اڄ ڏينهن توهان کي خواري واري عذاب سزا ڏني ويندي، ڇوته توهان الله تي ناحق ڪوڙ چوندا هئا

وَكُنْتُمْ عَنْ اٰيٰتِهٖ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿۹۳﴾ وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا

۽ توهان الله تعالىٰ جي آيتن کان تڪبر ڪندا هئا. ۽ تحقيق توهان اسان ڏانهن اڪيلا ايندا جيئن

خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ۚ وَمَا

اسان توهان کي پيدا فرمايو پهرئين دفعي ۽ توهان ڏنو هو توهان کي جيڪي اسان توهان کي ڏنو، ۽ نه

نَرٰى مَعَكُمْ شُفَعَآءَكُمُ الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ اَنَّهُمْ فِيْكُمْ شُرَكٰٓؤُا ؕ

ڏسندا اسين اسان توهان سان گڏ توهان جن بُتن کي جن لاءِ توهان جو گمان هو ته بيشڪ اهي بت عبادت ۾ رب تعالىٰ جا شريڪ آهن

لَقَدْ تَّقَطَّعَ بَيْنَكُمْ وَضَلَّ عَنْكُمْ مَّا كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ ﴿۹۴﴾

بيشڪ تحقيق اڄ (قيامت ۾) توهان جي ۽ توهان جن بُتن جو ڪ ۾ جدائي ٿي وئي ۽ توهان کان ضايع ٿيا اهي جن جو توهان گمان ڪندا هئا.

اِنَّ اللّٰهَ فَالِقُ الْحَبِّ وَالنَّوٰى ؕ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَمُخْرِجُ

بيشڪ الله تعالىٰ ڦاڙڻ ۽ ڪجور جي ڪٺريءَ کي ڦٽائيندڙ آهي، نڪرندڙ کي مئل مان ڪڍي ٿو ۽ مئل کي نڪرندڙ

الْمَيِّتِ مِنَ الْحَيِّ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۹۵﴾ فَالِقُ الْاِصْبَاحِ ۚ

مان ڪڍندڙ آهي، اهو آهي توهان جو رب پوءِ ڪهڙي طرح اُٻتا وڃو ٿا. اونداهي کي ختم ڪري صبح ڪندڙ آهي

وَجَعَلَ الَّيْلَ سَكَنًا وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ حُسْبَانًا ؕ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ

۽ پيدا ڪيائين رات کي آرام لاءِ ۽ پيدا ڪيائين سج ۽ چنڊ کي حساب لاءِ، اهو اندازو آهي

الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿۹۶﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ النُّجُوْمَ لِتَهْتَدُوْا بِهَا

غالب ڄاڻندڙ جو. ۽ اهو رب آهي جنهن توهان لاءِ پيدا ڪيائين تارن کي انهي لاءِ ته معلوم ڪريو توهان رات

فِيْ ظُلُمٰتِ الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ؕ قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۹۷﴾ وَ

انهن سڪاوندا هين ميدان ۽ سمنڊ ۾، بيشڪ اسان بيان ڪريون ٿا نشانيون انهي قوم لاءِ جيڪي علم رکن ٿا. ۽

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ فَمُسْتَقَرٌّ وَّمُسْتَوْدَعٌ ؕ

اهو رب آهي جنهن پيدا فرمايو توهان کي هڪ انسان (آدم) مان پوءِ ڪٿي توهان کي هميشه رهڻو آهي ۽ ڪٿي توهان کي عارضي طور رهڻو آهي

قَدْ فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّفْقَهُوْنَ ﴿٩٨﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ

بيشڪ الله آيتون بيان ڪيون آهن انهي قوم لاءِ جيڪي سمجهه رکن ٿا. ۽ اهو رب آهي جنهن نازل فرمايو

السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ نَبَاتَ كُلِّ شَيْءٍ فَاَخْرَجْنَا مِنْهُ خَضِرًا

آسمان مان پاڻي، پوءِ اسان پيدا ڪيا انهي پاڻي سان سڀ هر شيءِ جا پوءِ اسان انهي مان ساوڪ پيدا ڪئي

نُّخْرِجُ مِنْهُ حَبًّا مُّتَرَاكِبًا ۚ وَمِنَ النَّخْلِ مِنْ طَلْعِهَا قِنْوَانٌ دَانِيَةٌ

جنهن مان اسين دانا (ڪڍون ٿا) پيدا ڪري تہ هڪ ٻئي سان ملندڙ ۽ (پيدا ڪيا اسان) کجور جي گوشي مان ويجهو جڳهه جي زمين کي ۽ وڻ جهاڻيندڙ آهن

وَّجَنّٰتٍ مِّنْ اَعْنَابٍ وَّالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُشْتَبِهًا وَّغَيْرَ

۽ (اسان پيدا ڪيا) باغ انگورن جا ۽ زيتون جا ۽ ڏاڙهون جا، زيتون ۽ ڏاڙهون جا ملندڙ هڪ جهڙا ۽ ميوا

مُتَشَابِهٍ ؕ اُنْظُرُوْٓا اِلٰى ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَيَنْعِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكُمْ

جدا جدا، توهان ڏسو انهن ميون ۾ جڏهن ميوو ڏين تا ۽ ميون جي پچڻ جي ڏس، بيشڪ انهي ۾ نشانيون

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿٩٩﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ الْجِنَّ وَخَلَقَهُمْ

آهن انهي قوم لاءِ جيڪي ايمان رکن ٿا. ۽ الله جو شريڪ بنايائون جنن کي حالانڪ الله انهن کي پيدا ڪيو

وَخَرَقُوْا لَهٗ بَنِيْنَ وَبَنٰتٍۢ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٠٠﴾

۽ الله لاءِ بنايائون پٽ ۽ ڌيئر کي بغير علم جي، الله پاڪ ۽ بلند آهي اُن کان جيڪي اهي چون ٿا.

بَدِيْعُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَنّٰى يَكُوْنُ لَهٗ وَلَدٌ وَّلَمْ تَكُنْ لَّهٗ

الله تعالىٰ پيدا ڪندڙ آهي آسمانن جو ۽ زمين جو، ڪهڙي طرح اُن مقدس ذات کي اولاد آهي حالانڪ نه آهي انهي

صَاحِبَةٌ ؕ وَخَلَقَ كُلَّ شَيْءٍ ۚ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١٠١﴾

کي گهرواري، ۽ الله هر شيءِ کي پيدا فرمايو ۽ الله هر شيءِ کي هميشه جاڻندڙ آهي.

١٨ ع ٢٦

١ تفسير بيضاوي وتفسير جلالين وتفسير ابن كثير ٢ تفسير روح المعاني. منزل ٢ ٣ تفسير ابن عباس. ٤ تفسير روح البيان.

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ فَاعْبُدُوْهُ ۚ

اهو الله توهان جو رب آهي، ناهي ڪو معبود مگر الله، هر شيءِ جو خالق آهي پوءِ خاص الله جي عبادت ڪريو

وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ ﴿۱۰۲﴾ لَا تُدْرِكُهُ الْاَبْصَارُ ۫ وَهُوَ يُدْرِكُ

۽ اهو هر شيءِ تي ڪارساز آهي. نه ڏسون ٿا هن کي الله کي اکيون (اسان جون ڏسڻيون) ۽ الله پر ڏسي

الْاَبْصَارَ ۚ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿۱۰۳﴾ قَدْ جَآءَكُمْ بَصَآئِرُ مِنْ

ٿو اکين کي، ۽ الله باريڪ ڏسندڙ خبردار آهي. تحقيق توهان وٽ آيون حُجّتون[1] توهان جي

رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنْ اَبْصَرَ فَلِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ عَمِيَ فَعَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ

رب جي طرفان، پوءِ جنهن انهن حجتن کي ڏٺو ته پنهنجي لاءِ ڏٺو، ۽ جنهن نه ڏٺو ته پنهنجي لاءِ آندائين آهي، ۽ ناهيان آئون توهان تي

بِحَفِيْظٍ ﴿۱۰۴﴾ وَكَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ وَلِيَقُوْلُوْا دَرَسْتَ وَ

نگهبان. ۽ اهڙيءَ طرح اسان[2] بيان ڪريون ٿا نشانين کي ۽ پلي ته ڪافر چون ته توهان گذريل ڪتاب پڙهيا آهن[3] ۽

لِنُبَيِّنَهٗ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۱۰۵﴾ اِتَّبِعْ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ۚ

ضرور بيان ڪريون ٿا قرآن کي انهن قوم لاءِ جي ڄاڻن ٿا. رسول عربي توهان تابعداري ڪريو انهيءَ قرآن جي جيڪو توهان ڏانهن جي طرفان آهي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ وَاَعْرِضْ عَنِ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ

ناهي ڪو معبود مگر الله تعالىٰ، ۽ توهان مشرڪن کان مُنهن موڙيو. ۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته

مَآ اَشْرَكُوْا ۭ وَمَا جَعَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيْظًا ۚ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ

نه شرڪ ڪن ها، ۽ نه مقرر ڪيوسانءِ توهان کي انهن جي مٿان نگهبان، ۽ ناهيو توهان انهن جي مٿان

بِوَكِيْلٍ ﴿۱۰۷﴾ وَلَا تَسُبُّوا الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَيَسُبُّوا

ڪارساز. ۽ توهان گاريون نه ڏيو انهن جن بُتن کي جن جي اهي الله کان سوا ۽ عبادت ڪن ٿا پوءِ اُهي ٿا ڏيئي

اللّٰهَ عَدْوًۢا بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ كَذٰلِكَ زَيَّنَّا لِكُلِّ اُمَّةٍ عَمَلَهُمْ ۠

الله کي دشمني ۽ علم نه هُجڻ سبب، اهڙيءَ طرح اسان هر اُمت لاءِ سندن عمل سينگاريا آهن،

[1] تفسير جلالين. [2] تفسير جلالين. [3] تفسير روح المعاني. [4] تفسير بيضاوي

ثُمَّ إِلَىٰ رَبِّهِم مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُم بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٠٨﴾ وَ

انهي ڪان پوءِ ڪيس پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي پوءِ جزا ڏي ٿو انهن کي سندن بد اعمالي سبب ۽

أَقْسَمُوا بِاللَّهِ جَهْدَ أَيْمَانِهِمْ لَئِن جَاءَتْهُمْ آيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ

اهي الله تعالىٰ جا قسم کڻي پنهنجن قسمن کي نهايت پڪو ڪن ٿا (چوڻا) جيڪڏهن آئي انهن وٽ نشاني تہ انهي تي ضرور

بِهَا ۚ قُلْ إِنَّمَا الْآيَاتُ عِندَ اللَّهِ وَمَا يُشْعِرُكُمْ أَنَّهَا إِذَا جَاءَتْ

ايمان آڻيندا، رسول عربي توهان فرمايو نشانيون ته فقط الله تعالىٰ وٽ آهن ۽ توهان کي ڪهڙي خبر، بيشڪ اهي نشانيون جڏهن اينديون

لَا يُؤْمِنُونَ ﴿١٠٩﴾ وَنُقَلِّبُ أَفْئِدَتَهُمْ وَأَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ

تڏهن بہ ايمان نہ آڻيندا ۽ اسين انهن جي دلين ۽ اکين کي ڦيرايون ٿا (حق کان) جيئن انهن نہ

يُؤْمِنُوا بِهِ أَوَّلَ مَرَّةٍ وَنَذَرُهُمْ فِي طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُونَ ﴿١١٠﴾

ايمان آندو (معجزن تي) پهرئين دفعي ۽ اسان انهن کي سندن گمراهي ۾ ڇڏيون ٿا جو حيران رهن ٿا ۔

وَلَوْ أَنَّنَا نَزَّلْنَا إِلَيْهِمُ الْمَلَائِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتَىٰ وَحَشَرْنَا

۽ جيڪڏهن تحقيق اسان نازل فرمايون ها انهن ڏانهن ملائڪ ۽ مُئل انهن سان گالهائن ها ۽ اسين گڏ ڪريون ها

عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوا لِيُؤْمِنُوا إِلَّا أَن يَشَاءَ اللَّهُ وَ

انهن جي روبرو هر شيءَ تہ به اهي نہ ايمان آڻن ها مگر جهن کي الله تعالىٰ چاهي ها ۽

لَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُونَ ﴿١١١﴾ وَكَذَٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا

پر اڪثر انهن جاهالت ڪن ٿا ۔ ۽ اهڙيءَ طرح پيدا ڪيا اسان هر هڪ پيغمبر لاءِ دشمن

شَيَاطِينَ الْإِنسِ وَالْجِنِّ يُوحِي بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ زُخْرُفَ

شيطان، انسانن مان ۽ جنن مان وسوسو وجهن ٿا هڪ ٻئي کي سينگاريل

الْقَوْلِ غُرُورًا ۚ وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوهُ فَذَرْهُمْ وَمَا

گالهہ تڪبر ڪرڻ سان، ۽ جيڪڏهن تو ها، جو رب چاهي ته ائين نہ ڪن ها پوءِ انهن کي ڇڏ يو جيئي

١ تفسير روح المعاني وجلالين. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير جلالين. ٤ تفسير جلالين و تفسير بيضاوي. ٥ تفسير روح المعاني.

ثُمَّ إِلَىٰ رَبِّهِم مَّرْجِعُهُمْ فَيُنَبِّئُهُم بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٠٨﴾ وَ

انهي ڪان پوءِ ڪيس پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي پوءِ جزا ڏي ٿو انهن کي سندن بد اعمالي سبب ۽

أَقْسَمُوا بِاللَّهِ جَهْدَ أَيْمَانِهِمْ لَئِن جَاءَتْهُمْ آيَةٌ لَّيُؤْمِنُنَّ

اهي الله تعالىٰ جا قسم کڻي پنهنجن قسمن کي نهايت پڪو ڪن ٿا (چوڻا) جيڪڏهن آئي انهن وٽ نشاني تہ انهي تي ضرور

بِهَا ۚ قُلْ إِنَّمَا الْآيَاتُ عِندَ اللَّهِ وَمَا يُشْعِرُكُمْ أَنَّهَا إِذَا جَاءَتْ

ايمان آڻيندا، رسول عربي توهان فرمايو نشانيون ته فقط الله تعالىٰ وٽ آهن ۽ توهان کي ڪهڙي خبر، بيشڪ اهي نشانيون جڏهن اينديون

لَا يُؤْمِنُونَ ﴿١٠٩﴾ وَنُقَلِّبُ أَفْئِدَتَهُمْ وَأَبْصَارَهُمْ كَمَا لَمْ

تڏهن بہ ايمان نہ آڻيندا ۽ اسين انهن جي دلين ۽ اکين کي ڦيرايون ٿا (حق کان) جيئن انهن نہ

يُؤْمِنُوا بِهِ أَوَّلَ مَرَّةٍ وَنَذَرُهُمْ فِي طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُونَ ﴿١١٠﴾

ايمان آندو (معجزن تي) پهرئين دفعي ۽ اسان انهن کي سندن گمراهي ۾ ڇڏيون ٿا جو حيران رهن ٿا ۔

وَلَوْ أَنَّنَا نَزَّلْنَا إِلَيْهِمُ الْمَلَائِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتَىٰ وَحَشَرْنَا

۽ جيڪڏهن تحقيق اسان نازل فرمايون ها انهن ڏانهن ملائڪ ۽ مُئل انهن سان گالهائن ها ۽ اسين گڏ ڪريون ها

عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوا لِيُؤْمِنُوا إِلَّا أَن يَشَاءَ اللَّهُ وَ

انهن جي روبرو هر شيءَ تہ به اهي نہ ايمان آڻن ها مگر جهن کي الله تعالىٰ چاهي ها ۽

لَٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُونَ ﴿١١١﴾ وَكَذَٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا

پر اڪثر انهن جاهالت ڪن ٿا ۔ ۽ اهڙيءَ طرح پيدا ڪيا اسان هر هڪ پيغمبر لاءِ دشمن

شَيَاطِينَ الْإِنسِ وَالْجِنِّ يُوحِي بَعْضُهُمْ إِلَىٰ بَعْضٍ زُخْرُفَ

شيطان، انسانن مان ۽ جنن مان وسوسو وجهن ٿا هڪ ٻئي کي سينگاريل

الْقَوْلِ غُرُورًا ۚ وَلَوْ شَاءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوهُ فَذَرْهُمْ وَمَا

گالهہ تڪبر ڪرڻ سان، ۽ جيڪڏهن تو ها، جو رب چاهي ته ائين نہ ڪن ها پوءِ انهن کي ڇڏ يو جيئي

١ تفسير روح المعاني وجلالين. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير جلالين. ٤ تفسير جلالين و تفسير بيضاوي. ٥ تفسير روح المعاني.

يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلِتَصْغٰٓى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

ڪجهہ مڙهن ٿا ۽ پوءِ تان طرف جهڪن انهن ماڻهن جون دلين جيڪي آخرت تي ايمان

بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ اَفَغَيْرَ

نه ٿا آڻين ۽ پوءِ تهان کي خوش ڪن ۽ پوءِ ته ناهن ڪوڙن کي جيڪي ڪوڙ ٿا هيندڙ آهن . چاءِ ۽ الله تعالىٰ

اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ؕ

کان سواءِ آڻ فيصلو ڪندڙ کي طلب ڪريان ۽ الله تعالىٰ اهو آهي جنهن نازل فرمايو توهان ڏانهن قرآن مجيد تفصيل سان

وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ بِالْحَقِّ

۽ اهي ماڻهو جن کي اسان توراة ۽ انجيل ڏنو آهي (اهي) ڄاڻن ٿا ته بيشڪ قرآن مجيد الله جي طرفان حق سان نازل ڪيل آهي

فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا

پوءِ تون (اي هدايت ڏيندڙ) هرگز شڪ ڪندڙ مان نه ٿيءُ . ۽ رسول عربي جي رب جا حڪم سچائي ۽ انصاف

وَّعَدْلًا ؕ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾ وَاِنْ

سان پورا ٿيا ، الله جي حڪمن ۽ وعدن کي ڪوبه تبديل ڪرڻ وارو نه آهي ، ۽ الله بڌندڙ ڄاڻندڙ آهي . ۽ جيڪڏهن

تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنْ

(اي بڌندڙ) تون تابعداري ڪندين ڪافرن جي تہ اهي تو کي الله جي واٽ کان گمراهه ڪندا ، (اهي) نه ٿا

يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

تابعداري ڪن مگر گمان جي ۽ ناهن اهي (ڪافر) مگر اندازو ڪن ٿا . بيشڪ رسول عربي جو رب اهو

اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١١٧﴾

وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انکي جيڪو سندس واٽ کان گمراهه ٿئي ٿو . ۽ اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن کي .

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾

پوءِ توهان انهي جانورن مان کاڌو جنهن جي ڪڍڻ وقت الله تي الله جو نالو ورتو ويو هجي توهان الله جي آيتن کي ڄاڻندڙ آهيو .

(منزل ٢)

له تفسير روح المعاني . له تفسير بيضاوي . له تفسير النسفي .
ل تفسير كبير للعلامة الرازي وتفسير نسفي . له تفسير بيضاوي وجلالين له تفسير روح المعاني .

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ

۽ توهان کي ڇا ٿئي جو نٿا کائو ان مان جنهن جي کڻڻ وقت ان تي الله جو نالو ورتو ويو ۽ تحقيق بيان ڪيا

لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ ؕ وَاِنَّ كَثِيْرًا

الله توهان لاءِ اهي جانور جيڪي توهان تي حرام ڪيائين مگر جڏهن توهان مجبور ڪيا وڃو ، ۽ بيشڪ گهڻا ماڻهو

لَّيُضِلُّوْنَ بِاَهْوَآئِهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ

پنهنجن سڏن سان بغير معلومات جي گمراهه ٿين ٿا ، بيشڪ رسول عربي ڇوربر الهوديڪ جاڻندڙ آهي

بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿۱۱۹﴾ وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ

حدڪان وڌندڙن کي . ۽ توهان (اي مومنو) ظاهري ۽ باطني گناهه ڇڏي ڏيو ، بيشڪ جيڪي ماڻهو

يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿۱۲۰﴾ وَلَا تَاْكُلُوْا

گناهه ڪن ٿا اهي جلدي جزا ڏنا ويندا سندن بداعمالي سبب . ۽ توهان نه کائو

مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَاِنَّ الشَّيٰطِيْنَ

(اُن جانورکي) جنهن جي کڻڻ وقت غير الله جو نالو ورتو ويو ۽ بيشڪ اهو گناهه آهي ، ۽ بيشڪ شيطان

لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى اَوْلِيٰٓئِهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ

پنهنجن ساٿين کي وسوسا وجهن ٿا انهي لاءِ ته توهان سان اختلاف ڪن ، ۽ جيڪڏهن توهان (اي بڏندڙ) انهن

اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ﴿۱۲۱﴾ اَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ

جي تابعداري ڪئي (بالفرض) ته بيشڪ توهان مشرڪ آهيو . ڇا جيڪو ماڻهو ڪفر ۾ هو پوءِ اسان ان کي هدايت ڏني ۽ اسان لاءِ

نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِى النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِى الظُّلُمٰتِ لَيْسَ

روشني پيدا ڪئي جنهن سان هو ماڻهن ۾ هلي ٿو (ڇا) اهو اُن ماڻهو جهڙو آهي جيڪو اوندهين ۾ آهي ، ۽ انهي

بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۲﴾

کان نڪرڻ وارو نه ٿو سگهي ، اهڙي طرح ڪافرن لاءِ سندن بداعمالي سينگاري وئي .

ع ١٤

١ تفسير ڪبير ٢ تفسير بيضاوي وجلالين ٣ تفسير روح المعاني و (منزل ٢) تفسير بيضاوي ٤ تفسير ڪبير وتفسير جلالين وتفسير النسفي .
٥ تفسير روح المعاني ٦ تفسير النسفي وجلالين وتفسير ابن عباس .

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا

ھڑي طرح پيدا ڪيا اسان هر ڳوٺ ۾ وڏا ماڻهو جيڪي گناهه ڪندڙ آهن انهيءَ ڳوٺ ۾ انهيءَ لاءِ تہ اهي ڳوٺ ۾ (پاڻي) فريب

فِيْهَا ؕ وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا

ڪن، ۽ نہ ٿا فريب ڪن مگر پنهنجن نفسن سان ۽ اهي نہ ٿا سمجهن. ۽ جنهن وقت

جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى نُؤْتٰى مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ رُسُلُ

انهن وٽ ڪا نشاني اچي ٿي، چون ٿا اسين هرگز ايمان نہ آڻينداسين ايستائين جو اسان کي اها شيءَ نہ ملي جيڪا الله جي رسولن

اللّٰهِ ؔۘ اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَيْثُ يَجْعَلُ رِسٰلَتَهٗ ؕ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا

کي ڏني وئي آهي، الله وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي انهيءَ کي جيڪو نبوت جي رسالت حوالي ڪري ٿو، جلدي پهچندي ذلت ۽ مجرمن

وقف لازم وقف مترل

صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعَذَابٌ شَدِيْدٌ ۢ بِمَا كَانُوْا يَمْكُرُوْنَ ﴿١٢٤﴾

کي الله جي طرفان ۽ سخت عذاب انهيءَ سببان جو فريب ڪندا هئا.

فَمَنْ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ يَّهْدِيَهٗ يَشْرَحْ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ وَمَنْ

پوءِ جنهن ماڻهو کي الله هدايت ڏيڻ چاهي ٿو انهيءَ جي سيني کي اسلام لاءِ کاڏو فرمائي ٿو، ۽ جنهن ماڻهو

يُّرِدْ اَنْ يُّضِلَّهٗ يَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَيِّقًا حَرَجًا كَاَنَّمَا

کي گمراهه ڪرڻ چاهي ٿو انهيءَ جي سيني کي تنگ ۽ گهٽيل ڪري ٿو گويا ڪ اهو زبردستي

يَصَّعَّدُ فِي السَّمَآءِ ؕ كَذٰلِكَ يَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ عَلَى

آسمان تي چڙهي رهيو آهي، اهڙي طرح الله تعالىٰ عذاب مقرر فرمائي ٿو انهن ماڻهن تي

الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٢٥﴾ وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِيْمًا ؕ قَدْ

جيڪي ايمان نہ ٿا آڻن . ۽ هي رستو، رسول عربي جي رب جو سڌو آهي ، تحقيق

فَصَّلْنَا الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ

اسان پنهنجي آيتن کي کولي کولي بيان ڪيو آهي انهي قوم لاءِ جيڪي نصيحت قبول ڪن ٿا. انهن لاءِ بهشت آهي سندن

لہ تفسیر روح المعانی. ٢ تفسیر النسفی وجلالین. ٣ تفسیر جلالین و (منزل ٢) تفسیر بیضاوی. ٤ تفسیر روح المعانی وتفسیر جلالین وابن عباس.

رَبِّهِمْ وَهُوَ وَلِيُّهُمْ بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٢٧﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ

رب وٽ ۽ ربّ تعالىٰ سندن دوست آهي انهيءَ سببان جو آهي نيڪوڪارن جو ۽ قيامت ۾ الله انهن سڀني کي گڏ

جَمِيعًا ۚ يَا مَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِنَ الْإِنْسِ ۖ وَقَالَ

ڪندو ، (الله فرمائيندو) اي جنن جي جماعت تحقيق تو ڪيترن ئي انسانن کي گمراهيءَ ۾ آندو ۽ چوندا

أَوْلِيَاؤُهُمْ مِنَ الْإِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَبَلَغْنَا

سنگتي جنن جا انسان ماڻ، اي انسان جا رب انسان هڪ ٻئي کان فائدو ورتو (گناهن ۾) ۽ انسان کي پهتو

أَجَلَنَا الَّذِي أَجَّلْتَ لَنَا ۚ قَالَ النَّارُ مَثْوَاكُمْ خَالِدِينَ

مقرر وقت (موت جو) جيڪو تو انسان لاءِ مقرر فرمايو، الله فرمائيندو دوزخ تو هان جي رهڻ جي جاءِ آهي

فِيهَا إِلَّا مَا شَاءَ اللَّهُ ۗ إِنَّ رَبَّكَ حَكِيمٌ عَلِيمٌ ﴿١٢٨﴾ وَ

هميشه انهي ۾ رهندا مگر جيڪو الله چاهي، بيشڪ رسولِ عربيءَ جو رب حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي ۔ ۽

كَذَٰلِكَ نُوَلِّي بَعْضَ الظَّالِمِينَ بَعْضًا بِمَا كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴿١٢٩﴾ ع ٢٣ ١٥

اهڙي طرح اسين ڪن ظالمن کي ڪن ظالمن جو دوست بنائيون تا انهيءَ سببان جو گناهه ڪن تا.

يَا مَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ أَلَمْ يَأْتِكُمْ رُسُلٌ مِنْكُمْ

اي جماعت جنن ۽ انسانن جي ڇا نه آيا توهان وٽ پيغمبر توهان مان، جن

يَقُصُّونَ عَلَيْكُمْ آيَاتِي وَيُنْذِرُونَكُمْ لِقَاءَ يَوْمِكُمْ

بيان ڪيائون توهان تي منهنجون آيتون ۽ توهان کي قيامت جي ڏينهن ڇڪ ڪان ڊيڄاريائون

هَٰذَا ۚ قَالُوا شَهِدْنَا عَلَىٰ أَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيَاةُ

تي ، چوندا (هائو) اسين پنهنجن نفسن تي شاهدي ڏيون تا ۽ حياتي دنيا جي ڪين مغرور

الدُّنْيَا وَشَهِدُوا عَلَىٰ أَنْفُسِهِمْ أَنَّهُمْ كَانُوا كَافِرِينَ ﴿١٣٠﴾

ڪيو ۽ پنهنجن نفسن تي شاهدي ڏنائون تہ بيشڪ اهي ڪافر ماڻ هئا .

لہ تفسیر روح المعانی. ٢ تفسیر جلالین.

ذٰلِكَ اَنْ لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا

اهو انهيءَ ڪري جو ناهي ملاڪ ڪندڙ تنهنجو رب، ظلم سبان ڳوڻ ڪي ۽ رهواسي ان کان ٻاجهه جا

غٰفِلُوْنَ ﴿١٣١﴾ وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ

بي خبر هجن ۔ ۽ هر هڪ لاءِ درجا آهن اُن مطابق جو عمل ڪيائون، ۽ تنهنجو رب انهن جي عملن

عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٢﴾ وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ؕ اِنْ يَّشَاْ

کان بي خبر ناهي ۔ ۽ تنهنجو ربّ بي نياز ۽ ڏيڻ رحمت وارو آهي، جيڪڏهن چاهي،

يُّذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ بَعْدِكُمْ مَّا يَشَآءُ كَمَآ

توهان کي گهرائي ويڙي ۽ توهان کان پوءِ جن ماڻهن کي چاهي توهان جو جاءِ نشين ڪري، جيئن ڪ

اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ﴿١٣٣﴾ اِنَّ مَا تُوْعَدُوْنَ

توهان کي آڳين قومن جو جاءِ نشين ڪري پيدا فرمايائين ۔ بيشڪ توهان کي جيڪو وعدو ڏنو ويو

لَاٰتٍ ۙ وَّمَاۤ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿١٣٤﴾ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى

آهي اُهو ضرور پورو ڪيو ويندو ۽ توهان عاجز ڪندڙ ناهيو ۔ رسولِ عربي توهان فرمايو اي منهنجي قوم توهان پنهنجي

مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ

جاءِ تي عمل ڪريو بيشڪ آئون پنهنجو ڪم ڪندڙ آهيان پوءِ توهان جلدي معلوم ڪندا ته ڪنهن لاءِ

عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿١٣٥﴾ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ

بهشت آهي ، بيشڪ ظالم نجات حاصل نه ڪندا ۔ ۽ ڪافرن ڪجهه حصو مقرر ڪيو

مِمَّا ذَرَاَ مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا

الله لاءِ سندس پيدا ڪيل پوک ۽ چوپائين مان پوءِ پنهنجي باطل عقيدي موجب

هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَهٰذَا لِشُرَكَآئِنَا ۚ فَمَا كَانَ

چيائون هيءُ الله لاءِ آهي ۽ هيءُ اسان جي بُتن لاءِ آهي ، پوءِ جيڪو حصو انهن جي

ل تفسير روح المعاني ۔

لِشُرَكَآئِهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَمَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ

بُتن لاءِ آهي پوءِ اهو الله جي طرف نه ٿو پهچي سگهي، ۽ جيڪو الله لاءِ آهي اهو انهن

يَصِلُ اِلٰى شُرَكَآئِهِمْ ۭ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ﴿١٣٦﴾ وَكَذٰلِكَ

جي بُتن طرف پهچي سگهي ٿو ، اهو فيصلو تمام خراب آهي (عقل جي خلاف آهي). ۽ اهڙي طرح

زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ

ڪيترن بُتن (گويا) مشرڪن جي نظر ۾ پنهنجي نياڻين کي قتل ڪرڻ سٺو ٿي

شُرَكَآؤُهُمْ لِيُرْدُوْهُمْ وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ۭ

ڏيکاريو انهيءَ لاءِ ته انهن (مشرڪن کي) هلاڪت ۾ وجهن ۽ سندن دين متن مشڪوڪ ڪن ،

وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٧﴾

۽ جيڪڏهن الله چاهي ها ته اهي نه ڪن ها پوءِ تون انهن کي ۽ سندن ڪوڙ مڙهڻ کي ڇڏي ڏيو.

وَقَالُوْا هٰذِهٖٓ اَنْعَامٌ وَّحَرْثٌ حِجْرٌ ڰ لَّا يَطْعَمُهَآ اِلَّا مَنْ نَّشَآءُ

۽ مشرڪن پنهنجي عقيدي موجب چيو هي ڇوپايا ۽ پوکون حرام آهن ، نه کائن انهن کي مگر جنهن کي اسين چاهيون

بِزَعْمِهِمْ وَاَنْعَامٌ حُرِّمَتْ ظُهُوْرُهَا وَاَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ

۽ چوپاڻن کن جانورن جي سواري حرام ڪئي وئي آهي ۽ کن جانورن جي کڻڻ وقت

اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ۭ سَيَجْزِيْهِمْ بِمَا كَانُوْا

الله اڪبر نه چئجي. (اهي سڀ گالهيون) الله جو متان مڙهين تان الله انهن کي جلدي جزا ڏيندو انهيءَ سبب جو

يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٨﴾ وَقَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ الْاَنْعَامِ

کوڙ مڙهين ٿا . ۽ مشرڪن چيو جيڪي ڪجهه انهن (حلال) جانورن جي پيٽن ۾ آهي اهو اسان

خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَمُحَرَّمٌ عَلٰٓى اَزْوَاجِنَا ۚ وَاِنْ يَّكُنْ

مردن لاءِ حلال آهي ۽ اسان جي زالن لاءِ حرام آهي ، ۽ جيڪڏهن

مَّيْتَةً فَهُمْ فِيهِ شُرَكَآءُ ۚ سَيَجْزِيهِمْ وَصْفَهُمْ ۚ إِنَّهُ حَكِيمٌ

مُسل آهي تہ پوءِ اهي سيئي ان ۾ شريڪ آهن، الله جلدي انهن کي سندن ڪاليه جو بدلو ڏيندو، بيشڪ الله

عَلِيمٌ ﴿١٣٩﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِينَ قَتَلُوٓا أَوْلَادَهُمْ سَفَهًا

حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي. تحقيق نقصان ۾ پيا اهي ماڻهو جن بي وقوفي ۽ جهالت سبان پنهنجي

بِغَيْرِ عِلْمٍ وَحَرَّمُوا مَا رَزَقَهُمُ اللَّهُ افْتِرَآءً عَلَى اللَّهِ ۚ

اولاد کي قتل ڪيو ۽ حرام سمجهائون انهن شين کي جيڪي الله رزق ڪري انهن کي ڏنيون، اهي الله تعالىٰ تي ڪوڙ مڙهين ٿا،

قَدْ ضَلُّوا وَمَا كَانُوا مُهْتَدِينَ ﴿١٤٠﴾ وَهُوَ الَّذِي أَنشَأَ

تحقيق اهي گمراهه ٿيا ۽ هدايت وارا نه هئا ۽ الله تعالىٰ اهو آهي جنهن پيدا فرمايا

جَنَّاتٍ مَّعْرُوشَاتٍ وَغَيْرَ مَعْرُوشَاتٍ وَالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ

باغ (انهن مان) ڪجهه ويلن ۾ وڻن جا آهن ۽ (پيدا ڪيائين) ڪجور ۽ پوکون جن جا

مُخْتَلِفًا أُكُلُهُ وَالزَّيْتُونَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا وَغَيْرَ

ذائقا جدا جدا آهن ۽ (پيدا ڪيائين) زيتون ۽ ڏاڙهون سندن وڻ هڪ جهڙا ۽ ميوا جدا

مُتَشَابِهٍ ۚ كُلُوا مِن ثَمَرِهِ إِذَآ أَثْمَرَ وَآتُوا حَقَّهُۥ يَوْمَ

جدا آهن، توهان انهن ميون مان کائو جڏهن ميوو ڏين ۽ فصل تيار ٿين ۽ وقت عشر (ڏهون

حَصَادِهِۦ ۖ وَلَا تُسْرِفُوا ۚ إِنَّهُۥ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ﴿١٤١﴾ وَمِنَ

حصو) مسڪين کي ڏيو ۽ اجايو خرچ نه ڪريو بيشڪ الله، اجائي خرچ ڪندڙ سان محبت نه ٿو ڪري. ۽ جانورن

الْأَنْعَامِ حَمُولَةً وَفَرْشًا ۚ كُلُوا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللَّهُ وَلَا

مان کي وڏا جانور بار لاءِ ۽ ڪي ننڍا جانور پيدا فرمايائين، توهان کائو جيڪي الله توهان کي رزق ڏنو آهي ۽ شيطان

تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ ۚ إِنَّهُۥ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِينٌ ﴿١٤٢﴾

جي نقش قدم تي نه هلو، بيشڪ اهو توهان جو صاف دشمن آهي.

١٤ تفسير مظهري.

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ

اٺ قسم (چوپائين جا حلال) آهن، هڪ جوڙي دنبن مان ۽ هڪ جوڙي بکرين مان،

قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ

توهان فرمايو ڇا الله نر حرام ڪيا يا ٻئي مادیون يا اهو جنهن کي ٻنهي مادين

اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ نَبِّـُٔوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٤٣﴾

پيٽ ۾ رکيو آهي ؟ توهان مون کي علم سان ٻڌايو جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

وَمِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ

۽ هڪ جوڙي اُٺن مان ۽ هڪ جوڙي ڏيڻن مان، توهان فرمايو ڇا الله ٻئي نر

حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ

حرام ڪيا يا ٻئي مادیون يا اهو جنهن کي ٻنهي مادين پيٽ ۾ رکيو آهي ؟

اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ وَصّٰىكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ

ڇا توهان موجود هئا جڏهن الله توهان کي (انهن حلال جانورن جي حرام هجڻ جو) حڪم ڏنو هو، پوءِ ڪير آهي وڏيڪ ظالم

افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا

انهيءَ کان جنهن الله تي ڪوڙ مڑهيو انهي لاءِ ته ماڻهن کي گمراهه ڪري علم کان سواءِ، بيشڪ الله نه ٿو

يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٤﴾ قُلْ لَّاۤ اَجِدُ فِيْ مَاۤ اُوْحِيَ اِلَيَّ

هدايت ڏئي ظالمن جي قوم کي . رسول عربي توهان فرمايو، آئون وحي رباني موجب انهن

مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗۤ اِلَّاۤ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً

(حلال جانورن) جو کائڻ حرام نه ٿو سمجهان مگر اهي جانور جيڪي انهن مان مردار ڪيا وڃن يا

اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا

يا سُئر وارو رت يا سُوئر جو گوشت پوءِ بيشڪ اهو پليد (حرام) آهي يا گناهه واري

ع ١٧ ٢٤

١ تفسير مظهري . ٢ تفسير مظهري .

أُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ

شئي جنهن تي ڪهڻ وقت غير الله جو نالو ورتو ويو هجي ڪو ماڻهو (حرام ڪائڻ لاءِ) مجبور ڪيو ويو هجي ۽ سندس ڪاڌ لائق نه هجي ۽

رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَعَلَى الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا

بيشڪ رسول جي رب بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ اسان حرام ڪيو يهودين تي

كُلَّ ذِيْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ

هر ناخن دار جانور، ۽ اسان حرام ڪيو ڏڳين ۽ پڪرين مان انهن يهودين تي

شُحُوْمَهُمَآ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَآ اَوِ الْحَوَايَآ اَوْ مَا اخْتَلَطَ

انهن جانورن جي چربي مگر جيڪا چربي لڳل هجي انهن جي پٺين تي يا آنڊا يا جيڪا مِڪ

بِعَظْمٍ ۭ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۠ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿١٤٦﴾

انهن جي هڏن ۾ آهي، يهودين جي بغاوت سبب انهن جي جزا آهي، ۽ بيشڪ اسان سچا آهيون.

فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَلَا يُرَدُّ

پوءِ جيڪڏهن توهان کي ڪوڙو سمجهن پوءِ تو هان فرمايو توهان جو رب گهڻي رحمت وارو آهي، الله جو عذاب نه ٽو

بَاْسُهٗ عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٤٧﴾ سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا

ڦيرايو وڃي مجرمن جي قوم تان. جلدي چوندا مُشرڪ

لَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَآ اَشْرَكْنَا وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ۭ

جيڪڏهن الله چاهي ها ته اسين ۽ اسان جا پيءُ ڏاڏا شرڪ نه ڪن ها ۽ اسين ڪا شيءُ حرام نه ڪريون ها،

كَذٰلِكَ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا بَاْسَنَا ۭ قُلْ

اهڙي طرح ڪوڙو سمجهائون (نبين کي) انهن ماڻهن جيڪي انهن کان اڳ هئا ايتائين جو اسان جو عذاب چکيائون، توهان

هَلْ عِنْدَكُمْ مِّنْ عِلْمٍ فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ۭ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَ

فرمايو ڇا توهان وٽ ڪو علم آهي جو ان کي اسان لاءِ ظاهر ڪريو؟ توهان تابعداري ڪريو ٿا پنهنجي گمان جي ۽

لها اي رفع الصوت على وجه ياسم غير الله. (تفسير السمعاني) و (معالم ٢) تفسير ابن عباس وتفسير المعالي. عله تفسير جلالين.

إِنْ أَنتُمْ إِلَّا تَخْرُصُونَ ﴿١٤٨﴾ قُلْ فَلِلَّهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۖ فَلَوْ شَاءَ

ء توهان ته فقط اندازو كريو ٿا ۔رسول عربي توهان فرمايو ته الله تعالى وٽ پڪو دليل آهن، پوءَ الله جيڪڏهن

لَهَدَاكُمْ أَجْمَعِينَ ﴿١٤٩﴾ قُلْ هَلُمَّ شُهَدَاءَكُمُ الَّذِينَ يَشْهَدُونَ

چاهي ته توهان سڀني کي هدايت فرمائي. رسول عربي توهان فرمايو آڻيو پنهنجا شاهد جيڪي شاهدي ڏين

أَنَّ اللَّهَ حَرَّمَ هَٰذَا ۚ فَإِن شَهِدُوا فَلَا تَشْهَدْ

ته بيشڪ الله انهن شيءَ کي حرام ڪيو آهي ، پوءِ جيڪڏهن شاهدي ڏين (بالفرض) پوءِ توهان انهن سان گڏ

مَعَهُمْ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ أَهْوَاءَ الَّذِينَ كَذَّبُوا بِآيَاتِنَا

شاهدي نه ڏيو، ۽ توهان انهن جي سڏڻ جي تابعداري نه ڪريو جن ماڻهن ڪوڙ سمجهيو اسان جي آيتن کي

وَالَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ وَهُم بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُونَ ﴿١٥٠﴾ ع ٢٣/١٥

۽ اهي ماڻهو آخرت تي ايمان نه ٿا آڻن ۽ اهي ماڻهو پنهنجي رب سان برابري ڪن ٿا.

قُلْ تَعَالَوْا أَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ ۖ أَلَّا تُشْرِكُوا بِهِ

اي حبيب توهان فرمايو توهان اچو آئون توهان کي پڙهي ٻڌايان جيڪي توهان جو رب توهان تي حرام ڪيو آهي ته الله سان ڪنهن کي

شَيْئًا ۖ وَبِالْوَالِدَيْنِ إِحْسَانًا ۖ وَلَا تَقْتُلُوا أَوْلَادَكُم مِّنْ

شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ سان نيڪي ڪريو ، ۽ نه قتل ڪريو توهان پنهنجي اولاد کي غربت

إِمْلَاقٍ ۖ نَّحْنُ نَرْزُقُكُمْ وَإِيَّاهُمْ ۖ وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا

سبب ، اسين توهان کي ۽ انهن کي رزق ڏيندا سين ، ۽ نه ويجهو وڃو بي حيائي کي جيڪا

ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ ۖ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِي حَرَّمَ اللَّهُ

ظاهر ۾ آهي يا باطن ۾ آهي ، ۽ جنهن شخص جي قتل ڪرڻ کي الله حرام ڪيو آهي اُن کي قتل نه ڪريو

إِلَّا بِالْحَقِّ ۚ ذَٰلِكُمْ وَصَّاكُم بِهِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿١٥١﴾

مگر شريعت موجب. انهن کان لاءِ الله توهان کي حڪم فرمائي تو ته من توهان سمجهو

له تفسير جلالين. ٢ه تفسير روح المعاني.

وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ

۽ توهان ويجهاڻ وڃو يتيم جي ملڪيت کي مگر ان جي سهڻي نموني سان حفاظت ڪريو، ايستائين جو اهو

اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا

پهچي پنهنجي جواني کي، ۽ ماپ ۽ تول انصاف سان پوري ڪريو، نه ته تڪليف ڏيون ٿا انسان کي

اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَ

مگر سندس طاقت آهر، ۽ جڏهن وقت ڳالهايو توهان (فيصلي ۾) پوء انصاف ڪريو جيتوڻيڪ توهان جا مائٽ هجن، ۽

بِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ۭ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝۱۵۲

شريعت جا احڪام پورا ڪريو، انهن کي جو الله توهان کي حڪم فرمائي ٿو، ته منهن توهان نصيحت وٺو،

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ

۽ بيشڪ هي منهنجي واٽ سڌي آهي پوء توهان سڌي واٽ وڃو، ۽ غلط رستي تي نه هلو

فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ

ورنه توهان الله جي راهه کان پري ٿي ويندا، انهن کي جو الله توهان کي حڪم فرمائي ٿو ته منهن توهان الله کان

تَتَّقُوْنَ ۝۱۵۳ ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ

جي عذاب کان بچو. انهي ڪان پوء اسان موسيٰ کي توراة نعمت ڪري عطا ڪيو انهي ماڻهوءَ لاءِ جيڪو نيڪوڪار

وَتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَاۗءِ رَبِّهِمْ

آهي، ۽ تفصيل هر شيءِ جو، ۽ هدايت ۽ رحمت ته منهن آهي (بني اسرائيل) پنهنجي رب جي ملاقات

يُؤْمِنُوْنَ ۝۱۵۴ وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا

تي ايمان آڻين. ۽ هي قرآن ڪريم برڪتون وارو ڪتاب آهي جنهن کي اسان نازل فرمايو آهي پوء توهان ان جي تابعداري

لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ۝۱۵۵ اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى

ڪريو، خوف ڪريو ته منهن توهان تي رحم ڪيو وڃي. متان توهان چئو ته فقط ڪتاب نازل ڪيا ويا هن

ع ۱۹ ۷

له تفسير روح المعاني. ۲ تفسير جلالين. ۳ تفسير بيضاوي. (منزل ۲) ۴ تفسير بيضاوي. ۵ تفسير روح المعاني. ۶ تفسير روح المعاني

طَآئِفَتَيْنِ مِنْ قَبْلِنَا ۪ وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾

گروهن (يهودين ۽ عيسائين) تي اسان کان اڳ هيا ۽ بيشڪ اسان انهن ڪتابن جي پڙهڻ کان بي خبر هئاسين.

اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ

يا هيئن چئو ته، جيڪڏهن اسان تي ڪتاب نازل ڪيو ويو ها ته اسان انهن کان وڌيڪ هدايت تي هجون ها،

فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ

پوءِ بيشڪ توهان ڏانهن توهان جي رب جي طرفان بيان آيو ۽ هدايت ۽ رحمت، پوءِ اُن کان زياده ظالم

مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا ۭ سَنَجْزِي الَّذِيْنَ

ڪير آهي جيڪو رسول عربي ۽ قرآن ڪريم کي ڪوڙو ۽ سمجهڻ ۽ قرآن کان منهن موڙي، جلدي اسين جزا ڏينداسين انهن

يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا سُوْۗءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾

ماڻهن کي جيڪي روڪين ٿا اسان جي آيتن کان، اسين انهن کي سخت عذاب ڏينداسين سندن روڪڻ سبب.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰۗىِٕكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ

نه انتظار ڪن مگر جو اچن انهن وٽ ملائڪ (ساڻ ڪڍڻ لاءِ) يا اچي انهن وٽ عذاب توهان جي رب جو يا اچن

بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ۭ يَوْمَ يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا

ڪي نشانيون رب تنهنجي جون، انهي ڏينهن جو اچن ڪجهه نشانيون تنهنجي رب جون، نه ته نفعو ڏيئي انهي ماڻهو

اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ۭ قُلِ

کي (ان وقت) سندس ايمان آڻڻ، يا نيڪ عمل جيڪي اڳ ۾ ڪيا هوندا سين، رسول عربي توهان فرمايو

انْتَظِرُوْٓا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا

توهان انتظار ڪريو بيشڪ آئون انتظار ڪندڙ آهيان. بيشڪ جن ماڻهن پنهنجي دين ۾ تفرقو وڌو ۽ ٽي پيا گروهه

لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ۭ اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا

توهان جو انهن سان ڪو تعلق ناهي، انهن جو معاملو الله وٽ آهي پوءِ الله انهن کي سندن بد اعمالي

لہ تفسیر بیضاوی و تفسیر جلالین. ٢ تفسیر ابن عباس و جلالین. (منزل ٢) ٣ تفسیر ابن عباس. ٤ تفسیر جلالین و ابن عباس. ٥ تفسیر جلالین.

يَفْعَلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ

جي جزا ڏيندو ۽ جنهن ماڻهوءَ نيڪي ڪئي پوءِ اُن لاءِ ڏهه درجا نيڪي جا آهن ، ۽ جنهن ماڻهو برائي

بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ قُلْ اِنَّنِيْ

ڪئي پوءِ کيس سندس برائي جهڙي سزا ڏني ويندي ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويندو ۽ رسول عربي توهان فرمايو

هَدٰىنِيْ رَبِّيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۚ

بيشڪ مون کي منهنجي رب سڌين رستي جي هدايت ڏني آهي ، يعني دين ابراهيمي جيڪو حق ڏانهن لڙندڙ آهي ،

وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٦١﴾ قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَ

۽ (ابراهيم) مشرڪن مان نه هو . رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ منهنجي نماز ، منهنجي قرباني ، منهنجي زندگي ۽

مَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا

منهنجو وصال الله لاءِ آهي جيڪو رب آهي جهانن جو . الله جو ڪو به شريڪ ناهي ، ۽ مون کي اهو حڪم ڪيو ويو ۽ آئون

اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ۭ وَلَا

پهريون فرمانبردار آهيان (هر امت ۾ ڪو نه ڪو) . رسول عربي توهان فرمايو ڇا آئون الله کان سوا ۽ رب طلب ڪريان حالانڪ اهو رب آهي هر شيءِ جو

تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ

۽ نه ڪو گناهه ڪري انسان مگر اُن جو جزا ان تي آهي ، ۽ ڪو به ماڻهو ڪنهن جو بار نه ٿو کڻي ، انهي کان پوءِ توهان

مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ

کي الله ڏانهن موٽڻو آهي پوءِ اُهو توهان کي خبر ڏيندو جنهن ۾ اختلاف ڪندا هئا . ۽ الله اهو آهي جنهن توهان کي

خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ

زمين ۾ جاءِ نشين بنايو ۽ ڪن ماڻهن کي ڪن ماڻهن تي درجا ڏنا انهي لاءِ ته توهان کي آزمائي

اٰتٰىكُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ۚ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾

جيڪي توهان کي ڏنو اٿس ، بيشڪ تنهنجو رب جلدي سزا ڏيندڙ آهي ، ۽ بيشڪ اهو بخشيندڙ ۽ مهربان آهي .

ع ١٥ النصف

له تفسير جلالين

(اياتها ٢٠٦) (٧) سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ مَكِّيَّةٌ (٣٩) (رکوعها ٢٤)

سورة اعراف مكه مكرمه ۾ نازل ٿي آهي. انهي ۾ ٢٤ رکوع ۽ ٢٠٦ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم وارو (آهي).

الٓمٓصٓ ۚ ① كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ مِّنْهُ

الٓمٓصٓ. (هي ۽) قرآن ڪريم نازل ڪيو ويو رسول ڏي ڏانهن پوءِ توهان (تبليغ وقت) پريشان نه ٿيو ان لاءِ ته

لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ② اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ

مائٿن کي قرآن ڪريم سان ڊيڄاريو ۽ مومنن لاءِ (قرآن ڪريم) نصيحت آهي. توهان تابعداري ڪريو قرآن ڪريم جي جيڪو توهان

اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ۭ قَلِيْلًا مَّا

ڏانهن نازل ڪيو ويو توهان جي رب جي طرفان ۽ الله کان سواءِ حاڪمن جي تابعداري نه ڪريو، توهان تمام

تَذَكَّرُوْنَ ③ وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَاۗءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا

ٿورو سمجهو ٿا. ۽ اسان ڪيترائي ڳوٺ هلاڪ ڪيا پوءِ آيو انهن تي عذاب اسان جو رات جي وقت يا

اَوْهُمْ قَاۗىِٕلُوْنَ ④ فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَاۗءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ

ٻپهرن جو جنهن وقت اهي آرام ڪندڙ هئا. پوءِ نه هو (ڪارآمد) پڪارڻ انهن جو جنهن وقت انهن تي اسان جو عذاب آيو مگر ايترو

قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ⑤ فَلَنَسْـَٔـلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ

جيو ته بيشڪ اسين ظالم هئاسين. پوءِ ضرور پڇندا سين انهن مائٿن کان جن ڏانهن رسول موڪليا ويا

وَلَنَسْـَٔـلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ⑥ فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا

۽ ضرور سوال ڪندا سين (تبليغ متعلق) رسولن کان. پوءِ انهن تي اسين سندن حالات پنهنجي علم سان بيان ڪنداسين ۽ اسين

غَاۗىِٕبِيْنَ ⑦ وَالْوَزْنُ يَوْمَىِٕذِ ۨ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ

بي خبر ناهيون. ۽ قيامت جي ڏينهن عملن جو وزن ٿيڻ برحق آهي پوءِ جنهن جا نيڪ عمل وزن ۾ زياده ٿيا

له تفسير ڪبير ٢ ٥٥ مقاس تفسير ابن عباس. (منزل ٢) ٥٥ تفسير بيضاوي و جلالين. ٥٥ تفسير جلالين و بيضاوي.

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨﴾ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ

پوءِ اُهي ئي ڪامياب آهن ۔ ۽ جنهن مانهو جا وزن (نيڪ عمل) گهٽ ٿيا پوءِ اُهي

الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ﴿٩﴾ وَلَقَدْ

اُهي مانهو آهن جن پنهنجن نفسن کي نقصان ۾ وڌو انهي سببان جو اسانجي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۔ ۽ تحقيق

مَكَّنّٰكُمْ فِى الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ۭ قَلِيْلًا مَّا

اسان توهان کي زمين ۾ آباد ڪيو ۽ اسان توهان لاءِ زمين ۾ گذران پيدا ڪيو ، توهان تمام ٿورو

تَشْكُرُوْنَ ﴿١٠﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ

شڪر ڪريو ٿا ۔ ۽ تحقيق اسان توهان کي پيدا فرمايو پوءِ اسان توهان جو صورتون تيار ڪيون پوءِ اسان ملائڪن کي فرمايو

اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ۠ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿١١﴾

ته آدم کي سجدو ڪريو پوءِ (سڀني) سجدو ڪيو مگر شيطان ، سجدي ڪندڙن مان نه هو ۔

قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ ۭ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ

الله تعالىٰ فرمايو تو کي ڪهڙي شئي منع ڪيو جو تو سجدو نه ڪيو جڏهن مون تو کي حڪم ڪيو ، شيطان چيو آدم کان پلو آهيان ،

مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾ قَالَ فَاهْبِطْ مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ

تو مون کي باهه مان پيدا ڪيو ۽ آدم کي تو مٽي مان پيدا ڪيو ۔ الله فرمايو تون اتان نڪري وڃ تو کي لائق ناهي جو

اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ اِنَّكَ مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿١٣﴾ قَالَ اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى

تون اتي تڪبر ڪرين پوءِ تون اتان نڪري وڃ بيشڪ تون ذليلن مان آهين ۔ شيطان چيو تون مون کي

يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤﴾ قَالَ اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿١٥﴾ قَالَ فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ

قيامت تائين مُهلت ڏي ۔ الله فرمايو بيشڪ تو کي مُهلت آهي ۔ شيطان چيو انهي سببان جو تو مون کي گمراهه

لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ

ڪيو آئون ضرور گمراهه ڪرڻ لاءِ تنهنجي سڌي واٽ تي ويهندس ۔ ان کان پوءِ ضرور ايندس آئون مانهن جي اڳيان

ع ٢

له تفسير النسفي ۔ ٭ تفسير جلالين ۔

وَمِنْ خَلْفِهِمْ وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ

۽ انهن جي پويان ۽ انهن جي سجي ۽ کبي پاسي (گمراهه ڪرڻ لاءِ)، ۽ تون اڪثر ماڻهن کي

شٰكِرِيْنَ ﴿١٧﴾ قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ

شڪرگذار نه لهندين. الله فرمايو تون ايتن بيحرمي ۽ تذليل ۾ نڪري وڃ، جن ماڻهن تنهنجي تابعداري

لَاَمْلَـَٔنَّ جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٨﴾ وَيٰۤاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ

ڪئي توهان سڀني سان آئون ضرور جهنم ۾ پريندس. ۽اي آدم تون ۽ تنهنجي گهرواري بهشت

الْجَنَّةَ فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا ۪ وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا

۾ رهو پوء توهان کائو بهشت مان جتان توهان کي پسند اچي ۽ توهان هن وڻ کي ويجهو نه ٿيو ورنه توهان حد

مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا وٗرِيَ عَنْهُمَا

کان وڌندڙ ٿي پوندا. پوء شيطان آدم ۽ حوا کي وسوسو وڌو انهي لاءِ ته سندن ڍڪيل بدن ظاهر

مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰىكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ اِلَّاۤ اَنْ تَكُوْنَا

ڪري . ۽ شيطان چيو توهان کي توهان جي رب انهي وڻ کان منع ان ڪري ڪئي آهي ته توهان ٻئي

مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَقَاسَمَهُمَاۤ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ

فرشتا ٿي پئو يا هميشه بهشتي ٿي پئو . ۽ شيطان آدم ۽ حوا جي سامهون قسم کڻي چيو

النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾ فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ ۚ فَلَمَّا ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا

ته آئون توهان جو خير خواه آهيان. پوء بنهي ڪري ڏوڪي ساڻ لاهيائين، پوء جڏهن بنهي وڻ کي چکيو سندن پردي

وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؕ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَاۤ اَلَمْ اَنْهَكُمَا

وارو بدن ظاهر ٿي پيو ۽ پنهنجي بدن تي بهشت جا پنا ويڙهيائون (پردي لاءِ)، ۽ الله بنهي کي فرمايو ڇا مون توهان کي

عَنْ تِلْكُمَا الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَاۤ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٢﴾

انهي وڻ کان منع نه ڪيو هئي ۽ مون توهان بنهي کي نه چيو هو ته بيشڪ شيطان توهان جو ظاهر دشمن آهي.

۱ تفسير جامع البيان. ۲ تفسير مظهري. ۳ تفسير مظهري. منزل ۲ ۴ تفسير روح المعاني. ۵ تفسير جلالين.

قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا ۖ وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ

(آدم ۽ حوا) عرض ڪيواي اسانجارب اسان پنهنجي نفسن تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن تو اسانکي بخشي نه فرمايو ۽ رحم نه ڪيئي تہ اسين

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ فِى

ضرور نقصان وارن ٿا ٿيندا سين . الله فرمايو توهان هيٺ لهو توهان هڪ ٻئي جا دشمن ٿيندا ۽ توهان لاءِ زمين

الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿۲۴﴾ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَفِيْهَا

۾ ڪنهن وقت تائين رهڻ ۽ گذران آهي . الله فرمايو توهان انهي زمين ۾ زندگي

تَمُوْتُوْنَ وَمِنْهَا تُخْرَجُوْنَ ﴿۲۵﴾ يٰبَنِىْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ ع ۲

گذاريندا ۽ انهي ۾ توهانکي موت ايندو ۽ انهي مان اٿاريا ويندا . اي اولاد آدم جا تحقيق اسان نازل ڪيو توهان تي انهن

لِبَاسًا يُّوَارِىْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ

لباس کي جنکو توهان ڇپي ۽ ڍڪي توڙي توهان لاءِ خوبصورتي آهي ۽ پرهيزگاريءَ جو لباس اهو تمام بهتر آهي ،

ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۲۶﴾ يٰبَنِىْٓ اٰدَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ

اهي الله جون نشانيون آهن تہ مَن اهي نصيحت حاصل ڪن . اي اولاد آدم جا توهان کي شيطان فتني

الشَّيْطٰنُ كَمَآ اَخْرَجَ اَبَوَيْكُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ يَنْزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا

۾ وجهي جهڙي طرح آدم ۽ حوا کي بهشت مان ڪڍيائين ، انهن هنڌي ڪان سندن لباس کسي ورتائين

لِيُرِيَهُمَا سَوْاٰتِهِمَا ۭ اِنَّهٗ يَرٰىكُمْ هُوَ وَقَبِيْلُهٗ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۭ

انهن لاءِ تہ کين سندن ڀيڪ ظاهر ڪري ، بيشڪ شيطان ۽ سندس قبيلو توهان کي انهي جاءِ مان ڏسي ٿو جتان توهان انهن کي نٿا

اِنَّا جَعَلْنَا الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَاۗءَ لِلَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۲۷﴾ وَاِذَا فَعَلُوْا

ڏسي سگهو ، بيشڪ اسان شيطان کي بنايو آهي دوست انهن مائهن جو جيڪي ايمان نٿا آڻن . ۽ جنهن وقت بي حيائي

فَاحِشَةً قَالُوْا وَجَدْنَا عَلَيْهَآ اٰبَآءَنَا وَاللّٰهُ اَمَرَنَا بِهَا ۭ قُلْ اِنَّ

جو ڪم ڪن ٿا ، چون ٿا تہ اسان پنهنجن وڏن کي اهڙن ڪندي ڏٺو ۽ الله اسان کي اهو ئي حڪم ڪيو آهي ، رسول عرض ڪيو تہ الله بيشڪ

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير روح المعاني . [3] تفسير ابن عباس .

اللّٰهَ لَا يَأْمُرُ بِالْفَحْشَآءِ ؕ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۲۸﴾

بيشڪ الله بي حيائي جو حڪم نه فرمايو آهي ، جن حڪمن جي توهان کي خبر ناهي اهي الله ڏانهن چوڻا منسوب ڪريو؟

قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ ۫ وَاَقِيْمُوْا وُجُوْهَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ

توهان فرمايو مون کي منهنجي رب انصاف جو حڪم فرمايو آهي ۽ هر نماز وقت پنهنجي رُخ کي قبلي ڏانهن ڪريو

وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ؕ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿۲۹﴾

۽ خلوص دل سان الله جي عبادت ڪريو، جيئن توهان کي پيدا فرمايائين تيئن توهان کي موٽائيندو.

فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ؕ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا

الله هڪ ڏر کي هدايت ڏني ۽ پي ڏر تي گمراهي ثابت ٿي ، بيشڪ انهن شيطانن کي

الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿۳۰﴾

دوست بنايو الله تعالى کان سواءِ ۽ پائن ٿا ته بيشڪ اهي هدايت وارا آهن.

يٰبَنِيْۤ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا

اي انسانو توهان نماز پڙهڻ وقت سٺو لباس ڏيکيو ۽ توهان کائو ۽ پيو

وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿۳۱﴾ قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ

۽ اجايو خرچ نه ڪريو، بيشڪ الله اجايو خرچ ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري. رسول عربي توهان انهن کان معلوم ڪريو

اللّٰهِ الَّتِيْۤ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ؕ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ

ته الله جيڏا کيل زينت (ڪپڙا وغيره) ۽ پاڪ شيون جيڪي انسانن لاءِ پيدا ڪيون آهن ڪنهن حرام ڪيون، توهان فرمايو اهي

اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ

شيون مؤمنن لاءِ آهن ۽ قيامت ۾ خاص سندن حصي جون آهن، اهڙي طرح اسين آيتون

الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿۳۲﴾ قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ

بيان ڪريون ٿا اُن قوم لاءِ جيڪي سمجهن ٿا. رسول عربي توهان فرمايو منهنجي رب حرام ڪئي بي حيائي

ع ۴ ۱۰ ۲۷

لہ تفسیر روح المعانی و تفسیر بیضاوی. تکہ روح المعانی. تکہ ملالین (منزل ۲) تکہ تفسیر النسفی. تکہ تفسیر بیضاوی. تکہ تفسیر بیضاوی و نسفی. تکہ تفسیر بیضاوی.

مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا بِاللّٰهِ

جيڪا ظاهر ۽ آهي ۽ باطن ۽ ڪوڙ گناهه ۽ ناحق سر ڪشي ۽ الله سان شرڪ ڪرڻ

مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾

جنهن لاءِ ان وٽ ڪو دليل ناهي ۽ جن حڪمن جي توهان کي خبر ناهي اهي الله ڏانهن جوڙي منسوب ڪريو ؟

وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ سَاعَةً وَّ

۽ هر اُمت لاءِ موت جو وقت مقرر آهي ۽ پوءِ جنهن وقت سندن موت اينڊو تہ ڪا گهڙي اڳتي ۽

لَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ

پوئتي ڪري نہ سگهندا ۔ اي انسانو جيڪڏهن توهان وٽ توهان مان رسول اچن ۽ جيڪي بيان ڪن

عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾

تا توهان تي منهنجون آيتون ۽ پوءِ جنهن ماڻهوءَ خوف خدا ڪيو ۽ نيڪي ڪئي پوءِ انهن تي ڪو خوف ناهي ۽ نہ اهي ڏکوئيندا .

وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ

۽ جيڪي ماڻهو الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهن ٿا ۽ انهن کان تڪبر ڪن ٿا اهي دوزخي آهن ۽

هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ

اهي دوزخ ۾ هميشه هوندا ۔ پوءِ اُن ماڻهوءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙ مڑهي يا

كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ۭ اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ مِّنَ الْكِتٰبِ ۭ حَتّٰٓى اِذَا

الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي تہ انهن ماڻهن کي سندن نصيب جو حصو ملندو ۽ ايستائين جو جنهن

جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْٓا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ

وقت انهن وٽ اسان جا فرشتا پهچندا جيڪي سندن ساهه ڪيندا ۽ فرشتا کين چوندا تہ توهان جا ڪٿي آهن جن

اللّٰهِ ۭ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿٣٧﴾

جي عبادت ڪندا هئا ۽ اهي چوندا تہ اسان کان ڀت غائب ٿي ويا ۽ پاڻ ٿي اهي شاهدي ڏيندا تہ بيشڪ اهي ڪافر هئا .

له تفسير جلالين. ڪه تفسير نسفي. ڪه تفسير بيضاوي. ڪه تفسير روح المعاني وجلالين. ڪه تفسير بيضاوي.
ڪه تفسير جلالين.

قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ فِي

الله فرمائيندو توهان جهنم ۾ داخل ٿيو انهن گروهن سان جيڪي اڳ ۾ گذريا، جنن ۽ انسانن مان، جڏهن

النَّارِ ۭ كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ اُخْتَهَا ۭ حَتّٰٓى اِذَا ادَّارَكُوْا فِيْهَا

هڪ گروهه جهنم ۾ داخل ٿيندو تہ اهو اڳيئن گروهه تي لعنت ڪندو ايستائين جو اهي سڀ جهنم ۾

جَمِيْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا هٰٓؤُلَاۗءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ عَذَابًا

پهچندا، تہ پويان پهرين لاءِ چوندا تہ اي اسان جا رب اسان کي انهن گمراهه ڪيو پوءِ تون انهن کي ٻيڻو

ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ۭ قَالَ لِكُلٍّ ضِعْفٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٨ وَ

عذاب جهنم جو ڪر ، الله فرمائيندو هر هڪ گروهه لاءِ ٻيڻو عذاب آهي پر توهان نہ ٿا سمجهو . ۽

قَالَتْ اُوْلٰىهُمْ لِاُخْرٰىهُمْ فَمَا كَانَ لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ فَذُوْقُوا

پهريان چوندا پويين کي تہ توهان ۾ اسان کان بهتر ناهيو (مطلب ته) هي گروهه عذاب جا حقدار آهن) پوءِ

الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ۝٣٩ اِنَّ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَ ع ١٥

توهان عذاب چکو پنهنجي بداعمالي سبب . بيشڪ جن ماڻهن اسانجي آيتن کي ڪوڙو سمجهو ۽

اسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ السَّمَاۗءِ وَلَا يَدْخُلُوْنَ

۽ انهن کان تڪبر (روگرداني) ڪيائون انهن لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا ۽ نہ ئي داخل ٿين بهشت

الْجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ الْخِيَاطِ ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِي

۾ ايستائين جو اُٺ جي سوراخ ۾ اُٺ داخل ٿئي ، ۽ اسان اهڙي طرح مجرمن کي

الْمُجْرِمِيْنَ ۝٤٠ لَهُمْ مِّنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنْ فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ۭ وَ

جزا ڏيون ٿا . انهن لاءِ جهنم جو وڇاڻو آهي ۽ انهن جي مٿان جهنم جو ويڙهه آهي ، ۽

كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ۝٤١ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

اسان اهڙي طرح ظالمن کي جزا ڏيون ٿا . ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

ع ١٥ = ٧ ع ٢

لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَآ ۚ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا

اسان تا تکليف ڏيون انهن نفسن کي مگر سندن طاقت آهر، اهي بهشتي آهن ، اهي هميشه

خٰلِدُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَنَزَعْنَا مَا فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنْ غِلٍّ تَجْرِيْ مِنْ

بهشت ۾ رهندا ۔ ۽ اسان انهن جي سينن مان حسد کڍي نداسين، انهن بهشتين جي هيٺان

تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ۚ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ هَدٰىنَا لِهٰذَا ۫ وَمَا كُنَّا

نهرون وهندیون ، ۽ اهي چوندا سڀئي تعريفون الله لاءِ آهن جنهن اسانکي سڌي واٽ جو هدايت ڏني ۽ جيڪڏهن

لِنَهْتَدِيَ لَوْلَآ اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۭ

الله اسان کي هدايت نه ڏيئي ها تہ اسين هدايت وارا نہ ٿيون ها، تحقيق الله جي رسولن سچ آندو ،

وَنُوْدُوْٓا اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾

۽ پڪاريا ويندا (نيڪوڪار) تہ هي ۽ بهشت توهان کي ورثي ۾ مليو، انهيءَ سبب جو توهان نيڪ عمل ڪندا هئا .

وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ اَصْحٰبَ النَّارِ اَنْ قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا

۽ بهشتي دوزخين کي پڪاريندا ، تہ اسان کي بيشڪ ملي ويو جيڪو سچو وعدو

رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ حَقًّا ۭ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَاَذَّنَ

اسان جي رب اسان سان ڪيو هو، ۽ چا توهان کي نہ ملیو جيڪو سچو وعدو توهان جي رب توهان سان ڪيو هو؟ چوندا هائو، ۽

مُؤَذِّنٌۢ بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ

آواز ڏيندڙ انهن جي درميان چوندو تہ الله جي لعنت ظالمن تي آهي. جيڪي الله جي راهہ کان

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٥﴾

روڪين ٿا ۽ چاهين ٿا تہ الله جي دين کي تبديل ڪن ۽ اهي آخرت جو انڪار ڪندڙ آهن .

وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْاَعْرَافِ رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّۢا بِسِيْمٰهُمْ ۚ

۽ بهشتين ۽ دوزخين جي وچ ۾ پردو آهي، ۽ اعراف ۾ ماڻهو هوندا جيڪي هڪ ٻئي کي سندن نشانين سان سڃاڻندا،

وقف لازم بالخلاف

له تفسير جلالين. ٢ تفسير روح المعاني. ٣ تفسير النسفي. (منزل ٢) ٤ اعراف جي معنيٰ بهشت ۽ دوزخ جي وچ واري جاءِ تفسير روح المعاني

وَنَادَوْا أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ أَنْ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ لَمْ يَدْخُلُوهَا وَهُمْ يَطْمَعُونَ ﴿٤٦﴾

۽ اهي بهشتين کي سڏيندا ته توهان تي سلامتي آهي، اهي بهشتيءَ داخل نٿيندا اگرچ اهي سڏ ڪندا.

وَإِذَا صُرِفَتْ أَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ أَصْحٰبِ النَّارِ قَالُوا رَبَّنَا لَا

۽ جڏهن اعراف وارن جون اکيون جهنمين ڏانهن ڦيرايون ويندیون، چوندا اي اسانجا رب، اسان کي

تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِينَ ﴿٤٧﴾ وَنَادَىٰٓ أَصْحٰبُ الْأَعْرَافِ

تون ظالمن جي قوم سان نه ملاءِ ۽ سڏيندا اعراف وارا، دوزخي

رِجَالًا يَعْرِفُونَهُمْ بِسِيمٰهُمْ قَالُوا مَآ أَغْنٰى عَنكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنتُمْ

ماڻهن کي جن کي اهي سندن نشانين سان سڃاڻيندا، اهي چوندا، نه دفع ڪيو توهان تان عذاب توهان جي گروهه جنهن تي

تَسْتَكْبِرُونَ ﴿٤٨﴾ أَهٰٓؤُلَآءِ الَّذِينَ أَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللَّهُ بِرَحْمَةٍ ۖ

توهان کي غرور هو، ڇا اهي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ توهان قسم کڻي چوندا هئا ته انهن کي الله جي رحمت نه پهچندي

ادْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ عَلَيْكُمْ وَلَآ أَنتُمْ تَحْزَنُونَ ﴿٤٩﴾ وَنَادَىٰٓ

توهان داخل ٿيو بهشت ۾ توهان تي نه خوف نامي ۽ نه توهان ڏکوئيندا ۽ سڏيندا

أَصْحٰبُ النَّارِ أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ أَنْ أَفِيضُوا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ أَوْ مِمَّا

جهنمي، بهشتين کي ته توهان موڪليو اسان ڏانهن پاڻي يا جيڪي توهان کي

رَزَقَكُمُ اللَّهُ ۖ قَالُوٓا إِنَّ اللَّهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِينَ ﴿٥٠﴾ الَّذِينَ

الله رزق عطا ڪيو آهي، بهشتي چوندا بيشڪ الله پاڻي ۽ رزق ڪافرن تي حرام ڪيو آهي. جيڪي

اتَّخَذُوا دِينَهُمْ لَهْوًا وَلَعِبًا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ

پنهنجي دين کي مذاق ۽ راند ڪري سمجهندا هئا ۽ کين سندن دنيا جي حياتي مغرور ڪيو، پوءِ اڄ

نَنسٰىهُمْ كَمَا نَسُوا لِقَآءَ يَوْمِهِمْ هٰذَا وَمَا كَانُوا بِـَٔايٰتِنَا يَجْحَدُونَ ﴿٥١﴾

اسان انهن کي وساريون[1] جيئن انهن قيامت کي وساريو هو، ۽ جيئن اهي اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا.

[1] تفسير جلالين

وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً

۽ تحقيق انهن وٽ قرآن ڪريم پهتو پوءِ اسان قرآن کي پنهنجي علم سان ڪولي ڪولي بيان ڪيو، هدايت ۽ رحمت آهي

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ؕ يَوْمَ يَاْتِىْ

انهي قوم لاءِ جيڪي ايمان آڻن ٿا. انهن ڪافرن کي ناهي انتظار مگر آخري نتيجي جو، جنهن ڏينهن اُن جو آخري

تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا

نتيجو سامهون ايندو تہ چوندا آهي جن ڏينهن قيامت ڏسڻ ۾ ايندي تہ تحقيق الله جا رسول اسان وٽ سچ ڪئي

بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ لَّنَا مِنْ شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ

آيا ، پوءِ ڇا اسان لاءِ ڪي سفارشي آهن جيڪي اسان لاءِ (هينئر) سفارش ڪن، يا اسين دنيا ۾ موٽي

الَّذِىْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا

نيڪ عمل ڪريون، بيشڪ نقصان ۾ وڌا اوُن پنهنجن نفسن کي ۽ هٿ مان نڪري وين آهي ڪالهيون

يَفْتَرُوْنَ ﴿۵۳﴾ اِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

جيڪي ٺاهيندا هئا. بيشڪ توهان جو رب الله آهي جنهن پيدا فرمايو آسمانن ۽ زمين کي

فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۘ يُغْشِى الَّيْلَ النَّهَارَ

ڇهن ڏينهن ۾ (ان کان پوءِ برابر تي عرش عظيم تي (جيئن سندس شان آهي)، الله آهي جيڪو رات کي ڏينهن

يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا ۙ وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ؕ

ڪري ٿو جيڪي هڪ ٻئي پويان جلدي اچن ٿا، ۽ سج ۽ چند ۽ تارا الله جي حڪم جا تابعدار آهن

اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَالْاَمْرُ ؕ تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۵۴﴾ اُدْعُوْا رَبَّكُمْ

خبردار سڀئي مخلوق ۽ سڀئي حڪم الله جا آهن، وڏي برڪت وارو الله آهي جيڪو رب آهي جهانن جو. دُعا گهرو توهان

تَضَرُّعًا وَّخُفْيَةً ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿۵۵﴾ وَلَا تُفْسِدُوْا

پنهنجي رب کان عاجزي ۽ آهستگي سان، بيشڪ الله حد کان وڌندڙن کي پسند نٿو ڪري. ۽ توهان زمين ۾

(ع ۳ ۱۳ ۲)

له تفسير جلالين. ٭ تفسير روح المعاني. ٭ تفسير جلالين. (منزل ۲) ٭ تفسير مظهري. ٭ تفسير النسفي.
ﷺ والمنقول عن الصادق والحسن وابي حنيفة ومالك رضي الله عنهم ان الاستواء معلوم والتكييف فيه مجهول، والايمان به واجب، والجحود له كفر والسوال عنه بدعة. تفسير النسفي وتفسير الظهري وروح المعاني.

فِي الْأَرْضِ بَعْدَ إِصْلَاحِهَا وَادْعُوهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۚ إِنَّ

فساد نہ ڪريو رسولن جي اچڻ ڪان پوء ۽ دُعا ڪجو توهان خوف ۽ اُميد سان ، تحقيق

رَحْمَتَ اللّٰهِ قَرِيبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِينَ ﴿٥٦﴾ وَهُوَ الَّذِي يُرْسِلُ

الله جي رحمت نيڪوڪارن کي ويجهي آهي . ۽ الله تعالىٰ اُهو آهي جيڪو موڪلي ٿو

الرِّيٰحَ بُشْرًا بَيْنَ يَدَيْ رَحْمَتِهِ ۖ حَتّٰى إِذَآ أَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا

هوائن کي مينهن کان اڳ ۾ خوشخبري ڏيندڙ ، تان جو جنهن وقت هوائون ڪڪڙ ٿيون ڳرن

سُقْنٰهُ لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَأَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَأَخْرَجْنَا بِهِ مِنْ كُلِّ

ڪڪرن کي ، اسان انهن ڪڪرن کي غير آباد شهر لاءِ هلايون ٿا ، پوء ڪڪرن مان مينهن وسايون ٿا ، مينهن مان هر قسم

الثَّمَرٰتِ ۚ كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُونَ ﴿٥٧﴾

جا ميوا پيدا ڪريون ٿا ، اهڙي طرح اسين مئلن کي (زمين مان) زنده ڪري ٻاهر ڪڍنداسين ان لاءِ ته توهان نصيحت حاصل ڪريو

وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ نَبَاتُهُ بِإِذْنِ رَبِّهِ ۚ وَالَّذِي خَبُثَ لَا

۽ پاڪ زمين الله جي حڪم سان (بهترين) سلا پيدا ڪري ٿي ، ۽ ڍلي زمين تمام

يَخْرُجُ إِلَّا نَكِدًا ۚ كَذٰلِكَ نُصَرِّفُ الْآيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُونَ ﴿٥٨﴾ ع ٧ ١٤

ٿوري پيدائش ڏئي ٿي ، اهڙي طرح اسين بيان ڪريون ٿا پنهنجين نشانين کي اُن قوم لاءِ جيڪي شڪر ڪن ٿا .

لَقَدْ أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلٰى قَوْمِهِ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

تحقيق اسان نوح کي پيغمبر ڪري سندس قوم ڏانهن موڪليو ، ۽ چيائين اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو الله کان

مِّنْ إِلٰهٍ غَيْرُهُ ۚ إِنِّي أَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيمٍ ﴿٥٩﴾

سواءِ توهان جو ڪو معبود ناهي ، بيشڪ آئون توهان جي مٿان قيامت جي عذاب جو خوف ڪريان ٿو .

قَالَ الْمَلَأُ مِنْ قَوْمِهِ إِنَّا لَنَرٰىكَ فِي ضَلٰلٍ مُّبِينٍ ﴿٦٠﴾ قَالَ

سندس قوم مان وڏن مائڻن چيو ، بيشڪ اسان تو کي صاف گمراهي ۾ ڏسون ٿا . نوح چيو

لہ تفسیر جلالین وروح المعانی ۔ ٢ تفسیر النسفی ۔ ٣ تفسیر مظہری منزل ٢ ٤ تفسیر ابن عباس وتفسیر النسفی ۔

يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦١﴾

اي منهنجي قوم مون کي ڪا گمراهي ناهي پر آئون رب العلمين جي طرفان رسول آهيان .

اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا

آئون توهان کي پنهنجي رب جا احڪام پهچايان ٿو ۽ توهان کي نصيحت ڪريان ٿو ۽ آئون الله جي طرفان اهو ڄاڻان

تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى

ٿو جيڪو توهان نه ڄاڻو . ڇا توهان کي عجب لڳي ٿو ته توهان مان هڪ انسان کي رسالت ملي

رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾

الله جي طرفان ، انهي لاءِ ته توهان کي ڊيڄاري ۽ توهان ڊڄو ۽ مَن توهان تي رحم ڪيو وڃي .

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ

پوءِ انهن نوح کي ڪوڙو سمجهيو پوءِ اسان نوح ۽ مومنن کي جيڪي ٻيڙيءَ ۾ هئا نجات ڏني ۽ اسان انهن کي ٻوڙي ڇڏيو جيڪي

ع ١٥ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ﴿٦٤﴾ ع وَاِلٰى عَادٍ

اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندا هئا ، بيشڪ اهي قوم (حق کان) نابين هئي . ۽ عاد (قوم) ڏانهن

اَخَاهُمْ هُوْدًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ

سندن ڀاءُ هود کي پيغمبر ڪري موڪليوسين ، هود چيو اي منهنجي قوم توهان الله جي عبادت ڪريو الله کانسواءِ توهان جو ڪو معبود

اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٦٥﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا

ناهي ڇا پوءِ توهان الله کان ڊڄو ٿا . سندس قوم مان ڪافرن جي هڪ گروهه چيو بيشڪ اسين توکي

لَنَرٰىكَ فِيْ سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٦٦﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

بي عقل سمجهون ٿا ۽ تحقيق اسان کي يقين آهي ته تون ڪوڙن مان آهين . هود چيو اي منهنجي قوم

لَيْسَ بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٧﴾

مون کي ڪابي عقلي ناهي پر آئون رب العلمين جي طرفان رسول آهيان .

ف تفسير ابن عباس . ق تفسير النسفي . ك تفسير جلالين

أُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَأَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ أَمِيْنٌ ﴿٦٨﴾ أَوَعَجِبْتُمْ

آئون توهان کي پهنجي رب جا احڪام پهچايان ٿو ۽ آئون توهان لاءِ نصيحت ڪندڙ امين آهيان. ڇا توهان عجب ڪريو ٿا

أَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ؕ

ته توهان مان هڪ انسان کي رسالت ملي الله جي طرفان انهي لاءِ ته توهان کي ڊيڄاري،

وَاذْكُرُوْٓا إِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّزَادَكُمْ

۽ توهان ياد ڪريو جنهن وقت الله توهان کي نائب مقرر ڪيو نوح جي قوم کان پوءِ ۽ قد بت ۾ توهان کي

فِي الْخَلْقِ بَصْۜطَةً ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾

مضبوط ڪيائين، پوءِ توهان الله جون نعمتون ياد ڪريو ته يقيناً توهان نجات لهندا.

قَالُوْٓا أَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ

اُمتين چيو ڇا تون اسان وٽ ان لاءِ آيو آهين ته اسين فقط هڪ الله جي عبادت ڪريون ۽ انهن معبودن کي ڇڏي ڏيون

اٰبَآؤُنَا ۚ فَأْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧٠﴾

جن جا ابا ڏاڏا اسان کان وٺندا آيا آهن؟ پوءِ تون اُهو عذاب آڻ جنهن جو تو اسان سان وعدو ڪري ٿو جيڪڏهن تون سچو آهين.

قَالَ قَدْ وَقَعَ عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَّغَضَبٌ ؕ

هُود چيو تحقيق توهان تي توهان جي رب جي طرفان عذاب ۽ غضب ايندو،

أَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ أَسْمَآءٍ سَمَّيْتُمُوْهَآ أَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّا

ڇا توهان مون سان انهن نالن متعلق جهيڙو ڪريو ٿا جيڪي خود توهان ۽ توهان جي ڏاڏن (بتن لاءِ)

نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ؕ فَانْتَظِرُوْٓا إِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ

رکيا آهن، الله بتن جي عبادت لاءِ ڪا حجت نه موڪلي، پوءِ توهان (عذاب جو) انتظار ڪريو بيشڪ آئون به توهان

الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٧١﴾ فَأَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَ

سان انتظار ڪندڙ آهيان. پوءِ اسان هود ۽ سندس ساڻين کي پنهنجي رحمت سان نجات ڏني ۽

١ تفسير ابن عباس. ٢ تفسير جلالين و تفسير ابن عباس. ٣ تفسير البيضاوي. ٤ تفسير جلالين.

قَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿۷۲﴾

اسان پارڻ پليون انهن مانهن جون جيڪي اسان جي آيتن کي کوڙو سمجهندا هئا ۽ اهي مؤمن نه هئا .

وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ ثمود (قبيلي) ڏانهن سندن ڀاءُ صالح پيغمبر ڪري موڪليوسين صالح چيواي منهنجي قوم توهان الله جي عبادت ڪريو الله

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ قَدْ جَاۗءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۭ هٰذِهٖ

کانسواءِ توهانجو ڪوَ معبود ناهي، تحقيق توهان وٽ آيو دليل توهان جي رب جي طرفان ، هيءُ

نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ

الله جي ڏاجي آهي جيڪا توهان لاءِ نشاني آهي، پوءِ توهان ڇڏي ڏيو ته اها الله جي زمين ۾

اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْۗءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۷۳﴾

چري ۽ توهان ان کي ڪا تڪليف نه ڏيو ، (ورنہ) توهان کي دردناڪ عذاب پهچندو .

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَاۗءَ مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّبَوَّاَكُمْ فِي

۽ توهان ياد ڪريو جنهن وقت الله توهان کي عاد قوم کان پوءِ نائب مقرر ڪيو ۽ توهان کي زمين ۾

الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا قُصُوْرًا وَّتَنْحِتُوْنَ

تڪيائين ، نرم زمين مان توهان مارڙيون تيار ڪندا هئا (اونهاري لاءِ) ۽ جبلن مان گهر تيار

الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَاۗءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْاَرْضِ

ڪندا هئا (سياري لاءِ) ، پوءِ توهان الله جون نعمتون ياد ڪريو ۽ زمين ۾ فساد

مُفْسِدِيْنَ ﴿۷۴﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ

ڪي نه اُٿو . سندس قوم مان هڪ گروهه جيڪي تڪبر ڪندا هئا

لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ اَنَّ صٰلِحًا

انهن مانهن لاءِ جيڪي مسلمان مسڪين هئا، تنهنجا توهان جاڻو ٿا ته بيشڪ صالح پيغمبر

ف تفسير النسفي، ع تفسير البيضاوي
ش تفسير روح المعاني وتفسير جلالين
ه تفسير بيضاوي وجلالين، ك تفسير جلالين

مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْۤا اِنَّا بِمَاۤ اُرْسِلَ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿۷۵﴾

آهي الله جي طرفان ، مسڪين چيو ته بيشڪ اسين سندس رسالت کي مڃيندڙ آهيون.

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْۤا اِنَّا بِالَّذِيْۤ اٰمَنْتُمْ بِهٖ

چيو انهن ماڻهن جن تڪبر ڪيو بيشڪ اسان ان رسالت کي جيڪا توهان ڪوڙا، انهي جو

كٰفِرُوْنَ ﴿۷۶﴾ فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ

انڪار ڪندڙ آهيون. پوءِ ڏاڄي کي (تلوار سان) ماريائون ۽ پنهنجي رب جي حڪم جي نافرماني ڪيائون

وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا بِمَا تَعِدُنَاۤ اِنْ كُنْتَ مِنَ

۽ چيائون ڏاي صالح تون اهو عذاب اسان لاءِ آڻ جنهن جو تو اسان سان وعدو ڪيو جيڪڏهن

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿۷۷﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ

تون پيغمبر آهين . پوءِ انهن کي سخت زلزلو آيو پوءِ پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر

جٰثِمِيْنَ ﴿۷۸﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ

مئل ٿي ڪري پيا. پوءِ صالح انهن کان پاسو ڪيو ۽ چيائين اي منهنجي قوم تحقيق مون توهان کي پنهنجي

رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿۷۹﴾

رب جي رسالت پهچائي ۽ مون توهان کي نصيحت ڪئي پر توهان نصيحت ڪندڙن کي پسند نٿا ڪريو.

وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖۤ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ بِهَا

۽ پيغمبر لوط جنهن وقت پنهنجي قوم کي چيو ڇا توهان بدڪاري ڪريو ٿا جيڪا توهان کان اڳ ۾

مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ

جهان وارن مان ڪنهن هڪ به ڪانه ڪئي . تحقيق توهان مردن ڏانهن خراب ارادي

شَهْوَةً مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿۸۱﴾

سان وڃو ٿا، عورتن کان سوا ۽ ، بلڪ توهان ماڻهو حد کان لنگهي ويا.

وَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ

۽ لوط جي قوم جو جواب نه هو مگر چيائون ته توهان انهن (لوط ۽ سندس گهروارن کي) سندن ڳوٺ

قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿۸۲﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَ

مان ٻاهر ڪيو ، بيشڪ اهي ماڻهو پاڻ کي پاڪ آهن . پوء اسان لوط ۽ سندس گهر

اَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿۸۳﴾ وَاَمْطَرْنَا

وارن کي بچائي ڏني سواءِ سندس گهرواريءَ جي، جيڪا عذاب ڪيلن مان هئي . ۽ اسان بارش وسائي انهن

عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ۭ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۸۴﴾ ع

جي مٿان هڪ بارش (پٿرن جي)، پوء توهان ڏسو ته ڪهڙي طرح پڇاڙي آهي مجرمن جي.

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا

۽ مدين (قبيلي) ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب پيغمبر کي موڪليو، شعيب چيو اي منهنجي قوم توهان الله جي

لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ قَدْ جَاۗءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ

عبادت ڪريو الله کانسواءِ توهان جو ٻيو معبود ناهي، تحقيق توهان وٽ دليل آيو توهان جي رب

رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا

جي طرفان پوء توهان ماپ ۽ تول پوري ڪريو ۽ ماڻهن کي تول

النَّاسَ اَشْيَاۗءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ بَعْدَ

۾ گهٽ شيون نه ڏيندا ڪريو، ۽ زمين ۾ فساد نه ڪريو پيغمبرن جي

اِصْلَاحِهَا ۭ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿۸۵﴾ ج

اچڻ کان پوء ، انهي ۾ توهان جي ڀلائي آهي جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو.

وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ

۽ هر سنڌين رستي تي ماڻهن کي ڊيڄارڻ (۽ انهيءَ کي ڪوڙ (۽) ڏوهه ۽ الله جي راهه کان

له تفسير روح المعاني، ٢ تفسير بيضاوي، ٣ تفسير بيضاوي وجلالين (منزل ٢) ٤ تفسير جلالين وروح المعاني، ٥ تفسير بيضاوي وروح البيان وتفسير جلالين ونسفي.

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ

توهان روڪيو ٿا انهن ماڻهن کي جيڪي الله تي ايمان آڻن ٿا ۽ انهي راهه ۾ ٽيڙائي طلب ڪريو ٿا،

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۪ وَانْظُرُوْا

۽ توهان ياد ڪريو جڏهن توهان ٿوريا هئا پوءِ الله توهان جي نسل ۾ برڪت وڌي ۽ توهان تڪسو

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ

ته فسادين جي پڇاڙي ڪهڙي ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن توهان مان ڪن ماڻهن

مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا

ايمان آندو منهنجي رسالت تي ۽ ڪن ماڻهن ايمان نه آندو

فَاصْبِرُوْا حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

پوءِ توهان صبر ڪريو ايستائين جو الله فيصلو فرمائي اسان جي وچ ۾ ۽ الله بهترين فيصلو ڪندڙ آهي.

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ

شعيب جي قوم مان سردارن جيڪو جيڪي تڪبر ڪندا هئا، تن اي شعيب اسين تو کي ۽ جن ماڻهن تو سان گڏ ايمان

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ

آندو آهي انهن کي ضرور ڳوٺ مان ڪڍنداسين يا ضرور توکي پنهنجي مذهب ۾ موٽائيداسين، شعيب

اَوَلَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ﴿۸۸﴾ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ

چيو چا جيتوڻيڪ اسان بيزار آهيون. تحقيق توهان الله تعالى تي ڪوڙ مڙهيو آهي جيڪڏهن اسين توهان جي

مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ

مذهب ۾ موٽياسين اُن کان پوءِ جو الله اسانکي اُن کان نجات ڏني (اسين ڪيئن مڙهيندڙ ٺهيداسون) ۽ اسانکي مناسب

اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ

ناهي جو انهي مذهب ۾ داخل ٿيون مگر جيڪو سائين رب چاهي، سائين رب جو علم هر شيءِ کي گهيرو ڪندڙ آهي، الله تي

الجزء ۹

لہ تفسیر روح المعانی۔ کہ تفسیر بیضاوی۔ کہ تفسیر ابن عباس و تفسیر بیضاوی۔

کہ تفسیر ابن عباس

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ

توهان روڪيو ٿا انهن ماڻهن کي جيڪي الله تي ايمان آڻن ٿا ۽ انهي راهه ۾ ٽيڙائي طلب ڪريو ٿا،

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا فَكَثَّرَكُمْ ۪ وَانْظُرُوْا

۽ توهان ياد ڪريو جڏهن توهان ٿوريا هئا پوءِ الله توهان جي نسل ۾ برڪت وڌي ۽ توهان تڪسو

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۸۶﴾ وَاِنْ كَانَ طَآئِفَةٌ

ته فسادين جي پڇاڙي ڪهڙي ٿئي ٿي ۽ جيڪڏهن توهان مان ڪن ماڻهن

مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا

ايمان آندو منهنجي رسالت تي ۽ ڪن ماڻهن ايمان نه آندو

فَاصْبِرُوْا حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿۸۷﴾

پوءِ توهان صبر ڪريو ايستائين جو الله فيصلو فرمائي اسان جي وچ ۾ ۽ الله بهترين فيصلو ڪندڙ آهي.

قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ لَنُخْرِجَنَّكَ يٰشُعَيْبُ

شعيب جي قوم مان سردارن جيڪو جيڪي تڪبر ڪندا هئا، تن اي شعيب اسين تو کي ۽ جن ماڻهن تو سان گڏ ايمان

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَكَ مِنْ قَرْيَتِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ قَالَ

آندو آهي انهن کي ضرور ڳوٺ مان ڪڍنداسين يا ضرور توکي پنهنجي مذهب ۾ موٽائيداسين، شعيب

اَوَلَوْ كُنَّا كٰرِهِيْنَ ﴿۸۸﴾ قَدِ افْتَرَيْنَا عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اِنْ عُدْنَا فِيْ

چيو چا جيتوڻيڪ اسان بيزار آهيون. تحقيق توهان الله تعالى تي ڪوڙ مڙهيو آهي جيڪڏهن اسين توهان جي

مِلَّتِكُمْ بَعْدَ اِذْ نَجّٰىنَا اللّٰهُ مِنْهَا ؕ وَمَا يَكُوْنُ لَنَآ اَنْ نَّعُوْدَ فِيْهَآ

مذهب ۾ موٽياسين اُن کان پوءِ جو الله اسانکي اُن کان نجات ڏني (اسين ڪيئن مڙهيندڙ ٺهيداسون) ۽ اسانکي مناسب

اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ رَبُّنَا ؕ وَسِعَ رَبُّنَا كُلَّ شَيْءٍ عِلْمًا ؕ عَلَى اللّٰهِ

ناهي جو انهي مذهب ۾ داخل ٿيون مگر جيڪو سائين رب چاهي، سائين رب جو علم هر شيءِ کي گهيرو ڪندڙ آهي، الله تي

الجزء ۹

لہ تفسیر روح المعانی۔ کہ تفسیر بیضاوی۔ کہ تفسیر ابن عباس و تفسیر بیضاوی۔

کہ تفسیر ابن عباس

تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَأَنْتَ خَيْرُ

اسان توکل کيو آهي، اي اسانجا رب، اسانجي ۽ اسانجي قوم جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪر ۽ تون بهترين

الْفَاتِحِينَ ﴿٨٩﴾ وَقَالَ الْمَلَأُ الَّذِينَ كَفَرُوا مِنْ قَوْمِهِ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ

فيصلو ڪندڙ آهين. ۽ شعيب جي قوم مان سردارن جيڪو جيڪي ڪافر هئا، تن جيڪڏهن تو شعيب جا تابعدار

شُعَيْبًا إِنَّكُمْ إِذًا لَخَاسِرُونَ ﴿٩٠﴾ فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي

ٿيا ته ان وقت توهان ضرور نقصان ۾ رهندا. ۽ انهن تي زلزلو آيو ۽ اهي پنهنجن گهرن ۾

دَارِهِمْ جَاثِمِينَ ﴿٩١﴾ الَّذِينَ كَذَّبُوا شُعَيْبًا كَأَنْ لَمْ يَغْنَوْا فِيهَا ۚ

گوڏن ڀر مٿي ڪري پيا. جن مائڻن کي ڪوڙو سمجهو شعيب کي، اهي برباد ٿيا ڄڻ ڪي اهي انهن گهرن ۾ آباد ئي نه هئا

الَّذِينَ كَذَّبُوا شُعَيْبًا كَانُوا هُمُ الْخَاسِرِينَ ﴿٩٢﴾ فَتَوَلَّىٰ عَنْهُمْ وَ

جن مائڻن شعيب (پيغمبر) کي ڪوڙو سمجهو اهي ئي نقصان وارا آهن. ۽ شعيب انهن کان پاسو ڪيو ۽

قَالَ يَا قَوْمِ لَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَاتِ رَبِّي وَنَصَحْتُ لَكُمْ ۖ فَكَيْفَ

چيائين اي منهنجي قوم تحقيق مون توهان کي پنهنجي رب جا احڪام پهچايا ۽ مون توهان کي نصيحت ڪئي، ۽ ڪيئن ڪهڙو

آسَىٰ عَلَىٰ قَوْمٍ كَافِرِينَ ﴿٩٣﴾ وَمَا أَرْسَلْنَا فِي قَرْيَةٍ مِنْ نَبِيٍّ إِلَّا

ڏک ڪريان اُن قوم جي جيڪي ڪافر هئا. ۽ اسان ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو نبي نه موڪليو مگر اتي

أَخَذْنَا أَهْلَهَا بِالْبَأْسَاءِ وَالضَّرَّاءِ لَعَلَّهُمْ يَضَّرَّعُونَ ﴿٩٤﴾ ثُمَّ

جي رهندڙن کي (جز ايمان نه آندو) مسڪيني ۽ بيماري ۾ مبتلا ڪيوسين تہ من اهي عاجزي (ايمان آڻن)، ان کان پوءِ

بَدَّلْنَا مَكَانَ السَّيِّئَةِ الْحَسَنَةَ حَتَّىٰ عَفَوْا وَقَالُوا قَدْ مَسَّ

بدحالي جي جاءِ تي خوشحالي ڪئي سين، ايستائين جو ترقي ورتائون ۽ چيائون تحقيق

آبَاءَنَا الضَّرَّاءُ وَالسَّرَّاءُ فَأَخَذْنَاهُمْ بَغْتَةً وَهُمْ لَا يَشْعُرُونَ ﴿٩٥﴾

اسان جي وڏن کي به ڏک سک پهتا هئا، پوءِ اسان انهن کي سندن غفلت ۾ اوچتو پڪڑي ورتو ۽ اهي نه ٿا سمجهن.

ع ۱۲

۱۱ ع

لہ تفسیر جلالین و تفسیر النسفی. لہ تفسیر جلالین. لہ تفسیر مظهری و جلالین. لہ تفسیر مظهری.

(منزل ۲)

وَلَوْ اَنَّ اَهْلَ الْقُرٰٓى اٰمَنُوْا وَاتَّقَوْا لَفَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَرَكٰتٍ

۽ جيڪڏهن تحقيق اهي ڳوٺ وارا ايمان آڻن ها ۽ خوف الله خدا کان ها ته البته اسان انهن جي مٿان آسمان ۽

مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنْ كَذَّبُوْا فَاَخَذْنٰهُمْ بِمَا كَانُوْا

زمين الله مان برڪتون نازل ڪريون ها پر انهن رسولن کي ڪوڙو سمجهو ۽ ۽ سندن بداعمالي سبب اسان انهن

يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٦﴾ اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا بَيَاتًا

تي عذاب ڪيو . چا ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهو نٿا ڏڃن جو اچي انهن تي عذاب اسان جو رات جي وقت

وَّهُمْ نَآئِمُوْنَ ﴿٩٧﴾ اَوَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰٓى اَنْ يَّاْتِيَهُمْ بَاْسُنَا

جڏهن اهي ستل هجن . چا ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهو نٿا ڏڃن جو اچي انهن تي عذاب اسان جو

ضُحًى وَّهُمْ يَلْعَبُوْنَ ﴿٩٨﴾ اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَاْمَنُ

ڏينهن جي وقت جڏهن اهي راند ڪندا هجن . چا ۽ اهي الله جي خفيه تدبير کان امن ۾ آهن ؟ الله جي خفيه

مَكْرَ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿٩٩﴾ اَوَلَمْ يَهْدِ لِلَّذِيْنَ

تدبير کان ڪافرن جي قوم امن ۾ رهي نه ٿي سگهي . چا موجوده ماڻهن کي اها هدايت

يَرِثُوْنَ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ اَهْلِهَآ اَنْ لَّوْ نَشَآءُ اَصَبْنٰهُمْ

نه پهتي ته جيڪڏهن اسين چاهيون ته انهن کي سندن گناهن جي عيوض عذاب

بِذُنُوْبِهِمْ ۚ وَنَطْبَعُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿١٠٠﴾ تِلْكَ

پهچايون ، ۽ اسان سندن دلين تي مُهرون هنيون آهن پوءِ اهي نه ٻڌن . اِهي (اُهي)

الْقُرٰى نَقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْۢبَآئِهَا ۚ وَلَقَدْ جَآءَتْهُمْ

ڳوٺ آهن جن جا قصا اسين تو هان جي مٿان بيان ڪريون ٿا ، ۽ تحقيق آيا انهن وٽ

رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ

سندن پيغمبر معجزن سان ، پوءِ جن ماڻهن آڏي ئي رسولن جو انڪار ڪيو انهن ايمان نه آندو ،

١ تفسير بيضاوي وتفسير جلالين . ٢ تفسير مظهري . منزل ٢ ٣ تفسير جلالين . ٤ تفسير بيضاوي . ٥ تفسير ڪبير .

كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۱۰۱﴾ وَمَا وَجَدْنَا

اهڙي طرح الله تعالىٰ كافرن جي دلين تي مُهر لڳائي ٿو. ۽ اسان انهن مان گهڻن

لِاَكْثَرِهِمْ مِّنْ عَهْدٍ ۚ وَاِنْ وَّجَدْنَآ اَكْثَرَهُمْ لَفٰسِقِيْنَ ﴿۱۰۲﴾

کي پهريئين وعدي تي پابند نه ڏٺوسين، ۽ بيشڪ انهن مان گهڻا بدڪردار ڏٺاسين.

ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى بِاٰيٰتِنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ

ان کان پوءِ اسان موسىٰ کي موڪليو معجزن سان، فرعون ۽ سندس قوم ڏانهن

فَظَلَمُوْا بِهَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۱۰۳﴾ وَ

پوءِ معجزن جو انڪار ڪيائون، پوءِ ڏسو تہ ڪهڙي طرح آهي پڇاڙي فسادين جي. ۽

قَالَ مُوْسٰى يٰفِرْعَوْنُ اِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۴﴾

موسىٰ چيو اي فرعون، بيشڪ آئون رب العلمين جو طرفان رسول آهيان.

حَقِيْقٌ عَلٰٓى اَنْ لَّآ اَقُوْلَ عَلَى اللّٰهِ اِلَّا الْحَقَّ ۭ قَدْ جِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ

مون کي ضروري آهي تہ آئون الله تعالىٰ لاءِ سچي ڳالهہ چوان، تحقيق آئون توهان وٽ توهان جي رب

مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۰۵﴾ قَالَ اِنْ كُنْتَ جِئْتَ

کان نشانيون ڪٿي آيو آهيان پوءِ تون موسان گڏ بني اسرائيل کي ڇڏ. فرعون چيو اي موسىٰ جيڪڏهن

بِاٰيَةٍ فَاْتِ بِهَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۱۰۶﴾ فَاَلْقٰى عَصَاهُ

تو ڪو معجزو آندو آهي تہ اهو ڏيکار جيڪڏهن تون سچو آهين. پوءِ موسىٰ پنهنجي لٺ کي اڇلايو

فَاِذَا هِيَ ثُعْبَانٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۰۷﴾ وَّنَزَعَ يَدَهٗ فَاِذَا هِيَ بَيْضَآءُ

پوءِ فوراً اها لٺ تمام وڏو ڏاڍو ظاهر ٿي پئي. ۽ پنهنجي هٿ کي ٻاهر ڪڍيائين پوءِ فوراً اهو (هٿ) جهرڪندڙ

لِلنّٰظِرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اِنَّ هٰذَا لَسٰحِرٌ

ڏسندڙن لاءِ. فرعون جي قوم مان سردارن چيو بيشڪ هي موسىٰ ماهر جادوگر

ع ۱۳ ۱۳

(منزل ۲) ۱۰۱ تفسير ابن عباس. ۱۰۲ تفسير بيضاوي. ۱۰۳ تفسير جلالين وبيضاوي وخازن. ۱۰۴ تفسير بيضاوي وجلالين وخازن.

عَلِيْمٌ ﴿١١٠﴾ يُرِيْدُ اَنْ يُّخْرِجَكُمْ مِّنْ اَرْضِكُمْ ۖ فَمَاذَا تَاْمُرُوْنَ ﴿١١٠﴾

آهي ۽ اهو اراد وڪري ٿو تہ توهان کي پنهنجي ملڪ مان ٻاهر ڪيڊي، پوء توهان جو ڪهڙو مشورو آهي؟

قَالُوْٓا اَرْجِهْ وَاَخَاهُ وَاَرْسِلْ فِي الْمَدَآئِنِ حٰشِرِيْنَ ﴿١١١﴾ يَاْتُوْكَ

چيائون موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ کي مهلت ڏي ۽ نون شهرن ۾ مانهو گڏ ڪندڙن کي موڪل. اهي آئيندا تو وٽ

بِكُلِّ سَحَّارٍ عَلِيْمٍ ﴿١١٢﴾ وَجَآءَ السَّحَرَةُ فِرْعَوْنَ قَالُوْٓا اِنَّ لَنَا لَاَجْرًا

هر قسم جا ڄاڻو جادوگر. ۽ جادوگر فرعون وٽ آيا چيائون (ڇا) اسان لاءِ اجر آهي

اِنْ كُنَّا نَحْنُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٣﴾ قَالَ نَعَمْ وَاِنَّكُمْ لَمِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿١١٤﴾

جيڪڏهن اسان غالب ٿيا سين. فرعون چيو هائو ۽ بيشڪ توهان منهنجا مقرب ٿيندا.

قَالُوْا يٰمُوْسٰٓى اِمَّآ اَنْ تُلْقِيَ وَاِمَّآ اَنْ نَّكُوْنَ نَحْنُ الْمُلْقِيْنَ ﴿١١٥﴾

جادوگرن چيو اي موسيٰ يا تون جادو ڏيکار يا اسين جادو ڏيکاريون.

قَالَ اَلْقُوْا ۚ فَلَمَّآ اَلْقَوْا سَحَرُوْٓا اَعْيُنَ النَّاسِ وَاسْتَرْهَبُوْهُمْ

موسيٰ چيو توهان جادو ڏيکاريو، پوء جڏهن رسن کي اڇلايائون، ماڻهن جي اکين تي جادو ڪيائون ۽ انهن کي ڊيڄاريائون

وَجَآءُوْ بِسِحْرٍ عَظِيْمٍ ﴿١١٦﴾ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى مُوْسٰٓى اَنْ اَلْقِ عَصَاكَ ۚ

۽ تمام وڏو جادو آندائون (رسن ۽ ڏاند اڇلايائون) ۽ اسان موسيٰ ڏانهن حڪم موڪليو تہ پنهنجي لٺ کي اڇلاءِ،

فَاِذَا هِيَ تَلْقَفُ مَا يَاْفِكُوْنَ ﴿١١٧﴾ فَوَقَعَ الْحَقُّ وَبَطَلَ مَا كَانُوْا

پوء اوچتو (موسيٰ جي لٺ) گهي وئي جيڪي انهن جادو ڪيو هو. پوء حق ظاهر ٿي ٻيو ۽ سندن جادو باطل

يَعْمَلُوْنَ ﴿١١٨﴾ فَغُلِبُوْا هُنَالِكَ وَانْقَلَبُوْا صٰغِرِيْنَ ﴿١١٩﴾ وَاُلْقِيَ

ٿي ويو. پوء فرعون ۽ سندس جادوگرن شڪست کاڌي ۽ ڏڪي ذليل ٿي پيا. ۽ جادوگر

السَّحَرَةُ سٰجِدِيْنَ ﴿١٢٠﴾ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٢١﴾

سجدي ۾ ڪري پيا (الله جي دربار ۾) سڀني چيو اسان رب العلمين تي ايمان آندو.

ه تفسير النسفي، ٥ تفسير نسفي و بيضاوي، ٦ تفسير جلالين. (منزل ٢) ٧ تفسير جلالين و نسفي، ٨ تفسير بيضاوي.

رَبِّ مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ قَالَ فِرْعَوْنُ اٰمَنْتُمْ بِهٖ قَبْلَ اَنْ

يعني جيڪو رب آهي موسيٰ ۽ هارون جو. فرعون چيو توهان منهنجي اجازت کان اڳ انهيءَ تي

اٰذَنَ لَكُمْ ۭ اِنَّ هٰذَا لَمَكْرٌ مَّكَرْتُمُوْهُ فِي الْمَدِيْنَةِ لِتُخْرِجُوْا

ايمان آندو، بيشڪ هي وڏو فريب هو جيڪو توهان شهر ۾ ڪيو، انهيءَ لاءِ ته شهرين کي توهان

مِنْهَآ اَهْلَهَا ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿١٢٣﴾ لَاُقَطِّعَنَّ اَيْدِيَكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ

انهيءَ مان باهر ڪيو، پوءِ ڇيٽر توهان کي خبر پوندي. قسم سان آئون توهان جي هڪ پاسي جو هٿ ۽

مِّنْ خِلَافٍ ثُمَّ لَاُصَلِّبَنَّكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٢٤﴾ قَالُوْٓا اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا

ٻئي پاسي جو پير ڪٽيندس انهن کان پوءِ توهان سڀني کي قاسي ڏيندس. جادوگرن چيو بيشڪ اسان پنهنجي

مُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٢٥﴾ وَمَا تَنْقِمُ مِنَّآ اِلَّآ اَنْ اٰمَنَّا بِاٰيٰتِ رَبِّنَا لَمَّا

رب ڏانهن موٽندڙ آهيون. ۽ تون اسان کي الله تعالىٰ جي سندس آيتن تي ايمان آڻڻ کان روڪي نه ٿو سگهين

جَآءَتْنَا ۭ رَبَّنَآ اَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَّتَوَفَّنَا مُسْلِمِيْنَ ﴿١٢٦﴾ وَقَالَ

جڏهن (نشانيون) اسان وٽ پهتيون، اي اسان جا رب اسان کي گهڻو صبر عطا ڪر ۽ اسان کي مسلمان ڪري مار. ۽ چيو

الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِ فِرْعَوْنَ اَتَذَرُ مُوْسٰى وَقَوْمَهٗ لِيُفْسِدُوْا

سردارن، فرعون جي قوم مان ته اي فرعون چا تون موسيٰ ۽ سندس قوم کي جڏين ٿو، انهيءَ لاءِ ته زمين

فِي الْاَرْضِ وَيَذَرَكَ وَاٰلِهَتَكَ ۭ قَالَ سَنُقَتِّلُ اَبْنَآءَهُمْ

۾ فساد ڪن ۽ تو کي ۽ تنهنجن معبودن کي ڇڏي ڏين، فرعون چيو اسين هاڻي انهن جي پٽن کي قتل

وَنَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّا فَوْقَهُمْ قٰهِرُوْنَ ﴿١٢٧﴾ قَالَ مُوْسٰى

ڪنداسين ۽ سندن ڌيئرن کي جيئرو رهڻ ڏينداسين، ۽ بيشڪ اسين انهن تي قهر ڪندڙ آهيون. موسيٰ چيو

لِقَوْمِهِ اسْتَعِيْنُوْا بِاللّٰهِ وَاصْبِرُوْا ۚ اِنَّ الْاَرْضَ لِلّٰهِ

پنهنجي قوم کي، توهان الله کان مدد ونو ۽ صبر ڪريو ، بيشڪ زمين الله تعالىٰ جي آهي

يُوْرِثُهَا مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۲۸﴾

پنهنجي بانهن مان جنهنکي چاهي تنهنکي ان جو وارث بنائي ٿو، ۽ پرهيزگارن لاءِ سٺي پڇاڙي آهي.

قَالُوْٓا اُوْذِيْنَا مِنْ قَبْلِ اَنْ تَاْتِيَنَا وَمِنْۢ بَعْدِ مَا جِئْتَنَا ؕ

عرض ڪيائون اسان کي ايذاءُ ڏنو ويو تنهنجي اچڻ کان اڳ ۽ توکي نبوت ملڻ کان پوءِ ۽

قَالَ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّهْلِكَ عَدُوَّكُمْ وَيَسْتَخْلِفَكُمْ فِى

موسىٰ فرمايو عنقريب توهان جو رب توهان جي دشمن کي هلاڪ ڪندو (ذڪر سان) ۽ انهن جي جاءِ تي توهان کي

الْاَرْضِ فَيَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲۹﴾ ع وَلَقَدْ اَخَذْنَآ اٰلَ

زمين جو مالڪ ڪندو، پوءِ الله ڏسندو ته توهان ڪهڙا عمل ڪريو ٿا. ۽ تحقيق اسان گرفتار ڪيو فرعون

فِرْعَوْنَ بِالسِّنِيْنَ وَنَقْصٍ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿۱۳۰﴾

جي قوم کي ڏڪار ۽ ميون جي ڪمي سان ته مَن اهي نصيحت حاصل ڪن.

فَاِذَا جَآءَتْهُمُ الْحَسَنَةُ قَالُوْا لَنَا هٰذِهٖ ۚ وَاِنْ تُصِبْهُمْ

پوءِ جڏهن انهن وٽ پلائي (تندرستي ۽ خوشحالي) آئي، چيائون اسين انهي جا حقدار آهيون، ۽ جڏهن انهن کي برائي (تڪليف) پهتي

سَيِّئَةٌ يَّطَّيَّرُوْا بِمُوْسٰى وَمَنْ مَّعَهٗ ؕ اَلَآ اِنَّمَا طٰٓئِرُهُمْ عِنْدَ

۽ بدحالي) پهتي ته موسىٰ ۽ سندس امتين کي منحوس سمجهڻ لڳا، خبردار اهي الله تعالىٰ وٽ منحوس

اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۳۱﴾ وَقَالُوْا مَهْمَا تَاْتِنَا

آهن، پر گهڻا انهن مان نٿا سمجهن. ۽ چيائون تون ڪهڑي به نشاني

بِهٖ مِنْ اٰيَةٍ لِّتَسْحَرَنَا بِهَا ۙ فَمَا نَحْنُ لَكَ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۳۲﴾ فَاَرْسَلْنَا

اسان وٽ آڻ جنهن سان تون اسان تي جادو ڪرين، پوءِ به اسين توتي ايمان آڻيندڙ ناهيون. پوءِ اسان

عَلَيْهِمُ الطُّوْفَانَ وَالْجَرَادَ وَالْقُمَّلَ وَالضَّفَادِعَ وَالدَّمَ اٰيٰتٍ

موڪليا انهن تي طوفان ۽ ڪڙ ۽ ڇڇڙ ۽ ڏيڏر ۽ رت، جدا جدا

ع ۵

۱ تفسير جلالين. ۲ تفسير النسفي. ۳ تفسير ابن عباس. (منزل ۲) ۴ تفسير ڪبير للعلامة الرازي. ۵ تفسير النسفي.
۶ تفسير جلالين وتفسير النسفي.

مُّفَصَّلٰتٍ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿١٣٣﴾ وَلَمَّا

نشانيون ڪري ، پوءِ تڪبر ڪيائون ۽ هُئي قوم گنهگار . ۽ جڏهن

وَقَعَ عَلَيْهِمُ الرِّجْزُ قَالُوْا يٰمُوْسَى ادْعُ لَنَا رَبَّكَ بِمَا عَهِدَ

انهن تي عذاب پهتو چيائون اي موسيٰ اسان لاءِ پنهنجي ربّ کان دُعا گهرانُ وعدي موجب جيڪو

عِنْدَكَ ۚ لَئِنْ كَشَفْتَ عَنَّا الرِّجْزَ لَنُؤْمِنَنَّ لَكَ وَلَنُرْسِلَنَّ

تو سان تنهنجو رب ڪيو هو (نبجات جو) بيشڪ جيڪڏهن تو اسان تان عذاب ڪڍايو ته اسين ضرور تو تي ايمان آڻيندا سين

مَعَكَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿١٣٤﴾ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُمُ الرِّجْزَ اِلٰٓى

۽ بني اسرائيل کي تو سان گڏ ڪنداسين . پوءِ جڏهن اسان انهن تان عذاب لاتو ڪنهن مقرر

اَجَلٍ هُمْ بَالِغُوْهُ اِذَا هُمْ يَنْكُثُوْنَ ﴿١٣٥﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ

وقت تائين جنهن تائين انهن کي پهچڻو هو اُن وقت اِهي ڦري ويا . پوءِ اسان انهن کان بدلو ورتو

فَاَغْرَقْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ بِاَنَّهُمْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا

پوءِ اسان انهن کي سمنڊ ۾ بوڙيو انهيءَ سببان جو اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهندا هئا ۽ انهن ڪان

غٰفِلِيْنَ ﴿١٣٦﴾ وَاَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِيْنَ كَانُوْا يُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ

غافل هئا. ۽ ان قوم کي مالڪ بنايو جيڪي ڪمزور ليکيا ويندا هئا مصر ۽ شام

الْاَرْضِ وَمَغَارِبَهَا الَّتِىْ بٰرَكْنَا فِيْهَا ۭ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ

۾ جنهن ۾ اسان برڪتون رکايون آهن ، ۽ بني اسرائيل لاءِ تنهنجي

رَبِّكَ الْحُسْنٰى عَلٰى بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ۙ بِمَا صَبَرُوْا ۭ وَدَمَّرْنَا

رب جو وعدو سهڻي نموني سان پورو ٿيو ، انهيءَ سببان جو صبر ڪيائون ، ۽ اسان برباد

مَا كَانَ يَصْنَعُ فِرْعَوْنُ وَقَوْمُهٗ وَمَا كَانُوْا يَعْرِشُوْنَ ﴿١٣٧﴾

ڪيو انهيءَ ڪم کي جيڪو فرعون ۽ سندس قوم ڪندي هئي ۽ جيڪي محل تعمير ڪيائون .

لغم ١

١ تفسير جلالين. ٢ تفسير جلالين. ٣ تفسير جلالين ولغات القرآن. (منزل ٢) ٤ تفسير بيضاوي و نسفي. ٥ تفسير النسفي. ٦ تفسير جلالين.

وَجٰوَزْنَا بِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ الْبَحْرَ فَاَتَوْا عَلٰى قَوْمٍ يَّعْكُفُوْنَ

۽ اسان بني اسرائيل کي سمنڊ مان پار ڪيو پوءِ اهي اچي قوم وٽ پهتا جيڪي پنهنجن بتن

عَلٰٓى اَصْنَامٍ لَّهُمْ ۚ قَالُوْا يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَآ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ

اڳيان ويٺي هيڻ پوڄا ڪندا هئا، بني اسرائيل چوڻ لڳا اي موسيٰ توهان لاءِ معبود مقرر ڪر جيئن انهن لاءِ معبود

اٰلِهَةٌ ۭ قَالَ اِنَّكُمْ قَوْمٌ تَجْهَلُوْنَ ﴿۱۳۸﴾ اِنَّ هٰٓؤُلَآءِ مُتَبَّرٌ مَّا هُمْ

آهن ، موسيٰ فرمايو بيشڪ توهان جاهل قوم آهيو . بيشڪ اهي جنهن ڪم ۾ آهن هلاڪ ٿيندڙ

فِيْهِ وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۳۹﴾ قَالَ اَغَيْرَ اللّٰهِ اَبْغِيْكُمْ

آهن ۽ سندن عمل باطل آهن . موسيٰ فرمايو ڇا الله تعالىٰ کان سوا ۽ آئون توهان لاءِ معبود طلب

اِلٰهًا وَّهُوَ فَضَّلَكُمْ عَلَى الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۴۰﴾ وَاِذْ اَنْجَيْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ

ڪريان حالانڪ الله توهان کي موجوده زماني وارن کان پلو ڪيو آهي . ۽ جنهن وقت اسان توهان کي فرعون جي لشڪر

فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ ۚ يُقَتِّلُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ

کان نجات ڏني جيڪي توهان کي سخت عذاب پهچائيندا هئا، توهان جي پٽن کي قتل ڪندا هئا ۽

يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ۭ وَفِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿۱۴۱﴾

۽ توهان جي ڌيئرن کي زندهه ڇڏيندا هئا ، انهيءَ ۾ توهان جي رب طرفان توهان لاءِ سخت آزمائش هئي .

وَوٰعَدْنَا مُوْسٰى ثَلٰثِيْنَ لَيْلَةً وَّاَتْمَمْنٰهَا بِعَشْرٍ فَتَمَّ

۽ اسان وعدو ڪيو موسيٰ سان ٽيهن راتين جو (توراة ڏيڻ لاءِ) ۽ اسان انهيءَ کي وڌيڪ ڏهن راتين سان پورو ڪيو

مِيْقَاتُ رَبِّهٖٓ اَرْبَعِيْنَ لَيْلَةً ۚ وَقَالَ مُوْسٰى لِاَخِيْهِ

پوءِ پورو ٿيو وعدو رب جو چاليهه راتين جو ، ۽ موسيٰ پنهنجي ڀاءُ هارون کي چيو

هٰرُوْنَ اخْلُفْنِيْ فِيْ قَوْمِيْ وَاَصْلِحْ وَلَا تَتَّبِعْ سَبِيْلَ

تون منهنجي قوم ۾ (منهنجو طرفان) نائب ٿي ۽ انهن جي عملن کي درست ڪر ۽ فسادي مائٹھن

(منزل ۲) لہ تفسیر جلالین. ۲ تفسیر نسفی و تفسیر جلالین. ۳ تفسیر نسفی. ۴ تفسیر ابن عباس. ۵ تفسیر جلالین.

الْمُفْسِدِيْنَ ﴿۱۴۲﴾ وَلَمَّا جَآءَ مُوْسٰى لِمِيْقَاتِنَا وَكَلَّمَهٗ رَبُّهٗ ۙ قَالَ

جو وات جي تابعدارين ۾ ڪر. ۽ جڏهن موسيٰ اسانجي وقت مقرر ڪيل تي (طور سينا ۾) هتو ۽ موسيٰ سان سندس رب ڪلام ڪيو، موسيٰ عرض

رَبِّ اَرِنِيْٓ اَنْظُرْ اِلَيْكَ ؕ قَالَ لَنْ تَرٰىنِيْ وَلٰكِنِ انْظُرْ

ڪيو اي منهنجا رب مون کي پنهنجو ديدار ڪرائ، الله فرمايو تون هرگز مونکي ڏسي نٿو سگهين، پر تون جبل ڏانهن

اِلَى الْجَبَلِ فَاِنِ اسْتَقَرَّ مَكَانَهٗ فَسَوْفَ تَرٰىنِيْ ۚ فَلَمَّا تَجَلّٰى

نگاهه ڪر پوءِ جيڪڏهن جبل پنهنجي جاءِ تي قائم رهيو تہ تون جلدي مون کي ڏسندين، پوءِ جڏهن سندس رب

رَبُّهٗ لِلْجَبَلِ جَعَلَهٗ دَكًّا وَّخَرَّ مُوْسٰى صَعِقًا ۚ فَلَمَّآ اَفَاقَ

تجلي فرمائي جبل ڏانهن تہ جبل کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيائين ۽ موسيٰ بي هوش ٿي ڪري پيو، پوءِ جڏهن سڃاڻ ٿيو

قَالَ سُبْحٰنَكَ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۴۳﴾

عرض ڪيائين تنهنجي ذات پاڪ آهي آئون تنهنجي حضور ۾ توبه ڪريان ٿو ۽ آئون پهرين مؤمنن مان آهيان.

قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنِّى اصْطَفَيْتُكَ عَلَى النَّاسِ بِرِسٰلٰتِيْ وَ

الله تعالىٰ فرمايو اي موسيٰ بيشڪ مون تو کي مانهن مان چونڊيو پنهنجي رسالت ۽ پنهنجي

بِكَلَامِيْ ۖ فَخُذْ مَآ اٰتَيْتُكَ وَكُنْ مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۴۴﴾ وَكَتَبْنَا

ڪلام لاءِ، پوءِ جيڪي آئون تو کي عطا ڪريان اهو ون ۽ تون شڪر گذار ٿيُ. ۽ اسان لکيو انهن

لَهٗ فِى الْاَلْوَاحِ مِنْ كُلِّ شَىْءٍ مَّوْعِظَةً وَّتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ

لاءِ توراة جي تختين[1] ۾ هر قسم جي نصيحت ۽ هر شيءَ جو

شَىْءٍ ۚ فَخُذْهَا بِقُوَّةٍ وَّاْمُرْ قَوْمَكَ يَاْخُذُوْا بِاَحْسَنِهَا ؕ

تفصيل، پوءِ توراة کي قوت سان ون ۽ پنهنجي قوم کي حڪم ڪر تہ اُهي توراة[2] تي عمل ڪن،

سَاُوْرِيْكُمْ دَارَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿۱۴۵﴾ سَاَصْرِفُ عَنْ اٰيٰتِيَ الَّذِيْنَ

آئون توهان کي جلدي گنهگارن جو گهر (جهنم)[3] ڏيکاريندس. آئون ضرور انهن کي پنهنجي نشانين تان ڦيرائيندس

[1] تفسير النسفي. [2] تفسير جلالين وتفسير النسفي. [3] تفسير ابن عباس.

يَتَكَبَّرُوْنَ فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاِنْ يَّرَوْا كُلَّ اٰيَةٍ لَّا

جيڪي ماڻهو ناحق زمين ۾ تڪبر ڪندا هئا ، ۽ جيڪڏهن اهي سڀ نشانيون ڏسن تہ

يُؤْمِنُوْا بِهَا ۚ وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الرُّشْدِ لَا يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۚ

نہ ايمان نہ آڻيندا ، ۽ جيڪڏهن سڌو رستو ڏسن ٿا تہ اُن ڏي نہ ٿا هلن ،

وَاِنْ يَّرَوْا سَبِيْلَ الْغَيِّ يَتَّخِذُوْهُ سَبِيْلًا ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ

۽ جيڪڏهن غلط رستو ڏسن ٿا تہ اُن ڏي هلن ٿا ، اهو انهي سبب آهي جو

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَكَانُوْا عَنْهَا غٰفِلِيْنَ ۝١٤٦ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

بيشڪ انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ انهن آيتن کان غافل هئا . ۽ جيڪي ماڻهو ڪوڙو سمجهن ٿا اسان جي

بِاٰيٰتِنَا وَلِقَاۗءِ الْاٰخِرَةِ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۭ هَلْ يُجْزَوْنَ

آيتن کي ۽ موت کان پوءِ نرنده ٿيڻ کي ، انهن جا عمل ڇتي شيءِ ، ڪين اُها جزا ملندي

اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝١٤٧ وَاتَّخَذَ قَوْمُ مُوْسٰى مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ

جيڪو پاڻ عمل ڪندا هئا . ۽ موسيٰ جي قوم سندس غير موجودگيءَ ۾ پنهنجي زيورن

حُلِيِّهِمْ عِجْلًا جَسَدًا لَّهٗ خُوَارٌ ۭ اَلَمْ يَرَوْا اَنَّهٗ لَا يُكَلِّمُهُمْ

مان گابو تيار ڪيو جنهن کي جسم هو ۽ رنبي ٿي ڪيائين ، ڇا انهن نہ ڏٺو تہ بيشڪ گابو انهن سان نہ ڳالهائي نہ ئي سگهي

وَلَا يَهْدِيْهِمْ سَبِيْلًا ۘ اِتَّخَذُوْهُ وَكَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ۝١٤٨ وَلَمَّا

۽ نہ وري کين سڌي واٽ ڏيکاري سگهي ٿو ، اهي ظالم هئا جو گابي کي خدا ڪري ٿي سمجهائون . ۽ جڏهن پشيمان

سُقِطَ فِيْٓ اَيْدِيْهِمْ وَرَاَوْا اَنَّهُمْ قَدْ ضَلُّوْا ۙ قَالُوْا لَىِٕنْ لَّمْ

ٿيا (گابي جي پوڄا کان) ۽ ڏٺائون تہ تحقيق اهي گمراهه ٿيا ، (پوءِ) چوڻ لڳا جيڪڏهن اسان تي

يَرْحَمْنَا رَبُّنَا وَيَغْفِرْ لَنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝١٤٩

اسان جي رب رحم نہ ڪيو ۽ اسان کي بخش نہ ڪيو تہ بيشڪ اسين نقصان وارن مان ٿينداسين .

وقف لازم

١ تفسير النسفي ٢ تفسير تنوير المقياس وتفسير ابن عباس (منزل ٢) ٣ تفسير جلالين .

وَلَمَّا رَجَعَ مُوْسٰٓى اِلٰى قَوْمِهٖ غَضْبَانَ اَسِفًا ۙ قَالَ بِئْسَمَا

۽ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم ڏانهن موٽيو ڪاوڙ ۽ ڏک جي حالت ۾ ، چوڻ لڳو توهان منهنجي

خَلَفْتُمُوْنِيْ مِنْۢ بَعْدِيْ ۚ اَعَجِلْتُمْ اَمْرَ رَبِّكُمْ ۚ وَاَلْقَى الْاَلْوَاحَ وَ

وڃڻ کان پوءِ شرڪ ڪيو ، چا توهان الله جي حڪم ۾ تڪڙ ڪئي ؟ ۽ (ڪاوڙ مان) توراة جون تختيون

اَخَذَ بِرَاْسِ اَخِيْهِ يَجُرُّهٗٓ اِلَيْهِ ۭ قَالَ ابْنَ اُمَّ اِنَّ الْقَوْمَ

ايڏا يائين ۽ پنهنجي پاءُ ڪي مٿي مان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين ، هارون عرض ڪيو اي منهنجا سڳا پاءُ ، بيشڪ ماڻهن

اسْتَضْعَفُوْنِيْ وَكَادُوْا يَقْتُلُوْنَنِيْ ۠ فَلَا تُشْمِتْ بِيَ الْاَعْدَاۗءَ وَلَا

مون کي ڪمزور سمجهيو ۽ ڀ قريب مون کي قتل ڪن ها ، پوءِ تون امر ڪر مونسان دشمن کي خوش

تَجْعَلْنِيْ مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ۝ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِاَخِيْ وَ

ڪر ۽ مون کي ظالم قوم سان گڏ نه ڪر . موسيٰ عرض ڪيو اي منهنجا رب مونکي ۽ منهنجي پاءُ کي بخش ڪر ۽

اَدْخِلْنَا فِيْ رَحْمَتِكَ ۠ وَاَنْتَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۝ اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوا ۲۵ ع ۸

۽ اسان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪر ۽ تون تمام گهڻو رحم ڪندڙ آهين . بيشڪ جن ماڻهن گابي کي (معبود)

الْعِجْلَ سَيَنَالُهُمْ غَضَبٌ مِّنْ رَّبِّهِمْ وَذِلَّةٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ

بنايو جلدي انهن تي غضب پهچندو ۽ سندن رب طرفان ۽ خواري حياتي دنيا جي ۾ ،

وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُفْتَرِيْنَ ۝ وَالَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ ثُمَّ

۽ ڪوڙ مڙهيندڙن کي اسين اهڙي جزا ڏيون ٿا . ۽ جيڪي ماڻهو گناهه ڪن ٿا انهيءَ کان پوءِ

تَابُوْا مِنْۢ بَعْدِهَا وَاٰمَنُوْٓا ۙ اِنَّ رَبَّكَ مِنْۢ بَعْدِهَا لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝

توبه تائب ٿيا گناهه ڪرڻ کان ۽ ايمان آندائون ، بيشڪ رسول عربي جو رب توبه کان پوءِ بخشيندڙ مهربان آهي .

وَلَمَّا سَكَتَ عَنْ مُّوْسَى الْغَضَبُ اَخَذَ الْاَلْوَاحَ ۚ وَفِيْ نُسْخَتِهَا هُدًى

۽ جڏهن موسيٰ جي ڪاوڙ گهٽ ٿي ، توراة جي تختين کي کنيائين ۽ انهي نسخي (ڪتاب) ۾ هدايت

۱ تفسير جلالين ، ۲ تفسير جامع البيان ، ۳ تفسير جلالين . (منزل ۲) ۴ تفسير جامع البيان .

وَّرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿۱۵۴﴾ وَاخْتَارَ مُوْسٰى قَوْمَهٗ

۽ رحمت آهي انهن مانهن لاءِ جيڪي پنهنجي رب کان خوف ڪن ٿا. ۽ موسيٰ پنهنجي قوم مان ستر

سَبْعِيْنَ رَجُلًا لِّمِيْقَاتِنَا ۚ فَلَمَّاۤ اَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ قَالَ رَبِّ لَوْ

مانهوا ساڻي وعدي لاءِ چونڊيا ، پوءِ جڏهن انهن کي سخت زلزلو پهتو موسيٰ عرض ڪيو اي منهنجا رب

شِئْتَ اَهْلَكْتَهُمْ مِّنْ قَبْلُ وَاِيَّايَ ؕ اَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ السُّفَهَآءُ

جيڪڏهن تون چاهين ها تڏهن کي ۽ انهن کي هن کان اڳ هلاڪ ڪري ها ، چا تون اسان کي سڀ ڪجهه جي ڪرڻ سبب اسان کي هلاڪ

مِنَّا ۚ اِنْ هِيَ اِلَّا فِتْنَتُكَ ؕ تُضِلُّ بِهَا مَنْ تَشَآءُ وَتَهْدِيْ مَنْ

ڪرين ٿو ، نه هي پر مگر آزمائش تنهنجي ، تون انهي سان گمراهه ڪرين ٿو جنهن کي چاهين ۽ هدايت ڏين ٿو جنهن کي

تَّشَآءُ ؕ اَنْتَ وَلِيُّنَا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الْغٰفِرِيْنَ ﴿۱۵۵﴾

چاهين ، تون اسان جو مدد گار آهين پوءِ تون اسان کي بخش ڪر ۽ تون اسان تي رحم ڪر ۽ تون بهترين بخشيندڙ آهين.

وَاكْتُبْ لَنَا فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةً وَّفِي الْاٰخِرَةِ اِنَّا هُدْنَاۤ

۽ اسان لاءِ تون هن دنيا ۽ آخرت ۾ نيڪي لک ۽ بيشڪ اسين توبه تائب ٿياسين

اِلَيْكَ ؕ قَالَ عَذَابِيْۤ اُصِيْبُ بِهٖ مَنْ اَشَآءُ ۚ وَرَحْمَتِيْ وَسِعَتْ

تنهنجي طرف ، الله فرمايو منهنجو عذاب پهچي ٿو انهي کي جنهن کي آڻڻ چاهيان ٿو ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ کان

كُلَّ شَيْءٍ ؕ فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ

گهڻي آهي ، پوءِ آڻيان جلدي لکندس پنهنجي رحمت کي انهن مانهن لاءِ جيڪي خوف ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۵۶﴾ ۚ اَلَّذِيْنَ يَتَّبِعُوْنَ الرَّسُوْلَ

۽ اهي مانهو جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻن ٿا . اهي مانهو جيڪي تابعداري ڪن ٿا رسول

النَّبِيَّ الْاُمِّيَّ الَّذِيْ يَجِدُوْنَهٗ مَكْتُوْبًا عِنْدَهُمْ فِي

عربيءَ جي جيڪو سموري ڪائنات جو اصل (روح) آهي ، رسول عربيءَ جي تعريف انهن وٽ لکيل آهي

له تفسير جلالين. ۲ه تفسير النسفي. ۳ه تفسير جلالين. ۴ه تفسير جامع البيان. ۵ه المفردات في غريب القرآن ص۲۲۰

التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ ز يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ

توراة ۽ انجيل ۾ ، رسول عربي انهن کي نيڪيءَ جو حڪم فرمائي ٿو ۽ برائيءَ کان

الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ

روڪي ٿو ۽ پاڪ شيون انهن لاءِ حلال ڪري ٿو ۽ پليت شيون انهن لاءِ حرام ڪري ٿو

وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ط

۽ انهن تان سندن ڳرا بار لاهي ٿو ۽ جيڪي تڪليفون انهن تي هيون (سي ختم ڪري ٿو) ،

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ

پوءِ جن مانڻن (رسول عربيءَ تي ايمان آندو ۽ سندن تعظيم ڪيائون ۽ سندس مدد ڪيائون ۽ قرآن ڪريم جي تابعداري

الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۵۷﴾ قُلْ يٰٓاَيُّهَا

ڪيائون جيڪو رسول عربي تي نازل ڪيو ويو اهي ئي ڪامياب آهن ، رسول عربي توهان کي فرمايو ته اي

النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا ۨ الَّذِيْ لَهٗ

انسانو بيشڪ آئون الله جو رسول آهيان توهان سڀني لاءِ ، منهنجو اهو رب آهي

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۠

جنهن جي بادشاهي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ، نه ڪو عبادت جوڳو آهي سواءِ الله جي جيڪو جياري ۽ ماري ٿو ،

فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الَّذِيْ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ

پوءِ توهان (سڀني) ايمان آڻيو الله ۽ الله جي رسول تي ، اهو رسول عربي جيڪو سموري ڪائنات جو اصل آهي جو پاڻ الله

وَكَلِمٰتِهٖ وَاتَّبِعُوْهُ لَعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿۱۵۸﴾ وَمِنْ

۽ الله جي موڪليل ڪتابن تي ايمان آڻن ٿا ، توهان رسول عربيءَ جي تابعداري ڪريو تنهنڪري توهان کي اميد آهي ته .۽ موسيٰ جي

قَوْمِ مُوْسٰٓى اُمَّةٌ يَّهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۵۹﴾

قوم (يهودين) مان هڪ گروهه اهڙو آهي جيڪو حق جو رستو بڌائي ٿو ۽ حق سان فيصلو ڪن ٿا .

۱ تفسير جلالين . ۲ المفردات في غريب القرآن . (منزل ۲) ۳ تفسير النسفي . ۴ تفسير النسفي .

وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا ؕ وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى

۽ اسان يهودين کي جدا جدا ڪري بارهن قبيلا (۽) ورڊيون ورڊيون جماعتون بنايون، ۽ اسان موسيٰ ڏانهن

مُوْسٰٓى اِذِ اسْتَسْقٰىهُ قَوْمُهٗٓ اَنِ اضْرِبْ بِّعَصَاكَ الْحَجَرَ ۚ

وحي موڪلي جنهن وقت موسيٰ کان سندس قوم پاڻي گهريو، ته توڙن پنهنجي لٺ کي پٿر تي هڻ،

فَانْۢبَجَسَتْ مِنْهُ اثْنَتَا عَشْرَةَ عَيْنًا ؕ قَدْ عَلِمَ كُلُّ

پوءِ پٿر مان بارهن چشما چيرجي نڪتا، بيشڪ هر مائٽو پنهنجي پاڻي پيئڻ

اُنَاسٍ مَّشْرَبَهُمْ ؕ وَظَلَّلْنَا عَلَيْهِمُ الْغَمَامَ وَاَنْزَلْنَا

جي جاءِ معلوم ڪئي ۽ اسان انهن تي ڪڪر جو سايو ڪيو، ۽ اسان انهن تي

عَلَيْهِمُ الْمَنَّ وَالسَّلْوٰى ؕ كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ ؕ

مَنّ ۽ سَلوىٰ (بهشتي طعام) نازل ڪيو، توهان پاڪ شيون کائو جيڪي اسان توهان کي رزق ڪري ڏنيون

وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ وَ

اسان انهن تي ظلم نه ڪيو پر انهن پنهنجن نفسن تي پاڻ ظلم ڪيو. ۽

اِذْ قِيْلَ لَهُمُ اسْكُنُوْا هٰذِهِ الْقَرْيَةَ وَكُلُوْا مِنْهَا

جنهن وقت انهن (يهودين) کي حڪم ڪيو ويو ته هن ڳوٺ ۾ رهو ۽ کائو توهان انهيءَ مان

حَيْثُ شِئْتُمْ وَقُوْلُوْا حِطَّةٌ وَّادْخُلُوا الْبَابَ سُجَّدًا

جتان توهان چاهيو ۽ هين چئو ته اسان جا گناهه بخش ڪيا وڃن ۽ دروازي ۾ سجدو ڪري

نَّغْفِرْ لَكُمْ خَطِيْٓـٰٔتِكُمْ ؕ سَنَزِيْدُ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٦١﴾ فَبَدَّلَ

داخل ٿيو، اسين توهان جا گناهه بخش ڪنداسين، نيڪوڪارن کي جلدي ثواب ڏيندا سين. پوءِ

الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ قَوْلًا غَيْرَ الَّذِيْ قِيْلَ لَهُمْ

ظالمن (يهودين) الله جي حڪم کي تبديل ڪيو، جنهن جو کين حڪم ڪيو ويو هو

له تفسير جلالين وتفسير بيضاوي.

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا

پوءِ اسان انهن جي مٿان آسمان مان عذاب موڪليو انهيءَ سببان جو ظلم

يَظْلِمُوْنَ ﴿١٦٣﴾ وَسْـَٔلْهُمْ عَنِ الْقَرْيَةِ الَّتِيْ كَانَتْ

ڪندا هئا . ۽ توهان يهودين کان ان ڳوٺ بابت پڇو جيڪو سمنڊ جي

حَاضِرَةَ الْبَحْرِ ۘ اِذْ يَعْدُوْنَ فِي السَّبْتِ اِذْ تَاْتِيْهِمْ

ڪناري تي هو، جڏهن يهودين ڇنڇر تي پي فرمانبرداري ڪئي (منع جي باوجود مڇي جو شڪار ڪيائون) جو ڇنڇر

حِيْتَانُهُمْ يَوْمَ سَبْتِهِمْ شُرَّعًا وَّيَوْمَ لَا يَسْبِتُوْنَ ۙ لَا

جي ڏينهن مڇيون پاڻي مٿان ظاهر ٿي ٿيون، ۽ ڇنڇر کان علاوه (انهن لاءِ) مڇيون ظاهر

تَاْتِيْهِمْ ۚ كَذٰلِكَ ۚ نَبْلُوْهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٣﴾

نه ٿي ٿيون . اهڙي طرح اسان انهن کان امتحان ورتو انهيءَ سببان جو گناهه ڪندا هئا .

وَاِذْ قَالَتْ اُمَّةٌ مِّنْهُمْ لِمَ تَعِظُوْنَ قَوْمًا ۙ اللّٰهُ مُهْلِكُهُمْ اَوْ

۽ جڏهن وقت يهودين مان هڪ گروهه چيو، توهان ڇالاءِ انهن ماڻهن کي نصيحت ڪريو ٿا جن کي الله برباد ڪندو يا

مُعَذِّبُهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۭ قَالُوْا مَعْذِرَةً اِلٰى رَبِّكُمْ وَلَعَلَّهُمْ

انهن کي دردناڪ عذاب ڪندو، نصيحت ڪندڙن چيو الله جي دربار ۾ اسين معذرت پيش ڪندا سين (ته اسان انهيءَ فرض پورو

يَتَّقُوْنَ ﴿١٦٤﴾ فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖٓ اَنْجَيْنَا الَّذِيْنَ يَنْهَوْنَ عَنِ

ڪيو) ۽ اسانکي اميد آهي ته شڪار کان روڪجي ويندا . پوءِ جڏهن نصيحت کي وساريائون جيڪا انهن کي ڪئي وئي، اسان انهن ماڻهن

السُّوْٓءِ وَاَخَذْنَا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا بِعَذَابٍۢ بَئِيْسٍۢ بِمَا كَانُوْا

کي جيڪي برائي کان روڪيندا هئا ۽ انهن بي فرمانن کي اسان سخت عذاب ۾ گرفتار ڪيو انهيءَ سببان جو گناهه

يَفْسُقُوْنَ ﴿١٦٥﴾ فَلَمَّا عَتَوْا عَنْ مَّا نُهُوْا عَنْهُ قُلْنَا لَهُمْ كُوْنُوْا

ڪندا هئا . پوءِ جڏهن انهن نافرماني ڪئي ان حڪم جنهن جي ۽ کين منع ڪئي وئي، اسان انهن کي حڪم ڪيو

وقف لازم ٢٠٥ نزل ٢

التصريف معانقه ٦

١ تفسير جلالين . ٢ تفسير النسفي . ٣ تفسير النسفي و (منزل ٢) تفسير جلالين . ٤ تفسير جلالين .

قِرَدَةً خَاسِئِينَ ﴿١٦٦﴾ وَإِذْ تَأَذَّنَ رَبُّكَ لَيَبْعَثَنَّ عَلَيْهِمْ إِلَىٰ

تہ توهين ذليل باندر ڀي ٿيو ۽ ان وقت تنهنجي رب حڪم فرمايو ته ضرور انهن تي اهڙي مانهو قيامت

يَوْمِ الْقِيَامَةِ مَن يَسُومُهُمْ سُوءَ الْعَذَابِ ۗ إِنَّ رَبَّكَ لَسَرِيعُ

تائين موڪليندو جيڪي انهن کي دردناڪ عذاب چکائيندا. بيشڪ تنهنجو رب جلد ئي عذاب

الْعِقَابِ ۖ وَإِنَّهُ لَغَفُورٌ رَّحِيمٌ ﴿١٦٧﴾ وَقَطَّعْنَاهُمْ فِي الْأَرْضِ أُمَمًا ۖ

ڪندڙ آهي، ۽ بيشڪ اهو بخشيندڙ ۽ مهربان آهي. ۽ اسان انهن کي زمين ۾ گروهه گروهه ڪري تقسيم ڪيو،

مِّنْهُمُ الصَّالِحُونَ وَمِنْهُمْ دُونَ ذَٰلِكَ ۖ وَبَلَوْنَاهُم بِالْحَسَنَاتِ

ڪي انهن مان صالح آهن ۽ ڪي انهن مان صالح نه آهن، ۽ انهن کي اسان نعمتن[1] ۽ تڪليفن

وَالسَّيِّئَاتِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿١٦٨﴾ فَخَلَفَ مِن بَعْدِهِمْ خَلْفٌ وَرِثُوا

سان آزمايو ته مَن اهي الله ڏانهن موٽن. پوءِ يهودين جا پويان اهڙا ٻيا جن کي ورثي ۾ توراة[2]

الْكِتَابَ يَأْخُذُونَ عَرَضَ هَٰذَا الْأَدْنَىٰ وَيَقُولُونَ سَيُغْفَرُ لَنَا ۚ

مليو انهن (توراة کي تبديل ڪري) دنياجي ملڪيت حاصل ڪئي ۽ چون ٿا اسان کي جلدي بخش ڪيو ويندو،

وَإِن يَأْتِهِمْ عَرَضٌ مِّثْلُهُ يَأْخُذُوهُ ۗ أَلَمْ يُؤْخَذْ عَلَيْهِم مِّيثَاقُ

۽ جيڪڏهن انهن کي توراة جي تبديليءَ جي عيوض ملڪيت ملي ٿي اُن کي وٺن ٿا، ڇا انهن کان وعدو نه ورتو ويو

الْكِتَابِ أَن لَّا يَقُولُوا عَلَى اللَّهِ إِلَّا الْحَقَّ وَدَرَسُوا مَا فِيهِ ۗ وَالدَّارُ

ته الله لاءِ اُهو ڳالهه چون جيڪا حق هجي ۽ اهو حڪم توراة ۾ پڙهيو اٿن ۽ آخرت

الْآخِرَةُ خَيْرٌ لِّلَّذِينَ يَتَّقُونَ ۗ أَفَلَا تَعْقِلُونَ ﴿١٦٩﴾ وَالَّذِينَ يُمَسِّكُونَ

جو گهر ڀلو آهي انهن مانهن لاءِ جيڪي خوف خدا ڪن ٿا، ڇا پوءِ توهان نه ٿا سمجهو. ۽ جيڪي مانهو ڪتاب تي

بِالْكِتَابِ وَأَقَامُوا الصَّلَاةَ ۖ إِنَّا لَا نُضِيعُ أَجْرَ الْمُصْلِحِينَ ﴿١٧٠﴾

عمل[3] ڪن ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا، بيشڪ اسين نيڪوڪارن جو اجر ضايع نه ٿا ڪريون.

[1] تفسير جلالين. [2] تفسير النسفي. [3] تنوير المقباس و (منزل ۲) تفسير ابن عباس.

وَاِذْ نَتَقْنَا الْجَبَلَ فَوْقَهُمْ كَاَنَّهٗ ظُلَّةٌ وَّظَنُّوْٓا اَنَّهٗ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ۚ

۽ جنهن وقت لٽڪ ورسايو جبل کي انهن جي مٿان ڄڻ ته اهو ڇت آهي ۽ انهن ڄاتو ته اهو جبل انهن تي ڪرندڙ آهي

خُذُوْا مَآ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّاذْكُرُوْا مَا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ ﴿۱۷۱﴾ وَ ع

توهان وٺو قوت سان جيڪي اسان توهان کي ڏنو آهي ۽ ياد ڪريو جيڪو توراة ۾ آهي ته يقيناً توهان پرهيزگار ٿيندا ۽

اِذْ اَخَذَ رَبُّكَ مِنْۢ بَنِيْٓ اٰدَمَ مِنْ ظُهُوْرِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَ

رسول عربي توهان ياد ڪريو جنهن وقت توهان جي رب اولاد آدم جي روحن کان پنهنجي وحدانيت ۽ عبادت جو وعدو ورتو ۽

اَشْهَدَهُمْ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ ۚ اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ؕ قَالُوْا بَلٰى ۛ شَهِدْنَا ۛ اَنْ

سيني پنهنجو پاڻ شاهدي ڏني، الله فرمايو ڇا آئون توهان جو رب ناهيان، سيني عرض ڪيو ها تو اسين وحدانيت جي شاهدي

تَقُوْلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اِنَّا كُنَّا عَنْ هٰذَا غٰفِلِيْنَ ﴿۱۷۲﴾ اَوْ تَقُوْلُوْٓا

ڏيون ٿا، متان قيامت جي ڏينهن توهان چئو ته اسين ان وعدي کان بي خبر هئاسين. يا ائين چئو ته

اِنَّمَآ اَشْرَكَ اٰبَآؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِّنْۢ بَعْدِهِمْ ۚ

اسان جي ڏاڏن شرڪ ڪيو اڳ ۾ ۽ اسين سندن اولاد هئاسين انهن جي پويان.

اَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۱۷۳﴾ وَكَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ وَ

چا پوءِ تون اسان ڪوڙ ڪرين ٿو مشرڪن جي ڪيل ڪم جي سبب. ۽ اهڙي طرح اسين بيان ڪريون ٿا نشانين کي ۽

لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۱۷۴﴾ وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ الَّذِيْٓ اٰتَيْنٰهُ

ممڪن آهي موٽن . ۽ رسول عربي توهان انهن کي پڙهي ٻڌايو گاله هن ماڻهو جي جنهن کي اسان پنهنجون

اٰيٰتِنَا فَانْسَلَخَ مِنْهَا فَاَتْبَعَهُ الشَّيْطٰنُ فَكَانَ مِنَ الْغٰوِيْنَ ﴿۱۷۵﴾

نشانيون ڏنيون پوءِ انڪار ڪيائين انهن جو، پوءِ پٺتو انهي کي شيطان پوءِ ٿيو گمراهن مان .

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنٰهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ

۽ جيڪڏهن اسين چاهيون ها ته هن کي هدايت ڏيون ها پر ان ماڻهو دنيا سان محبت ڪئي ۽ پنهنجي سڏڻ جي

هَوٰىهُ ۚ فَمَثَلُهٗ كَمَثَلِ الْكَلْبِ ۚ اِنْ تَحْمِلْ عَلَيْهِ يَلْهَثْ اَوْ

تابعداري ڪئي، پوءِ اُن جو مثال ڪُتي جهڙو آهي، جيڪڏهن تون اُن تي حملو ڪندين تڏهن زبان ڪيدو ۽

تَتْرُكْهُ يَلْهَثْ ؕ ذٰلِكَ مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ

حملو نه ڪندين تڏهن زبان ڪيدو، اهو مثال اُن قوم جو آهي جيڪي اسان جي آيتن جو انڪار ڪن ٿا،

فَاقْصُصِ الْقَصَصَ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿١٧٦﴾ سَآءَ مَثَلًا ۨ الْقَوْمُ

پوءِ تون انهن تي قصا بيان ڪري تہ مَنِ اهي فڪر ڪن . تمام خراب مثال ان قوم جو آهي

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاَنْفُسَهُمْ كَانُوْا يَظْلِمُوْنَ ﴿١٧٧﴾ مَنْ يَّهْدِ

جيڪي ڪوڙو سمجهي ٽي اسان جي آيتن کي ۽ انهن جا نفس ظالم هئا. جنهن کي الله تعالىٰ هدايت

اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِيْ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٧٨﴾

ڏئي تو پوءِ اُهوئي هدايت وارو آهي، ۽ جنهن کي گمراهه ڪري تو پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن.

وَلَقَدْ ذَرَاْنَا لِجَهَنَّمَ كَثِيْرًا مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۖ لَهُمْ قُلُوْبٌ لَّا

۽ تحقيق اسان پيدا ڪيا جهنم لاءِ گهڻا انسان ۽ جنن مان، انهن کي دلين آهن پر

يَفْقَهُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اَعْيُنٌ لَّا يُبْصِرُوْنَ بِهَا ۫ وَلَهُمْ اٰذَانٌ لَّا يَسْمَعُوْنَ

اُهي نه ٿا سمجهن، ۽ انهن کي اکيون آهن پر نه ٿا ڏسن، ۽ انهن کي ڪن آهن پر نه ٿا ٻُڌن

بِهَا ؕ اُولٰٓئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْغٰفِلُوْنَ ﴿١٧٩﴾ وَ

اهي جانورن جهڙا آهن بلڪ اهي وڌيڪ گمراهه آهن، اهي ئي غافل آهن . ۽

لِلّٰهِ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى فَادْعُوْهُ بِهَا ۪ وَذَرُوا الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ

الله تعالىٰ جا سهڻا نالا آهن پوءِ انهن نالن سان الله کي پُڪاريو ۽ ٻوهان انهن کي ڇڏيو جيڪي الله جي نالن جو

اَسْمَآئِهٖ ؕ سَيُجْزَوْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَمِمَّنْ خَلَقْنَآ اُمَّةٌ

انڪار ڪن ٿا، سندن بداعمالي جو ڪين جلد ئي جزا ڏني ويندي. ۽ اسان انهن مان امتِ محمد ﷺ ڏي پيدا ڪئي

يَهْدُوْنَ بِالْحَقِّ وَبِهٖ يَعْدِلُوْنَ ﴿۱۸۱﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

جيڪي حق جو هدايت ڪن ٿا ۽ حق سان انصاف ڪن ٿا ۔ ۽ جن ماڻهن قرآن ڪريم کي ڪوڙو سمجهيو

سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۲﴾ وَاُمْلِيْ لَهُمْ اِنَّ كَيْدِيْ

اسين جلدي آهستگي سان انهن کي اُن جاءِ تان عذاب ڪنداسين جو کين خبر نه پوندي ۔ ۽ آئون انهن کي مهلت ڏيندس بيشڪ

مَتِيْنٌ ﴿۱۸۳﴾ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا ۗ مَا بِصَاحِبِهِمْ مِّنْ جِنَّةٍ ۗ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ

منهنجي تدبير مضبوط آهي ۔ ڇا اهي غور نٿا ڪن ته رسول عربي ڏهڻي طرح بالڪل صحيح آهن ، نامي رسول عربي مڪرصاف

مُّبِيْنٌ ﴿۱۸۴﴾ اَوَلَمْ يَنْظُرُوْا فِيْ مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا خَلَقَ اللّٰهُ

ڊيڄاريندڙ ۔ ڇا اهي غور نٿا ڪن آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ۾ ۽ جيڪي شيون الله تعالى

مِنْ شَيْءٍ ۙ وَّاَنْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ قَدِ اقْتَرَبَ اَجَلُهُمْ ۚ فَبِاَيِّ حَدِيْثٍ

پيدا فرمايون ، ڪهڙو عجب آهي جو انهن جو موت ويجهو پهتو هجي ، پوءِ قرآن ڪان سواءِ

بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۵﴾ مَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ۗ وَيَذَرُهُمْ فِيْ

ڪهڙي ڳالهه تي ايمان آڻيندا ۔ جنهن کي الله گمراهه ڪرڻ چاهي تو پوءِ اُن جو ڪو هادي ناهي ، ۽ انهن کي سندن

طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۸۶﴾ يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ۗ قُلْ

سرڪشي ۾ ڇڏي ٿو ڏيان جو حيران رهن ٿا ۔ رسول عربي کان قيامت بابت سوال ڪن ٿا تہ ڪڏهن ايندي ، تو هان

اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ رَبِّيْ ۚ لَا يُجَلِّيْهَا لِوَقْتِهَاۤ اِلَّا هُوَ ۗ ثَقُلَتْ فِي السَّمٰوٰتِ

فرمايو اُن جو علم منهنجي رب وٽ آهي ، الله تعالى قيامت کي پنهنجي وقت تي ظاهر ڪندو ، اها ڳالهه آسمانن ۽

وَالْاَرْضِ ۗ لَا تَاْتِيْكُمْ اِلَّا بَغْتَةً ۗ يَسْـَٔلُوْنَكَ كَاَنَّكَ حَفِيٌّ عَنْهَا ۗ

زمين تي گرئي ايندي ، قيامت بالڪل اوچتو ايندي ، تو هان کان قيامت جو جڻ ڄاڻو ڄاڻو ٿا ڪو ڄاڻو ٿا اُن کان واقف آهيو

قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۱۸۷﴾

تو هان فرمايو انهي جو علم منهنجي رب وٽ آهي ، پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ۔

(منزل ۲)

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ كُنْتُ

رسول عربي توهان فرمايو الله جي رضا مندي کان سواءِ آئون پنهنجي لاءِ نفعي نقصان جو مالڪ ناهيان، ۽ جيڪڏهن

اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۛ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ؕ اِنْ

آئون علم غيب جو (الله جي تعليم کان سواءِ) ڄاڻان ها تہ پنهنجي لاءِ گهڻو خير گڏ ڪريان ها، ۽ مون کي ڪا تڪليف نہ پهچي ها، ناهيان

اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۱۸۸﴾ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ

آئون مگر ڈيڄاريندڙ ۽ مبارڪ ڏيندڙ آن قوم لاءِ جيڪي ايمان آڻن ٿا. الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان کي هڪ

نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّجَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا لِيَسْكُنَ اِلَيْهَا ۚ فَلَمَّا

انسان (آدم) مان پيدا ڪيو ۽ انهيءَ مان سندس گهرواري پيدا ڪئي انهي لاءِ تہ سکون حاصل ڪري، پوءِ جڏهن

تَغَشّٰىهَا حَمَلَتْ حَمْلًا خَفِيْفًا فَمَرَّتْ بِهٖ ۚ فَلَمَّآ اَثْقَلَتْ دَّعَوَا

ان سان همبستري ڪري تو تہ عورت حاملہ ٿئي ٿي هلڪي حمل سان هلي گهمي ٿي، پوءِ جڏهن گري ٿئي ٿي تہ ٻئي (زال

اللّٰهَ رَبَّهُمَا لَئِنْ اٰتَيْتَنَا صَالِحًا لَّنَكُوْنَنَّ مِنَ الشّٰكِرِيْنَ ﴿۱۸۹﴾ فَلَمَّآ

مڙس) دعا گهرن ٿا الله کان تہ جيڪڏهن ڪين صالح اولاد عطا ٿيو تہ ضرور شڪر گذار ٿينداسين. پوءِ جڏهن

اٰتٰىهُمَا صَالِحًا جَعَلَا لَهٗ شُرَكَآءَ فِيْمَآ اٰتٰىهُمَا ۚ فَتَعٰلَى اللّٰهُ عَمَّا

الله ڪين صالح اولاد عطا ڪري ٿو تہ الله سان شريڪ ڪن ٿا انهيءَ ۾ جيڪو الله ڪين عطا ڪيو، پوءِ الله بلند آهي انهي

يُشْرِكُوْنَ ﴿۱۹۰﴾ اَيُشْرِكُوْنَ مَا لَا يَخْلُقُ شَيْـًٔا وَّهُمْ يُخْلَقُوْنَ ﴿۱۹۱﴾ وَلَا

کان جو شريڪ ڪن. ڇا الله سان انهن (بتن) کي شريڪ ڪن ٿا جيڪي ڪا شيءِ پيدا نہ ٿا ڪري سگهن ۽ انهي پاڻ پيدا

يَسْتَطِيْعُوْنَ لَهُمْ نَصْرًا وَّلَآ اَنْفُسَهُمْ يَنْصُرُوْنَ ﴿۱۹۲﴾ وَاِنْ

ڪيل آهن، ۽ انهن پوڄيندڙن جي مدد نہ ٿا ڪري سگهن ۽ نہ پنهنجي وجود جي مدد ڪري سگهن ٿا، ۽ جيڪڏهن

تَدْعُوْهُمْ اِلَى الْهُدٰى لَا يَتَّبِعُوْكُمْ ؕ سَوَآءٌ عَلَيْكُمْ اَدَعَوْتُمُوْهُمْ

بتن کي هدايت ڏانهن سڏيو تہ انهن سڏيو ٿا تہ جواب نہ ڏيئي سگهن، برابر آهي توهان انهن کي سڏيو

لہ تفسير جلالين. لہ تفسير جلالين. سہ تفسير جلالين. ۴ تفسير بيضاوي.

أَمْ أَنتُمْ صَامِتُونَ ﴿۱۹۳﴾ إِنَّ الَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِ اللَّهِ

يا توهان (اي ڪافر) خاموش رهو ۰ اي مشرڪو، تحقيق جن بُتن جي توهان پوڄا ڪريو تا الله کان سواءِ

عِبَادٌ أَمْثَالُكُمْ فَادْعُوهُمْ فَلْيَسْتَجِيبُوا لَكُمْ إِن كُنتُمْ

اهي توهان جهڙا پيدا ڪيل آهن پوءِ ياڊي توهان انهن (بتن) کي پڪاريو پوءِ ياڊي ته توهان کي جواب ڏين جيڪڏهن

صَادِقِينَ ﴿۱۹۴﴾ أَلَهُمْ أَرْجُلٌ يَمْشُونَ بِهَا أَمْ لَهُمْ أَيْدٍ يَبْطِشُونَ

توهان سچا آهيو ۰ ڇا انهن کي پير آهن جن سان هلن ٿا؟ ڇا انهن کي هٿ آهن جن سان پڪڙن

بِهَا أَمْ لَهُمْ أَعْيُنٌ يُبْصِرُونَ بِهَا أَمْ لَهُمْ آذَانٌ يَسْمَعُونَ

ٿا؟ ڇا انهن کي اکيون آهن جن سان ڏسن ٿا ۰ ڇا انهن کي ڪن آهن جن سان ٻڌن ٿا؟

بِهَا ۗ قُلِ ادْعُوا شُرَكَاءَكُمْ ثُمَّ كِيدُونِ فَلَا تُنظِرُونِ ﴿۱۹۵﴾

رسول[1] عربي توهان انهن کي چئو ته پنهنجن بُتن کي سڏيو پوءِ منهنجي لاءِ جيڪارَ[2] ڪري[3] ڏسو پوءِ مونکي مهلت نه ڏيو

إِنَّ وَلِيِّيَ اللَّهُ الَّذِي نَزَّلَ الْكِتَابَ ۖ وَهُوَ يَتَوَلَّى الصَّالِحِينَ ﴿۱۹۶﴾

بيشڪ منهنجو مددگار[4] الله آهي جنهن قرآن ڪريو نازل فرمايو ۽ اهو نيڪ ڪارن جو مددگار آهي.

وَالَّذِينَ تَدْعُونَ مِن دُونِهِ لَا يَسْتَطِيعُونَ نَصْرَكُمْ وَلَا

۽ جن بتن جي توهان، الله کان سواءِ پوڄا ڪريو ٿا، اُهي توهان جي مدد جي طاقت نه ٿا رکن ۽ نه

أَنفُسَهُمْ يَنصُرُونَ ﴿۱۹۷﴾ وَإِن تَدْعُوهُمْ إِلَى الْهُدَىٰ لَا يَسْمَعُوا ۖ

پنهنجي وجود جي مدد ڪري سگهن ٿا ۰ ۽ جيڪڏهن توهان انهن کي هدايت ڏانهن سڏيو ته اُهي نه ٻڌن[5]،

وَتَرَاهُمْ يَنظُرُونَ إِلَيْكَ وَهُمْ لَا يُبْصِرُونَ ﴿۱۹۸﴾ خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ

۽ توهان بُتن کي ڏسو ٿا (سمجهو ٿا) ته اهي توهان کي ڏسي رهيا آهن حالانڪ انهن کي ڪجهه ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي. توهان درگذر ڪريو ۽ نيڪيءَ

بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجَاهِلِينَ ﴿۱۹۹﴾ وَإِمَّا يَنزَغَنَّكَ مِنَ

جو حُڪم ڪريو ۽ جاهلن کان پاسو ڪريو ۰ ۽ جيڪڏهن توهان کي ڀچي شيطان جي طرفان

[1] تفسير جلالين، [2] تفسير بيضاوي، [3] تفسير ابن عباس. (منزل ۲) [4] تفسير ابن عباس.

الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۰۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

کو وسوسو ترجلدي توهان الله تعالیٰ کان پناه گهرو بیشک الله بڏندڙ ڄاڻندڙ آهي. بیشک جيڪي ماڻهو

اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ

پرهيزگار آهن جنهن وقت انهن کي شيطان کان (وسوسو) پهچي ٿو آهي يڪدم الله جو ذڪر ڪن ٿا پوءِ فوراً

مُّبْصِرُوْنَ ﴿۲۰۱﴾ وَاِخْوَانُهُمْ يَمُدُّوْنَهُمْ فِي الْغَيِّ ثُمَّ لَا يُقْصِرُوْنَ ﴿۲۰۲﴾

انهن جون اکيون کليون ٿيون. ۽ جيڪي شيطان جا پائرا آهن، شيطان انهن کي گمراهيءَ ڏانهن ڇڪي ٿو پوءِ

وَاِذَا لَمْ تَاْتِهِمْ بِاٰيَةٍ قَالُوْا لَوْلَا اجْتَبَيْتَهَا ؕ قُلْ اِنَّمَآ اَتَّبِعُ

اهي گهٽائي نٿا ڪن. ۽ اي حبيب جڏهن توهان انهن وٽ ڪا آيت نٿا آڻيو تڏهن نٿا ٻاڌو ڪن ٿا ته توهان پاڻ هٿرادو ڪا آيت ڇو نٿا ٺاهيو؟ توهان فرمايو آئون ته

مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ مِنْ رَّبِّيْ ۚ هٰذَا بَصَآئِرُ مِنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى

رباني جي تابعداري ڪريان ٿو، هيءَ روشن دليل آهن توهان جي رب جي طرفان ۽ هدايت

وَّرَحْمَةٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۲۰۳﴾ وَاِذَا قُرِئَ الْقُرْاٰنُ فَاسْتَمِعُوْا

۽ رحمت آهي اُن قوم لاءِ جيڪي ايمان آڻن ٿا. ۽ جڏهن قرآن ڪريم تلاوت ڪيو وڃي تڏهن ان کي غور سان

لَهٗ وَاَنْصِتُوْا لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿۲۰۴﴾ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ

ٻڌو ۽ خاموشي اختيار ڪريو تڏهن يقيناً توهان تي رحم ڪيو ويندو. ۽ الله کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪريو

تَضَرُّعًا وَّخِيْفَةً وَّدُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَ

عاجزي ۽ خوف سان ۽ زبان مان وڏي آواز کان ٻڌن ڪان سواءِ الله کي ياد ڪندا رهو صبح

الْاٰصَالِ وَلَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ ﴿۲۰۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ

۽ شام[۱] ۽ نه هجو توهان غافلن مان. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله وٽ مُقرب آهن اهي

لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِهٖ وَيُسَبِّحُوْنَهٗ وَلَهٗ يَسْجُدُوْنَ ﴿۲۰۶﴾

الله جي عبادت کان تڪبر نٿا ڪن ۽ الله جي تسبيح بيان ڪن ٿا ۽ الله لاءِ سجدو ڪن ٿا.

السجدة التلاوة

[۱] تفسير ابن عباس. [۲] تفسير نسفي وجلالين وبيضاوي. (منزل ۲)

(٨) سُوْرَةُ الْاَنْفَالِ مَدَنِيَّةٌ (٨٨)

اٰيَاتُهَا ٧٥ رُكُوْعَاتُهَا ١٠

سورة انفال مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ١٠ رکوع ۽ ٧٥ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالى جي نالي سان شروع کريان ٿو جيکو نهايت مهربان ۽ جهاڙو (آهي) .

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْاَنْفَالِ ؕ قُلِ الْاَنْفَالُ لِلّٰهِ وَالرَّسُوْلِ ۚ فَاتَّقُوا

رسول عربي توهان کان مال غنيمت بابت سوال ڪن ٿا، تون فرمايو مال غنيمت الله ۽ الله جي رسول جو آهي، پوءِ توهان

اللّٰهَ وَاَصْلِحُوْا ذَاتَ بَيْنِكُمْ ۪ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗۤ اِنْ كُنْتُمْ

الله کان خوف ڪريو ۽ پنهنجي معاملن ۾ اصلاح ڪريو ۽ الله ۽ الله جي رسول جي تابعداري ڪريو جيڪڏهن توهان

مُّؤْمِنِيْنَ ۝١ اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ

مؤمن آهيو . ڪامل مؤمن اهي آهن جو جڏهن انهن جي اڳيان الله جو ذڪر ڪيو وڃي تو دل سندن

قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى

دليون خوف کن ٿيون ۽ جڏهن وقت انهن تي الله جون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون سندن ايمان زياده ٿئي ٿو ۽ اهي

رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۝٢ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا

پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا . اهي (مؤمن) نماز پڙهن ٿا ۽ جيڪي اسان انهن کي رزق

رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۝٣ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا ؕ لَهُمْ

ڏنو آهي انهي مان خرچ ڪن ٿا . اهي ئي سچا مؤمن آهن، انهن لاءِ سندن

دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ۝٤ كَمَاۤ اَخْرَجَكَ

رب وٽ (بهشت ۾) درجا آهن ۽ بخشش ۽ عزت واري روزي آهي. جهڙي طرح توهان کي

رَبُّكَ مِنْۢ بَيْتِكَ بِالْحَقِّ ۪ وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

توهان جي رب مدينه منوره مان باهر آندو ، ۽ بيشڪ هڪ جماعت مؤمنن مان

لہ تفسیر مظهری وتفسیر جلالین وتفسیر بیضاوی. ٢ تفسیر جلالین. (منزل ٢) ٣ تفسیر ابن عباس، ٤ تفسیر بیضاوی وتفسیر جلالین.
٥ تفسیر مظهری وتفسیر بیضاوی وتفسیر النسفی.

لَكٰرِهُوْنَ ۝٥ يُجَادِلُوْنَكَ فِي الْحَقِّ بَعْدَمَا تَبَيَّنَ كَاَنَّمَا

انهي ۽ ناخوش آهن. سچي گالهه تي توهان سان بحث ڪن تا ان کان پوءِ جو گالهه ظاهر ٿي گويا ڪ اهي

يُسَاقُوْنَ اِلَى الْمَوْتِ وَهُمْ يَنْظُرُوْنَ ۝٦ وَاِذْ يَعِدُكُمُ اللّٰهُ اِحْدَى

موت ڏانهن هڪليا وڃن تا حالانڪ اهي ڏسي رهيا آهن. ۽ ياد ڪريو جڏهن وقت الله توهان کي

الطَّآئِفَتَيْنِ اَنَّهَا لَكُمْ وَتَوَدُّوْنَ اَنَّ غَيْرَ ذَاتِ الشَّوْكَةِ تَكُوْنُ

وعدو ڏنو ٻن گروهن مان هڪڙي جو بيشڪ اهو توهان لاءِ آهي ۽ توهان جي تمنا هئي ته غير مسلح جٿو توهان کي

لَكُمْ وَيُرِيْدُ اللّٰهُ اَنْ يُّحِقَّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَيَقْطَعَ دَابِرَ الْكٰفِرِيْنَ ۝٧

هٿ ۾. ۽ الله چاهي ٿو ته پنهنجي حق سان حق کي غالب ڪري ۽ ڪافرن جون پاڙون ڪٽي ڇڏي.

لِيُحِقَّ الْحَقَّ وَيُبْطِلَ الْبَاطِلَ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ۝٨

انهي لاءِ ته حق کي ظاهر ڪري ۽ ڪفر کي باطل ڪري جيتوڻيڪ مجرم انهي کي ناپسند ڪن تا.

اِذْ تَسْتَغِيْثُوْنَ رَبَّكُمْ فَاسْتَجَابَ لَكُمْ اَنِّيْ مُمِدُّكُمْ بِاَلْفٍ

جنهن وقت توهان پنهنجي رب کان مدد طلب ڪئي پوءِ الله توهان جي دعا قبول فرمائي بيشڪ آئون توهان جي

مِّنَ الْمَلٰٓئِكَةِ مُرْدِفِيْنَ ۝٩ وَمَا جَعَلَهُ اللّٰهُ اِلَّا بُشْرٰى وَ

هڪ هزار صفون ۾ ڪ پٺيان مدد ڪندڙ آهيان. ۽ نه بنايو الله (فرشتن جي نزول کي) مگر مبارڪ ۽

لِتَطْمَئِنَّ بِهٖ قُلُوْبُكُمْ ۚ وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ

انهي لاءِ ته توهان جون دليون مطمئن ٿين، ۽ نه هي مدد مگر الله جي طرفان، بيشڪ الله تعالى

عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ۝١٠ اِذْ يُغَشِّيْكُمُ النُّعَاسَ اَمَنَةً مِّنْهُ وَيُنَزِّلُ

غالب حڪمت وارو آهي. جنگ بدر جي موقعي تي توهان کي نند جا جهوٽا اچي رهيا هئا الله جي طرفان تسڪين

عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ وَيُذْهِبَ عَنْكُمْ رِجْزَ

هئي ۽ الله توهان تي آسمان تان مينهن نازل فرمايو انهي لاءِ ته توهان کي ان سان پاڪ ڪري ۽ ٻري ڇڏين توهان کان

ع ١٥

له تفسير مظهري. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير ابن عباس وتفسير مظهري (منزل ٢) ٤ تفسير النسفي وتفسير جلالين. ٥ تفسير جلالين
٦ تفسير النسفي.

الشَّيْطٰنِ وَلِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ﴿١١﴾ اِذْ

شيطان جاوسوسايءِ انهي لاءِ تہ توهان جون دليون مضبوط ٿين ۽ توهان جا پير پختا ٿين . توهان ياد ڪريو

يُوْحِيْ رَبُّكَ اِلَى الْمَلٰٓئِكَةِ اَنِّيْ مَعَكُمْ فَثَبِّتُوا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ

جنهن وقت الله وحي موڪلي فرشتن ڏانهن تہ بيشڪ آئون توهان جو مددگار آهيان پوءِ[1] مؤمن ثابت قدم رکن،

سَاُلْقِيْ فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ كَفَرُوا الرُّعْبَ فَاضْرِبُوْا فَوْقَ

اسين جلدي ڪافرن جي دلين ۾ رُعب وجهنداسين پوءِ توهان ڪافرن جي ڪنڌن تي (تلوارن جا)

الْاَعْنَاقِ وَاضْرِبُوْا مِنْهُمْ كُلَّ بَنَانٍ ﴿١٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ

ڏڪ هڻو ۽ انهن جي هر سنڊ تي ڏڪ هڻو . اهو[2] عذاب انهيءِ سبب آهي جو تحقيق

شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَاقِقِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ

انهن الله ۽ الله جي رسول جي نافرماني ڪئي ۽ جيڪو ماڻهو الله ۽ الله جي رسول جي نافرماني ڪندو پوءِ بيشڪ

اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿١٣﴾ ذٰلِكُمْ فَذُوْقُوْهُ وَاَنَّ لِلْكٰفِرِيْنَ

الله سخت عذاب ڪندڙ آهي . اهو[3] عذاب توهان چکو ۽ بيشڪ ڪافرن لاءِ باهه

عَذَابَ النَّارِ ﴿١٤﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ

جو عذاب آهي . اي مؤمنو جنهن وقت توهان سامهون ٿيو انهن ماڻهن جي لشڪر سان جن

كَفَرُوْا زَحْفًا فَلَا تُوَلُّوْهُمُ الْاَدْبَارَ ﴿١٥﴾ وَمَنْ يُّوَلِّهِمْ يَوْمَئِذٍ

ڪفر ڪيو پوءِ[4] توهان انهن کي پُٺ نہ ڏيو . ۽ جيڪو ماڻهو انهن کي پُٺ ڏيندو سواءِ

دُبُرَهٗٓ اِلَّا مُتَحَرِّفًا لِّقِتَالٍ اَوْ مُتَحَيِّزًا اِلٰى فِئَةٍ فَقَدْ بَآءَ

جنگي حرفت جي يا پوئتي هٽي اچي مؤمنن سان ملي، پوءِ بيشڪ اهو وريو

بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَمَاْوٰىهُ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿١٦﴾

الله جي غضب ڏانهن ۽ انجي جاءِ جهنم آهي ۽ تمام خراب جاءِ آهي موٽڻ جي.

---

[1] تفسير ابن عباس . [2] تفسير النسفي . [3] تفسير جلالين (منزل ٢) [4] تفسير بيضاوي وتفسير النسفي وتفسير جلالين .

فَلَمْ تَقْتُلُوهُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ قَتَلَهُمْ ۪ وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ

پوءِ هرگز توهان انهن (کافرن) کي قتل نه ڪيو پر الله انهن کي قتل ڪيو ۽ رسول عربي (کافرن کي) منهن مرهٽي نه

وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ وَلِيُبْلِيَ الْمُؤْمِنِيْنَ مِنْهُ بَلَآءً حَسَنًا ۭ اِنَّ

هٿين پر الله انهن جو منهن مرهٽي ڏي انهي لاءِ ته پنهنجي طرفان مومنن تي عظيم احسان فرمائي، بيشڪ

اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ ذٰلِكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ مُوْهِنُ كَيْدِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿١٨﴾

الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. اهو ان لاءِ آهي ته بيشڪ الله ڪافرن جي رٽ کي ڪمزور ڪندڙ آهي.

اِنْ تَسْتَفْتِحُوْا فَقَدْ جَآءَكُمُ الْفَتْحُ ۚ وَاِنْ تَنْتَهُوْا فَهُوَ خَيْرٌ

جيڪڏهن توهان الله کان فتح طلب ڪئي پوءِ بيشڪ الله توهان کي فتح عطا ڪئي ۽ جيڪڏهن (اهي ڪافر) روڪجن ته انهن

لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَعُوْدُوْا نَعُدْ ۚ وَلَنْ تُغْنِيَ عَنْكُمْ فِئَتُكُمْ شَيْـًٔا وَّلَوْ

لاءِ اهو بهتر آهي، ۽ جيڪڏهن اهي موٽيا (جنگ لاءِ) ته اسين به مسلمانن کي فتح ڏينداسين ۽ انهن کي سندن

كَثُرَتْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٩﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا ع ٣

گروهه کي ڪيترو ئي ڏينداڻو ڪيو ۽ اگرچه گهڻا هجن ۽ بيشڪ الله مومنن سان گڏ آهي. اي مومنو توهان

اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَوَلَّوْا عَنْهُ وَاَنْتُمْ تَسْمَعُوْنَ ﴿٢٠﴾ وَلَا

الله ۽ الله جي رسول جي تابعداري ڪريو ۽ الله جي حڪم کان انڪار نه ڪريو حالانڪ توهان قرآن ٻڌو ٿا. ۽ توهان

تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ ﴿٢١﴾ اِنَّ

انهن وانگر نه هجو جيڪي چون ٿا اسان ٻڌو حالانڪ اهي غور ۽ فڪر سان نه ٿا ٻڌن. بيشڪ

شَرَّ الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الصُّمُّ الْبُكْمُ الَّذِيْنَ لَا

بدترين جانور الله وٽ اهي ٻوڙا ۽ گونگا آهن جيڪي (الله جا حڪم) نه ٿا

يَعْقِلُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَلَوْ عَلِمَ اللّٰهُ فِيْهِمْ خَيْرًا لَّاَسْمَعَهُمْ ۭ وَلَوْ

سمجهن ڪه. ۽ جيڪڏهن الله انهن ۾ چڱائي ڄاڻي ها ته انهن کي ٻڌرائي ها، ۽ جيڪڏهن

٢٢ ع ٣

له تفسير مظهري. ٢ تفسير جلالين وتفسير بيضاوي. ٣ تفسير جلالين (منزل ٢) ٤ تفسير تنوير المقياس وتفسير ابن عباس.

أَسْمَعَهُمْ لَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٢٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا

ٻڌرائي ها انهن کي تہ ها اهي ايمان کان پاسو ڪن ها ۽ اهي انڪار ڪندڙ آهن. اي مؤمنو توهان الله تعالى

اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ

۽ الله جي رسول جي سڏ تي (فوراً) حاضر ٿيو جڏهن توهان کي سڏين ٿو رسول عربي جو فرمانبردار ٿي توهان کي زندگي بخشي

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَحُوْلُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهٖ وَاَنَّهٗٓ اِلَيْهِ

ٿي ۽ توهان يقين ڪريو بيشڪ الله جو حڪم انسان ۽ سندس دل ۾ هلي ٿو ۽ بيشڪ انسان کي الله تعالى

تُحْشَرُوْنَ ﴿٢٤﴾ وَاتَّقُوْا فِتْنَةً لَّا تُصِيْبَنَّ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

ڏانهن گڏ ڪيو آهي. ۽ توهان جهاد نه ڪرڻ کان ڈجو ورنه ان جي مصيبت سڀني مسلمانن

مِنْكُمْ خَآصَّةً ۚ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٢٥﴾

تي پوندي، ۽ توهان يقين ڪريو بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي.

وَاذْكُرُوْٓا اِذْ اَنْتُمْ قَلِيْلٌ مُّسْتَضْعَفُوْنَ فِى الْاَرْضِ تَخَافُوْنَ

۽ توهان ياد ڪريو جڏهن توهان ٿوڙا، ضعيف هئا زمين ۾ توهان کي (هر وقت) خوف

اَنْ يَّتَخَطَّفَكُمُ النَّاسُ فَاٰوٰىكُمْ وَاَيَّدَكُمْ بِنَصْرِهٖ وَرَزَقَكُمْ

هوندو هئا توهان کي ماڻهو جهٽي ڪٽي نه وڃن، پوء الله توهان کي پناه ڏني ۽ پنهنجي مدد سان توهان کي

مِّنَ الطَّيِّبٰتِ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿٢٦﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا

مضبوط ڪيو ۽ پاڪ شين مان رزق ڏنائين تہ جو توهان شڪر گذار ٿيو. اي مؤمنو توهان نه خيانت

تَخُوْنُوا اللّٰهَ وَالرَّسُوْلَ وَتَخُوْنُوْٓا اَمٰنٰتِكُمْ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٢٧﴾

ڪريو الله ۽ الله جي رسول سان ۽ نه خيانت ڪريو پنهنجي امانتن ۾ حالانڪ توهان ڄاڻو ٿا.

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ

۽ توهان معلوم ڪريو تہ توهان جا مال ۽ اولاد آخرت جي ڪمن کان منع ڪندڙ آهن، ۽ بيشڪ الله تعالى

له تفسير ابن عباس. ٢ تفسير سمناوي وتفسير جلالين وتفسير النسفي. (منزل ٢) ٣ تفسير جلالين.

عِنْدَهٗۤ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٨﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنْ تَتَّقُوا اللّٰهَ

وٽ اجر عظيم آهي . اي مؤمنو جيڪڏهن توهان الله جو خوف ڪيو

يَجْعَلْ لَّكُمْ فُرْقَانًا وَّيُكَفِّرْ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ

ته الله توهان کي مدد ۽ نجات ڏيندو ۽ توهان جا گناهه معاف ڪندو ۽ توهان کي بخش ڪندو.

وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ وَاِذْ يَمْكُرُ بِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ الله تمام وڏو فضل ڪندڙ آهي . ۽ اي رسول عربي توهان ياد ڪريو جڏهن ڪافرن توهان لاءِ منصوبو

لِيُثْبِتُوْكَ اَوْ يَقْتُلُوْكَ اَوْ يُخْرِجُوْكَ ؕ وَيَمْكُرُوْنَ وَيَمْكُرُ اللّٰهُ ؕ

تيار ڪيو ته توهان کي قيد ڪن يا توهان کي شهيد ڪن يا توهانکي جلاوطن ڪن ۽ هو انهن فريب ڪيو ۽ الله تدبير ڪئي

وَاللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ ﴿٣٠﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا قَالُوْا

۽ الله بهترين تدبير ڪندڙ آهي . ۽ جڏهن وقت انهن تي اسانجون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون تہ چون

قَدْ سَمِعْنَا لَوْ نَشَآءُ لَقُلْنَا مِثْلَ هٰذَاۤ ۙ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّاۤ

تہ بيشڪ اسان ٻڌو ، جيڪڏهن اسين چاهيون تہ اسين به قرآن جو مثال ٻيئر ڪري سگهون ٿا، نا هي قرآن

اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣١﴾ وَاِذْ قَالُوا اللّٰهُمَّ اِنْ كَانَ هٰذَا

مگر قصا آڳين ماڻهن جا . ۽ جڏهن وقت ڪافرن چيو اي اسان جا رب جيڪڏهن هي قرآن سچو

هُوَ الْحَقَّ مِنْ عِنْدِكَ فَاَمْطِرْ عَلَيْنَا حِجَارَةً مِّنَ السَّمَآءِ

آهي تنهنجي طرفان ، تہ پوءِ توڙ اسان جي مٿان پٿرن جو مينهن وساءِ

اَوِ ائْتِنَا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٣٢﴾ وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ وَاَنْتَ

يا اسان تي دردناڪ عذاب آڻ . ۽ الله تعالىٰ جو هي شان نا هي جو انهن تي عذاب ڪري جو تہ

فِيْهِمْ ؕ وَمَا كَانَ اللّٰهُ مُعَذِّبَهُمْ وَهُمْ يَسْتَغْفِرُوْنَ ﴿٣٣﴾

رسول عربي انهن ۾ موجود آهي ، ۽ الله جو شان نا هي جو انهن تي عذاب ڪري حالانڪ اهي بخشش گهرندڙ آهن .

وَمَا لَهُمْ اَلَّا يُعَذِّبَهُمُ اللّٰهُ وَهُمْ يَصُدُّوْنَ عَنِ الْمَسْجِدِ

۽ کھڑي سبحان الله کافرن تي عذاب ڪري حالانڪ اهي بيت الله کان روڪين ٿا

الْحَرَامِ وَمَا كَانُوْٓا اَوْلِيَآءَهٗ ؕ اِنْ اَوْلِيَآؤُهٗٓ اِلَّا الْمُتَّقُوْنَ وَ

۽ اهي روڪڻ جا حقدار ناهن ، بيت الله جا شيئي الندڙ ته فقط پرهيزگار آهن پر

لٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۴﴾ وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ

گهڻا انهن مان نٿا ڄاڻن . ۽ ناهي نماز انهن (ڪافرن) جي بيت الله

عِنْدَ الْبَيْتِ اِلَّا مُكَآءً وَّتَصْدِيَةً ؕ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ

۽ ڳرسيٽيون ۽ تارڙيون وڄائڻ ، پوءِ توهان عذاب ڇکو

بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ ﴿۳۵﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنْفِقُوْنَ

انهي سبب جو توهان ڪفر ڪريو ٿا . بيشڪ ڪافر پنهنجي ملڪيت خرچ ڪن ٿا

اَمْوَالَهُمْ لِيَصُدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ فَسَيُنْفِقُوْنَهَا ثُمَّ

انهي لاءِ ته (مانهن کي) روڪين الله جي راهه ۾ اهي آئنده به خرچ ڪندا پوءِ

تَكُوْنُ عَلَيْهِمْ حَسْرَةً ثُمَّ يُغْلَبُوْنَ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى

ٿيندو اهو خرچ ڪرڻ انهن لاءِ باعث حسرت ان کان پوءِ ناڪام ٿيندا ۽ جن مانهن ڪفر ڪيو

جَهَنَّمَ يُحْشَرُوْنَ ﴿۳۶﴾ لِيَمِيْزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ وَ

اهي دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا . انهي لاءِ ته الله ڪافرن کي مؤمنن کان پري ڪري ۽

يَجْعَلَ الْخَبِيْثَ بَعْضَهٗ عَلٰى بَعْضٍ فَيَرْكُمَهٗ جَمِيْعًا

ڪافرن کي هڪ ٻئي جي مٿان رکي (ڍير ڪري) پوءِ سڀني کي گڏ ڪري

فَيَجْعَلَهٗ فِيْ جَهَنَّمَ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ قُلْ لِّلَّذِيْنَ

پوءِ انهيءَ (ڍير) کي جهنم ۾ داخل ڪري ، اهي اهي نقصان وارا آهن . توهان انهن مانهن کي فرمايو

ع ١٤ ١٨

١ تفسير الصفي . ٢ تفسير مظهري .

كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا

جيڪي ڪافر ٿيا، جيڪڏهن اهي باز آيا تہ سندن اڳيان گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن باز نہ آيا تہ

فَقَدْ مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا

پوءِ انهن سان پهرين (ڪافرن جهڙو) سلوڪ ڪيو ويندو ۽ توهان انهن جي ايستائين قتل ڪريو جو

تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا

ڪوبہ فتنو نہ رهي ۽ سمورو دين الله تعالىٰ لاءِ خالص رهي، پوءِ جيڪڏهن اهي باز آيا

فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣٩﴾ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا

پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ سندن عملن جي ڏسندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن انڪار ڪيائون پوءِ توهان معلوم ڪريو

اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ۭ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٤٠﴾

تہ بيشڪ الله تعالىٰ توهان جو مددگار آهي، الله بهترين مددگار ۽ بهترين حمايتي آهي.

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ الجزء ١٠

۽ توهان کي معلوم هجي تہ جيڪو مالِ غنيمت توهان کي هٿ اچي پوءِ بيشڪ ان جو پنجون حصو الله ۽ الله جي رسول

وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ

۽ پاڻ کريمن جي عزيزن ۽ يتيمن ۽ مسڪين ۽ مسافرن لاءِ آهي،

اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰي عَبْدِنَا يَوْمَ

جيڪڏهن توهان ايمان آڻيو الله تعالىٰ تي ۽ انهيءَ تي جيڪي اسان فيصلي واري ڏينهن بندي

الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤١﴾

حبيب جي مٿان نازل فرمايو جنهن ڏينهن مسلمانن ۽ ڪافرن ٻنهي ٽولن جو مقابلو ٿيو، ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي.

اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى

اُن وقت مسلمان جو لشڪر مدينيءَ پاڪ جي طرف هو ۽ ڪافرن جو لشڪر يمن طرف هو،

له تفسير النسفي. ٢ تفسير بيضاوي و تفسير جلالين. ٣ تفسير ابن عباس و تفسير جلالين. ٤ تفسير مظهري.

BLACK CLM 05-08-06 AKKAS 19334

كَفَرُوْٓا اِنْ يَّنْتَهُوْا يُغْفَرْ لَهُمْ مَّا قَدْ سَلَفَ ۚ وَاِنْ يَّعُوْدُوْا

جيڪي ڪافر ٿيا، جيڪڏهن اهي باز آيا تہ سندن اڳيان گناهہ معاف ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن باز نہ آيا تہ

فَقَدْ مَضَتْ سُنَّتُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٨﴾ وَقَاتِلُوْهُمْ حَتّٰى لَا

پوءِ انهن سان پهرين (ڪافرن جهڙو) سلوڪ ڪيو ويندو ۽ توهان انهن جي ايستائين قتل ڪريو جو

تَكُوْنَ فِتْنَةٌ وَّيَكُوْنَ الدِّيْنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ ۚ فَاِنِ انْتَهَوْا

ڪوبہ فتنو نہ رهي ۽ سمورو دين الله تعالىٰ لاءِ خالص رهي، پوءِ جيڪڏهن اهي باز آيا

فَاِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣٩﴾ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاعْلَمُوْٓا

پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ سندن عملن جي ڏسندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن انڪار ڪيائون پوءِ توهان معلوم ڪريو

اَنَّ اللّٰهَ مَوْلٰىكُمْ ۭ نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿٤٠﴾

تہ بيشڪ الله تعالىٰ توهان جو مددگار آهي، الله بهترين مددگار ۽ بهترين حمايتي آهي.

وَاعْلَمُوْٓا اَنَّمَا غَنِمْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوْلِ الجزء ١٠

۽ توهان کي معلوم هجي تہ جيڪو مالِ غنيمت توهان کي هٿ اچي پوءِ بيشڪ ان جو پنجون حصو الله ۽ الله جي رسول

وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ

۽ پاڻ کريمن جي عزيزن ۽ يتيمن ۽ مسڪين ۽ مسافرن لاءِ آهي،

اِنْ كُنْتُمْ اٰمَنْتُمْ بِاللّٰهِ وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰي عَبْدِنَا يَوْمَ

جيڪڏهن توهان ايمان آڻيو الله تعالىٰ تي ۽ انهيءَ تي جيڪي اسان فيصلي واري ڏينهن بندي

الْفُرْقَانِ يَوْمَ الْتَقَى الْجَمْعٰنِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٤١﴾

حبيب جي مٿان نازل فرمايو جنهن ڏينهن مسلمانن ۽ ڪافرن ٻنهي ٽولن جو مقابلو ٿيو، ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي.

اِذْ اَنْتُمْ بِالْعُدْوَةِ الدُّنْيَا وَهُمْ بِالْعُدْوَةِ الْقُصْوٰى

اُن وقت مسلمان جو لشڪر مدينيءَ پاڪ جي طرف هو ۽ ڪافرن جو لشڪر يمن طرف هو،

له تفسير النسفي. ٢ تفسير بيضاوي و تفسير جلالين. ٣ تفسير ابن عباس و تفسير جلالين. ٤ تفسير مظهري.

BLACK CLM 05-08-06 AKKAS 19334

وَالرَّكْبُ اَسْفَلَ مِنْكُمْ ؕ وَلَوْ تَوَاعَدْتُّمْ لَاخْتَلَفْتُمْ فِي

۽ تجارتي قافلو توهان جي هيٺين پاسي هو، ۽ جيڪڏهن توهان الڙائي جو وقت مقرر ڪريو ها ته مقرر وقت کان

الْمِيْعٰدِ ۙ وَلٰكِنْ لِّيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ۙ لِّيَهْلِكَ

پوئتي رهجي وجهاء انهي ڪري الله ڪري ڏيکاري ها امر ڪم جيڪو ڪيس ڪرڻو آهي، ان لاءِ ته

مَنْ هَلَكَ عَنْۢ بَيِّنَةٍ وَّيَحْيٰى مَنْ حَيَّ عَنْۢ بَيِّنَةٍ ؕ وَاِنَّ

جيڪو چاهي ڪافر ٿئي حجت سان ۽ جيڪو چاهي مسلمان ٿئي ، ۽ بيشڪ

اللّٰهَ لَسَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٤٢﴾ اِذْ يُرِيْكَهُمُ اللّٰهُ فِيْ مَنَامِكَ قَلِيْلًا ؕ

الله تعالى بڌندڙ ڄاڻندڙ آهي . ۽ توهان ياد ڪريو جڏهن الله پنهنجي رسول کي خواب ۾ ڪافر ٿورا ڪري ڏيکاريا،

وَلَوْ اَرٰىكَهُمْ كَثِيْرًا لَّفَشِلْتُمْ وَلَتَنَازَعْتُمْ فِي

۽ جيڪڏهن توهان کي انهن جو لشڪر گهڻو ڪري ڏيکاريو ها ته توهان جا حوصلا گهٽ ٿين ها ۽ توهان پاڻ ۾ جهاد جي

الْاَمْرِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ سَلَّمَ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿٤٣﴾

معاملي ۾ اختلاف ڪريو ها پر الله (توهان کي) سلامت رکيو، بيشڪ الله دلين جي راز ن کي ڄاڻندڙ آهي.

وَاِذْ يُرِيْكُمُوْهُمْ اِذِ الْتَقَيْتُمْ فِيْۤ اَعْيُنِكُمْ قَلِيْلًا وَّيُقَلِّلُكُمْ

۽ جنهن وقت الله توهان کي ڪافرن جو لشڪر مقابلي وقت ٿورڙو ڪري ڏيکاريو ۽ توهان وري انهن جي نظرن ۾

فِيْۤ اَعْيُنِهِمْ لِيَقْضِيَ اللّٰهُ اَمْرًا كَانَ مَفْعُوْلًا ؕ وَاِلَى اللّٰهِ

ٿورا ڏسڻ ۾ آيا، ان لاءِ ته الله ڪري ڏيکاري امر ڪم جيڪو ڪيس ڪرڻو آهي، ۽ سڀئي

تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ﴿٤٤﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا لَقِيْتُمْ فِئَةً ع ٨

ڪم الله جي حڪم سان ٿا. اي مؤمنو! توهان جڏهن ڪافرن جي لشڪر کي سامهون ٿيو ته

فَاثْبُتُوْا وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٤٥﴾

پوءِ ثابت قدم رهو ۽ الله جو ذڪر زياده ڪريو ته يقيناً توهان ڪامياب ٿيندا .

ع ٨ ٥٨ ١

له تفسير مظهري. ٢ تفسير روح المعاني. ٣ تفسير جلالين وروح المعاني. ٤ اصل في الاصل للترجي وفي الكلام الله تعالى للتحقيق. قاعدة تفسير جلالين صـ٢

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ

۽ الله ۽ الله جي رسول جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پاڻ ۾ اختلاف نه ڪريو ورنه توهان بزدل ٿي ويندؤ ۽ توهان جي قوت ختم

وَاصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ

ٿي ويندي ۽ توهان صبر ڪريو، بيشڪ الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي. ۽ توهان انهن مائٽن وانگر نه ٿجو

خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّرِئَآءَ النَّاسِ وَيَصُدُّوْنَ

جيڪي پنهنجي گهرن مان تڪبر ۽ رياڪاري ڪندا ۽ الله جي راهه کان روڪين

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿٤٧﴾ وَاِذْ زَيَّنَ

ٿا ۽ (ڪافرن جا) سڀئي ڪم الله تعالى جي گرفت ۾ آهن . ۽ جڏهن وقت انهن

لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ وَقَالَ لَا غَالِبَ لَكُمُ الْيَوْمَ

لاءِ شيطان سندن بداعمالي سينگاري ۽ شيطان چيو انهن مائٽن (مسلمانن) مان ڪو به اڄ توهان تي غالب

مِنَ النَّاسِ وَاِنِّيْ جَارٌ لَّكُمْ ۚ فَلَمَّا تَرَآءَتِ الْفِئَتٰنِ نَكَصَ

نه ٿيندو ۽ بيشڪ آئون توهان جو مددگار آهيان، پوءِ جڏهن هڪ ٻئي جي سامهون ٿيون

عَلٰى عَقِبَيْهِ وَقَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكُمْ اِنِّيْٓ اَرٰى مَا لَا تَرَوْنَ

ته شيطان (وعدي تان) قدم پوئتي ڏيئي ويو ۽ شيطان انهن کي چيو آئون توهان کان بيزار آهيان ۽ آئون اهو ڏسان ٿو جيڪو توهان نه ٿا

اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ ؕ وَاللّٰهُ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٤٨﴾ ع اِذْ يَقُوْلُ

ڏسو، آئون ته الله کان ڊڄان ٿو ۽ الله تعالى سخت سزا ڏيندڙ آهي . جڏهن منافقن ۽

الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ غَرَّ هٰٓؤُلَآءِ دِيْنُهُمْ ؕ

۽ جن جي دلين ۾ مرض هو، هيءُ ٻي ڇيائون ته مسلمانن کي سندن دين مغرور ڪيو آهي،

وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَاِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٤٩﴾ وَلَوْ

۽ جيڪو مائٽ الله تي توڪل ڪري ٿو پوءِ بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي . ۽ جيڪڏهن

ع ٦

تَرٰٓى اِذْ يَتَوَفَّى الَّذِيْنَ كَفَرُوا الْمَلٰٓئِكَةُ يَضْرِبُوْنَ

تون (اي مخاطب) ڏسين ها جڏهن ملائڪ ، ڪافرن جو ساهه ڪڍي رهيا هئا ، سندن منهن ۽ پُٹن

وُجُوْهَهُمْ وَاَدْبَارَهُمْ ۚ وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْحَرِيْقِ ﴿٥٠﴾ ذٰلِكَ

تي گرز سان مڃي رهيا هئا ۽ (ملائڪ چئي رهيا هئا) چکو توهان عذاب باهه جو . اهو (عذاب)

بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْكُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ لَيْسَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٥١﴾

سندن بد اعمالين جي سزا هئي ۽ بيشڪ الله تعالىٰ (پنهنجي) بانهن تي ظلم ڪندڙ ناهي .

كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

انهن جو نمونو فرعون جي لشڪر جهڙو آهي ۽ انهن ماڻهن جهڙو آهي جيڪي انهن کان اڳ ٻڌي گذريا ، جن الله جي آيتن جو انڪار

فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٥٢﴾

ڪيو پوءِ الله کين سندن گناهن سبب گرفتار ڪيو . بيشڪ الله وڏي قوت وارو سخت سزا ڏيندڙ آهي .

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى

ان جو سبب هي آهي ته جڏهن الله ڪنهن قوم تي پنهنجي نعمت ڪندو آهي اها نعمت ايستائين ختم نه ٿو ڪري جيستائين

يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٥٣﴾ كَدَاْبِ اٰلِ فِرْعَوْنَ ۙ

اهي پاڻ نعمت کي ختم نه ڪن ، ۽ بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي . انهن جو نمونو فرعون جي لشڪر جهڙو

وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ

آهي ۽ انهن ماڻهن جهڙو آهي جيڪي انهن کان اڳ ٿي گذريا جن الله جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو پوءِ الله انهن کي سندن گناهن سبب هلاڪ

وَاَغْرَقْنَآ اٰلَ فِرْعَوْنَ ۚ وَكُلٌّ كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اِنَّ شَرَّ

ڪيو ۽ الله ، فرعون جي لشڪر کي غرق ڪيو ، ۽ اهي سڀئي ظالم هئا . بيشڪ بدترين جانور

الدَّوَآبِّ عِنْدَ اللّٰهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٥﴾ ع

الله تعالىٰ وٽ اهي ماڻهو آهن جن ڪفر ڪيو پوءِ اهي ايمان نه ٿا آڻين .

١ تفسير مظهري وتفسير جلالين . ٢ تفسير جلالين .

اَلَّذِيْنَ عَاهَدْتَّ مِنْهُمْ ثُمَّ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَهُمْ فِيْ كُلِّ مَرَّةٍ

اُهي ماڻهو جن سان تو ڄاڻ (ڪيترا پيرا) وعدو ڪيو پوءِ هر دفعي[1] اهي ماڻهو وعدو نٿا ڀڃن

وَّهُمْ لَا يَتَّقُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَاِمَّا تَثْقَفَنَّهُمْ فِي الْحَرْبِ فَشَرِّدْ بِهِمْ مَّنْ

۽ اهي الله کان نه ٿا ڊڄن ۔ پوءِ جيڪڏهن اهي تو ڄاڻ کي ميدان جنگ ۾ ملن پوءِ انهن کي چڙ ويچر

خَلْفَهُمْ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَاِمَّا تَخَافَنَّ مِنْ قَوْمٍ خِيَانَةً

ڪري ڇڏ ڏيو تنهن جي پويان[2] آهن جن[3] اهي نصيحت حاصل ڪن ۔ ۽ جيڪڏهن تو ڄاڻ کي انهن قوم مان خيانت جو انديشو

فَانْۢبِذْ اِلَيْهِمْ عَلٰى سَوَآءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْخَآئِنِيْنَ ﴿٥٨﴾ وَلَا ع ٧

آهي تہ پوءِ سندن معاهدو سڌي طريقي سان واپس ڪري ڏيو ۔ بيشڪ الله خيانت ڪندڙ ماڻهن سان محبت نٿو ڪري ۔ ۽

يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا سَبَقُوْا ؕ اِنَّهُمْ لَا يُعْجِزُوْنَ ﴿٥٩﴾ وَ

تو ڄاڻ هرگز نہ سمجهو تہ ڪافر (جنگ بدر ۾) بچي ويا ، بيشڪ اهي الله کي عاجز ڪري نٿا سگهن ۔ ۽

اَعِدُّوْا لَهُمْ مَّا اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ قُوَّةٍ وَّمِنْ رِّبَاطِ الْخَيْلِ

تو ڄاڻ پنهنجي توفيق موجب انهن ڪافرن لاءِ هر قسم[4] جا هٿيار پنهوار ۽ گهوڙا تيار رکو[5]

تُرْهِبُوْنَ بِهٖ عَدُوَّ اللّٰهِ وَعَدُوَّكُمْ وَاٰخَرِيْنَ مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ لَا

تو ڄاڻ ڊيڄاريو انهن (هٿيارن) سان ، الله جي دشمن ۽ پنهنجي دشمن کي علاوه ازين ٻين ماڻهن کي جن کي

تَعْلَمُوْنَهُمْ ۚ اَللّٰهُ يَعْلَمُهُمْ ؕ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

تو ڄاڻ نہ ٿا ڄاڻو ، الله انهن کي ڄاڻي ٿو ۽ الله جي راه ۾ تو ڄاڻ جيڪا شيءِ خرچ ڪندا اُن جو

يُوَفَّ اِلَيْكُمْ وَاَنْتُمْ لَا تُظْلَمُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَاِنْ جَنَحُوْا لِلسَّلْمِ

تو ڄاڻ کي پورو پورو[6] اجر ملندو ۽ تو ڄاڻ سان ظلم نہ ڪيو ويندو ۔ ۽ جيڪڏهن اهي تو ڄاڻ کي[7] صلح جي آڇ ڪن

فَاجْنَحْ لَهَا وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦١﴾

پوءِ تو ڄاڻ انهن سان صلح ڪريو ۽ الله تي توڪل ڪريو ، بيشڪ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي ۔

[1] تفسير النسفي ۔ [2] تفسير روح المعاني وتفسير جامع البيان وتفسير مظهري ۔ (منزل ٢) [3] تفسير بيضاوي ۔ [4] تفسير النسفي ۔ [5] تفسير جلالين ۔

وَاِنْ يُّرِيْدُوْٓا اَنْ يَّخْدَعُوْكَ فَاِنَّ حَسْبَكَ اللّٰهُ ؕ هُوَ الَّذِيْٓ

۽ جيڪڏهن اهي توهان کي ڏوکي ڏيڻ جو ارادو ڪن تا پوءِ بيشڪ الله توهان لاءِ ڪافي آهي، الله اهو آهي جنهن

اَيَّدَكَ بِنَصْرِهٖ وَبِالْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ وَاَلَّفَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ ؕ لَوْ اَنْفَقْتَ

توهان کي پنهنجي مدد سان ۽ مؤمنن جي مدد سان مضبوط بنايو. ۽ الله توهان جي دلين ۾ محبت پيدا ڪئي، جيڪڏهن توهان

مَا فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا مَّآ اَلَّفْتَ بَيْنَ قُلُوْبِهِمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ

خرچ ڪري ها سمورن ٿيون جيڪي زمين ۾ آهن تہ به انهن جي دلين ۾ محبت پيدا نہ ڪري سگهوها پر الله تعالىٰ

اَلَّفَ بَيْنَهُمْ ؕ اِنَّهٗ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٣﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِىُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ

توهان ۾ محبت پيدا ڪئي، بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي. اي رسول عربي توهان لاءِ الله ڪافي آهي

وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٤﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِىُّ حَرِّضِ الْمُؤْمِنِيْنَ ع ٨ ١٣

۽ اُهي اصحابي (ڪافي آهن) جيڪي توهان جا تابعدار آهن. اي رسول عربي توهان جهاد لاءِ مؤمنن کي

عَلَى الْقِتَالِ ؕ اِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ عِشْرُوْنَ صٰبِرُوْنَ يَغْلِبُوْا

ڪٹي رغبت ڏياريو، جيڪڏهن توهان مان ويهہ (مجاهد) صبر ڪندڙ هوندا تہ هي سؤ (ڪافرن) تي

مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفًا مِّنَ الَّذِيْنَ

غالب ٿيندا، ۽ جيڪڏهن توهان مان هڪ سؤ (مجاهد) هوندا تہ هڪ هزار ڪافرن تي

كَفَرُوْا بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿٦٥﴾ اَلْـٰٔنَ خَفَّفَ اللّٰهُ عَنْكُمْ وَ

غالب رهندا، انهي سبب جو اهي سمجهہ قوم آهي. الله تعالىٰ هاڻي توهان (مسلمانن) تي هلڪائي

عَلِمَ اَنَّ فِيْكُمْ ضَعْفًا ؕ فَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ مِّائَةٌ صَابِرَةٌ يَّغْلِبُوْا

ڪئي آهي ۽ ڪير معلوم آهي تہ توهان ۾ ضعف آهي، پوءِ (هاڻي) جيڪڏهن توهان مان هڪ سؤ (مجاهد) صبر ڪندڙ آهن تہ (اُهي)

مِائَتَيْنِ ۚ وَاِنْ يَّكُنْ مِّنْكُمْ اَلْفٌ يَّغْلِبُوْٓا اَلْفَيْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ

بن سون (ڪافرن) تي غالب رهندا، ۽ جيڪڏهن هڪ هزار آهن تہ الله جي حڪم سان هزارن تي غالب رهندا، ۽

اللّٰهُ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿٦٦﴾ مَا كَانَ لِنَبِيٍّ اَنْ يَّكُوْنَ لَهٗٓ اَسْرٰى حَتّٰى

الله صبر ڪندڙن سان گڏ آهي. نبيءَ ڪريم ﷺ کي مناسب ناهي جو ان وٽ جنگي قيدي هجن ايستائين جو

يُثْخِنَ فِى الْاَرْضِ ؕ تُرِيْدُوْنَ عَرَضَ الدُّنْيَا ۖ وَاللّٰهُ يُرِيْدُ

جو انهن کي زمين ۾ قتل ڪيو وڃي، تو هان دنيا جو مال چاهيو ٿا ۽ الله تعالىٰ آخرت

الْاٰخِرَةَ ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٧﴾ لَوْلَا كِتٰبٌ مِّنَ اللّٰهِ سَبَقَ

چاهي ٿو، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي. جيڪڏهن الله جو حڪم لکيل نه هجي ها (يعني درگذر ڪرڻ

لَمَسَّكُمْ فِيْمَآ اَخَذْتُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿٦٨﴾ فَكُلُوْا مِمَّا غَنِمْتُمْ

جو) تہ تو هان کي مال غنيمت وٺڻ ۾ الله جو سخت عذاب پهچي ها. (هاڻي پليو) مال غنيمت حلال پاڪ

حَلٰلًا طَيِّبًا ۖ وَّاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٩﴾ ع

سمجهي تو هان استعمال ڪريو ۽ الله کان تو هان خوف ڪريو، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّمَنْ فِيْٓ اَيْدِيْكُمْ مِّنَ الْاَسْرٰٓى ۙ اِنْ يَّعْلَمِ اللّٰهُ فِىْ

اي رسول عربي تو هان فرمايو انهن قيدين کي جيڪي تو هان جي هٿ ۾ آهن تہ جيڪڏهن الله تو هان جي دلين ۾

قُلُوْبِكُمْ خَيْرًا يُّؤْتِكُمْ خَيْرًا مِّمَّآ اُخِذَ مِنْكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

خير معلوم ڪيو تہ الله تو هان کي ڏيڻ وارو ڪندو (مال) جيڪو تو هان کان ورتو ويو ۽ الله تو هان کي بخش ڪندو ۽ الله بخشيندڙ

رَّحِيْمٌ ﴿٧٠﴾ وَاِنْ يُّرِيْدُوْا خِيَانَتَكَ فَقَدْ خَانُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ

مهربان آهي. ۽ جيڪڏهن اهي تو هان سان خيانت جو ارادو ڪن تہ ڀلي بيشڪ انهن هن کان اڳ ۾ الله سان خيانت ڪئي

فَاَمْكَنَ مِنْهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا

هئي پوءِ الله تو هان کي کانئن ڪيو ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي

وَجٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا

۽ پنهنجي مالن ۽ جانن سان الله جي راه ۾ جهاد ڪيو ۽ جن ماڻهن پناه ڏني (مهاجرن کي)

ع ١٠ ١٥ ١٣

له تفسير النسفي. سه نوٽ: جنگ بدر جي جنگي قيدين متعلق پاڻ ڪرڻ (منزل ٢) ۽ صحابه ڪرام جي فيصلي کي الله تعالىٰ برقرار رکي درگذر فرمايو ۽ سيدنا امير عمر جي فيصلي کي الله تعالىٰ ترجيح ڏني. سه تفسير النسفي.

وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَمْ

۽ انهن جي مدد ڪئي اهي ئي هڪ ٻئي جا مددگار آهن ، ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ پر هجرت

يُهَاجِرُوْا مَا لَكُمْ مِّنْ وَّلَايَتِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوْا ۚ

نه ڪئي ، توهان لاءِ انهن جي ورثي مان ڪا به شيءَ نامي ايستائين جو اهي هجرت ڪن ،

وَاِنِ اسْتَنْصَرُوْكُمْ فِى الدِّيْنِ فَعَلَيْكُمُ النَّصْرُ اِلَّا عَلٰى قَوْمٍ

۽ جيڪڏهن اهي توهان کان دين جي معاملي ۾ مدد طلب ڪن ٻوءِ توهان تي انهن جي مدد ڪرڻ واجب آهي مگر اُن قوم

بَيْنَكُمْ وَبَيْنَهُمْ مِّيْثَاقٌ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٧٢﴾ وَالَّذِيْنَ

جي خلاف نه جن سان توهان جو معاهدو آهي ، ۽ الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي ، ۽ جن ماڻهن

كَفَرُوْا بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ بَعْضٍ ؕ اِلَّا تَفْعَلُوْهُ تَكُنْ فِتْنَةٌ فِى الْاَرْضِ

ڪُفر ڪيو (اهي) هڪ ٻئي جا مددگار آهن ، جيڪڏهن توهان (مذڪور) حڪمن تي عمل نه ڪندا ته ملڪ ۾

وَفَسَادٌ كَبِيْرٌ ﴿٧٣﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِىْ

فتنو ۽ وڏو فساد برپا ٿيندو ۽ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾

سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ

جهاد ڪيو ، ۽ جن ماڻهن پناه ڏني (مهاجر مسلمانن کي) ۽ سندن مدد ڪئي اهي ئي سچا مؤمن

حَقًّا ؕ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٧٤﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْۢ بَعْدُ

آهن ، انهن (مدد ڪندڙن) لاءِ بخشش ۽ بهشت آهي ، ۽ جن ماڻهن انهن کان پوءِ ايمان آندو

وَهَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا مَعَكُمْ فَاُولٰٓئِكَ مِنْكُمْ ؕ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ

۽ هجرت ڪئي ۽ توهان سان گڏ جهاد ڪئي پوءِ اهي به توهان مان آهن ، ۽ رشتيدار (ورثي ۾)

بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِىْ كِتٰبِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٥﴾

هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن الله جي حڪم موجب ، بيشڪ الله هر شيءَ کي ڄاڻندڙ آهي .

ع ١٠ ١٢ ١٣ ١٤ ١٥

لہ تفسیر بیضاوی وتفسیر جلالین وتفسیر السنی ۔ لہ تفسیر جلالین (منزل ۲) ۔ لہ تفسیر جلالین ۔

سورة توبہ شروع کرتا ہوں اللہ کے نام سے جو بڑا مہربان رحم والا ہے ۞ بیزاری ہے اللہ اور اس کے رسول کی طرف سے

(اٰیاتها ١٢٩) (٩) سُوْرَةُ التَّوْبَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٣) (رکوعاتها ١٦)

سورۃ توبہ مدینہ منورہ میں نازل ٹی آهي، انهي ۾ ١٢٩ آيتون ۽ ١٦ رکوع آهن.

بَرَآءَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۝١

هي الله ۽ الله جي رسول جي طرفان قطع تعلق (جواعلان) آهي، انهن مشرکن لاءِ جن سان توهان عهد ڪيو

فَسِيْحُوْا فِي الْاَرْضِ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ۙ

پوءِ (اي مشرکو) توهان زمين ۾ چار مهينا سير ڪريو ۽ توهان يقين ڪريو ته بيشڪ توهان الله تعالى کي عاجز ڪندڙ ناهيو ۽

وَاَنَّ اللّٰهَ مُخْزِي الْكٰفِرِيْنَ ۝٢ وَاَذَانٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖٓ اِلَى

۽ بيشڪ الله تعالى ڪافرن کي خوار ڪندڙ آهي. ۽ عام اعلان آهي الله ۽ الله جي رسول جي طرفان سڀني

النَّاسِ يَوْمَ الْحَجِّ الْاَكْبَرِ اَنَّ اللّٰهَ بَرِيْٓءٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ۙ وَ

ماڻهن تانهن حج اڪبر جي ڏينهن ته بيشڪ الله ۽ الله جو رسول مشرکن کان بيزار

رَسُوْلُهٗ ؕ فَاِنْ تُبْتُمْ فَهُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ۚ وَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاعْلَمُوْٓا اَنَّكُمْ

آهي ، پوءِ جيڪڏهن اهي توبه تائب ٿين پوءِ اهو انهن لاءِ بهتر آهي، ۽ جيڪڏهن انڪار ڪن پوءِ يقين ڪريو

غَيْرُ مُعْجِزِي اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝٣ ۙ اِلَّا

بيشڪ توهان الله کي عاجز ڪندڙ نه آهيو ۽ توهان ڪافرن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏيو. مگر

الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ ثُمَّ لَمْ يَنْقُصُوْكُمْ شَيْـًٔا وَّلَمْ

مشرکن مان اهي ماڻهو جن سان توهان معاهدو ڪيو ان کان پوءِ انهن توهان سان وعدو خلافي ڪئي ۽ (توهان

يُظَاهِرُوْا عَلَيْكُمْ اَحَدًا فَاَتِمُّوْٓا اِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ اِلٰى مُدَّتِهِمْ ؕ

جي مخالفت ۾) ڪنهن هڪ ڏي جي مدد ڪئي، پوءِ مقرر وقت تائين توهان انهن سان وعدو پنهنجو

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝٤ فَاِذَا انْسَلَخَ الْاَشْهُرُ الْحُرُمُ فَاقْتُلُوا

بيشڪ الله تعالى پرهيزگارن سان محبت ڪري ٿو پوءِ جنهن وقت حج جا مهينا پورا ٿين پوءِ توهان

(منزل ٢)

له تفسير روح المعاني وتفسير الذهبي. ٢ تفسير جلالين وتفسير بيضاوي.

الْمُشْرِكِيْنَ حَيْثُ وَجَدْتُّمُوْهُمْ وَخُذُوْهُمْ وَاحْصُرُوْهُمْ

مشرکن کي قتل ڪريو جتي به توهان کي ملن ۽ کين پڪڑيو ۽ کين قيد ڪريو

وَاقْعُدُوْا لَهُمْ كُلَّ مَرْصَدٍ ۚ فَاِنْ تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَ

۽ انهن لاءِ توهان گهاتِ هڻي ويهو، پوءِ جيڪڏهن اهي توبه تائب ٿين ۽ نماز پڙهن ۽

اٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَخَلُّوْا سَبِيْلَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٥

زڪواة ڏين پوءِ سندن رستو ڪولي ڇڏيو، بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ ۽ مهربان آهي.

وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ

۽ جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو مائٿو توهان کان پناهه گهري تہ ڏيو ان کي پناهه ڏيو ايستائين تہ الله جو

كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْلَمُوْنَ ۝٦ ع

ع ١٢ ٧

ڪلام ٻڌي ان کان پوءِ کيس امن واري جاءِ تي رسايو، اهو (حڪم) ان ڪري آهي جو بيشڪ اهي بي سمجهه قوم آهن.

كَيْفَ يَكُوْنُ لِلْمُشْرِكِيْنَ عَهْدٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖۤ

(عجب آهي تہ) الله ۽ الله جي رسول وٽ انهن مشرڪن جو ڪهڙو معاهدو آهي

اِلَّا الَّذِيْنَ عٰهَدْتُّمْ عِنْدَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ ۚ فَمَا اسْتَقَامُوْا

سواءِ انهن مائٿن جي جن سان توهان مسجدِ الحرام ۾ وعدو ڪيو، پوءِ جيستائين توهان سان اهي وعدي

لَكُمْ فَاسْتَقِيْمُوْا لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِيْنَ ۝٧ كَيْفَ

تي قائم رهن تہ توهان به انهن سان وعدي تي قائم رهو، بيشڪ الله نيڪوڪارن سان محبت ڪري ٿو. (عجب آهي

وَاِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ لَا يَرْقُبُوْا فِيْكُمْ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ

تہ انهن جو ڪفر ۽ لحاظ رکجي) جيڪڏهن توهان تي اهي فاتح ٿين ها تہ توهان سان ڪا به قرابت ۽ معاهدي جو لحاظ نہ ڪن،

يُرْضُوْنَكُمْ بِاَفْوَاهِهِمْ وَتَاْبٰى قُلُوْبُهُمْ ۚ وَاَكْثَرُهُمْ

اهي توهان کي سهڻي گفتگو سان راضي ڪن ٿا ۽ سندن دليون انڪار ڪن ٿيون، ۽ انهن مان گهڻا

١ تفسير بيضاوي و تفسير جلالين. ٢ تفسير ابن عباس. ٣ تفسير جلالين.

فٰسِقُوْنَ ۝٨ اِشْتَرَوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ثَمَنًا قَلِيْلًا فَصَدُّوْا عَنْ

وعدي خلاف ڪندڙ آهن. اهي الله جي آيتن جي عيوض ٿوڙو رُمُلهه حاصل ڪن ٿا پوءِ الله جي دين کان

سَبِيْلِهٖ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٩ لَا يَرْقُبُوْنَ فِيْ

روڪين ٿا، بيشڪ جيڪو ڪم اهي ڪن ٿا سو خراب آهي. نه ٿا لحاظ ڪن مؤمن

مُؤْمِنٍ اِلًّا وَّلَا ذِمَّةً ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُعْتَدُوْنَ ۝١٠ فَاِنْ

۾ مائٽي ۽ معاهدي جو، ۽ اهي ئي حد کان وڌندڙ آهن. پوءِ جيڪڏهن

تَابُوْا وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتَوُا الزَّكٰوةَ فَاِخْوَانُكُمْ فِي

اهي توبه تائب ٿين ۽ نماز پڙهن ۽ زڪوٰة ڏين پوءِ اهي توهان جا ديني

الدِّيْنِ ؕ وَنُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۝١١ وَاِنْ نَّكَثُوْٓا

ڀائر آهن ۽ سمجهه رکندڙن لاءِ اسين پنهنجون آيتون کولي کولي بيان ڪريون ٿا ۽ جيڪڏهن معاهدي

اَيْمَانَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ عَهْدِهِمْ وَطَعَنُوْا فِيْ دِيْنِكُمْ فَقَاتِلُوْٓا

ڪرڻ کان پوءِ به اهي پنهنجي وعدي کي ٽوڙين ٿا ۽ توهان جي دين ۾ طعنو هڻن ٿا پوءِ توهان ڪافرن

اَىِٕمَّةَ الْكُفْرِ ۙ اِنَّهُمْ لَآ اَيْمَانَ لَهُمْ لَعَلَّهُمْ

جي اڳواڻن کي قتل ڪريو، بيشڪ اِهي اُهي آهن جن لاءِ ڪو به معاهدو ناهي ته جو

يَنْتَهُوْنَ ۝١٢ اَلَا تُقَاتِلُوْنَ قَوْمًا نَّكَثُوْٓا اَيْمَانَهُمْ

اهي باز اچن. ڇو نٿا توهان اُن قوم سان جهاد ڪريو جن پنهنجا معاهدا ٽوڙيا

وَهَمُّوْا بِاِخْرَاجِ الرَّسُوْلِ وَهُمْ بَدَءُوْكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ

۽ رسول عربي کي جلاوطن ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ انهن وعدي خلافي ۾ توهان سان اڳرائي ڪئي،

اَتَخْشَوْنَهُمْ ۚ فَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشَوْهُ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝١٣

ڇا توهان انهن کان ڊجو ٿا؟ پوءِ الله زياده حقدار آهي جو ان کان ڊجو جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو.

١ تفسير ابن عباس وتفسير النسفي. ٢ تفسير بيضاوي. (منزل ٢) ٣ تفسير النسفي. ٤ تفسير جلالين.

قَاتِلُوهُمْ يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ بِاَيْدِيْكُمْ وَيُخْزِهِمْ وَيَنْصُرْكُمْ عَلَيْهِمْ

توهان انهن کي قتل ڪريو، الله انهن کي توهان جي هٿان عذاب ڪري توءِ انهن کي خوار ڪري توءِ انهن جي مقابلي ۾ توهان جي مدد

وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ۙ﴿١٤﴾ وَيُذْهِبْ غَيْظَ قُلُوْبِهِمْ ؕ

فرمائي توءِ مؤمن ماڻهن جي سينن کي شفا بخشي ۽ سندن سينن مان ڪاوڙ ختم ڪري توءِ

وَيَتُوْبُ اللّٰهُ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٥﴾ اَمْ حَسِبْتُمْ اَنْ

۽ جنهن تي چاهي پنهنجي رحمت جي نظر فرمائي توءِ ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. توهان سمجهو ٿا ته توهان کي

تُتْرَكُوْا وَلَمَّا يَعْلَمِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ جٰهَدُوْا مِنْكُمْ وَلَمْ يَتَّخِذُوْا

ايئن ڇڏيو ويندو حالانڪ اڃا تائين الله توهان مان مجاهدن جي سچائپ نه ڪرائي آهي ۽ جن ماڻهن الله

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلَا رَسُوْلِهٖ وَلَا الْمُؤْمِنِيْنَ وَلِيْجَةً ؕ وَاللّٰهُ

۽ الله جي رسول ۽ مؤمنن کان سواءِ (کنهن کي) پنهنجو راز دان (به نه بنايو) ۽ الله تعالى

خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٦﴾ مَا كَانَ لِلْمُشْرِكِيْنَ اَنْ يَّعْمُرُوْا مَسٰجِدَ اللّٰهِ ٢٨ ع ٨

توهان جي عملن کان خبردار آهي. مشرڪن لاءِ مناسب ناهي جو مسجدالحرام جي تعمير ڪن

شٰهِدِيْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ بِالْكُفْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتْ اَعْمَالُهُمْ ۖۚ وَ

حالانڪ اهي پاڻ پنهنجن نفسن تي ڪفر جي شاهدي ڏيندڙ آهن، اهي آهي آهن جن جا عمل ضايع ٿي ويا، ۽

فِي النَّارِ هُمْ خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ اِنَّمَا يَعْمُرُ مَسٰجِدَ اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ

اهي دوزخ ۾ هميشه رهندا. الله جي مسجدن کي فقط اُهو آباد ڪري سگهي ٿو جيڪو الله تعالى

وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَاَقَامَ الصَّلٰوةَ وَاٰتَى الزَّكٰوةَ وَلَمْ يَخْشَ اِلَّا اللّٰهَ

۽ قيامت تي ايمان آڻي ٿو ۽ نماز پڙهي ٿو ۽ زڪوات ڏئي ٿو ۽ الله کان سواءِ ڪنهن کان نه ٿو ڊڄي

فَعَسٰٓى اُولٰٓئِكَ اَنْ يَّكُوْنُوْا مِنَ الْمُهْتَدِيْنَ ﴿١٨﴾ اَجَعَلْتُمْ سِقَايَةَ

پوءِ اهي جلدي هدايت وارن مان ٿيندا. ڇا توهان برابر سمجهو ٿا (انهن کي)

١ تفسير جامع البيان. ٢ تفسير بيضاوى و تفسير النسفى. ٣ تفسير جلالين.

الْحَآجِّ وَعِمَارَةَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ كَمَنْ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ

جيڪو حاجين کي پاڻي پياريٿو ۽ مسجد الحرام کي آباد ڪريٿو انهي ماڻهو وانگر جيڪو الله تعالىٰ ۽ قيامت تي

الْاٰخِرِ وَجٰهَدَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ لَا يَسْتَوٗنَ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَ

ايمان آڻيٿو ۽ الله جي راهه ۾ جهاد ڪريٿو (خبردار) مومن ۽ ڪافر الله تعالىٰ وٽ برابر ناهن ۽

اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

الله تعالىٰ ظالم قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي ۔ انهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽

هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۙ

هجرت ڪئي ۽ الله جي راهه ۾ پنهنجي مالن ۽ نفسن سان جهاد ڪيو،

اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

(انهن جو) الله تعالىٰ وٽ تمام وڏو درجو آهي، ۽ انهي ئي ڪامياب ٿيندڙ آهن.

يُبَشِّرُهُمْ رَبُّهُمْ بِرَحْمَةٍ مِّنْهُ وَرِضْوَانٍ وَّجَنّٰتٍ لَّهُمْ

رسول عربي ﷺ جي مبارڪ زبان سان، الله تعالىٰ کين پنهنجي طرفان رحمت ۽ رضامندي ۽ اهڙن باغن جي

فِيْهَا نَعِيْمٌ مُّقِيْمٌ ﴿٢١﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗٓ

بشارت ڏني جنهن ۾ دائمي نعمت هوندي. هميشه هميشه انهيءَ ۾ رهندا، بيشڪ الله تعالىٰ وٽ

اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿٢٢﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْٓا اٰبَآءَكُمْ

اجر عظيم آهي. اي مومنو! توهان پنهنجي والدين ۽ پائرن کي

وَاِخْوَانَكُمْ اَوْلِيَآءَ اِنِ اسْتَحَبُّوا الْكُفْرَ عَلَى الْاِيْمَانِ ؕ وَمَنْ

پسند نه ڪريو جيڪڏهن اهي ايمان جي بدران ڪفر کي پسند ڪن ۽ جيڪو ماڻهو

يَّتَوَلَّهُمْ مِّنْكُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ﴿٢٣﴾ قُلْ اِنْ كَانَ

توهان مان انهن سان دوستي رکي تو پوءِ اهي ئي ظالم آهن. رسول عربي توهان فرمايو جيڪڏهن

وقف لازم

١ تفسير روح البيان. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير جلالين وتفسير جامع البيان.

اٰبَآؤُكُمْ وَاَبْنَآؤُكُمْ وَاِخْوَانُكُمْ وَاَزْوَاجُكُمْ وَعَشِيْرَتُكُمْ وَ

توهان جا پيءُ ۽ توهان جا پٽ ۽ توهان جا ڀائر ۽ توهان جون گهر واريون ۽ توهان جا ڪٽنب ۽

اَمْوَالُ ِۨاقْتَرَفْتُمُوْهَا وَتِجَارَةٌ تَخْشَوْنَ كَسَادَهَا وَمَسٰكِنُ

توهان جا مال، جيڪي توهان ڪمايو ٿا، ۽ توهان جا واپار جن جي نقصان جو خوف ڪريو ٿا ۽ گهر جن ڪي

تَرْضَوْنَهَآ اَحَبَّ اِلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَجِهَادٍ فِيْ

توهان پسند ڪريو ٿا اهي سڀ شيون جيڪڏهن توهان کي پيارون آهن الله ۽ الله جي رسول کان ۽ جهاد ۾

سَبِيْلِهٖ فَتَرَبَّصُوْا حَتّٰى يَاْتِيَ اللّٰهُ بِاَمْرِهٖ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي

سبيل الله کان تڏهن توهان انتظار ڪريو ايستائين جو الله پنهنجو حڪم آڻي، ۽ الله تعالىٰ گنهگار قوم

الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٢٤﴾ لَقَدْ نَصَرَكُمُ اللّٰهُ فِيْ مَوَاطِنَ ع ٣

ڪي هدايت نه ڏيندو ۔ تحقيق الله تعالىٰ توهان جي مدد فرمائي گهڻن جنگي محاذن تي

كَثِيْرَةٍ ۙ وَّيَوْمَ حُنَيْنٍ ۙ اِذْ اَعْجَبَتْكُمْ كَثْرَتُكُمْ فَلَمْ

۽ جنگ حُنين ۾ واري ڏينهن، جڏهن توهان کي پنهنجي لشڪر جي گهڻائي تي نازهو ٿيو ۽ توهان کي

تُغْنِ عَنْكُمْ شَيْـًٔا وَّضَاقَتْ عَلَيْكُمُ الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ

توهان جي گهڻائي فائدو نه پهچايو ۽ توهان تي زمين تنگ ٿي پئي پنهنجي ڪشادگيءَ جي باوجود

ثُمَّ وَلَّيْتُمْ مُّدْبِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى

پوءِ توهان ڪاهي ڀڄي ويا ۽ منهن ڦيرائي (جهڙوڪ) ٿي پوئتي هٽيا۔ ان کان پوءِ الله پنهنجي رحمت ۽ نازل فرمائي رسول عربي

رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَاَنْزَلَ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ وَ

تي ۽ صحابه ڪرام تي ۽ الله نازل ڪيو لشڪر (ملائڪن جي) جي جيڪو توهان نه ڏٺو

عَذَّبَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ؕ وَذٰلِكَ جَزَآءُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٢٦﴾

۽ الله تعالىٰ ڪافرن تي سخت عذاب ڪيو، ۽ اها ڪافرن جي سزا آهي ۔

۱ تفسير جامع البيان وتفسير جلالين ۲ حُنين مڪه مڪرمه ۽ (منزل ۲) طائف شريف جي وچ ۾ هڪ وادي آهي جو ناءُ آهي. تفسير مظهري و تفسير جلالين ۳ تفسير مظهري. ۴ تفسير مظهري. ۵ تفسير روح المعاني.

ثُمَّ يَتُوبُ اللّٰهُ مِنۢ بَعۡدِ ذٰلِكَ عَلٰى مَنۡ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ

اُن کان پوءِ الله توبہ قبول فرمائي ٿو جنهن بانهي جي پاڻ چاهي ، ۽ الله تعالىٰ

غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۲۷﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡۤا اِنَّمَا الۡمُشۡرِكُوۡنَ

بخشيندڙ ۽ مهربان آهي. اي مؤمنو ! مشرڪ پڪ پليد آهن

نَجَسٌ فَلَا يَقۡرَبُوا الۡمَسۡجِدَ الۡحَرَامَ بَعۡدَ عَامِهِمۡ هٰذَا ۚ

تنهنڪري مسجد الحرام ڪي ويجهو نه ٿين ، هن سال کان پوءِ ،

وَاِنۡ خِفۡتُمۡ عَيۡلَةً فَسَوۡفَ يُغۡنِيۡكُمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖۤ اِنۡ

پوءِ جيڪڏهن توهان[ك] ڪي جو خوف ڪريو ٿا ته پوءِ الله تعالىٰ جلدي پنهنجي فضل سان جيڪڏهن چاهي توهان کي

شَآءَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيۡمٌ حَكِيۡمٌ ﴿۲۸﴾ قَاتِلُوا الَّذِيۡنَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ

شاهوڪار ڪندو، بيشڪ الله تعالىٰ ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. توهان جنگ ڪريو انهن مانهن ساڻ جيڪي نه ٿا

بِاللّٰهِ وَلَا بِالۡيَوۡمِ الۡاٰخِرِ وَلَا يُحَرِّمُوۡنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَ

ايمان آڻن الله تعالىٰ تي ۽ نه قيامت تي ۽ نه حرام سمجهن انهن شين کي جيڪي الله ۽ الله جي رسول

رَسُوۡلُهٗ وَلَا يَدِيۡنُوۡنَ دِيۡنَ الۡحَقِّ مِنَ الَّذِيۡنَ اُوۡتُوا

حرام ڪيون آهن ۽ نه ٿا اعتقاد رکن[ك] اهل ڪتاب جا دين اسلام ۾

الۡكِتٰبَ حَتّٰى يُعۡطُوا الۡجِزۡيَةَ عَنۡ يَّدٍ وَّهُمۡ

ايستائين جو اهي (شڪست کائي) پنهنجي هٿ سان جزيه[ك] ڏين ۽ اهي

صٰغِرُوۡنَ ﴿۲۹﴾ ع وَقَالَتِ الۡيَهُوۡدُ عُزَيۡرُ ۨ ابۡنُ اللّٰهِ وَقَالَتِ ع ۱۰

ذليل ٿيندڙ آهن. ۽ يهودين چيو ته عُزَيْرُ، الله جو پُٽ آهي، ۽ عيسائين چيو

النَّصٰرَى الۡمَسِيۡحُ ابۡنُ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ قَوۡلُهُمۡ بِاَفۡوَاهِهِمۡ ۚ

ته عيسىٰ ، الله جو پُٽ آهي ، اهي انهن جا زباني افواه آهن.

ك تفسير ابن عباس ولفظ القرآن عربي. ك تفسير النسفي. ك تفسير الشفي. ك يعني هڪ قسم جو ٽيڪس آهي جيڪو اسلامي حڪومت ۾ غير مسلمن کان سندن مال ۽ جان جي حفاظت (منزل ٢) لاءِ وصول ڪيو ويندو ٿو. تفسير مظهري.

يُضَاهِـُٔونَ قَوْلَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ؕ

اهي بہ انهن کافرن جهڙيون ڳالهيون کن ٿا جيکي انهن کان اڳ ٻڌ هئا،

قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ﴿٣٠﴾ اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ

الله انهن کي هلاک ڪري، اهي کيڏانهن اُٻتا ويڄي رهيا آهن. انهن پنهنجي پادرين ۽

وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَالْمَسِيْحَ ابْنَ

راهبن ۽ عيسىٰ پُٽ مريم کي معبود بنايو، (سچي) الله تعالىٰ

مَرْيَمَ ۚ وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوْٓا اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚ

کان سواءِ ، حالانڪ نہ حُڪم ڪيو ويو (انهن کي) مگر (صرف اهو) هڪ الله جي عبادت ڪن ،

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ سُبْحٰنَهٗ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٣١﴾

ناهي ڪو عبادت جي لائق مگر الله تعالىٰ ، سندس ذات شرڪ کان پاڪ آهي .

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَيَاْبَى

اهي ارادو ڪن ٿا ته نبوّت جي نُور کي پنهنجي ڦوڪن سان وسائڻ تي الله تعالىٰ

اللّٰهُ اِلَّآ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَلَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٣٢﴾ هُوَ

نبوّت جي نور کي مڪمل ڪري ڏيجيتوڻيڪ ڪافرن کي ناپسند ڪن ٿا . الله اهو

الَّذِيْٓ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ

آهي جنهن پنهنجي رسول عربي کي هدايت سان موڪليو ۽ دين اسلام کي موڪليو

لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ يٰٓاَيُّهَا

انهي لاءِ ته دين اسلام کي ڪل هر مذهب تي غالب ڪري، جيتوڻيڪ مشرڪن کي ناپسند ڪن ٿا. اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْاَحْبَارِ وَالرُّهْبَانِ

مؤمنو! بيشڪ گهڻا پادري ۽ راهب

النصف

١ تفسير السنفي، ٢ تفسير جلالين، ٣ تفسير مظهري.

لَيَأْكُلُونَ أَمْوَالَ النَّاسِ بِالْبَاطِلِ وَيَصُدُّونَ عَنْ

ناجائز طريقي سان مانهن جا مال کائن تا ۽ روکين تا دين[1] اسلام

سَبِيلِ اللّٰهِ ؕ وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا

کان ، ۽ جيڪي مانهو سُونَ ۽ چاندي گڏ کن تا ۽ انهيءَ

يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۙ﴿٣٤﴾

کي الله جي راهه ۾ خرچ نہ تا کن، پوءِ توهان انهن کي دردناڪ عذاب[2] جي خبر ٻڌايو.

يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ

جهن وقت تپايا ويندا (سُونَ چاندي) جهنم جي باهه ۾ پوءِ داغ ڏنو ويندو انهيءَ سان سندن

وَجُنُوْبُهُمْ وَظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا

پيشانين ۽ پاسن ۽ پُٺن کي، (۽ انهن کي[3] چيو ويندو) هي اهو آهي جيڪو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪيو هو (ذليل) پوءِ توهان

مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿٣٥﴾ اِنَّ عِدَّةَ الشُّهُوْرِ عِنْدَ اللّٰهِ اثْنَا عَشَرَ

گڏ ڪرڻ جي عيوض عذاب چکو ، بيشڪ مهينن جو تعداد الله تعالىٰ وٽ بارهن

شَهْرًا فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ يَوْمَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

مهينا آهي، الله تعالىٰ جي ڪتاب ۾ جنهن ڏينهن کان الله تعالىٰ آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا

مِنْهَآ اَرْبَعَةٌ حُرُمٌ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ فَلَا تَظْلِمُوْا

انهن مهينن مان چار مهينا (حج جي ڪري) معزز آهن، اهو دين مستقيم[4] (سڌو) آهي، پوءِ انهن مهينن ۾

فِيْهِنَّ اَنْفُسَكُمْ ۚ وَقَاتِلُوا الْمُشْرِكِيْنَ كَآفَّةً كَمَا

پنهنجو پاڻ تي ظلم نہ ڪريو، ۽ توهان سڀني مشرڪن سان جنگ ڪريو جيئن اهي سڀئي

يُقَاتِلُوْنَكُمْ كَآفَّةً ؕ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿٣٦﴾

گڏ جي توهان سان جنگ ڪن ٿا ، ۽ توهان يقين ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ پرهيزگارن سان گڏ آهي.

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير جلالين. [3] تفسير جامع البيان (منزل ٢) [4] تفسير ابن عباس. [5] تفسير مظهري.

إِنَّمَا النَّسِيٓءُ زِيَادَةٌ فِي الْكُفْرِ يُضَلُّ بِهِ الَّذِينَ كَفَرُوا

پوئتي هٽائڻ (حج جي مهينن کي) ڪفر ۾ زياديءَ آهي، انهيءَ سان ڪافر گمراهه ڪيا ويندا آهن

يُحِلُّونَهُ عَامًا وَيُحَرِّمُونَهُ عَامًا لِّيُوَاطِـُٔوا عِدَّةَ مَا حَرَّمَ

هڪ سال انهن کي حلال بنائيندا آهن ۽ ٻئي سال حرام بنائيندا آهن، ان لاءِ ته حج وارن چئن مهينن جو تعداد

اللَّهُ فَيُحِلُّوا مَا حَرَّمَ اللَّهُ ۚ زُيِّنَ لَهُمْ سُوٓءُ أَعْمَالِهِمْ ۗ وَاللَّهُ

پورو ڪن، پوءِ حلال ڪن ٿا انهيءَ کي جنهن کي الله حرام ڪيو. سندن بداعمالي سندن لاءِ سينگاري وڻي آهي، ۽ الله

لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْكَافِرِينَ ﴿٣٧﴾ يَٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا مَا لَكُمْ ع ۵ ۱۱

ڪافرن جي قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي. اي مومنو! توهان کي ڇا ٿيو!

إِذَا قِيلَ لَكُمُ انفِرُوا فِي سَبِيلِ اللَّهِ اثَّاقَلْتُمْ إِلَى الْأَرْضِ ۚ

جنهن وقت توهان کي چيو ويو ته الله جي راهه ۾ توهان جهاد ڪريو (اُن وقت) توهان وڌي رهيا،

أَرَضِيتُم بِالْحَيَاةِ الدُّنْيَا مِنَ الْآخِرَةِ ۚ فَمَا مَتَاعُ الْحَيَاةِ الدُّنْيَا

ڇا توهان آخرت جي عيوض دنيا جي حياتي پسند ڪريو ٿا؟ پوءِ ناهي سامان دُنيا جي حياتيءَ جو

فِي الْآخِرَةِ إِلَّا قَلِيلٌ ﴿٣٨﴾ إِلَّا تَنفِرُوا يُعَذِّبْكُمْ عَذَابًا أَلِيمًا

آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورڙو. جيڪڏهن توهان نه نڪتا ته توهان کي سخت عذاب ڇڪايو ويندو،

وَيَسْتَبْدِلْ قَوْمًا غَيْرَكُمْ وَلَا تَضُرُّوهُ شَيْـًٔا ۗ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ

۽ توهان جي عيوض ٻي قوم پيدا ڪئي ويندي ۽ توهان کي ڪنهن قسم جو نقصان نه پهچائي سگهندا، ۽ الله هر شيءَ

شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٣٩﴾ إِلَّا تَنصُرُوهُ فَقَدْ نَصَرَهُ اللَّهُ إِذْ أَخْرَجَهُ

تي قادر آهي. توهان جيڪڏهن رسول عربيءَ جي مدد نه ڪندا ته بيشڪ الله سندس مدد ڪئي، جنهن وقت رسول عربيءَ

الَّذِينَ كَفَرُوا ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ

کي ڪافرن هجرت ڪرائي، رسول عربيءَ ابوبڪر صديق کي (جڏهن) اُن وقت غار ثور ۾ موجود هئا، ان وقت

۱ تفسير البغوي وجلالين. ۲ تفسير جامع البيان. ۳ تفسير ڪبير وتفسير خازن و (منزل ۲) جلالين وتفسير جامع البيان وتفسير روح المعاني. ۴ تفسير ڪبير.

لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا ۚ فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ

رسول عربي پنهنجي اصحابي (ابوبڪر صديق) کي فرمايو تون منهنجو انڌار نه ڪر بيشڪ الله اسان ٻنهي ڏانهن آهي، پوءِ الله پنهنجي رحمت ابوبڪر

عَلَيْهِ وَاَيَّدَهٗ بِجُنُوْدٍ لَّمْ تَرَوْهَا وَجَعَلَ كَلِمَةَ الَّذِيْنَ كَفَرُوا

صديق تي نازل فرمائي ۽ ان کي اهڙي لشڪر سان مضبوط بنايو جيڪو توهان نه ڏٺو ۽ الله تعالىٰ ڪافرن جي ڳالهه کي

السُّفْلٰى ؕ وَكَلِمَةُ اللّٰهِ هِيَ الْعُلْيَا ؕ وَاللّٰهُ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٤٠﴾

هيٺ ڪيو، ۽ پنهنجي ڳالهه کي مٿي ڪيو، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي.

اِنْفِرُوْا خِفَافًا وَّثِقَالًا وَّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ

توهان خوشيءَ سان گهران نڪرو يا ناخوشيءَ سان ۽ توهان الله جي راهه ۾ جهاد ڪريو پنهنجي

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤١﴾

مالن ۽ جانين سان، اهو توهان لاءِ تمام بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا.

لَوْ كَانَ عَرَضًا قَرِيْبًا وَّسَفَرًا قَاصِدًا لَّاتَّبَعُوْكَ وَلٰكِنْۢ

جيڪڏهن ويجهي دولت ۽ سفر آسان هجي ها ته توهان ساڻ اهي گڏهلن ها، پر انهن کي

بَعُدَتْ عَلَيْهِمُ الشُّقَّةُ ؕ وَسَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَوِ اسْتَطَعْنَا

تڪليف وارو رستو ڏسي پٺيجي ويو، ۽ جلدي الله جو قسم کڻندا ته جيڪڏهن اسان کي

لَخَرَجْنَا مَعَكُمْ ۚ يُهْلِكُوْنَ اَنْفُسَهُمْ ۚ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

توفيق هجي ها ته توهان سان گڏ (جهاد لاءِ) نڪرون ها، اهي پنهنجي نفسن کي هلاڪ ڪن ٿا، الله ڄاڻي ٿو ته

اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿٤٢﴾ عَفَا اللّٰهُ عَنْكَ ۚ لِمَ اَذِنْتَ لَهُمْ ع ١٥

بيشڪ اهي ڪوڙا آهن. الله تعالىٰ توهان کي درگذر فرمايو، توهان انهن کي ڇالاءِ اجازت

حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَكَ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَتَعْلَمَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٤٣﴾

ڏني (يعني انهن کي اجازت نه ڏيو ها) ايستائين جو توهان لاءِ (انهن مان) سچا ظاهر ٿين ها ۽ توهان کوڙن کي معلوم ڪري ها.

١ تفسير جامع البيان وتفسير جلالين. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير بيضاوي و (منزل ٢) تفسير جامع البيان وتفسير مظهري. ٤ تفسير جلالين.

لَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ
۽ جيڪي مڙهو الله ۽ قيامت تي ايمان آڻن تا اُهي توهان کان اجازت نه تا وٺن
اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ
پنهنجي مالن ۽ نفسن سان جهاد نه ڪرڻ جي ، ۽ الله پرهيزگارن
بِالْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٤﴾ اِنَّمَا يَسْتَاْذِنُكَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
کي چاڻندڙ آهي . اجازت ته فقط (جهاد نه ڪرڻ جي) اهي ماڻهو وٺن تا جيڪي
بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَارْتَابَتْ قُلُوْبُهُمْ فَهُمْ
الله ۽ قيامت تي ايمان نه ٿا آڻن ۽ سندن دلين[1] شڪ ۾ آهن ، پوءِ اهي
فِيْ رَيْبِهِمْ يَتَرَدَّدُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَلَوْ اَرَادُوا الْخُرُوْجَ
پنهنجي شڪ ۾ پريشان آهن . ۽ جيڪڏهن اهي نڪرڻ جو ارادو ڪن ها ته
لَاَعَدُّوْا لَهٗ عُدَّةً وَّلٰكِنْ كَرِهَ اللّٰهُ انْۢبِعَاثَهُمْ
جهاد لاءِ کوسامان تيار ڪن ها ، پر الله انهن جي نڪرڻ کي ناپسند فرمايو
فَثَبَّطَهُمْ وَقِيْلَ اقْعُدُوْا مَعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٤٦﴾
پوءِ اهي سُست ٿيا ۽ انهن کي چيو ويو ته توهان ويهي رهو (گهرن ۾) ويهڻ ڏڻ سان گڏ.
لَوْ خَرَجُوْا فِيْكُمْ مَّا زَادُوْكُمْ اِلَّا خَبَالًا
جيڪڏهن اهي توهان سان نڪرن ها ته توهان ۾ افواهه
وَّلَاْ اَوْضَعُوْا خِلٰلَكُمْ يَبْغُوْنَكُمُ الْفِتْنَةَ ۚ وَ
پکيڙي ، توهان جي وچ ۾ فتنو پيدا ڪن ها ، ۽
فِيْكُمْ سَمّٰعُوْنَ لَهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾
توهان جي وچ ۾ انهن جا جاسوس موجود آهن ، ۽ الله خوب چاڻندڙ آهي ظالمن کي.

[1] تفسير ابن عباس . [2] تفسير جلالين . [3] تفسير جامع البيان .

لَقَدِ ابْتَغَوُا الْفِتْنَةَ مِنْ قَبْلُ وَقَلَّبُوا لَكَ الْاُمُوْرَ حَتّٰى

تحقيق هن کان اڳ ۾ به انهن فتنو پيدا ڪيو ۽ توهان لاءِ خيال هلايا ٿون ايستائين جو

جَآءَ الْحَقُّ وَظَهَرَ اَمْرُ اللّٰهِ وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿۴۸﴾ وَمِنْهُمْ

حق آيو ۽ الله جو حڪم ظاهر ٿيو ۽ اهي ناپسند ڪندڙ آهن ۰ ۽ انهن مان

مَّنْ يَّقُوْلُ ائْذَنْ لِّيْ وَلَا تَفْتِنِّيْ ؕ اَلَا فِي الْفِتْنَةِ

ڪي اهڙا آهن جيڪي چون ٿا ته اسان کي اجازت ڏي ۽ اسان کي فتني ۾ نه وجهه ، خبردار فتني ۾ ته اهي پاڻ

سَقَطُوْا ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌ ۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۹﴾ اِنْ تُصِبْكَ

ڪري پيا ، ۽ بيشڪ جهنم ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي ۰ جيڪڏهن توهان کي نيڪي

حَسَنَةٌ تَسُؤْهُمْ ۚ وَاِنْ تُصِبْكَ مُصِيْبَةٌ يَّقُوْلُوْا قَدْ

پهچي ٿي ته انهن کي ڏک ٿي ٿي ، ۽ جيڪڏهن توهان کي تڪليف پهچي ٿي ، چون ٿا ته بيشڪ اسان پنهنجو

اَخَذْنَاۤ اَمْرَنَا مِنْ قَبْلُ وَيَتَوَلَّوْا وَّهُمْ فَرِحُوْنَ ﴿۵۰﴾

ڪم اڳ ۾ ئي درست ڪري ڇڏيو هو ۽ اهي خوشي سان موٽن ٿا (جهاد ۾ شرڪت کان سواءِ)

قُلْ لَّنْ يُّصِيْبَنَاۤ اِلَّا مَا كَتَبَ اللّٰهُ لَنَا ۚ هُوَ مَوْلٰىنَا ۚ

رسولِ عربي توهان فرمايو هرگز اسان کي ڪا تڪليف نه ٿي پهچي ، سواءِ اُن جي جيڪا الله اسانجي تقدير ۾ لکي آهي ، الله اسانجو مددگار آهي ،

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۱﴾ قُلْ هَلْ تَرَبَّصُوْنَ

الله تعالىٰ ئي مؤمنن کي توڪل ڪرڻ گهرجي ۰ رسولِ عربي توهان فرمايو ته انتظار ڪريو توهان اسان لاءِ

بِنَاۤ اِلَّاۤ اِحْدَى الْحُسْنَيَيْنِ ؕ وَنَحْنُ نَتَرَبَّصُ بِكُمْ

سواءِ هن ٻنهي ۾ مان هڪ جي (فتح يا شهادت) ، ۽ اسين (مسلمان) توهان لاءِ الله جي عذاب

اَنْ يُّصِيْبَكُمُ اللّٰهُ بِعَذَابٍ مِّنْ عِنْدِهٖۤ اَوْ بِاَيْدِيْنَا ۚ

جو انتظار ڪريون ٿا جيڪو الله تعالىٰ توهان کي پاڻ ڪندو يا اسان جي هٿان ڪرائيندو ،

له تفسير جامع البيان . ٢ تفسير جلالين . ٣ تفسير جامع البيان وجلالين .

فَتَرَبَّصُوْٓا اِنَّا مَعَكُمْ مُّتَرَبِّصُوْنَ ﴿٥٢﴾ قُلْ اَنْفِقُوْا طَوْعًا

پوءِ توهان انتظار ڪريو بيشڪ اسان به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيون. رسول عربي توهان فرمايو اهي خوشيءَ سان

اَوْ كَرْهًا لَّنْ يُّتَقَبَّلَ مِنْكُمْ ؕ اِنَّكُمْ كُنْتُمْ قَوْمًا

يا ناخوشيءَ سان خرچ ڪن ليڪن هرگز انهن جو خرچ ڪرڻ) قبول نه ڪيو ويندو. (ان لاءِ ته) بيشڪ اها گنهگار

فٰسِقِيْنَ ﴿٥٣﴾ وَمَا مَنَعَهُمْ اَنْ تُقْبَلَ مِنْهُمْ نَفَقٰتُهُمْ اِلَّآ

قوم آهي. ۽ خرچ قبول نه ٿيڻ جو سبب هي آهي ته

اَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَبِرَسُوْلِهٖ وَلَا يَاْتُوْنَ الصَّلٰوةَ

بيشڪ انهن الله ۽ الله جي رسول جو انڪار ڪيو ۽ اهي نه تا ادا ڪن نماز

اِلَّا وَهُمْ كُسَالٰى وَلَا يُنْفِقُوْنَ اِلَّا وَهُمْ كٰرِهُوْنَ ﴿٥٤﴾

مگر سستيءَ سان ۽ نه تا خرچ ڪن اهي (الله جي راهه ۾) مگر مجبوريءَ کان.

فَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُعَذِّبَهُمْ

پوءِ توهان کي عجب ۾ وجهي سندن مال ۽ اولاد جي گهڻائي، ۽ الله ارادو فرمائي ٿو ته انهن (ڪافرن) کي

بِهَا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٥٥﴾

سندن مال ۽ اولاد ذريعي دنيا جي حياتيءَ ۾ عذاب[1] چکائي[2] ڇوته اهي ڪفر ڪندڙ آهن.

وَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ اِنَّهُمْ لَمِنْكُمْ ؕ وَمَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلٰكِنَّهُمْ

۽ الله جا قسم کٽن ٿا ته بيشڪ اهي (ڪافر) توهان (مسلمانن) مان آهن، حالانڪ اهي توهان مان ناهن پر اهي

قَوْمٌ يَّفْرَقُوْنَ ﴿٥٦﴾ لَوْ يَجِدُوْنَ مَلْجَاً اَوْ مَغٰرٰتٍ اَوْ مُدَّخَلًا

بزدل ماڻهو آهن. جيڪڏهن انهن کي پناهه جي جاءِ، يا غار، يا لڪڻ جي جاءِ ملين ته

لَّوَلَّوْا اِلَيْهِ وَهُمْ يَجْمَحُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّلْمِزُكَ

اوڏانهن ڇڪ ۾ اهي دير ئي نه تا ڪن. ۽ انهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي توهان تي

[1] تفسير ابن عباس. [2] تفسير جامع البيان.

فِي الصَّدَقٰتِ ۚ فَاِنْ اُعْطُوْا مِنْهَا رَضُوْا وَاِنْ لَّمْ يُعْطَوْا

مال غنيمت جي تقسيم ۾ الزام هڻن ٿا، پوءِ جيڪڏهن کين مال غنيمت ڏجي تہ راضي ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن نہ ڏجي تہ تو ويري تہ

مِنْهَآ اِذَا هُمْ يَسْخَطُوْنَ ﴿٥٨﴾ وَلَوْ اَنَّهُمْ رَضُوْا مَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ

ان وقت اهي (توهان کان) ناراض ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن اهي راضي ٿين ها جيڪو الله ۽ الله جي رسول انهن کي

وَرَسُوْلُهٗ ۙ وَقَالُوْا حَسْبُنَا اللّٰهُ سَيُؤْتِيْنَا اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ

عطا ڪيو، ۽ ائين چون ها تہ الله اسان لاءِ ڪافي آهي، جلد ئي اسان کي الله ۽ الله جو رسول پنهنجي

وَرَسُوْلُهٗٓ ۙ اِنَّآ اِلَى اللّٰهِ رٰغِبُوْنَ ﴿٥٩﴾ اِنَّمَا الصَّدَقٰتُ لِلْفُقَرَآءِ ع ٧

فضل سان عطا ڪندو، بيشڪ اسان الله سان محبت رکندڙ آهيون. زڪوات جا حقدار تہ فقير آهن

وَالْمَسٰكِيْنِ وَالْعٰمِلِيْنَ عَلَيْهَا وَالْمُؤَلَّفَةِ قُلُوْبُهُمْ وَفِي

۽ مسڪين آهن ۽ عاملن تي زڪوات آهن ۽ اسلام ڏانهن رغبت ڪندڙ آهن ۽ بانها

الرِّقَابِ وَالْغٰرِمِيْنَ وَفِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۭ فَرِيْضَةً

آهن ۽ قرضي آهن ۽ مجاهد آهن ۽ مسافر آهن، اهي (مانهو) مقرر ڪيل آهن

مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٦٠﴾ وَمِنْهُمُ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ

الله جي طرفان، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ ڪي مانهو الله جي رسول کي ايذائن ٿا

النَّبِيَّ وَيَقُوْلُوْنَ هُوَ اُذُنٌ ۭ قُلْ اُذُنُ خَيْرٍ لَّكُمْ يُؤْمِنُ

۽ چون ٿا تہ رسول عربي هر گالهہ کي تسليم ڪري ٿو، توهان فرمايو گالهہ تسليم ڪرڻ توهان لاءِ بهتر آهي، رسول عربي

بِاللّٰهِ وَيُؤْمِنُ لِلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ صحابہ ڪرام تي يقين ڪري ٿو ۽ باڪ ڪري ٿو توهان مان مؤمنن لاءِ

مِنْكُمْ ۭ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٦١﴾

رحمت آهن، ۽ جيڪي مانهو الله جي رسول کي ايذائن ٿا انهن لاءِ درد ناڪ عذاب آهي.

له تفسير جلالين. ٢ تفسير بيضاوي. ٣ تفسير مظهري. ٤ تفسير مظهري. ٥ تفسير مظهري.

يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ لِيُرْضُوْكُمْ ۚ وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَحَقُّ اَنْ

اهي (منافق) الله جا قسم کڻي توهان کي راضي کن ٿا، ۽ الله ۽ الله جو رسول وڌيڪ حقدار آهي

يُّرْضُوْهُ اِنْ كَانُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ يَعْلَمُوْۤا اَنَّهٗ مَنْ يُّحَادِدِ

جوان کي راضي کن جيڪڏهن اهي مؤمن آهن. ڇا اهي نٿا ڄاڻن ته بيشڪ جيڪو مائٹو الله ۽

اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاَنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خَالِدًا فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ

الله جي رسول جي بي فرماني ڪري تو ٻوڙ بيشڪ ان لاءِ باهه جهنم جي آهي اُن ۾ هميشه رهندو، اها ئي

الْخِزْيُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٣﴾ يَحْذَرُ الْمُنٰفِقُوْنَ اَنْ تُنَزَّلَ عَلَيْهِمْ

وڏي خواري آهي. منافق ڊڄن ٿا متان انهن لاءِ ڪا سورت نازل ٿئي

سُوْرَةٌ تُنَبِّئُهُمْ بِمَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ ؕ قُلِ اسْتَهْزِءُوْا ۚ اِنَّ اللّٰهَ

جيڪا سندن دل جا راز ظاهر ڪري، رسول عربي توهان فرمايو پلي توهان مذاق ڪريو، بيشڪ الله تعالى

مُخْرِجٌ مَّا تَحْذَرُوْنَ ﴿٦٤﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّمَا

انهي کي ظاهر ڪندڙ آهي جنهن کان توهان ڊڄو ٿا. ۽ جيڪڏهن توهان انهن کان پڇندا ته اهي ضرور چوندا،

كُنَّا نَخُوْضُ وَنَلْعَبُ ؕ قُلْ اَبِاللّٰهِ وَاٰيٰتِهٖ وَرَسُوْلِهٖ كُنْتُمْ

اسين فقط مذاق ۽ رچون ٿا، رسول عربي توهان فرمايو ڇا توهان الله ۽ الله جي قرآن ۽ الله جي

تَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٦٥﴾ لَا تَعْتَذِرُوْا قَدْ كَفَرْتُمْ بَعْدَ اِيْمَانِكُمْ ؕ

رسول سان مذاق ڪري ٿا؟ توهان عذر پيش نه ڪريو، تحقيق توهان ايمان آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو،

اِنْ نَّعْفُ عَنْ طَآئِفَةٍ مِّنْكُمْ نُعَذِّبْ طَآئِفَةً ۢ بِاَنَّهُمْ

جيڪڏهن توهان مان ڪن مائٹن کي اسين معاف ڪريون ته به ڪن مائٹن کي عذاب ڪندا اسين انهي

كَانُوْا مُجْرِمِيْنَ ﴿٦٦﴾ اَلْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ بَعْضُهُمْ

سببان جو بيشڪ اهي ڏوهاري آهن. منافق مرد ۽ منافق عورتون پنهنجا

له تفسير مظهري، ٢ تفسير جلالين. ٣ تفسير بيضاوي و تفسير جلالين. (منزل ٢) ٤ تفسير مظهري.

مِّنۢ بَعۡضٍ ۘ يَأۡمُرُوۡنَ بِالۡمُنۡكَرِ وَيَنۡهَوۡنَ عَنِ

پاڑ ۽ آهن ، (اهي) برن ڪمن جو چون ٿا ۽ ڇڏڻ ڪمن کان

الۡمَعۡرُوۡفِ وَيَقۡبِضُوۡنَ اَيۡدِيَهُمۡ ؕ نَسُوا اللّٰهَ فَنَسِيَهُمۡ ؕ اِنَّ

روکين ٿا ۽ بخيلي ڪن ٿا، انهن (منافقن) الله کي وساريو پوءِ الله انهن کي نظر انداز ڪيو ، بيشڪ

الۡمُنٰفِقِيۡنَ هُمُ الۡفٰسِقُوۡنَ ﴿٦٧﴾ وَعَدَ اللّٰهُ الۡمُنٰفِقِيۡنَ وَ

اهي منافق ئي گنهگار آهن . الله تعالىٰ منافق مردن ۽

الۡمُنٰفِقٰتِ وَالۡكُفَّارَ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا ؕ

منافق عورتون ۽ ڪافرن سان، باهه جهنم جو وعدو ڪيو آهي اهي جهنم ۾ هميشه رهندا

هِىَ حَسۡبُهُمۡ ۚ وَلَعَنَهُمُ اللّٰهُ ۚ وَلَهُمۡ عَذَابٌ مُّقِيۡمٌ ۙ﴿٦٨﴾

جهنم انهن لاءِ ڪافي آهي، ۽ الله لعين پنهنجي رحمت کان پري ڪيو آهي، ۽ انهن لاءِ هميشه جو عذاب آهي.

كَالَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ كَانُوۡۤا اَشَدَّ مِنۡكُمۡ قُوَّةً وَّاَكۡثَرَ

يعني انهن ماڻهن وانگر جيڪي انهن کان اڳ ۾ ٿي گذريا جيڪي قوت ۽ مال ۽ اولاد

اَمۡوَالًا وَّاَوۡلَادًا ؕ فَاسۡتَمۡتَعُوۡا بِخَلَاقِهِمۡ فَاسۡتَمۡتَعۡتُمۡ

۾ توهان کان زياده هئا ، پوءِ انهن پنهنجي پاڻ مان فائدو ورتو پوءِ توهان به پنهنجي پاڻ مان

بِخَلَاقِكُمۡ كَمَا اسۡتَمۡتَعَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ بِخَلَاقِهِمۡ

فائدو ورتو جيئن توهان کان اڳين ماڻهن پنهنجي پاڻ مان فائدو ورتو (مطلب ته نيڪي جو ثواب ۽ برائي جو بدلو نه ونڊيو)

وَخُضۡتُمۡ كَالَّذِىۡ خَاضُوۡا ؕ اُولٰٓئِكَ حَبِطَتۡ اَعۡمَالُهُمۡ فِى

۽ توهان به ويا مذاق ڪريو جيئن توهان کان اڳين مذاق ڪيو، انهن ماڻهن جا دنيا ۽ آخرت ۾

الدُّنۡيَا وَالۡاٰخِرَةِ ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿٦٩﴾ اَلَمۡ يَاۡتِهِمۡ

عمل ضايع ٿيا ، ۽ اهي ئي نقصان وارا آهن. ڇا انهن وٽ خبر نه

له تفسير روح المعاني. ٥ تفسير بيضاوي وجلالين وروح المعاني.

نَبَاُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۬ وَ قَوْمِ

پهتي انهن ماڻهن جي جيڪي ڪاڻ اڳ ۾ ٿي گذريا، يعني قوم نوح جي ۽ عاد ۽ ثمود جي ۽ قوم

اِبْرٰهِيْمَ وَاَصْحٰبِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكٰتِ ؕ اَتَتْهُمْ رُسُلُهُمْ

ابراهيم جي ۽ قوم[1] شعيب جي ۽ قوم[2] لوط جي، انهن (سڀني) وٽ سندن

بِالْبَيِّنٰتِ ۚ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

رسولن معجزا آندا، پوءِ الله جو شان ناهي جو انهن تي ظلم ڪري پر اهي پنهنجي نفسن تي پاڻ

يَظْلِمُوْنَ ﴿٧٠﴾ وَالْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَآءُ

ظلم ڪندڙ هئا. ۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون پنهنجا پاڻ ۾ هڪٻئي جا

بَعْضٍ ۘ يَاْمُرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ

خيرخواه آهن، (اهي) چڱن ڪمن جو حڪم ڪن ٿا ۽ ٻرن ڪمن کان روڪين ٿا

وَيُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَيُطِيْعُوْنَ اللّٰهَ

۽ نماز پڙهن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ الله ۽ الله جي رسول جي

وَرَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ سَيَرْحَمُهُمُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٧١﴾

فرمانبرداري ڪن ٿا، انهن مؤمنن تي جلد الله پنهنجي رحم ڪندو، بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي.

وَعَدَ اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

الله تعالىٰ باغن جو وعدو فرمايو مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن سان، جن جي هيٺان

الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ

نهرون وهندا لون اهي انهن ۾ هميشه رهندا، (انهن لاءِ) بهشت جي باغن ۾ بهترين محل هوندا،

وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٧٢﴾

۽ الله جي راضپ (انهن سڀني نعمتن کان) وڏيڪ آهي، اها اها تمام وڏي ڪاميابي آهي.

[1] تفسير بيضاوي وتفسير جلالين. [2] تفسير روح المعاني وتفسير جلالين.

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ

اي رسول عربي توهان كافرن ۽ منافقن سان جهاد كريو ۽ انهن تي سختي كريو،

وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ﴿٧٣﴾ يَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ مَا قَالُوْا ؕ

۽ سندن جاءِ جهنم آهي، ۽ سندن واپسي ٻي جاءِ تمام خراب آهي. الله جو قسم کڻي (منافق) چون ٿا ته اسان ائين نه چيو

وَلَقَدْ قَالُوْا كَلِمَةَ الْكُفْرِ وَكَفَرُوْا بَعْدَ اِسْلَامِهِمْ وَهَمُّوْا

آهي حالانڪ تحقيق انهن ڪفر جو ڪلمو چيو آهي ۽ انهن اسلام آڻڻ کان پوءِ ڪفر ڪيو آهي ۽ انهن اهو ارادو

بِمَا لَمْ يَنَالُوْا ۚ وَمَا نَقَمُوْٓا اِلَّآ اَنْ اَغْنٰىهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ مِنْ

ڪيو جنهن کي پورو ڪري نه سگهيا. الله ۽ الله جي رسول انهن کي مال غنيمت سان غني ڪيو ان کي اهي عيب

فَضْلِهٖ ۚ فَاِنْ يَّتُوْبُوْا يَكُ خَيْرًا لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّتَوَلَّوْا

نه سمجهن، پوءِ جيڪڏهن اهي توبه تائب ٿين ته انهن لاءِ بهتر آهي، ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرائين تا

يُعَذِّبْهُمُ اللّٰهُ عَذَابًا اَلِيْمًا ۙ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ ۚ وَمَا لَهُمْ

ته الله تعالىٰ دُنياءِ آخرت ۾ انهن تي درد ناڪ عذاب ڪندو، ۽ انهن لاءِ

فِى الْاَرْضِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿٧٤﴾ وَمِنْهُمْ مَّنْ عٰهَدَ اللّٰهَ لَئِنْ

زمين ۾ ڪو به حمايتي ۽ مدد گار ناهي. ۽ انهن مان ڪجهه اهڙا به آهن جن الله سان وعدو ڪيو ته

اٰتٰىنَا مِنْ فَضْلِهٖ لَنَصَّدَّقَنَّ وَلَنَكُوْنَنَّ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ ﴿٧٥﴾

جيڪڏهن اسان کي الله پنهنجي فضل سان (رزق) ڏنو تاسين ضرور خيرات ڪندا سين ۽ ضرور اسين صالحن مان ٿينداسين.

فَلَمَّآ اٰتٰىهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ بَخِلُوْا بِهٖ وَتَوَلَّوْا وَّهُمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿٧٦﴾

پوءِ جڏهن الله انهن کي پنهنجي فضل سان نوازيو ته انهن بخل ڪيو ۽ منهن موڙي انڪار ڪيائون.

فَاَعْقَبَهُمْ نِفَاقًا فِىْ قُلُوْبِهِمْ اِلٰى يَوْمِ يَلْقَوْنَهٗ بِمَآ

پوءِ الله قيامت تائين انهن جي دلين ۾ منافقي ۽ ڏڪ انهي سبب

اَخْلَفُوا اللّٰهَ مَا وَعَدُوْهُ وَبِمَا كَانُوْا يَكْذِبُوْنَ ﴿٧٧﴾ اَلَمْ

جو انهن الله سان كيل وعدي جي مخالفت كئي ۽ انهي سبب جو كر ڙ ڪالهايئندا هئا ۔ چا اهي نه ڄاڻن

يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ سِرَّهُمْ وَنَجْوٰىهُمْ وَاَنَّ اللّٰهَ عَلَّامُ

ڄاڻن ته بيشڪ الله سندن ظاهري ۽ باطني ڳالهيون ڄاڻي ٿو ۽ بيشڪ الله غيب جي ڳالهين کي خوب

الْغُيُوْبِ ﴿٧٨﴾ اَلَّذِيْنَ يَلْمِزُوْنَ الْمُطَّوِّعِيْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

ڄاڻندڙ آهي ۔ اهي ماڻهو جيڪي مؤمنن ۾ سندن کيل خيراتن ۾ الزام

فِي الصَّدَقٰتِ وَالَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ اِلَّا جُهْدَهُمْ

هڻن ٿا حالانڪ مؤمنن وٽ جي ڪوشش سان انهي (ملڪيت کي) حاصل ڪيو

فَيَسْخَرُوْنَ مِنْهُمْ ۙ سَخِرَ اللّٰهُ مِنْهُمْ ۖ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٩﴾

پوءِ اهي (منافق) مؤمنن سان مذاق ڪن ٿا، الله انهن کي مذاق جي جزا ڏيندو ۽ انهن لاءِ سخت عذاب آهي.

اِسْتَغْفِرْ لَهُمْ اَوْ لَا تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ۚ اِنْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ سَبْعِيْنَ مَرَّةً

توهان انهن (منافقن) لاءِ بخشش طلب ڪريو يا نه ڪريو، جيڪڏهن توهان انهن لاءِ ستر دفعا بخشش طلب ڪندا

فَلَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ۭ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ۭ وَاللّٰهُ

تہ الله انهن کي بخش نه ڪندو، بخشش نه ٿيڻ جو سبب هي آهي ته بيشڪ انهن الله ۽ الله جي رسول جو انڪار ڪيو ۽ الله

لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٨٠﴾ فَرِحَ الْمُخَلَّفُوْنَ بِمَقْعَدِهِمْ ع ۱۲ ۱۰

گنهگار قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي ۔ اهي پوئتي رهندڙ (جنگ تبوڪ کان) خوش ٿيا جو

خِلٰفَ رَسُوْلِ اللّٰهِ وَكَرِهُوْٓا اَنْ يُّجَاهِدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ

اهي رسول عربي سان جهاد ۾ شريڪ نه ٿيا ۽ انهن کي الله جي راهه ۾ پنهنجي مالن ۽ نفسن سان جهاد

فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَقَالُوْا لَا تَنْفِرُوْا فِي الْحَرِّ ۭ قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ

ڪرڻ نه ٿو وڻي ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي چون ٿا ته گرمي ۾ (جهاد لاءِ) نه نڪرو، رسول عربي توهان فرمايو ته جهنم جي باهه

له تفسير بيضاوي وتفسير جلالين. ٿه مطلب ته الله جي طرفان رسول عربي (في منزل ٢) جي دشمن لاءِ ڪابه معافي ناهي ۔ مترجم.

ٿه تفسير جلالين. ٿه تفسير جلالين.

حَرًّا ؕ لَوْ كَانُوْا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨١﴾ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّلْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ

تمام گھٹي گرم آهي، ڪاش اهي سمجهن ها. پوءِ انهن کي گهرجي ٿورڙو کلن ۽ گهڻو روئن ،

جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَاِنْ رَّجَعَكَ اللّٰهُ اِلٰى طَآئِفَةٍ

اهاسندن بد اعمالي جي جزا آهي - پوءِ جيڪڏهن اي حبيب، الله توهان کي انهن مان ڪنهن ڏانهي

مِّنْهُمْ فَاسْتَاْذَنُوْكَ لِلْخُرُوْجِ فَقُلْ لَّنْ تَخْرُجُوْا مَعِيَ اَبَدًا

ڦانهن واپس ڪري، پوءِ اهي توهان ڏانهن جهاد لاءِ هلڻ جي اجازت وٺن، پوءِ توهان فرمايو، توهان ڪڏهن به مون ڏانهن گڏجي لاءِ نه هلو

وَّلَنْ تُقَاتِلُوْا مَعِيَ عَدُوًّا ؕ اِنَّكُمْ رَضِيْتُمْ بِالْقُعُوْدِ اَوَّلَ مَرَّةٍ

۽ توهان ڪڏهن به مون ڏانهن گڏ دشمن کي قتل نه ڪريو، بيشڪ توهان ويهڻ لاءِ پهرين دفعي به راضي ٿيا

فَاقْعُدُوْا مَعَ الْخٰلِفِيْنَ ﴿٨٣﴾ وَلَا تُصَلِّ عَلٰٓى اَحَدٍ مِّنْهُمْ مَّاتَ اَبَدًا

پوءِ (هاڻي ب) توهان پارن ۽ زالن ۾ معذورن ڏانهن گڏ ويهي رهو، ۽ توهان اي رسول عربي ڪڏهن به انهن مان ڪنهن جي نماز جنازه نه پڙهو

وَّلَا تَقُمْ عَلٰى قَبْرِهٖ ؕ اِنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَمَاتُوْا وَهُمْ

۽ نه ڪنهن جي قبر تي (بخشش لاءِ) بيهو، بيشڪ انهن الله ۽ الله جي رسول جو انڪار ڪيو، ۽ انهي حالت ۾ مئا

فٰسِقُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَلَا تُعْجِبْكَ اَمْوَالُهُمْ وَاَوْلَادُهُمْ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ

جو هي فاسق ڪافر هئا. پوءِ توهان کي انهن جا مال ۽ اولاد حيرت ۾ نه وجهن، الله تعالى ارادو فرمايو ته

اَنْ يُّعَذِّبَهُمْ بِهَا فِي الدُّنْيَا وَتَزْهَقَ اَنْفُسُهُمْ وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ وَاِذَآ

ڇو ڪين انهن سان عذاب ڪري دنيا ۾ ۽ سندن ساهه ڪفر جي حالت ۾ نڪرندو ۽ جڏهن

اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ اَنْ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَجَاهِدُوْا مَعَ رَسُوْلِهِ اسْتَاْذَنَكَ

سورة نازل ڪئي وئي ته الله تعالى تي ايمان آڻيو ۽ سندن پياري حبيب سان گڏ جهاد ڪريو ته انهن مان وڏا

اُولُوا الطَّوْلِ مِنْهُمْ وَقَالُوْا ذَرْنَا نَكُنْ مَّعَ الْقٰعِدِيْنَ ﴿٨٦﴾

مالڪ توهان کان اجازت وٺن ٿا ۽ (ائين) چون ٿا ته اسان کي عورتن، پارن ۽ معذورن سان گڏ ڇڏي ڏيو.

له تفسير روح المعاني وتفسير بيضاوي وتفسير جلالين. (منزل ٢) ٢ تفسير روح المعاني. ٣ تفسير جلالين.

رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا مَعَ الْخَوَالِفِ وَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ

اهي گهرمر ويهندڙن سان گڏ ويهڻ تي راضي ٿيا ۽ انهي سببان سندن دلين تي مُهر لڳائي وئي پوءِ اهي

لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٨٧﴾ لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ

سمجهه نٿا سمجهن، پر الله جي رسول جهاد ڪئي ۽ صحابه ڪرام به پاڻ کانپوءِ سان گڏ

جٰهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ ۚ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمُ الْخَيْرٰتُ ۫

پنهنجن مالن ۽ نفسن سان جهاد ڪئي ، ۽ اهي اُهي آهن جن لاءِ دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو آهي ،

وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨٨﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ

۽ اهي ئي ڪامياب آهن . الله تعالىٰ انهن لاءِ باغ تيار ڪيا آهن جن جي هيٺان

تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٨٩﴾ وَجَاۗءَ

نهرون وهن ٿيون، اهي هميشه بهشت ۾ هوندا، اها تمام وڏي ڪاميابي آهي . ۽ ٻهلائيندڙ

الْمُعَذِّرُوْنَ مِنَ الْاَعْرَابِ لِيُؤْذَنَ لَهُمْ وَقَعَدَ الَّذِيْنَ

بهراڙي جا ماڻهو انهي لاءِ آيا ته انهن کي (جهاد نه ڪرڻ جي) اجازت ڏني وڃي ۽ جهاد کان اهي ماڻهو ويٺا جن

كَذَبُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ سَيُصِيْبُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْهُمْ

الله ۽ الله جي رسول کي ڪوڙو سمجهيو ، انهن ڪفر ڪندڙن کي جلدي دردناڪ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٩٠﴾ لَيْسَ عَلَى الضُّعَفَاۗءِ وَلَا عَلَى الْمَرْضٰى وَلَا

عذاب پهچندو . ضعيفن ۽ مريضن ۽ مسڪينن

عَلَي الَّذِيْنَ لَا يَجِدُوْنَ مَا يُنْفِقُوْنَ حَرَجٌ اِذَا نَصَحُوْا لِلّٰهِ

تي ڪو ڏوهه ڪونهي (انهن کي جهاد ۾ شرڪت نه ڪرڻ جي ميار ناهي) جڏهن ته اهي الله ۽ الله جي رسول

وَرَسُوْلِهٖ ۭ مَا عَلَى الْمُحْسِنِيْنَ مِنْ سَبِيْلٍ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩١﴾

جو حڪم مڃن ٿا، (۽ اهڙن) نيڪوڪارن تي ڪابه پڪڙ ناهي، ۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي.

لہ تفسیر روح المعانی . ٢ تفسیر روح المعانی و تفسیر لاہوری .

وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ

ءِ انهن مانهن تي ڪوبه ڏوهه ناهي جيڪي توهان کان اچي (جهاد لاءِ) سواري طلب ڪن ٿا توهان انهن کي فرمايو ٿا ته مون

مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۖ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ

وٽ (جهاد لاءِ) سواري جوبندوبست ناهي، (پوءِ اهي مانهو) توهان وٽان واپس ٿين ٿا ءِ مسڪيني جي

حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ

ارمان سببان سندن اکين مان ڳوڙها وهن ٿا. پڪڙ ته فقط انهن مانهن تي آهي جيڪي

يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا

توهان کان اجازت طلب ڪن ٿا حالانڪ اهي شاهوڪار آهن، انهن کي ويٺي ٽوٽ ته اهي پوئتي رهندڙن

مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٣﴾

سان گڏ رهن ، ءِ الله تعالىٰ انهن جي دلين تي مُهر هنئي (آهي) پوءِ اهي نه ٿا سمجهن.

الجزء ١١

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ۭ قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا

اهي منافق توهان وٽ عذر پيش ڪندا، جڏهن توهان (جهاد تان) انهن ڏانهن موٽندا، رسول عربي توهان کي فرمايو ته توهان کوڙ اعذر

لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ۭ وَسَيَرَى اللّٰهُ

پيش نه ڪريو، اسين ڪڏهن به توهان کي سچو نه ٿا سمجهون، بيشڪ الله تعالىٰ توهان جون خبرون اسان کي ٻڌايون آهن، ءِ عن قريب الله تعالىٰ

عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ

ءِ الله جو رسول توهان جا عمل ڏسندا، ان کان پوءِ توهان کي الله تعالىٰ ڏانهن موٽايو ويندو، پوءِ اهو

فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ

توهان کي توهان جي عملن جي جُڙا ڏيندو . جڏهن توهان (مؤمن) جهاد تان موتندا تہ فوراً

اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ ۭ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ۭ اِنَّهُمْ

اهي (منافق) الله جو قسم کڻندا ان لاءِ ته توهان انهن جو نالو نه وٺو، پوءِ توهان انهن کان پاسو ڪريو، بيشڪ اهي

لہ تفسير روح المعاني . ٢ تفسير ابن كثير البيان . ٣ تفسير روح المعاني وتفسير (منزل ٢) جلالين . ٤ تفسير نسفي وتفسير بيضاوي . ٥ تفسير جلالين . ٦ تفسير مظهري .

وَّلَا عَلَى الَّذِيْنَ اِذَا مَآ اَتَوْكَ لِتَحْمِلَهُمْ قُلْتَ لَآ اَجِدُ

ءِ انهن مانهن تي ڪوبه ڏوهه ناهي جيڪي توهان کان اچي (جهاد لاءِ) سواري طلب ڪن ٿا توهان انهن کي فرمايو ٿا ته مون

مَآ اَحْمِلُكُمْ عَلَيْهِ ۖ تَوَلَّوْا وَّاَعْيُنُهُمْ تَفِيْضُ مِنَ الدَّمْعِ

وٽ (جهاد لاءِ) سواري جوبندوبست ناهي، (پوءِ اهي مانهو) توهان وٽان واپس ٿين ٿا ءِ مسڪيني جي

حَزَنًا اَلَّا يَجِدُوْا مَا يُنْفِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ

ارمان سببان سندن اکين مان ڳوڙها وهن ٿا. پڪڙ ته فقط انهن مانهن تي آهي جيڪي

يَسْتَاْذِنُوْنَكَ وَهُمْ اَغْنِيَآءُ ۚ رَضُوْا بِاَنْ يَّكُوْنُوْا

توهان کان اجازت طلب ڪن ٿا حالانڪ اهي شاهوڪار آهن، انهن کي ويٺي ٽوٽ ته اهي پوئتي رهندڙن

مَعَ الْخَوَالِفِ ۙ وَطَبَعَ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٩٣﴾

سان گڏ رهن ، ءِ الله تعالىٰ انهن جي دلين تي مُهر هنئي (آهي) پوءِ اهي نه ٿا سمجهن.

الجزء ١١

يَعْتَذِرُوْنَ اِلَيْكُمْ اِذَا رَجَعْتُمْ اِلَيْهِمْ ۭ قُلْ لَّا تَعْتَذِرُوْا

اهي منافق توهان وٽ عذر پيش ڪندا، جڏهن توهان (جهاد تان) انهن ڏانهن موٽندا، رسول عربي توهان کي فرمايو ته توهان کوڙ اعذر

لَنْ نُّؤْمِنَ لَكُمْ قَدْ نَبَّاَنَا اللّٰهُ مِنْ اَخْبَارِكُمْ ۭ وَسَيَرَى اللّٰهُ

پيش نه ڪريو، اسين ڪڏهن به توهان کي سچو نه ٿا سمجهون، بيشڪ الله تعالىٰ توهان جون خبرون اسان کي ٻڌايون آهن، ءِ عن قريب الله تعالىٰ

عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ

ءِ الله جو رسول توهان جا عمل ڏسندا، ان کان پوءِ توهان کي الله تعالىٰ ڏانهن موٽايو ويندو، پوءِ اهو

فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٤﴾ سَيَحْلِفُوْنَ بِاللّٰهِ لَكُمْ

توهان کي توهان جي عملن جي جُڙا ڏيندو . جڏهن توهان (مؤمن) جهاد تان موتندا تہ فوراً

اِذَا انْقَلَبْتُمْ اِلَيْهِمْ لِتُعْرِضُوْا عَنْهُمْ ۭ فَاَعْرِضُوْا عَنْهُمْ ۭ اِنَّهُمْ

اهي (منافق) الله جو قسم کڻندا ان لاءِ ته توهان انهن جو نالو نه وٺو، پوءِ توهان انهن کان پاسو ڪريو، بيشڪ اهي

لہ تفسير روح المعاني . ٢ تفسير ابن كثير البيان . ٣ تفسير روح المعاني وتفسير (منزل ٢) جلالين . ٤ تفسير نسفي وتفسير بيضاوي . ٥ تفسير جلالين . ٦ تفسير مظهري .

رِجْسٌ وَّ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿٩٥﴾

پليد آهن، ۽ سندن جاءِ جهنم آهي . اها سندن بداعمالين جي جزا آهي .

يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ لِتَرْضَوْا عَنْهُمْ ۚ فَاِنْ تَرْضَوْا عَنْهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ

اهي توهان کي راضي ڪرڻ لاءِ قسم کڻن ٿا. پوءِ جيڪڏهن (بالفرض) توهان انهن کان راضي ٿي پيا تڏهن به

لَا يَرْضٰى عَنِ الْقَوْمِ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٩٦﴾ اَلْاَعْرَابُ اَشَدُّ كُفْرًا

الله تعالىٰ گنهگار قوم کان راضي نه ٿيندو . بهڑارين جا ماڻهو ڪفر ۽ منافقي ۾ زياده

وَّ نِفَاقًا وَّ اَجْدَرُ اَلَّا يَعْلَمُوْا حُدُوْدَ مَاۤ اَنْزَلَ اللّٰهُ عَلٰى

سخت آهن ۽ اهي شرعي احڪامن کان گهٽون بي خبر آهن

رَسُوْلِهٖ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٩٧﴾ وَ مِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ يَّتَّخِذُ

۽ الله تعالىٰ ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي . ۽ڪي بهڑارين جا ماڻهو الله جي راهه ۾

مَا يُنْفِقُ مَغْرَمًا وَّ يَتَرَبَّصُ بِكُمُ الدَّوَآئِرَ ؕ عَلَيْهِمْ

خرچ ڪرڻ کي چٽي ۽ نقصان سمجهن ٿا ۽ اهي توهان لاءِ مصيبت جو انتظار ڪن ٿا ، مصيبت

دَآئِرَةُ السَّوْءِ ؕ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿٩٨﴾ وَ مِنَ الْاَعْرَابِ مَنْ

انهن تي ايندي ، ۽ الله بڌندڙ ڄاڻندڙ آهي . ۽ڪي بهڑارين جا ماڻهو اهي آهن

يُّؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَ الْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ يَتَّخِذُ مَا يُنْفِقُ قُرُبٰتٍ

جيڪي الله تعالىٰ ۽ قيامت تي ايمان رکن ٿا ۽ جيڪي ڪجهه خرچ ڪن ٿا اُن کي الله جي رضامندي

عِنْدَ اللّٰهِ وَ صَلَوٰتِ الرَّسُوْلِ ؕ اَلَاۤ اِنَّهَا قُرْبَةٌ لَّهُمْ ؕ

۽ رسول عربيءَ جي دُعا خاطر خرچ ڪن ٿا. خبردار بيشڪ اها (خيرات) سندن لاءِ باعث ثواب آهي .

سَيُدْخِلُهُمُ اللّٰهُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٩٩﴾

الله تعالىٰ جلدي انهن کي ٣ بهشت ۾ داخل ڪندو. بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ مهربان آهي .

ع ١٠

١ تفسير بيضاوي وتفسير جلالين وتفسير النسفي . ٢ تفسير النسفي وتفسير جلالين . ٣ تفسير جلالين .

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ

ءِ مهاجرن ءِ انصارن مان سڀ کان پهريان (اصحابي) جن ايمان آندو ءِ جن ماڻهن

اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ ۙ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ

نيڪيءَ جي ڪمن ۾ انهن جي پيروي ڪئي (قيامت تائين) الله انهن کان راضي ٿيو ءِ اهي الله کان راضي ٿيا ءِ الله انهن

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ ذٰلِكَ الْفَوْزُ

لاءِ باغ تيار ڪيا آهن جنهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون اهي بهشت ۾ هميشه هميشه رهندا. اهائي تمام وڏي

الْعَظِيْمُ ١٠٠ وَمِمَّنْ حَوْلَكُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ مُنٰفِقُوْنَ ۛ وَمِنْ

ڪاميابي آهي. ءِ توهان جي آس پاس ۾ هراڙيءَ جي ماڻهن مان ڪي منافق آهن ءِ ڪي منافق

اَهْلِ الْمَدِيْنَةِ ۛ مَرَدُوْا عَلَي النِّفَاقِ ۡ لَا تَعْلَمُهُمْ ۭ نَحْنُ

مدينه طيبه ۾ به رهن ٿا، جيڪي هر وقت منافقي ڪن ٿا، توهان (هن وقت تائين) انهن کي نٿا ڄاڻو، اسين

نَعْلَمُهُمْ ۭ سَنُعَذِّبُهُمْ مَّرَّتَيْنِ ثُمَّ يُرَدُّوْنَ اِلٰى عَذَابٍ

انهن کي ڄاڻون ٿا: اسين جلدي انهن تي گهٽو عذاب ڪنداسين ان کان پوءِ جهنم ڏانهن

عَظِيْمٍ ١٠١ ۚ وَاٰخَرُوْنَ اعْتَرَفُوْا بِذُنُوْبِهِمْ خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا

موڪلايو ويندا. ءِ ٻيا (انهن مان) اهي آهن جيڪي پنهنجا گناهه مڃن ٿا انهن نيڪ عمل به ڪيا آهن

وَّاٰخَرَ سَيِّئًا ۭ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ١٠٢

ءِ بدعمل به ڪيا آهن، الله تعالىٰ جلدي (اعترافڪندڙن جي) توبه قبول ڪندو، بيشڪ الله بخشيندڙ ۽ مهربان آهي.

خُذْ مِنْ اَمْوَالِهِمْ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمْ وَتُزَكِّيْهِمْ بِهَا وَصَلِّ عَلَيْهِمْ ۭ

اي حبيب توهان انهن جي مالن مان زڪوات وٺو توهان زڪوات سان انهن کي پاڪ ءِ صاف ڪريو ءِ توهان انهن لاءِ بخشش گهرو

اِنَّ صَلٰوتَكَ سَكَنٌ لَّهُمْ ۭ وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ١٠٣ اَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ

بيشڪ توهان جي بخشش گهرڻ انهن لاءِ دلي سڪون آهي ءِ الله تعالىٰ ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ڇا اهي نٿا ڄاڻن بيشڪ

وقف منزل

اللّٰهَ هُوَ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَاْخُذُ الصَّدَقٰتِ وَ

اللہ تعالیٰ ئي پنھنجن بانھن جي توبہ قبول فرمائي ٿو ۽ سندن صدقا قبول فرمائي ٿو ۽

اَنَّ اللّٰهَ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١٠٤﴾ وَقُلِ اعْمَلُوْا فَسَيَرَى اللّٰهُ

بيشڪ اللہ تعالیٰ ئي توبہ قبول ڪندڙ ۽ مٽائيندڙ آھي. رسول عربي توھان کي فرمايو تہ (جيڪو چاھيو سو) عمل ڪريو پوءِ جلد ئي اللہ

عَمَلَكُمْ وَرَسُوْلُهٗ وَالْمُؤْمِنُوْنَ ؕ وَسَتُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَ

۽ اللہ جو رسول ۽ مؤمن توھان جا عمل ڏسندا، ۽ جلد ئي توھان کي اللہ تعالیٰ ڄاڻندڙ موتايو

الشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَاٰخَرُوْنَ مُرْجَوْنَ

ويندو پوءِ اھو توھان کي توھان جي عملن جي جزا ڏيندو. ۽ ڪجھ بيا ماڻھو اللہ جي حڪم سان مھلت ڏنا

لِاَمْرِ اللّٰهِ اِمَّا يُعَذِّبُهُمْ وَاِمَّا يَتُوْبُ عَلَيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠٦﴾

ويا آھن يا تہ اللہ انھن ڪي عذاب ڪندو يا انھن جي توبہ قبول ڪندو ۽ اللہ ڄاڻندڙ حڪمت وارو آھي.

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مَسْجِدًا ضِرَارًا وَّكُفْرًا وَّتَفْرِيْقًا بَيْنَ

۽ جن ماڻھن (منافقن) مسجد تيار ڪئي نقصان پھچائڻ لاءِ ۽ ڪفر ڪي طاقت ڏيارڻ لاءِ ۽ مؤمنن جي وچ ۾

الْمُؤْمِنِيْنَ وَاِرْصَادًا لِّمَنْ حَارَبَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ مِنْ قَبْلُ ؕ

جھيڙي پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ ان ماڻھوءَ جي انتظار ۾ آھن جيڪو پھريائين اللہ ۽ اللہ جي رسول جو مخالف آھي،

وَلَيَحْلِفُنَّ اِنْ اَرَدْنَاۤ اِلَّا الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ

۽ اھي منافق ضرور قسم کڻي چوندا تہ (ان مسجد جي تعمير ۾) اسانکي جواراد و ڪيو آھي، ۽ اللہ شاھدي ڏي ٿو تہ اھي

لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٠٧﴾ لَا تَقُمْ فِيْهِ اَبَدًا ؕ لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى

يقيناً ڪوڙا آھن. اي حبيب توھان کي ڪڏھن بہ ان مسجد (ضرار) ۾ نماز نہ پڙھو، يقيناً اھا مسجد (قُبا) جنھن جو بنياد

مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ

پھرئين ڏينھن کان تقويٰ تي رکيو ويو آھي اھا مسجد وڌيڪ بھتر آھي جو توھان ان ۾ نماز پڙھو، ان ۾ اھڙا ماڻھو آھن

لہ تفسیر بیضاوی. کہ تفسیر جلالین. کہ تفسیر ابن عباس. کہ تفسیر روح البیان.

يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ ﴿١٠٨﴾ اَفَمَنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ

جيڪي پاڪائي پسند ڪن ٿا، الله پاڪائي ڪندڙن سان محبت رکي ٿو. ڇا پوءِ جنهن ماڻهو مسجد جو بنياد تقويٰ ۽

عَلٰى تَقْوٰى مِنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٍ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ اَسَّسَ بُنْيَانَهٗ

الله جي رضامندي لاءِ رکيو، اهو بهتر آهي يا اهو ماڻهو بهتر آهي جنهن مسجد جو بنياد هڪ

عَلٰى شَفَا جُرُفٍ هَارٍ فَانْهَارَ بِهٖ فِىْ نَارِ جَهَنَّمَ ؕ وَاللّٰهُ لَا

ڪرندڙ ڪڏ جي ڪناري تي رکيو، پوءِ ٿاهيندڙ سميت اها تعمير جهنم ۾ ڪري پئي، ۽ الله تعالىٰ ظالم

يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٩﴾ لَا يَزَالُ بُنْيَانُهُمُ الَّذِىْ بَنَوْا

قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي. انهن (منافقن) لاءِ هميشه سندن تعميرات سندن دلين ۾

رِيْبَةً فِىْ قُلُوْبِهِمْ اِلَّاۤ اَنْ تَقَطَّعَ قُلُوْبُهُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ

شڪ پيدا ڪندي رهنديون، ايستائين جو سندن دلين ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃن، ۽ الله تعالىٰ ڄاڻندڙ

حَكِيْمٌ ﴿١١٠﴾ اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ

حڪمت وارو آهي. بيشڪ الله تعالىٰ مؤمنن کان سندن جانين ۽ مال خريد ڪيا

بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ ؕ يُقَاتِلُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَيَقْتُلُوْنَ وَ

انهن جي عيوض مؤمنن لاءِ بهشت آهي، (اهي مؤمن) الله جي راهه ۾ جهاد ڪن ٿا پوءِ (ڪافرن) کافرن

يُقْتَلُوْنَ ۖ وَعْدًا عَلَيْهِ حَقًّا فِى التَّوْرٰىةِ وَالْاِنْجِيْلِ

کي قتل ڪن ٿا ۽ (ڪافرن) پاڻ شهيد ٿين ٿا. اهو وعدو الله جو سچو آهي توراة ۽ انجيل

وَالْقُرْاٰنِ ؕ وَمَنْ اَوْفٰى بِعَهْدِهٖ مِنَ اللّٰهِ فَاسْتَبْشِرُوْا

۽ قرآن ۾، ۽ الله تعالىٰ کان وڌيڪ وعدي کي پورو ڪندڙ آهي پوءِ توهان پنهنجي

بِبَيْعِكُمُ الَّذِىْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١١١﴾

واپاري تي خوشي ملهايو جيڪو توهان الله سان ڪيو آهي، ۽ اها اها وڏي ڪاميابي آهي.

ع ١٠

ٿ تفسير روح البيان. ٽ تفسير جلالين.

اَلتَّآئِبُوْنَ الْعٰبِدُوْنَ الْحٰمِدُوْنَ السَّآئِحُوْنَ الرّٰكِعُوْنَ

توبہ کندڙ ، عبادت کندڙ ، تعريف کندڙ ، روزا رکندڙ ، رکوع کندڙ ،

السّٰجِدُوْنَ الْاٰمِرُوْنَ بِالْمَعْرُوْفِ وَالنَّاهُوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ

سجدو کندڙ ، نيڪيءَ جو حڪم کندڙ ۽ برائيءَ کان روکيندڙ

وَالْحٰفِظُوْنَ لِحُدُوْدِ اللّٰهِ ؕ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٢﴾ مَا كَانَ

۽ الله جي حڪمن جي فرمانبرداري کندڙ ۽ توهان (انهن) مؤمنن کي مبارڪ ڏيو . نبي ڪريم ۽

لِلنَّبِيِّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ يَّسْتَغْفِرُوْا لِلْمُشْرِكِيْنَ وَ

مؤمنن کي مناسب ناهي جو مشرڪن لاءِ بخشش طلب ڪن ۽

لَوْ كَانُوْٓا اُولِيْ قُرْبٰى مِنْۢ بَعْدِ مَا تَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُمْ

جيتوڻيڪ اهي (مشرڪ) سندن عزيز هجن ، اُن کان پوءِ جو انهن لاءِ ظاهر ٿيو ته

اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١١٣﴾ وَمَا كَانَ اسْتِغْفَارُ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ

بيشڪ اهي جهنمي آهن . ۽ (حضرت) ابراهيم پنهنجي چاچي (آزر) جي بخشش طلب نه ڪئي هئي

اِلَّا عَنْ مَّوْعِدَةٍ وَّعَدَهَآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا تَبَيَّنَ لَهٗٓ اَنَّهٗ

مگر اُن وعدي موجب جيڪو پاڻ پنهنجي چاچيءَ[1] سان ڪيو هئائون ، پوءِ جڏهن ابراهيم کي ظاهر ٿيو ته سندس

عَدُوٌّ لِّلّٰهِ تَبَرَّاَ مِنْهُ ؕ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَاَوَّاهٌ حَلِيْمٌ ﴿١١٤﴾ وَمَا

چاچو الله جو مخالف آهي ته پوءِ پاڻ اُن کان پاسو ڪيائين ، بيشڪ ابراهيم گهڻي زاريءَ ڪندڙ بردبار هو ۽ الله تعالىٰ

كَانَ اللّٰهُ لِيُضِلَّ قَوْمًاۢ بَعْدَ اِذْ هَدٰىهُمْ حَتّٰى يُبَيِّنَ لَهُمْ

جو شان ناهي جو ڪنهن قوم کي هدايت کان پوءِ گمراهه ڪري ، ايستائين جو انهن لاءِ ظاهر ڪري ته انهن

مَّا يَتَّقُوْنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١١٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَهٗ

ڪهڙي شئي کان پرهيز ڪرڻي آهي ، بيشڪ الله تعالىٰ هر شئي کي ڄاڻندڙ آهي . بيشڪ الله لاءِ آهي

[1] تفسير مظهري ، المغفرة للمشرك في مذهب الفقه .

مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ؕ وَمَا لَكُمْ

بادشاهي آسمانن جي ۽ زمين جي، اُهو جيارين ٿو ۽ اُهو ماري ٿو ، ۽ توهان لاءِ

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿١١٦﴾ لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى

الله تعالىٰ کان سواءِ کوبه حمايتي ۽ مددگار ناهي. بيشڪ الله تعالىٰ هاڃه فرمائي

النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِيْ

رسول عربي ﷺ تي ۽ انهن اصحابن تي جن جهاد وقت رسول عربي ﷺ جي

سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْۢ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ

فرمانبرداري ڪئي، انهن مان ڪجهه ماڻهن جون دليون (عنقريب) ڦرڻ واريون

فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٧﴾ لا

هُيون، پوءِ الله انهن تي به هاڃه ڪئي، بيشڪ الله مؤمنن تي گهڻي شفقت ڪندڙ هاڃهار و آهي.

وَّعَلَى الثَّلٰثَةِ الَّذِيْنَ خُلِّفُوْا ؕ حَتّٰۤى اِذَا ضَاقَتْ عَلَيْهِمُ

۽ (الله تعالىٰ) انهن ٽن (اصحابن) تي به هاڃه فرمائي جيڪي پوئتي رهجي ويا، ايستائين جو زمين پنهنجي

الْاَرْضُ بِمَا رَحُبَتْ وَضَاقَتْ عَلَيْهِمْ اَنْفُسُهُمْ وَظَنُّوْۤا اَنْ لَّا

ڪشادگيءَ جي باوجود انهن تي تنگ ٿي پئي ۽ سندن وجود سندن مٿان گرانيءَ پيا

مَلْجَاَ مِنَ اللّٰهِ اِلَّاۤ اِلَيْهِ ؕ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ لِيَتُوْبُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ

۽ انهن يقين ڪيو ته الله تعالىٰ کان سواءِ ڪابه پناهه جي جاءِ ناهي، پوءِ الله انهن تي هاڃه ڪئي ان لاءِ ته توبه ڪن،

هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿١١٨﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ع ٣ ١٦

بيشڪ الله ئي توبه قبوليندڙ هاڃهار و آهي. اي مؤمنو توهان الله تعالىٰ کان خوف ڪريو ۽ (هر معاملي

كُوْنُوْا مَعَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿١١٩﴾ مَا كَانَ لِاَهْلِ الْمَدِيْنَةِ وَمَنْ

۾) رسول عربي ﷺ ۽ صحابه ڪرام سان گڏ رهو. مدينه منوره جي رهندڙن ۽ اُن جي چوڌاري

ك تفسير جلالين. كه تفسير روح البيان. كو تفسير مظهري.

حَوْلَهُمْ مِّنَ الْاَعْرَابِ اَنْ يَّتَخَلَّفُوْا عَنْ رَّسُوْلِ اللّٰهِ وَ

رهندڙ، ڀرارڙي جي ماڻهن کي مناسب نه هوندو ته (جهاد وقت) رسول عربي کان پوئتي رهجي وڃن ۽

لَا يَرْغَبُوْا بِاَنْفُسِهِمْ عَنْ نَّفْسِهٖ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ لَا يُصِيْبُهُمْ

(ايئن مناسب) نه هوندو پنهنجي جانن کي رسول عربي کان پيارو سمجهن، انهي سببان جو الله جي راهه ۾ جيڪا انهن کي

ظَمَاٌ وَّلَا نَصَبٌ وَّلَا مَخْمَصَةٌ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلَا يَطَـُٔوْنَ

اڃ لڳي ٿي ۽ ٽڪاوٽ ٿئي ٿي ۽ بک لڳي ٿي ۽ انهن جو جيڪو هلڻ

مَوْطِئًا يَّغِيْظُ الْكُفَّارَ وَلَا يَنَالُوْنَ مِنْ عَدُوٍّ نَّيْلًا اِلَّا كُتِبَ

ڪافرن لاءِ ڪاوڙ جو سبب ٿئي ٿو ۽ انهي جيڪو ڪجهه دشمنن جو ٻگاڙن ٿا، انهن سڀني جي عيوض

لَهُمْ بِهٖ عَمَلٌ صَالِحٌ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾

انهن لاءِ نيڪ عمل لکيو وڃي ٿو. بيشڪ الله تعالىٰ نيڪوڪارن جي عملن کي ضايع نه ٿو فرمائي.

وَلَا يُنْفِقُوْنَ نَفَقَةً صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً وَّلَا يَقْطَعُوْنَ

۽ انهي جڏهن (جهاد ۾) ٿورو يا گهڻو خرچ ڪن ٿا، ۽ ڪنهن وادي مان

وَادِيًا اِلَّا كُتِبَ لَهُمْ لِيَجْزِيَهُمُ اللّٰهُ اَحْسَنَ مَا كَانُوْا

لنگهن ٿا ته انهن لاءِ (نيڪي) لکي وڃي ٿي. الله تعالىٰ انهن کي سڀني عمل کان به زياده ثواب عطا

يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢١﴾ وَمَا كَانَ الْمُؤْمِنُوْنَ لِيَنْفِرُوْا كَآفَّةً ؕ فَلَوْلَا نَفَرَ

ڪري ٿو ۽ مؤمنن کي مناسب ناهي جو سڀئي جهاد لاءِ نڪري وڃن، پوءِ ايئن ڇو نٿا ڪن

مِنْ كُلِّ فِرْقَةٍ مِّنْهُمْ طَآئِفَةٌ لِّيَتَفَقَّهُوْا فِي الدِّيْنِ وَ

جو هر قبيلي[1] مان چند ماڻهو نڪرن انهيءَ لاءِ ته فقه جي معلومات حاصل ڪن ۽

لِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ لَعَلَّهُمْ يَحْذَرُوْنَ ﴿١٢٢﴾ ع ٢/١٥

پنهنجي قبيلي کي خوفِ خدا ڏيارين، جڏهن اُهي واپس وٽن پهچن ته مَن اهي (برائي کان) بچن.

[1] تفسير جلالين و تفسير روح البيان. [2] تفسير مظهري. [3] تفسير جلالين.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قَاتِلُوا الَّذِيْنَ يَلُوْنَكُمْ مِّنَ

اي مؤمنو توهان جهاد كريو انهن ماڻهن سان جيكي كافرن مان توهان كي

الْكُفَّارِ وَلْيَجِدُوْا فِيْكُمْ غِلْظَةً ۭ وَاعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

ويجها آهن ۽ پلي اهي توهان ۾ سختي محسوس كن، ۽ توهان يقين كريو بيشڪ الله تعالىٰ پرهيزگارن

مَعَ الْمُتَّقِيْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ سُوْرَةٌ فَمِنْهُمْ مَّنْ

سان گڏ آهي. ۽ جنهن وقت كا، سورة (قرآن كريم جي) نازل ٿئي ٿي پوءِ كي ماڻهو انهن مان

يَّقُوْلُ اَيُّكُمْ زَادَتْهُ هٰذِهٖٓ اِيْمَانًا ۚ فَاَمَّا الَّذِيْنَ

چون ٿا ته چا هي سورة، توهان (مؤمنن) جي ايمان كي زياده كري ٿي؟ پر اُهي ماڻهو جن

اٰمَنُوْا فَزَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿١٢٤﴾ وَاَمَّا

ايمان آندو پوءِ انهن جو ايمان زياده ٿئي ٿو ۽ اهي خوش ٿين ٿا. ۽ پر اُهي ماڻهو

الَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ فَزَادَتْهُمْ رِجْسًا اِلٰى

جن جي دلين ۾ مرض آهي پوءِ اُهي سورتون انهن جي كُفر[1] ۾ واڌارو ڪن

رِجْسِهِمْ وَمَاتُوْا وَهُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿١٢٥﴾ اَوَلَا يَرَوْنَ

ٿيون ۽ اهي كافر ئي مرن ٿا. چا اهي (منافق[2]) نٿا ڏسن

اَنَّهُمْ يُفْتَنُوْنَ فِيْ كُلِّ عَامٍ مَّرَّةً اَوْ مَرَّتَيْنِ ثُمَّ

ته بيشڪ اهي هر سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا آزمائش ۾ گرفتار كيا ويا وڃن ٿا اُن كان

لَا يَتُوْبُوْنَ وَلَا هُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ﴿١٢٦﴾ وَاِذَا مَآ اُنْزِلَتْ

پوءِ به اهي توبه تائب نٿائين ۽ نڪي نصيحت حاصل كن ٿا. ۽ جنهن وقت كا سورة نازل

سُوْرَةٌ نَّظَرَ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ ۭ هَلْ يَرٰىكُمْ مِّنْ اَحَدٍ

كئي وڃي ٿي تا اُهي هڪ ٻئي كي ڏسي چون ٿا ته چا مسلمان اسان مان كنهن كي ڏسي ته نه رهيا آهن

[1] تفسير روح البيان، [2] تفسير روح البيان.

ثُمَّ انْصَرَفُوا ؕ صَرَفَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا

پوءِ (مذاق ڪري) اهي موڙي ويڙهن ٿا، الله تعالىٰ انهن جون دليون ڦيرائي ڇڏيون آهن انهيءَ سبب جو بيشڪ اهي قوم آهي

يَفْقَهُوْنَ ﴿١٢٧﴾ لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ

جيڪا نه سمجهي. بيشڪ تحقيق توهان وٽ، توهان مان رسول عربي تشريف فرما ٿيو، توهان جو تڪليف

عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ

۾ پوڻ، رسول عربيءَ کي ڏکيو لڳي ٿو، توهان جي پلائيءَ طلب ڪندڙ، مؤمنن تي ڪمال درجي جا مهربان

رَّحِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ فَاِنْ تَوَلَّوْا فَقُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ۖ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ

۽ ڀاڄائي آهن. پوءِ جيڪڏهن (ايمان نه) اهي ايمان نٿا آڻن پوءِ توهان فرمايو مون لاءِ الله ڪافي آهي، نه آهي ڪو معبود مگر اهو

عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَهُوَ رَبُّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ ﴿١٢٩﴾

اُن تي مون توڪل ڪيو آهي ۽ اهوئي عرش عظيم جو رب آهي.

اٰيَاتُهَا ١٠٩ (١٠) سُوْرَةُ يُوْنُسَ مَكِّيَّةٌ (٥١) رُكُوْعَاتُهَا ١١

سورة يونس مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ١١ رڪوع ۽ ١٠٩ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ ڀاڄائي (آهي).

الٓرٰ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ اَكَانَ لِلنَّاسِ عَجَبًا اَنْ اَوْحَيْنَاۤ

الٓرٰ. اهي حڪمت سان پريل قرآن ڪريم جون آيتون آهن. ڇا عرب جي ڪافرن کي عجب ٿيو ته اسان رسول عربيءَ

اِلٰى رَجُلٍ مِّنْهُمْ اَنْ اَنْذِرِ النَّاسَ وَبَشِّرِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اَنَّ لَهُمْ قَدَمَ

تي وحي موڪلي جيڪو انهن ۾ ٿائي آهي، ان لاءِ ته ماڻهن کي ڊيڃاري ۽ مبارڪ ڏي مؤمنن کي ته بيشڪ انهن لاءِ

صِدْقٍ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ قَالَ الْكٰفِرُوْنَ اِنَّ هٰذٰى لَسٰحِرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢﴾

سندن رب وٽ وڏو درجو آهي. (معجزا ڏسي) ڪافرن چيو بيشڪ هيءُ صاف جادوگر آهي.

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

المنزل ٣ ٥ ٤٣ ٢

لے تفسير مظهري و تفسير روح المعاني. ٢ تفسير روح البيان. ٣ هي حروف مقطعات (منزل ٣) آهن جن جو علم الله ۽ الله جي رسول ۽ الله وٽ ئي آهي. تفسير روح البيان.
٤ ۽ ٥ تفسير روح المعاني. ٦ تفسير جلالين. ٧ تفسير مظهري.

إِنَّ رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِي خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضَ فِي سِتَّةِ أَيَّامٍ

بيشڪ ربُّ توهان جو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايو

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ يُدَبِّرُ الْأَمْرَ مَا مِنْ شَفِيعٍ إِلَّا مِنْ بَعْدِ

ان کانپوءِ عرش عظيم تي رونق افروز ٿيو جيئن سندس شان ۾ آهي) اُهوئي (ڪائنات جي هر ڪم جي) تدبير ڪري ٿو. ڪو سندس اجازت کان

إِذْنِهِ ۚ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ فَاعْبُدُوهُ ۚ أَفَلَا تَذَكَّرُونَ ﴿٣﴾ إِلَيْهِ

سواءِ سفارش نٿو ڪري، توهان جو اهوئي رب آهي، پوءِ توهان اُن جي عبادت ڪريو، ڇا پوءِ توهان غور نٿا ڪريو. توهان سڀني

مَرْجِعُكُمْ جَمِيعًا ۖ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ۚ إِنَّهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيدُهُ

کي اُن ڏانهن موٽڻو آهي، الله جو وعدو سچو آهي، بيشڪ الله شروعات مخلوق کي پيدا ڪيو اُن کان پوءِ ڪين ٻيائين ڏيندو

لِيَجْزِيَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ بِالْقِسْطِ ۚ وَالَّذِينَ كَفَرُوا

انهي لاءِ تہ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا انهن کي پورو پورو ثواب ڏيئي، ۽ ڪافرن لاءِ

لَهُمْ شَرَابٌ مِنْ حَمِيمٍ وَعَذَابٌ أَلِيمٌ بِمَا كَانُوا يَكْفُرُونَ ﴿٤﴾ هُوَ

گرم پاڻي آهي ۽ دردناڪ عذاب آهي انهيءَ سببان جو ڪفر ڪندا هئا. الله تعالىٰ

الَّذِي جَعَلَ الشَّمْسَ ضِيَاءً وَالْقَمَرَ نُورًا وَقَدَّرَهُ مَنَازِلَ لِتَعْلَمُوا

اُهو آهي جنهن (پنهنجي قدرت سان) سج کي روشني وارو ۽ بنايو ۽ چنڊ کي نور وارو بنايو ۽ انهن مان هر هڪ لاءِ منزلون

عَدَدَ السِّنِينَ وَالْحِسَابَ ۚ مَا خَلَقَ اللّٰهُ ذٰلِكَ إِلَّا بِالْحَقِّ ۚ يُفَصِّلُ

مقرر ڪيائين ان لاءِ تہ توهان سالن جي گڻتي ۽ حساب معلوم ڪريو. الله تعالىٰ انهن کي پنهنجي حڪمت سان پيدا فرمايو. الله

الْآيٰتِ لِقَوْمٍ يَعْلَمُونَ ﴿٥﴾ إِنَّ فِي اخْتِلَافِ اللَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَمَا

پنهنجون آيتون بيان ڪري ٿو انهي قوم لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا. بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي بدلجڻ ۾ ۽ جيڪي شيون

خَلَقَ اللّٰهُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ لَآيٰتٍ لِقَوْمٍ يَتَّقُونَ ﴿٦﴾

الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين ۾ پيدا ڪيون آهن (انهن) نشانيون آهن، انهيءَ قوم لاءِ جيڪي خوف ڪن ٿا.

۱ تفسير مظهري. ۲ تفسير روح البيان. ۳ تفسير مظهري.

اِنَّ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا وَرَضُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا
بيشڪ جيڪي مانھون اسان سان ملاقات جي اُميد نٿا رکن ۽ دنيا جي حياتي تي راضي ۽ اُن تي
وَاطْمَاَنُّوْا بِهَا وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنْ اٰيٰتِنَا غٰفِلُوْنَ ۙ﴿۷﴾ اُولٰٓئِكَ
مطمئن ٿين ٿا ۽ جيڪي مانھو اسان جي آيتن کان غافل آھن. انھن جي
مَاْوٰىهُمُ النَّارُ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ
جاءِ جھنم آھي سندن بداعمالين جي ڪري. بيشڪ جن مانھن ايمان آندو ۽
عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ يَهْدِيْهِمْ رَبُّهُمْ بِاِيْمَانِهِمْ ۚ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهِمُ
سھڻا عمل ڪيا الله تعالىٰ انھن جي (آخرت ۾) سندن ايمان آڻڻ جي ڪري رھنمائي فرمائيندو. انھن بھشتين جي ھيٺان
الْاَنْهٰرُ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۹﴾ دَعْوٰىهُمْ فِيْهَا سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ
بھشت ۾ نھرون وھندیون. انھن جي دُعا بھشت ۾ سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ ھوندي
وَتَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ۚ وَاٰخِرُ دَعْوٰىهُمْ اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ
۽ انھن جي ڪيل بھشت ۾ سلام ٿي آھوندي، ۽ سندن دُعا جي پڇاڙي اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ
الْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰﴾ وَلَوْ يُعَجِّلُ اللّٰهُ لِلنَّاسِ الشَّرَّ اسْتِعْجَالَهُمْ بِالْخَيْرِ ع ۱۱
سان ھوندي. ۽ جيڪڏھن الله تعالىٰ مانھن لاءِ برائي جلدي موڪليا جيئن اھي ڀلائي لاءِ تڪڙ ڪن ٿا
لَقُضِيَ اِلَيْهِمْ اَجَلُهُمْ ۭ فَنَذَرُ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا
تہ اھي مھلت ئي وڃن ٿا، پوءِ جيڪي مانھو قيامت تي ايمان نٿا آڻن اسين انھن کي سندن
فِيْ طُغْيَانِهِمْ يَعْمَهُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ الضُّرُّ دَعَانَا
گمراھي ۾ ڇڈي ڏيون ٿا جو اھي حيران رھن ٿا. ۽ جڏھن انسان کي ڪا تڪليف پھچي ٿي تہ اسان کي پُڪاري ٿو
لِجَنْۢبِهٖٓ اَوْ قَاعِدًا اَوْ قَآئِمًا ۚ فَلَمَّا كَشَفْنَا عَنْهُ ضُرَّهٗ
پاسي ۾ ۽ ويھي ۽ بيھي (ھرحال ۾)، پوءِ جڏھن اسين اُن تان تڪليف لاھيون ٿا

ع ۱۱

له تفسير روح البيان. ٥ تفسير مظهري.

مَرَّ كَاَنْ لَّمْ يَدْعُنَآ اِلٰى ضُرٍّ مَّسَّهٗ ؕ كَذٰلِكَ زُيِّنَ

تہ ائین معلوم تئي تو تہ گویا ک اُن انسان کي انهيءَ تکليف مُنجهاريوئي نہ هو، اهڙي طرح حد کان وڌ ندڙن کي سندن

لِلْمُسْرِفِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۱۲﴾ وَلَقَدْ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ مِنْ

بداعمالي سندن نظرن ۾ سُهڻي ڪئي وڃي ٿي . ۽ بيشڪ توهان کان اڳ ۾ انسان ڪيترين ئي

قَبْلِكُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا ۙ وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَمَا كَانُوْا

قومون هلاڪ ڪيون جڏهن انهن ظلم ڪيو، ۽ انهن (قومن) وٽ سندن رسول معجزن سان تشريف فرمائيا ۽ انهن رسولن

لِيُؤْمِنُوْا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الْقَوْمَ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۳﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰكُمْ

تي ايمان نہ آندو، اسين اهڙي طرح مجرمن جي قوم کي سزا ڏيون ٿا. ۽ اسان توهان کي

خَلٰٓئِفَ فِي الْاَرْضِ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لِنَنْظُرَ كَيْفَ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۴﴾

زمين ۾ جاءِ نشين بنايو انهن کان پوءِ، ان لاءِ تہ اسين ڏسُون تہ توهان ڪهڙا نيڪ عمل ڪريو ٿا .

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيَاتُنَا بَيِّنٰتٍ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ لِقَآءَنَا ائْتِ

۽ جڏهن انهن تي اسان جون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون تہ اهي ماڻهو جن ٿا، جيڪي قيامت تي ايمان نہ ٿا رکن تہ اسان

بِقُرْاٰنٍ غَيْرِ هٰذَآ اَوْ بَدِّلْهُ ؕ قُلْ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اُبَدِّلَهٗ مِنْ

وٽ رسول عربي هن قرآن کان علاوه آڻي يا قرآن کي تبديل ڪري، رسول عربي تہ ڪافر فرمايو مون کي مناسب ناهي جو قرآن کي پاڻ کي

تِلْقَآئِ نَفْسِيْ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۚ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ

پنهنجي طرفان تبديل ڪريان، آئون تہ فقط وحيءَ رباني جي تابعدار ڪريان ٿو جيڪا منهنجي ڏانهن موڪلي وڃي ٿي، جيڪڏهن آئون (بالفرض) پنهنجي

عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿۱۵﴾ قُلْ لَّوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا

رب جي نافرماني ڪريان تہ مون کي قيامت جي ڏينهن جو خوف آهي. توهان فرمايو جيڪڏهن الله چاهي ها تہ

تَلَوْتُهٗ عَلَيْكُمْ وَلَآ اَدْرٰىكُمْ بِهٖ ۖ فَقَدْ لَبِثْتُ فِيْكُمْ عُمُرًا

آئون توهان تي (قرآن) نہ پڙهان ها ۽ نڪي توهان کي اها ڄاڻ ڏيان ها، پوءِ تحقيق آئون توهان وٽ اڳ ۾ ڪان اڳ

۱ تفسير مظهري ۲ تفسير ابن عباس ۳ تفسير النسفي

مِّنْ قَبْلِهٖ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى

ڪهڙو حد کان وڌيڪ ظالم آهيان، چاڀاڻ توهان نه تا سمجهو، ڀاڻ ان ماڻهو کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تعالى تي

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٧﴾

ڪوڙ مڑهي يا الله تعالى جي آيتن کي ڪوڙو سمجهي ٿو. بيشڪ مُجرم ڪامياب نه تا ٿين.

وَيَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا يَضُرُّهُمْ وَلَا يَنْفَعُهُمْ وَ

۽ (اهي) غير الله جي عبادت ڪن تا جيڪي انهن کي نه نفعو ۽ نقصان پهچائي نه تا سگهن ۽

يَقُوْلُوْنَ هٰٓؤُلَآءِ شُفَعَآؤُنَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ قُلْ اَتُنَبِّـُٔوْنَ

چون تا ته اهي (بُتَ) الله وٽ اسان جا سفارشي آهن، توهان فرمايو چا توهان الله تعالى کي اُها

اللّٰهَ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ ؕ سُبْحٰنَهٗ

خبر ٻڌايو تا جيڪا پاڻ آسمانن ۽ زمينن ۾ نه تو ڄاڻي ، الله تعالى پاڪ آهي

وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿١٨﴾ وَمَا كَانَ النَّاسُ اِلَّآ

۽ انهن جي شرڪ کان مٿاهون آهي . ۽ سڀئي ماڻهو هڪ ئي اُمت

اُمَّةً وَّاحِدَةً فَاخْتَلَفُوْا ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ

هُئا پوءِ اختلاف ڪيائون (ڪن ڪفر ڪيو ۽ ڪي اسلام تي رهيا) ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب جو اڳي ئي (عذاب جي تاخير جو)

مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ فِيْمَا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٩﴾ وَ

فيصلو ڪيل نه هجي ها ته انهن جو (دنيا ۾ ئي) فيصلو ڪري ها جن ڳالهين ۾ انهن اختلاف ڪيو آ ۽

يَقُوْلُوْنَ لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا

ڪافر چون تا ته اسان جي مٿان رب جي طرفان ڪا آيت چو نه ئي نازل ٿئي ، پوءِ توهان فرمايو غيب

الْغَيْبُ لِلّٰهِ فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٢٠﴾ ع ٢

ته فقط الله وٽ آهي پوءِ توهان انتظار ڪريو بيشڪ آئون به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.

ته تفسير الشوكاني وتفسير روح المعاني .

وَإِذَآ أَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً مِّنۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُمْ إِذَا لَهُم مَّكْرٌ

۽ جنهن وقت انسانکي ڪافرن کي ڏک کان پوءِ سُک پهچايوتا هي انسان جي آيتن ۾ خفيه تدبيرون (انڪلون) ڪن

فِىٓ ءَايَاتِنَا ۚ قُلِ ٱللَّهُ أَسْرَعُ مَكْرًا ۚ إِنَّ رُسُلَنَا يَكْتُبُونَ مَا تَمْكُرُونَ ﴿٢١﴾

ٿا، توهان فرمايو الله تعالىٰ جلد خفيه تدبير ڪندڙ آهي، بيشڪ توهان جو[1] خفيه تدبيرون اسانجا فرشتا لکن ٿا.

هُوَ ٱلَّذِى يُسَيِّرُكُمْ فِى ٱلْبَرِّ وَٱلْبَحْرِ ۖ حَتَّىٰٓ إِذَا كُنتُمْ فِى ٱلْفُلْكِ ۖ وَ

الله تعالىٰ اُهو آهي جيڪو توهان کي زمين ۽ پاڻي ۾[2] سفر ڪرائي ٿو، ايستائين جو هي پيڙيءَ ۾ سوار ٿين ٿا، ۽

جَرَيْنَ بِهِم بِرِيحٍ طَيِّبَةٍ وَفَرِحُوا۟ بِهَا جَآءَتْهَا رِيحٌ عَاصِفٌ

انهن کي هلڪي هلڪي هَوا هلائي ٿي ۽ هي اُن تي خوش ٿين ٿا رتا اوچتو انهن تي طوفان اچي وڃي ٿو

وَجَآءَهُمُ ٱلْمَوْجُ مِن كُلِّ مَكَانٍ وَظَنُّوٓا۟ أَنَّهُمْ أُحِيطَ بِهِمْ ۙ دَعَوُا۟

۽ هر طرف کان انهن تي موجون اچن ٿيون ۽ انهن يقين ڪيو تہ هي گهيري ۾ آهن، ان وقت

ٱللَّهَ مُخْلِصِينَ لَهُ ٱلدِّينَ ۖ لَئِنْ أَنجَيْتَنَا مِنْ هَٰذِهِۦ لَنَكُونَنَّ

هي مُخلص ٿي الله تعالىٰ کي پڪارين ٿا تہ قسم سان جيڪڏهن تو اسانکي هن مصيبت مان نجات ڏني تہ ضرور اسين

مِنَ ٱلشَّٰكِرِينَ ﴿٢٢﴾ فَلَمَّآ أَنجَىٰهُمْ إِذَا هُمْ يَبْغُونَ فِى ٱلْأَرْضِ بِغَيْرِ

شُڪرگذار ٿيندا سين. پوءِ جڏهن اسان انهن کي نجات ڏني تہ اُن وقت هي زمين ۾ ناحق فساد

ٱلْحَقِّ ۗ يَٰٓأَيُّهَا ٱلنَّاسُ إِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلَىٰٓ أَنفُسِكُم ۖ مَّتَٰعَ ٱلْحَيَوٰةِ

ڪن ٿا، اي انسانو توهان جو فساد ڪرڻ توهان لاءِ نقصان ڪار آهي، توهان زندگيءَ جي مال مان ٿورو[3] نفعو

ٱلدُّنْيَا ثُمَّ إِلَيْنَا مَرْجِعُكُمْ فَنُنَبِّئُكُم بِمَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٢٣﴾ إِنَّمَا

حاصل ڪري سگهوٿا، اُن کان پوءِ توهان کي اسانڏانهن موٽڻو آهي پوءِ اسين توهانکي توهانجي بداعمالين جو بدلو ڏينداسين. دنيا

مَثَلُ ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا كَمَآءٍ أَنزَلْنَٰهُ مِنَ ٱلسَّمَآءِ فَٱخْتَلَطَ بِهِۦ

جي حياتيءَ جو مثال اُن پاڻيءَ جهڙو آهي جيڪو آسمان مان اسان نازل ڪيو آهي پوءِ اُن پاڻيءَ جي سبب ان

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير روح البيان. [3] تفسير مظهري.

نَبَاتُ الْأَرْضِ مِمَّا يَأْكُلُ النَّاسُ وَالْأَنْعَامُ ۖ حَتَّىٰ إِذَا أَخَذَتِ

(زمين مان) گهٹاسلا پيدا ٿيا جن مان مانهو ۽ جانور کائن ٿا، ايستائين جو زمين پنهنجي

الْأَرْضُ زُخْرُفَهَا وَازَّيَّنَتْ وَظَنَّ أَهْلُهَا أَنَّهُمْ قَادِرُونَ

رونق ۽ خوبصورتي پيدا ڪئي ۽ زمين جي مالڪن خيال ڪيو ته بيشڪ اهي زمين جو فصل مڪمل طرح

عَلَيْهَا أَتَاهَا أَمْرُنَا لَيْلًا أَوْ نَهَارًا فَجَعَلْنَاهَا حَصِيدًا كَأَنْ لَمْ

حاصل ڪري سگهندا، اوچتو انهي زمين تي رات يا ڏينهن جو اسان جو عذاب نازل ٿيو ۽ اسان ان کي لٽي چڏيو گويا ڪ

تَغْنَ بِالْأَمْسِ ۚ كَذَٰلِكَ نُفَصِّلُ الْآيَاتِ لِقَوْمٍ يَتَفَكَّرُونَ ﴿٢٤﴾ وَ

ڪالهه اهو فصل هوئي ڪونه. اهڙي طرح اسين کولي کولي پنهنجون آيتون اُن قوم لاءِ بيان ڪريون ٿا جيڪي غور ڪن ٿا . ۽

اللَّهُ يَدْعُو إِلَىٰ دَارِ السَّلَامِ ۖ وَيَهْدِي مَنْ يَشَاءُ إِلَىٰ صِرَاطٍ مُسْتَقِيمٍ ﴿٢٥﴾

الله تعالىٰ توهان کي بهشت ڏانهن پُڪاري ٿو، ۽ جنهن کي چاهي سڌين رستي تي هلائي ٿو.

لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا الْحُسْنَىٰ وَزِيَادَةٌ ۖ وَلَا يَرْهَقُ وُجُوهَهُمْ قَتَرٌ وَلَا

نيڪوڪارن لاءِ ثواب آهي ۽ الله جي طرفان مٿن وڌيڪ عنايت ٿيندي، ۽ انهن جي چهرن کي ڪارائ ۽ خواري

ذِلَّةٌ ۖ أُولَٰئِكَ أَصْحَابُ الْجَنَّةِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٦﴾ وَالَّذِينَ كَسَبُوا

نه لڳندي، اهي بهشتي آهن اهي هميشه بهشت ۾ رهندا. ۽ جيڪي مانهو گناهه ڪندا

السَّيِّئَاتِ جَزَاءُ سَيِّئَةٍ بِمِثْلِهَا ۙ وَتَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۖ مَا لَهُمْ مِنَ اللَّهِ

تہ انهن کي گناهه جيترو جزا ملندي، ۽ انهن کي خواري پهچندي، انهن لاءِ الله کان سواءِ کو ب

مِنْ عَاصِمٍ ۖ كَأَنَّمَا أُغْشِيَتْ وُجُوهُهُمْ قِطَعًا مِنَ اللَّيْلِ مُظْلِمًا ۚ أُولَٰئِكَ

بچائيندڙ نه هوندو، گويا ڪ انهن جي منهن کي رات جو ڪارو ٽڪرو لڳي ويو ، اهي

أَصْحَابُ النَّارِ ۖ هُمْ فِيهَا خَالِدُونَ ﴿٢٧﴾ وَيَوْمَ نَحْشُرُهُمْ جَمِيعًا ثُمَّ

دوزخي آهن، اهي هميشه دوزخ ۾ رهندا. ۽ قيامت جي ڏينهن اسين انهن سڀني کي گڏ ڪنداسين

نَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا مَكَانَكُمْ اَنْتُمْ وَشُرَكَآؤُكُمْ ۚ فَزَيَّلْنَا

اُن کان پوءِ اسين مشرکن کي چونداسين تہ توهان ۽ توهان جا ٻڌل ٺهرايل جاءِ تي بيهو، پوءِ اسين انهن جا

بَيْنَهُمْ وَقَالَ شُرَكَآؤُهُمْ مَّا كُنْتُمْ اِيَّانَا تَعْبُدُوْنَ ﴿٢٨﴾ فَكَفٰى بِاللّٰهِ

تعلقات ختم ڪنداسين ۽ انهن جا ٻڌل ٺهرايل چوندا تہ اسان کي توهان جي عبادت ڪندا هئاسين پوءِ الله اسان ۽

شَهِيْدًا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اِنْ كُنَّا عَنْ عِبَادَتِكُمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿٢٩﴾

توهان جي وچ ۾ بهترين گواه آهي، بيشڪ اسين توهان جي عبادت ڪرڻ کان ڏاڍا ناخبر هئاسين.

هُنَالِكَ تَبْلُوْا كُلُّ نَفْسٍ مَّآ اَسْلَفَتْ وَرُدُّوْٓا اِلَى اللّٰهِ مَوْلٰىهُمُ الْحَقِّ

اُن وقت عملن جي ڪري هر مائٽو آزمائش ۾ هوندو ۽ اهي سڀئي پنهنجي حقيقي رب ڏانهن

وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿٣٠﴾ قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ ع ١٠ ٣ النصف

موٽايا ويندا ۽ جيڪي بُت انهن ٺاهيا هئاسي انهن کان غائب ٿي ويندا. اي حبيب توهان فرمايو تہ توهان کي آسمان ۽

السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اَمَّنْ يَّمْلِكُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَمَنْ يُّخْرِجُ

زمين مان رزق ڪير ڏئي ٿو (۽ توهان کي) ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي توفيق ڪير ڏئي ٿو ۽ زنده کي مُئل مان

الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَمَنْ يُّدَبِّرُ الْاَمْرَ ؕ

۽ مُئل کي زنده مان ڪير پيدا ڪري ٿو ۽ (مخلوق ۾) پنهنجا حُڪم ڪير هلائي ٿو.

فَسَيَقُوْلُوْنَ اللّٰهُ ۚ فَقُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣١﴾ فَذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمُ الْحَقُّ ۚ

پوءِ فوراً چوندا تہ الله، پوءِ توهان فرمايو تہ پوءِ توهان نہ ٽاڙجو. پوءِ اهوئي توهان جو سچو خالق آهي،

فَمَاذَا بَعْدَ الْحَقِّ اِلَّا الضَّلٰلُ ۖۚ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ

پوءِ الله تعالىٰ جي عبادت کان سواءِ تہ فقط گمراهي آهي پوءِ توهان ڪيڏانهن ڦيرجو ٿا. اهڙيءَ طرح

حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ فَسَقُوْٓا اَنَّهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿٣٣﴾

گنهگارن لاءِ توهان جي رب جي ڳالهه ثابت ٿي تہ تحقيق اهي (دليلن اڇو ڪان پوءِ ب) ايمان نہ آڻيندا.

BLACK 1M 05-08-06 AHKAS 19341

قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ؕ قُلِ اللّٰهُ

توهان فرمايو ڇا توهان جا اهڙا معبود (بت وغيره) آهن جيڪي شين سر مخلوق کي پيدا ڪري ٻيهر پيدا ڪري ڏيکارين ٿا نه، توهان فرمايو الله

يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿۳۴﴾ قُلْ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ

شين سر مخلوق کي پيدا فرمايو، ان کان پوءِ ڏانهن موٽائيندو پوءِ توهان کيڏانهن ڦرو ٿا. توهان فرمايو ڇا توهان جا معبود اهڙا آهن

مَّنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى الْحَقِّ ؕ قُلِ اللّٰهُ يَهْدِيْ لِلْحَقِّ ؕ اَفَمَنْ يَّهْدِيْٓ اِلَى

جيڪي صحيح رستو ڏيکاري سگهن. توهان فرمايو الله تعالى صحيح رستو ڏيکاري ٿو، پوءِ ڇا اهو جيڪو مقدس ذات صحيح رستو

الْحَقِّ اَحَقُّ اَنْ يُّتَّبَعَ اَمَّنْ لَّا يَهِدِّيْٓ اِلَّآ اَنْ يُّهْدٰى ۚ فَمَا لَكُمْ ۫ كَيْفَ

ڏيکاري اُن جي تابعداري ڪجي يا اُن (معبود) جي تابعداري ڪجي جيڪو پاڻ ئي گمراهه هجي. پوءِ توهان کي ڇا ٿيو آهي (يعني) توهان

تَحْكُمُوْنَ ﴿۳۵﴾ وَمَا يَتَّبِعُ اَكْثَرُهُمْ اِلَّا ظَنًّا ؕ اِنَّ الظَّنَّ لَا يُغْنِيْ

ڪهڙا فيصلا ڪريو ٿا. انهن (ڪافرن) مان گهڻا ته گمان ئي هلن ٿا، بيشڪ گمان حق کي ڪو

مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۳۶﴾ وَمَا كَانَ

فائدو نٿو ڏي ، بيشڪ الله تعالى سندن عملن کان خبردار آهي . ۽ هن قرآن کي جوڙجوهو

هٰذَا الْقُرْاٰنُ اَنْ يُّفْتَرٰى مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ

شان ناهي جو الله کان سواءِ ٻيو کو ناهي سگهي پر (هي قرآن ڪريم) ٻين مقدس ڪتابن

الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ

جي تصديق ڪندڙ آهي ۽ (ان ۾) الله جا تفصيلي احڪام آهن (يعني) الله جي طرفان نازل ٿيل آهي. جنهن

الْعٰلَمِيْنَ ﴿۳۷﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ؕ قُلْ فَاْتُوْا بِسُوْرَةٍ مِّثْلِهٖ

۾ ڪو شڪ ناهي. چاهي جون ٿا ته قرآن کي رسول عربي تيار ڪيو آهي، توهان فرمايو ته قرآن جهڙي هڪڙي سورت ناهي ڏيکاريو

وَادْعُوْا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۳۸﴾ بَلْ

۽ الله کان سواءِ جيڪا طاقت اٿو اها استعمال ڪريو جيڪڏهن توهان سچا آهيو. بلڪ

لہ تفسیر جلالین. لہ تفسیر روح البیان. لہ تفسیر بیضاوی.

كَذَّبُوا بِمَا لَمْ يُحِيطُوا بِعِلْمِهِ وَلَمَّا يَأْتِهِمْ تَأْوِيلُهُ ۚ كَذَٰلِكَ

اهو قرآن جيڪو کين سمجهه ۾ نه توا جي اُن کي ڪوڙو سمجهن ٿا ۽ اڃان انهن جا ذهن قرآن جي معنيٰ ڏانهن سمجهن . اهڙي طرح

كَذَّبَ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ فَانظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظَّالِمِينَ ﴿٣٩﴾

آهين مانٿن به (الله جي ڪتاب کي) ڪوڙو سمجهو، پوءِ توهان ڏسو ته ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿئي ٿي .

وَمِنْهُم مَّن يُؤْمِنُ بِهِ وَمِنْهُم مَّن لَّا يُؤْمِنُ بِهِ ۚ وَرَبُّكَ أَعْلَمُ

۽ انهن مان ڪو مانٿو قرآن تي ايمان آڻي ٿو ۽ ڪو مانٿو ايمان نه ٿو آڻي ، ۽ توهان جو رب فسادين

بِالْمُفْسِدِينَ ﴿٤٠﴾ وَإِن كَذَّبُوكَ فَقُل لِّي عَمَلِي وَلَكُمْ ع ٤

کي ويڌڪ ڄاڻي ٿو . ۽ جيڪڏهن (اهي) توهان کي ڪوڙو سمجهن ٿا پوءِ تون فرمائي ته منهنجي لاءِ منهنجو عمل آهي ۽ توهان لاءِ

عَمَلُكُمْ ۖ أَنتُمْ بَرِيئُونَ مِمَّا أَعْمَلُ وَأَنَا بَرِيءٌ مِّمَّا تَعْمَلُونَ ﴿٤١﴾

توهان جا عمل آهن، توهان منهنجي عمل کان بيزار آهيو ۽ آئون توهان جي عملن کان بيزار آهيان .

وَمِنْهُم مَّن يَسْتَمِعُونَ إِلَيْكَ ۚ أَفَأَنتَ تُسْمِعُ الصُّمَّ وَلَوْ كَانُوا

۽ انهن مان ڪي مانٿو توهان ڏانهن ڪن لڳائن ٿا ، چا پوءِ توهان ٻوڑن کي ٻُڌرائي سگهوٿا جڏهن ته اهي

لَا يَعْقِلُونَ ﴿٤٢﴾ وَمِنْهُم مَّن يَنظُرُ إِلَيْكَ ۚ أَفَأَنتَ تَهْدِي الْعُمْيَ وَ

عقل نه ٿا رکن . ۽ انهن مان ڪي مانٿو توهان ڏي ڏسن ٿا ، چا پوءِ توهان انڌن کي واٽ ڏيکاري سگهوٿا

لَوْ كَانُوا لَا يُبْصِرُونَ ﴿٤٣﴾ إِنَّ اللَّهَ لَا يَظْلِمُ النَّاسَ شَيْئًا وَلَٰكِنَّ

جڏهن ته اهي نه ٿا ڏسن . بيشڪ الله تعالىٰ مانٿن سان ڪو ظلم نه ٿو ڪري ۽ پر

النَّاسَ أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ ﴿٤٤﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ كَأَن لَّمْ يَلْبَثُوا

مانٿون پنهنجي نفسن سان پاڻ ظلم ڪن ٿا . ۽ قيامت جي ڏينهن الله انهن کي گڏ ڪندو گويا ڪ اهي (دنيا ۾) رهيا

إِلَّا سَاعَةً مِّنَ النَّهَارِ يَتَعَارَفُونَ بَيْنَهُمْ ۚ قَدْ خَسِرَ الَّذِينَ كَذَّبُوا

هٿا مگر ڏينهن جي هڪ ساعت (اهي) هڪ ٻئي کي پاڻ ۾ سڃاڻندا ، بيشڪ اهي مانٿو نقصان ۾ پياڇي

له تفسير بيضاوي . ڪه تفسير مظهري .

بِلِقَآءِ اللّٰهِ وَمَا كَانُوْا مُهْتَدِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ

الله تعالىٰ جي ديدار کان انڪاري ٿياءِ اهي هدايت وارا ناهن . ۽ جيڪڏهن اسين توهانکي انهن جي ڪجهه عذاب ڏيکاريو (جنهن جو

نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ اللّٰهُ شَهِيْدٌ عَلٰى مَا

وعدو ڪيو اٿون) يا توهان کي وصال ڪرايون ، پوءِ انهن جو موٽڻ اسان ڏانهن ٿيندو ، پوءِ الله تعالىٰ انهن جي عملن

يَفْعَلُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ رَّسُوْلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ رَسُوْلُهُمْ قُضِيَ بَيْنَهُمْ

تي گواهه آهي . ۽ هرهڪ امت لاءِ رسول آهي . پوءِ جنهن وقت انهن وٽ رسول اچي ٿو تہ پوءِ انهن جي وچ ۾

بِالْقِسْطِ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ

انصاف سان فيصلو ڪيو ويچي ۽ انهن سان ظلم نڪيو ويندو . ۽ اهي چون ٿا تہ هي وعدو (قيامت جو) ڪڏهن پورو ٿيندو

كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا اِلَّا

جيڪڏهن توهان سچا آهيو . رسول عربي توهان فرمايو آڻون (پنهنجي وجود لاءِ الله جي مرضي کان سواءِ نفعي

مَا شَآءَ اللّٰهُ ۭ لِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۭ اِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَلَا يَسْتَاْخِرُوْنَ

نقصان جو مالڪ ناهيان ، هرامت لاءِ (عذاب جو) مُدو مقرر آهي ، جنهن وقت انهن تي عذاب ايندو پوءِ عذاب کان هڪ

سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٤٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَتٰىكُمْ عَذَابُهٗ بَيَاتًا

پل به اڳتي پوئتي نہ ٿي سگهندا . رسول عربي توهان فرمايو تہ اها خبر ڏيو تہ جيڪڏهن توهان تي الله جو عذاب

اَوْ نَهَارًا مَّاذَا يَسْتَعْجِلُ مِنْهُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٠﴾ اَثُمَّ اِذَا مَا وَقَعَ اٰمَنْتُمْ

رات ۾ يا ڏينهن ۾ اچي تہ ڇا مُجرم انهيءَ کان بچي سگهندا ؟ ڇا پوءِ جڏهن انهن تي عذاب ايندو تہ پوءِ ايمان

بِهٖ ۭ آٰلْـٰٔنَ وَقَدْ كُنْتُمْ بِهٖ تَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿٥١﴾ ثُمَّ قِيْلَ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

آڻيندا ، (الله فرمايندو) هاڻي (ايمان آيو تہ) ۽ هن کان اڳ توهان (عذاب اڃ) جلد ڪندا هئا . اُن کان پوءِ ظالمن کي حڪم ڪيو ويندو

ذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ ۚ هَلْ تُجْزَوْنَ اِلَّا بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٥٢﴾

تہ توهان دوزخ جي عذاب کي چکو ، توهان کي تہ توهان جي بداعمالي جيتري سزا ڏني ويندي .

١ تفسير مظهري . ٢ تفسير مظهري . ٣ تفسير النسفي . ٤ تفسير مظهري وتفسير النسفي .

وَيَسْتَنْۢبِـُٔوْنَكَ اَحَقٌّ هُوَ ؕ قُلْ اِیْ وَرَبِّیْۤ اِنَّهٗ لَحَقٌّ ؕ وَمَاۤ اَنْتُمْ

۽ توهان کان سوال ڪن ٿا تہ واقعي عذاب ايندو ! توهان فرمايو ها ئو، مونکي منهنجي رب جو قسم آهي تہ بيشڪ عذاب ايندو ۽ توهان اُنکا

بِمُعْجِزِیْنَ ﴿۵۳﴾ وَلَوْ اَنَّ لِكُلِّ نَفْسٍ ظَلَمَتْ مَا فِی الْاَرْضِ لَافْتَدَتْ

بچي نہ سگهندا. ۽ هر انسان جنهن ظلم ڪيو آهي اُهو جيڪڏهن اُن ظلم جي عوض زمين جي سڀني

بِهٖ ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ وَقُضِیَ بَیْنَهُمْ بِالْقِسْطِ وَهُمْ

شين جيترو تڏ ڏيئي ۽ عذاب ڏسڻ وقت پشيمان ٿيو تہ (تڏهن ڪا نہ ڪارائي ڪم ايندي) ۽ انهن مانهن تي انصاف ڪيو

لَا یُظْلَمُوْنَ ﴿۵۴﴾ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَلَاۤ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ

ويندو ۽ ظلم نہ ڪيو ويندو. خبردار بيشڪ آسمانن ۽ زمين جون سڀئي شيون الله جون آهن، خبردار بيشڪ الله جو وعدو

حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۵۵﴾ هُوَ یُحْیٖ وَیُمِیْتُ وَاِلَیْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿۵۶﴾

سچو آهي پر اڪثر مانهو نہ ٿا ڄاڻن. الله تعالىٰ جياري ۽ ماري ٿو ۽ الله ڏانهن توهان موٽايا ويندا.

یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَتْكُمْ مَّوْعِظَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَشِفَآءٌ لِّمَا فِی

اي انسانو ! تحقيق توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان نصيحت پهتي ۽ قرآن ڪريم توهان جي سينن

الصُّدُوْرِ ۙ۬ وَهُدًی وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِیْنَ ﴿۵۷﴾ قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ

لاءِ شفا آهي، ۽ (هو قرآن) مؤمنن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي. رسول عربي توهان فرمايو تہ الله جي فضل ۽

بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْیَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَیْرٌ مِّمَّا یَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾ قُلْ اَرَءَیْتُمْ مَّاۤ

رحمت جي ڪري توهان کي خوش ٿيو اهو توهان لاءِ توهان جي ملڪيت کان بهتر آهي. رسول عربي توهان فرمايو (ڪافرن کي)

اَنْزَلَ اللّٰهُ لَكُمْ مِّنْ رِّزْقٍ فَجَعَلْتُمْ مِّنْهُ حَرَامًا وَّحَلٰلًا ؕ قُلْ آٰللّٰهُ اَذِنَ

تہ ڇا توهان مون کي اهو ٻڌائيندا تہ الله توهان لاءِ رزق موڪليو ۽ توهان ان مان حلال حرام مقرر ڪيو آهي، توهان فرمايو

لَكُمْ اَمْ عَلَی اللّٰهِ تَفْتَرُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَمَا ظَنُّ الَّذِیْنَ یَفْتَرُوْنَ عَلَی اللّٰهِ

تہ الله حلال حرام جي توهان کي اجازت ڏني آهي يا توهان الله تي ڪوڙ ٻڌي رهيا آهيو. ۽ ڪهڙو گمان آهي انهن مانهن جو جيڪي الله تي ڪوڙ ٻڌن ٿا

الْكَذِبَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ

ڏ قيامت جي ڏينهن انهن سان ڇا ڪيندو؟ بيشڪ الله تعالىٰ ماڻهن تي فضل ڪندڙ آهي، پر اڪثر ماڻهو

اَكْثَرَهُمْ لَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٦٠﴾ وَمَا تَكُوْنُ فِيْ شَاْنٍ وَّمَا تَتْلُوْا مِنْهُ مِنْ

الله جو شڪر ڏ ٿا ڪن . ۽ اي رسول عربي جيڪڏهن توهان ڪنهن ڪم ۾ آهيو يا الله جي طرفان

قُرْاٰنٍ وَّلَا تَعْمَلُوْنَ مِنْ عَمَلٍ اِلَّا كُنَّا عَلَيْكُمْ شُهُوْدًا اِذْ تُفِيْضُوْنَ

قرآن ڪريم پڙهوٿا يا جيڪو عمل توهان (مؤمن) ڪريوٿا ڏ اسين توهان تي شاهد آهيون جڏهن توهان اهو ڪم

فِيْهِ ؕ وَمَا يَعْزُبُ عَنْ رَّبِّكَ مِنْ مِّثْقَالِ ذَرَّةٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي

شروع ڪريوٿا، ۽ الله تعالىٰ کان ذري برابر به ڪا شي زمين ۽ آسمان ۾ غائب ڏ

السَّمَآءِ وَلَاۤ اَصْغَرَ مِنْ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكْبَرَ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦١﴾

ٿي رهي ۽ ڏ ان کان ننڍي شي ۽ ڏان ڪان وڏي شي مگر (هر شي) لوح محفوظ ۾ موجود آهي .

اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٦٢﴾

خبردار بيشڪ الله تعالىٰ جي ولين تي ڪو خوف ناهي ۽ ڏ اهي ڏکوئيندا .

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿٦٣﴾ لَهُمُ الْبُشْرٰى فِي

اهي آهي ماڻهو آهن جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪيائون، انهن لاءِ دنيا ۽ آخرت

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ؕ لَا تَبْدِيْلَ لِكَلِمٰتِ اللّٰهِ ؕ

۾ بشارت (ڪاميابي جي) آهي . الله تعالىٰ پنهنجي وعدي کي تبديل ڏ ٿو ڪري .

ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿٦٤﴾ ؕ وَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ؕ اِنَّ

اها اها عظيم ڪاميابي آهي . رسول عربي توهان کي ڪافرن جو ڳالهيون غمگين ڏ ڪن ، بيشڪ

الْعِزَّةَ لِلّٰهِ جَمِيْعًا ؕ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿٦٥﴾ اَلَاۤ اِنَّ لِلّٰهِ مَنْ

سموري عزت الله تعالىٰ لاءِ آهي، اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي . خبردار بيشڪ الله تعالىٰ لاءِ

فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ ؕ وَمَا يَتَّبِعُ الَّذِيْنَ

اهي شيون آهن جيكي آسمانن ۽ زمينن ۾ آهن ، ۽ جيكي ماڻهو الله تعالىٰ كان سواءِ

يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ اِنْ يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا

بُٽن جي عبادت[1] كن ٿا، اهي نه ٿا تابعداري كن مگر

الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٦٦﴾ هُوَ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ

گمان جي ۽ اهي نه فقط اندازا كن ٿا . الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان جي

الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

آرام لاءِ رات پيدا فرمائي ۽ رزق ڏيڻ[2] لاءِ ڏينهن پيدا فرمايو، بيشك ان ڳالهه ۾

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿٦٧﴾ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ

نشانيون آهن ان قوم لاءِ جيكي سمجهه ركن ٿا . كافر چون ٿا ته الله كي اولاد آهي الله (انهيءَ تهمت[3] كان) پاك آهي .

هُوَ الْغَنِيُّ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنْ

۽ پاڻ بي نياز آهي، الله لاءِ اهي شيون آهن جيكي آسمانن ۾ آهن ۽ زمينن ۾ آهن ، چا! توهان

عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا

وٽ ان ڳالهه جي كا سَنَد موجود آهي ، چا! توهان الله تي اهو كوڙ مڙهيو ٿا جيكو توهان

تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا

نه ٿا ڄاڻو . رسولِ عربي توهان فرمايو ته جيكي ماڻهو الله تي كوڙ مڙهين ٿا اُهي

يُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ مَتَاعٌ فِي الدُّنْيَا ثُمَّ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ ثُمَّ

كاميابِ نه ٿيندا . (ها) دنيا ۾ انهن كي كجهه نفعو حاصل ٿي سگهي ٿو ان كان پوءِ اسان[4] ڏانهن سندن موٽڻ[5] ٿيندو ، ان

نُذِيْقُهُمُ الْعَذَابَ الشَّدِيْدَ بِمَا كَانُوْا يَكْفُرُوْنَ ﴿٧٠﴾ ع

كان پوءِ كفر سبب انهن كي اسين درد ناك عذاب چكائينداسين .

ع ١٠ الثلثه ١٢

[1] لغات القرآن مودودي . [2] تفسير بيضاوي . [3] تفسير مظهري .

وَاتْلُ عَلَيْهِمْ نَبَاَ نُوْحٍ ۘ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنْ كَانَ كَبُرَ

۽ رسولِ عربي توهان انهن (مڪي وارن) کي نوح جي خبر پڌائيو جڏهن نوح پنهنجي قوم کي چيو تاي منهنجي قوم جيڪڏهن منهنجي

عَلَيْكُمْ مَّقَامِيْ وَتَذْكِيْرِيْ بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَعَلَى اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ

وڏي[2] حياتي ۽ نصيحت توهان کي ڏکي لڳي ٿي ته ۽ الله تعالى تي منهنجو پروسو آهي

فَاَجْمِعُوْٓا اَمْرَكُمْ وَشُرَكَآءَكُمْ ثُمَّ لَا يَكُنْ اَمْرُكُمْ عَلَيْكُمْ غُمَّةً

۽ توهان ۽ توهان جا بُت (مون لاءِ) پنهنجي[3] تدبير مضبوط ڪريو، ۽ توهان مون سان ڪلهه ڪلا مقابلو ڪريو

ثُمَّ اقْضُوْٓا اِلَيَّ وَلَا تُنْظِرُوْنِ ﴿٧١﴾ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَمَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ

اُن کانپوءِ جيڪو وٽنو آهي مون لاءِ ڪريو ۽ مونکي مهلت نه ڏيو. ۽ جيڪڏهن توهان (منهنجي نصيحت کان) انڪار ڪريو ته ۽ آڻون

اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ۙ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿٧٢﴾

توهان کان ڪا اجورو طلب[4] نٿو ڪريان، منهنجو ثواب الله تعالى وٽ آهي ۽ مونکي فرمانبرداريءَ جو حڪم ڪيو ويو آهي.

فَكَذَّبُوْهُ فَنَجَّيْنٰهُ وَمَنْ مَّعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَجَعَلْنٰهُمْ خَلٰٓئِفَ وَ

۽ انهن نوح کي ڪوڙو سمجهيو ۽ اسان نوح کي سندس ساڻين سميت ٻيڙيءَ ۾ نجات ڏني ۽ اسان انهن کي جاءِ نشين بنايو ۽

اَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ۚ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ

۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو انهن کي غرق ڪيوسين، ۽ رسولِ عربي توهان ڏسو ته بي فرمانن جي پڇاڙي

الْمُنْذَرِيْنَ ﴿٧٣﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ

ڪهڙي ٿي ٿي. ان کان پوءِ اسان رسول موڪليا سندن قومن ڏانهن، ۽ رسولن پنهنجا

بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْا بِمَا كَذَّبُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ ۭ كَذٰلِكَ نَطْبَعُ

معجزا آندا، ۽ اهي امڙانه ڏاڍا جو ايمان آڻن اُن ٿي جنهن جو اڳ ۾ انڪار ڪري ڇڏيو هُيا، اسين ڪافرن جي دلين

عَلٰي قُلُوْبِ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٧٤﴾ ثُمَّ بَعَثْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ مُّوْسٰى وَهٰرُوْنَ

ٿي اهڙي طرح مُهر لڳايون ٿا. انهن پيغمبرن کان پوءِ اسان انهن ڏانهن موسىٰ ۽ هارون کي

[2] تفسير مظهري. [3] تفسير روح البيان. [4] تفسير روح البيان. [2] تفسير السنقي. [3] تفسير السنقي.

إِلَىٰ فِرْعَوْنَ وَمَلَإِيْهِ بِاٰيٰتِنَا فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا مُّجْرِمِيْنَ ﴿٧٥﴾

فرعون ۽ سندس قومڏانهن، پنهنجين نشانين سان پيغمبر ڪري موڪليو پوءِ انهن تڪبر ڪيو ۽ اهي قوم مُجرم هئي.

فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْٓا اِنَّ هٰذَا لَسِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٦﴾

پوءِ جڏهن انهن وٽ اسانجي طرفان مُعجزا[1] پهتا چياڻون ته بيشڪ هي ظاهر جادو آهي.

قَالَ مُوْسٰٓى اَتَقُوْلُوْنَ لِلْحَقِّ لَمَّا جَآءَكُمْ ؕ اَسِحْرٌ هٰذَا ؕ وَلَا يُفْلِحُ

موسىٰ چيوتہ ڇا توهان معجزن کي جادو چئو ٿا جڏهن توهان وٽ معجزا آيا، ڇا هي جادو آهي! ۽ جادوگر ڪڏهن

السّٰحِرُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْٓا اَجِئْتَنَا لِتَلْفِتَنَا عَمَّا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا

به ڪامياب نٿا ٿين. چياڻون ڇا تون اسان کي پنهنجي وڏن جي مذهب کان ڦيرائڻ لئو

وَتَكُوْنَ لَكُمَا الْكِبْرِيَآءُ فِى الْاَرْضِ ؕ وَمَا نَحْنُ لَكُمَا بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٨﴾

۽ توهان ٻنهي زمين تي حُڪمراني ڪندا، ۽ اسين توهان ٻنهي تي ايمان نٿا آڻيون.

وَقَالَ فِرْعَوْنُ ائْتُوْنِىْ بِكُلِّ سٰحِرٍ عَلِيْمٍ ﴿٧٩﴾ فَلَمَّا جَآءَ السَّحَرَةُ قَالَ

۽ فرعون چيوتہ مون وٽ هر قسم جا ڇاڙو جادوگر آڻيو. پوءِ جڏهن جادوگر آيا، موسيٰ انهن کي

لَهُمْ مُّوْسٰٓى اَلْقُوْا مَآ اَنْتُمْ مُّلْقُوْنَ ﴿٨٠﴾ فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا

چيو تہ توهان کي جيڪو ڪرڻو آهي سو پيلي ڪريو. پوءِ جڏهن انهن ڪري ڏيکاريو، موسىٰ فرمايو

جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ

توهان تہ جادو ڪيو آهي، بيشڪ الله تعالىٰ جلد انهيءَ کي ختم ڪندو، بيشڪ الله تعالىٰ کي فسادين جو

الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨١﴾ وَيُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٨٢﴾ ع ١٢

عمل پسند ناهي. الله تعالىٰ پنهنجي نشانين سان حق کي[2] ثابت ڪري ٿو، جيتوڻيڪ مجرمن کي اهو پسند ناهي.

فَمَآ اٰمَنَ لِمُوْسٰٓى اِلَّا ذُرِّيَّةٌ مِّنْ قَوْمِهٖ عَلٰى خَوْفٍ مِّنْ فِرْعَوْنَ

پوءِ فرعون ۽ سندس لشڪر جي خوف سبب موسىٰ تي فقط سندس قوم جي ڪجهه ماڻهن ايمان آندو

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير الخازن.

وَمَلَا۟ئِهِمْ أَن يَفْتِنَهُمْ ۚ وَإِنَّ فِرْعَوْنَ لَعَالٍ فِى ٱلْأَرْضِ ۚ وَإِنَّهُۥ

ڏڪ مستان فرعون انهن کي عذاب ڪري، ۽ بيشڪ فرعون زمين (مصر) ۾ نهايت طاقتور هو، ۽ بيشڪ هو

لَمِنَ ٱلْمُسْرِفِينَ ﴿٨٣﴾ وَقَالَ مُوسَىٰ يَٰقَوْمِ إِن كُنتُمْ ءَامَنتُم بِٱللَّهِ

(ظلم ۽ قتام) حد کان وڌندڙ هو. ۽ موسيٰ چيو اي منهنجي قوم جيڪڏهن توهان الله تي ايمان آڻيو تا ته

فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوٓا۟ إِن كُنتُم مُّسْلِمِينَ ﴿٨٤﴾ فَقَالُوا۟ عَلَى ٱللَّهِ

پوءِ توهان الله تي توڪل ڪريو جيڪڏهن توهان مسلمان آهيو. پوءِ امتين عرض ڪيو اسان الله تي

تَوَكَّلْنَا ۚ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ ٱلظَّٰلِمِينَ ﴿٨٥﴾ وَنَجِّنَا

توڪل ڪئي آهي، اي اسان جا ربّ تون اسان کي ظالم قوم جي عذاب کان محفوظ رک. ۽ تون اسان کي

بِرَحْمَتِكَ مِنَ ٱلْقَوْمِ ٱلْكَٰفِرِينَ ﴿٨٦﴾ وَأَوْحَيْنَآ إِلَىٰ مُوسَىٰ وَأَخِيهِ

پنهنجي رحمت سان ڪافر جي قوم کان نجات عطا ڪر. ۽ اسان موسيٰ ۽ هارون ڏانهن وحي موڪلي ته

أَن تَبَوَّـَٔا لِقَوْمِكُمَا بِمِصْرَ بُيُوتًا وَٱجْعَلُوا۟ بُيُوتَكُمْ قِبْلَةً وَأَقِيمُوا۟

توهان پنهنجي قوم لاءِ مصر ۾ گهر تيار ڪريو ۽ توهان پنهنجي گهرن جو رخ قبلي طرف ڪريو ۽

ٱلصَّلَوٰةَ ۗ وَبَشِّرِ ٱلْمُؤْمِنِينَ ﴿٨٧﴾ وَقَالَ مُوسَىٰ رَبَّنَآ إِنَّكَ

توهان نماز قائم ڪريو، ۽ تون مؤمنن کي بشارت ڏي. ۽ موسيٰ عرض ڪيو اي اسان جا ربّ بيشڪ تو

ءَاتَيْتَ فِرْعَوْنَ وَمَلَأَهُۥ زِينَةً وَأَمْوَٰلًا فِى ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا ۙ رَبَّنَا

فرعون ۽ سندس لشکر کي دنيا جي حياتي ۾ زينت (لباس، زيور، هٿيار، سواريون ۽ توڪل) ۽ ملڪيت عطا ڪئي آهي، اي

لِيُضِلُّوا۟ عَن سَبِيلِكَ ۖ رَبَّنَا ٱطْمِسْ عَلَىٰٓ أَمْوَٰلِهِمْ وَٱشْدُدْ عَلَىٰ

اسان جا ربّ اهي ماڻهن کي تنهنجي راه کان گمراهه ڪندا، اي اسان جا ربّ تون انهن جي ملڪيت برباد ڪر ۽ انهن جون

قُلُوبِهِمْ فَلَا يُؤْمِنُوا۟ حَتَّىٰ يَرَوُا۟ ٱلْعَذَابَ ٱلْأَلِيمَ ﴿٨٨﴾

دلين سخت ڪر جو اهي ايمان نه آڻين، ايستائين جو اهي دردناڪ عذاب ڏسن.

ڏ تفسير النسفي و لغات القرآن عربي. ٢ تفسير مظهري و تفسير النسفي.

قَالَ قَدْ أُجِيبَتْ دَّعْوَتُكُمَا فَاسْتَقِيمَا وَلَا تَتَّبِعَآنِّ سَبِيلَ

الله تعالى فرمايو بيشڪ مون توهان جي دُعا قبول فرمائي آهي پوءِ توهان ٻئي ثابت قدم رهو ۽ توهان جاهلن

الَّذِينَ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٨٩﴾ وَجَٰوَزْنَا بِبَنِيٓ إِسْرَٰٓءِيلَ الْبَحْرَ فَأَتْبَعَهُمْ

جي واٽ جي تابعداري نه ڪريو ۽ اسان بني اسرائيل کي درياءَ پار ڪرايو ۽ پوءِ فرعون ۽

فِرْعَوْنُ وَجُنُودُهُۥ بَغْيًا وَعَدْوًا ۖ حَتَّىٰٓ إِذَآ أَدْرَكَهُ الْغَرَقُ ۙ قَالَ

ان جو لشڪر ظلم ۽ زيادتي سان سندن پويان ڪاهي پيو ، ايستائين جو هي ٻُڏڻ لڳا ، فرعون چيو

ءَامَنتُ أَنَّهُۥ لَآ إِلَٰهَ إِلَّا الَّذِىٓ ءَامَنَتْ بِهِۦ بَنُوٓا۟ إِسْرَٰٓءِيلَ وَأَنَا

مون ايمان آندو ته الله تي جيڪو اڪيلو آهي ۽ جنهن الله تي بني اسرائيل ايمان آندو آهي ۽ آئون

مِنَ الْمُسْلِمِينَ ﴿٩٠﴾ ءَآلْـَٰٔنَ وَقَدْ عَصَيْتَ قَبْلُ وَكُنتَ مِنَ

مسلمانن مان آهيان . الله تعالى فرمايو، چاتون هينئر ايمان آڻين ٿو ۽ تحقيق تو هن کان اڳ منافرماني ڪئي ۽

الْمُفْسِدِينَ ﴿٩١﴾ فَٱلْيَوْمَ نُنَجِّيكَ بِبَدَنِكَ لِتَكُونَ لِمَنْ

تون فسادين مان هُئين . پوءِ اڄ تنهنجي جسم کي اسان سمنڊ مان ٻاهر اڇلائيندا سين ، انهي لاءِ ته پويان مانهن

خَلْفَكَ ءَايَةً ۚ وَإِنَّ كَثِيرًا مِّنَ النَّاسِ عَنْ ءَايَٰتِنَا لَغَٰفِلُونَ ﴿٩٢﴾ وَ ع ١١

لاءِ تون نشاني ٿئين ، ۽ بيشڪ گهڻا مانهون اسان جي نشانين کان غافل آهن ۽

لَقَدْ بَوَّأْنَا بَنِىٓ إِسْرَٰٓءِيلَ مُبَوَّأَ صِدْقٍ وَرَزَقْنَٰهُم مِّنَ

تحقيق اسان بني اسرائيل کي بهترين جاءِ تي رهايو سين ۽ اسان انهن کي پاڪ شين مان

الطَّيِّبَٰتِ ۚ فَمَا ٱخْتَلَفُوا۟ حَتَّىٰ جَآءَهُمُ الْعِلْمُ ۚ إِنَّ رَبَّكَ يَقْضِى

رزق عطا ڪيو، پوءِ رسول عربي جي رسالت تي اهي سڀئي متفق هُئا، ايستائين جو رسول عربي جي آمد ٿي، بيشڪ تو هانجو رب

بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَٰمَةِ فِيمَا كَانُوا۟ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٩٣﴾ فَإِن كُنتَ

انهن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو جن ڳالهين ۾ اهي اختلاف ڪندا هُئا. پوءِ اي انسان جيڪڏهن تون

لہ تفسير مظهري . ٿه اڄ ٻڌائين ٿا هي ميوزيم ۾ فرعون جو جسم صحيح سالم موجود آهي ۽ قرآن عربي ۽ تفسير مظهري ، ڪه رسول عربي جي آمد ڪاڏوءِ بني اسرائيل ۾ به حساب آهي ، هڪڙن رسول عربي تي ايمان آندو ۽ ٻين انڪار ڪيو ، از تفسير احمدي و تفسير مظهري . ڪه تفسير مظهري .

منزل ۳

فِيْ شَكٍّ مِّمَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ فَسْـَٔلِ الَّذِيْنَ يَقْرَءُوْنَ الْكِتٰبَ

قرآن كريم جي باري ۾ كنهن شڪ ۾ آهين تہ پوءِ توهان انهن ماڻهن کان پڇا ڪريو جيڪي اڳيان ڪتاب

مِنْ قَبْلِكَ ۚ لَقَدْ جَآءَكَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ

پڙهن ٿا ، بيشڪ رسولِ عربي وٽ سندن رب جي طرفان قرآن كريم آيو آهي پوءِ تون اي انسان شڪ

الْمُمْتَرِيْنَ ﴿٩٤﴾ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ فَتَكُوْنَ

كندڙ مان نہ ٿي ۽ هرگز تون انهن ماڻهن مان نہ ٿجيڪي قرآن كريم كي كوڙو سمجهي نقصان

مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿٩٥﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ حَقَّتْ عَلَيْهِمْ كَلِمَتُ رَبِّكَ لَا

وارن مان ٿي پيا . بيشڪ انهن ماڻهن لاءِ تنهنجي رب جو قطعي[1] فيصلو ثابت ٿي چڪو آهي تہ اهي

يُؤْمِنُوْنَ ﴿٩٦﴾ وَلَوْ جَآءَتْهُمْ كُلُّ اٰيَةٍ حَتّٰى يَرَوُا الْعَذَابَ الْاَلِيْمَ ﴿٩٧﴾

ايمان نہ آڻيندا . ۽ جيتوڻيڪ اهي سڀئي نشانيون ڏسن ، ايستائين جو اهي دردناڪ عذاب نہ ڏسن .

فَلَوْلَا كَانَتْ قَرْيَةٌ اٰمَنَتْ فَنَفَعَهَآ اِيْمَانُهَآ اِلَّا قَوْمَ يُوْنُسَ ۭ لَمَّآ

(عذاب نازل ٿيڻ کانپوءِ) ڪنهن بہ ڳوٺ واري کي سندن ايمان آڻڻ[2] فائدو ڪو نہ ڏنو ، سواءِ قوم يونس جي جڏهن انهن

اٰمَنُوْا كَشَفْنَا عَنْهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَمَتَّعْنٰهُمْ

ايمان آندو تہ اسان دنيا جي حياتي ۾ خواري وارو عذاب سندن مٿان لاهي ڇڏيو ۽ مقرر وقت تائين اسان

اِلٰى حِيْنٍ ﴿٩٨﴾ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ لَاٰمَنَ مَنْ فِي الْاَرْضِ كُلُّهُمْ

انهن کي خوش رکيو . ۽ جيڪڏهن رسولِ عربي تنهنجو رب چاهي ها تہ سموري زمين جا سمورا ماڻهو ايمان

جَمِيْعًا ۭ اَفَاَنْتَ تُكْرِهُ النَّاسَ حَتّٰى يَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَمَا

آڻن ها ، چا پوءِ توهان ماڻهن (ڪافرن) کي ناپسند ڪريو ٿا ، ايستائين جو اهي ايمان آڻن . ۽ ڪنهن انسان

كَانَ لِنَفْسٍ اَنْ تُؤْمِنَ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ وَيَجْعَلُ الرِّجْسَ عَلَى

کي طاقت ناهي جو الله جي رضا[3] سندي ڪان سواءِ مومن ٿي سگهي ، ۽ الله تعالىٰ انهن ماڻهن تي عذاب

[1] تفسير مظهري . [2] تفسير النسفي .

الَّذِيْنَ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٠٠﴾ قُلِ انْظُرُوْا مَاذَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

ڪري ٿو جيڪي حق ۽ باطل ۾ فرق نٿا ڪن. توهان فرمايو ته توهان الله تعالىٰ جون نشانيون غور سان ڏسو آسمانن ۽ زمين ۾

وَمَا تُغْنِي الْاٰيٰتُ وَالنُّذُرُ عَنْ قَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٠١﴾ فَهَلْ

۽ جيڪي مڃڻ ۽ ايمان نٿا آڻن انهن کي نشانين ۽ ڊپ مان ڪو فائدو حاصل نه ٿيندو. پوءِ اهي (مڪي وارا)

يَنْتَظِرُوْنَ اِلَّا مِثْلَ اَيَّامِ الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ قُلْ فَانْتَظِرُوْا

انتظار نٿا ڪن مگر عذاب جي اڃڻ جو جيڪو اڳين مڃڻ تي نازل ٿيو، توهان فرمايو ته توهان انتظار ڪريو

اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿١٠٢﴾ ثُمَّ نُنَجِّيْ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

بيشڪ آئون به توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. اُن کان پوءِ اسان پهنجن پيغمبرن ۽ مؤمن کي نجات ڏني

كَذٰلِكَ ۚ حَقًّا عَلَيْنَا نُنْجِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنْ كُنْتُمْ

اهڙي طرح مؤمن کي نجات ڏيڻ اسان جي ذمي لازم آهي. رسول عربي توهان فرمايو اي انسانو جيڪڏهن توهانکي

فِيْ شَكٍّ مِّنْ دِيْنِيْ فَلَاۤ اَعْبُدُ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ

منهنجي دين ۾ ڪوشڪ آهي تڏهن به آئون الله کان سواءِ (توهان جي) بُتن[1] جي عبادت نه ڪندس

اللّٰهِ وَلٰكِنْ اَعْبُدُ اللّٰهَ الَّذِيْ يَتَوَفّٰىكُمْ ۖۚ وَاُمِرْتُ اَنْ اَكُوْنَ

پر آئون اُن الله جي عبادت ڪريان ٿو جيڪو توهانکي زندگي ۽ موت ڏئي ٿو. ۽ مونکي حڪم ڪيو ويو آهي ته آئون

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٤﴾ وَاَنْ اَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ۚ وَلَا

مؤمنن مان هجان. ۽ (هيءَ حڪم به آهي ته) آئون پنهنجي دين تي مخلص هجان، ۽ توهان

تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٥﴾ وَلَا تَدْعُ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَا لَا

مشرڪن مان نه هجو. ۽ توهان الله کان سواءِ (بُتن جي) عبادت نه ڪريو جيڪي توهان کي

يَنْفَعُكَ وَلَا يَضُرُّكَ ۚ فَاِنْ فَعَلْتَ فَاِنَّكَ اِذًا مِّنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٠٦﴾

نفعو ۽ نقصان نٿا پهچائي سگهن، پوءِ جيڪڏهن بالفرض توهان ائين ڪيو ته توهان ظالمن مان ٿي پوندا.

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير النسفي وتفسير مظهري.

وَاِنْ يَّمْسَسْكَ اللّٰهُ بِضُرٍّ فَلَا كَاشِفَ لَهٗٓ اِلَّا هُوَ ۚ وَاِنْ يُّرِدْكَ

ءِ جيڪڏهن الله توهان کي ڪا تڪليف پهچائي ته پوءِ الله کانسواءِ ڪو به اها تڪليف لاهي نٿو سگهي، ءِ جيڪڏهن توهان جي

بِخَيْرٍ فَلَا رَآدَّ لِفَضْلِهٖ ۭ يُصِيْبُ بِهٖ مَنْ يَّشَاۗءُ مِنْ عِبَادِهٖ ۭ وَ

لاءِ خير چاهي ته پوءِ الله جي فضل کي ڪو روڪي نٿو سگهي، اُن فضل کي پنهنجي بندن تائين پهچائي ٿو، ءِ

هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ١٠٧ قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَاۗءَكُمُ الْحَقُّ

اهو ئي بخش ڪندڙ مهربان آهي. رسول عربي توهان فرمايو اي انسانو توهان وٽ توهان جي رب جي طرفان

مِنْ رَّبِّكُمْ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَاِنَّمَا يَهْتَدِيْ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ ضَلَّ

حق پهتو، پوءِ جنهن هدايت اختيار ڪئي پوءِ انهي پنهنجي لاءِ هدايت اختيار ڪئي، ءِ جنهن گمراهي اختيار ڪئي

فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۭ وَمَآ اَنَا عَلَيْكُمْ بِوَكِيْلٍ ١٠٨ وَاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى

ان پنهنجي لاءِ گمراهي اختيار ڪئي، ءِ آئون توهان جي ڪمن جو ذميدار ناهيان. ءِ توهان اُن وحيءَ جي تابعداري ڪريو

اِلَيْكَ وَاصْبِرْ حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ١٠٩ ع

جيڪا توهان ڏانهن موڪلي وئي آهي ءِ توهان صبر ڪريو ايستائين جو الله تعالىٰ فيصلو فرمائي، ءِ اُهو ئي بهترين فيصلو ڪندڙ آهي.

اٰيَاتُهَا ١٢٣ (١١) سُوْرَةُ هُوْدٍ مَكِّيَّةٌ (٥٢) رُكُوْعَاتُهَا ١٠

سورة هود مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي، انهي ۾ ١٢٣ آيتون ۽ ١٠ رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ مهربان (آهي).

الٓرٰ ڰ كِتٰبٌ اُحْكِمَتْ اٰيٰتُهٗ ثُمَّ فُصِّلَتْ مِنْ لَّدُنْ حَكِيْمٍ خَبِيْرٍ ١

الٓرٰ قف. هن مقدس ڪتاب جي آيتن ۾ ڪو نقص ناهي اُن کان پوءِ الله جي طرفان سڀني احڪامن کي جدا جدا ڪيو ويو ۽ پوءِ

اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنَّنِيْ لَكُمْ مِّنْهُ نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ ٢ وَّاَنِ

توهان الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو، بيشڪ الله جي طرفان آئون توهان لاءِ ڈيڄاريندڙ ءِ بشارت ڏيندڙ آهيان.

ع ٢ ٢

اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى

۽ توهان پنهنجي رب کان بخشش طلب ڪريو ان کان پوءِ رب ڏانهن توبه تائب ٿيو، رب تعالىٰ توهانکي مقرر وقت تائين بهترين نفعا ڏيندو

وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ

۽ (آخرت ۾) هر نيڪوڪار کي (سندس نيڪيءَ کان زياده) اجر ڏنو ويندو، ۽ جيڪڏهن توهان منهن موڙيو پوءِ بيشڪ آئون توهان تي قيامت

عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ۝۳ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۴ اَلَآ

جي عذاب جو خوف ڪريان ٿو. الله تعالىٰ ڏانهن توهان کي موٽڻو آهي، ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. خبردار

اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ ؕ اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ

تحقيق اهي (منافق) پنهنجي سينن ۾ عداوت رکن ٿا، ۽ اها الله کان لڪائڻ چاهن ٿا، خبردار جڏهن اهي پنهنجا ڪپڙا

ثِيَابَهُمْ ۙ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝۵

ڍڪين ٿا (اُن وقت به) الله سندن ظاهر ۽ باطن ڄاڻي ٿو. بيشڪ الله سينن جي علم کي ڄاڻندڙ آهي.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ

۽ زمين ۾ رهندڙ هر ڪنهن جاندار جي رزق جو ذمو الله تعالىٰ تي آهي ۽ الله تعالىٰ انهن جي

مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝۶ وَهُوَ الَّذِيْ

رهڻ ۽ موٽڻ جي جاءِ به ڄاڻي ٿو. سڀني (شين) جي لکت لوح محفوظ ۾ آهي. ۽ الله تعالىٰ اهو آهي

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّكَانَ عَرْشُهٗ

جنهن (ست) آسمان ۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيون ۽ (انهيءَ کان اڳ ۾) عرش عظيم

عَلَى الْمَآءِ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنْ قُلْتَ اِنَّكُمْ

پاڻي تي قائم هو (تخليق ان لاءِ ٿي جو) الله تعالىٰ آزمائي ڏئي ته توهان مان نيڪ عمل ڪير ڪري ٿو، ۽ جيڪڏهن رسول عربي انهن کي چوي

مَّبْعُوْثُوْنَ مِنْۢ بَعْدِ الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ

ته موت کان پوءِ توهان اٿاريا ويندا ته ڪافر فوراً چون ٿا ته نه هي ڪو قرآن

الجزء ۱۲

اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَّتَاعًا حَسَنًا اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى

۽ توهان پنهنجي رب کان بخشش طلب ڪريو ان کان پوءِ رب ڏانهن توبه تائب ٿيو، رب تعالىٰ توهانکي مقرر وقت تائين بهترين نفعا ڏيندو

وَّيُؤْتِ كُلَّ ذِيْ فَضْلٍ فَضْلَهٗ ؕ وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ

۽ (آخرت ۾) هر نيڪوڪار کي (سندس نيڪيءَ کان زياده) اجر ڏنو ويندو، ۽ جيڪڏهن توهان منهن موڙيو پوءِ بيشڪ آئون توهان تي قيامت

عَذَابَ يَوْمٍ كَبِيْرٍ ۝۳ اِلَى اللّٰهِ مَرْجِعُكُمْ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝۴ اَلَآ

جي عذاب جو خوف ڪريان ٿو. الله تعالىٰ ڏانهن توهان کي موٽڻو آهي، ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. خبردار

اِنَّهُمْ يَثْنُوْنَ صُدُوْرَهُمْ لِيَسْتَخْفُوْا مِنْهُ ؕ اَلَا حِيْنَ يَسْتَغْشُوْنَ

تحقيق اهي (منافق) پنهنجي سينن ۾ عداوت رکن ٿا، ۽ اها الله کان لڪائڻ چاهن ٿا، خبردار جڏهن اهي پنهنجا ڪپڙا

ثِيَابَهُمْ ۙ يَعْلَمُ مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ۚ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝۵

ڍڪين ٿا (اُن وقت به) الله سندن ظاهر ۽ باطن ڄاڻي ٿو. بيشڪ الله سينن جي علم کي ڄاڻندڙ آهي.

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا وَيَعْلَمُ

۽ زمين ۾ رهندڙ هر ڪنهن جاندار جي رزق جو ذمو الله تعالىٰ تي آهي ۽ الله تعالىٰ انهن جي

مُسْتَقَرَّهَا وَمُسْتَوْدَعَهَا ؕ كُلٌّ فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝۶ وَهُوَ الَّذِيْ

رهڻ ۽ موٽڻ جي جاءِ به ڄاڻي ٿو. سڀني (شين) جي لکت لوح محفوظ ۾ آهي. ۽ الله تعالىٰ اهو آهي

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ وَّكَانَ عَرْشُهٗ

جنهن (ست) آسمان ۽ زمينون ڇهن ڏينهن ۾ پيدا ڪيون ۽ (انهيءَ کان اڳ ۾) عرش عظيم

عَلَى الْمَآءِ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ؕ وَلَئِنْ قُلْتَ اِنَّكُمْ

پاڻي تي قائم هو (تخليق ان لاءِ ٿي جو) الله تعالىٰ آزمائي ڏئي ته توهان مان نيڪ عمل ڪير ڪري ٿو، ۽ جيڪڏهن رسول عربي انهن کي چوي

مَّبْعُوْثُوْنَ مِنْۢ بَعْدِ الْمَوْتِ لَيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ هٰذَآ

ته موت کان پوءِ توهان اٿاريا ويندا ته ڪافر فوراً چون ٿا ته نه هي ڪو قرآن

الجزء ۱۲

إِلَّا سِحْرٌ مُّبِينٌ ۝٧ وَلَئِنْ أَخَّرْنَا عَنْهُمُ الْعَذَابَ إِلَىٰ أُمَّةٍ

مگر ساف جادو ۔ ۽ جيڪڏهن کنهن وقت تائين اسين انهن تان عذاب هٽايون ٿا

مَّعْدُودَةٍ لَّيَقُولُنَّ مَا يَحْبِسُهُ ۗ أَلَا يَوْمَ يَأْتِيهِمْ لَيْسَ مَصْرُوفًا

ته چون ٿاڏ الله تعالىٰ کي عذاب کرڻ کان کنهن روکيو آهي، خبردار جنهن ڏينهن عذاب ايندو ته کوڙ انکي انهن تان

عَنْهُمْ وَحَاقَ بِهِم مَّا كَانُوا بِهِ يَسْتَهْزِئُونَ ۝٨ وَلَئِنْ أَذَقْنَا

هٽائي نه سگهندو ۽ انهن کي اهوئي عذاب گهيري ويندو جنهن لاءِ مذاق کندا هئا ۔ ۽ جيڪڏهن اسين انسان کي کا

الْإِنسَانَ مِنَّا رَحْمَةً ثُمَّ نَزَعْنَاهَا مِنْهُ ۖ إِنَّهُ لَيَئُوسٌ

نعمت عطا ڪري ان کان پوءِ (وري) اها نعمت واپس وٺون ٿا ته بيشڪ (اُن وقت) اهو يقيناً انسان مايوس

كَفُورٌ ۝٩ وَلَئِنْ أَذَقْنَاهُ نَعْمَاءَ بَعْدَ ضَرَّاءَ مَسَّتْهُ لَيَقُولَنَّ

۽ ناشڪر ٿيي ٿو ۔ ۽ جيڪڏهن انسان کي تڪليف کان پوءِ نعمت عطا ڪريون ٿا ته ضرور چوندو ته مون کان

ذَهَبَ السَّيِّئَاتُ عَنِّي ۚ إِنَّهُ لَفَرِحٌ فَخُورٌ ۝١٠ إِلَّا الَّذِينَ

سڀ تڪليفون لهي ويون بيشڪ (اُن وقت) اهو انسان يقيناً خوش ٿيندڙ فخر ڪندڙ آهي ۔ سواءِ انهن ماڻهن جي

صَبَرُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ ۚ أُولَٰئِكَ لَهُم مَّغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ

جن صبر ڪيو ۽ نيڪ عمل ڪيا ، انهن لاءِ بخشش ۽ تمام وڏو

كَبِيرٌ ۝١١ فَلَعَلَّكَ تَارِكٌ بَعْضَ مَا يُوحَىٰ إِلَيْكَ وَضَائِقٌ بِهِ

ثواب آهي ۔ پوءِ ڇا توهان وحي رباني جو ڪجهه حصو ڇڏيندا (يقيناً نه) ۽ (انهن جي اعتراض تي) توهان جو سينو مبارڪ

صَدْرُكَ أَن يَقُولُوا لَوْلَا أُنزِلَ عَلَيْهِ كَنزٌ أَوْ جَاءَ مَعَهُ

تنگ ٿئي ٿو ، اهي چون ٿا ته توهان تي خزانو ڇونه تو نازل ٿئي ، يا توهان سان گڏ ملائڪ ڇونه ٿو اچي

مَلَكٌ ۚ إِنَّمَا أَنتَ نَذِيرٌ ۚ وَاللَّهُ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ وَكِيلٌ ۝١٢

(درحقيقت) توهان ته فقط ڊيڄاريندڙ آهيو ۽ الله تعالىٰ هر شيءِ تي ڪارساز آهي .

أَمْ يَقُولُونَ افْتَرٰىهُ ۖ قُلْ فَأْتُوا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِّثْلِهِ مُفْتَرَيٰتٍ

چاهي ٿا تہ رسول عربي قرآن ڪريم جي پاڻ ناهيو آهي، تون ڀڻ فرمايو پوء توهان فقط ڏهہ سورتون قرآن جي مثال ناهي ڏيکاريو ۽ توهان

وَّادْعُوا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِّنْ دُونِ اللّٰهِ إِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِينَ ﴿١٣﴾

جيڪا طاقت رکي سگهو تا الله کان سواءِ اُن کي پڪاريو جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

فَإِلَّمْ يَسْتَجِيبُوا لَكُمْ فَاعْلَمُوا أَنَّمَا أُنْزِلَ بِعِلْمِ اللّٰهِ وَأَنْ لَّا

پوء جيڪڏهن اهي توهان کي جواب نہ ڏين، پوء توهان يقين ڪريو تہ قرآن ڪريم الله جي علم سان نازل ڪيو ويو آهي الله کان

إِلٰهَ إِلَّا هُوَ ۖ فَهَلْ أَنْتُمْ مُّسْلِمُونَ ﴿١٤﴾ مَنْ كَانَ يُرِيدُ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا

سواءِ ڪو به معبود ناهي، پوء چا توهان (هاڻي) تسليم ڪريو تا. جيڪو ماڻهو دنيا جي حياتي ۽ اُن جي زينت

وَزِينَتَهَا نُوَفِّ إِلَيْهِمْ أَعْمَالَهُمْ فِيهَا وَهُمْ فِيهَا لَا يُبْخَسُونَ ﴿١٥﴾

چاهي تو اسين ڪين دنيا ۾ سندن عملن جي جزا عطا ڪريون تا ۽ انهن کي دنيا ۾ نقصان نہ ڏيو تو ڏنو وڃي.

أُولٰٓئِكَ الَّذِينَ لَيْسَ لَهُمْ فِي الْآخِرَةِ إِلَّا النَّارُ ۖ وَحَبِطَ مَا صَنَعُوا

اهي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ آخرت ۾ باهہ کانسواءِ ڪجهہ به ناهي، ۽ دنيا ۾ جيڪي ڪيائون

فِيهَا وَبٰطِلٌ مَّا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿١٦﴾ أَفَمَنْ كَانَ عَلٰى بَيِّنَةٍ

سو ضايع ٿي ويو ۽ سندن عمل (رياڪاري) باطل ٿي ويا. چا پوء رسول عربي (۽ مؤمن) پنهنجي رب جي طرفان

مِّنْ رَّبِّهِ وَيَتْلُوهُ شَاهِدٌ مِّنْهُ وَمِنْ قَبْلِهِ كِتٰبُ مُوسٰٓى إِمَامًا

دليل تي ناهن (يقيناً آهن) ۽ رسول عربي تي جبرئيل امين قرآن ڪريم پڙهي ٿو ۽ قرآن ڪريم کان اڳ موسيٰ عليہ السلام تورات ڪ (جيڪو جبرئيل جي

وَّرَحْمَةً ۚ أُولٰٓئِكَ يُؤْمِنُونَ بِهِ ۖ وَمَنْ يَّكْفُرْ بِهِ مِنَ الْأَحْزَابِ

معرفت) نازل ٿيو جيڪو رهنما ۽ رحمت هو، اهي ماڻهو قرآن ڪريم تي ايمان آڻن تا، ۽ جيڪي ماڻهو (ڪافر) قرآن جو انڪار ڪن تا

فَالنَّارُ مَوْعِدُهُ ۚ فَلَا تَكُ فِي مِرْيَةٍ مِّنْهُ ۚ إِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ

پوء انهن جي جاءِ جهنم آهي. پوء اي بڌندڙ تون انهن بابت شڪ ۾ نہ ٿي، بيشڪ قرآن ڪريم پنهنجي رب جي طرفان حق آهي

ك تفسير روح البيان. ك تفسير روح البيان وتفسير جامع البيان. ك تفسير جامع البيان.

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى

۽ پر اڪثر ماڻهو ايمان نه تا آڻن . ۽ اُن ماڻهوءَ کان وڌيڪ ظالم ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ؕ اُولٰٓئِكَ يُعْرَضُوْنَ عَلٰى رَبِّهِمْ وَيَقُوْلُ

جيڪو الله تعالىٰ تي ڪوڙ مڑهي، اهي ماڻهو الله تعالىٰ جي دربار ۾ پيش ڪيا ويندا ۽ ملائڪ شاهدي

الْاَشْهَادُ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلٰى رَبِّهِمْ ۚ اَلَا لَعْنَةُ

ڏيندا تہ اهي اُهي ماڻهو آهن جن پنهنجي رب تي ڪوڙ مڑهيو هو، خبردار ! الله تعالىٰ

اللّٰهِ عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۸﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ

جي لعنت ظالمن تي آهي . جيڪي الله تعالىٰ جي راهہ کان روڪن

اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۹﴾

تا ۽ انهي وات کي ٽيڙو سمجهن تا ۽ اهي اِهي آخرت جو انڪار ڪن تا .

اُولٰٓئِكَ لَمْ يَكُوْنُوْا مُعْجِزِيْنَ فِى الْاَرْضِ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ

اهي (ڪافر) زمين ۾ عذاب الاهي کي روڪي نہ ٿا سگهن ۽ انهن وٽ الله کان سواءِ

وقف لازم

اللّٰهِ مِنْ اَوْلِيَآءَ ؘ يُضٰعَفُ لَهُمُ الْعَذَابُ ؕ مَا كَانُوْا يَسْتَطِيْعُوْنَ

ڪي به مددگار ناهن ، انهن لاءِ عذاب ٻيڻو ڪيو ويندو (يعني) اُهو (عذاب) جيڪو نہ ٻڌي سگهندا

السَّمْعَ وَمَا كَانُوْا يُبْصِرُوْنَ ﴿۲۰﴾ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا

۽ نہ ڏسي سگهندا . انهن ماڻهن پنهنجي نفسن کي نقصان ۾

اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۲۱﴾ لَا جَرَمَ اَنَّهُمْ

وڌو ۽ انهن جا هٿرادو[1] بت غائب ٿي ويندا . انهي سبب بيشڪ اِهي اِهي

فِى الْاٰخِرَةِ هُمُ الْاَخْسَرُوْنَ ﴿۲۲﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

آخرت ۾ گهڻي نقصان وارا آهن . بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير مظهري ۱۲ [3] تفسير مظهري ۳

وَاَخْبَتُوْٓا اِلٰى رَبِّهِمْ ۙ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۲۳﴾

۽ پنهنجي رب تعالىٰ ڏانهن دل سان جُهڪيا، اهي جنتي آهن ، اهي جنت ۾ هميشه رهندا .

مَثَلُ الْفَرِيْقَيْنِ كَالْاَعْمٰى وَالْاَصَمِّ وَالْبَصِيْرِ وَالسَّمِيْعِ ۭ

انهن ٻنهي ٽولن (مؤمنن ۽ ڪافرن) جو مثال انڌي ۽ ڏسندڙ ۽ گونگي ۽ ٻڌندڙ جهڙو آهي.

هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ۭ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۲۴﴾ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا

ڇا اهي (ٻئي ٽولا) پاڻ ۾ برابر ٿي سگهن ٿا؟ ڇا پوء توهان نصيحت حاصل ڪريو ۽ تحقيق (حضرت) نوح کي اسان پيغمبر ڪري

نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖٓ ۡ اِنِّىْ لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۵﴾ اَنْ لَّا تَعْبُدُوْٓا

سندس قوم ڏانهن موڪليو، (نوح چيو) بيشڪ آئون توهان لاءِ صاف ڈيڄاريندڙ آهيان. (پيغام هي آهي) توهان فقط الله

اِلَّا اللّٰهَ ۭ اِنِّىْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ اَلِيْمٍ ﴿۲۶﴾ فَقَالَ

تعالىٰ جي عبادت ڪريو، (جيڪڏهن توهان نه ڪيو) تحقيق آئون توهان تي قيامت جي دردناڪ عذاب جو خوف ڪريان ٿو. پوء نوح

الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ مَا نَرٰىكَ اِلَّا بَشَرًا مِّثْلَنَا

جي قوم مان ڪافر سردارن (هي) چيو ته اسين تو کي پاڻ جهڙو بشر ڏسون ٿا

وَمَا نَرٰىكَ اتَّبَعَكَ اِلَّا الَّذِيْنَ هُمْ اَرَاذِلُنَا بَادِيَ الرَّاْيِ ۚ

۽ اسين تنهنجا تابعدار اهي ماڻهو ڏسون ٿا جيڪي اسان مان راءِ جا ڪمزور آهن ،

وَمَا نَرٰى لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍۢ بَلْ نَظُنُّكُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿۲۷﴾ قَالَ

۽ اسين تو کي پاڻ کان پلو نه ٿا سمجهون، بلڪ اسان کي يقين آهي ته توهان ڪوڙا آهيو. نوح چيو

يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰي بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰىنِيْ رَحْمَةً

اي منهنجي قوم ڇا توهان مون کي اها خبر ڏني آهي ته جيڪڏهن آئون پنهنجي رب جي طرفان ڪنهن دليل تي آهيان ۽ مونکي

مِّنْ عِنْدِهٖ فَعُمِّيَتْ عَلَيْكُمْ ۭ اَنُلْزِمُكُمُوْهَا وَاَنْتُمْ لَهَا كٰرِهُوْنَ ﴿۲۸﴾

الله نبوت ڏني آهي پوء توهان ان کان انڌيون پوريو ٿا، ڇا آئون توهان کي (اهڙيءَ حجت) گهڙي ۽ ٻڌائي زبردستي توهان کي ڏياريان ٿو جيڪا توهان کي نه ڏني وڃي.

ع ۲

وَيٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مَالًا ؕ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَمَآ اَنَا

۽ اي منهنجي قوم آئون توهان کان تبليغ جي عيوض دولت نٿو گهران، منهنجو ثواب منهنجي رب تعالىٰ وٽ آهي ۽ آئون مومنن کي

بِطَارِدِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ؕ اِنَّهُمْ مُّلٰقُوْا رَبِّهِمْ وَلٰكِنِّيْٓ اَرٰىكُمْ قَوْمًا

پاڻ کان پري ڪونہ ڪندس، بيشڪ اهي منهنجي رب تعالىٰ سان ملاقات ڪندڙ آهن پر آئون توهان کي جاهل قوم

تَجْهَلُوْنَ ﴿۲۹﴾ وَيٰقَوْمِ مَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ طَرَدْتُّهُمْ ؕ اَفَلَا

ڏسان ٿو ۔ ۽ اي منهنجي قوم جيڪڏهن آئون مومنن کي پري ڪندس تہ پوءِ الله تعالىٰ کان سواءِ ٻيو ڪير منهنجي مدد ڪندو، چاڻو ۽

تَذَكَّرُوْنَ ﴿۳۰﴾ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآئِنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ

توهان نٿا سمجهو ۔ ۽ آئون اهو دعويٰ نٿو ڪريان تہ مونوٽ الله تعالىٰ جا خزانا آهن ۽ آئون (ذات سان) علم غيب

الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ اِنِّيْ مَلَكٌ وَّلَآ اَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ تَزْدَرِيْٓ

کي جاڻان ٿو ۽ آئون اهو دعويٰ نٿو ڪريان تہ آئون ملائڪ آهيان ۽ آئون اهو دعويٰ بہ نٿو ڪريان تہ جيڪي ماڻهو توهان جي نظرن ۾ گهٽ

اَعْيُنُكُمْ لَنْ يُّؤْتِيَهُمُ اللّٰهُ خَيْرًا ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۚ اِنِّيْٓ

آهن انهن کي الله، هرگز ڪو خير نہ ڏيندو ۔ الله انهن جي دلين کان واقف آهي (۽ جيڪڏهن بالفرض ائين چيو ته)

اِذًا لَّمِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۳۱﴾ قَالُوْا يٰنُوْحُ قَدْ جَادَلْتَنَا فَاَكْثَرْتَ جِدَالَنَا

بيشڪ آئون ان وقت ظالمن مان آهيان پوندس ۔ انهن چيو اي نوح تون اسان سان جهگڑو ڪرين ٿو ۽ توهان اسان سان جهگڑو وڌائيو

فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿۳۲﴾ قَالَ اِنَّمَا يَاْتِيْكُمْ

پوءِ تون وعدو ڪيل عذاب آڻ، جيڪڏهن تون سچن مان آهين ۔ نوح چيو عذاب تہ الله آڻيندو

بِهِ اللّٰهُ اِنْ شَآءَ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ﴿۳۳﴾ وَلَا يَنْفَعُكُمْ نُصْحِيْٓ

جيڪڏهن پاڻ چاهي ۽ توهان عذاب تاري نٿا سگهو ۔ ۽ پوءِ توهان کي منهنجي نصيحت ڪو فائدو نہ

اِنْ اَرَدْتُّ اَنْ اَنْصَحَ لَكُمْ اِنْ كَانَ اللّٰهُ يُرِيْدُ اَنْ يُّغْوِيَكُمْ ؕ

ڏيندي، جيڪڏهن آئون چاهيان تہ توهان کي نصيحت ڪريان ۽ جيڪڏهن الله توهان کي گمراه ڪرڻ جو ارادو ڪري تو

له تفسير مظهري.

هُوَ رَبُّكُمْ ۖ وَإِلَيْهِ تُرْجَعُونَ ﴿٣٤﴾ أَمْ يَقُولُونَ افْتَرَاهُ ۖ قُلْ إِنِ

اهو توهان جو رب آهي، ۽ ان ڏانهن توهان کي موٽايو ويندو. چا اهي چون ٿا ڏ توهان پاڻ قرآن تيار ڪيو آهي، توهان فرمايو

افْتَرَيْتُهُ فَعَلَيَّ إِجْرَامِي وَأَنَا بَرِيءٌ مِّمَّا تُجْرِمُونَ ﴿٣٥﴾ وَأُوحِيَ إِلَىٰ

جيڪڏهن (بالفرض) مون قرآن کي پاڻ تيار ڪيو آهي تہ ان جو گناهہ مون تي آهي ۽ آئون توهان جي گناهن کان بيزار آهيان. ۽ نوح ڏانهن وحي

نُوحٍ أَنَّهُ لَن يُؤْمِنَ مِن قَوْمِكَ إِلَّا مَن قَدْ آمَنَ فَلَا

موڪلي وئي تہ تنهنجي قوم مان ٻيو ڪو به تو تي ايمان نہ آڻيندو سواءِ انهن مؤمنن جي جيڪي ايمان آڻي چڪا آهن، پوءِ تون

تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوا يَفْعَلُونَ ﴿٣٦﴾ وَاصْنَعِ الْفُلْكَ بِأَعْيُنِنَا

انهيءَ جو ڏک نہ ڪر جيڪي ڪجهہ اهي ڪن ٿا . ۽ تون (اي نوح) اسانجي حڪم مطابق اسان جي نگراني ۾

وَوَحْيِنَا وَلَا تُخَاطِبْنِي فِي الَّذِينَ ظَلَمُوا ۚ إِنَّهُم مُّغْرَقُونَ ﴿٣٧﴾

ٻيڙي تيار ڪر ۽ تون ظالمن سان مخاطب نہ ٿي ، بيشڪ اهي ٻڏندڙ آهن .

وَيَصْنَعُ الْفُلْكَ ۖ وَكُلَّمَا مَرَّ عَلَيْهِ مَلَأٌ مِّن قَوْمِهِ سَخِرُوا مِنْهُ ۚ

۽ (نوح) ٻيڙي تيار ڪري رهيو هو، ۽ جڏهن بہ ڪو سردار سندس قوم جو اُتان لنگهندو هو تہ سائس مذاق ڪندا هئا.

قَالَ إِن تَسْخَرُوا مِنَّا فَإِنَّا نَسْخَرُ مِنكُمْ كَمَا تَسْخَرُونَ ﴿٣٨﴾ فَسَوْفَ

نوح چيو جيڪڏهن توهان اسان سان مذاق ڪريو ٿا تہ اسين بہ توهان سان مذاق ڪنداسين جيئن توهان مذاق ڪندا هئا، پوءِ جلدي توهان

تَعْلَمُونَ مَن يَأْتِيهِ عَذَابٌ يُخْزِيهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ

معلوم ڪندا تہ عذاب ڪنهن تي اچي ٿو جيڪو ان کي خوار ڪري ۽ ڪنهن تي هميشه وارو عذاب

مُّقِيمٌ ﴿٣٩﴾ حَتَّىٰ إِذَا جَاءَ أَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّورُ ۙ قُلْنَا احْمِلْ فِيهَا

نازل ٿئي ٿو. ايستائين جو اسان جو حڪم پهتو ۽ زمين ۾ جوش ٿا پاڻي نڪرڻ لڳو، اسان حڪم ڪيو تہ ان ٻيڙي ۾ هر

مِن كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَأَهْلَكَ إِلَّا مَن سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ

قسم جي جانورن مان جوڙو جوڙو سوار ڪر ۽ سڀني هلاڪ ٿيار طوفان ۾) مگر جنهن کي بچايو ويو ،

ف تفسير جلالين وتفسير النسفي. ق تفسير المدارك وتفسير جلالين. ك تفسير جلالين. ل تفسير النسفي .

وَمَنْ اٰمَنَ ؕ وَمَآ اٰمَنَ مَعَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلٌ ﴿٤٠﴾ وَقَالَ ارْكَبُوْا فِيْهَا

۽جنهن ماڻهو ايمان آندو، ۽ نوح سان گڏ تمام ٿورڙن ماڻهن ايمان آندو . نوح چيو توهان انهي ٻيڙيءَ ۾ الله جو

بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٤١﴾ وَهِيَ

نالو وٺي سوار ٿيو جيڪو ان ٻيڙيءَ کي هلائڻ ۽ ٻيهارڻ ٿو، بيشڪ منهنجو رب گهڻو بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ اها ٻيڙي

تَجْرِيْ بِهِمْ فِيْ مَوْجٍ كَالْجِبَالِ ۫ وَنَادٰى نُوْحُ ِۨابْنَهٗ وَكَانَ

انهن کي وٺي جبلن جيڏين موجن ۾ هلڻ لڳي ۽ نوح پنهنجي پٽ کي پڪاريو ۽ اهو

فِيْ مَعْزِلٍ يّٰبُنَيَّ ارْكَبْ مَّعَنَا وَلَا تَكُنْ مَّعَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٤٢﴾ قَالَ

علحدهه جاءِ ۾ هو، (نوح پڪاريو تہ) اي منهنجا پٽ مونسان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) سوار ٿي ۽ ڪافرن سان گڏ نہ ٿي . پٽ چيو

سَاٰوِيْٓ اِلٰى جَبَلٍ يَّعْصِمُنِيْ مِنَ الْمَآءِ ؕ قَالَ لَا عَاصِمَ الْيَوْمَ

جلدي آئون جبل تي پناهه وٺندس جيڪو مونکي پاڻي کان بچائيندو، نوح چيو ، اڄ توکي الله جي عذاب کان ڪير

مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ اِلَّا مَنْ رَّحِمَ ۚ وَحَالَ بَيْنَهُمَا الْمَوْجُ فَكَانَ مِنَ

بہ بچائي نہ ٿو سگهي سواءِ اُن جي جنهن تي پاڻ رحم ڪري، ايتري ۾ پاڻي پٽ جي وچ ۾ موجون اچي ويون، پوءِ پٽ غرق

الْمُغْرَقِيْنَ ﴿٤٣﴾ وَقِيْلَ يٰٓاَرْضُ ابْلَعِيْ مَآءَكِ وَيٰسَمَآءُ اَقْلِعِيْ وَغِيْضَ

ٿي ويو . ۽ حڪم ڪيو ويو تہ اي زمين تون پنهنجو پاڻي جذب ڪر ۽ اي آسمان تون رڪجي وڃ ۽ پاڻي

الْمَآءُ وَقُضِيَ الْاَمْرُ وَاسْتَوَتْ عَلَى الْجُوْدِيِّ وَقِيْلَ بُعْدًا لِّلْقَوْمِ

سُڪي ويو ۽ وعدو پورو ڪيو ويو (عذاب جو) ۽ ٻيڙي اچي جُودي (جبل) تي بيٺي ۽ چيو ويو هي عذاب آهي

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ وَنَادٰى نُوْحٌ رَّبَّهٗ فَقَالَ رَبِّ اِنَّ ابْنِيْ مِنْ

ظالم قومن لاءِ . ۽ نوح پنهنجي رب کي پڪاريو پوءِ عرض ڪيائين اي منهنجا رب بيشڪ منهنجو پٽ منهنجي

اَهْلِيْ وَاِنَّ وَعْدَكَ الْحَقُّ وَاَنْتَ اَحْكَمُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٤٥﴾

اهل ۾ آهي ۽ بيشڪ تنهنجو وعدو (نجات جو) سچو آهي ۽ تون بهترين فيصلو ڪندڙ آهين .

الربع

قرءحفص بفتح الميم واما لة الراء ١٢
١٢ تفسير روح البيان ولغات القرآن . ١٢ تفسير روح البيان وتفسير كابلين .

قَالَ يٰنُوْحُ اِنَّهٗ لَيْسَ مِنْ اَهْلِكَ ۚ اِنَّهٗ عَمَلٌ غَيْرُ صَالِحٍ ۖ فَلَا

الله تعالىٰ فرمايو اي نوح تحقيق اهو تنهنجي اهل مان ناهي (جوڊ) تحقيق انهيءَ جا عمل صالح ناهن . پوءِ تون

تَسْـَٔلْنِ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۭ اِنِّىْٓ اَعِظُكَ اَنْ تَكُوْنَ مِنَ

مون کان اهو سوال نه ڪر جنهن جو تو کي ڪو علم ناهي ، تحقيق آئون تو کي نصيحت ڪريان ٿو تہ متان تون نادانن

الْجٰهِلِيْنَ ۝٤٦ قَالَ رَبِّ اِنِّىْٓ اَعُوْذُ بِكَ اَنْ اَسْـَٔلَكَ مَا لَيْسَ لِىْ

مان ٿي پوين . نوح عرض ڪيو تحقيق آئون تو کان (آئندہ) اُن سوال بابت پناه گهران ٿو جنهن جو مون کي ڪو

بِهٖ عِلْمٌ ۭ وَاِلَّا تَغْفِرْ لِىْ وَتَرْحَمْنِىْٓ اَكُنْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ۝٤٧

علم ناهي ، پوءِ جيڪڏهن تو مونکي بخش نه ڪيو ۽ رحم نه ڪيو تہ آئون نقصان وارن مان ٿي پوندس .

قِيْلَ يٰنُوْحُ اهْبِطْ بِسَلٰمٍ مِّنَّا وَبَرَكٰتٍ عَلَيْكَ وَعَلٰٓى اُمَمٍ

حڪم ڪيو ويو تہ اي نوح (هيٺ) مان هيٺ لهه اسان جي طرفان سلامتي ۽ برڪتن سان جيڪا تنهنجي مٿان ۽ انهن ٽولن

مِّمَّنْ مَّعَكَ ۭ وَاُمَمٌ سَنُمَتِّعُهُمْ ثُمَّ يَمَسُّهُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٤٨

جن سان آهي جيڪي تو سان گڏ آهن ، ۽ ڪجهه ماڻهن (ڪافرن) کي اسين (دنيا جو) فائدو ڏينداسين ان کان پوءِ کين دردناڪ عذاب پهچندو .

تِلْكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهَآ اِلَيْكَ ۚ مَا كُنْتَ تَعْلَمُهَآ اَنْتَ

اهي غيب جون خبرون آهن جيڪي اسين رسول عربي ڏانهن موڪليون ٿا . انهن ڳالهين کي اڳ ۾ نه تو ڄاڻندو هئين

وَلَا قَوْمُكَ مِنْ قَبْلِ هٰذَا ۛ فَاصْبِرْ ۭ اِنَّ الْعَاقِبَةَ لِلْمُتَّقِيْنَ ۝٤٩ ع

۽ نه تنهنجي توهان جي قوم ڄاڻندڙ هئي ، رسول عربي توهان صبر ڪريو ، بيشڪ سُهڻي پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي .

وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ هُوْدًا ۭ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ

۽ عاد (قوم) ڏانهن اسان سندن ڀاءُ هود (پيغمبر ڪري موڪليوسين) هود چيو اي منهنجي قوم توهان الله جي عبادت ڪريو جنهن کان سواءِ

اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُفْتَرُوْنَ ۝٥٠ يٰقَوْمِ لَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ

ڪو معبود ناهي ، توهان تہ الله تي ڪوڙ مڙهيندڙ آهيو . اي منهنجي قوم آئون توهان کان انهيءَ (نصيحت) جو

معانقه الوقف على فاصبر احسن والبق ١٢

له تفسير مظهري وتفسير روح البيان . مه تفسير مظهري . مح تفسير روح البيان . مط تفسير جامع البيان .

اَجۡرًا ؕ اِنۡ اَجۡرِیَ اِلَّا عَلَی الَّذِیۡ فَطَرَنِیۡ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ﴿۵۱﴾ وَ

ڪو ۽ اجور ۽ طلب نہ ٿو ڪريان، منهنجو ثواب انهيءَ (الله) جي ذمي آهي جنهن مون کي پيدا ڪيو. ڇا پوءِ توهان عقل کان ڪم نٿا وٺو.

یٰقَوۡمِ اسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّکُمۡ ثُمَّ تُوۡبُوۡۤا اِلَیۡہِ یُرۡسِلِ السَّمَآءَ

۽ اي منهنجي قوم توهان پنهنجي رب کان بخشش طلب ڪريو ان کان پوءِ الله، توهان جي مٿان مسلسل

عَلَیۡکُمۡ مِّدۡرَارًا وَّ یَزِدۡکُمۡ قُوَّۃً اِلٰی قُوَّتِکُمۡ وَ لَا تَتَوَلَّوۡا

مينهن وسائيندو ۽ توهان جي (موجوده) قوت ۾ وڌيڪ ترقي پيدا ڪندو ۽ توهان مجرمي (تبليغ کان)

مُجۡرِمِیۡنَ ﴿۵۲﴾ قَالُوۡا یٰہُوۡدُ مَا جِئۡتَنَا بِبَیِّنَۃٍ وَّ مَا نَحۡنُ

منهن نہ ڦيرائجو. انهن چيو اي هود تو اسان وٽ ڪو صاف دليل نہ آندو آهي ۽ اسين تنهنجي چوڻ سان

بِتَارِکِیۡۤ اٰلِہَتِنَا عَنۡ قَوۡلِکَ وَ مَا نَحۡنُ لَکَ بِمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿۵۳﴾

پنهنجي معبودن کي ڪو نہ ڇڏيندا سين ۽ اسين تو تي ايمان نہ آڻيندا سين.

اِنۡ نَّقُوۡلُ اِلَّا اعۡتَرٰىکَ بَعۡضُ اٰلِہَتِنَا بِسُوۡٓءٍ ؕ قَالَ اِنِّیۡۤ اُشۡہِدُ اللّٰہَ

اسين ته اهو چئون ٿا ته اسان جا ڪجهه بُت تو کي ڪَلاڪ ڪري ڇڏيندا، هو چيو بيشڪ آئون الله کي شاهد بنايان ٿو

وَ اشۡہَدُوۡۤا اَنِّیۡ بَرِیۡٓءٌ مِّمَّا تُشۡرِکُوۡنَ ﴿۵۴﴾ مِنۡ دُوۡنِہٖ فَکِیۡدُوۡنِیۡ جَمِیۡعًا

۽ توهان شاهدي ڏيو ته بيشڪ آئون توهان جي شرڪ کان بري آهيان جيڪو توهان الله سان ڪريو ٿا. پوءِ توهان سڀئي مون لاءِ

ثُمَّ لَا تُنۡظِرُوۡنِ ﴿۵۵﴾ اِنِّیۡ تَوَکَّلۡتُ عَلَی اللّٰہِ رَبِّیۡ وَ رَبِّکُمۡ ؕ مَا مِنۡ دَآبَّۃٍ

منصوبو تيار ڪري ان کان پوءِ مون کي مهلت نہ ڏيو. بيشڪ مون الله تي توڪل ڪيو آهي جيڪو منهنجو ۽ توهان جو رب آهي هر جاندار

اِلَّا ہُوَ اٰخِذٌۢ بِنَاصِیَتِہَا ؕ اِنَّ رَبِّیۡ عَلٰی صِرَاطٍ مُّسۡتَقِیۡمٍ ﴿۵۶﴾ فَاِنۡ

تي الله تعالىٰ جو تصرف ۽ غلبو آهي، بيشڪ منهنجو رب سڌين رستي تي ملي ٿو. پوءِ جيڪڏهن

تَوَلَّوۡا فَقَدۡ اَبۡلَغۡتُکُمۡ مَّاۤ اُرۡسِلۡتُ بِہٖۤ اِلَیۡکُمۡ ؕ وَ یَسۡتَخۡلِفُ رَبِّیۡ قَوۡمًا

اهي منهن موڙن پوءِ تحقيق مون توهان وٽ تبليغي حڪم پُهچايا، ۽ منهنجو رب جلدي توهان جي قوم کي

(منزل ۳)

غَيْرُكُمْ ۚ وَلَا تَضُرُّوْنَهٗ شَيْـًٔا ۭ اِنَّ رَبِّيْ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ۝٥٧

تبديل كندو ۽ رب تعالىٰ کي توهان کنهن شيءِ جو نقصان پهچائي نٿا سگهو، بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءِ جو محافظ آهي.

وَلَمَّا جَاۗءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا هُوْدًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا ۚ

۽ جڏهن انهن تي اسانجو عذاب آيو تہ اسان هود ۽ مؤمنن کي پنهنجي رحمت سان نجات ڏني.

وَنَجَّيْنٰهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ۝٥٨ وَتِلْكَ عَادٌ ۤ جَحَدُوْا بِاٰيٰتِ

۽ اسان انهن کي سخت عذاب کان بچايو. اها عاد (جي قوم) هُئي جنهن پنهنجي رب جي آيتن جو

رَبِّهِمْ وَعَصَوْا رُسُلَهٗ وَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ كُلِّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ۝٥٩ وَاُتْبِعُوْا

انڪار ڪيو ۽ رسولن جي به نافرماني ڪئي، ۽ هر ضدي ۽ سرڪش ماڻهوءَ جي انهن تابعداري ڪئي. ۽ انهن تي لعنت

فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اَلَآ اِنَّ عَادًا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ۭ

لڳائي وئي هن دُنيا ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ ، خبردار بيشڪ عاد (قوم) پنهنجي رب جو انڪار ڪيو،

اَلَا بُعْدًا لِّعَادٍ قَوْمِ هُوْدٍ ۝٦٠ وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ

خبردار عذاب آهي عاد تي يعني قوم هود تي . ۽ ثمود قوم ڏانهن سندن ڀاءُ صالح (پيغمبر ڪري موڪليو سين) صالح چيو اي منهنجي

اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ هُوَ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

قوم توهان الله جي عبادت ڪريو جنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ معبود ناهي، انهيءَ (رب) توهان کي زمين مان پيدا فرمايو

وَاسْتَعْمَرَكُمْ فِيْهَا فَاسْتَغْفِرُوْهُ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ۭ اِنَّ رَبِّيْ قَرِيْبٌ

۽ توهان کي زمين ۾ آباد ڪيو، پوءِ توهان الله کان بخشش طلب ڪريو ۽ الله ڏانهن وريو، بيشڪ منهنجو رب ويجهو آهي

مُّجِيْبٌ ۝٦١ قَالُوْا يٰصٰلِحُ قَدْ كُنْتَ فِيْنَا مَرْجُوًّا قَبْلَ هٰذَآ اَتَنْهٰىنَآ

دُعائون قبول ڪندڙ آهي. انهن چيو اي صالح هن کان اڳ ۾ تو ۾ اسان جون وڏيون اميدون هيون ڇا تون اسان کي انهن

اَنْ نَّعْبُدَ مَا يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُنَا وَاِنَّنَا لَفِيْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَآ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ ۝٦٢

بُتن جي عبادت کان منع ڪرين تو جن جي اسان جاوڏا عبادت ڪندا هُئا، بيشڪ اسين تنهنجي تبليغ ۾ شڪ ڪندڙ آهيون.

وقف لازم ٥ ٢ ٤ ٣ ٥

لہ تفسير روح البيان . ٭ تفسير مظهري .

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَاٰتٰنِيْ مِنْهُ

صالح چيواي منهنجي قوم مڃاتوهان مون کي پُڌ ايُنداتا آئون جيڪڏهن بي فرماني ڪريان تہ پوءِ منهنجي ڪير

رَحْمَةً فَمَنْ يَّنْصُرُنِيْ مِنَ اللّٰهِ اِنْ عَصَيْتُهٗ فَمَا تَزِيْدُوْنَنِيْ غَيْرَ

مدد ڪندو اُن کان پوءِ جو مون کي پنهنجي رب جي طرفان حجت ۽ نبوت ملي چڪي آهي. پوءِ توهان تہ مون کي

تَخْسِيْرٍ ﴿۶۳﴾ وَيٰقَوْمِ هٰذِهٖ نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ

نقصان ۾ وجهوٽا. ۽ اي منهنجي قوم هي الله جي ڏاڃي آهي جيڪا توهان لاءِ نشاني آهي پوءِ توهان ان کي ڇڏي ڏيو تہ

اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ قَرِيْبٌ ﴿۶۴﴾

الله جي زمين ۾ کائي ۽ توهان ان کي ڪا تڪليف نہ ڏيو پوءِ توهان کي فوراً عذاب پهچندو .

فَعَقَرُوْهَا فَقَالَ تَمَتَّعُوْا فِيْ دَارِكُمْ ثَلٰثَةَ اَيَّامٍ ۭ ذٰلِكَ وَعْدٌ غَيْرُ

پوءِ انهن ڏاڃي کي هلاڪ ڪيو، پوءِ صالح چيو تہ اوهان ٽي ڏينهن پنهنجي گهرن ۾ نفعو وٺو (پوءِ) هي وعدو (عذاب جو)

مَكْذُوْبٍ ﴿۶۵﴾ فَلَمَّا جَاۗءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا صٰلِحًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ڪوڙو ناهي . پوءِ جڏهن انهن تي اسان جو عذاب آيو تہ اسان صالح ۽ جن مانهن اُن سان گڏ

مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَمِنْ خِزْيِ يَوْمِىِٕذٍ ۭ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ الْقَوِيُّ

ايمان آندو، انهن کي پنهنجي رحمت سان اُن ڏينهن جي خواريءَ واري عذاب کان نجات ڏني، بيشڪ توهان جو رب وڏي قوت وارو

الْعَزِيْزُ ﴿۶۶﴾ وَاَخَذَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا فِيْ دِيَارِهِمْ

غالب آهي . ۽ اهي ظالم وڏي آواز واري عذاب ۾ گرفتار ٿيا. پوءِ اهي صبح جو وقت پنهنجي گهرن ۾

جٰثِمِيْنَ ﴿۶۷﴾ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۭ اَلَآ اِنَّ ثَمُوْدَا كَفَرُوْا رَبَّهُمْ ۭ اَلَا

گوڏن ڀر ڪري ٽمٺا. گويا ڪ اهي اتي رهيا ئي ڪونہ ٿا، خبردار بيشڪ ثمود جي قوم پنهنجي رب جو انڪار ڪيو، خبردار

بُعْدًا لِّثَمُوْدَ ﴿۶۸﴾ وَلَقَدْ جَاۗءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى قَالُوْا ع ۲۵/۳

لعنت آهي ثمود تي. ۽ بيشڪ ابراهيم وٽ اسان جي فرشتن (پُٽ جمڻ جي) مبارڪ آندي ، فرشتن چيو

سَلٰمًا ؕ قَالَ سَلٰمٌ فَمَا لَبِثَ اَنْ جَآءَ بِعِجْلٍ حَنِيْذٍ ﴿۶۹﴾ فَلَمَّا رَاٰۤ

السلام عليڪم، ابراهيم چيو وعليڪم السلام، پوءِ فوراً (ابراهيم) انهن کي گائي گوشت جو ڪباب پيش ڪيو. پوءِ جڏهن ابراهيم

اَيْدِيَهُمْ لَا تَصِلُ اِلَيْهِ نَكِرَهُمْ وَاَوْجَسَ مِنْهُمْ خِيْفَةً ؕ قَالُوْا لَا

ڏٺو تہ اهي کاب نہ ڪائن تہ انهن کي ڏاريو سمجهايائين ۽ انهن کان خوف محسوس ڪيائين، فرشتن چيو تون

تَخَفْ اِنَّاۤ اُرْسِلْنَاۤ اِلٰى قَوْمِ لُوْطٍ ﴿۷۰﴾ وَامْرَاَتُهٗ قَآئِمَةٌ فَضَحِكَتْ فَبَشَّرْنٰهَا

اسان کان خوف نہ ڪر بيشڪ اسين لوط جي قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون ۽ ابراهيم جي گهرواري بيٺل هئي جيڪا کلي پوءِ اسان ان کي

بِاِسْحٰقَ ۙ وَمِنْ وَّرَآءِ اِسْحٰقَ يَعْقُوْبَ ﴿۷۱﴾ قَالَتْ يٰوَيْلَتٰٓى ءَاَلِدُ

اسحاق (پٽ) ۽ اُن کان پوءِ يعقوب (پوٽي) جي مبارڪ ڏني. (اي بي جا) چوڻ لڳي واه آئون بار ڇٽيندس

وَاَنَا عَجُوْزٌ وَّهٰذَا بَعْلِىْ شَيْخًا ؕ اِنَّ هٰذَا لَشَىْءٌ عَجِيْبٌ ﴿۷۲﴾

۽ آئون ته عمر رسيده آهيان ۽ هي منهنجو گهر وارو (ابراهيم) عمر رسيده آهي، بيشڪ هي ڳالهه تعجب واري آهي.

قَالُوْۤا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ ۚ رَحْمَتُ اللّٰهِ وَبَرَكٰتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ

فرشتن چيو ڇا تون الله جي قدرت تي عجب ڪرين ٿي. اي اهل بيت تو هان تي الله جون رحمتون ۽

الْبَيْتِ ؕ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ ﴿۷۳﴾ فَلَمَّا ذَهَبَ عَنْ اِبْرٰهِيْمَ الرَّوْعُ وَ

برڪتون آهن، بيشڪ الله تعالى گهڻو سراهيل گهڻو احسان ڪندڙ آهي. پوءِ جڏهن ابراهيم تان خوف لٿو ۽

جَآءَتْهُ الْبُشْرٰى يُجَادِلُنَا فِىْ قَوْمِ لُوْطٍ ؕ ﴿۷۴﴾ اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ

اُن کي مبارڪ ملي تہ فرشتن سان لوط جي قوم بابت سوال جواب ڪرڻ لڳو. بيشڪ ابراهيم گهڻو برد بار گهڻو آزي

اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ﴿۷۵﴾ يٰۤاِبْرٰهِيْمُ اَعْرِضْ عَنْ هٰذَا ۚ اِنَّهٗ قَدْ جَآءَ اَمْرُ

ڪندڙ، گهڻو الله ڏانهن رجوع ڪندڙ آهي. (ملائڪن چيو) اي ابراهيم تون اُن ڳالهه تان لهي وڃ، بيشڪ انهن تي تنهنجي ربّ

رَبِّكَ ۚ وَاِنَّهُمْ اٰتِيْهِمْ عَذَابٌ غَيْرُ مَرْدُوْدٍ ﴿۷۶﴾ وَلَمَّا جَآءَتْ

جو عذاب اينڊو ۽ بيشڪ انهن تي اهو عذاب اينڊو جيڪو قطعاً روڪيو نہ ويندو. ۽ جڏهن اسان جا فرشتا

له تفسير روح البيان. ڪه تفسير مظهري. ڪه تفسير بيضاوي. ڪه تفسير نسفي.

رُسُلُنَا لُوطًا سِيٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالَ هٰذَا يَوْمٌ

لوط وٽ پهتا تہ لوط غمگين ٿيو ۽ سندس دل پريشان ٿي ۽ چيائين تہ هي ڏينهن تمام

عَصِيْبٌ ﴿۷۷﴾ وَجَآءَهٗ قَوْمُهٗ يُهْرَعُوْنَ اِلَيْهِ ؕ وَمِنْ قَبْلُ

سخت[1] آهي . ۽ لوط وٽ سندس قوم واراتڪڙا اچڻ لڳا، ۽ ان کان اڳ اهي

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ ؕ قَالَ يٰقَوْمِ هٰٓؤُلَآءِ بَنَاتِيْ هُنَّ

خراب عمل ڪندا هئا ، لوط چيواي منهنجي قوم هي منهنجي قوم جون نياڻيون آهن ، اهي

اَطْهَرُ لَكُمْ فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخْزُوْنِ فِيْ ضَيْفِيْ ؕ اَلَيْسَ

توهان لاءِ وڌيڪ پاڪ آهن ، پوءِ توهان الله کان ڈجو ۽ مون کي منهنجي مهمانن[2] ۾ شرمندو[3] ڪريو ، ڇا توهان

مِنْكُمْ رَجُلٌ رَّشِيْدٌ ﴿۷۸﴾ قَالُوْا لَقَدْ عَلِمْتَ مَا لَنَا فِيْ بَنٰتِكَ

۾هڪ مانڊو به هدايت وارو ناهي ؟ انهن چيو تون ڄاڻين ٿو تہ اسان کي تنهنجي قوم جي نياڻين جي

مِنْ حَقٍّ ۚ وَاِنَّكَ لَتَعْلَمُ مَا نُرِيْدُ ﴿۷۹﴾ قَالَ لَوْ اَنَّ لِيْ بِكُمْ

ڪا ضرورت[4] ناهي ، ۽ بيشڪ تون اسانجي ارادي کان واقف آهين . لوط چيو جيڪڏهن تحقيق مون کي

قُوَّةً اَوْ اٰوِيْٓ اِلٰى رُكْنٍ شَدِيْدٍ ﴿۸۰﴾ قَالُوْا يٰلُوْطُ اِنَّا رُسُلُ

جسماني طاقت ، يا قبيلي جي[5] طاقت هجي ها (تہ آئون توهان سان مقابلو ڪريان ها) فرشتن چيواي لوط بيشڪ اسين تنهنجي

رَبِّكَ لَنْ يَّصِلُوْٓا اِلَيْكَ فَاَسْرِ بِاَهْلِكَ بِقِطْعٍ مِّنَ الَّيْلِ وَ

رب جي طرفان موڪليل آهيون اهي توهان تائين پهچي نہ سگهندا ، پوءِ تون پنهنجي گهر واري کان سواءِ ٻين سڀني

لَا يَلْتَفِتْ مِنْكُمْ اَحَدٌ اِلَّا امْرَاَتَكَ ؕ اِنَّهٗ مُصِيْبُهَا مَآ

گهر جي ماڻهن کي رات جي ڪجهه حصي ۾ وٺي روانو ٿي ۽ توهان[6] مان ڪو به ٻوڙي نہ ڏسي ، بيشڪ جيڪو عذاب انهي قوم تي

اَصَابَهُمْ ؕ اِنَّ مَوْعِدَهُمُ الصُّبْحُ ؕ اَلَيْسَ الصُّبْحُ بِقَرِيْبٍ ﴿۸۱﴾

ايندو اهوئي عذاب تي ايندو ، بيشڪ صبح جي وقت انهن تي عذاب ايندو ، ڇا صبح قريب ناهي ؟

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير مظهري . [3] تفسير مظهري .

[4] تفسير مظهري ، جلالين ۽ جامع البيان .

فَلَمَّا جَآءَ اَمْرُنَا جَعَلْنَا عَالِيَهَا سَافِلَهَا وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهَا حِجَارَةً

پوءِ جڏهن اسانجو عذاب پهتو تڏهن اسان انهن ڳوٺن کي اُٿلائي ڇڏيو ۽ اسان انهن جي مٿان مسلسل

مِّنْ سِجِّيْلٍ ۙ مَّنْضُوْدٍ ۙ﴿۸۲﴾ مُّسَوَّمَةً عِنْدَ رَبِّكَ ؕ وَمَا هِيَ مِنَ

مٽي جا پٿر وسايا . جن تي الله جي طرفان نشان لڳل هئا ، ۽ اهي پٿر

الظّٰلِمِيْنَ بِبَعِيْدٍ ﴿۸۳﴾ وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ

ظالمن کان پري ناهن . ۽ مدين ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب (پيغمبر ڪري موڪليوسين)، شعيب چيواي منهنجي

اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ وَلَا تَنْقُصُوا الْمِكْيَالَ

قوم توهان الله جي عبادت ڪريو جنهن کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود ناهي، ۽ ماپ ۽ تور ۾

وَالْمِيْزَانَ اِنِّيْۤ اَرٰىكُمْ بِخَيْرٍ وَّاِنِّيْۤ اَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ

گهٽتائي نه ڪريو ، بيشڪ منهنجي نظر ۾ توهان مالدار آهيو ، ۽ بيشڪ آئون توهان تي قيامت جي ڏينهن واري

يَوْمٍ مُّحِيْطٍ ﴿۸۴﴾ وَيٰقَوْمِ اَوْفُوا الْمِكْيَالَ وَالْمِيْزَانَ بِالْقِسْطِ

عذاب جو خوف ڪريان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم توهان ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڪريو

وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ

۽ ماڻهن کي سندن شيون ڪٽائي نه ڏيو ۽ توهان زمين ۾ فساد برپا

مُفْسِدِيْنَ ﴿۸۵﴾ بَقِيَّتُ اللّٰهِ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۚ

نه ڪريو . الله تعالىٰ جو ڏنل (حلال) توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان مؤمن آهيو .

وَمَاۤ اَنَا عَلَيْكُمْ بِحَفِيْظٍ ﴿۸۶﴾ قَالُوْا يٰشُعَيْبُ اَصَلٰوتُكَ تَاْمُرُكَ

۽ آئون توهان تي نگهبان ناهيان . انهن چيواي شعيب ڇا تنهنجي نماز تو کي حڪم ڪري ٿي ته

اَنْ نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوْ اَنْ نَّفْعَلَ فِىْۤ اَمْوَالِنَا

اسين بُتن جي عبادت کي ڇڏي ڏيون، يا جيڪو اسين پنهنجي مالن ۾ ڪريون ٿا

لہ تفسیر مظهري . تہ من طين طبع بالنار ، لغات القرآن عربي ۱۲ ٹہ تفسیر ابن کثیر . ٹھ تفسیر مظهري .

مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنْتَ الْحَلِيْمُ الرَّشِيْدُ ﴿٨٧﴾ قَالَ يٰقَوْمِ

اهو نڪريون جيڪو اسين چاهيون ٿا، بيشڪ تون ئي وڏو عقلمند ۽ هدايت وارو آهين. شعيب چيو اي منهنجي قوم

اَرَءَيْتُمْ اِنْ كُنْتُ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّيْ وَرَزَقَنِيْ مِنْهُ

ٻڌايو ته جيڪڏهن مون کي پنهنجي رب جي طرفان نبوت ملي آهي ۽ مون کي پاڻ وٽان حلال

رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اُخَالِفَكُمْ اِلٰى مَآ اَنْهٰىكُمْ

رزق عطا ڪيو اٿس، ۽ آئون اهو ڪم ڪرڻ نٿو چاهيان جنهن لاءِ آئون توهان کي

عَنْهُ ؕ اِنْ اُرِيْدُ اِلَّا الْاِصْلَاحَ مَا اسْتَطَعْتُ ؕ وَمَا تَوْفِيْقِيْٓ

منع ڪريان ٿو، آئون پنهنجي توفيق مطابق اصلاح چاهيان ٿو . ۽ منهنجي توفيق، الله جي

اِلَّا بِاللّٰهِ ؕ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ﴿٨٨﴾

مدد سان آهي، الله تعالىٰ تي مون توڪل ڪيو آهي ۽ آئون الله تعالىٰ ڏانهن رجوع ڪيان ٿو .

وَيٰقَوْمِ لَا يَجْرِمَنَّكُمْ شِقَاقِيْٓ اَنْ يُّصِيْبَكُمْ مِّثْلُ مَآ اَصَابَ قَوْمَ

۽ اي منهنجي قوم منهنجي مخالفت جي ڪري متان توهان کي عذاب پهچي جيڪو نوح

نُوْحٍ اَوْ قَوْمَ هُوْدٍ اَوْ قَوْمَ صٰلِحٍ ؕ وَمَا قَوْمُ لُوْطٍ مِّنْكُمْ بِبَعِيْدٍ ﴿٨٩﴾

هود ۽ صالح جي قوم کي پهتو، ۽ لوط جي قوم (عذاب وارو زمانو) توهان کان پري ناهي.

وَاسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْٓا اِلَيْهِ ؕ اِنَّ رَبِّيْ رَحِيْمٌ وَّدُوْدٌ ﴿٩٠﴾

۽ توهان پنهنجي رب کان بخشش طلب ڪريو ۽ کانپوءِ الله ڏانهن (موٽو) بيشڪ منهنجو رب باجهارو پيار ڪندڙ آهي.

قَالُوْا يٰشُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَقُوْلُ وَاِنَّا لَنَرٰىكَ فِيْنَا

انهن چيو اي شعيب اسان کي تنهنجون گهڻيون گالهيون سمجهه ۾ نٿيون اچن بيشڪ اسان تنهنجي نظرن ۾ رڳو

ضَعِيْفًا ۚ وَلَوْلَا رَهْطُكَ لَرَجَمْنٰكَ ۖ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْنَا بِعَزِيْزٍ ﴿٩١﴾

ضعيف آهين، ۽ جيڪڏهن تنهنجو قبيلو نه هجي ها تہ اسين توکي سنگسار ڪري ڇڏيون ها، ۽ تون اسان ۾ وڏي معزز ناهين.

١ تفسير روح البيان. ٢ تفسير مظهري.

قَالَ يٰقَوْمِ اَرَهْطِيْٓ اَعَزُّ عَلَيْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ ۭ وَاتَّخَذْتُمُوْهُ

شعيب چيواي منهنجي قوم توهان کي منهنجو قبيلو الله کان وڌيڪ عزت وارو آهي، ۽ توهان الله کي بالڪل

وَرَاۗءَكُمْ ظِهْرِيًّا ۭ اِنَّ رَبِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ۝۹۲ وَيٰقَوْمِ

وساريو[1] ڇڏيو آهي ، بيشڪ منهنجو رب توهان جي[2] عملن جي[3] جزا ڏيندڙ آهي. ۽ اي منهنجي قوم

اعْمَلُوْا عَلٰي مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۭ سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ يَّاْتِيْهِ

توهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪريو بيشڪ آئون به عمل ڪندڙ آهيان، توهان جلدي معلوم ڪندا تہ ڪنهن تي عذاب

عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ ۭ وَارْتَقِبُوْٓا اِنِّىْ مَعَكُمْ

اچي ٿو جيڪو ان کي خوار ڪري ٿو، ۽ ڪير ڪوڙو آهي ، ۽ توهان انتظار ڪريو بيشڪ آئون به توهان سان

رَقِيْبٌ ۝۹۳ وَلَمَّا جَاۗءَ اَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَّالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. ۽ جڏهن اسان جو عذاب پهتو تہ اسان شعيب ۽ جن مانڻهن سانس گڏ ايمان

مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَاَخَذَتِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوا الصَّيْحَةُ فَاَصْبَحُوْا

آندو انهن کي پنهنجي رحمت سان نجات ڏني، ۽ ظالمن کي زوردار آواز هلاڪ ڪيو پوءِ صبح جي

فِيْ دِيَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ۝۹۴ كَاَنْ لَّمْ يَغْنَوْا فِيْهَا ۭ اَلَا بُعْدًا

وقت پنهنجي گهرن ۾ گوڏن ڀر ڪري ويا (مري ويا). گويا ڪڏهن اُتي رهيا ئي ڪونہ هئا، خبردار عذاب ۾ گرفتار ٿيا

لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُوْدُ ۝۹۵ وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى ع ۙ

مدين وارا جيئن ثمود وارا عذاب ۾ گرفتار ٿيا هئا. ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي پنهنجي

بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۝۹۶ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ

نشانين ۽ معجزن سان فرعون ۽ اُن جي لشکر ڏانهن موڪليو

فَاتَّبَعُوْٓا اَمْرَ فِرْعَوْنَ ۚ وَمَآ اَمْرُ فِرْعَوْنَ بِرَشِيْدٍ ۝۹۷

پوءِ انهن فرعون جي حڪم جي تابعداري ڪئي، ۽ فرعون جو حُڪم صحيح[4] نہ هو.

[1] تفسير روح البيان. [2] تفسير روح البيان. [3] تفسير مظهري. [4] تفسير جلالين.

يَقْدُمُ قَوْمَهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فَاَوْرَدَهُمُ النَّارَ ؕ وَبِئْسَ الْوِرْدُ
قيامت جي ڏينهن فرعون پنهنجي قوم جي اڳواڻي ڪري پوءِ انهن کي جهنم ۾ لاهيندو، ۽ دوزخ تمام خراب جاءِ
الْمَوْرُوْدُ ﴿۹۸﴾ وَاُتْبِعُوْا فِيْ هٰذِهٖ لَعْنَةً وَّيَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ بِئْسَ
آهي داخل ٿين ٿا جي. ۽ اهي لعنتي هوندا هن دنيا ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ اهو انعام
الرِّفْدُ الْمَرْفُوْدُ ﴿۹۹﴾ ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْقُرٰى نَقُصُّهٗ عَلَيْكَ
تمام خراب آهي. اهي (آگين) ڳوٺاڻن جون خبرون آهن جيڪي اسين توهان تي بيان ڪريون ٿا
مِنْهَا قَآئِمٌ وَّحَصِيْدٌ ﴿۱۰۰﴾ وَمَا ظَلَمْنٰهُمْ وَلٰكِنْ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ
ڪي (ڳوٺ) انهن مان موجود آهن ۽ ڪي ختم ٿي چڪا آهن. ۽ اسان انهن تي ظلم نه ڪيو پر انهن پنهنجي نفسن تي ظلم ڪيو
فَمَآ اَغْنَتْ عَنْهُمْ اٰلِهَتُهُمُ الَّتِيْ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ
پوءِ جڏهن تنهنجي رب جو عذاب انهن تي نازل ٿيو ته سندن بُت جن جي عبادت ڪندا هئا، اهي
لَّمَّا جَآءَ اَمْرُ رَبِّكَ ؕ وَمَا زَادُوْهُمْ غَيْرَ تَتْبِيْبٍ ﴿۱۰۱﴾ وَكَذٰلِكَ
ڪين بچائي نه سگهيا، ۽ بُتن انهن کي برباد ڪيو. ۽ اهڙي طرح
اَخْذُ رَبِّكَ اِذَآ اَخَذَ الْقُرٰى وَهِيَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخْذَهٗٓ اَلِيْمٌ
تنهنجي رب جو عذاب آهي جڏهن ڳوٺ وارن تي پڪڙ ڪري ٿو ۽ اهي ظالم آهن، بيشڪ الله جي پڪڙ
شَدِيْدٌ ﴿۱۰۲﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّمَنْ خَافَ عَذَابَ الْاٰخِرَةِ ؕ
سخت ڏکوئيندڙ آهي. بيشڪ انهي ۾ ان ماڻهوءَ لاءِ نشاني آهي جيڪو آخرت جي عذاب جو خوف رکي ٿو.
ذٰلِكَ يَوْمٌ مَّجْمُوْعٌ لَّهُ النَّاسُ وَذٰلِكَ يَوْمٌ مَّشْهُوْدٌ ﴿۱۰۳﴾ وَمَا
ل تفسير بيضاوي. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير جامع البيان و تفسير مقاتل و (منزل ۴) تفسير جلالين. ٤ تفسير جامع البيان. ٥ تفسير جلالين. ٦ تفسير مظهري.

وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ

۽ توهان گهٽي ڪنجوسي نه ڪريو ۽ تمام گهڻو اڇايو خرچ به نه ڪريو (بلڪ درميائي راهه يعني سخاوت ڪريو)

فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا ﴿۲۹﴾ اِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ

پوءِ توهان ملامت ٿيل خالي هٿ ويهندا. بيشڪ توهان جو رب جنهن لاءِ چاهي تنهن جو رزق وڌائي ٿو ۽

يَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًا بَصِيْرًا ﴿۳۰﴾ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ

گهٽائي ٿو، بيشڪ اهو پنهنجي بندن کي خوب ڄاڻي ٿو ۽ ڏسي ٿو. ۽ توهان پنهنجي اولاد کي مسڪيني جي

خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَاِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ﴿۳۱﴾

خوف کان قتل نه ڪريو، اسين انهن کي ۽ توهان کي رزق ڏيون ٿا، بيشڪ اولاد جو قتل عظيم گناهه آهي.

وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَسَآءَ سَبِيْلًا ﴿۳۲﴾ وَلَا تَقْتُلُوا

۽ توهان بدڪاريءَ ڏانهن ويجهاڻ وجو بيشڪ اها بي حيائي ۽ خراب رستو آهي. ۽ توهان قتل نه ڪريو ان

النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ؕ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُوْمًا فَقَدْ جَعَلْنَا

معصوم انسان کي جنهن جي الله حرمت رکي آهي مگر حق سان، ۽ جيڪو ماٺو ناحق قتل ڪيو ويو تنهن ۽ تحقيق انسان ان جي

لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّي الْقَتْلِ ؕ اِنَّهٗ كَانَ مَنْصُوْرًا ﴿۳۳﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا

وارث کي اختيار ڏنو آهي پوءِ مقتول جو وارث قاتل کان سواءِ ٻئي کي قتل نه ڪري، بيشڪ ان جي مدد ڪئي ويندي. ۽ توهان يتيم جي

مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۪ وَاَوْفُوْا

مال کي ويجهاڻ وجو مگر ان طريقي سان تصرف ڪريو جنهن سان يتيم لاءِ بهتري هجي، ايستائين جو هو جوان ٿئي، ۽ توهان (پنهنجا

بِالْعَهْدِ ۚ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْئُوْلًا ﴿۳۴﴾ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ

ڪيل) وعدا پورا ڪريو بيشڪ وعدن بابت توهان کان سوال ڪيو ويندو. ۽ توهان ماپ ڪرڻ وقت صحيح ماپ ڪريو

وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ الْمُسْتَقِيْمِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ﴿۳۵﴾

۽ تورڻ وقت صحيح تورو ڪريو، اهو تمام بهتر ۽ ان جو نتيجو بهترين آهي.

ع ۴

لہ تفسیر مظہری۔ کہ تفسیر روح البیان، تفسیر جلالین و تفسیر نفحات القرآن۔ سہ تفسیر الصفی۔ کہ تفسیر کمالین۔ ھہ تفسیر جلالین و تفسیر ابن عباس و تفسیر
ھہ یہ کہ تفسیر مظہری ہے۔

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ؕ اِنَّ السَّمْعَ وَالْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ

۽ تون اها ڪاليهن جو تو کي علم ناهي، بيشڪ ڪن ۽ اک ۽ دل هر هڪ کان

اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ﴿۳۶﴾ وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ

(قيامت جي ڏينهن) سوال پڇيو ويندو. ۽ تون زمين تي اڪڙ سان نه هل ، بيشڪ تون

لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿۳۷﴾ كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ

زمين کي چيري نه ٿوسگهين ۽ تون بلنديءَ ۾ هرگز جبلن کي پهچي نه ٿوسگهين توهان جي رب وٽ مذڪوره

عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ﴿۳۸﴾ ذٰلِكَ مِمَّآ اَوْحٰٓى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ ؕ وَلَا

سيئي ڪم ناپسند آهن . اهي ڪاليهن وحي رباني جون آهن جيڪي توهان جي رب توهان ڏانهن حڪمت سان موڪليون آهن ، ۽ توهان

تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِيْ جَهَنَّمَ مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ﴿۳۹﴾

الله سان گڏ ٻيو معبود نه بنايو ورنه توهان کي جهنم ۾ ملامت ڪيل ۽ رحمت کان پري ڪري اڇلايو ويندو.

اَفَاَصْفٰىكُمْ رَبُّكُمْ بِالْبَنِيْنَ وَاتَّخَذَ مِنَ الْمَلٰٓئِكَةِ اِنَاثًا ؕ اِنَّكُمْ

چا پوءِ توهان جي رب توهان لاءِ پٽ منتخب ڪيا ۽ پنهنجي لاءِ ملائڪ نياڻيون بنايون. بيشڪ توهان (الله لاءِ)

لَتَقُوْلُوْنَ قَوْلًا عَظِيْمًا ﴿۴۰﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِيَذَّكَّرُوْا ؕ

اها عظيم ڳالهه چئو ٿا. ۽ تحقيق اسان قرآن ڪريم ۾ (وعدا ۽ وعيد) بيان ڪيا ان لاءِ ته نصيحت حاصل ڪن ،

وَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ﴿۴۱﴾ قُلْ لَّوْ كَانَ مَعَهٗٓ اٰلِهَةٌ كَمَا يَقُوْلُوْنَ

۽ نه ٿو زياده ڪري (قرآن) انهن کي مگر نفرت . رسول چئو توهان مشرڪن کي جيڪڏهن ٻيو معبود به هجي ها جيئن اهي چون

اِذًا لَّابْتَغَوْا اِلٰى ذِي الْعَرْشِ سَبِيْلًا ﴿۴۲﴾ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا

ٿا ته ان وقت اهو الله تعالىٰ شان مقابلو ڪري ها. الله تعالىٰ پاڪ ۽ تمام مٿاهون ۽ بلند آهي

يَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِيْرًا ﴿۴۳﴾ تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَالْاَرْضُ

انهن ڪاليهن کان جيڪي مشرڪ چون ٿا. الله تعالىٰ لاءِ تسبيح ڪن ٿا ست آسمان ۽ زمينون

ع ۵

له تفسير ابن عباس. ڪه تفسير مظهري و تفسير سجاوندي. گه تفسير جلالين. گه تفسير لغات القرآن. ڪه تفسير ابن عباس. له تفسير جلالين.

وَمَنْ فِيهِنَّ ۚ وَإِنْ مِّنْ شَيْءٍ إِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهِ وَلَٰكِن لَّا

۽ جيڪي شيون انهن ۾ آهن ۽ (مخلوقات مان) اهڙي ڪا به شئي ناهي جنهن الله جي تعريف بيان ڪري تي پر توهان (اي مشرڪ ۽)

تَفْقَهُونَ تَسْبِيحَهُمْ ۚ إِنَّهُ كَانَ حَلِيمًا غَفُورًا ﴿٤٤﴾ وَإِذَا قَرَأْتَ

سمجهن تسبيح نه ٿا سمجهو، بيشڪ الله نهايت بردبار بخشيندڙ آهي. ۽ رسول عربي جڏهن توهان قرآن

الْقُرْآنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَبَيْنَ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ

ڪريم پڙهو ٿا تڏهن اسان توهان ۽ انهن مان جن جي وچ ۾ مخفي پردو رکايو آهي جيڪي آخرت تي

حِجَابًا مَّسْتُورًا ﴿٤٥﴾ وَجَعَلْنَا عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ أَكِنَّةً أَن يَفْقَهُوهُ

ايمان نه ٿا آڻن . ۽ اسان انهن جي دلين تي پردا رکيا آهن جو متان اهي قرآن ڪريم سمجهن

وَفِي آذَانِهِمْ وَقْرًا ۚ وَإِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِي الْقُرْآنِ وَحْدَهُ وَلَّوْا

۽ انهن جي ڪنن ۾ گرانٽ آهي ۽ رسول عربي توهان جڏهن قرآن ڪريم ۾ هڪ الله جو ذڪر ڪريو ٿا تہ اهي نفرت ڪن

عَلَىٰ أَدْبَارِهِمْ نُفُورًا ﴿٤٦﴾ نَّحْنُ أَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُونَ بِهِ إِذْ

پُٺي ورائي ڇڪن ٿا . اسان کي بخوبي معلوم آهي تہ اهي قرآن ڇا لاءِ ٻڌن ٿا (منافق لاءِ) جڏهن وقت

يَسْتَمِعُونَ إِلَيْكَ وَإِذْ هُمْ نَجْوَىٰ إِذْ يَقُولُ الظَّالِمُونَ

اهي توهان ڏانهن ڪن لڳائن ٿا ۽ ان وقت اهي ظالم خفيہ مشورا ڪن ٿا يعني ان وقت اهي ظالم (باڻ ۾) چون ٿا

إِن تَتَّبِعُونَ إِلَّا رَجُلًا مَّسْحُورًا ﴿٤٧﴾ انظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوا لَكَ

نہ ٿا تابعداري ڪريو توهان مگر هڪ جادو ٿيل مرد جي . رسول عربي توهان ڏسو تہ اهي توهان لاءِ ڪهڙا

الْأَمْثَالَ فَضَلُّوا فَلَا يَسْتَطِيعُونَ سَبِيلًا ﴿٤٨﴾ وَقَالُوا أَإِذَا كُنَّا عِظَامًا

مثال ڏين ٿا پوءِ اهي گمراهہ ٿيا پوءِ انهن کي ڪا واٽ هٿ نہ ايندي . ۽ اهي چون ٿا تہ ڇا جڏهن اسين (مري)

وَرُفَاتًا أَإِنَّا لَمَبْعُوثُونَ خَلْقًا جَدِيدًا ﴿٤٩﴾ قُلْ كُونُوا حِجَارَةً أَوْ حَدِيدًا ﴿٥٠﴾

مٽي ٿي ويندا سين ڇا اسين اُن وقت نئين سر پيدا ڪيندا سين . رسول عربي توهان فرمايو تہ ها پٿر يا لوهہ ٿي وڃو .

الربع

لہ تفسير جلالين . ٢ تفسير بيضاوي . ٣ لغات القرآن وتفسير الشفي . ٤ تفسير ڪبير امام رازي . ٥ تفسير جامع البيان .

أَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِي صُدُورِكُمْ ۚ فَسَيَقُولُونَ مَن يُعِيدُنَا ۖ قُلِ

يا هي ڪا مضبوط شي ٿي پوڄيڪا تو هان جي ذهن ۾ هجي، پوءِ فوراً هي چوندا تہ اسان کي ٻيهر حياتي ڪير ڏيندو، رسول عربي تو هان فرمايو

الَّذِي فَطَرَكُمْ أَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُونَ إِلَيْكَ رُءُوسَهُمْ وَيَقُولُونَ

تو هان کي اهو الله پيدا ڪندو جنهن تو هان کي پهريون دفعو پيدا ڪيو، پوءِ اهي تو هان ڏانهن ڪنڌ هٽي چوندا تہ بلا ايئن

مَتَىٰ هُوَ ۖ قُلْ عَسَىٰ أَن يَكُونَ قَرِيبًا ﴿٥١﴾ يَوْمَ يَدْعُوكُمْ فَتَسْتَجِيبُونَ

ڪڏهن ٿيندو، رسول عربي تو هان فرمايو تہ عن قريب ايئن ٿيندو. ان ڏينهن الله تو هان کي ٻڪاريندو، پوءِ تو هان الله جي حمد

بِحَمْدِهِ وَتَظُنُّونَ إِن لَّبِثْتُمْ إِلَّا قَلِيلًا ﴿٥٢﴾ وَقُل لِّعِبَادِي يَقُولُوا الَّتِي

سان (حڪر جي) تعميل ڪندءِ تو هان پاڻ ڏاڍا سين ٿوروقت رهياسين. رسول عربي تو هان مؤمن کي فرمايو تہ ڪافرن سان

هِيَ أَحْسَنُ ۚ إِنَّ الشَّيْطَانَ يَنزَغُ بَيْنَهُمْ ۚ إِنَّ الشَّيْطَانَ كَانَ لِلْإِنسَانِ

سهڻو ڳالهائن، بيشڪ شيطان انهن جي وچ ۾ فساد پيدا ڪري ٿو، بيشڪ شيطان، انسان جو

عَدُوًّا مُّبِينًا ﴿٥٣﴾ رَّبُّكُمْ أَعْلَمُ بِكُمْ ۖ إِن يَشَأْ يَرْحَمْكُمْ أَوْ إِنْ يَشَأْ

صاف دشمن آهي. الله تعالىٰ تو هان کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو، جيڪڏهن چاهي تہ تو هان تي رحم ڪري، جيڪڏهن چاهي تو هان

يُعَذِّبْكُمْ ۚ وَمَا أَرْسَلْنَاكَ عَلَيْهِمْ وَكِيلًا ﴿٥٤﴾ وَرَبُّكَ أَعْلَمُ بِمَن فِي

تي عذاب ڪري، ۽ رسول عربي اسان تو هان کي انهن جو مٿان نگران ڪري نٿو موڪليو آهي. ۽ تو هان جو رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪجهه

السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ ۗ وَلَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيِّينَ عَلَىٰ بَعْضٍ ۖ وَآتَيْنَا

آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، ۽ بيشڪ اسان ڪن نبين کي ڪن نبين تي فضيلت عطا ڪئي ۽ اسان داؤد کي

دَاوُودَ زَبُورًا ﴿٥٥﴾ قُلِ ادْعُوا الَّذِينَ زَعَمْتُم مِّن دُونِهِ فَلَا يَمْلِكُونَ كَشْفَ

زبور عطا ڪيو. رسول عربي تو هان انهن (ڪافرن) کي فرمايو تو هان پنهنجي گمان موجب الله کان سوا ۽ بين معبودن کي پڪاريو تہ اهي تو هان

الضُّرِّ عَنكُمْ وَلَا تَحْوِيلًا ﴿٥٦﴾ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ يَدْعُونَ يَبْتَغُونَ إِلَىٰ رَبِّهِمُ

تان کان تڪليف لاهي يا هٽائي سگهندا. اهي مقبول ٻانها جن جي اهي عبادت ڪن ٿا، اهي پاڻ ڏي پنهنجي رب ڏانهن

لہ تفسیر مظهری. ۲ تفسیر جلالین. ۳ تفسیر بیضاوی و تفسیر جامع البیان. ۴ تفسیر جامع البیان.

الْوَسِيلَةَ أَيُّهُمْ أَقْرَبُ وَيَرْجُونَ رَحْمَتَهُ وَيَخَافُونَ عَذَابَهُ ۚ إِنَّ عَذَابَ

وسيلو گولين تہ انهن مان کهڑو الله کي وڌيڪ قرب آهي ۽ الهي الله جي رحمت جو اميد رکن ٿا ۽ عذاب کان خوف رکن ٿا، بيشڪ توهان جي

رَبِّكَ كَانَ مَحْذُورًا ﴿٥٧﴾ وَإِنْ مِنْ قَرْيَةٍ إِلَّا نَحْنُ مُهْلِكُوهَا قَبْلَ يَوْمِ

رب جو عذاب خوفناڪ آهي. ۽ اهڙو ڪو ڳوٺ ناهي جنهن کي اسين قيامت کان اڳي هلاڪ نہ

الْقِيَامَةِ أَوْ مُعَذِّبُوهَا عَذَابًا شَدِيدًا ۚ كَانَ ذَٰلِكَ فِي الْكِتَابِ مَسْطُورًا ﴿٥٨﴾

ڪندا سين يا ان تي سخت قسم جو عذاب نہ ڪندا سين، اها ڳالهه[1] لوح محفوظ ۾ لکيل آهي.

وَمَا مَنَعَنَا أَنْ نُرْسِلَ بِالْآيَاتِ إِلَّا أَنْ كَذَّبَ بِهَا الْأَوَّلُونَ ۚ وَآتَيْنَا

۽ توهان (قريش) ڏانهن نشانين موڪلڻ جي اسان کي ڪو منع نہ ڪئي مگر انهن نشانين کي اڳين امتين ڏسي جو ۽ اسان عذاب موڪليو

ثَمُودَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوا بِهَا ۚ وَمَا نُرْسِلُ بِالْآيَاتِ إِلَّا تَخْوِيفًا ﴿٥٩﴾

۽ اسان ثمود واڻ کي ظاهر نظر اچڻ واري موڪلي جو ۽ انهن ڏاڍي ظلم ڪيو ۽ اسين هڏ نشانين نہ فقط ڊيڄارڻ لاءِ موڪليون ٿا.

وَإِذْ قُلْنَا لَكَ إِنَّ رَبَّكَ أَحَاطَ بِالنَّاسِ ۚ وَمَا جَعَلْنَا الرُّؤْيَا الَّتِي أَرَيْنَاكَ

رسول عربي توهان کي ياد ڪريو جڏهن توهان جي رب فرمايو تہ بيشڪ آڻ ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهيان ۽ اسان توهان کي خواب ۾ نہ ڏيکاريو

إِلَّا فِتْنَةً لِلنَّاسِ وَالشَّجَرَةَ الْمَلْعُونَةَ فِي الْقُرْآنِ ۚ وَنُخَوِّفُهُمْ فَمَا

مگر قريشن لاءِ آزمائش هئي ۽ اهوئي (توهر) جنهن جي قرآن ۾ لعنت ڪيل آهي ۽ اسين انهن کي ڊيڄاريون ٿا پوءِ نہ

يَزِيدُهُمْ إِلَّا طُغْيَانًا كَبِيرًا ﴿٦٠﴾ وَإِذْ قُلْنَا لِلْمَلَائِكَةِ اسْجُدُوا لِآدَمَ ع ٦

ڪي زياده ڏٺي انهن لاءِ مگر گهڻي سرڪشي، رسول عربي توهان ياد ڪريو جنهن وقت اسان ملائڪن کي حڪم ڪيو تہ توهان آدم

فَسَجَدُوا إِلَّا إِبْلِيسَ ۖ قَالَ ءَأَسْجُدُ لِمَنْ خَلَقْتَ طِينًا ﴿٦١﴾ قَالَ

کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کان سواءِ هن سڀني سجدو ڪيو، ابليس جيڪو چيائين تہ (آدم) کي سجدو ڪريان جنهن کي تو مٽي مان ناهيو آهي. ابليس جيڪو

أَرَأَيْتَكَ هَٰذَا الَّذِي كَرَّمْتَ عَلَيَّ لَئِنْ أَخَّرْتَنِ إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ

چيو تہ هن (آدم) کي منهنجي مٿان فضيلت ڏني آهي، جيڪڏهن تو مون کي قيامت تائين مهلت ڏني تہ

[1] تفسير مظهري. ۲ ۽ تفسير بيضاوي.

۳ تفسير جامع البيان وتفسير جلالين.

لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۶۲﴾ قَالَ اذْهَبْ فَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ

چند ماڻھن کان سواءِ آنون آدم جي سموري اولاد کي هلاڪ ڪندس. الله تعالىٰ فرمايو ڇوڪ (تو کي مهلت آهي) پوءِ انهن ماڻھن مان جنهن تو تنهنجي تابعداري ڪئي

فَاِنَّ جَهَنَّمَ جَزَآؤُكُمْ جَزَآءً مَّوْفُوْرًا ﴿۶۳﴾ وَاسْتَفْزِزْ مَنِ

پوءِ بيشڪ جهنم انهن سڀني جي لاءِ مڪمل (ءِ) پورو رجزا هوندي. ۽ تون انهن ماڻھن مان جنهن تي

اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَاَجْلِبْ عَلَيْهِمْ بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ

طاقت رکي سگهين تو انهن کي پنهنجي آواز ۽ پنهنجي سوارن ۽ پيادن (لشڪر) سان انهن کي گناهن تي اُڀاري

وَشَارِكْهُمْ فِى الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ ؕ وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطٰنُ

۽ تون انهن جي ملڪيت ۽ اولاد ۾ شريڪ ٿي ۽ تون انهن کي وعدا ڏي، ۽ نه ته وعدو ڏي انهن کي شيطان

اِلَّا غُرُوْرًا ﴿۶۴﴾ اِنَّ عِبَادِىْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ

مگر غرور جو. بيشڪ منهنجي مخلص بانهن تي تنهنجي کا به حُجت کا ڏهلندي، ۽ توهان جو رب بهترين

وَكِيْلًا ﴿۶۵﴾ رَبُّكُمُ الَّذِىْ يُزْجِىْ لَكُمُ الْفُلْكَ فِى الْبَحْرِ لِتَبْتَغُوْا

کارساز آهي. توهان جو رب اهو آهي جيڪو ٻيڙي کي درياءَ ۾ هلائي تو ان لاءِ ته توهان الله تعالىٰ

مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿۶۶﴾ وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِى الْبَحْرِ

جو فضل حاصل ڪريو، بيشڪ الله توهان تي ٻاجهار و آهي. ۽ جنهن وقت توهان کي درياءَ ۾ تڪليف پهچي ٿي

ضَلَّ مَنْ تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ اَعْرَضْتُمْ ؕ

تڏهن الله کان سواءِ ٻيا معبود توهان کي وسري ويندا، پوءِ جڏهن الله تعالىٰ توهان کي نجات ڏئي زمين تي آڻي تو ته توهان انڪار ڪري ويٺا،

وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا ﴿۶۷﴾ اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ

۽ انسان وڏو ناشڪر آهي. چا پوءِ توهان ان ڳالهه کان امڪ ۾ آهيو ته توهان زمين جي ڪنهن حصي سان گڏ زمين ۾

الْبَرِّ اَوْ يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ وَكِيْلًا ﴿۶۸﴾

غرق نه ڪري ويندا، يا الله تعالىٰ توهان جي مٿان پٿر موڪلي ان کان پوءِ توهان کي ڪوبه ڪارساز نه ملي.

لہ تفسیر مظهری. ۲ لغات القرآن حربی. ۳ تفسیر مظهری.

أَمْ أَمِنتُمْ أَن يُعِيدَكُمْ فِيهِ تَارَةً أُخْرَىٰ فَيُرْسِلَ عَلَيْكُمْ

چا پوءِ توھان امن وارا آھيوان گالھ کان جو توھان کي واپس درياءِ ھرو ڀرو ۾ وڃي پوءِ توھان جي مٿان سامونڊي

قَاصِفًا مِّنَ الرِّيحِ فَيُغْرِقَكُم بِمَا كَفَرْتُمْ ثُمَّ لَا تَجِدُوا لَكُمْ عَلَيْنَا بِهِ

طوفان آڻي پوءِ توھان کي توھان جي ناشڪري جي ڪري ٻوڙي ڇڏي، پوءِ ان گالھ تي اسان جي پوئواري ڪندڙ توھان کي

تَبِيعًا ﴿٦٩﴾ وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِي آدَمَ وَحَمَلْنَاهُمْ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ وَرَزَقْنَاهُم

نہ ڪو ٻيو ملي. ۽ تحقيق اسان آدم جي اولاد کي معزز بنايو ۽ اسان انھن کي زمين ۽ سمنڊ ۾ سوار ڪرايو ۽ انھن کي پاڪ شين

مِّنَ الطَّيِّبَاتِ وَفَضَّلْنَاهُمْ عَلَىٰ كَثِيرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيلًا ﴿٧٠﴾ يَوْمَ

مان رزق عطا ڪيو ۽ اسان انھن کي پنھنجي گھڻي مخلوق تي نمايان فضيلت عطا ڪئي. قيامت جي ڏينھن

نَدْعُوا كُلَّ أُنَاسٍ بِإِمَامِهِمْ ۖ فَمَنْ أُوتِيَ كِتَابَهُ بِيَمِينِهِ فَأُولَٰئِكَ

اسين سڀني ماڻھن کي سندن نبين جي نالن سان پڪاريندا سين، پوءِ جنھن ماڻھو کي سندس اعمالنامو ساڄي ھٿ ۾ ڏنو ويو پوءِ اھي

يَقْرَءُونَ كِتَابَهُمْ وَلَا يُظْلَمُونَ فَتِيلًا ﴿٧١﴾ وَمَن كَانَ فِي هَٰذِهِ أَعْمَىٰ فَهُوَ

پنھنجي اعمالنامي کي پڙھندا ۽ انھن تي کجيءَ جي برابر به ظلم نه ڪيو ويندو. ۽ جيڪو ماڻھو هن دنيا ۾ حق کان پري آھي پوءِ اھو

فِي الْآخِرَةِ أَعْمَىٰ وَأَضَلُّ سَبِيلًا ﴿٧٢﴾ وَإِن كَادُوا لَيَفْتِنُونَكَ عَنِ الَّذِي

آخرت ۾ به سڀني رستي کان پري ۽ نهايت گمراھ ھوندو. ۽ اھي ڪافر توھان کي لغزش ڏيڻ ھا ان وحي کان جيڪا

أَوْحَيْنَا إِلَيْكَ لِتَفْتَرِيَ عَلَيْنَا غَيْرَهُ ۖ وَإِذًا لَّاتَّخَذُوكَ خَلِيلًا ﴿٧٣﴾ وَلَوْلَا

اسان توھان ڏانھن موڪليو تہ ان کي اسان ڏانھن جي نسبت ڪريو ۽ ھان وقت اھي توھان کي دوست بنائين ھا. ۽ جيڪڏھن

أَن ثَبَّتْنَاكَ لَقَدْ كِدتَّ تَرْكَنُ إِلَيْهِمْ شَيْئًا قَلِيلًا ﴿٧٤﴾ إِذًا لَّأَذَقْنَاكَ

اسين توھان کي ثابت قدم نه رکون ھا تہ (ممڪن ھو) توھان انھن ڏي ڪجھ ٿورو لاڙو ڪري ويھا. اگر ائين ٿئي ھا تہ اسين توھان کي

ضِعْفَ الْحَيَاةِ وَضِعْفَ الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيرًا ﴿٧٥﴾ وَإِن

ٻيڻي حياتي ۽ ٻيڻي موت جو مزو چکايون ھا پوءِ توھان کي اسانجي مقابلي ۾ ڪو به مددگار نه ملي ھا. ۽ بيشڪ ڪافر

ع ۸

ف تفسير جامع البيان و تفسير جلالين. ق تفسير جلالين. ك تفسير النسفي.

كَادُوا لَيَسْتَفِزُّونَكَ مِنَ الْأَرْضِ لِيُخْرِجُوكَ مِنْهَا وَإِذًا لَّا يَلْبَثُونَ

- اهي توهان کي زمين مان اکيڙي ٻاهر ڪڍن ها ۽ ايئن ڪن ها ته پوءِ اهي توهان جي پويان زمين ۾

خِلَافَكَ إِلَّا قَلِيلًا ﴿٧٦﴾ سُنَّةَ مَنْ قَدْ أَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُسُلِنَا وَلَا

نه رهن ها مگر ٿورو ئي زمانو. اڳيان پيغمبر ڪ الله تعالیٰ پنهنجي دستور موجب موڪليا ۽ توهان

تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيلًا ﴿٧٧﴾ أَقِمِ الصَّلَاةَ لِدُلُوكِ الشَّمْسِ إِلَىٰ غَسَقِ

الله جي دستور ۾ ڪا تبديلي نه لهندا. توهان سج جي زوال کان رات جي مڪمل اونداهي تائين نمازون (ظهر، عصر، مغرب ۽ عشا) پڙهو

اللَّيْلِ وَقُرْآنَ الْفَجْرِ ۖ إِنَّ قُرْآنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُودًا ﴿٧٨﴾ وَمِنَ اللَّيْلِ

۽ فجر جي نماز ادا ڪريو، بيشڪ فجر جي نماز ۾ ملائڪ حاضر ٿين ٿا. ۽ رسول عربي توهان (رات جي حصي ۾)

فَتَهَجَّدْ بِهِ نَافِلَةً لَّكَ عَسَىٰ أَن يَبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُودًا ﴿٧٩﴾

تهجد ادا ڪريو جيڪو خاص توهان لاءِ زياده آهي، رسول عربي توهان کي عن قريب توهان جو رب مقام محمود (مقام شفاعت) عطا ڪندو.

وَقُل رَّبِّ أَدْخِلْنِي مُدْخَلَ صِدْقٍ وَأَخْرِجْنِي مُخْرَجَ صِدْقٍ

۽ توهان عرض ڪريو ته اي منهنجا رب مون کي بهشت ۾ داخل ڪر ۽ مونکي هن دنيا مان (خيرسان) سفر ڪراءِ

وَاجْعَل لِّي مِن لَّدُنكَ سُلْطَانًا نَّصِيرًا ﴿٨٠﴾ وَقُلْ جَاءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ

۽ مون کي پاڻ وٽان ٽمايان حجت عطا فرماءِ. ۽ رسول عربي توهان فرمايو ته حق آيو ۽ باطل

الْبَاطِلُ ۚ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا ﴿٨١﴾ وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْآنِ مَا هُوَ

منجي ويو، بيشڪ باطل منجي ويندو. ۽ اسان قرآن ڪريم ۾ اهڙيون آيتون نازل ڪريون ٿا جيڪي

شِفَاءٌ وَرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِينَ ۙ وَلَا يَزِيدُ الظَّالِمِينَ إِلَّا خَسَارًا ﴿٨٢﴾ وَ

مؤمنن لاءِ شفاء ۽ رحمت آهن، ۽ ظالمن لاءِ انهي ۾ زياده خسارو آهي. ۽

إِذَا أَنْعَمْنَا عَلَى الْإِنسَانِ أَعْرَضَ وَنَأَىٰ بِجَانِبِهِ ۖ وَإِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ

جنهن وقت انسان تي اسين نعمت ڪريون ٿا تہ هو ناشڪري ڪري پري ٿئي ٿو، ۽ جنهن وقت کيس تڪليف پهچي ٿي

ثه اسباب النزول واسباب الاسلامی. ثه اجمع المفسرون علی ان مقام الشفاعة هو المحمود. تفسير کبير وهو مقام الشفاعة عند الجمهور. تفسير مظهری. ثه ۽ ثه تفسير مظهری.

كَانَ يَـُٔوْسًا ﴿۸۳﴾ قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ۭ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ

تہ نا اُمید ٹئي ٿو ۔ تہ ان فرمایو تہ ھا سڀ پنھنجي طريقي موجب عمل کريو، پوءِ توھان جو رب وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان کي جيڪو

اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿۸۴﴾ وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ۭ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَآ

وڌيڪ هدايت وارو آهي ۔ ۽ رسول! تو کان اهي (يهودي) روح بابت سوال ڪن ٿا، تہ تہ فرمايو تہ روح منهنجي رب جو امر آهي ۽ نہ

اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۸۵﴾ وَلَىِٕنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ

ڏنو ويو آهي توهان کي علم مگر ٿورڙو ۔ ۽ جيڪڏهن اسين چاهيون ها تہ توهان جي ڏنل ۽ پنن تان قرآن ڪريم کي

اِلَيْكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ﴿۸۶﴾ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ۭ اِنَّ

ميٽي ڇڏيون ان کان پوءِ توهان کي ڪو نہ ملندڙ وڪيل تہ الا اسان جو وڪالت ڪري ۔ پر الله جي رحمت سان (قرآن موجود آهي) بيشڪ

فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا ﴿۸۷﴾ قُلْ لَّىِٕنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰٓى

توهان تي الله جو وڏو فضل آهي ۔ رسول! تہ توهان فرمايو تہ (بالفرض) جيڪڏهن انسان ۽ جن متفق ٿين تہ (فصاحت

اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ

۽ بلاغت ۾) هن جهڙو قرآن ڪريم آڻڻ تہ ان جو مثال ئي آڻي نہ سگهندا جيتوڻيڪ اهي هڪ ٻئي جا

لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا ﴿۸۸﴾ وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ

مدد گار ٿين ۔ ۽ بيشڪ اسان ماڻهن لاءِ هن قرآن ڪريم ۾ قسمين قسمين مثال بيان ڪيا

مَثَلٍ ۚ فَاَبٰٓى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۸۹﴾ وَقَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ

آهن ، پوءِ گهڻن ماڻهن ناشڪريءَ کان انڪار ڪيو ۔ ۽ چوڻ لڳا تہ هرگز اسين توهان تي ايمان آڻيندا سين

لَكَ حَتّٰى تَفْجُرَ لَنَا مِنَ الْاَرْضِ يَنْۢبُوْعًا ﴿۹۰﴾ اَوْ تَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ

ايستائين جو توهان اسان لاءِ زمين مان ڪو چشمو وهايو ۔ يا توهان وٽ

مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّعِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِيْرًا ﴿۹۱﴾

کجين ۽ انگورن جو باغ هجي پوءِ توهان ان جي وچ مان وهندڙ نهرون جاري ڪريو ۔

۱ تفسير جلالين وتفسير جامع البيان ۲ تفسير النسفي تفسير جامع البيان وتفسير مظهري ۳ تفسير مظهري ۴ تفسير جلالين

اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا اَوْ تَاْتِيَ بِاللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ

يا توهان اسان تي پنهنجي چوڻ موجب آسمان جونڪر ڪيرايو يا توهان الله تعالىٰ ۽ فرشتن کي ضامن

قَبِيْلًا ﴿۹۲﴾ اَوْ يَكُوْنَ لَكَ بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِي السَّمَآءِ ؕ وَ

ڪري آڻيو . يا توهان وٽ سونءُ گهر هجي يا توهان آسمان تي چڙهي وڃو ۽ اسين

لَنْ نُّؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ ؕ قُلْ سُبْحَانَ

توهان جي چڙهڻ تي به ايمان نه آڻيندا سين ايستائين جو توهان هڪ ڪتاب ڪٿي اسان اڀ اچين جنهن کي اسين پڙهون ، توهان فرمايو سبحان الله

رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿۹۳﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا ع ۱۰

آئون نه آهيان مگر هڪ ماڻهو ، الله جو رسول . ۽ ڪهڙي ڳالهه ماڻهن کي ايمان آڻڻ کان منع ڪري ٿي

اِذْ جَآءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿۹۴﴾ قُلْ

جنهن وقت انهن وٽ هدايت پهتي مگر انهن (ڪافرن) چيو ڇا الله تعالىٰ بشر کي رسول ڪري موڪليو ، توهان فرمايو

لَّوْ كَانَ فِي الْاَرْضِ مَلٰٓئِكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَئِنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ

جيڪڏهن زمين تي ملائڪ مطمئن ٿي هلن ها تہ اسين به انهن تي آسمان

مِّنَ السَّمَآءِ مَلَكًا رَّسُوْلًا ﴿۹۵﴾ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا ۢ بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ؕ

مان فرشتو رسول ڪري موڪليون ها . رسول ڀي توهان فرمايو الله تعالىٰ توهان ۽ منهنجي وچ ۾ بهترين گواهه آهي ،

اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًا ۢ بَصِيْرًا ﴿۹۶﴾ وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ

بيشڪ اهو پنهنجي بانهن کان خبردار ، ڏسندڙ آهي . ۽ جنهن ماڻهو کي الله هدايت ڏني تہ پوءِ اهو هدايت وارو آهي ،

وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ وَنَحْشُرُهُمْ يَوْمَ

۽ جنهن کي پاڻ گمراهه ڪري تہ پوءِ توهان ان لاءِ الله کانسواءِ هرگز ڪو مددگار نہ لهندؤ ، ۽ اسين انهن کي قيامت جي

الْقِيٰمَةِ عَلٰى وُجُوْهِهِمْ عُمْيًا وَّبُكْمًا وَّصُمًّا ؕ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ

ڏينهن منهن ڀر اندو ، گونگو ۽ ٻوڑو ڪري اٿارينداسين ، انهن جي رهڻ جي جاءِ جهنم آهي .

۱ تفسير النسفي . ۲ تفسير جامع البيان . ۳ تفسير مظهري . ۴ تفسير الحسني .

كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ﴿٩٧﴾ ذٰلِكَ جَزَآؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا

جڏهن ٻاهاوڪو ٿيندو تہ اسين ان کي زياده ٻرندڙ ڪائيندا سين. اها انهن جي جزا آهي، انهيءَ سببَ جو تحقيق انهن اسانجون آيتون

بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا

جوانڪار ڪيو ۽ چوڻ لڳا تہ جڏهن وقت اسين هڏا ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندا سين تہ ڇا واقعي اسين نئين سر پيدا

جَدِيْدًا ﴿٩٨﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

ٿيندا سين. ڇا اهي نہ ٿا ڄاڻن تہ بيشڪ الله تعالىٰ اهو آهي جنهن آسمانن ۽

وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَجَعَلَ لَهُمْ

زمين کي پيدا ڪيو اهو قادر مطلق آهي تہ انهن کي ٻيڻو ڪري پيدا ڪري ۽ الله تعالىٰ انهن لاءِ مدو مقرر

اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ؕ فَاَبَى الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٩٩﴾

ڪيو آهي جنهن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، پوءِ ناشڪري ڪري ظالمن انڪار ڪيو.

قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ

رسول ۽ ٻڌاءِ تہ جڏهن تون منهنجي رب جي خزانن جا مالڪ هجين ها تہ ان وقت تون ضرور ڪين ٽيڙ جي خوف کان انهن کي خرچ

الْاِنْفَاقِ ؕ وَكَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿١٠٠﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍ

ڪرڻ ۾ انسان ڏاڍو بخيل آهي. ۽ بيشڪ اسان موسىٰ کي نَوَ (۹) واضح نشانيون

بَيِّنٰتٍ فَسْـَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ

عطا ڪيون، پوءِ تون بني اسرائيل کان پڇ جڏهن انهن وٽ (موسىٰ) آيو پوءِ فرعون ان کي چيو تہ بيشڪ آئون

لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿١٠١﴾ قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا

گمان ڪريان ٿو تہ اي موسىٰ تو کي جادو ٿيل آهي. موسىٰ فرمايو يقيناً تو کي معلوم آهي تہ انهن آيتن کي نہ نازل ڪيو مگر

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَاِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿١٠٢﴾

رب آسمانن ۽ زمين جي (توهان جي) اکين کولڻ لاءِ، ۽ بيشڪ منهنجي گمان موجب اي فرعون تون هلاڪ ٿيندڙ آهين.

له تفسير ابن عباس، وتفسير جلالين، وتفسير جامع البيان. ٢ تفسير البغوي وتفسير خازن. ٣ تفسير مظهري. ٤ تفسير ابن عباس. ٥ نهاية القرآن. ٦ تفسير النسفي.

(منزل ۴)

فَأَرَادَ أَن يَسْتَفِزَّهُم مِّنَ الْأَرْضِ فَأَغْرَقْنَاهُ وَمَن مَّعَهُ جَمِيعًا ﴿١٠٣﴾ لا

پوءِ (فرعون) چاهيو تانهن کي زمين (مصر) مان باهر ڪڍي، پوءِ اسان فرعون ۽ سندس سڀني ساڻين کي غرق ڪيو.

وَقُلْنَا مِن بَعْدِهِ لِبَنِي إِسْرَائِيلَ اسْكُنُوا الْأَرْضَ فَإِذَا جَاءَ

۽ اسان کان پوءِ اسان بني اسرائيل کي حڪم ڪيوته توهان زمين (مصر) ۾ رهو پوءِ جڏهن وقت آخرت

وَعْدُ الْآخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيفًا ﴿١٠٤﴾ وَبِالْحَقِّ أَنزَلْنَاهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ ط

جو وعدو ليندو تہ اسين توهان سڀني کي ڪٺا ملائي ڇڊيندا سين. ۽ اسان قرآن کريم کي حق سان حق لاءِ نازل فرمايو آهي،

وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا مُبَشِّرًا وَنَذِيرًا ﴿١٠٥﴾ وَقُرْآنًا فَرَقْنَاهُ لِتَقْرَأَهُ عَلَى

۽ اسان توهان کي بشير ۽ نذير ڪري موڪليو. ۽ اسان قرآن ڪريم ڏڏ ڏڏ ڪري نازل فرمايو ان لاءِ تہ توهان

النَّاسِ عَلَىٰ مُكْثٍ وَنَزَّلْنَاهُ تَنزِيلًا ﴿١٠٦﴾ قُلْ آمِنُوا بِهِ أَوْ لَا تُؤْمِنُوا ط

ماڻهن ڏي ڄڏي ڄڏي پڙهو ۽ اسان قرآن کريم ڏور ڏور ڪري نازل فرمايو. توهان فرمايو تہ توهان ايمان آڻيو يا نہ ايمان آڻيو،

إِنَّ الَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ مِن قَبْلِهِ إِذَا يُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ يَخِرُّونَ لِلْأَذْقَانِ

بيشڪ جن ماڻهن کي اڳ ۾ علم عطا ڪيو ويو آهي جڏهن وقت انهن ڏي قرآن پڙهيو وڃي تہ اهي پيشانين ڀر

سُجَّدًا ﴿١٠٧﴾ لا وَيَقُولُونَ سُبْحَانَ رَبِّنَا إِن كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُولًا ﴿١٠٨﴾

سجدو ڪن ٿا. ۽ اهي چون ٿا سُبْحَانَ الله، بيشڪ اسان جي رب جو وعدو پورو ٿيندڙ آهي.

وَيَخِرُّونَ لِلْأَذْقَانِ يَبْكُونَ وَيَزِيدُهُمْ خُشُوعًا ﴿١٠٩﴾ السجدة ۲ قُلِ ادْعُوا اللَّهَ

۽ اهي پيشاني ڀر سجدي ۾ ڪري روئن ٿا، ۽ قرآن انهن جي نرمائي کي وڌائي ٿو. رسول عربي توهان فرمايو تہ توهان

أَوِ ادْعُوا الرَّحْمَٰنَ ط أَيًّا مَّا تَدْعُوا فَلَهُ الْأَسْمَاءُ الْحُسْنَىٰ ج وَلَا

الله يا رحمٰن ڪري پڪاريو، جهڙي نالي سان پڪاريندا پوءِ (بيشڪ) الله جا سڀ ٽڙا نالا آهن ۽ توهان

تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذَٰلِكَ سَبِيلًا ﴿١١٠﴾

(پنهنجي) نماز ۾ وڏي آواز سان قرأت نہ ڪريو ۽ نڪي ان ۾ (تمام) آهستي قرأت ڪريو، پر درميانو راهہ اختيار ڪريو.

وقف لازم

السجدة ۲

۱ تفسير جلالين. ۲ تفسير النسفي. ۳ تفسير مظهري. ۴ تفسير جامع البيان ۵ تفسير النسفي. ۶ تفسير النسفي وتفسير مظهري وتفسير جلالين.

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ لَمْ یَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ یَكُنْ لَّهٗ شَرِیْكٌ

۽ توهان فرمايو سڀئي تعريفون ان الله لاءِ آهن جنهن جوکو اولاد ناهي ۽ ان جو کوبه بادشاهي ۾

فِی الْمُلْكِ وَلَمْ یَكُنْ لَّهٗ وَلِیٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِیْرًا ﴿۱۱۱﴾

شريڪ ناهي ۽ کمزوريءَ کان (بچائڻ لاءِ) ان جوکو به مددگار ناهي ۽ ان جي خوب عظمت ۽ شان بيان ڪريو.

(۱۸) سُوْرَةُ الْكَهْفِ مَكِّیَّةٌ (۶۹)

آياتها ۱۱۰ رکوعها ۱۲

سورة کهف مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ۱۲ رکوع ۽ ۱۱۰ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ ڏاهپ وارو (آهي).

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْۤ اَنْزَلَ عَلٰی عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَلَمْ

سڀئي تعريفون الله تعالیٰ لاءِ آهن اهو الله جنهن پنهنجي حبيب ڪريمي تي قرآن ڪريم نازل فرمايو ۽ ان ۾

یَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ؕ﴿۱﴾ قَیِّمًا لِّیُنْذِرَ بَاْسًا شَدِیْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ

ڪابه ٽيڙائي ناهي . قرآن بالڪل سڌو آهي ان لاءِ ته ماڻهن کي الله تعالیٰ جي سخت عذاب کان ڊيڄاري

وَیُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِیْنَ الَّذِیْنَ یَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ

۽ مومنن کي بشارت ڏيئي. جيڪي ماڻهو سٺا عمل ڪن ٿا بيشڪ انهن لاءِ

اَجْرًا حَسَنًا ۙ﴿۲﴾ مَّاكِثِیْنَ فِیْهِ اَبَدًا ۙ﴿۳﴾ وَّیُنْذِرَ الَّذِیْنَ

سٺو اجر آهي . اهي انهي ثواب ۾ هميشه رهندا . ۽ رسول عربي انهنکي (قرآن سان) ڊيڄاري جيڪي

قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۘ﴿۴﴾ مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا

چون ٿا ته الله تعالیٰ اولاد رکيو آهي. انهي ڳاري ۾ انهن جي وٽن کي کوبه علم

لِاٰبَآىِٕهِمْ ؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ یَّقُوْلُوْنَ

ناهي ، اها تمام وڏي ڳالهه آهي جيڪا انهن جي واتن مان نڪري ٿي ، انهي ته فقط

۱ تفسير الشافي وتفسير جلالين . ۲ تفسير مظهري . ۳ تفسير ابن عباس . ۴ تفسير ابن عباس وتفسير روح المعاني .

اِلَّا كَذِبًا ۝٥ فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ اِنْ

ڪوڙ ۽ الهائن ٿا ۔ پوءِ تحقيق توهان انهن جي ايمان نه آڻڻ جي ڪري گهڻي غم سبان

لَّمْ يُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَسَفًا ۝٦ اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى

پنهنجي وجود کي سخت پريشاني ۾ وجهو ٿا ۔ بيشڪ اسان زمين جي مٿان مالڪن

الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا ۝٧ وَ

لاءِ خوبصورتي خلقي آهي، انهيءَ لاءِ ته انهن مالڪن جي آزمائش ڪجي ته انهن ۾ ڪير وڌيڪ عمل ڪري ٿو ۔ ۽

اِنَّا لَجٰعِلُوْنَ مَا عَلَيْهَا صَعِيْدًا جُرُزًا ۝٨ اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ

بيشڪ اسان زمين جي مٿان هر شيءِ کي ويران ڪندڙ آهيون ۔ توهان کي معلوم ڇڏ گهرجي ته بيشڪ

اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا ۝٩

اصحاب ڪهف ۽ رقيم اسان جي عجيب نشانين مان هئا ۔

اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَآ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً

جنهن وقت انهن نوجوانن ڪهف (غار) ۾ پناه ورتي، پوءِ انهن چيو تہ اي اسانجا رب اسانکي تون پاڻ وٽان رحمت عطا ڪر

وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا ۝١٠ فَضَرَبْنَا عَلٰٓى اٰذَانِهِمْ فِي الْكَهْفِ

۽ تون اسان لاءِ اسانجي ڪم ۾ درستي پيدا ڪر ۔ پوءِ اسان انهن جي ڪيترائي سال غار ۾

سِنِيْنَ عَدَدًا ۝١١ ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى لِمَا لَبِثُوْٓا

ننڊ ڪرائي ۔ ان کان پوءِ اسان انهن کي اٿاريو ان لاءِ تہ اسين معلوم ڪريون تہ انهن ٻنهي جماعتن مان ڪهڙي

اَمَدًا ۝١٢ نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ اِنَّهُمْ فِتْيَةٌ

ڪنءَ جو صحيح اندازو ڪري ٿي ۔ اسين توهان ڏانهن جو قصو حق سان بيان ڪريون ٿا ، تحقيق اهي (ڪجهه) نوجوان هئا

اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ وَزِدْنٰهُمْ هُدًى ۝١٣ وَّرَبَطْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا

جن پنهنجي رب تي ايمان آندو ۽ اسان انهن جي هدايت ۾ زياده ڪيو ۔ ۽ اسان انهن جي دلين کي مضبوط ڪيو جڏهن اهي اٿي بيٺا

(منزل ۴)

لہ تفسیر مظهری۔ کہ تفسیر العذوات فی شرح الآثار۔ کہ تفسیر النسفی۔
رقیم اهي وادي جو نالو جتهن ۾ اصحاب ڪهف آهن۔ تفسیر مظهری۔
کہ تفسیر مظهری۔ کہ ڪهف۔ جبل ۾ هڪ وسيع غار۔ تفسیر النسفی و تفسیر مظهری۔
کہ تفسیر ابن عباس۔ کہ تفسیر النسفی۔

فَقَالُوْا رَبُّنَا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَنْ نَّدْعُوَا مِنْ دُوْنِهٖٓ

پوءِ انهن چيو تہ اسانجو رب اهو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو رب آهي ۽ اسين الله تعالیٰ کان سواءِ ٻئي معبود جي عبادت نہ ڪنداسين

اِلٰهًا لَقَدْ قُلْنَآ اِذًا شَطَطًا ﴿۱۴﴾ هٰٓؤُلَآءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ

(الله ايئن ڪيو) بيشڪ اسان اڻ وقت غلط ڳالهہ ڪئي. اهي جيڪا اسانجي قوم آهي انهن الله کان سواءِ معبود بنايا

اٰلِهَةً ۭ لَوْلَا يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۢ بَيِّنٍ ۭ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ

آهن ، اهي انهي ڳالهہ لاءِ جو نہ ته ڪو مستند دليل آڻن ، پوءِ ان کان وڌيڪ بيوظالم ڪير ٿي سگهي ٿو

افْتَرٰى عَلَي اللّٰهِ كَذِبًا ﴿۱۵﴾ وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ

جيڪو الله تعالیٰ جي متان ڪوڙ هڻي . ۽ جڏهن وقت توهان انهن کان ۽ انهن جي معبودن کان پاسو ڪريو

اِلَّا اللّٰهَ فَاْوٗٓا اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ

تہ پوءِ توهان غار ۾ پناهہ وٺو ، اُتي توهان لاءِ توهان جو رب پنهنجي رحمت کي وسيع ڪندو

وَيُهَيِّئْ لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ﴿۱۶﴾ وَتَرَى الشَّمْسَ

۽ توهان لاءِ توهان جي ڪم ۾ الله تعالیٰ آساني پيدا ڪندو . رسول ۽ پيروڪار توهان ڏسندا تہ جڏهن سج انهن تي

اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَاِذَا

اُڀري تو تہ انهن جي غار جي ساڄي پاسي کان لڙي ويو ۽ جڏهن سج انهن تي

غَرَبَتْ تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمْ فِيْ فَجْوَةٍ مِّنْهُ ۭ

لهي تو تہ انهن جي کاٻي پاسي کان لڙي ويو ۽ اهي (اصحاب ڪهف) غار جي ڪليل ميدان ۾ آهن ،

ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَ

اهي الله تعالیٰ جي نشانين مان آهن ، جنهن کي الله هدايت ڏي تو پوءِ اهو هدايت وارو آهي ، ۽

مَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿۱۷﴾ ع ۲ ۵ ۴

جنهن کي پاڻ گمراهہ ڪري تو پوءِ توهان هرگز ان لاءِ ڪو ولي مرشد نہ لهندا.

لہ تفسیر النسفی .

وَتَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُوْدٌ ۚ وَّنُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَ

۽ توهان (ڏسندؤ) پائيندا اهيو جاڳيل آهن حالانڪ اهي سُتل آهن، ۽ اسين انهن جا پاسا ساڃي ۽ کاڌي پاسي

ذَاتَ الشِّمَالِ ۚ وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ۭ

تبديل ڪريون تا ، ۽ سندن ڪتو پنهنجا اڳيان ٻئي پير ساهون ڪري ڇانئڻ ۾ ويٺل آهي،

لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ

جيڪڏهن ڪو به ماڻهو انهن کي ڏسي تہ انهن کان پاڻ ڏي پري ٽئي ۽ انهن کان سخت خوفزده ٿي

رُعْبًا ﴿۱۸﴾ وَكَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَاۗءَلُوْا بَيْنَهُمْ ۭ قَالَ

وڃي . ۽ اسان انهن کي اهڙي طرح اٿاريو ان لاءِ تہ اهي هڪ ٻئي کان پاڻ ۾ سوال ڪن ، انهن مان

قَاۗىِٕلٌ مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ۭ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ

هڪڙي چوندڙ ڇيو تہ توهان ڪيترو وقت ٽڪيا آهيو، ڪن ڇيو تہ اسين هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهہ حصو

يَوْمٍ ۭ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ۭ فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ

(غار ۾) ٽڪيا آهيون، ڪن ڇيو تہ جيڪو رب تعالیٰ کي وڌيڪ ڄاڻ آهي جيڪو وقت تہ ٽڪيا آهيو، پوء تہ پاڻ مان هڪڙي کي

بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖٓ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا

تہ تنهنجي ڏيئي شهر ۾ موڪليو تہ اهو ڏسي واٽسي تہ اتي ڪهڙو سڀ کان طعام آهي

فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ

پوء توهان لاءِ ان مان طعام وٺي اچي ۽ ان کي گهرجي تہ سڀني سمجهي خريداري ڪري ۽ ڪنهن کي به توهان

بِكُمْ اَحَدًا ﴿۱۹﴾ اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ

جو اطلاع نہ ڏي . بيشڪ اهي جيڪڏهن توهان تي غالب ٿي پيا تہ اهي توهان تي پٿراءُ ڪندا

اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَلَنْ تُفْلِحُوْٓا اِذًا

يا توهان کي پنهنجي دين ۾ واپس آڻيندا ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو تہ توهان کڏهن به نجات وارا

نصف القرآن باعتبار عدد الحروف بان الثاء من الصف الاول واللام الثانية من نصف الاخير ۽

۱ تفسير روح البيان ، ۲ تفسير السنفي وتفسير مظهري ، ۳ تفسير روح البيان ، ۴ ۽ ۵ تفسير روح البيان .

اَبَدًا ﴿۲۰﴾ وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّ

نہ ٹیندا ۔ ۽ اھڑيءَ طرح اسان انھن[1] جي قوم کي (ان ڳالھہ جو) اطلاع ڏنو، ان لاءِ تہ اھي ڄاڻن تہ بيشڪ

وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ

الله جو وعدو سچو آھي ۽ بيشڪ قيامت[2] جي اچڻ ۾ ڪو به شڪ ناھي ، جنھن وقت

يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا

اھي پاڻ ۾ اختلاف ڪندا ھُئا يعني پنھنجي ڪم بابت ، پوءِ انھن چيو تہ انھن جي

عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ۭ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ۭ قَالَ الَّذِيْنَ

مٿان عمارت تعمير ڪريو، الله تعالىٰ انھن کي خوب ڄاڻي ٿو ، انھن ماڻھن چيو

غَلَبُوْا عَلٰٓى اَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ﴿۲۱﴾

جيڪي پنھنجي ڪم ۾ ڪامياب ٿيا تہ اسين ضرور انھن تي مسجد تعمير ڪنداسين .

سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ

اھي جلدي چوندا تہ (اصحاب ڪھف) ٽي آھن ۽ چوٿون انھن جو ڪتو آھي ، ۽ ڪي چوندا تہ اھي پنج ھُئا

سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًۢا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّ

ڇھون سندن ڪتو آھي سواءِ ڏسڻ جي اندازو ڪن تا، ۽ ڪي چوندا تہ ست اھي ھُئا ۽

ثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ۭ قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا

اٺون انھن جو ڪتو آھي . رسول[3] ڀڻ تہ منھنجي رب کي اصحاب ڪھف جو تعداد خوب معلوم آھي، نٿا ڄاڻن ان کي

قَلِيْلٌ ڰ فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَآءً ظَاهِرًا ۠ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ

مگر ٿورڙا ماڻھو، پوءِ تو ھان ھن حقيقت کان وڌيڪ ان تي بحث نہ ڪريو، تو ھان ان متعلق انھن مان ڪنھن کان

مِّنْهُمْ اَحَدًا ﴿۲۲﴾ وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَايْءٍ اِنِّىْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿۲۳﴾

ع ۲۳ ۵ ۲۵

به سوال[4] نہ پڇو . ۽ تو ھان ھرگز ڪنھن ڳالھہ لاءِ ائين نہ چئو تہ بيشڪ آئون سڀاڻي اھو ڪم ڪندس

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير بيضاوی . [3] تفسير روح البيان .

إِلَّآ أَن يَشَآءَ ٱللَّهُ ۚ وَٱذْكُر رَّبَّكَ إِذَا نَسِيتَ وَقُلْ عَسَىٰٓ أَن

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ چوڻ کان سواءِ ، ۽ جنهن وقت تو ها کي ويسرتي ته الله کي ياد ڪريو ۽ تو ها فرمايو ته عَسٰى قريب مونکي

يَهْدِيَنِ رَبِّى لِأَقْرَبَ مِنْ هَٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾ وَلَبِثُوا۟ فِى كَهْفِهِمْ

منهنجو رب ان کان بهتر رستو عطا ڪندو . ۽ اصحاب ڪهف پنهنجي غار ۾

ثَلَٰثَ مِا۟ئَةٍ سِنِينَ وَٱزْدَادُوا۟ تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ ٱللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا

ٽي سؤ نو (۳۰۹) سال رهيا . رسول عربي تو هان فرمايو الله تعالىٰ کي وڌيڪ علم آهي

لَبِثُوا۟ ۖ لَهُۥ غَيْبُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ۖ أَبْصِرْ بِهِۦ وَأَسْمِعْ ۚ مَا لَهُم

جيترو آهي رهيا، الله تعالىٰ لاءِ آسمانن ۽ زمين جو غيب آهي . اهو بهتر ڏسي ۽ ٻڌي ٿو ، ۽ انهن لاءِ

مِّن دُونِهِۦ مِن وَلِىٍّ وَلَا يُشْرِكُ فِى حُكْمِهِۦٓ أَحَدًا ﴿٢٦﴾ وَٱتْلُ

الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو به مددگار ناهي، ۽ الله جي حُڪم ۾ سندس ڪو به شريڪ ناهي . ۽ رسول عربي

مَآ أُوحِىَ إِلَيْكَ مِن كِتَابِ رَبِّكَ ۖ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمَٰتِهِۦ ۚ وَلَن تَجِدَ

تو هان قرآن ۾ ڪريم جي تلاوت ڪريو ، الله تعالىٰ جي ڪلامن کي ڪير به تبديل نه ٿو ڪري ، ۽ هرگز نه لهندا تو ها

مِن دُونِهِۦ مُلْتَحَدًا ﴿٢٧﴾ وَٱصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ ٱلَّذِينَ يَدْعُونَ

اُن کان سواءِ ڪنهن پناهه کي . ۽ تو هان پنهنجي وجود کي انهن مسڪين اصحابن سان گڏ رکو جيڪي پنهنجي رب

رَبَّهُم بِٱلْغَدَوٰةِ وَٱلْعَشِىِّ يُرِيدُونَ وَجْهَهُۥ ۖ وَلَا تَعْدُ

جي صبح ۽ شام عبادت ڪن ٿا، اهي پنهنجي عبادت الله جي رضامندي لاءِ ڪن ٿا ، ۽ تو هان انهن کان

عَيْنَاكَ عَنْهُمْ تُرِيدُ زِينَةَ ٱلْحَيَوٰةِ ٱلدُّنْيَا ۖ وَلَا تُطِعْ مَنْ

پنهنجو توجه نه هٽايو ، چا تو هان دنيا جي زندگي جي زينت طلب ڪريو ٿا ، ۽ انهن جي چوڻ ۾ نه اچو جن

أَغْفَلْنَا قَلْبَهُۥ عَن ذِكْرِنَا وَٱتَّبَعَ هَوَىٰهُ وَكَانَ أَمْرُهُۥ فُرُطًا ﴿٢٨﴾

جون دلون اسان جي ذڪر کان غافل آهن ۽ اهي پنهنجي خواهش موجب هلن ۽ سندس ڪم حد کان وڌي ويو .

الکهف ۱۸

[1] تفسير مظهري، [2] تفسير بيضاوي، [3] تفسير جامع البيان، [4] تفسير جلالين، [5] تفسير مظهري .

وَقُلِ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكُمْ ۟ فَمَنْ شَآءَ فَلْيُؤْمِنْ وَّمَنْ شَآءَ

۽ رسول عرض تو ڏان فرمايو تہ حق تو ڏان ڇي رب ڇي طرفان آهي، پوء جيڪو چاهي سو ايمان آڻي ۽ جيڪو چاهي سو

فَلْيَكْفُرْ ۚ اِنَّآ اَعْتَدْنَا لِلظّٰلِمِيْنَ نَارًا ۙ اَحَاطَ بِهِمْ سُرَادِقُهَا ؕ

ڪفر اختيار ڪري، بيشڪ اسان ظالمن لاءِ باهہ تيار ڪئي آهي، انهي باهہ جو ڀت ديوارون انهن کي گهيري هوندين،

وَاِنْ يَّسْتَغِيْثُوْا يُغَاثُوْا بِمَآءٍ كَالْمُهْلِ يَشْوِى الْوُجُوْهَ ؕ

۽ اهڙي جيڪڏهن پاڻي گهرندا تہ ڪين لهڻ ۾ آندو وينڊو جيڪو سندن منهن کي ساڙي ڇڏيندو،

بِئْسَ الشَّرَابُ ؕ وَسَآءَتْ مُرْتَفَقًا ۝۲۹ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

ڪهڙو نہ خراب پاڻي آهي، ۽ دوزخ ڪهڙي نہ خراب جاءِ آهي رهڻ جي. بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اِنَّا لَا نُضِيْعُ اَجْرَ مَنْ اَحْسَنَ عَمَلًا ۝۳۰

سهڻا عمل ڪيا بيشڪ اسين نيڪوڪارن جا سهڻا عمل ضايع نہ ٿا ڪريون.

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ

اهي اُهي ماڻهو آهن جن لاءِ بهشت جا باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون

يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّيَلْبَسُوْنَ ثِيَابًا

انهن کي بهشت ۾ سون ۽ چانديءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا ۽ انهن کي ساوا ڪپڑا پارايا ويندا

خُضْرًا مِّنْ سُنْدُسٍ وَّاِسْتَبْرَقٍ مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى

جيڪي سنهي ۽ ٿلهي ريشم جا هوندا، اهي بهشت ۾ تختن تي ٽيڪون هڻي

الْاَرَآئِكِ ؕ نِعْمَ الثَّوَابُ ؕ وَحَسُنَتْ مُرْتَفَقًا ۝۳۱ وَاضْرِبْ لَهُمْ

ويٺل هوندا، ڪهڙو نہ بهترين ثواب آهي اِ۽ بهشت ڪهڙي نہ بهترين رهڻ جي جاءِ آهي. ۽ توهان انهن لاءِ بن

مَّثَلًا رَّجُلَيْنِ جَعَلْنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَيْنِ مِنْ اَعْنَابٍ

ماڻهن جو مثال ذڪر ڪريو جو انهن ۾ مان هڪڙي کي اسان انگورن جا ٻہ باغ عطا ڪيا،

ع ۴

لہ تفسير مظهري. ۲ تفسير ڪمالين.

وَحَفَفْنٰهُمَا بِنَخْلٍ وَّجَعَلْنَا بَيْنَهُمَا زَرْعًا ﴿٣٢﴾ كِلْتَا

۽ انهن ٻنهي جي چوڌاري کجن جاوڻ هئا ۽ انهن ٻنهي باغن جي هيٺان پوک ٻوکيل هئي. اهي ٻئي

الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا ۙ وَّفَجَّرْنَا

باغ پورو پورو ميوو ڏين لڳا ۽ ڪنهن به باغ جي پيداوار ۾ ڪمي نه هئي ۽ انهن ٻنهي باغن جي وچ ۾

خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ﴿٣٣﴾ وَّكَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ

اسان نهر جاري ڪئي. ۽ باغ جي مالڪ وٽ هر قسم جا ميوا هئا. پوءِ باغ جي مالڪ پنهنجي ساٿي کي جيڪو آڻون تو ڪان

اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ﴿٣٤﴾ وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ

ملڪيت ۾ زياده آهيان ۽ منهنجو قبيلو به زياده آهي. ۽ اهو پنهنجي باغ ۾ داخل ٿيو ۽ اهو

ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَآ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖٓ اَبَدًا ﴿٣٥﴾

پنهنجي نفس تي ظلم ڪرڻ وارو هو، پاڻ چوڻ لڳو ته مون کي گمان ٿي ناهي ته هي (باغ) ڪڏهن فنا ٿيندو.

وَّمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً وَّلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ

۽ مون کي گمان ٿي نه آهي ته قيامت ايندي ۽ جيڪڏهن (بالفرض) آڻون پنهنجي رب ڏانهن موٽايو ويس ته ان باغ کان

خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿٣٦﴾ قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ

بهتر موٽڻ جي جاءِ ملندو. ۽ سندس ساٿي کيس وراڻيو جواب ۾ چوڻ لڳو ڇا تون ان خالق جو انڪار ڪرين

بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿٣٧﴾

جنهن تو کي مٽي مان پيدا ڪيو، پوءِ تو کي هڪ قطري مان مڪمل مرد ڪري پيدا ڪيو.

لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿٣٨﴾ وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ

پر آڻون چوان ته هو الله آهي جيڪو منهنجو رب آهي ۽ آڻون پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ نه ٿو ڪريان. ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ داخل

جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا

ٿيين ان وقت تو چوڻ ڏنو ما شاء الله لا قوة الا بالله چيو، جيڪڏهن تون مون کي هيٺ

ك تفسير جامع البيان. ك تفسير مظهري. ك تفسير جامع البيان. ك تفسير جلالين. ك تفسير روح البيان. ك تفسير مظهري.

اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ﴿٣٩﴾ فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ

مال ۽ اولاد ۾ گهٽ ڏسين ٿو ۽ پوءِ عن قريب مون کي منهنجو رب تنهنجي باغ کان بهتر عطا

جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا

ڪندو ۽ تنهنجي باغ تي آسمان مان عذاب[1] نازل ڪندو پوءِ (اهو باغ) ڦري صاف[2] ميدان ٿي

زَلَقًا ﴿٤٠﴾ اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿٤١﴾ وَ

پوندو ۽ يا ان باغ جو پاڻي زمين ۾ هيٺ[3] لهي ويندو پوءِ تون هرگز ان کي تلاش نه ڪري سگهندين ۽

اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَهِيَ

باغ جا ميوا ختم ٿي ويا پوءِ اهو پنهنجا هٿ (حسرت سان) مهٽيندو رهيو ان خرچ تي جيڪو اُن ۾ ڪيو هئائين ۽ اهو

خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ

باغ پاڙان پٽجي منهن[4] تي ڪري پيو ۽ باغ جو مالڪ چوڻ لڳو ڪاش آئون پنهنجي رب سان ڪنهن کي شريڪ

اَحَدًا ﴿٤٢﴾ وَلَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا

نه ڪريان ها. ۽ ان وقت ڪو به گروهه نه هو جيڪو الله کان سوا ۽ سندس مدد ڪري ۽ نه اهو پاڻ

كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿٤٣﴾ هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا

بدلو وٺي سگهيو ٿي. ان وقت[5] ۽ ان صورتحال ۾ سڀني اختيار الله تعالى وٽ هوندا ۽ اهو ئي بهترين ثواب عطا ڪري ٿو

وَّخَيْرٌ عُقْبًا ﴿٤٤﴾ وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ

۽ ان وقت ئي بهترين انجام آهي. ۽ (رسول ۽) اُنهن لاءِ دنيا جي زندگي جو مثال بيان ڪري ڏيو انهي جو مثال ان پاڻيءَ جهڙو آهي

اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ

جيڪو اسان آسمان مان نازل ڪيو پوءِ پاڻ سبب زمين ساوڪ هنئي پوءِ ساوڪ ڦري

هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿٤٥﴾

سُڪل گاهه ٿي جنهن کي هوائون اڏائن ٿيون ۽ الله تعالى هر شيءِ تي قادر مطلق آهي.

ع ۴۵ ۷

[1] تفسير اسني. [2] تفسير روح البيان. [3] تفسير مظهري.

[4] تفسير روح البيان. [5] تفسير بيضاوي.

اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ

مال ۽ پُٽ دنيا جي حياتي جو سينگار آهن ، ۽ نيڪ عمل توهان جي رب وٽ پلا آهن

عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾ وَيَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَتَرَى

ثواب جي لحاظ کان ۽ پلا آهن اُميد جي لحاظ کان ۔ ۽ جنهن ڏينهن اسين جبلن کي هلائيندا سين ۽ توهان

الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّحَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿۴۷﴾ وَعُرِضُوْا

زمين کي ڏسندا ۽ اسين انهن سڀني کي اڪٺا ڪنداسين پوءِ انهن مان کو به نه رهندو ۽ سڀئي توهان جي رب جي دربار

عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۭ بَلْ

۾ صفون ٻڌي پيش هوندا ، تحقيق توهان (اڄ) اسان وٽ ايئن آيا آهيو جيئن اسان توهان کي پهرئين دفعي پيدا ڪيو ، بلڪ

زَعَمْتُمْ اَلَّنْ نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿۴۸﴾ وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى

توهان کي گمان هو ته اسين توهان کي وعدي موجب نه آڻينداسين ۔ ۽ عمل نامان رکيا ويندا ، پوءِ توهان مجرمن

الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا

کي ڏسندا ته اهي اُن کان ڊجندا ، اهي چوندا ته هائي اسانجي هلاڪت هن نڪت کي ڇا ٿيو

الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّآ اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا

آهي جو اسانجا ننڍا ۽ وڏا گناهه سڀئي انهيءَ ڪم لکيل ويا ، ۽ جيڪو ڪجهه انهن

مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ؕ وَلَا يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿۴۹﴾ وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ ع ۱۵

عمل ڪيو هوند سو حاضر هوندو ، ۽ توهان جو رب ڪنهن تي ظلم نه ڪندو ۔ ۽ رسول عربي توهان ياد ڪيو جنهن وقت

اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ

اسان ملائڪن کي حڪم ڪيو ته آدم کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کان سواءِ سڀني سجدو ڪيو ابليس جنن مان هو پوءِ اُن پنهنجي رب جي

عَنْ اَمْرِ رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗٓ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِيْ وَهُمْ

حڪم جي نافرماني ڪئي ، ڇا پوءِ توهان ابليس ۽ سندس اولاد کي مون کان سوا ۽ مددگار ڪري وٺو ٿا ۽ اهي

لہ تفسیر النسفی وتفسیر مظهری ۔ ۲ تفسیر بیضاوی ۔ ۳ تفسیر مظهری ۔ منزل ۴ ۴ تفسیر مظهری ۔

لَكُمْ عَدُوٌّ ۚ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ بَدَلًا ﴿۵۰﴾ مَآ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ

توهان جا سخت دشمن آهن، ۽ ظالمن کي کهڙو وڻ خراب بدلو ملیو - مون انهن (شیطانن) کي حاضر نه کیو

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ ۖ وَمَا كُنْتُ مُتَّخِذَ

آسمانن ۽ زمینن جي تخلیق وقت ۽ نه سندن پیدائش وقت، ۽ آءٌن گمراهه کندڙن کي

الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾ وَيَوْمَ يَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ

پنهنجو مددگار نه ٿو بنایان ۔ ۽ قیامت جي ڏينهن الله تعالیٰ (کافرن کي) فرمائيندو ته توهان پنهنجي معبودن کي پکاريو جن جي

زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ مَّوْبِقًا ﴿۵۲﴾

توهان عبادت ڪندا هئا، پوءِ اهي کين پکارينداپوءِ معبود کين جواب نه ڏينداءِ ان انهن جي وچ ۾ جهنم جو هڪ وادي تيار ڪنداسين.

وَرَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَلَمْ يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿۵۳﴾ ع ۷ ۱۹

۽ گنهگار ماڻهو ڏسندا پوءِ يقين ڪندا ته بيشڪ اهي انهي ۾ ڪرندا ۽ کين ڇوٽ جي ڪا جاءِ نه ملندي.

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۭ وَكَانَ

۽ بيشڪ اسان ماڻهن (جي هدايت) لاءِ قرآن ڪريم ۾ هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن، ۽ انسان هر

الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا ﴿۵۴﴾ وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا

شيءَ کان وڌيڪ اختلاف ڪندڙ آهي ۔ ۽ ماڻهن کي ايمان آڻڻ کان کنهن منع ڪيو

اِذْ جَاۗءَهُمُ الْهُدٰى وَيَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ

جڏهن انهن وٽ رسول عربي قرآن ڪريم سميت اچي ڪو آهي ۽ اهي پنهنجي رب کان بخشش گهرن ها، مگر اهو انهن ڏي

سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿۵۵﴾ وَمَا نُرْسِلُ

اڳين (ماڻهن) جهڙو عذاب اچي يا انهن ڏي قسم قسم جو عذاب نازل ٿئي ۔ ۽ نه ٿا موڪليون

الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

اسين رسولن کي مگر بشير ۽ نذير ڪري، ۽ ڪافر ناحق سان جهيڙو

لہ تفسیر روح البیان. کہ تفسیر ابن عباس. کہ تفسیر جلالین و تفسیر ابن عباس و (منزل ۴) تفسیر مظهری. کہ تفسیر مظهری و تفسیر النسفی ش تفسیر جلالین و تفسیر مظهری.
ت تفسیر ابن عباس. ث تفسیر النسفی.

بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا

کن تا ان لاءِ تہ ناحق سان حق کي مٹائي ڇڏين ۽ اهي اسانجي آيتن ۽ جن شين ٻڌايو ويو ان ٺاهه مذاق

هُزُوًا ﴿۵۶﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ

کن تا ۽ ان ماڻهو کان وڌيڪ بيوظالم ڪير آهي جنهن کي الله جي آيتن سان سمجهايو ويو پوءِ ان کي نه مڃائين ۽ پنهنجي ڪيل

مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ

گناهن جي نتيجي کان بي خبر رهيو ، بيشڪ اسان انهن جي دلين تي پردا رکيا آهن تہ اهي قرآن ڪريم نه سمجهي سگهن

وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا

۽ انهن جي ڪنن ۾ گرانيءَ آهي ، ۽ جيڪڏهن تون هنن هدايت ڏانهن انهن کي سڏيندا تہ اهي قطعاً هدايت

اِذًا اَبَدًا ﴿۵۷﴾ وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ بِمَا

واري نہ ٿيندا ۽ ۽ تون جو رب بخشش ڪندڙ رحمت وارو آهي ، جيڪڏهن انهن تي سندن بداعمالي

كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ۭ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا مِنْ

سبب پڪڙ ڪري ها انهن تي فوراً عذاب ڇڏي وجهي ها ، پر الله تعالى انهن لاءِ هلاڪت جو هڪ وقت مقرر ڪيو آهي جو

دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا ﴿۵۸﴾ وَتِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَ

کان پوءِ کين پناه جي جاءِ نه ملندي. ۽ اسان اهي ڳوٺ برباد ڪيا جڏهن انهن ظلم ڪيا ۽

جَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿۵۹﴾ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ ع ۶ ۲۰

اسان انهن جي بربادي لاءِ هڪ وقت مقرر ڪيو هو . ۽ جڏهن وقت موسيٰ پنهنجي خادم کي چيو تہ آئون مسلسل هلندو رهندس

حَتّٰٓى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿۶۰﴾ فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ

ايستائين جو بن درياءَ جي ملڻ جي جاءِ تي پهچان يا گهڻو وقت هلندو رهندس . پوءِ جڏهن اهي بن درياءَ جي

بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿۶۱﴾

ملڻ جي جاءِ تي پهتا تہ پنهنجي (ڪنيل) مڇي کين وسري وئي ، پوءِ اها مڇي سمنڊ ۾ چڪر ٻڌي هلي وئي .

۱ تفسير مظهري . ۲ تفسير ابن عباس وتفسير بيضاوي . ۳ تفسير جلالين . ۴ تفسير روح البيان . ۵ و ۶ تفسير مظهري .

فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَآءَنَا ۫ لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا

پوءِ اهي جڏهن اُتان روانا ٿيا موسيٰ پنهنجي خادم کي چيو تہ اسان کي هن پنهنجي سفر ۾ گهٽي

هٰذَا نَصَبًا ﴿۶۲﴾ قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَاۤ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ

تکليف پهتي آهي. خادم عرض کيو تہ عجب جهڙو واقعو ٿيو آهي جڏهن وقت اسين پٿر جي پاسي ۾ ڪياسين پوءِ بيشڪ مون

الْحُوْتَ ۫ وَمَاۤ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ

مڇيءَ کي وساري ڇڏيو ۽ مونکي شيطان عجب جهڙي گالهہ بيان ڪرڻ کان پلائي ڇڏيو ۽ مڇي تہ درياءَ ۾ عجيب طريقي

فِي الْبَحْرِ ۖ عَجَبًا ﴿۶۳﴾ قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ ۚ فَارْتَدَّا عَلٰۤى اٰثَارِهِمَا

سان وڃڻ لڳي. موسيٰ چيو تہ اسان اهائي گالهہ طلب ڪئي هئي. موسيٰ ۽ سندس خادم پنهنجي پيرن جي نشانن تي

قَصَصًا ﴿۶۴﴾ فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَاۤ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا

پوئتي موٽيا. پوءِ ان جاءِ تي ڪين اسان جي بانهن مان هڪ بانهو (خضر) مليو جنهن کي اسان پاڻ وٽان

وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿۶۵﴾ قَالَ لَهٗ مُوْسٰى هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰۤى اَنْ

رحمت ۽ وسيع لدني علم عطا ڪيو هو. موسيٰ اُن کي چيو تہ چا آئون توهان سان انهي شرط تي گڏ رهي

تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿۶۶﴾ قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿۶۷﴾

سگهان ٿو تہ توهان مون کي اهو علم سيکاريو جيڪو توهان کي عنايت ٿيل آهي. خضر چيو تہ بيشڪ توهان مون سان صبر نٿا ڪري سگهندا.

وَكَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿۶۸﴾ قَالَ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ

۽ توهان اهڙي گالهہ تي ڪيئن صبر ڪري سگهو ٿا جنهن جي توهان کي ظاهري معلومات ناهي. موسيٰ چيو ان شاءَ الله توهان مون کي صبر

اللّٰهُ صَابِرًا وَّلَاۤ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ﴿۶۹﴾ قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ فَلَا

ڪندڙ لهندءِ. آئون توهان جي حڪم جي نافرماني نہ ڪندس. خضر چيو تہ جيڪڏهن توهان منهنجي تابعداري ڪريو تا

تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰۤى اُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿۷۰﴾ فَانْطَلَقَا ۟

پوءِ توهان مون کان ڪنهن گالهہ جو نہ پڇجو آئون پاڻ توهان کي کولي ڏيندس ۽ پڌرايان. پوءِ موسيٰ ۽ خضر ٻئي روانا ٿيا.

ع ۱۰ ۱۱ ۲۲

۱؎ تفسير مظهري. ۲؎ تفسير روح البيان.

۳؎ تفسير روح المعاني.

حَتّٰٓى اِذَا رَكِبَا فِى السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ

ايستائين جو پئي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيا، خضر ٻيڙيءَ کي چيرڻ لڳو، موسيٰ چيو تون ٻيڙيءَ کي چيرين ٿو ان لاءِ تہ مسافرن کي ٻوڙين،

لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِىَ

بيشڪ تون اهو خراب ڪم ڪرين ٿو . خضر چيو ڇا مون تو کي نہ چيو هو تہ تون مون سان گڏ رهي صبر ڪري نہ

صَبْرًا ﴿٧٢﴾ قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِىْ بِمَا نَسِيْتُ وَلَا تُرْهِقْنِىْ مِنْ

سگهندين . موسيٰ چيو تون مونکي منهنجي وساريل ڳالهہ تي پڪڙ نہ ڪر، ۽ تون مون لاءِ منهنجي ڪم ۾ مشڪلات

اَمْرِىْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾ فَانْطَلَقَا ۫ حَتّٰٓى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ

پيدا نہ ڪر . پوءِ وري ٻئي روانا ٿيا ايستائين جو هڪ ڇوڪرو ملي پيو خضر اُن کي قتل ڪري ڇڏيو، موسيٰ

اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾

چيو ڇا تو بيگناهہ انسان کي بغير ڪنهن جي قصاص جي قتل ڪيو، بيشڪ تو تمام خراب ڪم ڪيو.

الجزء ١٦

قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِىَ صَبْرًا ﴿٧٥﴾ قَالَ اِنْ

(حضرت) خضر چيو، ڇا مون تو هاڻي نہ چيو هو تہ بيشڪ تو مان هرگز موسيٰ سان گڏ رهي صبر ڪري نہ سگهندين! (حضرت) موسيٰ چيو جيڪڏهن

سَاَلْتُكَ عَنْ شَىْءٍ بَعْدَهَا فَلَا تُصٰحِبْنِىْ ۚ قَدْ بَلَغْتَ مِنْ لَّدُنِّىْ

مون هن کان پوءِ توهان کان ڪنهن شيءَ بابت سوال ڪيو تہ پوءِ توهان مون کي ساڻ نہ رهجو، بيشڪ توهان کي مون کان

عُذْرًا ﴿٧٦﴾ فَانْطَلَقَا ۫ حَتّٰٓى اِذَآ اَتَيَآ اَهْلَ قَرْيَةِ ِۨ اسْتَطْعَمَآ

تڪليف پهتي . پوءِ ٻئي روانا ٿيا، ايستائين جو اهي هڪ ڳوٺ وارن وٽ پهتا، هنن ڳوٺ ٽن ڪان مانيو

اَهْلَهَا فَاَبَوْا اَنْ يُّضَيِّفُوْهُمَا فَوَجَدَا فِيْهَا جِدَارًا يُّرِيْدُ اَنْ

۽ محتاج فقيرن کي اُن مان کارايو ۔ اَن کان پوءِ اُهي پنهنجون ميرون لاهن

وَلْيُوْفُوْا نُذُوْرَهُمْ وَلْيَطَّوَّفُوْا بِالْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ ۚ

۽ پنهنجا نذر (باسُون) پُورا ڪن ۽ بيت الله جو طواف ڪن جيڪو نهايت قديم آهي ۔ (حڪم) هي آهي

وَمَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ؕ

۽ جيڪو مانڻو الله جي حرمتن (حج جي مناسڪ وغيره) جي تعظيم ڪري تہ پوءِ اهو ان لاءِ سندس رب وٽ بهتر آهي

وَاُحِلَّتْ لَكُمُ الْاَنْعَامُ اِلَّا مَا يُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَاجْتَنِبُوا

۽ توهان لاءِ چوپايا حلال ڪيا ويا مگر جن جانورن جو حرام هجڻ توهان کي بڌايو ويو آهي پوءِ توهان

الرِّجْسَ مِنَ الْاَوْثَانِ وَاجْتَنِبُوْا قَوْلَ الزُّوْرِ ﴿٣٠﴾

بُتن جي پليدي کان پاسو ڪريو ۽ توهان ڪوڙي ڳالهه کان پاسو ڪريو

حُنَفَآءَ لِلّٰهِ غَيْرَ مُشْرِكِيْنَ بِهٖ ؕ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَكَاَنَّمَا

ڪوڙن مذهبن کان پاسو ڪريو، الله تعالىٰ کي شريڪ بنايو ۽ جيڪو مانڻو الله تعالىٰ سان شرڪ ڪري تہ پوءِ گويا ڪو

خَرَّ مِنَ السَّمَآءِ فَتَخْطَفُهُ الطَّيْرُ اَوْ تَهْوِيْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ

آسمان تان ڪري پيو پوءِ اُن کي پکي جهٽي ورتو يا ان کي تيز هوا ڪنهن ٻئي هنڌ

مَكَانٍ سَحِيْقٍ ﴿٣١﴾ ذٰلِكَ ۚ وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ

جاءِ تي اڇلائي ڇڏيو ۔ (حڪم) اهي آهن، ۽ جيڪو مانڻو الله تعالىٰ جي نشانين جي تعظيم ڪري تہ پوءِ بيشڪ اها ڳالهه

تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿٣٢﴾ لَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ

دلين جي تقويٰ آهي ۔ توهان لاءِ انهيءَ (قرباني) ۾ نفعا آهن مقرر وقت تائين ، ان کان پوءِ

مَحِلُّهَآ اِلَى الْبَيْتِ الْعَتِيْقِ ﴿٣٣﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ جَعَلْنَا مَنْسَكًا

ان کي قديم بيت الله تائين پهچائڻو آهي ۔ (توهان ڪان اڳيم) اسان احرامت لاءِ قربانيءَ مقرر ڪئي

ع ١٤ =

له تفسير مظهري، ٢ تفسير جلالين وتفسير نسفي وتفسير روح البيان و (منزل ٤) تفسير بيضاوي، ٣ تفسير مظهري، ٤ تفسير جلالين، ٥ تفسير روح البيان، ٦ تفسير النسفي، ٧ تفسير جلالين.

لِيَذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلٰى مَا رَزَقَهُمْ مِّنْۢ بَهِيْمَةِ الْاَنْعَامِ ؕ

ان لاءِ تہ توهان (کُجھ ٿ وقت) اُن جي ڏنل بي زبان چوپاين تي الله تعالىٰ جو نالو وٺو،

فَاِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَلَهٗۤ اَسْلِمُوْا ؕ وَبَشِّرِ الْمُخْبِتِيْنَ ﴿۳۴﴾

پوءِ توهان جو معبود فقط هڪ الله تعالىٰ آهي پوءِ توهان ان لاءِ جهڪو، ۽ تون انيارن ڏيڻ ڪندڙن کي خوشخبري ٻڌاءِ.

الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَالصّٰبِرِيْنَ

اُهي ماڻهو جو جنهن وقت (انهن وٽ) الله تعالىٰ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو انهن جون دليون (خوف جي ڪري) ڏڪن ٿيون ۽ اهي تڪليفن

عَلٰى مَاۤ اَصَابَهُمْ وَالْمُقِيْمِى الصَّلٰوةِ ۙ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۵﴾

تي صبر ڪندڙ آهن ۽ نماز پڙهندڙ آهن، ۽ جيڪي اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪندڙ آهن.

وَالْبُدْنَ جَعَلْنٰهَا لَكُمْ مِّنْ شَعَآئِرِ اللّٰهِ لَكُمْ فِيْهَا خَيْرٌ ۖ

۽ قرباني جاوڏا جانور (اُٺ، ڏيڪ وغيره) اسان توهان لاءِ پنهنجي نشانين مان ڪيا آهن، توهان لاءِ انهيءَ ۾ خير آهي.

فَاذْكُرُوا اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا صَوَآفَّ ۚ فَاِذَا وَجَبَتْ جُنُوْبُهَا

پوءِ توهان (کُجھ وقت) انهيءَ تي الله جو نالو وٺو (۽) اُٺ کي بڌي بيهاريو. پوءِ جڏهن اهو پنهنجا پاسا کوڙي

فَكُلُوْا مِنْهَا وَاَطْعِمُوا الْقَانِعَ وَالْمُعْتَرَّ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرْنٰهَا

پوءِ توهان پاڻ ان مان کاوُ ۽ سوالين ۽ غير سوالين مسڪينن کي کارايو. اهڙي طرح اسان (انهن کي) توهان لاءِ مُسخر

لَكُمْ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۳۶﴾ لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا

بنايو آهي تہ جو توهان شڪر گذار ٿيو. انهن کيل قربانين جو گوشت ۽ رت

دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ كَذٰلِكَ سَخَّرَهَا

الله تعالىٰ وٽ نہ ٿا پهچن، پر الله تعالىٰ وٽ توهان جي نيت ۽ سچائي پهچي ٿي. اهڙي طرح اسان (انهن کي) توهان لاءِ مسخر بنايو

لَكُمْ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ ؕ وَبَشِّرِ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳۷﴾

تہ توهان الله تعالىٰ جي وڏائي بيان ڪريو اُن لاءِ جو توهان کي هدايت ڏني ائين، ۽ توهان نيڪڪارن کي بشارت ڏيو.

لہ تفسير نسفي وتفسير جلالين. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير نسفي و (منزل ٤) تفسير مظهري وتفسير جامع البيان. ٤ تفسير مظهري. ٥ تفسير جامع البيان.

إِنَّ اللَّهَ يُدَافِعُ عَنِ الَّذِينَ آمَنُوا ۗ إِنَّ اللَّهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ خَوَّانٍ

بیشک اللہ تعالیٰ مؤمنن جو دفاع (بچاءُ) کري ٿو۔ بیشک اللہ هر هڪ دغاکندڙ، ناشڪري کندڙ

كَفُورٍ ﴿٣٨﴾ أُذِنَ لِلَّذِينَ يُقَاتَلُونَ بِأَنَّهُمْ ظُلِمُوا ۚ وَإِنَّ اللَّهَ عَلَىٰ

ٿا محبت نه ٿو ڪري. (بار بار) ظلم هٿ سيبان مسلمانن کي جهاد ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي، ۽ بیشک اللہ تعالیٰ انهن

نَصْرِهِمْ لَقَدِيرٌ ﴿٣٩﴾ الَّذِينَ أُخْرِجُوا مِن دِيَارِهِم بِغَيْرِ حَقٍّ

جي مدد ڪرڻ ۾ يقيناً قادر آهي. اهي ماڻهو جيڪي ناحق پنهنجي گهرن مان ڪيا ويا

إِلَّا أَن يَقُولُوا رَبُّنَا اللَّهُ ۗ وَلَوْلَا دَفْعُ اللَّهِ النَّاسَ بَعْضَهُم

فقط انهن ايئن چيوته اسانجو رب اللہ آهي، ۽ جيڪڏهن اللہ تعالیٰ هڪڙن ماڻهن کي ٻين ماڻهن سان دفع ذکري ها ته

بِبَعْضٍ لَّهُدِّمَتْ صَوَامِعُ وَبِيَعٌ وَصَلَوَاتٌ وَمَسَاجِدُ يُذْكَرُ

راهبن ۽ عيسائن ۽ يهودين جون عبادتگاهون ۽ مسلمانن جون مسجدون، (ايئون وڃن ها جن ۾

فِيهَا اسْمُ اللَّهِ كَثِيرًا ۗ وَلَيَنصُرَنَّ اللَّهُ مَن يَنصُرُهُ ۗ إِنَّ اللَّهَ لَقَوِيٌّ

اللہ تعالیٰ جو تمام گهڻو ذڪر ڪيو وڃي ٿو، ۽ اللہ تعالیٰ ان ماڻهو جي ضرور مدد ڪندو جيڪو سندس دين جي مدد ڪندو بیشک اللہ زوردار

عَزِيزٌ ﴿٤٠﴾ الَّذِينَ إِن مَّكَّنَّاهُمْ فِي الْأَرْضِ أَقَامُوا الصَّلَاةَ وَ

۽ غالب آهي. اهي اُهي ماڻهو آهن جو جيڪڏهن اسين انهن کي زمين ۾ اقتدار ڏيون ته نماز پڙهندا ۽

آتَوُا الزَّكَاةَ وَأَمَرُوا بِالْمَعْرُوفِ وَنَهَوْا عَنِ الْمُنكَرِ ۗ وَلِلَّهِ

زڪواة ڏيندا ۽ چڱائي جو چوندا ۽ برائيءَ کان روڪيندا ۽ سڀني ڪمن جو

عَاقِبَةُ الْأُمُورِ ﴿٤١﴾ وَإِن يُكَذِّبُوكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ

انجام اللہ تعالیٰ وٽ آهي. ۽ رسول اڳ جيڪڏهن اهي تو کي ڪوڙو ٿا ڪن تہ ان کان اڳين پيغمبرن کي به ڪوڙو يعني نوح جي

وَعَادٌ وَثَمُودُ ﴿٤٢﴾ وَقَوْمُ إِبْرَاهِيمَ وَقَوْمُ لُوطٍ ﴿٤٣﴾ وَأَصْحَابُ مَدْيَنَ

۽ عاد ۽ ثمود جي قوم ۽ ابراهيم جي قوم ۽ لوط جي قوم ۽ مَدْيَنُ واري

الحزب ۵

له تفسير مظهري. ٻه تفسير جلالين. ٽه تفسير مظهري. (منزل ۴)

وَكَذَّبَ مُوسٰى فَاَمْلَيْتُ لِلْكٰفِرِيْنَ ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۚ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿۴۴﴾

۽ موسيٰ کي بہ نہ مڃيو ويو پوءِ مون کافرن کي ڍرڻي ان کان پوءِ انهن تي پڪڙ ڪئي، پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن ٿيو!

فَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ فَهِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا

پوءِ ڪيترائي ڳوٺ اسان برباد ڪيا ۽ انهن جا رهندڙ ظالم هئا پوءِ اهي پنهنجي ڇتن تي ڊٺل آهن.

وَبِئْرٍ مُّعَطَّلَةٍ وَّقَصْرٍ مَّشِيْدٍ ﴿۴۵﴾ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ

۽ ڪيترا ڪوهه بيڪار پيا آهن ۽ ڪيترا مضبوط محل ويران پيا آهن. چا پوءِ اهي زمين ۾ سير نه ڪن، پوءِ انهن جون

لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا

اهڙيون دليون مڃن جن سان انهيءَ کي سمجهن يا انهن کي ڪن مڃن جن سان انهيءَ کي ٻڌن، بيشڪ انهيءَ (عبرت حاصل ڪرڻ) لاءِ

تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي الصُّدُوْرِ ﴿۴۶﴾

انهن جون اکيون نابين ناهن پر انهن جون دليون انڌيون آهن جيڪي (سندن) سينن ۾ آهن.

وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ وَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ وَعْدَهٗ ۭ وَاِنَّ يَوْمًا

۽ اهي تو ڏانهن عذاب اڇو جي تڪ ۾ ڪن تا ۽ الله تعالىٰ پنهنجي وعدي جي هرگز خلاف ورزي نه ڪندو ۽ بيشڪ اهو ڏينهن

عِنْدَ رَبِّكَ كَاَلْفِ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿۴۷﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ

تو هان جي رب وٽ، تو هان جي حساب موجب هزار سالن جو هوندو ۽ ڪيترن ڳوٺن کي

اَمْلَيْتُ لَهَا وَهِيَ ظَالِمَةٌ ثُمَّ اَخَذْتُهَا ۚ وَاِلَيَّ الْمَصِيْرُ ﴿۴۸﴾ قُلْ ع ۱۰ ۱۳

مون مهلت ڏني ۽ انهن جا رهندڙ ظالم هئا ان کان پوءِ مون ان تي پڪڙ ڪئي ۽ موٽڻ (سڀني جو) مون ڏانهن آهي. (اي رسول) تو هان

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّمَآ اَنَا لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۴۹﴾ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

فرمايو اي انسانو آئون تو فقط تو هان لاءِ صاف ڊيڄاريندڙ آهيان. پوءِ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ سٺا

الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿۵۰﴾ وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيْٓ

عمل ڪيا انهن لاءِ بخشش ۽ بهشت آهي. ۽ جيڪي ماڻهو اسان جي آيتن ۾ ڪوشش ڪن ٿا تہ

لہ تفسیر جلالین. کہ تفسیر جامع البیان. کہ تفسیر مظہری. (منزل ۴) کہ تفسیر روح المعانی.

اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿٥١﴾ وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ

اسين انهن (مؤمنن) کي عاجز بنايون اهي جهنمي آهن ۔ ۽ نہ موڪليو اسان توهان کان

قَبْلِكَ مِنْ رَّسُوْلٍ وَّلَا نَبِيٍّ اِلَّآ اِذَا تَمَنّٰٓى اَلْقَى الشَّيْطٰنُ فِيْٓ

اڳ ۾ ڪو رسول ۽ ڪو نبي ، مگر جنهن وقت ان ڪلام الاهي پڙهيو تہ شيطان مانهن جي دلين

اُمْنِيَّتِهٖ ۚ فَيَنْسَخُ اللّٰهُ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ ثُمَّ يُحْكِمُ اللّٰهُ

۾ پنهنجي طرفان ڪجهہ ملايو تہ ، پوء شيطان جي القا کي الله تعالى ميٽائي ڇڏي تہ ، ان کان پوء الله پنهنجون آيتون

اٰيٰتِهٖ ۗ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ﴿٥٢﴾ لِّيَجْعَلَ مَا يُلْقِي الشَّيْطٰنُ

مضبوط ڪري تہ ، ۽ الله زبردست علم حڪمت رکندڙ آهي ۔ ان لاء تہ جيڪو شيطان مانهن جي دلين ۾ وجهي تہ ان کي

فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ ۗ وَ

انهن مانهن لاء فتنو بنائي جن جي دلين ۾ مرض آهي ۽ جن جون دليون ڪٺل آهن ، ۽

اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَفِيْ شِقَاقٍۭ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾ وَّلِيَعْلَمَ الَّذِيْنَ

بيشڪ ظالم پري واري بدبختي ۾ آهن ۔ ۽ ان لاء تہ اهي مانهو ڄاڻن

اُوْتُوا الْعِلْمَ اَنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ فَيُؤْمِنُوْا بِهٖ فَتُخْبِتَ لَهٗ

جن کي علم ڏنو ويو آهي تہ بيشڪ اهو (قرآن ڪريم) توهان جي رب جي طرفان حق آهي پوء توهان ان تي ايمان آڻيو پوء قرآن ڪريم لاء

قُلُوْبُهُمْ ۗ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِلٰى صِرَاطٍ

مؤمنن جا قلب ڪم مطمئن تين تا ۔ ۽ بيشڪ الله تعالى انهن مانهن کي سنئون رستو ڏيکاريندڙ آهي

مُّسْتَقِيْمٍ ﴿٥٤﴾ وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْهُ حَتّٰى

جيڪي مؤمن آهن ۔ ۽ ڪافر تہ هميشہ قرآن ڪريم کان شڪ ۾ آهن ايستائين جو

تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً اَوْ يَاْتِيَهُمْ عَذَابُ يَوْمٍ عَقِيْمٍ ﴿٥٥﴾

انهن تي اوچتو قيامت اچي ترڪي يا انهن تي قيامت جي ڏينهن وارو عذاب اچي پهچي .

ه تفسير روح المعاني . ٥ تفسير جلالين . ٦ تفسير نسفي . ٧ تفسير جلالين . ٨ تفسير بيضاوي . ٩ تفسير مظهري .

اَلْمُلْكُ يَوْمَئِذٍ لِّلّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ ؕ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ

قيامت جي ڏينهن بادشاهي صرف الله جل جلاله جي هوندي، جيڪو انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪندو، پوءِ جن مانهن ايمان آندو ۽

عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۵۶﴾ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ

سٺا عمل ڪيا (اهي) بهشت ۾ هوندا. ۽ جن مانهن ڪفر ڪيو ۽

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿۵۷﴾ وَالَّذِيْنَ ع ۷

اسانجي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو پوءِ انهن لاءِ خواريءَ وارو عذاب آهي. ۽ جن مانهن

هَاجَرُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ثُمَّ قُتِلُوْٓا اَوْ مَاتُوْا لَيَرْزُقَنَّهُمُ اللّٰهُ

الله تعالىٰ جي راهه ۾ هجرت ڪئي اُن کان پوءِ (پاڻ) شهيد ڪيا ويا، يا فوت ٿي ويا، الله تعالىٰ ضرور انهن کي سٺو

رِزْقًا حَسَنًا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۵۸﴾ لَيُدْخِلَنَّهُمْ

رزق (بهشت) عطا ڪندو، ۽ بيشڪ الله تعالىٰ ئي بهترين رزق ڏيندڙ آهي. الله تعالىٰ انهن کي ضرور ان جاءِ

مُّدْخَلًا يَّرْضَوْنَهٗ ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَعَلِيْمٌ حَلِيْمٌ ﴿۵۹﴾

(بهشت) ۾ داخل ڪندو جنهن کان اهي راضي ٿيندا، ۽ بيشڪ الله تعالىٰ ڏاهو علم رکندڙ بُردبار آهي.

ذٰلِكَ ۚ وَمَنْ عَاقَبَ بِمِثْلِ مَا عُوْقِبَ بِهٖ ثُمَّ بُغِيَ

ڪالهه[1] اها آهي، ۽ ظالم کان[2] اوترو بدلو ورتو ويچي جيترو اُن ظلم ڪيو آهي، اُن کان پوءِ اُن تي

عَلَيْهِ لَيَنْصُرَنَّهُ اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ﴿۶۰﴾ ذٰلِكَ

زيادتي ڪئي وئي تہ اُن جي الله ضرور مدد ڪندو. بيشڪ الله تعالىٰ معاف ڪندڙ بخشيندڙ آهي. اهو ان ڪري

بِاَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي

جو بيشڪ الله تعالىٰ رات کي ڏينهن ۾[3] داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾

الَّيْلِ وَاَنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۶۱﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ

داخل ڪري ٿو ۽ بيشڪ الله تعالىٰ ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي. انهيءَ سببان جو بيشڪ الله تعالىٰ ئي

[1] تفسير نسفي. [2] تفسير مظهري. [3] تفسير مظهري. (منزل ۴) [4] تفسير بيضاوي.

الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ هُوَ الْبَاطِلُ وَاَنَّ

حق آهي ۽ بيشڪ اهي الله کان سواءِ جنهن جي عبادت ڪن ٿا اهو باطل (ڪوڙ) آهي ۽ بيشڪ

اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٦٢﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ

الله تعالىٰ ئي مٿاهون (۽) وڏو آهي. ڇا تو ڏٺو نه آهي، ته بيشڪ الله تعالىٰ آسمان

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَتُصْبِحُ الْاَرْضُ مُخْضَرَّةً ۭ اِنَّ

مان پاڻي نازل فرمايو تو، پوءِ زمين قِري ٿي سائي ٿئي ٿي، بيشڪ

اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿٦٣﴾ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي

الله لطف ڪندڙ خبردار آهي. اُن لاءِ آهي جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ جيڪو ڪجهه

الْاَرْضِ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ لَهُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٦٤﴾ ع ۱۵

زمين ۾ آهي، ۽ بيشڪ الله تعالىٰ بي پرواه (۽) گهڻو ساراهيل آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ وَالْفُلْكَ تَجْرِيْ

ڇا تو ڏٺو نه آهي ته بيشڪ الله تعالىٰ تو لاءِ اهي شيون مسخر ڪيون جيڪي زمين ۾ آهن ۽ ٻيڙي جيڪا درياءَ

فِي الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۭ وَيُمْسِكُ السَّمَآءَ اَنْ تَقَعَ عَلَى الْاَرْضِ اِلَّا

۾ الله تعالىٰ جي حڪم سان هلي ٿي، ۽ الله تعالىٰ آسمان کي زمين تي ڪرڻ کان روڪي ٿو، مگر سندس

بِاِذْنِهٖ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِالنَّاسِ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿٦٥﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَحْيَاكُمْ ۣ

رضامندي سان (قيامت ڪري پوندو) بيشڪ الله تعالىٰ ماڻهن تي گهڻي شفقت ڪندڙ مهربان آهي ۽ الله تعالىٰ اهو آهي جيڪو توهان کي جياري

ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ ﴿٦٦﴾ لِكُلِّ اُمَّةٍ

ٿو، اُن کان پوءِ توهان کي ماري ٿو، اُن کان پوءِ توهان کي زنده ڪري ٿو، بيشڪ انسان وڏو ناشڪر آهي. هر اُمت لاءِ انسان

جَعَلْنَا مَنْسَكًا هُمْ نَاسِكُوْهُ فَلَا يُنَازِعُنَّكَ فِي الْاَمْرِ

هڪ شريعت مقرر ڪئي جنهن تي اُهي عمل ڪندڙ آهن، پوءِ اهي (اهل ڪتاب) توهان سان شريعت جي معاملي ۾ جهيڙو نه ڪن

لہ تنویر المقباس فی تفسیر ابن عباس. لہ تفسیر روح البیان (منزل ۴) سہ تفسیر مظہری.

وَادْعُ إِلَىٰ رَبِّكَ ۖ إِنَّكَ لَعَلَىٰ هُدًى مُّسْتَقِيمٍ ﴿٦٧﴾ وَإِن

۽ توهان (انهيءَ) توهان جو رب ڏانهن سڏيو. رسول عربي بيشڪ توهان سڌيءَ راهه تي آهيو. ۽ جيڪڏهن اهي

جَادَلُوكَ فَقُلِ اللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿٦٨﴾ اللَّهُ يَحْكُمُ

توهان سان جهيڙو ڪن ته توهان فرمايو الله تعالىٰ توهان جي عملن کي وڌيڪ چاڻندڙ آهي. الله تعالىٰ توهان جي

بَيْنَكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيمَا كُنتُمْ فِيهِ تَخْتَلِفُونَ ﴿٦٩﴾ أَلَمْ تَعْلَمْ

وچ ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪندو، انهن ڳالهين جو جن ۾ توهان اختلاف ڪندا هئا. ڇا توهان کي معلوم ناهي

أَنَّ اللَّهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمَاءِ وَالْأَرْضِ ۗ إِنَّ ذَٰلِكَ فِي كِتَابٍ ۗ

ته بيشڪ الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهه آسمان ۽ زمين ۾ آهي، بيشڪ اها ڳالهه لوح محفوظ ۾ آهي،

إِنَّ ذَٰلِكَ عَلَى اللَّهِ يَسِيرٌ ﴿٧٠﴾ وَيَعْبُدُونَ مِن دُونِ اللَّهِ مَا لَمْ

بيشڪ اها ڳالهه الله تعالىٰ تي آسان آهي. ۽ اهي (مشرڪ) الله کان سواءِ بتن جي عبادت ڪن ٿا جن لاءِ ڪا

يُنَزِّلْ بِهِ سُلْطَانًا وَمَا لَيْسَ لَهُم بِهِ عِلْمٌ ۗ وَمَا لِلظَّالِمِينَ

حجت اُن نازل نه ڪئي آهي ۽ نه انهن کي اُن جو ڪو به علم آهي. ۽ ظالمن جو

مِن نَّصِيرٍ ﴿٧١﴾ وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِمْ آيَاتُنَا بَيِّنَاتٍ تَعْرِفُ فِي

ڪو به مددگار ناهي. ۽ جڏهن انهن تي اسان جون صاف آيتون پڙهيون وڃن ٿيون ته توهان انهن

وُجُوهِ الَّذِينَ كَفَرُوا الْمُنكَرَ ۖ يَكَادُونَ يَسْطُونَ بِالَّذِينَ

ڪافرن جي منهن ۾ نفرت جا آثار ڏسندا. (ايستائين جو) اهي عن قريب انهن ماڻهن تي حملو ڪندا

يَتْلُونَ عَلَيْهِمْ آيَاتِنَا ۗ قُلْ أَفَأُنَبِّئُكُم بِشَرٍّ مِّن ذَٰلِكُمُ ۗ

جيڪي انهن تي اسان جون آيتون پڙهن ٿا، رسول عربي توهان فرمايو ڇا توهان کي آئون ان کان وڌيڪ خراب ڳالهه جي خبر ٻڌايان،

النَّارُ ۗ وَعَدَهَا اللَّهُ الَّذِينَ كَفَرُوا ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿٧٢﴾ ع ٩ ٨ ٦

اُها باهه آهي، الله تعالىٰ اُن جو ڪافرن سان وعدو ڪيو آهي، ۽ (اها جهنم) تمام خراب بيهڻ جي آهي.

له تفسير ڪمالين. ٢ تفسير بيضاوي. ٣ تفسير جلالين. (منزل ٤) ٥ تفسير جلالين. ٦ تفسير روح البيان. ٧ تفسير مظهري.

يَاَيُّهَا النَّاسُ ضُرِبَ مَثَلٌ فَاسْتَمِعُوْا لَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ

اي انسانو هڪ عجيب[1] مثال ڏنو وڃي ٿو، پوءِ توهان اُهو (غور[2] فڪر[3] سان) ٻڌو، بيشڪ جيڪي ماڻهو

تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا وَّلَوِ اجْتَمَعُوْا

الله کان سواءِ (کوڙ معبودن[4] جي) عبادت ڪن ٿا اُهي هرگز مڪ به پيدا ڪري نه ٿا سگهن جيتوڻيڪ سڀ ان لاءِ

لَهٗ ؕ وَاِنْ يَّسْلُبْهُمُ الذُّبَابُ شَيْـًٔا لَّا يَسْتَنْقِذُوْهُ مِنْهُ ؕ

گڏ ٿين، ۽ جيڪڏهن مڪ (بالفرض) کانئن[5] انهن کان ڪجهه وڃي ته ان شيءِ کي ان کان ڇڏائي نه ٿا سگهن،

ضَعُفَ الطَّالِبُ وَالْمَطْلُوْبُ ۝۷۳ مَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ

طالب (بُت پرست[6]) ۽ مطلوب (بُت) ٻئي ڪمزور آهن. انهن الله تعالىٰ جو ڪما حقّه قدر

قَدْرِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ ۝۷۴ اَللّٰهُ يَصْطَفِيْ مِنَ

نه سڃاتو، بيشڪ الله تعالىٰ وڏي طاقت وارو غالب آهي. الله تعالىٰ ملائڪن ۽ انسانن

الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا وَّمِنَ النَّاسِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ۝۷۵ ۚ

مان رسول منتخب ڪري ٿو، بيشڪ الله تعالىٰ بڌندڙ ڏسندڙ آهي.

يَعْلَمُ مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ

(اُهو) جاڻي ٿو جيڪي انهن جي اڳيان ۽ جيڪي انهن جي پويان آهي، ۽ الله تعالىٰ ڏانهن سڀئي ڪم

الْاُمُوْرُ ۝۷۶ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا ارْكَعُوْا وَاسْجُدُوْا

موٽايا وڃن ٿا. اي مؤمنو! توهان رڪوع ڪريو ۽ سجدا ڪريو

وَاعْبُدُوْا رَبَّكُمْ وَافْعَلُوا الْخَيْرَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝۷۷ ۩ وَ

۽ توهان پنهنجي رب جي عبادت ڪريو ۽ خير جا ڪم ڪريو ته توهان يقيناً نجات حاصل ڪندا. ۽

جَاهِدُوْا فِى اللّٰهِ حَقَّ جِهَادِهٖ ؕ هُوَ اجْتَبٰىكُمْ وَمَا جَعَلَ

توهان الله جي راهه ۾ حقيقي جهاد ڪريو، اُن توهان کي پنهنجي دين لاءِ منتخب ڪيو ۽ اُن توهان جي مٿان

السجدة عند الشافعي

[1] تفسير روح البيان. [2] تفسير بيضاوي وتفسير ڪبير للعلامه رازي. (منزل ۴) [3] تفسير نسفي [4] تفسير جلالين وتفسير ابن عباس.
[5] تفسير روح البيان وتفسير جلالين.

عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ

دين ۾ ڪا تنگي پيدا نه ڪئي ، توهان پنهنجي ڏاڏي (حضرت) ابراهيم جي دين تي هلو،

سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَفِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ

الله تعالىٰ توهان جو نالو آگين[1] ڪتابن ۾ قرآن ڪريم ۾ مسلمان رکيو آهي، ان لاءِ ته

الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى

رسول عربي توهان تي شاهد هجي ۽ توهان آگين ماڻهن تي

النَّاسِ ۚۖ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاعْتَصِمُوْا

شاهد هجو ، پوءِ توهان نماز پڙهو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله تعالىٰ تي[2] ڪامل يقين

بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿۷۸﴾ ع

رکو ، اهو توهان جو مولىٰ آهي ، پوءِ (اهو) بهترين مولىٰ آهي ۽ بهترين مددگار آهي.

اٰيَاتُهَا ۱۱۸ (۲۳) سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْنَ مَكِّيَّةٌ (۷۴) رُكُوْعَاتُهَا ۶

سورة مؤمنون مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي ، انهيءَ ۾ ۶ رکوع ۽ ۱۱۸ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ، ڀاڃهارو (آهي).

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ﴿۲﴾

مؤمن يقيناً ڪامياب ٿيا ، اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي نمازن ۾ (خوف[3] خدا کان) عاجزي[4] ڪندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ﴿۳﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ

۽ اهي ماڻهو آهي آهن جيڪي فضول ڪالهين کان پاسو ڪندڙ آهن . ۽ اهي ماڻهو آهي آهن جيڪي زڪوٰة

فٰعِلُوْنَ ﴿۴﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ

ڏيندڙ آهن . ۽ اهي ماڻهو آهي آهن جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪندڙ آهن ، سواءِ پنهنجي گهرواريءَ جي

الجزء ۱۸

[1] تفسير جلالين و تفسير النسفي. [2] تفسير نسفي. [3] تفسير روح البيان. [4] تفسير مظهري.

عَلَيْكُمْ فِي الدِّيْنِ مِنْ حَرَجٍ ؕ مِلَّةَ اَبِيْكُمْ اِبْرٰهِيْمَ ؕ هُوَ

دين ۾ ڪا تنگي پيدا نه ڪئي ، توهان پنهنجي ڏاڏي (حضرت) ابراهيم جي دين تي هلو،

سَمّٰىكُمُ الْمُسْلِمِيْنَ ۙ۬ مِنْ قَبْلُ وَفِيْ هٰذَا لِيَكُوْنَ

الله تعالىٰ توهان جو نالو آگين[1] ڪتابن ۾ قرآن ڪريم ۾ مسلمان رکيو آهي، ان لاءِ ته

الرَّسُوْلُ شَهِيْدًا عَلَيْكُمْ وَتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى

رسول عربي توهان تي شاهد هجي ۽ توهان آگين ماڻهن تي

النَّاسِ ۚۖ فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاعْتَصِمُوْا

شاهد هجو ، پوءِ توهان نماز پڙهو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله تعالىٰ تي[2] ڪامل يقين

بِاللّٰهِ ؕ هُوَ مَوْلٰىكُمْ ۚ فَنِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ النَّصِيْرُ ﴿۷۸﴾ ع

رکو ، اهو توهان جو مولىٰ آهي ، پوءِ (اهو) بهترين مولىٰ آهي ۽ بهترين مددگار آهي.

اٰيَاتُهَا ۱۱۸ (۲۳) سُوْرَةُ الْمُؤْمِنُوْنَ مَكِّيَّةٌ (۷۴) رُكُوْعَاتُهَا ۶

سورة مؤمنون مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي ، انهيءَ ۾ ۶ رکوع ۽ ۱۱۸ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ، ڀاڃهارو (آهي).

قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿۱﴾ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ ﴿۲﴾

مؤمن يقيناً ڪامياب ٿيا ، اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي نمازن ۾ (خوف[3] خدا کان) عاجزي[4] ڪندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ﴿۳﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ

۽ اهي ماڻهو آهي آهن جيڪي فضول ڪالهين کان پاسو ڪندڙ آهن . ۽ اهي ماڻهو آهي آهن جيڪي زڪوٰة

فٰعِلُوْنَ ﴿۴﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿۵﴾ اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ

ڏيندڙ آهن . ۽ اهي ماڻهو آهي آهن جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪندڙ آهن ، سواءِ پنهنجي گهرواريءَ جي

الجزء ۱۸

[1] تفسير جلالين و تفسير النسفي. [2] تفسير نسفي. [3] تفسير روح البيان. [4] تفسير مظهري.

أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ فَإِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُومِينَ ﴿٦﴾ فَمَنِ ابْتَغَىٰ وَرَاءَ

يا پنهنجي ٻانهين جي، پوءِ بيشڪ انهن تي ڪا ملامت ناهي. پوءِ جنهن مڙهيو انهيءَ کان علاوه

ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْعَادُونَ ﴿٧﴾ وَالَّذِينَ هُمْ لِأَمَانَاتِهِمْ

ٻيو ڪو طريقو اختيار ڪيو پوءِ اهي ئي مڙهو حدکان وڌندڙ آهن. ۽ اهي مڙهو اهي آهن جيڪي پنهنجي امانتن

وَعَهْدِهِمْ رَاعُونَ ﴿٨﴾ وَالَّذِينَ هُمْ عَلَىٰ صَلَوَاتِهِمْ يُحَافِظُونَ ﴿٩﴾

۽ وعدن جي نگراني ڪندڙ آهن. ۽ اهي مڙهو اهي آهن جيڪي پنهنجي نمازن جي حفاظت ڪن ٿا.

أُولَٰئِكَ هُمُ الْوَارِثُونَ ﴿١٠﴾ الَّذِينَ يَرِثُونَ الْفِرْدَوْسَ هُمْ فِيهَا

اهي مڙهو ئي وارث ٿيندڙ آهن. جيڪي جنة الفردوس جا وارث ٿين ٿا، اهي انهيءَ ۾

خَالِدُونَ ﴿١١﴾ وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنسَانَ مِن سُلَالَةٍ مِّن طِينٍ ﴿١٢﴾

هميشه رهندڙ آهن. ۽ بيشڪ اسان انسان کي چونڊيل مٽيءَ مان پيدا فرمايو

ثُمَّ جَعَلْنَاهُ نُطْفَةً فِي قَرَارٍ مَّكِينٍ ﴿١٣﴾ ثُمَّ خَلَقْنَا النُّطْفَةَ عَلَقَةً

ان کان پوءِ اسان اُن کي هڪ نطفو بنايو مادي جي پيٽ ۾ رکايو. اُن کان پوءِ اسان اُن نطفي مان رت جو ڳڙ بنايو

فَخَلَقْنَا الْعَلَقَةَ مُضْغَةً فَخَلَقْنَا الْمُضْغَةَ عِظَامًا فَكَسَوْنَا الْعِظَامَ

پوءِ اسان ڳڙ مان گوشت جو ٽڪرو بنايو، پوءِ گوشت جي ٽڪري مان هڏيون بنايون پوءِ هڏين جي مٿان گوشت

لَحْمًا ثُمَّ أَنشَأْنَاهُ خَلْقًا آخَرَ ۚ فَتَبَارَكَ اللَّهُ أَحْسَنُ الْخَالِقِينَ ﴿١٤﴾

چاڙهيو سين، اُن کان پوءِ اسان اُن ۾ روح ڦوڪيو، پوءِ بابرڪت آهي الله جيڪو تمام سهڻو خالق آهي.

ثُمَّ إِنَّكُم بَعْدَ ذَٰلِكَ لَمَيِّتُونَ ﴿١٥﴾ ثُمَّ إِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ تُبْعَثُونَ ﴿١٦﴾

انهيءَ کان پوءِ بيشڪ توهان مرندڙ آهيو. انهيءَ کان پوءِ بيشڪ توهان قيامت جي ڏينهن اُٿاريا ويندا.

وَلَقَدْ خَلَقْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعَ طَرَائِقَ ۖ وَمَا كُنَّا عَنِ الْخَلْقِ غَافِلِينَ ﴿١٧﴾

۽ بيشڪ اسان توهان جي مٿان ست آسمان بنايا، ۽ اسان مخلوق کان بي خبر ناهيون.

وقف لازم

۱ تفسير النسفي وتفسير مظهري. ۲ تفسير روح البيان. (منزل ۴) ۳ تفسير جلالين. ۴ تفسير مظهري.

وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِى الْاَرْضِ ۚ وَاِنَّا عَلٰى

۽ اسان آسمان مان اندازي سان مينهن نازل ڪيو، پوءِ اسان ان پاڻ کي زمين ۾ رکرايو ۽ بيشڪ اسان ان جي

ذَهَابٍۭ بِهٖ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ فَاَنْشَاْنَا لَكُمْ بِهٖ جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّ

ويڃ (سڪائڻ) تي يقيناً قادر آهيون. پوءِ اسان انهن پاڻ ۽ مان توهان لاءِ کجور ۽ انگور جا باغ

اَعْنَابٍ ۙ لَكُمْ فِيْهَا فَوَاكِهُ كَثِيْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَشَجَرَةً

پيدا ڪيا، توهان لاءِ انهن باغن ۾ گهڻا ميوا آهن ۽ انهن مان ئي توهان کائو ٿا. ۽ زيتون جو وڻ پيدا ڪيو

تَخْرُجُ مِنْ طُوْرِ سَيْنَآءَ تَنْۢبُتُ بِالدُّهْنِ وَصِبْغٍ لِّلْاٰكِلِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَ

جيڪو طور سيناجبل ۾ (گهوڙ ۽ بهترين) ٿئي ٿو جيڪو تيل سان ڦٽي ٿو ۽ کائيندڙن لاءِ گندڻ (ٻوٽو) آهي. ۽

اِنَّ لَكُمْ فِى الْاَنْعَامِ لَعِبْرَةً ۖ نُسْقِيْكُمْ مِّمَّا فِىْ بُطُوْنِهَا وَلَكُمْ فِيْهَا

بيشڪ توهان لاءِ چوپاين ۾ يقيناً عبرت آهي. اسين توهان کي انهن جي پيٽن مان کير پياريون ٿا ۽ توهان لاءِ

مَنَافِعُ كَثِيْرَةٌ وَّمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾

انهن ۾ گهڻا نفعا آهن ۽ انهن ٽانگن (کن چوپاين کي) کائو ٿا. ۽ انهن چوپاين تي ۽ ٻيڙين تي توهان بار کڻو ٿا.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو، پوءِ نوح چيو اي منهنجي قوم توهان الله جي عبادت ڪريو توهان جو

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۲۳﴾ فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ

الله کان سوا ڪو معبود ناهي، ڇا پوءِ توهان ڊڄندا ناهيو. پوءِ سندس قوم مان ڪافر سردار چيو

قَوْمِهٖ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يُرِيْدُ اَنْ يَّتَفَضَّلَ عَلَيْكُمْ ۭ وَلَوْ شَآءَ

ته ناهي هي مگر توهان جهڙو انسان آهي توهان تي فضيلت حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. ۽ جيڪڏهن الله تعالى

اللّٰهُ لَاَنْزَلَ مَلٰۗىِٕكَةً ۚ مَّا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيْٓ اٰبَاۗىِٕنَا الْاَوَّلِيْنَ ﴿۲۴﴾ اِنْ هُوَ

چاهي ها ته ملائڪ نازل ڪري ها، اسان جي پهرين وڏن ۾ ڪان به اسان ڪهڙا نه ٻڌي آهي. ناهي اهو

له تفسير مظهري. ٢ تفسير جامع البيان. ٣ تفسير السمعاني. (منزل ٢) ٤ تفسير روح البيان.

اِلَّا رَجُلٌ بِهٖ جِنَّةٌ فَتَرَبَّصُوْا بِهٖ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿٢٥﴾ قَالَ رَبِّ

مگر هڪ مرد جنهن کي جنون آهي پوءِ توهان انهيءَ جو ڪجهه وقت انتظار ڪريو - نوح عرض ڪيو اي منهنجا رب

انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿٢٦﴾ فَاَوْحَيْنَآ اِلَيْهِ اَنِ اصْنَعِ الْفُلْكَ بِاَعْيُنِنَا

تون منهنجي مدد ڪر، ان ڪري جو هنن منهنجي ڪوڙ سمجهڻ ۾ پوءِ آيا (ته) انهن وحي موڪلي تہ تون اسان جي نگراني ۽ اسان جي حڪم موجب

وَوَحْيِنَا فَاِذَا جَآءَ اَمْرُنَا وَفَارَ التَّنُّوْرُ فَاسْلُكْ فِيْهَا مِنْ

ٻيڙي تيار ڪر، پوءِ جڏهن اسان جو حڪم اچي ۽ تنور مان جوش سان پاڻي نڪري، پوءِ تون انهي ٻيڙي ۾ هر قسم جي

كُلٍّ زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ وَاَهْلَكَ اِلَّا مَنْ سَبَقَ عَلَيْهِ الْقَوْلُ

جوڙي مان ٻن کي ۽ پنهنجن گهر وارن کي سوار ڪر، مگر جن (گهر وارن) جي متان عذاب

مِنْهُمْ ۚ وَلَا تُخَاطِبْنِيْ فِي الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ۚ اِنَّهُمْ مُّغْرَقُوْنَ ﴿٢٧﴾

ثابت ٿي چڪو آهي، ۽ تون، مون کي ظالمن جي باري ۾ ڪجهه نہ چئجين. بيشڪ اهي ٻڏندڙ آهن.

فَاِذَا اسْتَوَيْتَ اَنْتَ وَمَنْ مَّعَكَ عَلَى الْفُلْكِ فَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ

پوءِ جڏهن تون ۽ تنهنجا رفيق ٻيڙيءَ ۾ ويهي، پوءِ تون چئو سڀئي تعريفون الله تعالى لاءِ آهن، جنهن

نَجّٰىنَا مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿٢٨﴾ وَقُلْ رَّبِّ اَنْزِلْنِيْ مُنْزَلًا مُّبٰرَكًا وَّاَنْتَ

اسان کي ظالمن جي قوم مان نجات ڏني. ۽ تون چئو اي منهنجا رب تون مون کي بابرڪت منزل ۾ لاهه، ۽ تون

خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ وَّاِنْ كُنَّا لَمُبْتَلِيْنَ ﴿٣٠﴾

بهترين (جاءِ ڏيڻ) لاهيندڙ آهين. بيشڪ انهيءَ ۾ وڏيون نشانيون آهن ۽ بيشڪ اسين آزمائيندڙ آهيون.

ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿٣١﴾ فَاَرْسَلْنَا فِيْهِمْ رَسُوْلًا

ان کان پوءِ اسان هڪ ٻي قوم کي انهن کان پوءِ پيدا ڪيو. پوءِ اسان انهن مان، انهن ڏانهن هڪ پيغمبر

مِّنْهُمْ اَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۭ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَقَالَ ع ٢

موڪليو. تہ توهان الله جي عبادت ڪريو الله کان سواءِ توهان جو ڪو معبود ناهي، ڇا پوءِ توهان ڈڄندا ڪو نہ؟ ۽ ان جي

الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ وَاَتْرَفْنٰهُمْ

قوم مان سردار آرن چيو جيڪي ڪفر ڪندا هئا ۽ آخرت جي حاضري جو انڪار ڪندا هئا (اهي اهي هئا) جن کي اسان

فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۙ مَا هٰذَآ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ ۙ يَاْكُلُ مِمَّا تَاْكُلُوْنَ

دنيا جي حياتي ۾ نعمتن سان نوازيو (انهن چيو) نه هي (نوح) مگر توهان جهڙو انسان ، جن شين مان توهان

مِنْهُ وَيَشْرَبُ مِمَّا تَشْرَبُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَلَئِنْ اَطَعْتُمْ بَشَرًا مِّثْلَكُمْ ۙ اِنَّكُمْ

کائو پيئو ٿا هي ، ۽ انهن مان کائي پيئي ٿو ۽ جيڪڏهن توهان جهڑي انسان جي تابعداري ڪئي ته بيشڪ توهان

اِذًا لَّخٰسِرُوْنَ ﴿۳۴﴾ اَيَعِدُكُمْ اَنَّكُمْ اِذَا مِتُّمْ وَكُنْتُمْ تُرَابًا وَّعِظَامًا

ان وقت نقصان وارن مان ٿيندا ، ڇا توهان کي پيغمبر وعدو ڏئي ٿو ته بيشڪ توهان جنهن وقت مري مٽي ۽ هڏا ٿي ويندا (تڏهن)

اَنَّكُمْ مُّخْرَجُوْنَ ﴿۳۵﴾ هَيْهَاتَ هَيْهَاتَ لِمَا تُوْعَدُوْنَ ﴿۳۶﴾ اِنْ هِيَ اِلَّا

بيشڪ توهان کي (قبرن مان) ڪڍيو ويندو ، جنهن ڳالهه جو توهان کي وعدو ڏنو ويو آهي اها (عقل کان) تمام پري آهي ، نه هي مگر

حَيَاتُنَا الدُّنْيَا نَمُوْتُ وَنَحْيَا وَمَا نَحْنُ بِمَبْعُوْثِيْنَ ﴿۳۷﴾ اِنْ هُوَ

اسان جي دنيا جي حياتي ، اسين مرون ٿا ۽ جيئون ٿا ۽ اسين نه اٿاريا ويندا سين ، نه هي اهو

اِلَّا رَجُلٌ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا وَّمَا نَحْنُ لَهٗ بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿۳۸﴾

مگر هڪ مرد ، جيڪو الله تعالىٰ تي ڪوڙ هٿي ٿو ۽ اسين ان تي يقين ڪندڙ نه آهيون .

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِيْ بِمَا كَذَّبُوْنِ ﴿۳۹﴾ قَالَ عَمَّا قَلِيْلٍ لَّيُصْبِحُنَّ

پيغمبر عرض ڪيو اي منهنجا رب تون منهنجي مدد ڪر انهيءَ جو هنن مونکي ڪوڙو ڪيو . الله تعالىٰ فرمايو اهي ٿوريءَ وقت ۾

نٰدِمِيْنَ ﴿۴۰﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الصَّيْحَةُ بِالْحَقِّ فَجَعَلْنٰهُمْ غُثَآءً ۚ فَبُعْدًا

پشيمان ٿيندا . پوءِ سچي ۾ انهن کي اچي سخت دانهن ورتو پوءِ اسان انهن کي ڪُکَ ڪاهه بنائي ڇڏيو پوءِ

لِّلْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۱﴾ ثُمَّ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قُرُوْنًا اٰخَرِيْنَ ﴿۴۲﴾

ظالمن جي قوم لاءِ عذاب آهي . اُن کان پوءِ اسان انهن کان بعد ٻيا ماڻهو پيدا ڪيا .

(۱) تفسير ابن عباس ، (۲) تفسير روح البيان ، (۳) تفسير مظهري ، (منزل ۴) (۴) تفسير مظهري ، (۵) تفسير بيضاوي .

مَا تَسْبِقُ مِنْ اُمَّةٍ اَجَلَهَا وَمَا يَسْتَاْخِرُوْنَ ﴿۴۳﴾ ثُمَّ اَرْسَلْنَا رُسُلَنَا

کا به امت پنهنجي مقرر وقت (موت) کان اڳتي پوئتي نه ٿيندي . اُن کان پوءِ اسان هڪ پٺي پويان

تَتْرَا ؕ كُلَّمَا جَآءَ اُمَّةً رَّسُوْلُهَا كَذَّبُوْهُ فَاَتْبَعْنَا بَعْضَهُمْ

رسول موڪليا، جڏهن به ڪنهن امت وٽ سندن پيغمبر آيو تہ انهن ان کي ڪوڙو ڪيو، اسان ڪافرن کي هڪ پٺي پويان

بَعْضًا وَّجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ ۚ فَبُعْدًا لِّقَوْمٍ لَّا يُؤْمِنُوْنَ ﴿۴۴﴾ ثُمَّ

هلاڪ ڪيو، اسان انهن جون ڳالهيون (پوين لاءِ عبرت) ڪيون پوءِ عذاب آهي اُن قوم لاءِ جيڪي ايمان نہ آڻين . اُن کان پوءِ

اَرْسَلْنَا مُوْسٰى وَاَخَاهُ هٰرُوْنَ ۙ بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿۴۵﴾ اِلٰى

اسان موسيٰ ۽ سندس ڀاءُ هارون کي پيغمبر ڪري پنهنجي آيتن ۽ معجزن سميت فرعون

فِرْعَوْنَ وَمَلَا۟ئِهٖ فَاسْتَكْبَرُوْا وَكَانُوْا قَوْمًا عَالِيْنَ ﴿۴۶﴾ فَقَالُوْٓا

۽ سندس قوم ڏانهن موڪليو، پوءِ انهن تڪبر ڪيو ۽ اهو قوم تڪبر ڪندڙ هئي . پوءِ انهن چيو

اَنُؤْمِنُ لِبَشَرَيْنِ مِثْلِنَا وَقَوْمُهُمَا لَنَا عٰبِدُوْنَ ﴿۴۷﴾ فَكَذَّبُوْهُمَا

ڇا اسان ٻن انسانن (موسيٰ ۽ هارون) تي ايمان آڻيون جيڪي اسان جهڙا آهن ۽ انهن مان هڪ جي قوم اسان جي خدمتگار آهي . پوءِ انهن کي انهن جي ڳالهه

فَكَانُوْا مِنَ الْمُهْلَكِيْنَ ﴿۴۸﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ لَعَلَّهُمْ

پوءِ اهي هلاڪ ڪيلن مان هئا . ۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب (توراة) عطا ڪيو تہ من اهي

يَهْتَدُوْنَ ﴿۴۹﴾ وَجَعَلْنَا ابْنَ مَرْيَمَ وَاُمَّهٗٓ اٰيَةً وَّاٰوَيْنٰهُمَآ اِلٰى

هدايت حاصل ڪن . ۽ اسان عيسيٰ بن مريم ۽ سندس والده کي پنهنجي نشاني بنايو ۽ اسان انهن ٻنهي کي هڪ ڪنارن

رَبْوَةٍ ذَاتِ قَرَارٍ وَّمَعِيْنٍ ﴿۵۰﴾ يٰٓاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ

ٽڪريءَ تي پناه ڏني جيڪا رهڻ جي لائق سرسبز ۽ چشمن واري زمين هئي . اي رسولو عربي ۽ توهان پاڪيزه شيون کائو

وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ﴿۵۱﴾ وَاِنَّ هٰذِهٖٓ اُمَّتُكُمْ اُمَّةً

۽ نيڪ عمل ڪريو ، بيشڪ آئون توهان جي عملن کي چاڻندڙ آهيان . ۽ بيشڪ هي توهان جو دين هڪ ئي

ع ۳ ۱۵۱

لہ تفسير جلالين . لہ تفسير روح البيان لہ تفسير مظهري . لہ عربن جو دستور آهي تہ عظيم لاءِ جمع جو صيغو استعمال ڪندا آهن . رسول واحد آهي ۽ رُسل جمع آهي . هزيت
يہ خطاب خاص نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام کي آهي . تفسير روح البيان، تفسير ڪبير، تفسير مظهري، تفسير الصاوي، تفسير ابن عباس، تفسير بيضاوي، تفسير المعاني . مترجم عفي عنہ

وَّاحِدَةً وَّاَنَا رَبُّكُمْ فَاتَّقُوْنِ ﴿۵۲﴾ فَتَقَطَّعُوْٓا اَمْرَهُمْ بَيْنَهُمْ

دين آهي ۽ آئون توهان جو رب آهيان پوء توهان مون کان ڈجو. پوء انهن (امتين انهيءَ دين کي) پاڻ ۾ ڪرائڪرا

زُبُرًا ؕ كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿۵۳﴾ فَذَرْهُمْ فِيْ غَمْرَتِهِمْ حَتّٰى

ڪري ڇڏيو، هر جماعت جيڪي (دين) انهن وٽ آهي (انهيءَ ۾) خوش آهن. پوء توهان انهن کي ڪجهه وقت سندن نشي ۾

حِيْنٍ ﴿۵۴﴾ اَيَحْسَبُوْنَ اَنَّمَا نُمِدُّهُمْ بِهٖ مِنْ مَّالٍ وَّبَنِيْنَ ﴿۵۵﴾ نُسَارِعُ

ڇڏي ڏيو. ڇا اهي پائن ٿا ته اسين انهن کي مال ۽ پُٽن سان مضبوط ڪريون ٿا (۽) اسين انهن کي

لَهُمْ فِي الْخَيْرٰتِ ؕ بَلْ لَّا يَشْعُرُوْنَ ﴿۵۶﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ خَشْيَةِ

جلد پلايون عطا ڪريون ٿا (هرگز ائين ناهي) بلڪ اهي نٿا سمجهن. بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي رب جي خوف

رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿۵۷﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِ رَبِّهِمْ يُؤْمِنُوْنَ ﴿۵۸﴾

کان ڈڄندڙ آهن. ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي رب جي آيتن تي ايمان آڻن ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِرَبِّهِمْ لَا يُشْرِكُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْتُوْنَ مَآ اٰتَوْا وَّ

۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي رب سان شرڪ نٿا ڪن. ۽ اهي ماڻهو خرچ ڪن ٿا جيڪو انهن کي خرچ ڪرڻو آهي ۽

قُلُوْبُهُمْ وَجِلَةٌ اَنَّهُمْ اِلٰى رَبِّهِمْ رٰجِعُوْنَ ﴿۶۰﴾ اُولٰٓئِكَ يُسَارِعُوْنَ فِي

انهن جون دليون ڈڄندڙ آهن، بيشڪ اهي پنهنجي رب ڏانهن موٽڻ وارا آهن. اهي ڇڪ ڪن ٿا ۽

الْخَيْرٰتِ وَهُمْ لَهَا سٰبِقُوْنَ ﴿۶۱﴾ وَلَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ

ڪرڻ ۾ اهي ڇڪ ڪن ٿا ۽ اهي اڳرائي ڪندڙ آهي. ۽ اسين ڪنهن انسان تي سندس توفيق کان زياده تڪليف نٿا ڏيون.

وَلَدَيْنَا كِتٰبٌ يَّنْطِقُ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿۶۲﴾ بَلْ قُلُوْبُهُمْ

۽ اسان وٽ هڪ ڪتاب (لوح محفوظ) آهي جيڪو حق سڃاڻائي ٿو ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويندو. بلڪ انهن جون دليون

فِيْ غَمْرَةٍ مِّنْ هٰذَا وَلَهُمْ اَعْمَالٌ مِّنْ دُوْنِ ذٰلِكَ هُمْ لَهَا عٰمِلُوْنَ ﴿۶۳﴾

انهيءَ ڪان غافل آهن ۽ انهن ڪان سواءِ انهن جا بيا به عمل آهن، جيڪي اهي ڪري رهيا آهن.

لہ تفسیر بیضاوی و تفسیر جلالین. کہ تفسیر مظہری. گہ تفسیر نسفی. (منزل ۴) ڪہ تفسیر جامع البیان. شہ تفسیر جلالین.

حَتّٰٓى اِذَآ اَخَذْنَا مُتْرَفِيْهِمْ بِالْعَذَابِ اِذَا هُمْ يَجْـَٔرُوْنَ ﴿۶۴﴾ لَا تَجْـَٔرُوا

ايستائين جو جنهن وقت اسين انهن جي وڏن مائهن کي عذاب ۾ پڪڙيندا سين تہ ان وقت اهي دانهون ڪندا. توهان اڄ دانهون

الْيَوْمَ ۖ اِنَّكُمْ مِّنَّا لَا تُنْصَرُوْنَ ﴿۶۵﴾ قَدْ كَانَتْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ

نہ ڪريو، بيشڪ اسانجي طرفان توهانجي مدد نہ ڪئي ويندي. بيشڪ توهانجي ساڻ منهنجيون آيتون پڙهيون ويون، پوءِ توهان

عَلٰٓى اَعْقَابِكُمْ تَنْكِصُوْنَ ﴿۶۶﴾ مُسْتَكْبِرِيْنَ ۖ بِهٖ سٰمِرًا تَهْجُرُوْنَ ﴿۶۷﴾

پوئين پيرين اُبتا پيا ڪيو (۽ اهي) قرآن ڪريم کي نہ مڃيندا هئا، رات جو قصا بيان ڪري قرآن ڪريم جي بي ادبي ڪندا هئا

اَفَلَمْ يَدَّبَّرُوا الْقَوْلَ اَمْ جَآءَهُمْ مَّا لَمْ يَاْتِ اٰبَآءَهُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۶۸﴾

ڇا پوءِ انهن قرآن ڪريم ۾ غور نہ ڪيو يا انهن وٽ اهو آيو جيڪو انهن جي پهرين وڏن وٽ نہ آيو

اَمْ لَمْ يَعْرِفُوْا رَسُوْلَهُمْ فَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ ﴿۶۹﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ بِهٖ جِنَّةٌ ۭ

يا اهي مائهو رسول ﷺ پاڻ کي نہ ڏاسيائون ۽ اهي انهي جو انڪار ڪندڙ آهن. ڇا اهي چون ٿا تہ ان کي جُنون آهي.

بَلْ جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ وَاَكْثَرُهُمْ لِلْحَقِّ كٰرِهُوْنَ ﴿۷۰﴾ وَلَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ

بلڪ رسول عربي انهن وٽ حق آندو ۽ انهن ۾ ڪيترا مائهو حق کي ناپسند ڪندڙ آهن. ۽ جيڪڏهن حق انهن جي سڏن جي تابعداري

لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ فِيْهِنَّ ۭ بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِذِكْرِهِمْ فَهُمْ

ڪري تہ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي شيون انهن ۾ آهن انهن ۾ فساد برپا ٿي ها، بلڪ اسان انهن وٽ نصيحت جو ذڪر آندو ۽ پوءِ

عَنْ ذِكْرِهِمْ مُّعْرِضُوْنَ ﴿۷۱﴾ اَمْ تَسْـَٔلُهُمْ خَرْجًا فَخَرَاجُ رَبِّكَ خَيْرٌ ۠

اهي پنهنجي ذڪر کان مُنهن موڙيندڙ آهن. ڇا پوءِ تون انهن کان ڪا اجوڪ طلب ڪري ٿو؟ پوءِ تو هانجي رب جو اجورو تمام بهتر آهي.

وَّهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿۷۲﴾ وَاِنَّكَ لَتَدْعُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۷۳﴾

۽ اهوئي بهترين روزي ڏيندڙ آهي. ۽ رسول عربي بيشڪ تون انهن کي سڌين رستي ڏانهن سڏيندڙ آهين.

وَاِنَّ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ عَنِ الصِّرَاطِ لَنٰكِبُوْنَ ﴿۷۴﴾

۽ بيشڪ اهي مائهو جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين اُهي ارادتاً سڌين رستي کان پاسو ڪندڙ آهن.

الربع

لہ تفسير روح البيان. ۲ تفسير مظهري. ۳ تفسير جلالين وتفسير ابن عباس (صفحہ ۴۷۱) ۴ تفسير روح البيان. ۵ تفسير روح البيان.

وَلَوْ رَحِمْنٰهُمْ وَكَشَفْنَا مَا بِهِمْ مِّنْ ضُرٍّ لَّلَجُّوْا فِيْ طُغْيَانِهِمْ

ڇ جيڪڏهن اسين انهن تي رحم ڪريون ۽ انهن تان اها مصيبت دور ڪريون جنهن ۾ اهي مبتلا آهن تہ ضرور اهي پنهنجي سرڪشيءَ ۾

يَعْمَهُوْنَ ﴿۷۵﴾ وَلَقَدْ اَخَذْنٰهُمْ بِالْعَذَابِ فَمَا اسْتَكَانُوْا لِرَبِّهِمْ

حيران[1] ٿي پيڪندا ڇ قسم سان بيشڪ اسان انهن کي عذاب سان گرفتار ڪيو پوءِ انهن نہ پنهنجي رب لاءِ عاجزي ڪئي

وَمَا يَتَضَرَّعُوْنَ ﴿۷۶﴾ حَتّٰۤى اِذَا فَتَحْنَا عَلَيْهِمْ بَابًا ذَا عَذَابٍ شَدِيْدٍ

ڇ دعا آزي نيازي ڪئي . ايستائين جو جنهن وقت اسين انهن جي مٿان سخت عذاب جو دروازو کولينداسين

اِذَا هُمْ فِيْهِ مُبْلِسُوْنَ ﴿۷۷﴾ وَهُوَ الَّذِيْۤ اَنْشَاَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ

ان وقت اهي اُن ۾ نااميد ٿيندڙ آهن . ڇ الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان لاءِ ڪن ڇ اکيون ڇ

وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۸﴾ وَهُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ

دليون پيدا ڪيون ، (توهان[2]) ٿورڙا شڪر ڪندا ٿا . ڇ اهوئي آهي جنهن توهان کي

فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۷۹﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ

زمين ۾ پکيڙيو ڇ انهيءَ ڏانهن توهان گڏ ڪيا ويندا . ڇ اهوئي آهي جيڪو جياري ڇ ماري ٿو

وَلَهُ اخْتِلَافُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۸۰﴾ بَلْ قَالُوْا

ڇ اُن جي اختيار[3] ۾ رات ڇ ڏينهن جي تبديلي آهي ، چا پوءِ توهان نہ تا سمجهو؟ بلڪ (ڪافر) اهو چون ٿا

مِثْلَ مَا قَالَ الْاَوَّلُوْنَ ﴿۸۱﴾ قَالُوْۤا ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا

جيڪو انهن کان پهريان مائٹو چيئي ويا هئا . انهن چيو چا اسين جڏهين مَري مِٽي ڇ هڏا ٿي

وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿۸۲﴾ لَقَدْ وُعِدْنَا نَحْنُ وَاٰبَآؤُنَا هٰذَا

ويندا سين ، چا بيشڪ اسان اڳ وقت ۾ پئي دفعي زنده ٿينداسين . بيشڪ اهي وعدا اسان سان ۽ اسان جي ويڙهن سان (هن کان)

مِنْ قَبْلُ اِنْ هٰذَاۤ اِلَّاۤ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿۸۳﴾ قُلْ لِّمَنِ الْاَرْضُ

اڳ ۾ ڪيا ويندا هئا ، نا اهي هيءُ مگر ڀرين (مائٹن) جون ڪوڙيون[4] ڳالهيون . رسول[5] چئي توهان فرمايو تہ زمين ڇ ان ۾ جيڪي

[1] تفسير روح البيان . [2] تفسير مظهري . [3] تفسير روح المعاني . (منزل ۴)

وَمَنْ فِيهَآ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۴﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا

مخلوق آهي اُهاكنهن جي آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا ۔ (اهي) فوراً چوندا ته الله جي آهي، توهان فرمايو ڇا توهان

تَذَكَّرُوْنَ ﴿۸۵﴾ قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبُّ الْعَرْشِ

نصيحت حاصل نٿا ڪريو؟ توهان (انهن کان) پڇو ته ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم

الْعَظِيْمِ ﴿۸۶﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿۸۶﴾ قُلْ مَنْ بِيَدِهٖ

جو رب ڪير آهي ۔ (اهي) فوراً چوندا ته الله جا آهن، توهان فرمايو ڇا توهان (ان کان) ڈاڍو ٿا ڈڄو؟ توهان فرمايو ڪنهن جي قدرت

مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ يُجِيْرُ وَلَا يُجَارُ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ

هر شيءِ جي بادشاهي آهي ۽ اهو الله جنهن جي گهري مدد ڪري ته سندس مدد ڪير نه ڪري جيڪڏهن توهان

تَعْلَمُوْنَ ﴿۸۸﴾ سَيَقُوْلُوْنَ لِلّٰهِ ؕ قُلْ فَاَنّٰى تُسْحَرُوْنَ ﴿۸۹﴾

ڄاڻو ٿا ۔ فوراً چوندا ته (اهاسين قدرت) الله کي آهي، توهان فرمايو ڇا توهان کي ڇڙي جادو ڪيو آهيو

بَلْ اَتَيْنٰهُمْ بِالْحَقِّ وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿۹۰﴾ مَا اتَّخَذَ اللّٰهُ مِنْ

بلڪ رسول عربي انهن وٽ حق آندو ۽ بيشڪ اهي ڪوڙا آهن ۔ ۽ الله تعالىٰ کنهن کي پنهنجو اولاد نه

وَّلَدٍ وَّمَا كَانَ مَعَهٗ مِنْ اِلٰهٍ اِذًا لَّذَهَبَ كُلُّ اِلٰهٍۢ بِمَا خَلَقَ

بنايو آهي ۽ نه ان سان گڏ ڪو معبود ناهي (بالفرض) جيڪڏهن ائين هجي ها ته هر معبود پنهنجي مخلوق کي وٺي وڃي ها

وَلَعَلَا بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿۹۱﴾

۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي فوقيت حاصل ڪن ٿا. الله تعالىٰ انهن ڪالهين کان پاڪ آهي جيڪي اهي ڪن ٿا ۔

عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۹۲﴾ قُلْ رَّبِّ اِمَّا ع ۵ ۹ ۵

الله تعالىٰ هر غيب ۽ حاضر کي ڄاڻندڙ آهي پوءِ الله تعالىٰ انهن جي شرڪ کان بلند آهي ۔ رسول عربي توهان عرض ڪريو اي منهنجا رب

تُرِيَنِّيْ مَا يُوْعَدُوْنَ ﴿۹۳﴾ رَبِّ فَلَا تَجْعَلْنِيْ فِي الْقَوْمِ

جيڪڏهن تون مونکي اهو (عذاب) ڏيکارين جنهن جو انهن سان وعدو ڪيو آهي اي منهنجا رب پوءِ تون مون کي ظالم قومن

لہ تفسیر جلالین ۔ کہ تفسیر مظہری ۔ کہ تفسیر بیضاوی ۔ (منزل ۴)

الظّٰلِمِيْنَ ﴿۹۴﴾ وَاِنَّا عَلٰٓى اَنْ نُّرِيَكَ مَا نَعِدُهُمْ لَقٰدِرُوْنَ ﴿۹۵﴾

شامل نہ کر ۔ ۽ بيشڪ اسان قادر آهيون ته توهان کي اهو (عذاب) ڏيکاريون جنهن جو اسان انهن سان وعدو ڪيو آهي

اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ السَّيِّئَةَ ؕ نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَصِفُوْنَ ﴿۹۶﴾

توهان انهن جي برائي کي ڇڪائي سان دفع ڪريو اهي جيڪو چون تا اسين اُن کي چڱي طرح ڄاڻون ٿا ۔

وَقُلْ رَّبِّ اَعُوْذُ بِكَ مِنْ هَمَزٰتِ الشَّيٰطِيْنِ ﴿۹۷﴾ وَاَعُوْذُ بِكَ

۽ رسول عرض ڪر يا منهنجا رب آئون تو کان شيطان جي وسوسن جي پناهه گهران ٿو ۽ اي منهنجا رب آئون تو کان پناهه گهران ٿو

رَبِّ اَنْ يَّحْضُرُوْنِ ﴿۹۸﴾ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ رَبِّ

ته اهي موڻ وٽ حاضر ٿين ۔ ايستائين جو انهن مان ڪنهن ڏي موت اچي ٿو (ان وقت) اهو چوي ٿو اي منهنجا رب تون

ارْجِعُوْنِ ﴿۹۹﴾ لَعَلِّيْٓ اَعْمَلُ صَالِحًا فِيْمَا تَرَكْتُ كَلَّا ؕ اِنَّهَا كَلِمَةٌ هُوَ

مونکي واپس موڪل ۽ ۔ ته جن آئون نيڪ عمل ڪريان ان ۾ جيڪو آئون ڇڏي آيو آهيان خبردار بيشڪ اها هڪ ڳالهه آهي

قَآئِلُهَا ؕ وَمِنْ وَّرَآئِهِمْ بَرْزَخٌ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿۱۰۰﴾ فَاِذَا نُفِخَ فِي

جيڪا اهو چوي ٿو ۽ انهن جي پويان قيامت جي ڏينهن تائين هڪ پردو هوندو ۽ پوءِ جنهن وقت صور ۾ ڦوڪ ويندي

الصُّوْرِ فَلَآ اَنْسَابَ بَيْنَهُمْ يَوْمَئِذٍ وَّلَا يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۱۰۱﴾ فَمَنْ

پوءِ ان ڏينهن (ڪافرن جون) ٻاڙ ميڙ ماڻهن جون ختم ٿي ويندیون ۽ نه ٻاڙ ميڙ کان ڪنهن کان حال معلوم ڪندا ۔ پوءِ جنهن ماڻهو

ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۱۰۲﴾ وَمَنْ خَفَّتْ

جا وزن گرا ٿيا پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن ۔ ۽ جنهن ماڻهوءَ جا

مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فِيْ جَهَنَّمَ

وزن گهٽ ٿيا پوءِ انهن ماڻهن پنهنجون جانيون جوکي ۾ وڌيون (۽ اهي) هميشه

خٰلِدُوْنَ ﴿۱۰۳﴾ تَلْفَحُ وُجُوْهَهُمُ النَّارُ وَهُمْ فِيْهَا كٰلِحُوْنَ ﴿۱۰۴﴾

جهنم ۾ رهندڙ آهن ۔ انهن جي چهرن کي باهه سڙي چڌيندي ۽ دوزخ ۾ انهن جون شڪلون بگڙي ويندیون

لہ تفسیر مظهری ۔ ۽ تفسیر جلالین ۔ ۽ تفسیر روح المعانی ۔ ۽ هاڻي جوت (منزل ۴) ماڻيون قيامت جي ڏينهن ختم ٿي ويندیون ۽ مؤمن جا رشتا قيامت جي ڏينهن به ناهر رهندا جو دليل هن آيت مان آهي الخ فسا بينهم ذ رتيذ ۔ از تفسير مظهري و تفسير روح المعاني ۔ ۽ پر مؤمن پاڻ ۾ حال اور رسد ۱۲ فاقبل بعضهم على بعض يتساءلون ۔ تفسير روح المعاني و تفسير مظهري ۔ ۽ تفسير بيضاوي ۔

اَلَمْ تَكُنْ اٰيٰتِيْ تُتْلٰى عَلَيْكُمْ فَكُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿۱۰۵﴾

(ءِ انهن کي جيئرو ويندو) چا منهنجون آيتون توهانجي متان پڙهيون ويون، پوءِ توهان انهن کي کوڙو سمجهندا هئا.

قَالُوْا رَبَّنَا غَلَبَتْ عَلَيْنَا شِقْوَتُنَا وَكُنَّا قَوْمًا ضَآلِّيْنَ ﴿۱۰۶﴾

اهي چوندا اي اسانجا رب اسانجي متان اسانجي بد بختي غالب ٿي ءِ اسان گمراهه قوم هئا سين.

رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا مِنْهَا فَاِنْ عُدْنَا فَاِنَّا ظٰلِمُوْنَ ﴿۱۰۷﴾ قَالَ اخْسَـُٔوْا فِيْهَا

اي اسانجا رب تون اسانکي دوزخ مان ڪڍ پوءِ جيڪڏهن اسان ٻيهر ڪيون پوءِ بيشڪ اسين ظالم آهيون. الله تعالى فرمائيندو توهان جهنم ۾ ذليل ٿي

وَلَا تُكَلِّمُوْنِ ﴿۱۰۸﴾ اِنَّهٗ كَانَ فَرِيْقٌ مِّنْ عِبَادِيْ يَقُوْلُوْنَ

رهو ۽ توهان مون سان نه ڳالهايو. بيشڪ منهنجي بانهن مان هڪ جماعت (مسڪين مهاجر اصحابين جي) هئي جيڪا دنيا ۾ چوندي

رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا وَارْحَمْنَا وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۰۹﴾

هئي اي اسانجا رب اسان ايمان آندو پوءِ تون اسانکي بخشي ڪر ۽ تون اسان تي رحم ڪر ۽ تون بهترين رحم ڪندڙ آهين.

فَاتَّخَذْتُمُوْهُمْ سِخْرِيًّا حَتّٰٓى اَنْسَوْكُمْ ذِكْرِيْ وَكُنْتُمْ مِّنْهُمْ

پوءِ توهان انهن سان مذاق ڪندا هئا ايستائين جو توهان منهنجو ذڪر وساريو ۽ توهان انهن تان

تَضْحَكُوْنَ ﴿۱۱۰﴾ اِنِّيْ جَزَيْتُهُمُ الْيَوْمَ بِمَا صَبَرُوْٓا اَنَّهُمْ

کلندا هئا. بيشڪ اڄ آئون انهن کي جزا (جنة نعيم) ڏيندس انهي سببان جو انهن صبر ڪيو، بيشڪ اهي

هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿۱۱۱﴾ قٰلَ كَمْ لَبِثْتُمْ فِي الْاَرْضِ عَدَدَ سِنِيْنَ ﴿۱۱۲﴾

ئي ڪامياب آهن. الله تعالى انهن کي فرمائيندو توهان زمين ۾ ڪيترا سال ٽڪيا؟.

قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ فَسْـَٔلِ الْعَآدِّيْنَ ﴿۱۱۳﴾

اهي چوندا اسين هڪ ڏينهن يا ڏينهن جو ڪجهه حصو ٽڪيا هئاسين، پوءِ تون ڳڻيندڙن (حفاظ ۽ ملائڪن) کان معلوم ڪر.

قٰلَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا لَّوْ اَنَّكُمْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۱۱۴﴾

الله تعالى فرمائيندو (آخرت جي مقابلي ۾) توهان تمام ٿورو وقت ٽڪيا، ڪاش توهان اها ڳالهه ڄاڻو ها!

له تفسير جلالين ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير جلالين. ٤ تفسير روح البيان. ٥ تفسير جلالين. ٦ تفسير جامع البيان.

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا

چا تو هان ايئن پاڻيو تہ اسان توهان کي بنا کنهن حڪمت جي بيڪار ڪري پيدا ڪيو آهي ۽ بيشڪ توهان اسان ڏانهن

لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱۵﴾ فَتَعٰلَى اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ ۚ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ

نہ موٽايا ويندا ؟ پوء الله تعالىٰ تمام بلند، حقيقي بادشاه آهي، ناهي ڪو معبود مگر اهو،

رَبُّ الْعَرْشِ الْكَرِيْمِ ﴿۱۱۶﴾ وَمَنْ يَّدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ ۙ

عرشِ عظيم جو رب آهي . ۽ جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ سان گڏ ٻي معبود جي عبادت ڪري ٿو ،

لَا بُرْهَانَ لَهٗ بِهٖ ۙ فَاِنَّمَا حِسَابُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ

جنهن لاءِ ڪنهن ڪو به دليل ڪونهي، پوء ان جو حساب سندس رب وٽ آهي ، بيشڪ اهو ڪافرن کي

الْكٰفِرُوْنَ ﴿۱۱۷﴾ وَقُلْ رَّبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ وَاَنْتَ خَيْرُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿۱۱۸﴾ ع ۶

نجات نہ ڏيندا . ۽ رسول عربي توهان عرض ڪريو تہ اي منهنجا رب تون بخشش ڪر ۽ تون رحم ڪر ۽ تون بهترين رحم ڪندڙ آهين .

ع ۶ ۲۸

سُوْرَةُ النُّوْرِ مَدَنِيَّةٌ (۱۰۲) (۲۴) اٰيَاتُهَا ۶۴ رُكُوْعَاتُهَا ۹

سورة نور مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ۹ رکوع ۽ ۶۴ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ ڪرم ڪندڙ (آهي) .

سُوْرَةٌ اَنْزَلْنٰهَا وَفَرَضْنٰهَا وَاَنْزَلْنَا فِيْهَآ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لَّعَلَّكُمْ

(هي) هڪ سورة آهي جيڪا اسان نازل ڪئي آهي ۽ اسان ان ۾ قطعي حڪم نازل ڪيا آهن ۽ اسان انهي ۾ واضح آيتون بيان ڪيون آهن تہ جيئن

تَذَكَّرُوْنَ ﴿۱﴾ اَلزَّانِيَةُ وَالزَّانِيْ فَاجْلِدُوْا كُلَّ وَاحِدٍ مِّنْهُمَا

نصيحت حاصل ڪريو . بدڪاري ڪندڙ مرد هجي يا بدڪاري ڪندڙ عورت هجي پوء توهان انهن مان هر هڪ کي

مِائَةَ جَلْدَةٍ ۠ وَّلَا تَاْخُذْكُمْ بِهِمَا رَاْفَةٌ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتُمْ

هڪ سو ڏڙا هڻو ۽ توهان انهن تي الله جي دين ۾ رحم دلي نہ ڪريو جيڪڏهن توهان

---

۱ تفسير مظهري وتفسير روح البيان . ۲ تفسير جامع البيان وتفسير (منزل ۴) بيضاوي وتفسير مظهري . ۳ تفسير جلالين وجامع البيان .
۴ تفسير لغات القرآن عزيزي وتفسير نسفي . ۵ تفسير بيضاوي .

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۚ وَلْيَشْهَدْ عَذَابَهُمَا طَآئِفَةٌ
الله تعالیٰ ۽ قیامت تي ايمان رکو تا ۽ پلي انهن بنهي تي عذاب ڪرڻ وقت مؤمنن جي
مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٢ اَلزَّانِيْ لَا يَنْكِحُ اِلَّا زَانِيَةً اَوْ مُشْرِكَةً ۚ
هڪ جماعت موجود هجي. بدڪار مرد، نه نڪاح ڪري مگر بدڪار عورت يا مشرڪ عورت سان
وَّالزَّانِيَةُ لَا يَنْكِحُهَآ اِلَّا زَانٍ اَوْ مُشْرِكٌ ۚ وَحُرِّمَ ذٰلِكَ عَلَى
۽ بدڪار عورت نه نڪاح ڪري مگر بدڪار مرد يا مشرڪ مرد سان ۽ اهو ڪم مؤمنن تي
الْمُؤْمِنِيْنَ ۝٣ وَالَّذِيْنَ يَرْمُوْنَ الْمُحْصَنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَاْتُوْا
حرام ڪيو ويو آهي. ۽ جيڪي ماڻهو پاڪدامن عورتن تي بدڪاريءَ جي تهمت هڻن ٿا ان کان پوءِ
بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ فَاجْلِدُوْهُمْ ثَمٰنِيْنَ جَلْدَةً وَّلَا تَقْبَلُوْا لَهُمْ
چار شاهد نه آڻن، پوءِ توهان انهن کي اسي دڙا هڻو ۽ توهان هميشه انهن جي ڪنهن به
شَهَادَةً اَبَدًا ۚ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ۝٤ اِلَّا الَّذِيْنَ تَابُوْا
شاهدي قبول نه ڪريو ۽ اهي ئي گنهگار آهن. مگر (انهن مان) اهي ماڻهو جيڪي ان کان پوءِ
مِنْۢ بَعْدِ ذٰلِكَ وَاَصْلَحُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٥ وَالَّذِيْنَ
توبہ تائب ٿيا ۽ پنهنجو اصلاح ڪيو، پوءِ بيشڪ الله تعالیٰ بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ جيڪي مرد
يَرْمُوْنَ اَزْوَاجَهُمْ وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ شُهَدَآءُ اِلَّآ اَنْفُسُهُمْ
پنهنجي گهرواري تي تهمت هڻن ٿا ۽ انهن وٽ پاڻ کان سواءِ بيا شاهد ڪونهن
فَشَهَادَةُ اَحَدِهِمْ اَرْبَعُ شَهٰدٰتٍۭ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ لَمِنَ الصّٰدِقِيْنَ ۝٦
پوءِ انهن مان هڪڙي جي شاهدي هن ريت ٿيندي ته چار دفعا الله جو قسم کڻي چوي ته بيشڪ اهو سچو آهي.
وَالْخَامِسَةُ اَنَّ لَعْنَتَ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كَانَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ۝٧
۽ پنجين دفعي اينءُ چوي ته ان جي مٿان الله جي لعنت هجي جيڪڏهن اهو ڪوڙو آهي.

۱ تفسیر النسفی للعلامہ ابوالبرکات النسفی حنفی۔ ۲ تفسیر مظہری و روح البیان۔ ۳ تفسیر النسفی۔

وَيَدْرَؤُا عَنْهَا الْعَذَابَ اَنْ تَشْهَدَ اَرْبَعَ شَهٰدٰتٍ بِاللّٰهِ ۙ اِنَّهٗ

۽ انهي عورت مٿان اهاڙا هن طرح دفع ٿي سگهي ٿي تہ اها عورت چار دفعا الله جو قسم کڻي تہ بيشڪ اهو

لَمِنَ الْكٰذِبِيْنَ ﴿٨﴾ وَالْخَامِسَةَ اَنَّ غَضَبَ اللّٰهِ عَلَيْهَآ اِنْ كَانَ

ڪوڙو آهي ، ۽ پنجين دفعي ايئن چوي تہ ان جي مٿان الله جو غضب هجي جيڪڏهن اهو

مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٩﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ وَاَنَّ اللّٰهَ

سچو آهي. ۽ جيڪڏهن تو ڏانهن الله جو فضل ۽ رحمت نہ هجي ها (تہ تو ڏانهن الله خواري ۽ دنيا ۽ عذاب آڻي ها) بيشڪ الله تعالى

تَوَّابٌ حَكِيْمٌ ﴿١٠﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ جَآءُوْ بِالْاِفْكِ عُصْبَةٌ مِّنْكُمْ ؕ لَا

توبہ قبول ڪندڙ حڪمت وارو آهي. بيشڪ جن مائڻن الزام تراشي ڪئي آهي تو هان مان ئي ٽاهڪ گروهہ آهي ، تو هان

تَحْسَبُوْهُ شَرًّا لَّكُمْ ؕ بَلْ هُوَ خَيْرٌ لَّكُمْ ؕ لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ مَّا اكْتَسَبَ ؕ

ان کي پاڻ لاءِ خراب نہ سمجهو ، بلڪ اهو تو هان لاءِ بهتر آهي ، انهن مان جنهن جيترو گناهہ ڪيو هوندو ،

مِنَ الْاِثْمِ ۚ وَالَّذِيْ تَوَلّٰى كِبْرَهٗ مِنْهُمْ لَهٗ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ﴿١١﴾ لَوْلَآ اِذْ

اُن کي اوتري سزا ملندي ، ۽ انهن مان جنهن مائهو گهڻو حصو ورتو هوندو ان لاءِ اوترو وڏو عذاب آهي. جڏهن تو هان

سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ وَالْمُؤْمِنٰتُ بِاَنْفُسِهِمْ خَيْرًا ۙ وَّقَالُوْا هٰذَآ

اها گالهہ ٻڌي تہ پوءِ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن پنهنجي لاءِ چونہ چڱو گمان ڪيو ۽ ايئن چونہ چيو تہ هي

اِفْكٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٢﴾ لَوْلَا جَآءُوْ عَلَيْهِ بِاَرْبَعَةِ شُهَدَآءَ ۚ فَاِذْ لَمْ يَاْتُوْا

صاف الزام آهي. انهن چونہ ان گالهہ لاءِ چار شاهد پيش ڪيا ، پوءِ جنهن وقت انهن

بِالشُّهَدَآءِ فَاُولٰٓئِكَ عِنْدَ اللّٰهِ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٣﴾ وَلَوْلَا فَضْلُ اللّٰهِ

شاهد نہ آندا ، پوءِ اهي ئي الله تعالى وٽ ڪوڙا آهن. ۽ جيڪڏهن الله تعالى جو فضل

عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهٗ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ لَمَسَّكُمْ فِىْ مَآ اَفَضْتُمْ فِيْهِ

۽ رحمت دنيا ۽ آخرت ۾ تو هان تي نہ هجي ها تہ ان گالهہ جي ڪري جنهن ۾ تو هان پيا هئا ، تو هان کي

-٧-٠-٨

لہ تفسیر مظهری و تفسیر نسفی و روح البیان. سہ تفسیر روح البیان (منزل ٣) سہ تفسیر مظهری.

عَذَابٌ عَظِيمٌ ﴿١٤﴾ إِذْ تَلَقَّوْنَهُ بِأَلْسِنَتِكُمْ وَتَقُولُونَ بِأَفْوَاهِكُمْ مَّا

وڈو عذاب پهچي ها . جنهن وقت توهان اهاڪالهه هڪ ٻئي کان نقل کئي ۽ توهان پنهنجي واتن مان اهاڪالهه کئي

لَيْسَ لَكُمْ بِهِ عِلْمٌ وَتَحْسَبُونَهُ هَيِّنًا ۖ وَهُوَ عِنْدَ اللَّهِ عَظِيمٌ ﴿١٥﴾

جنهن جو توهان کي ڪو علم نه هو، توهان ان ڪالهه کي معمولي سمجهو ٿا، حالانڪ (اها ڪالهه) الله تعالىٰ وٽ تمام وڏي هئي

وَلَوْلَا إِذْ سَمِعْتُمُوهُ قُلْتُم مَّا يَكُونُ لَنَا أَن نَّتَكَلَّمَ بِهَٰذَا سُبْحَانَكَ هَٰذَا

۽ جڏهن توهان اها ڪالهه ٻڌي ان وقت توهان چوندا ٿا ته اسان کي مناسب ناهي جو اسين ان باري ۾ ڪالهايون، اي الله تون پاڪ آهين

بُهْتَانٌ عَظِيمٌ ﴿١٦﴾ يَعِظُكُمُ اللَّهُ أَن تَعُودُوا لِمِثْلِهِ أَبَدًا إِن

هي تمام وڏو بهتان آهي . الله تعالىٰ توهان کي نصيحت ڪري ٿو (۽ منع ڪري ٿو) ته هرگز ڪڏهن نه ڪجو جيڪڏهن

كُنتُم مُّؤْمِنِينَ ﴿١٧﴾ وَيُبَيِّنُ اللَّهُ لَكُمُ الْآيَاتِ ۚ وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ ﴿١٨﴾

توهان مؤمن آهيو . ۽ الله تعالىٰ توهان لاءِ آيتون بيان ڪري ٿو، ۽ الله تعالىٰ ڏاڍو حڪمت وارو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ يُحِبُّونَ أَن تَشِيعَ الْفَاحِشَةُ فِي الَّذِينَ آمَنُوا لَهُمْ

بيشڪ جيڪي ماڻهو مؤمنن ۾ خراب ڪالهين پکيڙڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا ، انهن لاءِ

عَذَابٌ أَلِيمٌ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ ۚ وَاللَّهُ يَعْلَمُ وَأَنتُمْ لَا تَعْلَمُونَ ﴿١٩﴾

دنيا ۽ آخرت ۾ دردناڪ عذاب آهي، ۽ الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ۽ توهان نه ٿا ڄاڻو.

ع ٢ ٢٠ ٨ النصف

وَلَوْلَا فَضْلُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَتُهُ وَأَنَّ اللَّهَ رَءُوفٌ رَّحِيمٌ ﴿٢٠﴾

۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ رحمت توهان تي نه هجي ها (۽ توهان کي عذاب اچي ها) ۽ بيشڪ الله تعالىٰ رؤف رحيم آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ ۚ وَمَن يَتَّبِعْ خُطُوَاتِ

اي مؤمنو توهان شيطان جي نقش قدم تي نه هلو ۽ جيڪو ماڻهو شيطان جي

الشَّيْطَانِ فَإِنَّهُ يَأْمُرُ بِالْفَحْشَاءِ وَالْمُنكَرِ ۚ وَلَوْلَا فَضْلُ اللَّهِ عَلَيْكُمْ

نقش قدم تي هلي ٿو پوءِ بيشڪ اهو (کيس) برائيءَ ۽ غير شرعي ڪمن جو حڪم ڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن توهان تي الله جو فضل

له تفسير مظهري، ڪه تفسير بيضاوي وتفسير جامع البيان، (منزل ٢) ڪه تفسير مظهري، ڪه تفسير روح البيان وتفسير مظهري .

وَرَحْمَتُهٗ مَا زَكٰى مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ اَبَدًا ۙ وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُزَكِّيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

۽ رحمت نہ ڏيڻ هاڻ تو هان مان ڪڏهن بہ ڪو پاڪ نہ ٿيئي ها، پر الله تعالىٰ جنهن کي چاهي ان کي پاڪ ڪري ٿو،

وَاللّٰهُ سَمِيْعٌ عَلِيْمٌ ﴿۲۱﴾ وَلَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَالسَّعَةِ اَنْ

۽ الله تعالىٰ بڌ ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي. ۽ تو هان مان ديني فضيلت رکندڙ ۽ دولتمند ماڻهو قسم نہ کڻن ته اهي

يُّؤْتُوْٓا اُولِي الْقُرْبٰى وَالْمَسٰكِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ

پنهنجي عزيزن ۽ مسڪينن ۽ الله جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙن تي پنهنجي دولت خرچ نہ ڪندا،

وَلْيَعْفُوْا وَلْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ

النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ

ان طرف چڪجي اچن ٿا ، چاپوءِ (اهي) بُتَنِ تي ايمان آڻن ٿا ۽ رسولِ عربي ﷺ جو انڪار

يَكْفُرُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ

ڪن ٿا . ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جيڪو الله تعالىٰ تي ڪوڙ مڑهي ٿو. يا جڏهن ان وٽ حق

بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾ وَ

اچي ٿو تہ اُن کي ڪوڙو سمجهي ٿو. ڇا جهنم ۾ ڪافرن جو ٺڪاڻو ناهي؟ (يقيناً آهي) ۽

الَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٦٩﴾

جيڪي اسان جي راهه ۾ ڪوشش ڪن ٿا، اسين ضرور انهن کي پنهنجا رستا ڏيکاريندا سين، بيشڪ الله تعالىٰ يقيناً نيڪوڪارن سان گڏ آهي.

ع ۴

اٰيَاتُهَا ٦٠ (٣٠) سُوْرَةُ الرُّوْمِ مَكِّيَّةٌ (٨٤) رُكُوْعَاتُهَا ٦

سورة روم مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ۶ رڪوع ۽ ۶۰ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ (آهي) .

الٓمّٓ ﴿١﴾ غُلِبَتِ الرُّوْمُ ﴿٢﴾ فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ

الٓمّٓ . روميءَ شڪست کائي ويا . ويجهڑائي واري زمين ۾ ۽ اهي (رُومي) انهيءَ شڪست کان پوءِ

غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ ﴿٣﴾ فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ؕ لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ

عن قريب ڪجهه سالن اندر (فارس تي ٻيهر دفعي) غالب ٿيندا، انهيءَ کان اڳ ۽ پوءِ

قَبْلُ وَمِنْۢ بَعْدُ ؕ وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٤﴾ بِنَصْرِ

الله جو امر (حڪم) هلي ٿو. ۽ انهيءَ ڏينهن الله تعالىٰ جي مدد سان مؤمن

اللّٰهِ ؕ يَنْصُرُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٥﴾

خوش ٿيندا. اهو جنهن جي چاهي مدد فرمائي ٿو. ۽ اهو ئي غالب ۽ مهربان آهي.

لہ تفسير جلالين . سہ تفسير مظهري و تفسير النسفي .

سہ ثن ڪان ڏهن سالن جو عرصو از لغات القرآن عربي .

وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا

(اهو) الله تعالىٰ جو وعدو آهي، الله تعالىٰ پنهنجي وعدي جي خلاف ورزي نه تو ڪري، پر اڪثر ماڻهو نه ٿا

يَعْلَمُوْنَ ۝٦ يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَهُمْ عَنِ

ڄاڻن . (اهي ٿڪ وارا) ظاهرا دنيا جي زندگي (جاڪم ڪار، تجارت، زراعت وغيرهما) ڄاڻن ٿا ۽ اهي ئي

الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ۝٧ اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ؕ مَا خَلَقَ

آخرت کان غافل آهن . ڇا انهن پنهنجن نفسن (دلين) ۾ اهو نه سوچو ته الله تعالىٰ نه پيدا ڪيو

اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ

آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي شيون انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهن مگر حق سان ۽ هڪ مقرر مدي لاءِ .

وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُوْنَ ۝٨ اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا

۽ بيشڪ اڪثر ماڻهو پنهنجي رب جي ديدار کان يقينا انڪاري آهن . ڇا انهن زمين ۾ سير

فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ

نه ڪيو آهي؟ جو (اهي) ڏسن ته جيڪي ماڻهو انهن کان اڳ ۾ هئا انهن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي .

كَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاَثَارُوا الْاَرْضَ وَعَمَرُوْهَآ اَكْثَرَ مِمَّا

جيڪي انهن کان قوت ۾ وڌيڪ هئا ۽ اهي زمين کي کيڙيندا هئا ۽ انهن جون جمارون انهن جي جمارن

عَمَرُوْهَا وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ؕ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ

کان وڌيڪ هيون ۽ انهن وٽ پيغمبر معجزن سان آيا ، پوءِ انهن تي الله تعالىٰ ظلم نه ڪيو

وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ۝٩ ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيْنَ

پر انهن پنهنجي نفسن تي پاڻ ظلم ڪيو . ان کان پوءِ جو ڪان وڌيڪ گنهگارن جي

اَسَآءُوا السُّوْٓآٰى اَنْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَكَانُوْا بِهَا

پڇاڙي ايئن ٿي جو انهن الله تعالىٰ جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو ۽ اهي انهن سان

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۱۰﴾ اَللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ثُمَّ اِلَيْهِ

مذاق ڪندا اٿا. الله تعالىٰ پهريائين مخلوق کي پيدا ڪيو وري مرڻ کان پوءِ زنده ڪندو، ان کان پوءِ اُن ڏانهن

تُرْجَعُوْنَ ﴿۱۱﴾ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُبْلِسُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿۱۲﴾

توهان موٽايا ويندا. ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي ته مجرم ڏاڍو خاموش ٿي ويندا.

وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ مِّنْ شُرَكَآئِهِمْ شُفَعٰٓؤُا وَكَانُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ

۽ انهن لاءِ انهن جا ٻُت ڪي ڏاڍا سفارش ڪن ۽ اهي پنهنجي ٻُتن جو

كٰفِرِيْنَ ﴿۱۳﴾ وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوْنَ ﴿۱۴﴾ فَاَمَّا

انڪار ڪندڙ ٿيندا. ۽ جنهن ڏينهن قيامت ٿيندي اُن ڏينهن اهي جُدا جُدا هوندا. پوءِ اهي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمْ فِيْ رَوْضَةٍ يُّحْبَرُوْنَ ﴿۱۵﴾

ماڻهو جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا پوءِ اهي بهشت ۾ تمام گهڻا خوش ڪيا هوندا.

وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآءِ الْاٰخِرَةِ

۽ پر اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن ۽ آخرت جي اچڻ جو انڪار ڪيو

فَاُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿۱۶﴾ فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِيْنَ

پوءِ اهي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا. پوءِ توهان الله تعالىٰ جي ڏاڍي نماز پڙهو جنهن وقت

تُمْسُوْنَ وَحِيْنَ تُصْبِحُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَلَهُ الْحَمْدُ فِي السَّمٰوٰتِ

توهان مغرب ۽ عشا ڪريو ٿا ۽ جنهن وقت صبح ڪريو ٿا. ۽ الله تعالىٰ جي تعريف آسمانن ۾

وَالْاَرْضِ وَعَشِيًّا وَّحِيْنَ تُظْهِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ

زمين ۾ آهي ۽ عصر جي وقت (نماز پڙهو) ۽ ان وقت جڏهن توهان ظهر ڪريو ٿا. اهو مُئل مان زنده کي

الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ

پيدا ڪري ٿو ۽ زنده مان مُئل کي پيدا ڪري ٿو ۽ غير آباد ٿيڻ کان پوءِ زمين کي آباد ڪري ٿو.

له تفسير جلالين. ٢ لغات القرآن. ٣ تفسير جلالين. ٤ تفسير جامع البيان. ٥ تفسير النسفي وتفسير جلالين وتفسير جامع البيان. ٦ تفسير مظهري.
(منزل ۵)
٧ هن آيت شريف مان پنج وقت نماز جو ثبوت ملي ٿو. تفسير ڪبير وتفسير جلالين.

وَكَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿۱۹﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ

۽ اهڙيءَ طرح توهان (مئلن کان پوءِ) ڪڍيا ويندا. ۽ (حضرت) آدمؑ کي مٽيءَ مان پيدا ڪرڻ ان جي نشانين مان آهي.

ثُمَّ اِذَآ اَنْتُمْ بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ ﴿۲۰﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ

اُن کان پوءِ ڪجھ وقت اندر توهان (زمين ۾) پکڙجي ويا. ۽ توهان جي جنس مان توهان لاءِ جوڑا ٺاهڻ جون گھرواريون

مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً

پيدا ڪرڻ ان جي نشانين مان آهي، ان لاءِ ته توهان سُکون حاصل ڪريو ۽ توهان جي وچ ۾ محبت

وَّرَحْمَةً ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَ

۽ رحمت پيدا ڪئي، بيشڪ انهيءَ ۾ ان قوم لاءِ يقيناً نشانيون آهن جيڪي غور ۽ فڪر ڪن ٿا. ۽

مِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ

آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ توهان جي ٻولين ۽ رنگن جو مختلف هجڻ اُن جي

وَاَلْوَانِكُمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ ﴿۲۲﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ

نشانين مان آهي، بيشڪ انهيءَ ۾ سڀني جهان وارن لاءِ يقيناً نشانيون آهن. ۽ توهان جو رات جو

مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ

آرام ڪرڻ ۽ ڏينهن جو روزگار طلب ڪرڻ اُن جي نشانين مان آهي.. بيشڪ انهيءَ

ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿۲۳﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ

۾ ان قوم لاءِ يقيناً نشانيون آهن جيڪي غور سان ٻڌن ٿا. ۽ توهان کي وڃ (ڪنوڙ) خوف ۽ اُميد سان

خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ

ڏيکاري ٿو ۽ اهو آسمان مان مينهن نازل ڪري ٿو پوءِ غيرآباد زمين کي اُن سان آباد ڪري ٿو اهو سڀ

بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۴﴾

نشانين مان آهي. بيشڪ انهيءَ ۾ ان قوم لاءِ يقيناً نشانيون آهن جيڪي عقل ڪن ٿا.

لہ تفسیر النسفی ولغات القرآن. کہ تفسیر مظہری. گہ تفسیر النسفی.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ

۽ سندس حڪم موجب آسمان ۽ زمين جو قائم رهڻ اُن جي نشانين مان آهي، اُن کان پوءِ اهو جڏهن توهان کي هڪ دفعو

دَعْوَةً ۖ مِّنَ الْاَرْضِ ۖ اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿۲۵﴾ وَلَهٗ مَنْ فِى

پڪاريندو تہ توهان فوراً زمين مان ٻاهر نڪرندا. ۽ اهي سڀ شيون اُن جون پيدا ڪيل آهن

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ قٰنِتُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَهُوَ الَّذِىْ يَبْدَؤُا

جيڪي آسمانن ۽ زمينن ۾ آهن، اهي سڀ اُن جون تابعدار آهن. ۽ پاڻ اهو آهي جيڪو پهرين مخلوق کي پيدا

الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَهُوَ اَهْوَنُ عَلَيْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى

ڪري ٿو اُن کان پوءِ اُن کي زنده ڪندو ۽ اُهو ان لاءِ تمام آسان آهي، ۽ آسمانن ۽ زمينن ۾

فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۷﴾ ضَرَبَ لَكُمْ

اُن جو اعليٰ شان آهي، ۽ اهو ئي غالب ۽ حڪمت وارو آهي. الله تعالىٰ توهان لاءِ

مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ

توهان مان هڪ مثال بيان فرمائي ٿو. ڇا توهان جا غلام جيڪي اسان توهان کي ڏنا

مِّنْ شُرَكَآءَ فِىْ مَا رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ تَخَافُوْنَهُمْ

آهن پوءِ اهي ۽ توهان اسان جي ڏنل رزق ۾ برابر آهيو؟ (ڇا) توهان انهن کان

كَخِيْفَتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۸﴾ بَلِ

ايئن ڊجوٽا جيئن توهان پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان ڊجوٽا؟ اهڙيءَ طرح اسين اُن قوم لاءِ صاف آيتون بيان ڪريون ٿا جيڪي عقل رکن ٿا. بلڪ

اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَآءَهُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۚ فَمَنْ يَّهْدِىْ

ظالمن معلومات کان سواءِ پنهنجي سڙن جي تابعداري ڪئي. پوءِ جنهن کي الله تعالىٰ گمراهه ڪري

مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ﴿۲۹﴾ فَاَقِمْ وَجْهَكَ

اُن کي ڪير هدايت ڏئي ٿو، ۽ انهن (ظالمن) جا ڪير به مددگار ناهن. پوءِ توهان پنهنجي چهري کي

لہ تفسیر مظہری۔ لہ تفسیر السنی۔

لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا ؕ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا ؕ لَا

دين حنفي ڏانهن مائل ڪريو، الله تعالىٰ جي فطرت اها آهي جنهن تي ماڻهن کي پيدا فرمايو اٿس، الله تعالىٰ جي

تَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ

ناهيل شيءَ کي تبديل نه ڪريو، اهو دين سڌو آهي، پر اڪثر

النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۰﴾ مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا

ماڻهو نه ٿا ڄاڻن . (تون) انهيءَ ڏانهن مائل ٿيو ۽ کانئن ڈڄو ۽ نماز قائم

الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۳۱﴾ مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا

ڪريو ۽ مشرڪن مان نه ٿيو . اهي ماڻهو جن دين ۾ تفرقو وڌو

دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا ؕ كُلُّ حِزْبٍ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿۳۲﴾

۽ اهي گروهه گروهه ٿي ويا ، هر جماعت وٽ جيڪو آهي (اُهي ان تي) خوش آهن .

وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ

۽ جنهن وقت انسانن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي ته اهي پنهنجي رب کي پڪارين ٿا (۽) انهيءَ ڏانهن مائل ٿين ٿا، ان کان پوءِ جنهن وقت اُهي

مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿۳۳﴾ لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ؕ

انسانن رحمت چکن ٿا تڏهن وقت انهن مان هڪ فريق پنهنجي رب سان ئي شرڪ ڪري ٿي تڏهن نعمتن جو انڪار ڪن .

فَتَمَتَّعُوْا ۟ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ﴿۳۴﴾ اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ يَتَكَلَّمُ

پوءِ تون ڏنل فائدو حاصل ڪريو، پوءِ تون ڪاڪي جلد معلوم ڪيندو. يا اسان انهن تي ڪا حجت نازل ڪئي آهي اهو ڪجهه

بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ ﴿۳۵﴾ وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً فَرِحُوْا بِهَا ؕ

ٻڌائي ٿا جنهن سان شرڪ ٿيا ٿي . ۽ جنهن وقت اسين ماڻهن کي رحمت چکايون ٿا تڏهن ان تي خوش ٿين ٿا .

وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ ۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ يَقْنَطُوْنَ ﴿۳۶﴾

۽ جيڪڏهن انهن کي سندن ڏنل اعمالي جي ڪري ڪا تڪليف پهچي ٿي تڏهن وقت اهي نا اُميد ٿين ٿا .

لله تفسير مظهري . ۲ الله تعالىٰ برسات نازل فرمائن تي پر ڪافر (منزل ۵) چون ٿا ته فلاڻي ستاري نڪرڻ جي ڪري برسات وسي ٿي.
تفسير مظهري.

أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ إِنَّ فِيْ

چا انهن (اهو) نه ڏٺو ته بيشڪ الله تعالىٰ جنهن لاءِ چاهي ان جو رزق وڌائي ۽ گهٽائي ٿو، بيشڪ انهيءَ ۾

ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۳۷﴾ فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَ

ان قوم لاءِ يقيناً نشانيون آهن جيڪي ايمان آڻن ٿا. پوءِ توهان (پنهنجي) ويجهن مائٽن ۽

الْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ

مسڪين ۽ مسافرن کي سندن حق ڏيو، اهو انهن مائٽن لاءِ بهتر آهي جيڪي الله تعالىٰ جو

وَجْهَ اللّٰهِ ۫ وَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا

رضامندي ۽ گهرن ٿا، ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. ۽ جيڪو تحفو توهان زياده ورڻ لاءِ

لِّيَرْبُوَا۟ فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ

دوستن کي ڏيو ٿا پوءِ اُن سان الله تعالىٰ وٽان کنهن ثواب جي اميد نه رکو، ۽ جيڪا خيرات

زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَأُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ ﴿۳۹﴾ اَللّٰهُ

توهان الله تعالىٰ جي رضامندي لاءِ ڏيو ٿا، پوءِ انهن جو ثواب وڌندڙ آهي. الله تعالىٰ

الَّذِيْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ

اُهو آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو، اُن کان پوءِ توهان کي رزق ڏنو، اُن کان پوءِ توهان کي ماريندو، ۽ اُن کان پوءِ توهان کي جيارينڊو، ڇا

شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّفْعَلُ مِنْ ذٰلِكُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى

ان کان سواءِ ڪو معبود آهي، جيڪو توهان لاءِ اهي[1] ڪم ڪري سگهي، اُهو پاڪ ۽ بلند آهي. مائٽن جي بداعمالي[2] جي ڪري زمين ۽ سمنڊ ۾ فساد برپا ٿيو

عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۴۰﴾ ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَيْدِي ع ۷

پاڪ ۽ بلند آهي. مائٽن جي بداعمالي[2] جي ڪري زمين ۽ سمنڊ ۾ فساد برپا ٿيو

النَّاسِ لِيُذِيْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِيْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۴۱﴾

ان لاءِ ته اسين کين مائٽن جي سندن بداعمالي[2] جو مزو چکايون ته من اُهي (گنهگار) موٽن.

[1] تفسير روح البيان.

قُلْ سِيرُوا فِي الْأَرْضِ فَانْظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ

رسول عربي توهان فرمايو ته توهان زمين ۾ سير ڪريو پوءِ توهان ڏسو ته توهان کان اڳين ماڻهن جي پڇاڙي

مِنْ قَبْلُ ۚ كَانَ أَكْثَرُهُمْ مُشْرِكِينَ ﴿٤٢﴾ فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّينِ

ڪيئن ٿي ۽ انهن مان اڪثر مشرڪ هئا ۔ پوءِ توهان پنهنجي چهري کي سڌي دين طرف

الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَ يَوْمٌ لَا مَرَدَّ لَهُ مِنَ اللَّهِ يَوْمَئِذٍ

متوجه ڪريو، ان کان اڳ جو اهو ڏينهن (قيامت جو) اچي جنهن کي الله تعالىٰ جي طرفان روڪ ناهي ان ڏينهن

يَصَّدَّعُونَ ﴿٤٣﴾ مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهُ ۖ وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا

(حساب ڪتاب کانپوءِ سڀ) جدا جدا ٿي ويندا، جنهن ڪفر ڪيو پوءِ ان تي سندس ڪفر جو وبال آهي، جنهن ماڻهن نيڪ عمل ڪيو

فَلِأَنْفُسِهِمْ يَمْهَدُونَ ﴿٤٤﴾ لِيَجْزِيَ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ

پوءِ اهو پنهنجي لاءِ (بهشت ۾) تياري ڪري رهيو آهي ۔ ان لاءِ ته اهو مؤمنن ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي پنهنجي

مِنْ فَضْلِهِ ۚ إِنَّهُ لَا يُحِبُّ الْكَافِرِينَ ﴿٤٥﴾ وَمِنْ آيَاتِهِ أَنْ يُرْسِلَ

فضل سان جزا عطا ڪري، بيشڪ اهو ڪافرن سان محبت نٿو ڪري ۔ ۽ الله تعالىٰ جي نشانين مان برسات وارن

الرِّيَاحَ مُبَشِّرَاتٍ وَلِيُذِيقَكُمْ مِنْ رَحْمَتِهِ وَلِتَجْرِيَ الْفُلْكُ

هوائن جو ڳڙڪ آهي جيڪي مبارڪ ڏيندڙ آهن ۔ اهوان لاءِ ته توهان کي پنهنجي رحمت (برسات) چکائي ۽ ان لاءِ ته بيڙي سندس

بِأَمْرِهِ وَلِتَبْتَغُوا مِنْ فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ ﴿٤٦﴾ وَلَقَدْ

حڪم مطابق هلي ۽ ان لاءِ ته توهان سامونڊي واپار ڪريو ۽ مَن توهان شڪر گذار ٿيو ۔ ۽ بيشڪ

أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا إِلَىٰ قَوْمِهِمْ فَجَاءُوهُمْ بِالْبَيِّنَاتِ

اسان توهان کان اڳ پيغمبر موڪليا پنهنجن پنهنجن قومن ڏانهن (پيغمبرن) انهن (قومن) وٽ معجزا آندا

فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِينَ أَجْرَمُوا ۖ وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ

پوءِ اسان مجرمن کان انتقام ورتو ۔ ۽ مومنن جي مدد ڪرڻ

لہ تفسیر روح البیان۔ ۲ تفسیر مظہری۔

۳ تفسیر النسفی۔ ۴ تفسیر روح البیان و تفسیر النسفی۔

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٤٧﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا

اسانجي ذمي آهي ۔ الله تعالىٰ اهو آهي جيڪو هوائن کي موڪلي ٿو، اهي ڪڪر کي کڻن ٿيون

فَيَبْسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ كَيْفَ يَشَآءُ وَيَجْعَلُهٗ كِسَفًا فَتَرَى

پوءِ الله تعالىٰ انهن کي جيئن چاهي (اُن طريقي سان) آسمان ۾ پکيڙي ٿو، انهن کي تڪڙا ڪري ٿو، پوءِ (اي رسول عربي) تون

الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ فَاِذَآ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ

ڏسين ٿو مينهن اُن جي وچان نڪري ٿو ۔ پوءِ اُن وقت اُن کي پهچائي ٿو پنهنجي بانهن مان

مِنْ عِبَادِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ وَاِنْ كَانُوْا

جنهن تي چاهي اهي اُن وقت خوش ٿين ٿا ۔ ۽ اهي

مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ ﴿٤٩﴾

اُن مينهن جي وسڻ کان اڳ يقيناً نااُميد ٿيندڙ هئا ۔

فَانْظُرْ اِلٰٓى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ

پوءِ توهان الله تعالىٰ جي رحمت جا آثار ڏسو ته ڪهڙيءَ طرح اهو غير آباد ٿيل ڪان پوءِ زمين کي آباد ڪري ٿو ۔

اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٥٠﴾ وَلَئِنْ اَرْسَلْنَا

بيشڪ اهو (آخرڪار) يقيناً مئلن کي جيارينڊڙ آهي، ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۔ ۽ جيڪڏهن اسين ڪاهوا

رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ ﴿٥١﴾ فَاِنَّكَ

موڪليون ٿا جنهن سان اُهي پوکن کي سُڪل ڏسن ٿا ته يقيناً اُن کان پوءِ اهي ناشڪري ڪن ٿا، پوءِ بيشڪ توهان

لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿٥٢﴾

ڪافرن کي ٻڌرائي نه ٿا سگهو ۽ نه توهان ٻوڑن کي پڪاري ٻڌرائي سگهو ٿا جڏهن اهي پٺ ڏيئي ڦرن ٿا ۔

وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ يُّؤْمِنُ

۽ نه توهان انڌن کي سندن گمراهيءَ کان هدايت ڏيئي سگهو ٿا ۔ توهان ته اُن کي ٻڌرايو ٿا جيڪي اسان جي

لہ تفسیر کمالین ۔ ٹہ تفسیر روح البیان ۔ ٹہ تفسیر جلالین ۔ (منزل ۵) ٹہ تفسیر جامع البیان ۔

بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ﴿٥٣﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ

آيتن تي ايمان آڻن تا، پوءِ اهي مسلمان آهن. الله تعالىٰ اُهو آهي جنهن توهان کي ضُعف مان پيدا ڪيو

ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ

اُن کان پوءِ، ضُعف بعد توهان کي قوت (جواني) عطا ڪئي، ان کان بعد توهان لاءِ ضُعف ۽ پيريءَ

ضُعْفًا وَّشَيْبَةً ؕ يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ ﴿٥٤﴾

پيدا ڪيائين، پاڻ جيڪو چاهي اهو پيدا ڪري ٿو ۽ اُهو علم رکندڙ قادر آهي.

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ مَا لَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ ؕ

۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (ته) مجرم قسم کڻندا ته، نه رهيا آهي (دنيا ۾) مگر هڪ گهڙيءَ.

كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ ﴿٥٥﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَ

اهڙيءَ طرح اهي حق کان ڦرندا هئا. ۽ اهي ماڻهو چوندا جيڪي علم ۽

الْاِيْمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ اِلٰى يَوْمِ الْبَعْثِ ۚ فَهٰذَا

ايمان وارا هوندا ته بيشڪ توهان الله تعالىٰ جي علم مطابق قيامت تائين اُٿي رهيا، پوءِ هي

يَوْمُ الْبَعْثِ وَلٰكِنَّكُمْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٥٦﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنْفَعُ

اٿڻ جو ڏينهن آهي پر توهان نه ڄاڻندا هئا. پوءِ اُن ڏينهن ظالمن کي

الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَلَقَدْ

سندن معذرت کو نفعو نه ڏيندي ۽ نه انهن کي توبه جي مهلت ڏني ويندي. ۽ بيشڪ

ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَلَئِنْ جِئْتَهُمْ

اسان ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال بيان ڪيا آهن. ۽ جيڪڏهن توهان انهن وٽ

بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُبْطِلُوْنَ ﴿٥٨﴾

ڪا آيت آڻيو ته ضرور ڪافر چوندا ته، نه آهيو توهان مگر ڪوڙ ڪاهيندڙ.

(منزل ٥)

كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى قُلُوْبِ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿۶۰﴾ فَاصْبِرْ

اهڙي طرح الله تعالىٰ انهن ماڻهن جي دلين تي مُهر لڳائي ٿو جيڪي نه ٿا ڄاڻن . پوءِ رسول عربي تون صبر ڪر ٻيو

اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ لَا يُوْقِنُوْنَ ﴿۶۰﴾ ع

بيشڪ الله تعالىٰ جو وعدو حق آهي ۽ تو هان کي اهي ماڻهو پريشان نه ڪن جيڪي يقين نٿا رکن .

ع ۲۰

اٰيَاتُهَا ۳۴ (۳۱) سُوْرَةُ لُقْمٰنَ مَكِّيَّةٌ (۵۷) رُكُوْعَاتُهَا ۴

سورة لقمٰن مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي انهي ۾ ۴ رڪوع ۽ ۳۴ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ آجهارو (آهي) .

الٓمّٓ ﴿۱﴾ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ ﴿۲﴾ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ ﴿۳﴾

الٓمّٓ . اهي قرآن حڪيم جون آيتون آهن (جيڪي) نيڪڪارن لاءِ هدايت ۽ رحمت آهن .

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ

اهي ماڻهو جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ اهي ئي آخرت تي

هُمْ يُوْقِنُوْنَ ﴿۴﴾ اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ

يقين رکن ٿا . اهي پنهنجي رب جي طرفان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي

الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۵﴾ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ

ڪامياب آهن . ۽ ڪي ماڻهو آهن جيڪي اجايون گالهيون[1] جا ڪتاب خريد ڪن ٿا ان لاءِ ته اهي (ماڻهن کي)

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ۭ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ

بنا علم جي الله جي راهه کان گمراهه ڪن ۽ انهيءَ کي مذاق ڪري وٺن ٿا، انهن لاءِ خواريءَ وارو

مُّهِيْنٌ ﴿۶﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا

عذاب آهي . ۽ جنهن وقت انهيءَ تي اسانجون آيتون تلاوت ڪيون وڃن ٿيون ته تڪبر ڪري ٿو گويا ڪان کي نه ٻڌائين

[1] تفسير جلالين . [2] تفسير مظهري .

كَاَنَّ فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا ۚ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝۷ اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

گويا ڪ سندس ٻنهي ڪنن ۾ ٻوڙائي آهي، پوءِ توهان ان کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏيو. بيشڪ جن مائٽن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِ ۝۸ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ۭ

۽ سٺا عمل ڪيا انهن لاءِ بهشت جا باغ آهن، هميشه انهيءَ ۾ رهندا، الله تعالىٰ جو وعدو حق آهي

وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝۹ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَاَلْقٰى فِي

۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. آسمانن کي بنا ٿنڀي جي پيدا ڪيائين جيڪو توهان ڏسو پيا ۽ زمين ۾

الْاَرْضِ رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَاۗبَّةٍ ۭ وَ

جبل کوڙيائين ته متان توهان کي اهالوڏائي ۽ زمين ۾ هر قسم جا جاندار پکيڙيائين ۽

اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ۝۱۰

اسان آسمان مان مينهن نازل ڪيو، پوءِ اسان انهيءَ مان هر قسم جا خوبصورت سلا پيدا ڪيا.

هٰذَا خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ۭ بَلِ

هيءَ الله تعالىٰ جي مخلوق آهي پوءِ توهان مون کي اها تخليق ڏيکاريو جيڪا توهان جي معبودن ڪئي آهي بلڪ

الظّٰلِمُوْنَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ۝۱۱ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ

ظالم صاف گمراهيءَ ۾ آهن. ۽ بيشڪ اسان لقمٰن کي حڪمت عطا ڪئي ته تون

اشْكُرْ لِلّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ

الله تعالىٰ جو شڪر ادا ڪر، ۽ جيڪو مائٽ شڪر ادا ڪري تو پوءِ اهو پنهنجي لاءِ شڪر ادا ڪري ٿو ۽ جيڪو ناشڪري ڪري تو بيشڪ الله تعالىٰ

غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝۱۲ وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا تُشْرِكْ

بي پرواهه سار اهيل آهي. ۽ رسول عربي توهان ياد ڪريو جنهن وقت لقمان پنهنجي پٽ کي جو ۽ هو انهيءَ کي نصيحت ڪئي ته اي منهنجا پٽ تون الله تعالىٰ

بِاللّٰهِ ۭ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ ۝۱۳ وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ

نه شرڪ ڪر، بيشڪ شرڪ عظيم ظلم آهي ۽ اسان انسان کي حڪم ڪيو آهي ته پنهنجي ماءُ سان ڀلائي ڪري.

لہ ۽ لہ ۽ ڪ تفسير النسفي. ڪ جمهور علماء چون ٿا ته تفسير النسفي وتفسير مظهري. ڪ تفسير جلالين.

حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِىْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِىْ

اُن کي سندس ماءُ سختيون برداشت ڪري پيٽ ۾ رکيو ۽ ٻن سالن ۾ اُن کي کير ڇڏايو. (اي انسان) تون منهنجو ۽

وَلِوَالِدَيْكَ ؕ اِلَىَّ الْمَصِيْرُ ﴿۱۴﴾ وَاِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰٓى اَنْ تُشْرِكَ بِىْ

پنهنجي ماءُ پيءُ جو شڪر ڪر، موٽڻ اٿن ڏانهن تو ڪي موٽڻو آهي. ۽ جيڪڏهن اهي بئي تو تي زور ڪن ته تون منهن سان شرڪ ڪر

مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا فِى الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا

جنهن جو تو کي علم ناهي پوءِ تون انهن جي تابعداري نه ڪر ۽ دنيا ۾ ماءُ پيءُ سان نيڪي اختيار ڪر.

وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَىَّ ۚ ثُمَّ اِلَىَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا

۽ تو ڏانهن رسول عربي ۽ صحابه ڪرام جي تابعداري ڪر جيڪي موٽي اٿن ڏانهن موٽيا، اُن کان پوءِ تو ڏانهن موٽڻو آهي، پوءِ آئون تو کي توڙهانجي

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿۱۵﴾ يٰبُنَىَّ اِنَّهَآ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ

عملن جي خبر ڏينداس. (لقمان چيو) اي منهنجا پٽ جيڪڏهن (اُن جي داڻي جيتري ڪا برائي هجي ۽ اها

فَتَكُنْ فِىْ صَخْرَةٍ اَوْ فِى السَّمٰوٰتِ اَوْ فِى الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا

جبل جي هيڻان هجي يا آسمانن ۾ هجي يا زمين ۾ هجي الله تعالىٰ اُن کي

اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ﴿۱۶﴾ يٰبُنَىَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ

آڻيندو، بيشڪ الله تعالىٰ بيحد لطيف (باريڪ بين) خبردار آهي. اي منهنجا پٽ تون نماز قائم ڪر ۽ نيڪيءَ جو

بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ عَلٰى مَآ اَصَابَكَ ؕ اِنَّ

حڪم ڪر ۽ برائيءَ کان روڪ ۽ تو کي جيڪا تڪليف پهچي ان تي صبر ڪر، بيشڪ

ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿۱۷﴾ وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَلَا

اهو همت وارن ڪمن مان آهي. ۽ ماڻهن کان (تڪبر جي ڪري) منهن نه ڦير ۽ زمين

تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ﴿۱۸﴾

تي اڪڙ سان نه هل، بيشڪ الله تعالىٰ اڪڙ ۾ اهلندڙ ۽ فخر ڪندڙ ڪنهن کي پسند نه ٿو ڪري.

۱ تفسير مظهري. ۲ تفسير روح البيان. ۳ تفسير مظهري. ۴ تفسير جلالين.

وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ۭ اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ

۽ تون پنهنجي هلڻ ۾ ميانو روپ ٻنوهل ۽ تون پنهنجو آواز آهستي ڪر، بيشڪ آوازن مان سڀ کان وڌيڪ

لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ۝١٩ اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا ٢٢

خراب آواز گڏهه جو آواز آهي. ڇا توهان نه ڏٺو بيشڪ الله تعالىٰ توهان لاءِ اهي شيون مُسخر ڪيون جيڪي آسمانن

فِي الْاَرْضِ وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً ۭ وَمِنَ النَّاسِ

۽ زمين ۾ آهن ۽ توهان تي پنهنجون ظاهري ۽ باطني نعمتون پورين ڪيون، ۽ مانهن مان ڪي اهڙا آهن

مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ۝٢٠ وَ

جيڪي الله تعالىٰ بابت علم، هدايت ۽ روشن ڪتاب کان سواءِ جهڳڙو ڪن ٿا ۔ ۽

اِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَا وَجَدْنَا

انهن کي جڏهن وقت چيو ويو ٿو ته توهان الله جي نازل ڪيل جي تابعداري ڪريو اهي چون ٿا بلڪ اسين ان جي تابعداري ڪنداسين

عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ۭ اَوَلَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ۝٢١

جنهن تي اسان پنهنجي ڏاڏن کي لڌو آهي، ڇا شيطان انهن کي دوزخ جي عذاب ڏانهن نه ئو سڏي؟

وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ

۽ جنهن مانهو پنهنجي وجود کي الله تعالىٰ جي حوالي ڪيو ۽ اهو نيڪوڪار آهي پوءِ بيشڪ ان مضبوط

بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۭ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ۝٢٢ وَمَنْ كَفَرَ فَلَا

رسيءَ کي پڪڙيو ۽ سڀني ڪمن جي پڇاڙي الله تعالىٰ ڏانهن آهي. ۽ جيڪو مانهو ڪفر ڪري تو پوءِ

يَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ ۭ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ

توهان کي ان جي ڪفر جو ڏک نه ٿئي، انهن جو موٽڻ اسان ڏانهن آهي پوءِ اسين کين سندن عمل بابت آگاهه ڪنداسين، بيشڪ الله تعالىٰ

بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٢٣ نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ

سينن جو علم ڄاڻندڙ آهي. اسين انهن کي ٿورو نفعو ڏيئي ان کان پوءِ انهن کي سخت عذاب ڏانهن

۲۱ = ۲۳

۱ تفسير بيضاوي. ۲ تفسير تنوير المقباس.

غَلِيْظٍ ﴿٢٣﴾ وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ

گرفتار كندا سين. ۽ جيڪڏهن توهان انهن کان سوال ڪندا تہ آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي، اهي ضرور چوندا

اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٥﴾ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ

تہ الله، رسول عربي توهان کي فرمايو سڀني تعريفون الله لاءِ آهن، پر اڪثر انهن ماڻهن ڄاڻن. الله تعالىٰ لاءِ آهي جيڪو ڪجهه آسمانن

وَالْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢٦﴾ وَلَوْ اَنَّ مَا فِي الْاَرْضِ

۽ زمين ۾ آهي، بيشڪ الله تعالىٰ ئي غني (۽) سارا هيل آهي. ۽ جيڪڏهن بالفرض اهي سڀئي وڻ جيڪي سڀني

مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ

زمين ۾ آهن انهن کي قلم بنائجي ۽ ستن سمندن کي مس بنائجي

اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿٢٧﴾

تڏهن به الله تعالىٰ جي تعريف کڻي نہ ٿي سگهي، بيشڪ الله تعالىٰ غالب حڪمت وارو آهي.

مَا خَلْقُكُمْ وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿٢٨﴾

توهان جو پيدا ڪرڻ ۽ توهان جو ٻيهر جيئري ڪرڻ هڪ نفس (انسان) وانگر آهي بيشڪ الله تعالىٰ ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ وَ

(اي ٻڌندڙ) ڇا تو نہ ڏٺو تہ بيشڪ الله تعالىٰ رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽

سَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۙ كُلٌّ يَّجْرِيْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّاَنَّ اللّٰهَ

سج ۽ چند کي مسخر ڪيو، هر هڪ پنهنجي مقرر جاءِ تائين هلن ٿا ۽ بيشڪ الله تعالىٰ

بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ

توهان جي سڀني عملن کان خبردار آهي. اهو ان ڪري جو بيشڪ الله تعالىٰ ئي حق آهي ۽ بيشڪ اهي ان کان سواءِ جن

مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ تَرَ ع ٣ ١٣ ٢

(بتن) جي عبادت ڪن ٿا (اهي) باطل آهن، ۽ بيشڪ الله تعالىٰ ئي بلند (۽) وڏو آهي. (اي ٻڌندڙ) تو نہ ڏٺو تہ

اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِيْ فِي الْبَحْرِ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ

بيشڪ سمنڊ ۾ الله تعالىٰ جي نعمت سان ٻيڙي هلي ٿي، ان لاءِ ته توهان کي اهو ڏيکاري جو ڪجھ نشانيون ڏيکاري بيشڪ

فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۳۱﴾ وَاِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ

انهيءَ ۾ هر صبر ۽ شڪر ڪندڙ لاءِ يقيناً نشانيون آهن. ۽ جڏهن وقت ڄڻڪ جيڏيون چوليون

كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ

انهن کي ڍڪين ٿيون ته (ان وقت) اهي سچي دل سان الله تعالىٰ کي پڪارين ٿا. پوءِ الله تعالىٰ جڏهن انهن کي

اِلَى الْبَرِّ فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ؕ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ

زمين ڏانهن نجات ڏي ٿو پوءِ انهن مان ڪي وچ ڙرا آهن ۽ اسانجي آيتن جو انڪار نٿا ڪن مگر ڏاڍا غدار

كَفُوْرٍ ﴿۳۲﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ

(۽) ناشڪرا. اي انسانو توهان پنهنجي رب کان خوف ڪريو ۽ ان ڏينهن (قيامت) کان ڈڄو

وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ ۫ وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ

جنڌهن والد پنهنجي اولاد کي بچائي نه سگهي ۽ نه اولاد پنهنجي والد تان ڪاڏي پري ڪري سگهي ٿو، بيشڪ

وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۪ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ

الله تعالىٰ جو وعدو حق آهي، پوءِ دنياجي حياتي توهان کي مغرور نه بنائي، ۽ نه توهان

بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ﴿۳۳﴾ اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ

الله تعالىٰ سان غرور ڪريو. بيشڪ الله تعالىٰ وٽ قيامت جو علم آهي ۽ ڀاڙ مينهن وسائي ٿو.

وَيَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ ؕ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ؕ

۽ ڀاڙ ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجھ پيٽن ۾ اندر آهي، ۽ انسان نه ٿو پوڙي ته اهو سڀاڻي ڇا ڪندو؟

وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ﴿۳۴﴾ ع ۴

۽ انسان کي خبر ناهي ته اهو ڪهڙي زمين ۾ مرندو؟ بيشڪ الله تعالىٰ ڄاڻندڙ خبردار آهي.

لغات القرآن عربی.

اٰیاتها ۳۰ (۳۲) سُوْرَةُ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ (۷۵) رکوعاتها ۳

سورة سجده مکه معکرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ ۳ رکوع ۽ ۳۰ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ ڏاجهارو (آهي).

الٓمّٓ ۚ﴿۱﴾ تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۲﴾ اَمْ

الٓمٓ ۽ ربُّ العالمين جي طرفان قرآن ڪريم نازل ڪيل آهي جنهن ۾ ڪوبه شڪ ناهي. ڇا اهي

يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ

چون ٿا ته قرآن ڪريم کي رسول عربي بنايو آهي، بلڪ اهو ته هن جي رب جي طرفان حق آهي ان لاءِ ته تون انهن قوم کي ڊيڄاريو

اَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ ﴿۳﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْ

جنهن وٽ تو هن کان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ نه آيو ته مَن اُهي هدايت حاصل ڪن. الله تعالیٰ اهو آهي جنهن

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ

آسمانن ۽ زمينن کي ۽ جيڪا (مخلوق) انهن جي وچ ۾ آهي (اها) جنهن ڏينهن ۾ پيدا فرمائي، ان کان پوءِ پاڻ

اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ۭ مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا شَفِيْعٍ ۭ

عرش عظيم تي رونق افروز ٿيو جيئن سندس شان ۽ تان آهي) اي ماڻهو جا ڪافر! توهان لاءِ الله کان سواءِ ڪو مددگار ۽ سفارشي نهي

اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ ﴿۴﴾ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ ثُمَّ

ڇا پوءِ توهان نصيحت نٿا وٺو. اهو پاڻ هر ڪم جي تدبير آسمان کان زمين تائين فرمائي ٿو ۽ اُن کان پوءِ

يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ ﴿۵﴾

هر تدبير ڪيل ڪم اُن ڏانهن قيامت جي ڏينهن موٽندو جنهن جو مقدار توهان جي حساب موجب هزار سال آهي.

ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿۶﴾ الَّذِيْٓ اَحْسَنَ

اهو غيب ۽ حاضر کي ڄاڻندڙ، غالب ۽ ڏاجهارو آهي. الله تعالیٰ اهو آهي جنهن هر شيءِ کي

لہ ۽ ۱۲ تفسير جلالين.

كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ وَبَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ ۝٧ ثُمَّ جَعَلَ

سڀڻو خلقيو ۽ انسان جي خلقت جي ابتدا مٽيءَ مان ڪئي . اُن کان پوءِ اُن جو

نَسْلَهٗ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۝٨ ثُمَّ سَوّٰىهُ وَنَفَخَ فِيْهِ

اولاد هڪ نطفي مان پيدا ڪيو ، ان کان پوءِ ان کي برابر ڪيو ۽ اُن ۾ پنهنجو

مِنْ رُّوْحِهٖ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا

روح ڦوڪيو ۽ الله تعالىٰ توهان لاءِ ڪن ، اکيون ۽ دليون پيدا ڪيون ، توهان تمام

مَّا تَشْكُرُوْنَ ۝٩ وَقَالُوْٓا ءَاِذَا ضَلَلْنَا فِى الْاَرْضِ ءَاِنَّا لَفِىْ

ٿورو ئي شڪر ڪريو ٿا . ۽ اهي چون ٿا ڇا اسين جڏهن وقت زمين ۾ ملي مٽي ٿي ويندا سين ، ڇا بيشڪ اسين (ان وقت)

خَلْقٍ جَدِيْدٍ ؕ بَلْ هُمْ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ كٰفِرُوْنَ ۝١٠

نئين سر دوباره پيدا ٿينداسين ، بلڪ اهي پنهنجي رب جي ملاقات کان انڪار ڪندڙ آهن .

قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِىْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ

رسول عربي توهان فرمايو توهان کي ملڪ الموت ماريندو جيڪو توهان لاءِ مقرر ڪيل آهي اُن کان پوءِ توهان کي

تُرْجَعُوْنَ ۝١١ ع وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ع ١٤

پنهنجي رب ڏانهن موٽايو ويندو . ۽ ڪاش توهان ان وقت ڏسو ها جو اهي سندن رب جي اڳيان مُنهن جهڪائي بيٺا هوندا

رَبَّنَآ اَبْصَرْنَا وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا اِنَّا مُوْقِنُوْنَ ۝١٢

(۽ چوندا) اي اسان جا رب اسان ڏٺو ۽ اسان ٻڌو ، پوءِ تون اسان کي (دنيا ڏانهن) موٽائي اسين نيڪ عمل ڪريون بيشڪ اسين يقين ڪندڙ آهيون

وَلَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا وَلٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ مِنِّىْ

۽ جيڪڏهن اسين چاهيون ها ته هر انسان کي هدايت عطا ڪريون ، پر اسان جو (هي) قول پورو ٿيڻو آهي جو

لَاَمْلَـَٔنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ ۝١٣ فَذُوْقُوْا

آئون يقيناً جهنم کي جن ۽ انسان سڀني سان پري ڇڏيندس . (الله تعالىٰ فرمائيندو) پوءِ توهان (عذاب جو) مزو چکو

(منزل ۵)

له المفردات فی غریب القرآن . ٢ تفسیر جامع البیان . ٣ تفسیر النسفی . ٤ تفسیر جلالین .

بِمَا نَسِيتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۚ اِنَّا نَسِينٰكُمْ وَذُوْقُوْا عَذَابَ

انهي سببان جو توهان هن قيامت جي ڏينهن کي وساري ڇڏيو بيشڪ اسان توهان کي وساري ڇڏيو ۽ توهان پنهنجي بد اعمالي

الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿١٤﴾ اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا

سببان هميشه وارو عذاب چکو ۔ اسان جي قرآن ڪريم تي فقط اهي ماڻهو ايمان رکن ٿا جو جڏهن انهن کي نصيحت

بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿١٥﴾

ڪئي وڃي ٿي تہ اهي سجدي ۾ ڪرن ٿا ۽ پنهنجي رب جي تعريف سان گڏ تسبيح ڪن ٿا ۽ اهي تڪبر نہ ٿا ڪن ۔

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا ۫

(اهي) پنهنجا پاسا بسترن کان ڌري ڪن ٿا (۽) پنهنجي رب کي خوف ۽ طمع مان پڪارين ٿا ۔

وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿١٦﴾ فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّآ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ

۽ جيڪي اسان انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪن ٿا ۔ پوءِ ڪو ماڻهو نٿو ڄاڻي جيڪي نعمتون انهن لاءِ مخفي رکيون

اَعْيُنٍ ۚ جَزَآءً بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٧﴾ اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ

ويون آهن (اها) سندن عملن جي جزا آهي ۔ ڇا پوءِ اهو ماڻهو جيڪو مؤمن آهي اُهو ڪافر جهڙو

فَاسِقًا ۭ لَا يَسْتَوٗنَ ﴿١٨﴾ اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ

ٿي سگهي ٿو؟! (اهي قطعاً) برابر نہ ٿا ٿين ۔ پر اهي ماڻهو جيڪي ايمان آڻن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا پوءِ انهن لاءِ

جَنّٰتُ الْمَاْوٰى ۭ نُزُلًۢا بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾ وَاَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا

جَنّتُ الْمَاْوٰى آهي (اهاسندن) معماني آهي انهيءَ سببان جو نيڪ عمل ڪندا هئا ۔ ۽ پر اهي ماڻهو جيڪي ڪافر ٿيا

فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَآ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَ

پوءِ سندن جاءِ جهنم آهي ۽ جڏهن بہ ان مان نڪرڻ جو ارادو ڪندا تہ ان ۾ ڪين موٽايو ويندو ۽

قِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٠﴾

انهن کي چيو ويندو تہ توهان جهنم جي عذاب جو مزو چکو جنهن کي توهان ڪوڙو سمجهندا هئا ۔

السجدة ۳۲

ان بعضهم يتقدمون وتقدمون

له تفسير جلالين ۔ ڪه المدح في غير القرآن ۔ ڪه مطلب تہ اهي تهجد (منزل ۵) پڙهن ٿا ۔ تفسير روح البيان ۔ ڪه ان بهشتن مان هڪ بهشت جي نالو آهي ۔ تفسير روح البيان ۔

وَلَنُذِيقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْأَدْنَىٰ دُونَ الْعَذَابِ

۽ آخرت جي عذاب کان اڳ ۽ اسين ضرور انهن کي دنيا[1] جو عذاب چکائيندا سين

الْأَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿٢١﴾ وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّن ذُكِّرَ بِآيَاتِ

ڏ مَن اهي موٽن ۔ ۽ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جو ان کي قرآن ڪريم سان

رَبِّهِ ثُمَّ أَعْرَضَ عَنْهَا ۚ إِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِينَ مُنتَقِمُونَ ﴿٢٢﴾ ع ٥

نصيحت ڪجي ٿي پوءِ ان کان انڪار ڪري ، بيشڪ اسين مجرمن کان انتقام وٺندڙ آهيون .

وَلَقَدْ آتَيْنَا مُوسَى الْكِتَابَ فَلَا تَكُن فِي مِرْيَةٍ

۽ بيشڪ اسان موسيٰ کي توراة[2] عطا ڪيو ، پوءِ تون ان جي ملڻ ۾

مِّن لِّقَائِهِ ۖ وَجَعَلْنَاهُ هُدًى لِّبَنِي إِسْرَائِيلَ ﴿٢٣﴾ وَ

ڪو شڪ نه ڪر يعني اسان اُن (توراة) کي بني اسرائيل لاءِ هدايت ڪري موڪليو ۽

جَعَلْنَا مِنْهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوا ۖ وَ

جڏهن[3] انهن صبر ڪيو تڏهن اسان انهن مان ڪجهه اڳواڻ بنايا جيڪي اسان جا حڪم هدايت ڪندا هئا ، ۽

كَانُوا بِآيَاتِنَا يُوقِنُونَ ﴿٢٤﴾ إِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ

اهي اسان جي آيتن تي يقين رکندا هئا . بيشڪ تنهنجو رب اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن انهن جي

الْقِيَامَةِ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٢٥﴾ أَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ

وچ ۾ فيصلو فرمائيندو جن ڪمن ۾ اهي اختلاف ڪندا هئا . چا (ڪفار مڪه لاءِ) اها ڳالهه ظاهر نه ٿي

أَهْلَكْنَا مِن قَبْلِهِم مِّنَ الْقُرُونِ يَمْشُونَ فِي مَسَاكِنِهِمْ ۚ

جو انهن کان اڳين ڪيترين امتون اسان هلاڪ ڪيون (اهي) انهن جي گهرن ۽ تان لنگهن ٿا ،

إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ ۖ أَفَلَا يَسْمَعُونَ ﴿٢٦﴾ أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا نَسُوقُ

بيشڪ انهيءَ ۾ نشانيون آهن ، چا پوءِ اهي نه ٿا ٻڌن . چا اهي نه ٿا ڏسن بيشڪ اسين

۱ تفسير مظهري ۔ ۲ تفسير جلالين ۔ ۳ تفسير روح البيان ۔

الْمَآءَ اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا تَاْكُلُ مِنْهُ

ويڙان زمين ڏانهن پاڻي ڪي هلايون ٿا، پوءِ اسين ان مان پوکون پيدا ڪريون ٿا جو اُن مان

اَنْعَامُهُمْ وَاَنْفُسُهُمْ ؕ اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ ﴿۲۷﴾ وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى

انهن جا چوپايا جانور ۽ اهي پاڻ کائن ٿا، ڇا پوءِ اهي نه ٿا ڏسن . ۽ ڪفار مڪه چون ٿا ته هي

هٰذَا الْفَتْحُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۸﴾ قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا

فيصلو ڪڏهن ٿيندو؟ جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو . رسولِ عربي توهان کي فرمايو ته فيصلي جي ڏينهن

يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِيْمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ ﴿۲۹﴾

ڪافرن کي سندن ايمان آڻڻ ڪين ڪو نفعو نه ڏيندو ، ۽ نه ئي انهن کي مُهلت ڏني ويندي.

فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ ﴿۳۰﴾ ع

پوءِ توهان انهن کان پاسو ڪريو ۽ توهان انتظار ڪريو بيشڪ اهي انتظار ڪندڙ آهن.

الثلثة

ع ۳ ۵ ۴

اٰيَاتُهَا ۷۳ (۳۳) سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ مَدَنِيَّةٌ (۹۰) رُكُوْعَاتُهَا ۹

سورة احزاب مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ ۹ رڪوع ۽ ۷۳ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان بي جهاڙو (آهي).

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

اي رسولِ عربي توهان تقويٰ ۾ ثابت[1] قدم رهو ۽ ڪافرن ۽ منافقن جي ڪابه نه ٻڌو ، بيشڪ الله تعالىٰ

كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿۱﴾ وَّاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

علم رکندڙ حڪمت وارو آهي . ۽ توهان وحيءَ ربّاني جي تابعداري ڪريو ، بيشڪ الله تعالىٰ

كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ﴿۲﴾ وَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ

توهان جي عملن کان خبردار آهي . ۽ رسولِ عربي توهان الله تعالىٰ تي توڪل ڪريو ۽ الله تعالىٰ بهترين

[1] تفسير روح البيان . [2] تفسير مظهري . [3] تفسير النسفي .

وَكِيلًا ﴿٣﴾ مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ۚ وَمَا جَعَلَ

کارساز آهي. الله تعالیٰ کنهن انسان جي سيني ۾ ٻه دليون نه رکايون آهن، ۽ الله تعالیٰ توهان جي

اَزْوَاجَكُمُ الّٰٓـِٔيْ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ وَمَا جَعَلَ اَدْعِيَآءَكُمْ

گهرواريون کي توهان جون مائرون نه ڪيو آهي جن سان توهان ظهار ڪريو ٿا، ۽ الله تعالیٰ توهان جي نيايل پٽن کي توهان جو

اَبْنَآءَكُمْ ۭ ذٰلِكُمْ قَوْلُكُمْ بِاَفْوَاهِكُمْ ۭ وَاللّٰهُ يَقُوْلُ الْحَقَّ وَهُوَ

حقيقي پٽ نه بنايو آهي، اهائي توهان جي زباني گالهه آهي، ۽ الله تعالیٰ حق فرمائي ٿو ۽ اهو

يَهْدِي السَّبِيْلَ ﴿٤﴾ اُدْعُوْهُمْ لِاٰبَآئِهِمْ هُوَ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ

سڌين رستي تي هلائي ٿو. توهان انهن (نيايل پٽن) کي سندن پيئرن جي نالي سان سڏيو، الله تعالیٰ وٽ بالڪل صحيح آهي، پوءِ

لَّمْ تَعْلَمُوْٓا اٰبَآءَهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ وَمَوَالِيْكُمْ ۭ وَلَيْسَ

جيڪڏهن توهان انهن جي پيئرن کي نه ڄاڻو، پوءِ اهي توهان جا ديني ڀاءُ ۽ توهان جا سوٽ آهن، ۽ جيڪا توهان

عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيْمَآ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ ۙ وَلٰكِنْ مَّا تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ۭ

(هن کان اڳ) غلطي ڪئي اُن جو توهان تي ڪو گناهه ناهي، گناهه ته عمداً دلي ارادي سان ڪيل عمل جو ٿئي ٿو

وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥﴾ اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ

۽ الله تعالیٰ بخشيندڙ ۽ ڀاجهارو آهي. رسول عربي (دين ۾ دنيا جي ٻين ڪمن ۾) مؤمنن کي سندن جانن کان ويجهو حقدار قريب

وَاَزْوَاجُهٗٓ اُمَّهٰتُهُمْ ۭ وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ

آهي ۽ رسول عربي جو گهرواريون مؤمنن جون مائرون آهن، ۽ رشتيدار لوح محفوظ ۾ ٻين مؤمنن ۽

كِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ اِلَّآ اَنْ تَفْعَلُوْٓا اِلٰٓى

مهاجرن جي به نسبت هڪ ٻئي کي ويجهڪ قريب آهن، مگر توهان پنهنجي دوستن سان

اَوْلِيٰٓئِكُمْ مَّعْرُوْفًا ۭ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿٦﴾

(ورثي ۾) ڪائيڪي ڪريو. اها گالهه لوح محفوظ ۾ لکيل آهي.

ظهار: هي آهي جو ڪو مرد پنهنجي زال کي چوي ته تون منهنجي لاءِ (منزل ۵) منهنجي ماءُ وانگر حرام آهين. شريعت موجب ظهار طلاق ناهي پر ڪفارو ادا ڪرڻ کان سواءِ جماع ڪرڻ حرام آهي. ڪفارو ڏسڻ لاءِ سورة مجادلة جي شروع ۾ ڏسو. از تفسير مظهري.

وَإِذْ أَخَذْنَا مِنَ النَّبِيِّينَ مِيثَاقَهُمْ وَمِنكَ وَمِن نُّوحٍ وَإِبْرَاهِيمَ

۽ رسول مڙي توهان اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اسان نبين کان ميثاق (پڪو واعدو) ورتو ۽ توهان کان ۽ نوح کان ۽ ابراهيم کان

وَمُوسَىٰ وَعِيسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۖ وَأَخَذْنَا مِنْهُم مِّيثَاقًا غَلِيظًا ﴿٧﴾

۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ بن مريم کان (ميثاق ورتو)، ۽ اسان انهن کان مضبوط ميثاق ورتو.

لِّيَسْأَلَ الصَّادِقِينَ عَن صِدْقِهِمْ ۚ وَأَعَدَّ لِلْكَافِرِينَ عَذَابًا

تہ پيغمبرن کان (رسالت جي تبليغ بابت) ضرور سوال پڇيو ويندو، ۽ الله تعالىٰ، ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب

أَلِيمًا ﴿٨﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اذْكُرُوا نِعْمَةَ اللَّهِ عَلَيْكُمْ إِذْ

تيار ڪيو آهي. اي مؤمنو! توهان الله تعالىٰ جون الهي نعمتون ياد ڪريو جيڪي ان توهان تي ڪيون آهن جنهن وقت

جَاءَتْكُمْ جُنُودٌ فَأَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا وَجُنُودًا لَّمْ تَرَوْهَا ۚ

توهان وٽ (ڪافرن جو) لشڪر آيو پوءِ اسان انهن تي طوفان ۽ اهو لشڪر (ملائڪن جو) موڪليو جيڪو توهان نہ ڏٺو.

وَكَانَ اللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ بَصِيرًا ﴿٩﴾ إِذْ جَاءُوكُم مِّن فَوْقِكُمْ وَمِنْ

۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. جنهن وقت (لشڪر) توهان جي مٿين ۽ هيٺين

أَسْفَلَ مِنكُمْ وَإِذْ زَاغَتِ الْأَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوبُ الْحَنَاجِرَ

پاسي کان آيو ۽ اُن وقت (توهان جون) اکيون هيڏي ڏي ويون ۽ دليون ڳلن تائين پهتيون

وَتَظُنُّونَ بِاللَّهِ الظُّنُونَا ﴿١٠﴾ هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُونَ وَزُلْزِلُوا

۽ توهان الله تعالىٰ بابت (اميد ۽ نااميد) جاگمان ڪرڻ لڳا، ان جاءِ تي مؤمنن کي امتحان ورتو ويو ۽ ڏاڍي سخت

زِلْزَالًا شَدِيدًا ﴿١١﴾ وَإِذْ يَقُولُ الْمُنَافِقُونَ وَالَّذِينَ فِي قُلُوبِهِم

پريشان ڪيو پيو. ۽ ان وقت منافق ۽ جن ماڻهن جي دلين ۾ مرض هو انهن چيو

مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللَّهُ وَرَسُولُهُ إِلَّا غُرُورًا ﴿١٢﴾ وَإِذْ قَالَت طَّائِفَةٌ

ته الله ۽ الله جي رسول اسان سان فتح جو ڪوڙو وعدو ڪيو آهي. ۽ جنهن وقت انهن مان هڪ گروهه چيو

ع ١٥

١ تفسير الشوڪاني. ٢ تفسير جلالين. ٣ تفسير بيضاوي و (منزل ٥) تفسير جلالين ٤ تفسير الشوڪاني. ٥ تفسير جلالين.

مِّنْهُمْ يٰٓاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ۚ وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ

تہ اي مدينہ جا رهاکوهتي توهان جي جاءِ ناهي پوءِ توهان موٽي وڃو ۽ انهن مان هڪڙي فريق (منافق) رسول عربي

مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ۛ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۛ اِنْ

کان اجازت وٺن ٿا چون ٿا ته بيشڪ اسان جا گهر اڪيلا آهن، ۽ سندن گهر اڪيلا ناهن ، اهي

يُّرِيْدُوْنَ اِلَّا فِرَارًا ﴿١٣﴾ وَلَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِّنْ اَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا

(جهاد کان) فرار ٿيڻ چاهين ٿا ۔ ۽ جيڪڏهن مدينہ جي طرف کان انهن تي لشڪر اچي ها ان کان پوءِ اهي انهن کان

الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوْا بِهَآ اِلَّا يَسِيْرًا ﴿١٤﴾ وَلَقَدْ كَانُوْا عَاهَدُوا

ڪفر ڏانهن هاڻ ضرور ايئن ڪن ها ۽ نه رهيا مدينہ ۾ مگر ٿوري دير ۽ بيشڪ انهيءَ کان اڳ ۾ اهي الله تعالىٰ

اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّوْنَ الْاَدْبَارَ ۭ وَكَانَ عَهْدُ اللّٰهِ مَسْـُٔوْلًا ﴿١٥﴾

سان وعدو ڪري چڪا هئا ته اهي پٺي ورائي ڪون پهندا ، ۽ الله تعالىٰ سان ڪيل وعدي جي پڇا ڪئي ويندي.

قُلْ لَّنْ يَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِ الْقَتْلِ وَاِذًا

رسول عربي توهان فرمايو توهان کي فرار ٿيڻ هرگز فائدو نه ڏيندو جيڪڏهن توهان موت يا قتل کان پهندا ۽ ان حالت ۾

لَّا تُمَتَّعُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿١٦﴾ قُلْ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَعْصِمُكُمْ مِّنَ اللّٰهِ

توهان تمام ٿورو فائدو ويندي سگهو ٿا ۔ رسول عربي توهان فرمايو توهان کي الله تعالىٰ جي حڪم کان ڪير بچائي سگهي ٿو

اِنْ اَرَادَ بِكُمْ سُوْۗءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ۭ وَلَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ

جيڪڏهن اهو توهان لاءِ برائي يا پڇاڙي جو ارادو ڪري ٿو ۔ ۽ اهي الله تعالىٰ کان سوا ۽

دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ﴿١٧﴾ قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ

ڪو دوست ۽ مددگار نه ٿا لهن . بيشڪ توهان مان الله تعالىٰ انهن ماڻهن کي ڄاڻي ٿو جيڪي جهاد کان روڪين ٿا

وَالْقَاۗىِٕلِيْنَ لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ اِلَيْنَا ۚ وَلَا يَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا

۽ اهي پنهنجي ڀائرن کي چون ٿا ته توهان اسان ڏانهن هليا اچو، ۽ اهي جنگ ۾ نه ٿا اچن مگر

قَلِيلًا ﴿١٨﴾ أَشِحَّةً عَلَيْكُمْ ۚ فَإِذَا جَاءَ الْخَوْفُ رَأَيْتَهُمْ يَنظُرُونَ

ٿورڙا. ٿوهان لاءِ اهي سخت بخيل آهن. پوءِ جنهن وقت خوف اچي ٿو ته ٿوهان انهن کي ڏسندا ته

إِلَيْكَ تَدُورُ أَعْيُنُهُمْ كَالَّذِي يُغْشَىٰ عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۖ فَإِذَا

اهي پنهنجون اکيون (خوف سبب) ڦيرائيندا، ان ماڻهو وانگر جنهن تي موت اچي ويو هجي. پوءِ جنهن وقت

ذَهَبَ الْخَوْفُ سَلَقُوكُم بِأَلْسِنَةٍ حِدَادٍ أَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ ۚ أُولَٰئِكَ

خوف هليو ويندو ته فوراً اهي مال غنيمت جي لالچ ۾ پنهنجي زبانن سان ٿوهان کي طعنا هڻندا، انهن ماڻهن

لَمْ يُؤْمِنُوا فَأَحْبَطَ اللَّهُ أَعْمَالَهُمْ ۚ وَكَانَ ذَٰلِكَ عَلَى اللَّهِ يَسِيرًا ﴿١٩﴾

ايمان نه آندو، پوءِ الله تعالىٰ انهن جا عمل چٽ ڪري ڇڏيا، ۽ اها ڳالهه الله تعالىٰ لاءِ آسان آهي.

يَحْسَبُونَ الْأَحْزَابَ لَمْ يَذْهَبُوا ۖ وَإِن يَأْتِ الْأَحْزَابُ يَوَدُّوا

(اهي منافق) پائين ٿا ڪافرن جو لشکر اڃان نه ويو آهي. ۽ جيڪڏهن اهو لشکر ٻيڙي دفعي اچي ته اهي ارادو ڪن ٿا

لَوْ أَنَّهُم بَادُونَ فِي الْأَعْرَابِ يَسْأَلُونَ عَنْ أَنبَائِكُمْ ۖ وَلَوْ كَانُوا

ته ڪاش اهي ڳوٺاڻي ۾ وڃي (امن سان رهن ها) ۽ مدينه مان ايندڙ ماڻهن کان ٿوهان جون خبرون معلوم ڪن ها، ۽ جيڪڏهن اهي

فِيكُم مَّا قَاتَلُوا إِلَّا قَلِيلًا ﴿٢٠﴾ لَّقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُولِ اللَّهِ أُسْوَةٌ ٢ ع ١٨

ٿوهان ۾ رهجن ها ته جنگ ڪن ها مگر ٿورڙا. بيشڪ ٿوهان لاءِ رسول عربي ﷺ جي تابعداري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي

حَسَنَةٌ لِّمَن كَانَ يَرْجُو اللَّهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ وَذَكَرَ اللَّهَ كَثِيرًا ﴿٢١﴾

بهتري آهي اُن شخص لاءِ جيڪو الله تعالىٰ ۽ قيامت جي اُميد رکي ٿو ۽ الله تعالىٰ کي گهڻو ياد ڪري ٿو.

وَلَمَّا رَأَى الْمُؤْمِنُونَ الْأَحْزَابَ قَالُوا هَٰذَا مَا وَعَدَنَا اللَّهُ وَرَسُولُهُ

۽ جڏهن مؤمن ڪافرن جا لشڪر ڏٺا، مؤمن چيو هي اُهو آهي جيڪو الله ۽ الله جي رسول وعدو فرمايو

وَصَدَقَ اللَّهُ وَرَسُولُهُ ۚ وَمَا زَادَهُمْ إِلَّا إِيمَانًا وَتَسْلِيمًا ﴿٢٢﴾

۽ الله تعالىٰ ۽ الله جي رسول سچ فرمايو، ۽ انهيءَ سان مؤمنن جو ايمان ۽ رضامندو زياده ٿيو.

١ تفسير مظهري. ٢ تفسير ڪبير للعلامه رازي. ٣ تفسير الصفي وتفسير مظهري وتفسير جلالين. ٤ تفسير جلالين.

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ ۚ فَمِنْهُمْ

مؤمنن مان ڪي اهڙا مرد آهن جن الله تعالىٰ سان ڪيل وعدو سچو ڪيو، پوءِ ڪي انهن مان

مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ۖ وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ﴿۲۳﴾

شهيد ٿيا ۽ ڪي انهن مان شهادت لاءِ منتظر آهن. ۽ (انهن ۾) ڪنهن قسم جي تبديلي نہ آئي.

لِّيَجْزِيَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ

ان لاءِ تہ الله تعالىٰ سچن کي سندن سچ جي جزا ڏي ۽ منافقن کي عذاب ڪري، جيڪڏهن چاهي

اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۚ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۲۴﴾ وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ

يا انهن تي ورِي (جيڪڏهن توبہ تائب ٿيا) بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ الله تعالىٰ، ڪافرن کي

كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ۚ وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ۚ

موٽايو ان حال ۾ جو اهي سخت ڪاوڙ ۾ هُئا (۽) ڪنهن خير کي نہ پهتا، ۽ جنگ ۾ الله تعالىٰ مؤمنن جي مڪمل مدد ڪئي.

وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا ﴿۲۵﴾ وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ

۽ الله تعالىٰ وڏي طاقت وارو غالب آهي. ۽ الله تعالىٰ اهل ڪتاب (يهودين) کي سندن

الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا

مضبوط قلعن مان هيٺ لاٿو ۽ انهن جي دلين ۾ رعب وڌو، (پوءِ انهن مان) هڪ فريق

تَقْتُلُوْنَ وَتَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ﴿۲۶﴾ وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ

کي توهان قتل ڪريو ٿا ۽ هڪ گروهہ کي توهان قيد ڪريو ٿا. ۽ الله تعالىٰ توهان کي انهن جي زمين ۽ انهن جي گهرن

وَاَمْوَالَهُمْ وَاَرْضًا لَّمْ تَطَئُوْهَا ۚ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

۽ انهن جي مالن ۽ ان زمين جو وارث بنايو جنهن تي توهان جا ايتاپير نہ پهتا هُئا. ۽ الله تعالىٰ هر شيءِ تي

قَدِيْرًا ﴿۲۷﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ

قادر آهي. اي سچا نبي توهان پنهنجي ٻيبين کي فرمايو تہ جيڪڏهن توهان دنيا جي حياتي ۽ ان جي زينت

ع ۱۳ ۷ ۲ ۹

۱ حضرت حمزي، حضرت مصعب بن عمير ۽ حضرت انس بن نضر رضي الله عنهم شهيد ٿيا ۽ حضرت عثمان، حضرت طلحه ۽ حضرت سعيد بن زيد رضي الله عنهم شهادت جا منتظر رهيا. از تفسير بيضاوي و تفسير مظهري. ۲ ۵ تفسير النسفي. ۳ ۵ تفسير روح البيان.

الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ أُمَتِّعْكُنَّ وَأُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا

کي پسند ڪريو ٿيون، ۽ توهان اچو تہ آئون توهان کي سلمان (ڏي ڪپڙا) ڏيان ۽ آئون توهان کي سهڻي نموني سان

جَمِيْلًا ﴿٢٨﴾ وَإِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ

ڇڏي ڏيان . ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ الله جي رسول ۽ آخرت جي گهر کي پسند ڪريو ٿيون

فَإِنَّ اللّٰهَ أَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ أَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ يٰنِسَآءَ

۽ بيشڪ الله تعالىٰ توهان ۾ سڀني نيڪوڪار (بيبين) لاءِ اجر عظيم تيار ڪيو آهي. اي نبيءَ جون

النَّبِيِّ مَنْ يَّأْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا

بيبيون توهان مان جيڪڏهن ڪنهن (بالفرض) رسول عربيءَ جي نافرماني ڪئي تہ ان لاءِ (بين عورتن جي پيڻ ۾)

الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾

ٻيڻون عذاب ڪيو ويندو ، ۽ اهو الله تعالىٰ لاءِ (نهايت) آسان آهي.

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ

۽ توهان مان جيڪا الله تعالىٰ ۽ الله جي رسول جي تابعداري ڪري ٿي ۽ عمل صالح ڪري ٿي تہ اسين ان کي سندس

الجزء ٢٢

اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ

ثواب ٻيڻون ڪري ڏينداسين ، ۽ اسان ان لاءِ بهشت تيار ڪيو آهي . اي نبيءَ جون بيبيون توهان هرگز

كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ

ٻين عورتن جهڙيون ناهيو، جيڪڏهن توهان خوف ڪريو ٿيون ۽ توهان ڳالهائڻ ۾ نرمي نہ ڪريو ۽ طمع رکندو

الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٣٢﴾ وَقَرْنَ فِيْ

اهو شخص جنهن جي دل ۾ مرض آهي ۽ توهان صاف صاف ڳالهايو . ۽ (توهان) ويهنجي

بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ

گهرن ۾ رهو ۽ گذريل جهالت جهڙي بي پردگي نہ ڪريو ۽ (توهان) نماز پڙهو

له من للبيان لا للتبعيض، ترجمه: من جو لفظ عربي گرامر مطابق (منزل ٥) بيان لاءِ آهي ۽ بعض لاءِ نہ آهي. از تفسير فتحي وتفسير بيضاوي.

٢ تفسير مظهري.

الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ أُمَتِّعْكُنَّ وَأُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا

کي پسند ڪريو ٿيون، ۽ توهان اچو تہ آئون توهان کي سلمان (ڏي ڪپڙا) ڏيان ۽ آئون توهان کي سهڻي نموني سان

جَمِيْلًا ﴿٢٨﴾ وَإِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ

ڇڏي ڏيان . ۽ جيڪڏهن توهان الله ۽ الله جي رسول ۽ آخرت جي گهر کي پسند ڪريو ٿيون

فَإِنَّ اللّٰهَ أَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ أَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾ يٰنِسَآءَ

۽ بيشڪ الله تعالىٰ توهان ۾ سڀني نيڪوڪار (بيبين) لاءِ اجر عظيم تيار ڪيو آهي. اي نبيءَ جون

النَّبِيِّ مَنْ يَّأْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا

بيبيون توهان مان جيڪڏهن ڪنهن (بالفرض) رسول عربيءَ جي نافرماني ڪئي تہ ان لاءِ (بين عورتن جي پيڻ ۾)

الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ ۭ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿٣٠﴾

ٻيڻون عذاب ڪيو ويندو ، ۽ اهو الله تعالىٰ لاءِ (نهايت) آسان آهي.

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ

۽ توهان مان جيڪا الله تعالىٰ ۽ الله جي رسول جي تابعداري ڪري ٿي ۽ عمل صالح ڪري ٿي تہ اسين ان کي سندس

الجزء ٢٢

اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا ﴿٣١﴾ يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ

ثواب ٻيڻون ڪري ڏينداسين ، ۽ اسان ان لاءِ بهشت تيار ڪيو آهي . اي نبيءَ جون بيبيون توهان هرگز

كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ

ٻين عورتن جهڙيون ناهيو، جيڪڏهن توهان خوف ڪريو ٿيون ۽ توهان ڳالهائڻ ۾ نرمي نہ ڪريو ۽ طمع رکندو

الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ﴿٣٢﴾ وَقَرْنَ فِيْ

اهو شخص جنهن جي دل ۾ مرض آهي ۽ توهان صاف صاف ڳالهايو . ۽ (توهان) ويهنجي

بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ

گهرن ۾ رهو ۽ گذريل جهالت جهڙي بي پردگي نہ ڪريو ۽ (توهان) نماز پڙهو

له من للبيان لا للتبعيض، ترجمه: من جو لفظ عربي گرامر مطابق (منزل ٥) بيان لاءِ آهي ۽ بعض لاءِ نہ آهي. از تفسير فتحي وتفسير بيضاوي.

٢ تفسير مظهري.

وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ

۽ زکواة ادا کريو ۽ الله تعالیٰ ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري کريو. الله تعالیٰ ته اهوئي چاهي ٿو ته

لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ

رسول ﷺ جي اهل بيت تان هر قسم جي ناپاکائي پري کري ۽ انهن کي چڱيءَ طرح پاک

تَطْهِيْرًا ﴿٣٣﴾ وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ

صاف کري . ۽ توهان اُن کي ياد کريو جيڪي الله جون آيتون ۽ حڪمتون توهان جي گهرن ۾

وَالْحِكْمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ﴿٣٤﴾ اِنَّ الْمُسْلِمِيْنَ

پڙهيون وڃن ٿيون. بيشڪ الله تعالیٰ لطيف (باريڪ بين) خبردار آهي . بيشڪ مسلمان مرد

وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ وَالْقٰنِتِيْنَ وَالْقٰنِتٰتِ

۽ مسلمان عورتون ۽ مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتون ۽ فرمانبردار مرد ۽ فرمانبردار عورتون

وَالصّٰدِقِيْنَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِيْنَ وَالصّٰبِرٰتِ وَ

۽ سچا مرد ۽ سچيون عورتون ۽ صبر ڪندڙ مرد ۽ صبر ڪندڙ عورتون ۽

الْخٰشِعِيْنَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِيْنَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ

نوڙت ڪندڙ مرد ۽ نوڙت ڪندڙ عورتون ۽ خيرات ڪندڙ مرد ۽ خيرات ڪندڙ عورتون

وَالصَّآئِمِيْنَ وَالصّٰٓئِمٰتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَ

۽ روزا رکندڙ مرد ۽ روزا رکندڙ عورتون ۽ پرهيزگار مرد ۽

الْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللّٰهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ ۙ

پرهيزگار عورتون ۽ الله تعالیٰ جو گهڻو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ (گهڻو ذڪر ڪندڙ) عورتون

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٣٥﴾

الله تعالیٰ انهن سڀني لاءِ مغفرت ۽ اجرِ عظيم (بهشت) تيار ڪيو آهي.

له تفسير تنوير المقباس و تفسير ابن عباس. که اهل بيت مان مراد نبي ڪريم جون گهر واريون، سندن ناظرين ڪرم الله وجهه، امام حسن ۽ امام حسين رضي الله تعالیٰ عنهم جن آهن. تفسير مظهري، عقائد جا امام حضرت منصور ماتريدي رحمة الله عليه به ايئن فرمائين ٿا

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ

۽ جڏهن الله تعالىٰ ۽ الله جي رسول ڪنهن ڪم بابت قطعي فيصلو ڏنو آهي تہ ”ڪنهن مؤمن مرد

يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ۭ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ

۽ مؤمن عورت کي اُن معاملي جوکو اختيار نہ آهي، ۽ جيڪو شخص الله تعالىٰ ۽ الله جي رسول جي نافرماني ڪري تہ بيشڪ

ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ۝ وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْٓ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ

اهو صاف گمراهي ۾ گمراهه ٿيو. اي حبيب. تون ياد ڪر جڏهن تون چئي رهيو هئين انهيءَ (حضرت زيد) کي جيڪو جڏهن تي الله تعالىٰ ۽ تون انعام ڪيو

عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللّٰهَ وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ

تہ تون پنهنجي گهر واري (بي بي زينب) ۾ پاڻ وٽ رک ۽ تون الله کان خوف ڪر ۽ تون جنهن ڳالهه کي پاڻ ۾ مخفي ڪري رهيو تا

مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ وَتَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰىهُ ۭ فَلَمَّا

الله تعالىٰ اُن کي ظاهر ڪري ٿو ۽ تون ماڻهن کان خوف ڪري رهيو تا، ۽ الله وڌيڪ حقدار آهي جو تون کان خوف ڪري پوءِ جڏهن

قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ

زَيْدُ ان مان پنهنجي حاجت پوري ڪئي، اسان اُن جو نڪاح توهان سان ڪيو، ان لاءِ تہ مؤمنن تي پنهنجي نپايل

حَرَجٌ فِيْٓ اَزْوَاجِ اَدْعِيَاۗىِٕهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ۭ وَكَانَ

پٽن جي گهر واريون سان (نڪاح ڪرڻ ۾) ڪو حرج نہ ٿئي جڏهن اهي پنهنجي حاجت انهن مان پوري ڪن، ۽ الله تعالىٰ

اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا ۝ مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ

جو حڪم نافذ آهي . رسول عربي تي ان ڳالهه جو ڪو حرج ناهي جيڪا الله تعالىٰ سندن لاءِ مقرر فرمائي

لَهٗ ۭ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۭ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا

آهي، الله تعالىٰ جي سنت اڳين نبين ۾ به جاري هئي ، ۽ الله تعالىٰ جو امر تقديري

مَّقْدُوْرَۨا ۝ الَّذِيْنَ يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَيَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ

آهي . اهي پيغمبر جيڪي الله تعالىٰ جا پيغام پهچائن ٿا ۽ ان کان خوف کن ٿا ۽ الله تعالىٰ کان سوا ۽

له تفسير تنوير المقياس. كه تفسير جلالين. كه تفسير النسفي. كه تفسير بيضاوي وتفسير النسفي. كه تفسير جلالين.

اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا ﴿٣٩﴾ مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ

کنهن کان ڏاڍو جن ، ۽ الله تعالیٰ بهترين حساب ڪندڙ آهي. محمد ڪريم توهان مان ڪنهن مرد جو

مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ

والد مڪرم ناهي پر الله جا سچا رسول ۽ خاتم النبيين آهن ، ۽ الله تعالیٰ هر شيءَ جو

شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٤٠﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا ﴿٤١﴾ وَّ ع ٥

علم رکندڙ آهي . اي مؤمنو توهان الله تعالیٰ جو ذڪر تمام گهڻو ڪريو . ۽ توهان

سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا ﴿٤٢﴾ هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ

صبح ۽ شام ان جي تسبيح پڙهو . اُهوئي آهي جيڪو توڏانئي پنهنجون رحمتون موڪلي ٿو ۽ ان جا ملائڪ توهان جي بخشش طلب

لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَكَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا ﴿٤٣﴾

ڪن ٿا ان لاءِ ته توهان کي اونداهين مان ڪڍي روشني ڏانهن آڻي ، ۽ اهو مؤمنن تي باجهارو آهي .

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ۚ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا ﴿٤٤﴾ يٰۤاَيُّهَا

الله سان ملاقات وقت مؤمنن جي ڪيڪار سلام ٿيندي ، ۽ الله تعالیٰ انهن لاءِ بهشت تيار ڪيو آهي . اي سچا

النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ﴿٤٥﴾ وَّدَاعِيًا اِلَى

نبي ! بيشڪ اسان توهان کي شاهد ۽ مبارڪ ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله تعالیٰ ڏانهن

اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا ﴿٤٦﴾ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ

سندس حڪم مطابق سڏيندڙ ۽ روشن سج ڪري موڪليو . ۽ رسول عربي توهان مؤمنن کي بشارت ڏيو ته بيشڪ الله تعالیٰ

مِّنَ اللّٰهِ فَضْلًا كَبِيْرًا ﴿٤٧﴾ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ

وٽ انهن لاءِ (بهشت ۾) وڏو ثواب آهي. ۽ توهان ڪافرن ۽ منافقن جي اطاعت نه ڪريو ۽ انهن جي تڪليف

اَذٰىهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿٤٨﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ

کي درگذر ڪريو ۽ توهان الله تعالیٰ تي توڪل ڪريو ۽ الله تعالیٰ بهترين ڪارساز آهي. اي مؤمنو

ف رسول عربي آخري نبي آهن ۽ ساڻ ڪريمن کان ٻيو ڪو نبي نه ٿيندو . ف تفسير الڪشاف وتفسير بيضاوي وتفسير جلالين وتفسير ابن عباس وتفسير مظهري . ف تفسير مظهري . ف تنوير المقباس (منزل ٥) وتفسير ابن عباس .

اٰمَنُوْٓا اِذَا نَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ

جڏهن توهان مومن عورتن سان نڪاح ڪريو ٿا ان کان پوءِ توهان انهن کي هٿ لائڻ کان اڳ ئي طلاق

تَمَسُّوْهُنَّ فَمَا لَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَا ۚ فَمَتِّعُوْهُنَّ

ڏيو ٿا تہ پوءِ توهان جي طرفان انهن تي ڪا عدت ناهي جو اُن کي گڻيو ، پوءِ (اهڙين گهرواڻين کي) توهان ڇڏ

وَسَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٤٩﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَا

سامان ڏيو ۽ توهان انهن کي سٺي نموني سان ڇڏي ڏيو. اي پيغمبر بيشڪ اسان توهان لاءِ توهان جون

لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِيْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ

اهي بيبيون حلال ڪيون آهن جن جا توهان مهر ادا ڪيا آهن ۽ اهي عورتون به توهان لاءِ حلال آهن جيڪي

مِمَّآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيْكَ وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ

الله تعالىٰ توهان کي مال غنيمت ڪري ڏنيون آهن ۽ توهان لاءِ توهان جون سوٽون ۽ پڻ توهان ۽ مارو ٽون

خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِيْ هَاجَرْنَ مَعَكَ ۫ وَامْرَاَةً

۽ ماسائون ۽ اهي عورتون جن توهان سان گڏ هجرت ڪئي (حلال آهن) ۽ (ها) مؤمن عورت

مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِيِّ اِنْ اَرَادَ النَّبِيُّ اَنْ

جيڪا (بنا عيوض[1] جي) پنهنجو پاڻ کي رسول عربي ڏانهن حوالي ڪري ، جيڪڏهن رسول عربي اُن سان نڪاح ڪرڻ

يَّسْتَنْكِحَهَا ۡ خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ ۭ قَدْ عَلِمْنَا

جو ارادو رکي تہ، هي خاص توهان لاءِ آهي مؤمنن لاءِ نہ، بيشڪ اسين اهي احڪام[2] جاڻون ٿا

مَا فَرَضْنَا عَلَيْهِمْ فِيْٓ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ

جيڪي اسان مسلمانن تي سندن گهرواڻين ۽ سندن ٻانهين بابت مقرر ڪيا آهن

لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَيْكَ حَرَجٌ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٠﴾

ان لاءِ تہ توهان (رسول عربي) کي ڪا تڪليف نہ پهچي ، ۽ الله تعالىٰ بخشيندڙ ۽ مهربان آهي .

[1] تفسير مظهري ، [2] تفسير جلالين .

تُرْجِيْ مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَتُـْٔوِيْٓ اِلَيْكَ مَنْ تَشَآءُ ؕ وَمَنِ ابْتَغَيْتَ

توهان (رسول عربي) انهن بيبين مان جنهن کي چاهيو اُن کي پاڻ کان پري رکو ۽ جنهن کي چاهيو پاڻ ڏي رکو ۽ جنهن کي توهان ڪنهن ڏينهن پري رکيو

مِمَّنْ عَزَلْتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيْكَ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ تَقَرَّ اَعْيُنُهُنَّ

(ڪاڏي پيٽي وغيره ۾) جدا ڪيو تہ ڪوبہ توهان تي بابت ڪجهہ ناهي، اهو ويجهو آهي جو انهن جون اکيون ٺرن

وَلَا يَحْزَنَّ وَيَرْضَيْنَ بِمَآ اٰتَيْتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ؕ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ

۽ اهي ٽوڪ نہ ڪن ۽ اهي سڀئي ان سان راضي ٿين جيڪو توهان انهن کي ڏنو آهي، ۽ الله توهان جي دلين ۾

مَا فِيْ قُلُوْبِكُمْ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيْمًا حَلِيْمًا ۝٥١ لَا يَحِلُّ لَكَ

جيڪو آهي، ان کي ڄاڻي ٿو، ۽ الله تعالىٰ گهڻو علم رکندڙ ۽ بردبار آهي. رسول عربي هن کان پوءِ توهان لاءِ

النِّسَآءُ مِنْۢ بَعْدُ وَلَآ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ وَّلَوْ

کابہ عورت حلال نہ آهي ۽ انهن بيبين مان توهان کنهن بيبي کي تبديل ڪري نہ ٿا سگهو جيتوڻيڪ

اَعْجَبَكَ حُسْنُهُنَّ اِلَّا مَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى

توهان کي انهن جي خوبصورتي پسند اچي، سواءِ انهن جي جن جا توهان مالڪ آهيو، ۽ الله تعالىٰ هر شيءِ تي

كُلِّ شَيْءٍ رَّقِيْبًا ۝٥٢ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتَ

محافظ آهي . اي مومنو! توهان رسول عربيءَ جي گهرن ۾ نہ وڃو

النَّبِيِّ اِلَّآ اَنْ يُّؤْذَنَ لَكُمْ اِلٰى طَعَامٍ غَيْرَ نٰظِرِيْنَ اِنٰىهُ ۙ

مگر جنهن وقت توهان کي طعام لاءِ سڏ ڪيو وڃي ان وقت جا منتظر نہ ٿجو

وَلٰكِنْ اِذَا دُعِيْتُمْ فَادْخُلُوْا فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَلَا

پر جنهن وقت توهان کي سڏيو وڃي پوءِ توهان وڃو پوءِ جنهن وقت توهان طعام کائي پوءِ توهان باهر نڪرو ۽

مُسْتَاْنِسِيْنَ لِحَدِيْثٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِي النَّبِيَّ

توهان ڪچهري نہ ڪريو، بيشڪ توهان جي اهڙن ڪرتوڪ سان رسول عربيءَ کي ايذاءُ رسي ٿو

ع ٢ ٢٤ ٢

ٱ تفسير جلالين. ٲ تفسير بيضاوي.

فَيَسْتَحْيٖ مِنْكُمْ ۫ وَاللّٰهُ لَا يَسْتَحْيٖ مِنَ الْحَقِّ ؕ وَاِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ

پوءِ پاڻ کريم توهان جو لحاظ کن تا، ۽ الله تعالىٰ حق بيان کرڻ ۾ پرواهه نه ڪري، ۽ توهان جڏهن انهن ڏينهن کان

مَتَاعًا فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ حِجَابٍ ؕ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ وَ

کاشي گهرو ته پوءِ پردي جي ٻاهران (الهاشي) انهن کان طلب کريو، اهو توهان جي ۽ انهن جي دلين لاءِ وڌيڪ

قُلُوْبِهِنَّ ؕ وَمَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَلَآ اَنْ تَنْكِحُوْٓا

پاڪيزه آهي، ۽ توهان لاءِ اهو صحيح نه آهي جو توهان الله جي رسول کي ايذاءُ پهچايو ۽ پاڻ کريمن کان پوءِ

اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖٓ اَبَدًا ؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا ﴿٥٣﴾

توهان سندن ٻيبين سان ڪڏهن به نڪاح نه ڪريو، بيشڪ اها الله تعالىٰ وٽ عظيم (گناهه) آهي.

اِنْ تُبْدُوْا شَيْـًٔا اَوْ تُخْفُوْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا ﴿٥٤﴾

جيڪڏهن توهان ڪا شي ظاهر ڪريو يا ان کي مخفي ڪريو تا، پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءَ کي ڄاڻندڙ آهي.

لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِيْٓ اٰبَآئِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآئِهِنَّ وَلَآ اِخْوَانِهِنَّ

نبي ڪريم جي ٻيبين تي ڪوگناهه ناهي (جواهي) پنهنجي والدن ۽ پنهنجي پٽن ۽ پنهنجي ڀائرن

وَلَآ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا

۽ پنهنجن ڀائٽن ۽ پنهنجي ڀاڻيجن ۽ مؤمنن جي گهروارين ۽ پنهنجي

مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَاتَّقِيْنَ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

ٻانهن کان پردو نه ڪن ۽ توهان الله کان ڊجو. بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءَ تي

شَهِيْدًا ﴿٥٥﴾ اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ

گواه آهي. بيشڪ الله تعالىٰ ۽ الله جا فرشتا رسول عربي تي صلواتون ۽ سلام موڪليندا رهن، اي مؤمنو

اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿٥٦﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ

توهان به پاڻ کريمن تي صلواتون ۽ سلام موڪليندا رهو. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول کي

وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا

ايذائن ٿا، انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله جي لعنت آهي ۽ الله تعالىٰ انهن لاءِ خواريءَ وارو عذاب

مُّهِيْنًا ﴿٥٧﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا

تيار ڪيو آهي. ۽ جيڪي مائڻ مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي ناحق ايذائن ٿا.

اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٥٨﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ

پوءِ بيشڪ اهي پاڻ تي بهتان ۽ صاف گناهه کڻن ٿا. اي رسول عربي توهان

قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَبَنٰتِكَ وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ

پنهنجي گهروارين ۽ پنهنجي نياڻين ۽ مؤمنن جي گهروارين کي فرمايو ته اهي سنڌن پرڏي جو چادر وڪوڙي پنهنجي منهن ۽

مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ ذٰلِكَ اَدْنٰۤى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ وَكَانَ

مٿن کي ويڑهين، اهو ان لاءِ ڏکين سڃاتو وڃي (ته اهي آزاد عورتون آهن) پوءِ کين ايذايو نه وڃي. ۽ الله تعالىٰ

اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٥٩﴾ لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ

گهڻو بخش ڪندڙ مهربان آهي. جيڪڏهن منافق ۽ جن مائڻن جي دلين ۾ مرض آهي

فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْمُرْجِفُوْنَ فِي الْمَدِيْنَةِ لَنُغْرِيَنَّكَ

۽ مدينه ۾ ڪوڙيون گالهيون هلائيندڙ انهن (گالهين) کان روڪجي نه ويا تہ اسين ضرور انهن تي (توهان کي) مسلط

بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَاۤ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٦٠﴾ مَّلْعُوْنِيْنَ ۚ

ڪنداسين، ان کان پوءِ اهي مدينه ۾ توهان جا پاڙيسري نه ڪيا ويندا مگر ٿورڙا. اهي لعنتي آهن.

اَيْنَمَا ثُقِفُوْۤا اُخِذُوْا وَقُتِّلُوْا تَقْتِيْلًا ﴿٦١﴾ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي

اهي جتي هٿ آيا تہ کين پڪڙيو ويندو ۽ سخت سان قتل ڪيو ويندو. اهڙن مائڻن لاءِ الله تعالىٰ

الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ﴿٦٢﴾

جو ان کان اڳ (اهو سلوڪ) طريقو رهيو آهي، ۽ توهان الله جي طريقي ۾ ڪا تبديلي نه لهندا.

له تفسير لمعات القرآن. ٥٥ تفسير جلالين. ٥٥ تفسير بيضاوي. (منزل ٥)

يَسْـَٔلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ ؕ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَمَا

رسول عربي توهان کان قيامت بابت سوال ڪن ٿا، توهان فرمايو قيامت جو علم الله تعالىٰ وٽ آهي، ۽ توهان کي

يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ تَكُوْنُ قَرِيْبًا ﴿٦٣﴾ اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ

ڪنهن ڄاڻايو، شايد قيامت عَنْ قَرِيْبٍ هجي . بيشڪ الله تعالىٰ ڪافرن تي لعنت ڪئي ۽

وَاَعَدَّ لَهُمْ سَعِيْرًا ﴿٦٤﴾ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۚ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا

۽ انهن لاءِ جهنم تيار ڪيو آهي . اهي هميشه هميشه انهيءَ ۾ رهندا، ڪنهن کي دوست ۽ ڪو

وَّلَا نَصِيْرًا ﴿٦٥﴾ يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِى النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَآ

مددگار نه ملندو . ان ڏينهن سندن منهن باهه ۾ ڦيرايا ويندا، اهي چوندا ڪاش اسان

اَطَعْنَا اللّٰهَ وَاَطَعْنَا الرَّسُوْلَا ﴿٦٦﴾ وَقَالُوْا رَبَّنَآ اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا

الله ۽ رسول جي اطاعت ڪريون ها . ۽ اهي چوندا اي اسانجا رب بيشڪ اسان اسانجي ڇڳن مڙسن

وَكُبَرَآءَنَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا ﴿٦٧﴾ رَبَّنَآ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ

۽ وڏن ماڻهن جي اطاعت ڪئي پوءِ انهن اسانکي انهن سڀني راهه کان گمراهه ڪيو، اي اسانجا رب تون انهن تي ٻيڻو عذاب ڪر

وَالْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ﴿٦٨﴾ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا ع ١٠ ٥

۽ تون انهن تي گهڻي تعداد ۾ لعنت ڪر . اي مؤمنو توهان انهن ماڻهن جهڙا نه ٿيو

كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ؕ وَكَانَ عِنْدَ اللّٰهِ

جن موسىٰ کي ايذا ڏني، پوءِ الله تعالىٰ انهن جي ڳالهين کان موسىٰ کي آجو ڪيو، ۽ ياڻ الله تعالىٰ وٽ

وَجِيْهًا ؕ ﴿٦٩﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۙ ﴿٧٠﴾

وڏي مرتبي وارو هو . اي مؤمنو توهان الله تعالىٰ کان ڈجو ۽ توهان صاف ۽ سڌي ڳالهه چئو .

يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ

الله تعالىٰ توهان جا عمل قبول ڪندو ۽ توهان لاءِ توهان جا گناهه بخش ڪندو ۽ جيڪو شخص الله تعالىٰ ۽

[1] تفسير بيضاوي . [2] تفسير جلالين . [3] تفسير لغات القرآن .

رَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿٧١﴾ اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ

ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪري تہ بيشڪ ان کي عظيم ڪاميابي حاصل ٿي. بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن تي

وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا

امانت (نماز ۽ عبادت ۽ غيرها) پيش ڪئي پوءِ انهن (انهيءَ امانت کي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڈڄي ويا ۽ ان کي

الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا ﴿٧٢﴾ لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ

انسان پاڻ تي کنيو، بيشڪ اهو ظالم (۽) جاهل هو (اهو بار ان لاءِ ڪڍايو ويو) ترجمو: الله تعالىٰ منافق مردن

وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ وَيَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى

۽ منافق عورتن ۽ مشرڪ مردن ۽ مشرڪ عورتن تي عذاب ڪري ۽ الله تعالىٰ مؤمن مردن

الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿٧٣﴾ ع

۽ مؤمن عورتن تي ياڄ فرمائي، ۽ الله تعالىٰ گهڻو بخش ڪندڙ ۽ ياڄهارو (آهي).

اٰيَاتُهَا ٥٤ (٣٤) سُوْرَةُ سَبَاٍ مَّكِّيَّةٌ (٥٨) رُكُوْعَاتُهَا ٦

سورة سبا مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ ٦ رڪوع ۽ ٥٤ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ ياڄهارو (آهي).

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَلَهُ الْحَمْدُ

سڀئي تعريفون الله تعالىٰ لاءِ آهن، انهيءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ ان لاءِ آخرت

فِي الْاٰخِرَةِ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿١﴾ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي الْاَرْضِ وَمَا

۾ تعريف آهي، ۽ اهو حڪمت وارو خبردار آهي. اهو ڄاڻي ٿو اُن کي جيڪو زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪو

يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ؕ وَهُوَ الرَّحِيْمُ

اُن مان نڪري ٿو ۽ جيڪو آسمان مان نازل ڪري ٿو ۽ جيڪو انهيءَ ۾ مٿي چڙهي ٿو ۽ اهو ياڄهارو

الْغَفُوْرُ ﴿٣﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ ؕ قُلْ بَلٰى

بخش كندڙ آهي. ۽ كافرن چيو ته اسان تي قيامت نه ايندي، رسولِ عربي توهان فرمايو

وَرَبِّيْ لَتَاْتِيَنَّكُمْ ۙ عٰلِمِ الْغَيْبِ ۚ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ

مون کي منهنجي رب جو قسم آهي ته يقيناً توهان ون قيامت ايندي. هو عالم الغيب آهي، ان کان ذري برابر (کائي) آسمانن

ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا فِي الْاَرْضِ وَلَاۤ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ وَلَاۤ

۽ زمين ۾ غائب ناهي ۽ نه ان کان ننڍي (کائي) ۽ نه ان کان وڏي

اَكْبَرُ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤﴾ ۙ لِّيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

مگر (اهي سڀ) لوح محفوظ ۾ آهن. ان لاءِ ته مؤمنن کي سندن نيڪ عملن جي

الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ ﴿٥﴾ وَالَّذِيْنَ

جزا ڏي. اهي (مؤمن) جن لاءِ بخشش ۽ (جنت ۾) سهڻو رزق آهي. ۽ جيڪي ماڻهو

سَعَوْا فِيْۤ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ ﴿٦﴾

كوشش كن ٿا ته قرآن كريم جي ترديد كن (الهي عاجز ٿيندڙ آهن ۽) انهن لاءِ سخت ڏکوئيندڙ عذاب آهي

وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ

علم وارا ڏسن ٿا ته رسولِ عربي توهان ڏانهن (قرآن كريم) الله تعالىٰ جي طرفان حق سان

هُوَ الْحَقَّ ۙ وَيَهْدِيْۤ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿٧﴾ وَ

نازل كيو ويو آهي، ۽ الله تعالىٰ سڀني رستي ڏانهن هدايت ڏئي ٿو. ۽

قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ اِذَا

كافرن (هڪ ٻئي کي) چيو ڇا اسين توهان کي ان ماڻهوءَ جو ڏس نه ڏيون جيڪو توهان کي ٻڌائي ٿو ته جڏهن وقت

مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمْ لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ ۚ ﴿٨﴾

توهان (مري) ڪڪرا ڪرا ٿي ويندا. بيشڪ توهان (ان وقت) نئين سر پيدا ڪيا ويندا.

لہ تفسیر جلالین. کہ تفسیر النسفی. کہ تفسیر بیضاوی. گہ تفسیر جلالین. گہ تفسیر بیضاوی.

اَفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَمْ بِهٖ جِنَّةٌ ؕ بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ

(اهو چوندڙ الله تعالىٰ تي کوڙهيڻو ٿو يا اُن کي جُنون آهي . بلڪ اهي ماڻهو جيڪي آخرت تي ايمان

بِالْاٰخِرَةِ فِى الْعَذَابِ وَالضَّلٰلِ الْبَعِيْدِ ۝٨ اَفَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا

نٿا آڻن (اُهي) عذاب ۽ پري واري گمراهي ۾ آهن . ڇا انهن نه ڏٺو اُن کي جيڪو

بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ اِنْ نَّشَاْ نَخْسِفْ

انهن جي ڀرپاسان آسمان آهي ۽ جيڪا انهن جي هيٺان زمين آهي . جيڪڏهن اسين چاهيون تہ انهن کي

بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ

زمين ۾ گيهرايون يا اسين انهن تي آسمان جو ٽڪرو ڪيرايون ڇڏيون . بيشڪ انهيءَ ۾

لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ ۝٩ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا ؕ

هر فرمانبردار بانهي لاءِ نشاني آهي . ۽ بيشڪ اسان پنهنجي طرفان داؤد کي پلائي (نبوت) عطا ڪئي .

يٰجِبَالُ اَوِّبِىْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ ۚ وَاَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ ۝١٠ اَنِ اعْمَلْ

اي جبل ، ۽ اي پرندو ، توهان اُن سان گڏ مون ڏانهن موٽو ۽ اسان لوهه کي ان لاءِ نرم ڪيو تہ ان مان زرهون

سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِى السَّرْدِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّىْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

تيار ڪر ۽ تون ان ميڪنڊ اندازي سان جاءِ ۾ هڻ ۽ توهان سڀ نيڪ عمل ڪريو ، بيشڪ آئون توهان جي عمل کي

بَصِيْرٌ ۝١١ وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّرَوَاحُهَا شَهْرٌ ۚ

ڏسندڙ آهيان . ۽ سليمان لاءِ اسان هوا کي مسخر بنايو ، اُها صبح جي وقت هڪ مهيني ۽ شام جي وقت هڪ مهيني جو سفر طئي

وَاَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ ؕ وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ يَّعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ

ڪندي هئي ۽ اسان لاءِ پگھريل تانبي جو چشمو جاري ڪيو ، ۽ جنّ اُن جي اڳيان الله جي حڪم سان ڪم ڪندا

بِاِذْنِ رَبِّهٖ ؕ وَمَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ ۝١٢

هئا ۽ انهن جنن مان جنهن اسان جو حڪم نہ مڃيو اسان ان کي ٻرندڙ باهه جو عذاب چکايو ٿي .

ع ٥ ٨

له ۽ ڪ تفسير جلالين . ڪ تفسير النسفي . ڪ تفسير بيضاوي . (منزل ٥) ش ۽ ڪ تفسير جلالين .

يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَآءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَتَمَاثِيْلَ وَجِفَانٍ كَالْجَوَابِ

جنّ، سليمان لاءِ سندس پسند موجب وڏا قلعا ۽ وڏيون تصويرون ۽ وڏا پيالا تلائن جيڏا

وَقُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ ؕ اِعْمَلُوْٓا اٰلَ دَاوٗدَ شُكْرًا ؕ وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ

۽ وڏيون فٽ ٽيندڙ ديگون تيار ڪنداهئا، آلِ داؤد تو هان عملاً شڪر گذار ٿيو! ۽ منهنجا ٿورڙا بانها عملي طرح

الشَّكُوْرُ ﴿١٣﴾ فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَا دَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ اِلَّا

شڪر گذار آهن. پوءِ جڏهن اسان سليمان ڏانهن موت موڪليوته انهن جنّن کي اها خبر ڪنهن نه ٻڌائي

دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ ۚ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ اَنْ

مگر اُڌوهي، جنهن سليمان جي لٺ کي کاڌو. پوءِ جڏهن سليمان زمين تي آيو جنن کي معلوم ٿيوته

لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِي الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ ؕ ﴿١٤﴾

ڪاش جيڪڏهن اهي غيب ڄاڻن ها ته اهي خواري ۾ واري عذاب ۾ نه رهن ها.

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّشِمَالٍ ؕ

بيشڪ سبا(قبيلي) وارن جي پرائين جاين ۾ (قدرت جي) نشاني آهي. ٻه باغ ساڄي ۽ کاٻي پاسي هئا. (اسان فرمايو)

كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّرَبٌّ

توهان پنهنجي رب جو رزق کائو ۽ ان جا شڪر گذار ٿيو، شهر پاڪ آهي ۽ رب (انهن ڏي)

غَفُوْرٌ ﴿١٥﴾ فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ وَبَدَّلْنٰهُمْ

مهربان آهي. پوءِ انهن ڪفر ڪيو پوءِ اسان انهن تي ٻوڏ موڪلي ۽ بن باغن جي

بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّاَثْلٍ وَّشَيْءٍ مِّنْ سِدْرٍ

عيوض اسان انهن کي ٻه باغ ڏنا (جيڪي ٻئي) کٻڙن ۽ لَڻ جاهُنا ۽ ڪجهه انهن ۾ بيرون ٻه

قَلِيْلٍ ﴿١٦﴾ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا ؕ وَهَلْ نُجٰزِيْٓ اِلَّا

هيون. اها سزا انهن کي اسان سندن ڪفر جي ڪري ڏني، ۽ اسين ڪافرن کي اهڙي طرح جزا

لہ تفسیر جلالین۔

الْكَفُوْرَ ﴿١٧﴾ وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا

ڏيندا آهيون ۔ ۽ اسان انهن (سبا وارن) ۽ شام وارن جي وچ ۾ ظاهرا ڪيترائي ڳوٺ ۽ ڪيترين

قُرًى ظَاهِرَةً وَّقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ ۭ سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَ

ٻي منزلون مقرر ڪيون آهن ۔ توهان ان ۾ راتين جو ۽ ڏينهن جو

اَيَّامًا اٰمِنِيْنَ ﴿١٨﴾ فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا

امن سان سير ڪريو ۔ پوءِ انهن چيو اي اسان جا رب اسان جا سفر ڏور ڪر ۽ انهن پنهنجو پاڻ

اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَمَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

ظلم ڪيو، پوءِ اسان انهن جون ڪهاڻيون (پوين لاءِ عبرت) ڪيون ۽ اسان انهن جي ڳوٺن کي جُدا ڪيو، بيشڪ انهيءَ ۾

لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿١٩﴾ وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ

هر وڏي صابر ۽ شاڪر لاءِ نشانيون آهن ۔ ۽ بيشڪ انهن تي ابليس جو گمان سچو

ظَنَّهٗ فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَمَا كَانَ لَهٗ عَلَيْهِمْ

ٿيو، پوءِ انهن ان جي تابعداري ڪئي مگر مومنن مان هڪ فريق (تابعداري نه ڪئي) ۔ ۽ شيطان جو انهن

مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يُّؤْمِنُ بِالْاٰخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا

تي ڪو تسلط ناهي مگر اهو ان لاءِ ته اسين معلوم ڪريون ته آخرت تي ايمان ڪير ٿو رکي ۽ ڪير ان بابت

فِيْ شَكٍّ ۭ وَرَبُّكَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ﴿٢١﴾ ع قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ

شڪ ۾ آهي، ۽ رسول عربي ٿو چوي ته جو رب هر شيءِ تي محافظ آهي ۔ رسول عربي ٿو فرمائي ته توهان انهن معبودن کي پڪاريو

ع ٢ ٢٢ ٨

مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۚ لَا يَمْلِكُوْنَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَلَا

جن جو توهان کي گمان آهي. اهي آسمانن ۽ زمين ۾ ذري برابر مالڪ ناهن

فِي الْاَرْضِ وَمَا لَهُمْ فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ مِّنْ ظَهِيْرٍ ﴿٢٢﴾

۽ نه انهن جو آسمانن ۽ زمين ۾ ڪو حصو آهي ۽ انهن مان قطعًا الله تعالىٰ جو ڪو مددگار ناهي.

(منزل ٥)

وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ ؕ حَتّٰٓى اِذَا فُزِّعَ عَنْ

۽ الله وٽ سندن سفارش فائدو نه ڏيندو آهي مگر جنهن کي (سفارش جي) پاڻ اجازت ڏي ايستائين جو جنهن وقت اجازت ڏني انهن جي

قُلُوْبِهِمْ قَالُوْا مَاذَا ۙ قَالَ رَبُّكُمْ ؕ قَالُوا الْحَقَّ ۚ وَهُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ ﴿٢٣﴾

دلين تان ڊپ لاٿو ويو، اهي چون ٿا ته توهان جي رب چيو آهي چون ٿا ان سچ فرمايو، ۽ اهو ئي ٻلند (۽) وڏو آهي.

قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ۙ وَاِنَّآ اَوْ اِيَّاكُمْ

رسول عربي توهان فرمايو ته آسمانن ۽ زمينن مان توهان کي رزق ڪير ڏئي ٿو توهان ٿا فرمايو ته الله، ۽ بيشڪ اسين يا اوهين

لَعَلٰى هُدًى اَوْ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ قُلْ لَّا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّآ اَجْرَمْنَا

هدايت تي يا صاف گمراهي ۾ آهيون. رسول عربي توهان فرمايو توهان جي گمان موجب اسانجي گناهن جي توهان کان پڇا ڪا نه ڪبي

وَلَا نُسْـَٔلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿٢٥﴾ قُلْ يَجْمَعُ بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ بَيْنَنَا

۽ نه اسان کان توهان جي عملن بابت پڇا ڪئي ويندي. توهان فرمايو اسانجو رب اسان کي (قيامت جي) ڏينهن گڏ ڪندو ان کان پوءِ اسان جي

بِالْحَقِّ ؕ وَهُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ ﴿٢٦﴾ قُلْ اَرُوْنِيَ الَّذِيْنَ اَلْحَقْتُمْ بِهٖ

وچ ۾ حق سان فيصلو ڪندو ۽ اهو ئي فتاح العليم آهي. توهان فرمايو ته مون کي ته اهي شريڪ ڏيکاريو جن کي توهان الله سان

شُرَكَآءَ كَلَّا ؕ بَلْ هُوَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٧﴾ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً

ملايو آهي، خبردار، بلڪ اهو ئي الله آهي جيڪو غالب حڪمت وارو آهي. ۽ نه موڪليو اسان توهان کي (رسول عربي) مگر سڀني

لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٨﴾ وَ

مانهن لاءِ بشير ۽ نذير ڪري پر اڪثر (مڪي) مانهو نٿا ڄاڻن. ۽ اهي

يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٢٩﴾ قُلْ لَّكُمْ

چون ٿا ته قيامت ڪڏهن ايندي جيڪڏهن توهان سچا آهيو. رسول عربي توهان فرمايو ته

مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ عَنْهُ سَاعَةً وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٠﴾ وَ ع

توهان لاءِ اهڙي ڏينهن جو وعدو آهي جنهن کان توهان هڪ ساعت پوئتي ۽ اڳتي ٿي نه سگهو. ۽

(منزل ٥)

ع ۽ ڪ تفسير جلالين.

قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ بَيْنَ

كافرن چيو اسين هرگز هن قرآن تي ايمان نہ آڻيندا سين ۽ نہ ئي انهن (کتابن) تي جيکي

يَدَيْهِ ؕ وَلَوْ تَرٰۤى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ مَوْقُوْفُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۖۚ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ

اڳيم آيا آهن ۽ ڪاش توهان ظالمن کي ڏٺو ها جڏهن رب وٽ بيهندڙ ڏسوها ، جو اهي هڪ ٻئي تي

اِلٰى بَعْضِ ِۨالْقَوْلَ ۚ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا

گالهيون ٺاهيندا ، تڪبر ڪندڙن کي اهي ماڻهو چوندا جيکي ڪمزور هوندا

لَوْلَاۤ اَنْتُمْ لَكُنَّا مُؤْمِنِيْنَ ﴿۳۱﴾ قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْۤا

تہ جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ اسين ضرور ايمان آڻيندڙ ها. ڪمزورن کي وري اهي ماڻهو چوندا جيکي تڪبر ڪندا هئا

اَنَحْنُ صَدَدْنٰكُمْ عَنِ الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ جَآءَكُمْ بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ ﴿۳۲﴾

تہ ڇا اسان توهان کي هدايت کان روڪيو ان کان پوءِ جو جڏهن وقت (اها هدايت) توهان وٽ آئي بلڪ توهان مجرم هئا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا بَلْ مَكْرُ الَّيْلِ وَ

۽ تڪبر ڪندڙن کي اهي ماڻهو چوندا جيکي ڪمزور هوندا (تہ بلڪ (اسانکي توهانجي) رات ۽ ڏينهن

النَّهَارِ اِذْ تَاْمُرُوْنَنَاۤ اَنْ نَّكْفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجْعَلَ لَهٗۤ اَنْدَادًا ؕ وَاَسَرُّوا

واري فريب روڪيو جڏهن توهان اسان کي حڪم ڪندا هئا تہ الله جو توهان انڪار ڪريو ۽ اسين ان لاءِ شريڪ بنايون ۽ جڏهن

النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ ؕ وَجَعَلْنَا الْاَغْلٰلَ فِيْۤ اَعْنَاقِ الَّذِيْنَ

اهي عذاب ڏسندا تہ سندن دل ۾ ندامت پيدا ٿيندي، ۽ اسين ڪافرن جي ڳچين ۾ لوهي زنجير[1]

كَفَرُوْا ؕ هَلْ يُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَمَاۤ اَرْسَلْنَا فِيْ

وجهندا سين، انهن کي سندن بداعمالين جي جزا ڏني وڃي ٿي . ۽ نہ موڪليو اسان ڪنهن

قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَاۙ اِنَّا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ

ڳوٺ ۾ ڪو پيغمبر مگر اُن ڳوٺ جي وڏن ماڻهن چيو بيشڪ اسين توهان جي رسالت جا

[1] تفسير روح البيان

كَفِرُوْنَ ﴿٣٤﴾ وَقَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ۙ وَّمَا نَحْنُ

انکاري آهيون ۔ ۽ انهن چيو اسين توهان کان مال ۽ اولاد ۾ وڌيڪ آهيون ۽ اسان عذاب

بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٣٥﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ

کيلن مان ناهيون ۔ رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ منهنجو رب جنهن لاءِ چاهي اُن جو رزق وڌائي ۽ گهٽائي

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَمَآ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ع ١٠

ٿو پر اڪثر ماڻهو نه ٿا ڄاڻن ۔ ۽ توهان جا مال ۽ توهان جا اولاد

بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ عِنْدَنَا زُلْفٰٓى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ۚ

توهان کي اسان جي ويجهو ڪري نه ٿا سگهن مگر جنهن ماڻهو ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا.

فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَزَآءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَهُمْ فِي الْغُرُفٰتِ

پوءِ انهن ماڻهن لاءِ سندن عمل کان زياده ثواب آهي ۽ اهي (بهشت جي) مارڙين ۾

اٰمِنُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَالَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ فِي

امن سان هوندا ۔ ۽ جيڪي ماڻهو قرآن ڪريم کي باطل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اهي عذاب

الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٨﴾ قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ

۾ موجود هوندا ۔ رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ منهنجو رب پنهنجي بانهن مان جنهن لاءِ چاهي اوجو رزق

مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ۭ وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ

وڌائي ۽ گهٽائي ٿو ، ۽ جيڪا شي توهان (في سبيل الله) خرچ ڪريو تا پوءِ الله تعالىٰ

يُخْلِفُهٗ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا

توهان کي اُن جو عيوض عطا ڪري ٿو ۽ اهو بهترين رزق ڏيندڙ آهي. ۽ قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ انهن سڀني کي گڏ ڪندو

ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٤٠﴾

اُن کان پوءِ ملائڪن کي فرمائيندو ڇا اهي (ڪافر دنيا ۾) توهان جي عبادت ڪندا هئا.

١ تفسير جامع البيان. ٢ تفسير جلالين. ٣ تفسير ڪمالين. (منزل ٥)

قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ۚ بَلْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ
ملائڪ چوندا تون شرڪ کان پاڪ آهين تون انهن کان نه سانجو مالڪ آهين ، بلڪ اهي جنن جي عبادت
الْجِنَّ ۚ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾ فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ
ڪندا هئا ، انهن مان اڪثر انهن تي يقين رکندا هئا ، پوءِ اڄ ڏينهن توهان مان ڪو به ڪنهن لاءِ
لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا ۭ وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ
نفعي يا نقصان جو مالڪ نه ٿو ٿئي ، ۽ اسين ظالمن کي چونداسين ته توهان باهه جو عذاب چکو
النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا
جنهن کي توهان ڪوڙو سمجهندا هئا . ۽ جڏهن وقت اسان جون صاف صاف آيتون انهن تي
بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ
پڙهيون وڃن ٿيون ، اهي چون ٿا ته اهي مگرهڪ مرد جيڪو توهان کي انهن (معبودن) جي عبادت کان روڪي ٿو
يَعْبُدُ اٰبَاۗؤُكُمْ ۚ وَقَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ۭ وَقَالَ
جن جي عبادت توهانجا ڏاڏا ڪندا هئا ، ۽ ڪافرن چيو ته اهي (قرآن) مگرهڪ ڪوڙ جيڪو ٺاهيل آهي ، ۽ جڏهن
الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَاۗءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٤٣﴾
قرآن ڪريم انهن ڏانهن ڏنو ته ڪافرن چيو ته اهي (قرآن ڪريم) مگر صاف جادو .
وَمَآ اٰتَيْنٰهُمْ مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ
۽ اسان انهن کي ڪو ڪتاب نه ڏنو جنهن کي اهي پڙهن ٿا ۽ اسان انهن ڏانهن توهان کان اڳ ڪنهن
مِنْ نَّذِيْرٍ ﴿٤٤﴾ وَكَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ
پيغمبر نه موڪليو . ۽ انهن کان اڳين ماڻهن به انڪار ڪيو ۽ اهي انهن ماڻهن جي ڏهين حصي تائين به نه پهتا
مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ ۣ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٤٥﴾ قُلْ اِنَّمَآ
جيڪو اسان انهن کي ڏنو هو پوءِ انهن منهنجي پيغمبرن کي ڪوڙو سمجهيو ، پوءِ منهنجو انڪار ڪرڻ ڪيئن ٿيو؟ رسول عربي توهان فرمايو ته

ع ١٥ ١١

١ تفسير الشوڪاني . ٢ تفسير جلالين .

أَعِظُكُم بِوَاحِدَةٍ ۚ أَن تَقُومُوا لِلَّهِ مَثْنَىٰ وَفُرَادَىٰ ثُمَّ تَتَفَكَّرُوا ۚ

آئون توهان کي فقط هڪ نصيحت ڪريان ٿو تہ توهان الله تعالىٰ جي (رضامندي) لاءِ ٻہ ٻہ ۽ اڪيلا اڪيلا ٿي ويهو ان کان پوءِ توهان فڪر ڪريو

مَا بِصَاحِبِكُم مِّن جِنَّةٍ ۚ إِنْ هُوَ إِلَّا نَذِيرٌ لَّكُم بَيْنَ

تہ توهان جي صاحب کي ڪو جنون ناهي ؟ ناهي اهو (پيغمبر) مگر توهان کي ڊيڄاريندڙ آن سخت عذاب

يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيدٍ ﴿٤٦﴾ قُلْ مَا سَأَلْتُكُم مِّنْ أَجْرٍ فَهُوَ

کان جيڪو اڳيان آهي . رسول عربي توهان فرمايو آئون توهان کان جيڪو اجر ورتان تہ پوءِ اهو

لَكُمْ ۖ إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَى اللَّهِ ۚ وَهُوَ عَلَىٰ كُلِّ شَيْءٍ شَهِيدٌ ﴿٤٧﴾

توهان لاءِ آهي ، منهنجو اجر الله تعالىٰ تي آهي ، ۽ اهو هر شيءَ تي شاهد آهي .

قُلْ إِنَّ رَبِّي يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ۚ عَلَّامُ الْغُيُوبِ ﴿٤٨﴾

رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ منهنجو رب حق کي بيان ڪري ٿو (هو) غيبن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي .

قُلْ جَاءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيدُ ﴿٤٩﴾ قُلْ إِن

رسول عربي توهان فرمايو حق اچي ويو ۽ باطل اڳرائي نہ ڪندو ۽ نہ ئي موٽي ايندو . رسول عربي توهان فرمايو جيڪڏهن

ضَلَلْتُ فَإِنَّمَا أَضِلُّ عَلَىٰ نَفْسِي ۖ وَإِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوحِي إِلَيَّ رَبِّي ۚ

آءٌ (بالفرض) گمراهه ٿيس پوءِ آهون پنهنجي لاءِ گمراهه ٿيس ۽ جيڪڏهن آهون هدايت وارو ٿيس پوءِ ان سبب جو موڪليو اٿن منهنجي رب مون ڏي

إِنَّهُ سَمِيعٌ قَرِيبٌ ﴿٥٠﴾ وَلَوْ تَرَىٰ إِذْ فَزِعُوا فَلَا فَوْتَ وَأُخِذُوا

موڪلي آهي ، بيشڪ اهو بڌندڙ (۽) ويجهو آهي . ۽ جيڪڏهن تون ڏسو ها جڏهن اهي گهبرائيندا پوءِ بچي نہ سگهندا ۽ اهي (جتي آهن اتان)

مِن مَّكَانٍ قَرِيبٍ ﴿٥١﴾ وَقَالُوا آمَنَّا بِهِ ۖ وَأَنَّىٰ لَهُمُ التَّنَاوُشُ

ويجهي جاءِ تان پڪڙيا ويندا . ۽ اهي چوندا ايمان آندوسين رسول عربي تي ايمان آندو ۽ اهي لاءِ آخرت ۾ ڪيئن

مِن مَّكَانٍ بَعِيدٍ ﴿٥٢﴾ وَقَدْ كَفَرُوا بِهِ مِن قَبْلُ ۖ وَيَقْذِفُونَ

(ايمان آڻڻ) آسانيءَ سان ٿيندي . ۽ تحقيق انهن ان جو هن کان اڳ انڪار ڪيو . ۽ اهي بنا ڏسڻ جي

ف ٢ ڪذا تفسير روح البيان . ف ٣ ڪذا تفسير بعض القرآن .

بِالْغَيْبِ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿٥٣﴾ وَحِيْلَ بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ مَا يَشْتَهُوْنَ

پري کان نشانو ڪن ٿا ۔ ۽ انھن ۽ انھن جي پسنديدہ شين جي وچ ۾ سنڌ وڌو ويندو

كَمَا فُعِلَ بِاَشْيَاعِهِمْ مِّنْ قَبْلُ ۭ اِنَّهُمْ كَانُوْا فِيْ شَكٍّ مُّرِيْبٍ ﴿٥٤﴾ ع

جيئن ڪ انھن جي اڳين نوٽن سان ڪيو ويو ۔ بيشڪ اھي ڏوڪي ۾ وجھندڙ شڪ ۾ مبتلا آھن ۔

اٰيَاتُهَا ٤٥ (٣٥) سُوْرَةُ فَاطِرٍ مَّكِّيَّةٌ (٤٣) رُكُوْعَاتُهَا ٥

سورۂ فاطر مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي آھي ان ۾ ٥ رڪوع ۽ ٤٥ آيتون آھن ۔

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نھايت مھربان بي جھاڙ (آھي) ۔

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰۗىِٕكَةِ رُسُلًا اُولِيْٓ

سڀ تعريفون الله تعالىٰ لاءِ آھن جيڪو آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ آھي (۽ اھو) ملائڪن کي پيغام رسائيندڙ مقرر ڪيندڙ آھي، انھن جا

اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ ۭ يَزِيْدُ فِي الْخَلْقِ مَا يَشَاۗءُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ

ٻہ ٻہ، ٽي ٽي ۽ چار چار پر آھن ، زياده ڪري ٿو تخليق ۾ جيڪو پاڻ چاھي ۔ بيشڪ الله تعالىٰ

عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿١﴾ مَا يَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ

هر شيءِ تي قادر آھي ۔ الله تعالىٰ جيڪا رحمت مانھن لاءِ کولي ٿو ۽ ان کي کوبہ بند ڪندڙ

لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢﴾

ناھي ۽ پاڻ جنھن کي روڪي ٿو، ۽ ان کان پوءِ کوبہ ان کي کولينڊڙ ناھي ۔ ۽ اھو ئي غالب حڪمت وارو آھي ۔

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ۭ هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللّٰهِ

اي انسانو توھان پاڻ تي الله تعالىٰ جون نعمتون ياد ڪريو، ڇا الله تعالىٰ کانسواءِ ڪو خالق آھي

يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَاۗءِ وَالْاَرْضِ ۭ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ ﴿٣﴾

جيڪو توھان کي آسمان ۽ زمين مان رزق عطا ڪري ٿو؟ ناھي ڪو معبود مگر اھو، پوءِ توھان ڪيڏانھن ڦري رھيا ۔

(منزل ٥)

له تفسير مظهري ۔

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ

۽ جيڪڏهن اهي توهانجي تڪذيب ڪن ٿا ته بيشڪ توهان کان اڳين پيغمبرن جي به تڪذيب ڪئي وئي ۽ الله تعالىٰ ڏانهن سڀئي

الْاُمُوْرُ ۝٤ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ

ڪم موٽايا ويندا. اي انسانو بيشڪ الله تعالىٰ جو وعدو سچو آهي پوءِ توهان کي دنيا جي زندگي ڏوڪي ۾

الدُّنْيَا ۪ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ۝٥ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ

نه وجهي ، ۽ الله تعالىٰ جي باري ۾ (شيطان) توهان کي ڏوڪي نه وجهي . بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي

فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا ؕ اِنَّمَا يَدْعُوْا حِزْبَهٗ لِيَكُوْنُوْا مِنْ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ؕ ۝٦

پوءِ توهان ان کي دشمن ڪري ونڊو ، هو فقط پنهنجي جٿي کي ان لاءِ سڏي ٿو ته اهي جهنمي ٿين

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو انهن لاءِ سخت عذاب آهي ، ۽ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا

لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ۝٧ اَفَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ ع ١٣ ١

انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو ثواب آهي . ڇا پوءِ اهو ماڻهو جنهن لاءِ سندس برا اعمال سينگاريا ويا پوءِ اهي ان کي سٺا ڏسي

فَاِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۖ فَلَا تَذْهَبْ

اچن ٿا ، (اهو مومن جيڪو برابر آهي سڪهن ٿا هر گز) پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ جنهن کي چاهي گمراهه ڪري ۽ جنهن کي چاهي هدايت ڏئي تو پوءِ توهان انهن جي

نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَرٰتٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ ۝٨ وَاللّٰهُ الَّذِيْٓ

(ڪفر ۽ هلاڪت) جو افسوس نه ڪريو ، بيشڪ الله تعالىٰ سندن عملن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي . ۽ الله تعالىٰ اهو آهي

اَرْسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَسُقْنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحْيَيْنَا بِهِ

جيڪو هوائن کي موڪلي ٿو پوءِ اهي ڪڪرن کي هلائن ٿيون پوءِ اسين انهن کي غير آباد شهر ڏي پيار ڪيون ٿا پوءِ اسين غير آباد زمين

الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوْرُ ۝٩ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ

کي ان سان آباد ڪريون ٿا ، اهڙي طرح (آخرت ۾) اٿڻ ٿيندو . جيڪو عزت چاهي ٿو (اهو عزت الله کان گهري) ڇو ته

١ ع ١٣ ١

(منزل ٥)

١ ۽ ٢ تفسير مظهري . ٣ تفسير جلالين .

فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا ؕ اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ

سموري عزت جو مالڪ الله تعالىٰ آهي. انهيءَ ڏانهن پاڪ ڪلام (ڪلمو طيبو ۽ ذڪر وغيره) چڙهي ٿو ۽ اهو عمل صالح کي قبول

يَرْفَعُهٗ ؕ وَالَّذِيْنَ يَمْكُرُوْنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ؕ وَمَكْرُ

فرمائي ٿو. ۽ جيڪي ماڻهو (رسول عربي کي پريشان ڪرڻ لاءِ) خراب ارادا ڪندا آهن تن لاءِ دردناڪ عذاب آهي، ۽ انهن جي

اُولٰٓئِكَ هُوَ يَبُوْرُ ﴿١٠﴾ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ

اها اڪل برباد ٿيندي. ۽ الله تعالىٰ توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو، ان کان پوءِ هڪ قطري مان پيدا ڪيو، ان کان پوءِ

جَعَلَكُمْ اَزْوَاجًا ؕ وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَمَا يُعَمَّرُ

توهان کي ملائڻ ۾ مؤنث بنايو. ۽ ڪنهن به مؤنث کي پيٽ نه ٿو ٿئي ۽ نه ڄڻي ٿي مگر الله جي علم سان. ۽ جنهن پيرسن کي

مِنْ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنْقَصُ مِنْ عُمُرِهٖۤ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿١١﴾

وڏي عمر ڏني وڃي ٿي ۽ جنهن کي ننڍي عمر ڏني وڃي ٿي (اهو سڀڪجهه) لوح محفوظ ۾ آهي. بيشڪ اهو الله تعالىٰ تي آسان آهي.

وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرٰنِ ۖ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَآئِغٌ شَرَابُهٗ وَهٰذَا

۽ ٻئي درياءَ پاڻ ۾ برابر نه ٿا ٿين، هي ميٺو بهترين مٺو آهي (اُن جو) پاڻي وٺندڙ آهي ۽ هي

مِلْحٌ اُجَاجٌ ؕ وَمِنْ كُلٍّ تَاْكُلُوْنَ لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْنَ

کاروتيز کاروآهي. ۽ هرهڪ مان توهان تازو گوشت (مڇي) کائو ٿا ۽ توهان موتي ڪڍو ٿا

حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ فِيْهِ مَوَاخِرَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ

جيڪي توهان (آرائش لاءِ) پائيو ٿا. ۽ توهان اُن ۾ ويڙي ڏسو ٿا جيڪا پاڻي کي چيريندي ٿي ان لاءِ ته توهان ان جو فضل حاصل ڪريو

وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٢﴾ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِي

۽ مَن توهان شڪرگذار ٿيو. رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾

الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۖ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ

داخل ڪري ٿو ۽ سج ۽ چند کي مُسخر (تابعدار) بنايو، هرهڪ مقرر مدي تائين هلي رهيا آهن.

لہ ۽ ڪہ تفسير جلالين. ڪہ تفسير جامع البيان وجلالين. (منزل ٥) ڪہ تفسير جامع البيان. ڪہ تفسير مظهري.

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ؕ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ

اهو توهان جو الله توهان جو رب آهي اُن لاءِ مُلڪ آهي ، ۽ جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ کان سواءِ بُتن جي[1] عبادت ڪن ٿا

مَا يَمْلِكُوْنَ مِنْ قِطْمِيْرٍ ؕ ﴿١٣﴾ اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا يَسْمَعُوْا دُعَآءَكُمْ ۚ

اُهي ڪاڪ جي پردي جا مالڪ ناهن . جيڪڏهن توهان انهن کي سڏيو تہ اهي توهان جو سڏ نہ ٻڌن ،

وَلَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ ؕ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ

۽ جيڪڏهن (بالفرض) ٻڌن ها تہ توهان کي جواب نہ ڏين ها ، ۽ قيامت جي ڏينهن (اهي) پنهنجي شرڪ کان

بِشِرْكِكُمْ ؕ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ ﴿١٤﴾ يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ

بيزاري ڪندا ، ۽ رسول عربي توهان کي الله تعالىٰ وانگر ڪير خبرون نہ ڏيو ٻڌائي . اي انسانو

اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَاللّٰهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿١٥﴾ اِنْ

توهان الله تعالىٰ جا محتاج آهيو ، ۽ الله تعالىٰ ئي بي نياز ساراهيل آهي . جيڪڏهن

يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿١٦﴾ وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ

چاهي توهان کي ختم ڪري ۽ (ٻيو) نئين مخلوق پيدا ڪري . ۽ ائين ڪرڻ الله تعالىٰ لاءِ

بِعَزِيْزٍ ﴿١٧﴾ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ؕ وَاِنْ تَدْعُ مُثْقَلَةٌ

مشڪل ناهي . ۽ ڪو به ماڻهو ڪنهن جو بار نہ کڻندو . ۽ جيڪڏهن ڪوگنهگار پنهنجي بار کڻڻ لاءِ

اِلٰى حِمْلِهَا لَا يُحْمَلْ مِنْهُ شَيْءٌ وَّلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ؕ اِنَّمَا

جيڪڏهن ڪنهن کي سڏيندو تہ اهو سندس بار گناهن جو نہ کڻندو جيتوڻيڪ اهو سندس مائٽ هوندو . رسول عربي

تُنْذِرُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ

توهان تہ فقط انهن ماڻهن کي ڈيهاريو ٿا جيڪي پنهنجي رب کان پرپٽ خوف ڪن ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا ،

وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الْمَصِيْرُ ﴿١٨﴾

۽ جيڪو ماڻهو (گناهن کان) پاڪ ٿئي تہ اهو پنهنجي لاءِ پاڪ ٿئي ٿو ، ۽ الله تعالىٰ ڏانهن موٽڻ آهي .

[1] تفسير جلالين . [2] ۽ تفسير مظهري .

وَمَا يَسْتَوِي الْأَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ﴿١٩﴾ وَلَا الظُّلُمٰتُ وَلَا النُّوْرُ ﴿٢٠﴾

ء کافر ۽ مؤمن پاڻ ۾ برابر ٿي نٿا سگھن. ء کفر ۽ ايمان پاڻ ۾ برابر ٿي نٿا سگھن.

وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ ﴿٢١﴾ وَمَا يَسْتَوِي الْأَحْيَآءُ وَلَا

ء بهشت ۽ دوزخ پاڻ ۾ برابر نٿا ٿي سگھن. ء جيئرا ۽ مئل پاڻ ۾ برابر

الْأَمْوَاتُ ؕ إِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَآ أَنْتَ بِمُسْمِعٍ

ٿي نٿا سگھن. بيشڪ الله تعالىٰ جنهن کي چاهي اُن کي نصيحت ڪري سگهي ٿو، ۽ تون انهن ماڻهن کي ٻڌائيندڙ ناهين

مَّنْ فِي الْقُبُوْرِ ﴿٢٢﴾ إِنْ أَنْتَ إِلَّا نَذِيْرٌ ﴿٢٣﴾ إِنَّآ أَرْسَلْنٰكَ

جيڪي قبرن ۾ (ڪفر ۾) آهن. تون ته پيغمبر آهين. رسول عربي بيشڪ اسان تو ڪي موڪليو

بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ؕ وَإِنْ مِّنْ أُمَّةٍ إِلَّا خَلَا فِيْهَا

بشير ۽ نذير ڪري موڪليو، ۽ ڪا امت اهڑي نه گذري آهي مگر اُن ۾

نَذِيْرٌ ﴿٢٤﴾ وَإِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۚ

پيغمبر موڪليو ويو. ۽ جيڪڏهن اهي تو ڪي نٿا مڃن ته ۽ بيشڪ اڳين امتن به نه مڃيو.

جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ وَبِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ ﴿٢٥﴾

جڏهن انهن وٽ انهن جي پيغمبرن معجزا ۽ آسماني صحيفا (ڪتاب) ۽ روشن ڪتاب آندا.

ع ۳ ۱۴ ۵ ثُمَّ أَخَذْتُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ۖ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿٢٦﴾ ع أَلَمْ تَرَ

ان کان پوء اسان ڪافرن کي پڪڑيو، پوء (ڏسو ته) منهنجو انڪار ڪرڻ ڪيئن ٿيو؟ ڇا تو ڏٺو ته

أَنَّ اللّٰهَ أَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَأَخْرَجْنَا بِهٖ ثَمَرٰتٍ

بيشڪ الله تعالىٰ آسمان مان مينهن نازل ڪيو، پوء اسان ان مان ميوا پيدا ڪريون ٿا

مُّخْتَلِفًا أَلْوَانُهَا ؕ وَمِنَ الْجِبَالِ جُدَدٌ بِيْضٌ وَّحُمْرٌ

جن جا مختلف رنگ آهن، ۽ جبلن ۾ سفيد ۽ ڳاڙها (پ)

۱ تفسير مظهري وتفسير جلالين.

مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهَا وَغَرَابِيْبُ سُوْدٌ ﴿۲۷﴾ وَمِنَ النَّاسِ

مختلف رنگن جا ۽ تيز[1] ڪارا (۽) سخت رستا آهن ۔ ۽ مانڻهن جا

وَالدَّوَآبِّ وَالْاَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ اِنَّمَا

۽ جانورن جا ۽ چوپاين جا اهڙي طرح مختلف رنگ آهن ۽ الله تعالىٰ

يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ ﴿۲۸﴾

جي بانهن مان الله کان اهي ڊجن ٿا جيڪي علم وارا آهن ۽ بيشڪ الله تعالىٰ غالب، بخشيندڙ آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يَتْلُوْنَ كِتٰبَ اللّٰهِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا

بيشڪ جيڪي مانڻو الله تعالىٰ جو ڪتاب پڙهن ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا ۽ جيڪي ڪجهه اسان انهن کي ڏنو آهي

رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً يَّرْجُوْنَ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ ﴿۲۹﴾

انهيءَ مان اهي ڳجهه ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪن ٿا (اهي اُن) واپاري جي اُميد رکن ٿا (جنهن ۾) قطعاً نقصان نالهي.

لِيُوَفِّيَهُمْ اُجُوْرَهُمْ وَيَزِيْدَهُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿۳۰﴾

اُن لاءِ جو الله انهن کي سندن مڪمل اجور وعطا ڪندو ۽ پنهنجي فضل سان کين زياده عطا ڪندو، بيشڪ اهو بخشيندڙ شڪر قبول ڪندڙ آهي

وَالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ

۽ رسول عربي جيڪو قرآن ڪريم اسان توهان ڏانهن وحي ڪيو آهي اهو حق آهي ۽ اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ

يَدَيْهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهٖ لَخَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۳۱﴾ ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ

آهي. بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي بانهن تي يقيناً خبردار ۽ ڏسندڙ آهي. اُن کان پوءِ اسان قرآن ڪريم جا وارث

الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ

اهي مانڻو ڪيا جيڪي اسانجي بانهن مان برگزيده هٿ، پوءِ ڪي انهن مان پاڻ تي ظلم ڪندڙ آهن، ۽ ڪي انهن مان

مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ هُوَ

وچ ۾ رڳو آهن، ۽ ڪي انهن مان الله جي حڪم سان نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن، اهو

[1] ۽ ڪو تفسير جلالين.

الْفَضْلُ الْكَبِيرُ ﴿٣٢﴾ جَنَّاتُ عَدْنٍ يَدْخُلُونَهَا يُحَلَّوْنَ فِيهَا مِنْ

وڏو فضل آهي . بهشت جا باغ هوندا جنهن ۾ اهي داخل ٿيندا انهن کي بهشت ۾ سونا کنڻ

أَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَلُؤْلُؤًا ۖ وَلِبَاسُهُمْ فِيهَا حَرِيرٌ ﴿٣٣﴾ وَقَالُوا

۽ موتي پارايا ويندا ۽ سندن لباس بهشت ۾ ريشم جو هوندو . ۽ اهي چوندا

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ ۖ إِنَّ رَبَّنَا لَغَفُورٌ

سڀئي تعريفون الله جون آهن جنهن اسان تان (هن هڪ جهان جا) ڏک پري ڪيا، بيشڪ اسان جو رب بخشيندڙ

شَكُورٌ ﴿٣٤﴾ الَّذِي أَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهِ ۖ لَا يَمَسُّنَا

شڪر قبول ڪندڙ آهي . اهو رب جنهن اسان کي پنهنجي فضل سان آرام واري جاءِ تي لاتو، اسان کي اُن ۾

فِيهَا نَصَبٌ وَلَا يَمَسُّنَا فِيهَا لُغُوبٌ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِينَ كَفَرُوا لَهُمْ نَارُ

ڪا تڪليف نه تي پهچي ۽ نه اسان کي اُن ۾ ڪا ڪاوٽ پهچي تي . ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو انهن لاءِ جهنم

جَهَنَّمَ ۖ لَا يُقْضَىٰ عَلَيْهِمْ فَيَمُوتُوا وَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ مِنْ

جي باهه آهي، نه انهن تي ڪو موت ايندو جو اهي مرن ۽ نه انهن تي عذاب مان ڪا هلڪائي

عَذَابِهَا ۚ كَذَٰلِكَ نَجْزِي كُلَّ كَفُورٍ ﴿٣٦﴾ وَهُمْ يَصْطَرِخُونَ

ڪئي ويندي، اسين اهڙيءَ طرح هر ناشڪري کي جزا ڏيون ٿا . ۽ اهي دوزخ ۾ ڪوڙ

فِيهَا ۖ رَبَّنَا أَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِي كُنَّا

ڪندا، (۽ چوندا) اي اسانجا رب! اسان کي دوزخ مان باهر ڪڍ تہ اسين نيڪ عمل ڪريون انهن عملن کان سواءِ

نَعْمَلُ ۚ أَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَا يَتَذَكَّرُ فِيهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَ

جيڪي اسين ڪندا هئاسين، الله فرمائيندو ڇا تو هاڪي اسان زندگيون نه ڏنيون هيون جنهن ۾ سمجهوها، جنهن کي سمجهڻو هو ۽

جَاءَكُمُ النَّذِيرُ ۚ فَذُوقُوا فَمَا لِلظَّالِمِينَ مِنْ نَصِيرٍ ﴿٣٧﴾ ع

توهان وٽ پيغمبر به آيا ، پوءِ توهان عذاب چکو، پوءِ ظالمن جو ڪو مددگار ناهي.

ع ٤ = ٤٢ / ١٦

إِنَّ اللَّهَ عَٰلِمُ غَيْبِ السَّمَٰوَٰتِ وَالْأَرْضِ ۚ إِنَّهُۥ عَلِيمٌۢ

بيشڪ الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين جو غيب ڄاڻندڙ آهي ، بيشڪ اهوئي سينن جي

بِذَاتِ الصُّدُورِ ﴿٣٨﴾ هُوَ الَّذِى جَعَلَكُمْ خَلَٰٓئِفَ فِى

راز ڪي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي - الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان کي زمين ۾ اڳين ماڻهن جو

الْأَرْضِ ۚ فَمَن كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهُۥ ۖ وَلَا يَزِيدُ الْكَٰفِرِينَ

جاءِ نشين بنايو ، پوءِ جنهن ماڻهو ڪفر ڪيو پوءِ اُن جو ڪُفر اُن تي آهي ، ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر

كُفْرُهُمْ عِندَ رَبِّهِمْ إِلَّا مَقْتًا ۖ وَلَا يَزِيدُ الْكَٰفِرِينَ

سندن رب وٽ نه ئو زياده ڪري مگر عذاب ، ۽ نه ئو زياده ڪري ڪافرن کي

كُفْرُهُمْ إِلَّا خَسَارًا ﴿٣٩﴾ قُلْ أَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ ٱلَّذِينَ

سندن ڪفر مگر نقصان - رسول عربي توڙي فرمايو جاتو ڏٺا اي ڪفار مون کي پنهنجا شريڪ ڏيکاريند اجن جي توهان

تَدْعُونَ مِن دُونِ اللَّهِ ۖ أَرُونِى مَاذَا خَلَقُوا۟ مِنَ الْأَرْضِ

الله تعالىٰ کان سواءِ عبادت ڪريو ٿا - توهان مون کي ڏيکاريو ته انهن زمين مان ڪهڙو حصو پيدا ڪيو آهي

أَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِى السَّمَٰوَٰتِ ۚ أَمْ ءَاتَيْنَٰهُمْ كِتَٰبًا فَهُمْ عَلَىٰ

يا انهن جي آسمانن ۾ ڪا ياڀيواري آهي ، يا انهن وٽ ڪو ڪتاب آيو آهي پوءِ اهي ان جي

بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ۚ بَلْ إِن يَعِدُ الظَّٰلِمُونَ بَعْضُهُم بَعْضًا إِلَّا

دليلن تي آهن ، بلڪ ظالم هڪ ٻئي کي نه ٿا وعدو ڏين مگر

غُرُورًا ﴿٤٠﴾ إِنَّ اللَّهَ يُمْسِكُ السَّمَٰوَٰتِ وَالْأَرْضَ أَن تَزُولَا ۚ

غرور جو . بيشڪ الله تعالىٰ آسمانن ۽ زمين کي لڏڻ کان روڪي ٿو

وَلَئِن زَالَتَآ إِنْ أَمْسَكَهُمَا مِنْ أَحَدٍ مِّنۢ بَعْدِهِۦٓ ۚ إِنَّهُۥ كَانَ

۽ جيڪڏهن اهي لڏن ته الله تعالىٰ کان سواءِ انهن کي ڪو روڪيندڙ ناهي ، بيشڪ اهو

ك تفسير جلالين.

حَلِيمًا غَفُورًا ﴿٤١﴾ وَأَقْسَمُوا بِاللَّهِ جَهْدَ أَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَاءَهُمْ

بردبار بخشيندڙ آهي . ۽ مڪي جا ڪافر الله تعالى جا پڪا قسم کڻي (يهودين ۽ نصارن کي) چوندا هئا تہ جيڪڏهن انهن وٽ

نَذِيرٌ لَيَكُونُنَّ أَهْدَىٰ مِنْ إِحْدَى الْأُمَمِ ۖ فَلَمَّا جَاءَهُمْ

پيغمبر اچي اهي ضرور ڪنهن نہ ڪنهن گروهہ کان وڌيڪ هدايت وارا هجن ها ، پوء جڏهن انهن وٽ رسول عربي

نَذِيرٌ مَا زَادَهُمْ إِلَّا نُفُورًا ﴿٤٢﴾ اسْتِكْبَارًا فِي الْأَرْضِ وَمَكْرَ

تشريف فرمائيا تہ نہ زياده ٿي انهن ۾ مگر نفرت . انهن (ايمان آڻڻ کان) زمين ۾ تڪبر ڪرڻ ۽ (انهن)

السَّيِّئِ ۚ وَلَا يَحِيقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ إِلَّا بِأَهْلِهِ ۚ فَهَلْ يَنْظُرُونَ

شرڪ ڪيو ، ۽ شرڪ انهن کي ئي اچي گهيري ۽ ورتو ، پوء نہ ٿا انتظار ڪن

إِلَّا سُنَّتَ الْأَوَّلِينَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللَّهِ تَبْدِيلًا ۖ

مگر پهرين ماڻهن جي طريقي (عذاب) جو . پوء توهان هرگز الله تعالى جي طريقي ۾ ڪا تبديلي نہ لهندا .

وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللَّهِ تَحْوِيلًا ﴿٤٣﴾ أَوَلَمْ يَسِيرُوا فِي الْأَرْضِ

۽ هرگز توهان الله جي طريقي ۾ ڪو فيرو نہ لهندا . ڇا اهي زمين ۾ سير نہ ٿا ڪن

فَيَنْظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوا

پوء ڏسن تہ انهن کان اڳين ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي ٿي ۽ اهي انهن کان

أَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ۚ وَمَا كَانَ اللَّهُ لِيُعْجِزَهُ مِنْ شَيْءٍ فِي

قوة ۾ ڏاڍا وڌيڪ هئا . ۽ الله تعالى کي ڪابہ شيءَ آسمانن ۽ زمينن

السَّمَاوَاتِ وَلَا فِي الْأَرْضِ ۚ إِنَّهُ كَانَ عَلِيمًا قَدِيرًا ﴿٤٤﴾

۾ عاجز نہ ٿي ڪري ، بيشڪ اهو ڄاڻو علم رکندڙ قادر آهي .

وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللَّهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوا مَا تَرَكَ عَلَىٰ

۽ جيڪڏهن الله تعالى ماڻهن کي سندن گناهن جي ڪري پڪڙ ڪري ها تہ زمين ٿي

لہ تفسير جلالين . ۲ تفسير جامع البيان ، ۳ تفسير جلالين .

بُتن جي عبادت کان منع ڪئي وئي آهي جڏهن ته مون وٽ منهنجي رب جي طرفان

مِنْ رَّبِّيْ ۖ وَاُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦٦﴾

واضح دليل اڃي چڪا آهن ۽ مون کي امر ڪيو ويو آهي ته آئون فقط رب العلمين جي عبادت ڪريان ۔

وقف لازم

۱ تفسير مظهري ۔

هُوَ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ

اهوئي آهي جنهن توهان کي مٽي مان پيدا ڪيو، اُن کان پوءِ قطري مان اُن کان پوءِ خون جي ڳ مان

ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ۚ

ان کان پوءِ هاڪري (ماءُ جي پيٽ مان) پيدا ڪيو، اُن کان پوءِ توهان ٻنهنجي جواني کي پُهتا، اُن کان پوءِ توهان پير سني کي پهتا.

وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّلَعَلَّكُمْ

۽ ڪي توهان مان پهرين ڪٻايا وڃن ٿا ۽ اهوان لاءِ آهي ته توهان مقرر ميعاد کي پهچو ۽ من توهان

تَعْقِلُوْنَ ﴿۶۷﴾ هُوَ الَّذِیْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۚ فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا

عقلمند ٿيو. اهوئي آهي جيڪو جياري ۽ ماري ٿو، ۽ جنهن وقت ڪنهن ڪم جو اراده ڪري ٿو ته ۽

يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿۶۸﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِیْٓ

اُن کي فرمائي ٿو ته "ٿي وڃ" ته پوءِ اهو فوراً ٿي پوي ٿو. رسول ﷺ ڀي چا توهان انهن مانهن کي نه ٿا ڏسو جيڪي الله تعالىٰ جي آيتن ۾

اٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ ﴿۶۹﴾ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ

جهگڙو ڪن ٿا، (اهي) ڪيڏانهن ڦيرايا وينداآ. جيڪي قرآن ڪريم جي تڪذيب ڪن ٿا، ان (توحيد، رسالت) کي جنهن ٿا مڃن

اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ۚ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿۷۰﴾ اِذِ الْاَغْلٰلُ فِیْٓ

جنهن سان اسان پنهنجا پيغمبر موڪليا، پوءِ اهي جلد معلوم ڪندا. جنهن وقت انهن جي ڳچين ۾

اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ؕ يُسْحَبُوْنَ ﴿۷۱﴾ فِی الْحَمِيْمِ ۙ ثُمَّ فِی

ڳرٻت ۽ زنجيرون وڇهي ڪين ٽهڪيل پاڻي ڏانهن گهليو ويندو، ان کان پوءِ

النَّارِ يُسْجَرُوْنَ ﴿۷۲﴾ ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ﴿۷۳﴾

باهه ۾ ڏکي اڇلايو ويندو. ان کان پوءِ کين چيو ويندو، جن بُتن کي توهان الله کان سوا ۽

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ

معبود بنائيندا هئا، اهي ڪيڏانهن ويا، چوندا اهي اسان کان غائب ٿي ويا، بلڪ هن کان اڳ اسين ڪنهن شيءِ جي

۴۵ ۲ الزخرف ۴۳ المؤمن ۴۰

لہ تفسیر روح البیان. کہ تفسیر جلالین. تفسیر جلالین (منزل ۶)

قَبْلُ شَيْـًٔا ؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٤﴾ ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ

عبادت نه ڪندا هئاسين، اهڙيءَ طرح الله تعالىٰ ڪافرن کي گمراهه ڪري ٿو . ان جو سبب هي آهي جو

تَفْرَحُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ ﴿٧٥﴾

توهان زمين ۾ ناحق تي خوش ٿيندا هئا ۽ ان سببان جو توهان اڪڙ ڪندا هئا .

اُدْخُلُوْۤا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى

توهان جهنم جي دروازن مان داخل ٿيو هميشه انهيءَ ۾ رهندا . پوءِ ڪهڙو نه خراب ٺڪاڻو آهي

الْمُتَكَبِّرِيْنَ ﴿٧٦﴾ فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ

تڪبر ڪندڙن جو . پوءِ اي رسول! تون صبر ڪر بيشڪ الله تعالىٰ جو وعدو حق آهي ، پوءِ يا ته اسين توهان کي اهو ڪجهه

بَعْضَ الَّذِىْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ ﴿٧٧﴾

ڏيکاريون جنهن جو اسان توهان سان وعدو ڪيو يا توهان کي (ان کان اڳ ئي) وصال ڪرايون پوءِ (الهي) اسان ڏانهن موٽايا ويندا .

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ

بيشڪ تحقيق اسان توهان کان اڳ ۾ پيغمبر موڪليا، انهن مان ڪن پيغمبرن جا قصا توهان تي بيان ڪيا آهن

وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِىَ

۽ ڪي اهڙا آهن جن جا قصا اسان توهان تي نه ڪيا آهن ، ۽ ڪنهن رسول کي مناسب ناهي جو الهو ڪو معجزو

بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِىَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ

الله تعالىٰ جي اجازت کان سواءِ آڻي ، پوءِ جڏهن قيامت ايندي حق سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ اتي

هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿٧٨﴾ اَللّٰهُ الَّذِىْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ ٨ ع ١٣

ڪوڙا نقصان ۾ هوندا . الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان لاءِ چوپايا جانور پيدا ڪيا

لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٧٩﴾ وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَ

ان لاءِ ته توهان انهن مان ڪن تي سوار ٿيو ۽ انهن مان ڪن جو گوشت کائو . ۽ توهان لاءِ انهن ۾ ڪيترائي نفعا آهن ۽

له المفردات فی غریب القرآن . ٢ تفسیر النسفی . ٣ تفسیر النسفی .

لِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَعَلَيْهَا وَعَلَى

ان لاءِ تہ تہان پنھنجون حاجتون پوريون ڪريو جيڪي توهان جي سينن ۾ آهن ۽ انهن چو پائين تي ۽

الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ ﴿۸۰﴾ وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ ۖ فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ

ٻيڑين تي توهان بار ڪجو ٿا ۔ ۽ (الله) توهان کي پنھنجون نشانيون ڏيکاري ٿو. پوءِ الله جي ڪهڙين آيتن جو

تُنْكِرُوْنَ ﴿۸۱﴾ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ

توهان انڪار ڪريو؟ ڇا انهن زمين ۾ سير نه ڪيو آهي؟ پوءِ اهي ڏسن ها انهن کان اڳين

عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۭ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً

ماڻهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ۔ جيڪي انهن کان اڪثر هُئا ۽ اهي قوت ۾ ۽ مازين ۽ تعميرات

وَّاٰثَارًا فِي الْاَرْضِ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۸۲﴾

۾ انهن کان وڌيڪ هُئا پوءِ سندن عمل ڪين (عذاب الاهيءَ) کان بچائي نه سگهيو.

فَلَمَّا جَاۗءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ

پوءِ جڏهن انهن وٽ سندن رسول واضح دليلن سان آيا تہ اهي خوش ٿيا ان عمل تي جيڪو وٽن هو

وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿۸۳﴾ فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا

۽ انهن کي اهو پڇتو جنهن سان اهي مذاق ڪندا هُئا ۔ پوءِ جڏهن انهن اسان جو عذاب ڏٺو

قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ وَكَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ ﴿۸۴﴾

چيائون اسان اڪيلي الله تي ايمان آندو ۽ جيڪي مشرڪ آهن انهن جا انڪاري ٿيا.

فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ۭ سُنَّتَ اللّٰهِ

پوءِ انهن کي سندن ايمان آڻڻ ڪو نفعو نه ڏنو جڏهن انهن اسان جو عذاب ڏٺو. الله تعالىٰ جو اهو طريقو

الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ﴿۸۵﴾ ع ۹

سندس بانهن ۾ گذري چڪو آهي ، ۽ آخرت ۾ ڪافر نقصان ۾ هو ندا.

تہ تفسير نسفي.

اٰیاتها ۵۴ (۴۱) سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَةِ مَدِنِيَّةٌ (۶۱) رکوعها ۶

سورة حٰمٓ سجدة مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ۶ رکوع ۽ ۵۴ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيکو نهايت مهربان ۽ اڃاڻو (آهي).

حٰمٓ ① تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ② كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا

حٰمٓ ٥ (هي قرآن ڪريم) نهايت مهربان ۽ اڃاڻي طرفان نازل ڪيل آهي (هي) اهو ڪتاب آهي جنهن جون آيتون ڇيڻ ڇيڻ بيان ڪيون ويون آهن، قرآن ڪريم

عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ۙ ③ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ۚ فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ

عربي ۾ آهي جيڪو اُن قوم کي بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آهي جيڪي ڄاڻن ٿا، پوءِ انهن مان گهڻن انڪار ڪيو پوءِ اهي

لَا يَسْمَعُوْنَ ④ وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ وَفِيْٓ

نه ٻڌن . ۽ چون ٿا تو هان جنهن ڏانهن اسان کي سڏيو تا اُن لاءِ اسان جي دلين تي پردا آهن ۽

اٰذَانِنَا وَقْرٌ وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ ⑤

اسان جي ڪنن ۾ ڳرائي آهي، ۽ اسان جي ۽ تو هان جي وچ ۾ حجاب آهن پوءِ تو ڏانهن اهل ڪريو بيشڪ اسين عمل آهيون

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ

رسول عربي تو هان فرمايو آئون تو هان جهڙو بشر آهيان، مون ڏانهن وحي موڪلي وحي ٿي، تو هان جو معبود هڪ آهي

فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ ۗ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ⑥ الَّذِيْنَ

پوءِ تو هان اُن ڏانهن سڌا ٿيو ۽ ان کان بخشش طلب ڪريو ۽ مشرڪن لاءِ ويل آهي . جيڪي مانٿو

لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ ⑦ اِنَّ الَّذِيْنَ

زڪواة نه ٿا ڏين ۽ اُهي ٿي آخرت جو انڪار ڪندڙ آهن . پوءِ جن مانٿو (رسول عربي ۽ قرآن ڪريم ٿي)

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ⑧ قُلْ اَئِنَّكُمْ

ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا انهن لاءِ اڻ کٽ ثواب آهي . رسول عربي تو هان فرمايو ڇا تو هان

الثلثة

۱۵-۵۱

له تفسير النسفي، ٢ تفسير تنوير المقباس، ٣ تفسير بيضاوي. (منزل ۶)

لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ وَتَجْعَلُوْنَ لَهٗٓ

ان مقدس هستيءَ جو انڪار ڪريو تا جنهن زمين کي ٻن ڏينهن اندر پيدا فرمايو ۽ توهان انَ جا شريڪ

اَنْدَادًا ۭ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۝ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا

بنايو تا، اُهو رب العٰلمين آهي. ۽ الله تعالىٰ انهيءَ زمين مان، ان جي مٿان جبل پيدا ڪيا

وَبٰرَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا فِيْٓ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ ۭ سَوَاۗءً

۽ اُن ۾ برڪت رکيائين ان ۾ ان جي رهندڙن لاءِ رزق روزي مقرر ڪيائين، ٺيڪ چئن ڏينهن ۾

لِّلسَّاۗىِٕلِيْنَ ۝ ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَاۗءِ وَهِيَ دُخَانٌ فَقَالَ

سوال ڪندڙ لاءِ (ان ۾ مڪمل جواب آهي) اُن ڪان پوءِ آسمان ڏانهن توجهه ڪيائين ۽ اهو دونهون هو پوءِ اُن کي

لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا ۭ قَالَتَآ اَتَيْنَا طَاۗىِٕعِيْنَ ۝

۽ زمين کي حڪم ڪيائين تہ توهان ٻئي خوشي سان يا ناخوشي سان اچو ته اسان حاضر آهيون. انهيءَ عرض ڪيو اسين خوشي سان حاضر تيا سين.

فَقَضٰىهُنَّ سَبْعَ سَمٰوَاتٍ فِيْ يَوْمَيْنِ وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَاۗءٍ اَمْرَهَا ۭ

پوءِ ستن آسمان کي ٻن ڏينهن اندر پيدا ڪيائين ۽ هر هڪ آسمان ڏانهن سندس حڪم موڪليائين

وَزَيَّنَّا السَّمَاۗءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ ڰ وَحِفْظًا ۭ ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ

۽ دنيا جي آسمان کي اسان تارن سان سينگاريو ۽ اُن کي محفوظ بنايو، اها تقدير آهي (اُن)

الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ۝ فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً مِّثْلَ

غالب، علم واري جي. پوءِ جيڪڏهن اهي انڪار ڪن پوءِ رسول چئي تو ته آئون توهان کي ڊيڄاريان ٿو سخت عذاب کان ڏيڄارڻ جو

صٰعِقَةِ عَادٍ وَّثَمُوْدَ ۝ اِذْ جَاۗءَتْهُمُ الرُّسُلُ مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَ

جيڪو سخت عذاب عاد ۽ ثمود جي قوم تي آيو. جنهن وقت انهن ڏانهن اڳيان ۽ پويان پيغمبر آيا

مِنْ خَلْفِهِمْ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ۭ قَالُوْا لَوْ شَاۗءَ رَبُّنَا لَاَنْزَلَ

(انهن چيو) توهان نہ عبادت ڪريو مگر الله جي، انهن چيو جيڪڏهن اسان جو رب چاهي ها تہ موڪلي ها

ڪ ۽ تہ تفسير مظهري. ڪ تہ تفسير النسفي.

مَلٰٓئِكَةٌ فَاِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿۱۴﴾ فَاَمَّا عَادٌ فَاسْتَكْبَرُوْا

ملائکن کي، پوءِ بيشڪ اسين توهان جي رسالت جا انڪاري آهيون. پر پوءِ عاد قوم پوءِ انهن زمين

فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَقَالُوْا مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ

ر ناحق تڪبر ڪيو ۽ چيوتہ اسان کان قوت ۾ وڌيڪ ڪير آهي، ڇا انهن نہ ڏٺو تہ بيشڪ

اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۱۵﴾

الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو اهو انهن کان قوت ۾ گهڻو وڌيڪ آهي، ۽ اهي اسانجي آيتن جو انڪار ڪندا هئا.

فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا فِيْٓ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيْقَهُمْ عَذَابَ

پوءِ اسان انهن تي منحوس ڏينهن ۾ تيز[1] طوفان موڪليو ۽ ان لاءِ تہ اسين انهن کي دنيا جي حياتيءَ ۾

الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ؕ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَخْزٰى وَهُمْ لَا

خواريءَ وارو عذاب چکايون ۽ ۽ آخرت جو عذاب تہ وڌيڪ خواريءَ وارو آهي ۽ انهن جي کاڌ

يُنْصَرُوْنَ ﴿۱۶﴾ وَاَمَّا ثَمُوْدُ فَهَدَيْنٰهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمٰى عَلَى الْهُدٰى

مدد نہ ڪئي ويندي. ۽ ثمود جي قوم پوءِ اسان انهن کي هدايت ڏني، پوءِ انهن هدايت جي عيوض گمراهيءَ کي پسند ڪيو

فَاَخَذَتْهُمْ صٰعِقَةُ الْعَذَابِ الْهُوْنِ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ

پوءِ اسان انهن کي سندن بد اعمالين سبب عذاب ذلت هلاڪ ڪيو. ۽ اسان

نَجَّيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ﴿۱۸﴾ وَيَوْمَ يُحْشَرُ اَعْدَآءُ ع ۲ ۱۶

انهن ماڻهن کي نجات ڏني جن انهن ڄاڻ ايمان آندو ۽ پرهيزگاري اختيار ڪئي. ۽ قيامت جي ڏينهن الله تعالىٰ جا دشمن

اللّٰهِ اِلَى النَّارِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ ﴿۱۹﴾ حَتّٰٓى اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ

دوزخ ڏانهن هڪلي وينداپوءِ اهي (پوين جي اچڻ تائين) روڪيا ويندا. ايستائين جو جڏهن اهي اتي پهچندا تہ انهن

عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۰﴾

تي سندن ڪن ۽ سندن اکيون ۽ سندن ڪلون سندن ڪيل عملن بابت شاهدي ڏيندڙ ٿيون.

[1] تفسير روح البيان.

وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا ؕ قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ

۽ اهي پنهنجي ڪن کي چوندا ته توهان اسان تي ڇو شاهدي ڏني آهي، اهي چوندڙ ٿيندا ته اسڪي الله گالهايو آهي

الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَّهُوَ خَلَقَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّاِلَيْهِ

جنهن هر گالهائيندڙ) شيءَ کي گالهايو ۽ انهي توهان کي پهريون دفعو پيدا ڪيو ۽ توهان ان ڏانهن

تُرْجَعُوْنَ ﴿۲۱﴾ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُوْنَ اَنْ يَّشْهَدَ عَلَيْكُمْ

موٽايا ويندا ۔ ۽ توهان اُن کان ڪيئن لڪي سگهو ٿا جو توهان تي توهان جا

سَمْعُكُمْ وَلَآ اَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُوْدُكُمْ وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ اَنَّ

ڪن ۽ توهان جون اکيون ۽ توهان جون ڪلون توهان جي خلاف شاهدي ڏيندڙ ٿيندا پر توهان گمان ڪيو ٿا ته

اللّٰهَ لَا يَعْلَمُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ ﴿۲۲﴾ وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِيْ

الله تعالىٰ توهان جي گهڻن عملن کي نه ٿو ڄاڻي ۔ ۽ اهو فقط توهان جو گمان آهي جيڪو

ظَنَنْتُمْ بِرَبِّكُمْ اَرْدٰىكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ ﴿۲۳﴾

توهان پنهنجي رب لاءِ رکيو هو، (انهي) توهان کي هلاڪ ڪيو پوءِ توهان ڦري نقصان وارن مان ٿي پيا ۔

فَاِنْ يَّصْبِرُوْا فَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّسْتَعْتِبُوْا فَمَا هُمْ

پوءِ جيڪڏهن اهي صبر ڪن پوءِ باهه انهن لاءِ ٺڪاڻو آهي، ۽ جيڪڏهن اهي (پنهنجي رب کي) راضي ڪرڻ چاهين پوءِ اهو

مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ ﴿۲۴﴾ وَقَيَّضْنَا لَهُمْ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُوْا لَهُمْ مَّا بَيْنَ

اُنهن جو چوڻ نه مڃيندو ۔ ۽ اسان انهن (ڪافرن) لاءِ (دنيا ۾) ڪجهه ساٿي مقرر ڪيا پوءِ انهن انهن جي نگاهن

اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ وَحَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ فِيْٓ اُمَمٍ

۾ دنيا کي سينگاريو ۽ آخرت کي وساريو ۽ انهن تي گالهه ثابت ٿي انهن اُمتين ۾ جيڪي

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ ۚ اِنَّهُمْ كَانُوْا

انهن کان اڳ جن ۽ انسان مان گذريا آهن ، بيشڪ اهي

۱ ۽ ڪه تفسير مظهري ۔

خٰسِرِيْنَ ﴿۲۵﴾ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ ۳۷ ۱۷

نقصان کندڙ هٿا ۔ ۽ کافرن چيو (جڏهن قرآن پڙهيو ويڻ) توهان هي قرآن نه ٻڌو

وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ ﴿۲۶﴾ فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ

۽ توهان ان ۾ اجائي گفتگو ڪريو تہ من توهان غالب ٿيو ۔ پوءِ اسين يقيناً ڪافرن کي

كَفَرُوْا عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ كَانُوْا

سخت عذاب چکائينداسين ۽ يقيناً اسين انهن کي سندن بداعمالي ڪان وڌيڪ

يَعْمَلُوْنَ ﴿۲۷﴾ ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعْدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمْ فِيْهَا

سزا ڏينداسين. اها باهہ الله تعالىٰ جي دشمنن جي جزا آهي ۔ انهيءَ ۾ انهن لاءِ

دَارُ الْخُلْدِ ؕ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۲۸﴾

هميشه رهڻ آهي، (اها) جزا ان جي ڪري تہ اهي اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ اَرِنَا الَّذَيْنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَ

۽ ڪافر چوندا اي اسان جا رب اسان کي اهي جن ۽ مانهو ڏيکار جن اسان کي گمراهہ ڪيو ،

الْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا مِنَ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿۲۹﴾

اسين انهن کي پنهنجي پيرن جي هيٺان ڪريون ان لاءِ تہ اهي تمام هيٺين مان هجن ۔

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ

بيشڪ جن مانهن چيو اسانجو رب الله آهي ان ڪان پوءِ ثابت قدم رهيا انهن تي (وصال وقت) ملائڪ

الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ

نازل ٿين ٿا (ملائڪ چون ٿا) توهان خوف نہ ڪريو ۽ توهان ڏک نہ ڪريو ۽ توهان ان بهشت جي خوشخبري سان جو (دنيا ۾) توهان

تُوْعَدُوْنَ ﴿۳۰﴾ نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَ

توهان سان وعدو ڪيو هو: دنيا جي حياتي ۽ آخرت ۾ اسين توهان جا مددگار آهيون ۽

لہ ۽ شہ تفسير النسفی ۔ تشہ تفسير بيضاوی ۔

لَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ ﴿۳۱﴾ نُزُلًا مِّنْ

توهان لاءِ بهشت ۾ اهو آهي جيڪو توهان جي دل چاهيندي ۽ توهان لاءِ اُن ۾ اهو آهي جيڪو توهان گهرندا (اها) الله تعالىٰ جي

غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ ﴿۳۲﴾ وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ

طرفان مهماني آهي. رسول عربي جي قول کان بهتر ڪنهن جو قول ٿي سگهي ٿو جيڪو الله تعالىٰ ڏانهن سڏ ڏئي ٿو ۽ پاڻ عمل

صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿۳۳﴾ وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا

صالح ڪري ٿو ۽ چوي ٿو بيشڪ آئون فرمانبردارن مان آهيان. ۽ ڀلائي ۽ برائي ڀاڙ ۾ برابر ڪا

السَّيِّئَةُ ۭ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ

نه ٿيون سگهن. توهان برائي جي بدلي ۾ ڀلائي ڪريو پوءِ فوراً توهان جو دشمن قريبي ايئن ٿيندو

كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ ﴿۳۴﴾ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا

جيئن ڪو توهان جو پڪو دوست. ۽ اها نعمت نه ڪنهن کي ملي مگر جن ماڻهن صبر ڪيو ۽ اها نعمت نه ڪنهن کي ملي مگر

ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ ﴿۳۵﴾ وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ۭ

وڏي خوش نصيب کي. ۽ اي بدندڙ جيڪڏهن توکي شيطان جي طرفان کو وسوسو پيدا ٿئي ته پوءِ تون فوراً الله کان پناهه گهر

اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿۳۶﴾ وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَ

بيشڪ اهوئي بدندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ ان جي نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽

الْقَمَرُ ۭ لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ

چنڊ آهي، توهان سج ۽ چنڊ کي سجدو نه ڪريو پر اُن الله تعالىٰ کي سجدو ڪريو جنهن

خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ ﴿۳۷﴾ فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا فَالَّذِيْنَ

انهن کي پيدا ڪيو جيڪڏهن خاص توهان ان جي عبادت ڪريو ٿا. پوءِ جيڪڏهن اهي تڪبر ڪن ٿا پوءِ اهي

عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْـَٔــمُوْنَ ﴿۳۸﴾ السجدة

مقرب فرشتا جيڪي رات ڏينهن الله جي تسبيح پڙهن ٿا ۽ اهي ڪجهي بيزار نه ٿا ٿين.

ف۵ تفسير جلالين. ف۶ تفسير مظهري و تفسير شعبي و تفسير روح البيان. ف۷ تفسير روح البيان و المفردات في غريب القرآن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ

۽ بيشڪ تون انُ جي نشانين مان خشڪ غير آباد زمين ڏسين ٿو پوءِ جڏهن اسين ان جي مٿان بارش وسايون ٿا

اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ ؕ اِنَّ الَّذِيْٓ اَحْيَاهَا لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ؕ اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ

ته اها نازي ٿي سلا اُپاري ٿي، بيشڪ جيڪو اُن کي جياري ٿو يقيناً (اهوئي) مئلن کي جياريندڙ آهي، بيشڪ اهو هر

شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۳۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ؕ

شيءِ تي قادر آهي . بيشڪ جيڪي ماڻهو اسانجي آيتن ۾ ٽيڙاڻي طلب ڪن ٿا (اهي) اسان کان مخفي ناهن.

اَفَمَنْ يُّلْقٰى فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْٓ اٰمِنًا يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِعْمَلُوْا

چا پوءِ اهو ماڻهو بهتر آهي جيڪو باهه ۾ وڌو وڃي يا اهو بهتر آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن (باهه کان) امن ۾ آهي، جيڪو تون

مَا شِئْتُمْ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿۴۰﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ

چاهيو اهو عمل ڪريو، بيشڪ اهو توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي . بيشڪ جيڪي ماڻهو مقدس ذڪر جو انڪار ڪن ٿا

لَمَّا جَآءَهُمْ ۚ وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ ﴿۴۱﴾ لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ

جڏهن اهو انهن وٽ پهتو، بيشڪ اهو هڪ مقدس ڪتاب آهي. باطل اُن جي اڳيان ۽ پويان

يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ؕ تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ ﴿۴۲﴾ مَا يُقَالُ لَكَ

نه ٿو اچي سگهي ، اهو نازل ڪيل آهي وڏي حڪمت واري سار اهيل جي طرفان. ڪافرن جي طرفان

اِلَّا مَا قَدْ قِيْلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ ؕ اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ

توهان کي اهڙي ڳجهه جي ويجهي ٿو جيڪو انهن توهان کان اڳين پيغمبرن کي چيو؛ بيشڪ توهان جو رب مغفرت جو مالڪ

وَّذُوْ عِقَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۴۳﴾ وَلَوْ جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْلَا

۽ دردناڪ عذاب ڪندڙ آهي . ۽ جيڪڏهن اسين قرآن ڪريم کي عجمي زبان ۾ نازل ڪريون ها ته اُن جون

فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ ؕ ءَاَعْجَمِيٌّ وَّعَرَبِيٌّ ؕ قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى

آيتون چو نه چٽيون ڪيون ويون. چا قرآن عجمي ۽ رسول عربي ! رسول عربي توهان کي فرمايو اهو قرآن مؤمنن لاءِ هدايت

۽ خص بتفصيل الهمزة الثانية ۲ له تفسير مظهري .

وَّشِفَآءٌ ؕ وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ

ء شفاء آهي ،ء جيڪي مانھو ايمان نہ ٿا آڻن انھن جي ڪنن ۾ ڳرائي آهي ء قرآن ڪريم انھن لاءِ اونداهي آهي

ع ۳ ۱۹ اُولٰٓئِكَ يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿۴۴﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ

جيئڪ انھن کي پري کان سڏيو وڃي ٿو ۔ ء بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب عطا ڪيو

فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ

پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيو ويو، ء جيڪڏھن (عذاب لاءِ) الله جو ھڪ پيٽرو فيصلو ۽ اڳ نہ ڪيو ھجي ھا ته يقيناً انھن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ھا

وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۴۵﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ

ء بيشڪ اهي ٻئي ان شڪ ۾ مشڪوڪ آهن ۔ جيڪو ماڻھو عمل ڪري ٿو اھو پنھنجي لاءِ ڪري ٿو

وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۴۶﴾

ء جيڪو گناھ ڪري ٿو پوءِ ان جو بار ان تي آهي ء تو ھان جو رب ھانھن تي ظلم ڪندڙ ناھي ۔

الجزء ۲۵ اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا

قيامت جو علم الله تعالىٰ ڏانھن موٽايو وڃي ٿو ء ڪو ميوو پنھنجي خول مان نہ ٿو نڪري

وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ

ء ڪا مؤنث حمل واري نہ ٿي ٿئي ء ڪا مؤنث بار نہ ٿي ڇڏي مگر الله تعالىٰ جي علم ۾ آهي ،ء اھو ان ڏينھن مشرڪن کي سڏيندو

اَيْنَ شُرَكَآءِيْ ۙ قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ﴿۴۷﴾ وَضَلَّ عَنْهُمْ

(ء چوندو ويو) منھنجا شريڪ ڪٿي آھن ؟ اھي چوندا اسان تو ڏي اطلاع ڏنو ته اسان ۾ ڪو به (شريڪ لاءِ) گواھ ناھي. ء انھن کان

مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَظَنُّوْا مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿۴۸﴾

(اُھي بُت) غائب ٿيندا، جن جي اھي دنيا ۾ عبادت ڪندا ھئا ء اھي يقين ڪندا ته انھن لاءِ ڪا پڄاڻ جي جاءِ ڪانھي.

لَا يَسْـَٔمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ الْخَيْرِ ۫ وَاِنْ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَئُوْسٌ

ڪافر جي دل خير جي دُعا کان نہ ٿي ڀرجي ء جيڪڏھن کيس ڪا تڪليف پھچي ٿي ته پاڻ خير ء رحمت الاھي مان

له تفسير جامع البيان. ڪ تفسير البغوي ڳ تفسير مظهري و تفسير جلالين (منزل ٦) ڳ تفسير مظهري و تفسير نسفي .

وَّشِفَآءٌ ؕ وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ

ء شفاء آهي ،ء جيڪي مانھو ايمان نہ ٿا آڻن انھن جي ڪنن ۾ ڳرائي آهي ء قرآن ڪريم انھن لاءِ اونداهي آهي

ع ۳ ۱۹ اُولٰٓئِكَ يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ ﴿۴۴﴾ وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ

جيئڪ انھن کي پري کان سڏيو وڃي ٿو ۔ ء بيشڪ اسان موسيٰ کي ڪتاب عطا ڪيو

فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ

پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيو ويو، ء جيڪڏھن (عذاب لاءِ) الله جو ھڪ پيٽرو فيصلو ۽ اڳ نہ ڪيو ھجي ھا ته يقيناً انھن جي وچ ۾ فيصلو ڪيو وڃي ھا

وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ﴿۴۵﴾ مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ

ء بيشڪ اهي ٻئي ان شڪ ۾ مشڪوڪ آهن ۔ جيڪو ماڻھو عمل ڪري ٿو اھو پنھنجي لاءِ ڪري ٿو

وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿۴۶﴾

ء جيڪو گناھ ڪري ٿو پوءِ ان جو بار ان تي آهي ء تو ھان جو رب ھانھن تي ظلم ڪندڙ ناھي ۔

الجزء ۲۵ اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا

قيامت جو علم الله تعالىٰ ڏانھن موٽايو وڃي ٿو ء ڪو ميوو پنھنجي خول مان نہ ٿو نڪري

وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ

ء ڪا مؤنث حمل واري نہ ٿي ٿئي ء ڪا مؤنث بار نہ ٿي ڇڏي مگر الله تعالىٰ جي علم ۾ آهي ،ء اھو ان ڏينھن مشرڪن کي سڏيندو

اَيْنَ شُرَكَآءِيْ ۙ قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ﴿۴۷﴾ وَضَلَّ عَنْهُمْ

(ء چوندو ويو) منھنجا شريڪ ڪٿي آھن ؟ اھي چوندا اسان تو ڏي اطلاع ڏنو ته اسان ۾ ڪو به (شريڪ لاءِ) گواھ ناھي. ء انھن کان

مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَظَنُّوْا مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿۴۸﴾

(اُھي بُت) غائب ٿيندا، جن جي اھي دنيا ۾ عبادت ڪندا ھئا ء اھي يقين ڪندا ته انھن لاءِ ڪا پڄاڻ جي جاءِ ڪانھي.

لَا يَسْـَٔمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ الْخَيْرِ ۫ وَاِنْ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَئُوْسٌ

ڪافر جي دل خير جي دُعا کان نہ ٿي ڀرجي ء جيڪڏھن کيس ڪا تڪليف پھچي ٿي ته پاڻ خير ء رحمت الاھي مان

له تفسير جامع البيان. ڪ تفسير البغوي ڳ تفسير مظهري و تفسير جلالين (منزل ٦) ڳ تفسير مظهري و تفسير نسفي .

قَنُوْطٌ ﴿۴۹﴾ وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ رَحْمَةً مِّنَّا مِنْۢ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ

مايوس ٿئي ٿو. ۽ جيڪڏهن اسين ان کي تڪليف پهچڻ کان پوءِ پنهنجي طرفان رحمت جو مزو چکايون ٿا ته

لَيَقُوْلَنَّ هٰذَا لِيْ وَمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ رُّجِعْتُ

ضرور چوندو هي منهنجو حق آهي، ۽ مون کي قيامت جي اچڻ جو گمان ناهي، ۽ جيڪڏهن (بالفرض) آڻون پنهنجي

اِلٰى رَبِّيْٓ اِنَّ لِيْ عِنْدَهٗ لَلْحُسْنٰى ۚ فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

رب ڏانهن موٽايو ويس تہ يقيناً ان وٽ مون لاءِ ڀلائي هوندي، پوءِ اسين ڪافرن لاءِ سندن بداعمالي

بِمَا عَمِلُوْا وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ ﴿۵۰﴾ وَاِذَآ اَنْعَمْنَا

ضرور بيان ڪنداسين ۽ اسين ضرور انهن کي سخت عذاب چکائينداسين. ۽ جڏهن وقت اسين

عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوْ

ڪافر تي ڪا نعمت ڪريون تا تہ هو منهن ڦيرائي ٿو ۽ پنهنجي طرف پري هٽي ٿو. ۽ جڏهن ان کي تڪليف پهچي ٿي ۽

دُعَآءٍ عَرِيْضٍ ﴿۵۱﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ثُمَّ

گهڻيون دعائون گهري ٿو. رسول عربي تون انهن کي فرمايو مون کي تون ٻڌاءِ جيڪڏهن (قرآن ڪريم) الله جي طرفان آهي ۽

كَفَرْتُمْ بِهٖ مَنْ اَضَلُّ مِمَّنْ هُوَ فِيْ شِقَاقٍ بَعِيْدٍ ﴿۵۲﴾ سَنُرِيْهِمْ

تون هان اُن جو انڪار ڪريو تا، اُن کان وڌيڪ ڪير گمراهه ٿي سگهي ٿو جيڪو پري واري بدبختي ۾ آهي. اسين جلد انهن کي

اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ ؕ

آس پاس ۾ پنهنجون نشانيون ڏيکارينداسين ۽ سندن وجودن ۾ به ايستائين جو ظاهر ٿيندو تہ بيشڪ قرآن ڪريم حق آهي.

اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۵۳﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ

رسول عربي چاتو هان جي رب جي لاءِ اهو ڪافي ناهي تہ بيشڪ اهو هر شيءِ تي گواهه آهي. خبردار بيشڪ اُهي

فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآءِ رَبِّهِمْ ؕ اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ ﴿۵۴﴾ ع

پنهنجي رب سان ملاقات ڪرڻ ۾ شڪ ڪن آهن، خبردار بيشڪ اهو هر شيءِ کي احاطو ڪندڙ آهي.

ع ۶

لہ تفسیر جامع البیان. ۲ تفسیر مظہری.

آیاتھا ۵۳ (۴۲) سُوْرَةُ الشُّوْرٰى مَكِّيَّةٌ (۶۲) رکوعاتھا ۵

سورة شوریٰ مکه مکرمه ۾ نازل ٿي آهي اٺين ۵، رکوع ۽ ۵۳، آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اجهار و آهي)

حٰمٓ ① عٓسٓقٓ ② كَذٰلِكَ يُوْحِيْٓ اِلَيْكَ وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ ۙ اللّٰهُ

حٰمٓ ○ عٓسٓقٓ ○ رسولِ عربي اهڙيءَ طرح الله تعالیٰ توهان ڏانهن ۽ توهان کان اڳين پيغمبرن ڏانهن وحي موڪلي ٿو

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ③ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ وَهُوَ الْعَلِيُّ

جيڪو غالب حڪمت وارو آهي . اُن لاءِ اهوسڀ ڪجهه آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ، ۽ اهوئي بُلند

الْعَظِيْمُ ④ تَكَادُ السَّمٰوٰتُ يَتَفَطَّرْنَ مِنْ فَوْقِهِنَّ وَالْمَلٰٓئِكَةُ

(۽) عظيم آهي . عَنْ قَرِيْبٍ (الله جي عظمت ۽ شان سبيان) آسمان انهن جي مٿان چيرجي پوندا (پر) ملائڪ

يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِمَنْ فِي الْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِنَّ اللّٰهَ

پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح پڙهن ٿا ۽ اُهي زمين وارن لاءِ بخشش طلب ڪن ٿا . خبردار بيشڪ الله تعالیٰ

هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ⑤ وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ اللّٰهُ

بخشيندڙ ۽ اجهار و آهي . ۽ جيڪي ماڻهو ان کان سواءِ (بُتن ۾ کي) مددگار بنائن ٿا ، الله تعالیٰ

حَفِيْظٌ عَلَيْهِمْ ۖ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ⑥ وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ

اُنهن کي ڏسي رهيو آهي ، ۽ توهان انهن جا ذميدار ناهيو . ۽ اهڙيءَ طرح اسان توهان ڏانهن قرآن ڪريم

قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّتُنْذِرَ اُمَّ الْقُرٰى وَمَنْ حَوْلَهَا وَتُنْذِرَ يَوْمَ

عربي ۾ وحي ڪري موڪليو ان لاءِ تو ته اُم القريٰ مڪه مڪرمه ۽ ان جي آس پاس وارن کي ڊيڄاريو ۽ توهان قيامت جي ڏينهن کان

الْجَمْعِ لَا رَيْبَ فِيْهِ ؕ فَرِيْقٌ فِي الْجَنَّةِ وَفَرِيْقٌ فِي السَّعِيْرِ ⑦ وَلَوْ

ڊيڄاريو جنهن ۾ ڪو شڪ ناهي (انهن ۾ ما) هڪ فريق جنت ۾ ۽ هڪ فريق جهنم ۾ ويندي ۽ جيڪڏهن

لہ تفسیر بیضاوی، گہ تفسیر النسفی و تفسیر جلالین . گہ تفسیر جلالین، گہ تفسیر مظہری، گہ تفسیر النسفی وجلالین .

شَآءَ اللّٰهُ لَجَعَلَهُمْ اُمَّةً وَّاحِدَةً وَّلٰكِنْ يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ

الله تعالیٰ چاهي ها تہ یقیناً انهن کي هڪ اُمت ڪري ها ، پر جنهن کي پاڻ چاهي ٿو اُن کي پنهنجي

رَحْمَتِهٖ ؕ وَالظّٰلِمُوْنَ مَا لَهُمْ مِّنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ۝٨ اَمِ اتَّخَذُوْا

رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ، ۽ ظالمن لاءِ ڪو به دوست ۽ ڪو به مددگار ناهي . ڇا توهان ان کان سواءِ

مِنْ دُوْنِهٖۤ اَوْلِيَآءَ ۚ فَاللّٰهُ هُوَ الْوَلِيُّ وَهُوَ يُحْيِ الْمَوْتٰى ۫ وَهُوَ

مددگار بنايو ٿا ، پوءِ الله تعالیٰ ئي مددگار آهي ۽ اهوئي مئلن کي جياري ٿو ۽ اهو

عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٩ وَمَا اخْتَلَفْتُمْ فِيْهِ مِنْ شَيْءٍ فَحُكْمُهٗۤ ع ٢

هر شيءِ تي قادر آهي . ۽ جنهن شيءِ ۾ توهان اختلاف ڪريو ٿا پوءِ اُن جو حُڪم (فيصلو)

اِلَى اللّٰهِ ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبِّيْ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۚ وَاِلَيْهِ اُنِيْبُ ۝١٠

الله تعالیٰ وٽ آهي ، رسول چئي توهان فرمايو اهو الله منهنجو رب آهي اُنهيءَ تي مون توڪل ڪيو آهي ، ۽ اُن ڏانهن آئون موٽندس .

فَاطِرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا وَّمِنَ

(اهو) آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ آهي ، اُن توهان لاءِ توهان ۾ جنس مان جوڑا پيدا ڪيا ۽ انهيءَ

الْاَنْعَامِ اَزْوَاجًا ۚ يَذْرَؤُكُمْ فِيْهِ ؕ لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ

چوپائين مان جوڑا بنايا ، منڪر طريقي سان اهو توهان کي پکڙي ٿو اُن جي مثال جهڙي ڪا به شيءِ ناهي ، ۽ اهو بڌندڙ

الْبَصِيْرُ ۝١١ لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يَبْسُطُ الرِّزْقَ

ڏسندڙ آهي . انهيءَ لاءِ آسمانن ۽ زمين جي (رزق جون) چابيون آهن ، جنهن لاءِ چاهي اُن جو رزق کشادو

لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝١٢ شَرَعَ لَكُمْ

ڪري ۽ جنهن لاءِ چاهي اُن جو رزق تنگ ڪري ، بيشڪ اهو هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي . الله تعالیٰ توهان لاءِ اهو

مِّنَ الدِّيْنِ مَا وَصّٰى بِهٖ نُوْحًا وَّالَّذِيْۤ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْكَ

دين مقرر ڪيو آهي جنهن جو اُن (حضرت) نوح کي حڪم ڪيو ۽ جيڪو اسان توهان ڏانهن وحي ڪيو آهي

(منزل ٦)

له تفسیر بیضاوی . لہ تفسیر مظہری .

وَمَا وَصَّيْنَا بِهٖٓ اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسٰٓى اَنْ اَقِيْمُوا الدِّيْنَ وَ

۽ جنهن جو حڪم اسان (حضرت) ابراهيم ۽ موسيٰ ۽ عيسيٰ کي ڏنو تہ توهان ان دين کي قائم رکو ۽

لَا تَتَفَرَّقُوْا فِيْهِ ۭ كَبُرَ عَلَى الْمُشْرِكِيْنَ مَا تَدْعُوْهُمْ اِلَيْهِ ۭ اَللّٰهُ

اُن ۾ فرقه بندي نه ڪريو، مشرڪن تي اها گاله گهري آهي جو توهان انهن کي الله تعالىٰ ڏانهن سڏيو ٿا، الله تعالىٰ

يَجْتَبِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ يُّنِيْبُ ۝۱۳ وَمَا

پاڻ ڏانهن جنهن کي چاهي منتخب ڪري ٿو ۽ جيڪو اُن ڏانهن متوجه ٿئي ٿو اُن کي پاڻ ڏانهن هدايت ڏي ٿو ۽ نہ انهن

تَفَرَّقُوْٓا اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَهُمُ الْعِلْمُ بَغْيًۢا بَيْنَهُمْ ۭ وَلَوْلَا

فرقه بندي ڪئي مگر علم اچڻ کان پوءِ، انهن پاڻ ۾ بغاوت ڪئي، ۽ ڪاش!

كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى لَّقُضِيَ بَيْنَهُمْ ۭ وَاِنَّ

(سول) ۽ربي جيڪ ڏانهن توهان جي ربّ جي طرفان اها گاله (عذاب کي پوئتي رکڻ واري) اڳيئي نہ چئي هجي ها تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪري ڇڏجي ها، ۽ بيشڪ

الَّذِيْنَ اُوْرِثُوا الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ ۝۱۴

جن ماڻهن کي ڪتاب جو وارث بنايو ويو (يهودي ۽ عيسائي) انهيءَ کان پوءِ يقيناً اهي شڪ ۾ پئجي ويل آهن.

فَلِذٰلِكَ فَادْعُ ۚ وَاسْتَقِمْ كَمَآ اُمِرْتَ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَاۗءَهُمْ ۚ

پوءِ ان سببان توهان انهن کي سڏيو ۽ حڪم مطابق توهان سڌا رستا مستقيم تي هجو ۽ توهان انهن جي سڌن جي تابعداري نہ ڪريو

وَقُلْ اٰمَنْتُ بِمَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ مِنْ كِتٰبٍ ۚ وَاُمِرْتُ لِاَعْدِلَ

۽ توهان فرمايو تہ آئون الله جي نازل ڪيل ڪتابن تي ايمان آڻيان ٿو ۽ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ آئون توهان جي وچ

بَيْنَكُمْ ۭ اَللّٰهُ رَبُّنَا وَرَبُّكُمْ ۭ لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ۭ لَا

عدل ڪريان، الله اسان جو ۽ توهان جو ربّ آهي، اسان لاءِ اسانجا عمل آهن ۽ توهان لاءِ توهان جا عمل آهن، اسان

حُجَّةَ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ ۭ اَللّٰهُ يَجْمَعُ بَيْنَنَا ۚ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ۝۱۵

جي ۽ توهان جي وچ ۾ ڪا حجت ناهي، الله تعالىٰ (قيامت جي ڏينهن) توهان ۽ اسان کي جمع ڪندو ۽ ان ڏانهن موٽڻ آهي.

[1] تفسیر مظهری. [2] تفسیر النسفی. [3] تفسیر بیضاوی.

وَالَّذِيْنَ يُحَآجُّوْنَ فِي اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مَا اسْتُجِيْبَ لَهٗ حُجَّتُهُمْ

۽ جيڪي ماڻهو اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ الله تعالىٰ جي دين ۾ جهيڙو ڪن ٿا ، انهن جي حجت سندن

دَاحِضَةٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَعَلَيْهِمْ غَضَبٌ وَّلَهُمْ عَذَابٌ

رب وٽ باطل آهي ۽ انهن تي غضب آهي ۽ انهن لاءِ شديد

شَدِيْدٌ ﴿۱۶﴾ اَللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ وَالْمِيْزَانَ ؕ وَمَا

عذاب آهي ، الله تعالىٰ اهو آهي جنهن حق سڃاڻ قرآن ڪريم نازل ڪيو ۽ رسول عربيؐ کي موڪليو ، ۽ تو هان کي

يُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ قَرِيْبٌ ﴿۱۷﴾ يَسْتَعْجِلُ بِهَا الَّذِيْنَ لَا

ڪنهن ڄاڻايو ؟ شايد قيامت قريب هجي . ان لاءِ اهي ماڻهو جلدي ڪن ٿا جيڪي

يُؤْمِنُوْنَ بِهَا ۚ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مُشْفِقُوْنَ مِنْهَا ۙ وَيَعْلَمُوْنَ

اُن تي ايمان نه ٿا رکن ، ۽ جيڪي ماڻهو (ان تي) ايمان رکن ٿا (اهي) ان کان ڊجندڙ آهن ، ۽ اهي ڄاڻن ٿا

اَنَّهَا الْحَقُّ ؕ اَلَآ اِنَّ الَّذِيْنَ يُمَارُوْنَ فِي السَّاعَةِ لَفِيْ ضَلٰلٍۢ

ته بيشڪ اها حق آهي ، خبردار بيشڪ جيڪي ماڻهو قيامت ۾ شڪ ڪن ٿا اهي پري واري

بَعِيْدٍ ﴿۱۸﴾ اَللّٰهُ لَطِيْفٌۢ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَهُوَ

گمراهي ۾ آهن . الله تعالىٰ پنهنجي بانهن تي لطف ڪندڙ آهي ، جنهن لاءِ چاهي اُن جو رزق ڪشاده ڪري ٿو ۽ اهو

الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ﴿۱۹﴾ مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ

وڏي قوت وارو غالب آهي . جيڪو ماڻهو آخرت جي پوک چاهي ٿو اسين ان لاءِ اُن پوک ۾

فِيْ حَرْثِهٖ ۚ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا ۙ

واڌارو ڪريون ٿا ، ۽ جيڪو ماڻهو دنيا جي پوک چاهي ٿو اسين اُن کي ان مان ڪجهه ڏيون ٿا ،

وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ ﴿۲۰﴾ اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا

۽ آخرت ۾ اُن لاءِ ڪو به ڪ نه ٿا گڻن ناهي . ڇا انهن جا اهڙا شريڪ آهن جن انهن لاءِ اهڙو

لہ تفسیر النسفی . لہ تفسیر روح البیان و تفسیر النسفی . (منزل ۶)

لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَاْذَنْ بِهِ اللّٰهُ ؕ وَلَوْلَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ

دين تيار ڪيو آهي جنهن جي الله تعالىٰ اجازت نٿي ڏني ۽ جيڪڏهن فيصلي واري گالهه ٽيل نه هجي ها

لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۲۱﴾ تَرَى

تہ ضرور (دنيا ۾) انهن جو فيصلو ٿي وڃي ها ۽ بيشڪ ظالمن لاءِ درد ناڪ عذاب آهي. رسول عربي توهان

الظّٰلِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ مِمَّا كَسَبُوْا وَهُوَ وَاقِعٌۢ بِهِمْ ؕ وَالَّذِيْنَ

ظالمن کي سندن بد اعمالي سببان خوفزده ڏسندا ۽ اهو (عذاب) انهن تي پهچندو ۽ جن مانڻن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فِيْ رَوْضٰتِ الْجَنّٰتِ ۚ لَهُمْ مَّا

ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا (اهي) جنت جي تفريحي[1] مقامن ۾ هوندا، انهن لاءِ

يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ﴿۲۲﴾

سندن رب وٽ اهو هوندو جيڪو پاڻ چاهيندا، اهو ئي تمام وڏو فضل آهي.

ذٰلِكَ الَّذِيْ يُبَشِّرُ اللّٰهُ عِبَادَهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ

هي اها بشارت آهي جيڪا الله تعالىٰ پنهنجي انهن بانهن کي ڏي ٿو جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا،

قُلْ لَّاۤ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ اَجْرًا اِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبٰى ؕ وَمَنْ يَّقْتَرِفْ حَسَنَةً

رسول عربي توهان فرمايو آڻون توڳي کان تبليغ جي عيوض ڪو اجر نٿو گهران پر توهان منهنجي اهل بيت[2] سان محبت رکو، جيڪو نيڪي عربي ٿو

نَّزِدْ لَهٗ فِيْهَا حُسْنًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ﴿۲۳﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰى عَلَى

اسين ان لاءِ انهيءَ ۾ نيڪي زياده ڪريون ٿا، بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ شڪر قبول ڪندڙ آهي. ڇا اهي چون ٿا ته رسول عربي الله تعالىٰ تي

اللّٰهِ كَذِبًا ۚ فَاِنْ يَّشَاِ اللّٰهُ يَخْتِمْ عَلٰى قَلْبِكَ ؕ وَيَمْحُ اللّٰهُ الْبَاطِلَ

ڪوڙهنيو آهي، پوءِ جيڪڏهن الله تعالىٰ چاهي ته توهان جي دل مبارڪ تي صبر جي مهر هڻي، ۽ الله تعالىٰ باطل کي مٽائي ٿو ۽

وَيُحِقُّ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۲۴﴾ وَهُوَ الَّذِيْ

پنهنجي نشانين سان حق کي ثابت ڪري ٿو، بيشڪ اهو ئي سينن جا راز ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو ئي آهي جيڪو

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير فتح الغيب المعروف بالتفسير الكبير (منزل ۶) تفسير السنفي، تفسير تنوير المقباس وتفسير مظهري وروح البيان.

يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَعْفُوْا عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعْلَمُ مَا

پنهنجي بانهن جي توبه قبول ڪري ٿو ۽ (انهن جا) گناهه معاف ڪري ٿو ۽ اهو جاڻي ٿو جيڪو توهان

تَفْعَلُوْنَ ﴿۲۵﴾ وَيَسْتَجِيْبُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَيَزِيْدُهُمْ

عمل ڪريو ٿا ۔ ۽ اهو دُعا قبول فرمائي ٿو انهن مائٹن جي جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا ۽ انهن کي پنهنجي

مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ وَالْكٰفِرُوْنَ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ﴿۲۶﴾ وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ

فضل سان زياده به عطا ڪري ٿو ۽ ڪافرن لاءِ شديد عذاب آهي ۔ ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ پنهنجي

الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ وَلٰكِنْ يُّنَزِّلُ بِقَدَرٍ مَّا يَشَآءُ ؕ

سڀني بانهن جو رزق ڪشادو ڪري ها تہ يقيناً اهي زمين ۾ بغاوت ڪن ها پر اهو جيترو رزق چاهي اهو اندازي سان نازل ڪري ٿو

اِنَّهٗ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۲۷﴾ وَهُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ الْغَيْثَ مِنْۢ

بيشڪ اهو پنهنجي بانهن کان چڱيءَ طرح خبردار تہ سندن آهي ۔ ۽ اهو ئي آهي جيڪو برسات نازل ڪري ٿو ان کان پوءِ

بَعْدِ مَا قَنَطُوْا وَيَنْشُرُ رَحْمَتَهٗ ؕ وَهُوَ الْوَلِيُّ الْحَمِيْدُ ﴿۲۸﴾ وَمِنْ

جو اهي نااميد ٿين تہ ۽ پنهنجي رحمت کي پکيڑي ٿو ۔ ۽ اهو ئي مددگار گهڻو ساراهيل آهي ۔ ۽ ان جي

اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَثَّ فِيْهِمَا مِنْ دَآبَّةٍ ؕ وَ

نشانين مان آسمانن ۽ زمين جي تخليق آهي ۽ جيڪي هلندڙ آهن اُهي انهن ۾ پکيڑيائين ۽

هُوَ عَلٰى جَمْعِهِمْ اِذَا يَشَآءُ قَدِيْرٌ ﴿۲۹﴾ وَمَآ اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا

اهو جڏهن چاهي انهن جي جمع ڪرڻ ۾ قادر آهي ۔ ۽ توهان کي جيڪا مصيبت پهچي تي اُها توهان جي

كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْا عَنْ كَثِيْرٍ ﴿۳۰﴾ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي

بداعمالي سبب آهي ۽ گهڻو ڪجهه اهو توهان کي معاف ڪري ٿو ۔ ۽ توهان زمين ۾ (انسان کي) عاجز ڪندڙ

الْاَرْضِ ۖ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ ﴿۳۱﴾

ناهيو ۔ ۽ الله تعالىٰ کان سواءِ توهان لاءِ کو به مددگار ۽ حمايتي ناهي ۔

ع ۴

لہ تفسیر روح البیان ۔ لہ تفسیر تنویر المقباس ۔

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الْجَوَارِ فِي الْبَحْرِ كَالْاَعْلَامِ ﴿۳۲﴾ اِنْ يَّشَاْ يُسْكِنِ الرِّيْحَ

۽ ان جي نشانين مان جبلن جيترين ٻيڙين آهن جيڪي سمنڊ ۾ هلن ٿيون. ۽ جيڪڏهن اهو چاهي ته هوا کي بند ڪري

فَيَظْلَلْنَ رَوَاكِدَ عَلٰى ظَهْرِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ

پوءِ اهي سمنڊ جي مٿان بيهي رهن ، بيشڪ انهيءَ ۾ هر گهڻي صبر ۽ شڪر ڪندڙ لاءِ نشانيون

شَكُوْرٍ ﴿۳۳﴾ اَوْ يُوْبِقْهُنَّ بِمَا كَسَبُوْا وَيَعْفُ عَنْ كَثِيْرٍ ﴿۳۴﴾ وَّيَعْلَمَ

آهن . يا انهن کي سندن بداعمالين سبب برباد ڪري ڇڏي ۽ گهڻو ڪجهه معاف ڪري ٿو . ۽ اهي ماڻهو

الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْۤ اٰيٰتِنَا ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ مَّحِيْصٍ ﴿۳۵﴾ فَمَاۤ اُوْتِيْتُمْ

يقين ڪن جيڪي اسانجي آيتن ۾ جهيڙو ڪن ٿا ، انهن جي لاءِ ڇوٽڪاري جو ڪو به رستو ڪونهي . ۽ جيڪو ڪجهه توهان کي

مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى

مليو آهي پوءِ اهو دنيا جي حياتيءَ جو گذران آهي ۽ جيڪو (ثواب) الله تعالىٰ وٽ آهي اهو بهتر ۽ هميشه رهڻ وارو

لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ﴿۳۶﴾ ۚ وَالَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ

آهي (اهو) انهن ماڻهن لاءِ جيڪي مؤمن آهن ۽ اهي پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا . ۽ اهي ماڻهو ڪبيرن گناهن ۽

كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ وَاِذَا مَا غَضِبُوْا هُمْ يَغْفِرُوْنَ ﴿۳۷﴾ ۚ وَ

بي حيائيءَ کان پرهيز ڪن ٿا ۽ جڏهن کين ڪاوڙ اچي ٿي ته اهي بخشي ڪن ٿا . ۽

الَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ۪ وَاَمْرُهُمْ شُوْرٰى

جن مؤمنن پنهنجي رب جو حڪم مڃيو ۽ نماز قائم ڪئي ۽ انهن جا ڪم پاڻ ۾ مشوري سان

بَيْنَهُمْ ۪ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳۸﴾ ۚ وَالَّذِيْنَ اِذَاۤ اَصَابَهُمُ

طئي ٿين ٿا ، ۽ جيڪو ڪجهه اسانجي انهن کي ڏنو آهي انهيءَ مان خرچ ڪن ٿا . ۽ اهي ماڻهو جن کي جڏهن (ڪنهن جي طرفان)

الْبَغْيُ هُمْ يَنْتَصِرُوْنَ ﴿۳۹﴾ وَجَزٰٓؤُا سَيِّئَةٍ سَيِّئَةٌ مِّثْلُهَا ۚ

ظلم ۽ زيادتي پهچي ٿي ته (ان جو مناسب) بدلو وٺن ٿا . ۽ برائيءَ جي سزا برائي جيتري هوندي آهي .

ك تفسير جلالين . ك تفسير مظهري .

فَمَنْ عَفَا وَاَصْلَحَ فَاَجْرُهٗ عَلَى اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ

پوءِ جنهن ماڻهو بخش ڪيو ۽ صلح ڪيو پوءِ ان جو اجر الله تعالىٰ ذمي آهي ، بيشڪ اهو ظالمن سان

الظّٰلِمِيْنَ ﴿۴۰﴾ وَلَمَنِ انْتَصَرَ بَعْدَ ظُلْمِهٖ فَاُولٰٓئِكَ مَا عَلَيْهِمْ

محبت نه ٿو ڪري . ۽ جيڪو ظلم ٿيڻ کان پوءِ مناسب بدلو وٺي ته پوءِ اهڙن ماڻهن تي

مِّنْ سَبِيْلٍ ؕ ﴿۴۱﴾ اِنَّمَا السَّبِيْلُ عَلَى الَّذِيْنَ يَظْلِمُوْنَ النَّاسَ

ڪابه پڪڙ ناهي . پڪڙ ته فقط انهن ماڻهن تي آهي جيڪي ماڻهن سان ظلم ڪن ٿا

وَيَبْغُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ

۽ زمين ۾ ناحق بغاوت ڪن ٿا ، انهن ماڻهن لاءِ درد ناڪ

اَلِيْمٌ ﴿۴۲﴾ وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿۴۳﴾ ع ۵

عذاب آهي . ۽ جنهن ماڻهو صبر ڪيو ۽ بخش ڪيو بيشڪ ايئن ڪرڻ وڏي همت ۽ جرأت جي ڪمن مان آهي

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ وَّلِىٍّ مِّنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَتَرَى الظّٰلِمِيْنَ

۽ جنهن کي الله تعالىٰ گمراهه ڪري ٿو پوءِ ان لاءِ ان کان پوءِ کو به مددگار ناهي ، ۽ توهان ظالمن کي ڏسندا

لَمَّا رَاَوُا الْعَذَابَ يَقُوْلُوْنَ هَلْ اِلٰى مَرَدٍّ مِّنْ سَبِيْلٍ ﴿۴۴﴾ وَتَرٰىهُمْ

جڏهن اهي عذاب ڏسندا ته اهي پاڻ چوندا ته آيا واپس موٽڻ لاءِ کو رستو آهي . ۽ توهان انهن کي ڏسندا

يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا خٰشِعِيْنَ مِنَ الذُّلِّ يَنْظُرُوْنَ مِنْ طَرْفٍ خَفِىٍّ ؕ

جڏهن انهن کي جهنم جي سامهون آندو ويندو اهي ذلت کان ڪنڌ جهڪايل هوندا ۽ پوشيدگي نگاهن سان ڏسندا ،

وَقَالَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ

۽ (ان وقت) مؤمن چوندا بيشڪ نقصان وارا اهي ماڻهو آهن جن پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي پيروي ڪندڙن کي قيامت جي ڏينهن

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اَلَآ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ فِىْ عَذَابٍ مُّقِيْمٍ ﴿۴۵﴾ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنْ

نقصان ۾ وڌو . خبردار بيشڪ ظالم عذاب ۾ همڪيشه رهندڙ آهن . ۽ انهن لاءِ ڪي به

لہ تفسیر جلالین . کہ تفسیر مظہری .

أَوْلِيَآءَ يَنصُرُونَهُم مِّن دُونِ اللَّهِ ۗ وَمَن يُضْلِلِ اللَّهُ فَمَا لَهُۥ مِن
مددگار نه هوندا جيڪي الله کان سواءِ انهن جي مدد ڪن، ۽ جنهن کي الله تعالىٰ گمراهه ڪري تو پوءِ ان لاءِ کا به
سَبِيلٍ ﴿٤٤﴾ ٱسْتَجِيبُوا۟ لِرَبِّكُم مِّن قَبْلِ أَن يَأْتِىَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهُۥ
واٽ ناهي. توهان پنهنجي رب جو حڪم مڃو، اُن کان اڳ جو اهو ڏينهن (قيامت جو) اچي جو الله تعالىٰ کان سواءِ ڪنهن
مِنَ اللَّهِ ۖ مَا لَكُم مِّن مَّلْجَإٍ يَوْمَئِذٍ وَمَا لَكُم مِّن نَّكِيرٍ ﴿٤٧﴾ فَإِنْ أَعْرَضُوا۟
اُن کي موٽائي نه سگهي ان ڏينهن توهان کي کا به پناه ۽ روڪڻ جي جاءِ نه هوندي. پوءِ جيڪڏهن اهي انڪار ڪن
فَمَآ أَرْسَلْنَٰكَ عَلَيْهِمْ حَفِيظًا ۖ إِنْ عَلَيْكَ إِلَّا ٱلْبَلَٰغُ ۗ وَإِنَّآ إِذَآ أَذَقْنَا
پوءِ اسان توهان کي انهن تي محافظ ڪري نه موڪليو آهي، توهان تي تبليغ آهي (جيڪا توهان ڪئي) ۽ بيشڪ اسين جنهن وقت انسان
ٱلْإِنسَٰنَ مِنَّا رَحْمَةً فَرِحَ بِهَا ۖ وَإِن تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ
کي انسان وٽان رحمت عطا ڪريون تا تڏهن تي خوش ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن انهن کي سندن بداعمالي سببان کا تڪليف
أَيْدِيهِمْ فَإِنَّ ٱلْإِنسَٰنَ كَفُورٌ ﴿٤٨﴾ لِّلَّهِ مُلْكُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ۚ يَخْلُقُ
پهچي ٿي پوءِ بيشڪ انسان (ڪافر) وڏو ناشڪرو آهي. الله تعالىٰ لاءِ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي، جيڪو چاهي سو
مَا يَشَآءُ ۚ يَهَبُ لِمَن يَشَآءُ إِنَٰثًا وَيَهَبُ لِمَن يَشَآءُ ٱلذُّكُورَ ﴿٤٩﴾
پيدا ڪري تو، جنهن کي چاهي نياڻيون عطا ڪري ۽ جنهن کي چاهي (اُن کي) پُٽ عطا ڪري.
أَوْ يُزَوِّجُهُمْ ذُكْرَانًا وَإِنَٰثًا ۖ وَيَجْعَلُ مَن يَشَآءُ عَقِيمًا ۚ إِنَّهُۥ عَلِيمٌ
يا (ڪن کي) پُٽ ۽ نياڻيون عطا ڪري. ۽ جنهن کي چاهي اُن کي بي اولاد بنائي. بيشڪ اهو گهڻو ڄاڻندڙ
قَدِيرٌ ﴿٥٠﴾ وَمَا كَانَ لِبَشَرٍ أَن يُكَلِّمَهُ ٱللَّهُ إِلَّا وَحْيًا أَوْ مِن وَرَآئِ
صاحب قدرت آهي. ۽ ڪنهن ماڻهوءَ کي مناسب ناهي جو الله ان سان ڪلام ڪري مگر بذريعه وحي يا پردي جي
حِجَابٍ أَوْ يُرْسِلَ رَسُولًا فَيُوحِىَ بِإِذْنِهِۦ مَا يَشَآءُ ۚ إِنَّهُۥ عَلِىٌّ حَكِيمٌ ﴿٥١﴾
پوئي يا ڪنهن فرشتي کي موڪلي پوءِ اهو ان جي اجازت سان جيڪو چاهي وحي ڪري. بيشڪ اهو بلند حڪمت وارو آهي

له تفسير النسفي . ٥ تفسير روح البيان.

وَكَذٰلِكَ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ رُوْحًا مِّنْ اَمْرِنَا ؕ مَا كُنْتَ تَدْرِيْ مَا الْكِتٰبُ

۽ اهڙيءَ طرح اسان توهان ڏانهن پنهنجي حڪم سان وحي موڪلي. (وحيءَ نبوت جي اڳ ڪان اڳ ۾) توهان پنهنجي تخيي سان نه ڄاڻندا هئا ته

وَلَا الْاِيْمَانُ وَلٰكِنْ جَعَلْنٰهُ نُوْرًا نَّهْدِيْ بِهٖ مَنْ نَّشَآءُ مِنْ عِبَادِنَا ؕ

ڪتاب آهي؟ ۽ ايمان ڇا آهي، پر اسان اُن کي نور بنايو جنهن سان اسين پنهنجي بانهن مان جنهن کي چاهيون هدايت ڪريون ٿا،

وَاِنَّكَ لَتَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۵۲﴾ صِرَاطِ اللّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا

۽ بيشڪ رسول عربي ۽ صراط مستقيم جي هدايت ڏيندو آهين. (يعني) الله تعالىٰ جي رستي جي جنهن لاءِ اهو سڀ ڪجهه آهي

فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اَلَآ اِلَى اللّٰهِ تَصِيْرُ الْاُمُوْرُ ﴿۵۳﴾ ع ۶

جيڪو آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي. خبردار الله تعالىٰ ڏانهن سڀ ڪم موٽايا وڃن ٿا.

اٰيَاتُهَا ۸۹ (۴۳) سُوْرَةُ الزُّخْرُفِ مَكِّيَّةٌ (۶۳) رُكُوْعَاتُهَا ۷

سورة زخرف مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي ۽ انهي ۾ ۷ رڪوع ۽ ۸۹ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان بأجهارو (آهي).

حٰمٓ ﴿۱﴾ وَالْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ ﴿۲﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لَّعَلَّكُمْ

حٰمٓ. قسم آهي قرآن ڪريم جو، بيشڪ اسان قرآن ڪريم کي عربيءَ ۾ نازل ڪيو ته جَن توهان

تَعْقِلُوْنَ ﴿۳﴾ وَاِنَّهٗ فِيْٓ اُمِّ الْكِتٰبِ لَدَيْنَا لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ ﴿۴﴾ اَفَنَضْرِبُ

سمجهو. ۽ بيشڪ اهو اسان وٽ لوح محفوظ ۾ يقيناً اعليٰ (۽) حڪمت وارو آهي. ڇا بوءِ اسين

عَنْكُمُ الذِّكْرَ صَفْحًا اَنْ كُنْتُمْ قَوْمًا مُّسْرِفِيْنَ ﴿۵﴾ وَكَمْ اَرْسَلْنَا

توهان کان نصيحت پري ڪري ڇڏيون ان لاءِ ته توهان حد کان وڌندڙ قوم آهيو. ۽ اسان پهرين (امتن) ۾

مِنْ نَّبِيٍّ فِي الْاَوَّلِيْنَ ﴿۶﴾ وَمَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ نَّبِيٍّ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ

گهڻا ئي پيغمبر موڪليا. نه ڪي آيو انهن وٽ ڪو نبي مگر اهي ان سان

۱۱ ع

۱ تفسير روح البيان. ۲ تفسير ڪبير و تفسير مظهري. (منزل ۶) ۳ تفسير مظهري و تفسير روح البيان.

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٧﴾ فَاَهْلَكْنَآ اَشَدَّ مِنْهُمْ بَطْشًا وَّمَضٰى مَثَلُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٨﴾

مذاق ڪندا هئا ۽ پوءِ اسان انهن مان بدترين ماڻهو پڪڙ ۾ آڻي هلاڪ ڪياءِ (اهڙا) ڪيترائي پهريان جا مثال گذري چڪا آهن

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ خَلَقَهُنَّ

۽ رسول! جي ڪڏهن تو هنن کان سوال ڪندا ته آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ اهي ضرور چوندا ته انهن کي

الْعَزِيْزُ الْعَلِيْمُ ﴿٩﴾ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ مَهْدًا وَّجَعَلَ لَكُمْ

الله تعالىٰ پيدا ڪيو آهي . اهو رب جنهن توهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بنايو ۽ توهان لاءِ اُن ۾

فِيْهَا سُبُلًا لَّعَلَّكُمْ تَهْتَدُوْنَ ﴿١٠﴾ وَالَّذِيْ نَزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً

رستا بنايا اُن لاءِ ته توهان کي راهه ملي . ۽ اهو رب جنهن توهان لاءِ آسمان مان اندازي سان

بِقَدَرٍ ۚ فَاَنْشَرْنَا بِهٖ بَلْدَةً مَّيْتًا ۚ كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿١١﴾

برسات وسائي، پوءِ اسان اُن سان هڪ غير آباد شهر کي آباد ڪيو . اهڙيءَ طرح (قبرن مان زنده ڪري) توهان کي ڪڍيو ويندؤ

وَالَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا وَجَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الْفُلْكِ وَالْاَنْعَامِ

۽ اهو رب جنهن سمورا جوڑا پيدا ڪيا ۽ توهان لاءِ ٻيڙيون ۽ چوپايا بنايا . (جن ۾)

مَا تَرْكَبُوْنَ ﴿١٢﴾ لِتَسْتَوٗا عَلٰى ظُهُوْرِهٖ ثُمَّ تَذْكُرُوْا نِعْمَةَ رَبِّكُمْ اِذَا

توهان سوار ٿيو ٿا . اُن لاءِ ته توهان انهن جي پُٺين تي هموار ٿي ويهو ۽ ويهوان کان پوءِ توهان پنهنجي رب جون نعمتون ياد ڪريو

اسْتَوَيْتُمْ عَلَيْهِ وَتَقُوْلُوْا سُبْحٰنَ الَّذِيْ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَمَا كُنَّا

جڏهن توهان انهن تي هموار ٿي ويهو ۽ توهان چئو ته اهو رب پاڪ آهي جنهن اسان لاءِ هن سواريءَ کي مسخر بنايو ۽ اسين

لَهٗ مُقْرِنِيْنَ ﴿١٣﴾ وَاِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا لَمُنْقَلِبُوْنَ ﴿١٤﴾ وَجَعَلُوْا لَهٗ مِنْ عِبَادِهٖ

اُن کي قابو ڪندڙ نه هئون . ۽ بيشڪ اسان کي يقيناً پنهنجي رب ڏانهن موٽڻو آهي . ۽ ڪافرن الله لاءِ سندس بندن کي

جُزْءًا ؕ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَكَفُوْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥﴾ ع اَمِ اتَّخَذَ مِمَّا يَخْلُقُ بَنٰتٍ

خدا جو اولاد بنايو؛ بيشڪ انسان يقيناً صاف ناشڪرو آهي . ڇا ان پنهنجي مخلوق مان لاءِ نياڻيون پسند ڪيون؟

ع ١٥ ٧

له، ڪه ۽ ڪه تفسير روح البيان.

وَّاَصْفٰىكُمْ بِالْبَنِيْنَ ﴿١٦﴾ وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِمَا ضَرَبَ لِلرَّحْمٰنِ

۽ توهان کي پُٽ ڏيئي اعلىٰ ڪيو ۽ جنهن وقت انهن مان هڪڙي کي (نياڻي جي) مبارڪ ڏني وڃي ٿي جيڪو مثال اڻي الله لاءِ ڏين ٿا

مَثَلًا ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿١٧﴾ اَوَمَنْ يُّنَشَّؤُا فِى

تہ سندن چهرو قهريءَ ڪاروٽيءَ ٿو ۽ اڻي سخت غمگين ٿين ٿا ۔ ڇا جيڪو ماڻهو زيورن ۾

الْحِلْيَةِ وَهُوَ فِى الْخِصَامِ غَيْرُ مُبِيْنٍ ﴿١٨﴾ وَجَعَلُوا الْمَلٰٓئِكَةَ

پاليو وڃي ٿو ۽ اهو بحث ۾ چٽو نه ڳالهائي (اُهو رب تعالىٰ جو اولاد ٿي سگهي ٿو؟ قطعاً نه) ۽ انهن (ڪافرن) ملائڪن کي مؤنث بنايو

الَّذِيْنَ هُمْ عِبٰدُ الرَّحْمٰنِ اِنَاثًا ؕ اَشَهِدُوْا خَلْقَهُمْ ؕ سَتُكْتَبُ

اهي (ملائڪ درحقيقت) رحمٰن جا بانها آهن ، ڇا اهي انهن جي تخليق وقت موجود هئا؟ جلد انهن جي

شَهَادَتُهُمْ وَيُسْـَٔلُوْنَ ﴿١٩﴾ وَقَالُوْا لَوْ شَآءَ الرَّحْمٰنُ مَا عَبَدْنٰهُمْ ؕ

گواهي لکي ويندي ۽ انهن کان (آخرت ۾ ان بابت) پڇيو ويندو ۽ انهن جيو چيڻ آهن رحمٰن چاهي ها ته اسين ملائڪن جي عبادت نه ڪريون ها ۔

مَا لَهُمْ بِذٰلِكَ مِنْ عِلْمٍ ۚ اِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿٢٠﴾ اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ

انهن کي ان جو ڪو به علم ناهي ۔ اهي ته فقط ڪوڙ ڳالهائن ٿا ۔ ڇا اسان انهن کي ان کان

كِتٰبًا مِّنْ قَبْلِهٖ فَهُمْ بِهٖ مُسْتَمْسِكُوْنَ ﴿٢١﴾ بَلْ قَالُوْٓا اِنَّا وَجَدْنَآ

اڳ ۾ ڪتاب نه ڏنو؟ پوءِ اهي اُن تي عمل ڪندڙ آهن ۔ بلڪ انهن چيو بيشڪ اسان پنهنجي

اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٢٢﴾ وَكَذٰلِكَ مَآ

پيءُ ڏاڏي کي ان دين تي لڌو ۽ بيشڪ اسين انهن جي نقشِ قدم تي هدايت وارا آهيون ۽ اهڙيءَ طرح نه

اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ فِىْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ اِنَّا

موڪليو اسان توهان کان اڳ ۾ (ڪنهن) ڳوٺ ۾ ڪو پيغمبر مگر ان ڳوٺ جي وڏن ماڻهن چيو بيشڪ اسان

وَجَدْنَآ اٰبَآءَنَا عَلٰٓى اُمَّةٍ وَّاِنَّا عَلٰٓى اٰثٰرِهِمْ مُّقْتَدُوْنَ ﴿٢٣﴾

پنهنجي پيءُ ڏاڏن کي ان دين تي لڌو ۽ بيشڪ اسين انهن جي نقشِ قدم جي تابعداري ڪندڙ آهيون ۔

لہ ۽ تہ تفسير جلالين ۔ تہ تفسير جامع البيان ۔

قُلْ أَوَلَوْ جِئْتُكُمْ بِأَهْدَىٰ مِمَّا وَجَدْتُمْ عَلَيْهِ آبَاءَكُمْ ۖ قَالُوا إِنَّا

(رسول عربي توهان کي) فرمايو چا جيڪو دين مون توهان وٽ آندو آهي اهو توهانجي آبائي دين کان وڌيڪ بهتر ناهي، (ڪافرن) چيو بيشڪ اسين

بِمَا أُرْسِلْتُمْ بِهِ كَافِرُونَ ﴿٢٤﴾ فَانْتَقَمْنَا مِنْهُمْ ۖ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ

رسالت جا انڪاري آهيون. پوءِ اسان انهن کان انتقام ورتو. پوءِ توهان ڏسو ته ڪوڙن جي

عَاقِبَةُ الْمُكَذِّبِينَ ﴿٢٥﴾ وَإِذْ قَالَ إِبْرَاهِيمُ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ إِنَّنِي

پڇاڙي ڪهڙي ٿئي ٿي. ۽ (رسول عربي توهان) ياد ڪريو جڏهن (حضرت) ابراهيم پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيو ته بيشڪ آئون

بَرَاءٌ مِمَّا تَعْبُدُونَ ﴿٢٦﴾ إِلَّا الَّذِي فَطَرَنِي فَإِنَّهُ سَيَهْدِينِ ﴿٢٧﴾ وَ

انهن (بتن) کان بيزار آهيان جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا. سواءِ اُن خالق جي جنهن مون کي پيدا ڪيو بيشڪ اهو ئي مون کي هدايت ڏيندو. ۽ اسان

جَعَلَهَا كَلِمَةً بَاقِيَةً فِي عَقِبِهِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ ﴿٢٨﴾ بَلْ مَتَّعْتُ هَٰؤُلَاءِ

اُن ڪلمي کي سندس اولاد ۾ باقي رکيو ته جو اهي موٽن. بلڪ اسان انهن کي ۽ انهن جي

وَآبَاءَهُمْ حَتَّىٰ جَاءَهُمُ الْحَقُّ وَرَسُولٌ مُبِينٌ ﴿٢٩﴾ وَلَمَّا جَاءَهُمُ الْحَقُّ

پيءُ ڏاڏن کي فائدو ڏنو ايستائين جو انهن وٽ قرآن ڪريم ۽ رسول عربي پهتا. ۽ جڏهن انهن وٽ حق پهتو

قَالُوا هَٰذَا سِحْرٌ وَإِنَّا بِهِ كَافِرُونَ ﴿٣٠﴾ وَقَالُوا لَوْلَا نُزِّلَ هَٰذَا

انهن چيو هي سُحر آهي ۽ بيشڪ اسين ان جا انڪاري آهيون. ۽ (ڪافرن) چيو جو ڏاڍ ڪيو ويو هي ۽

الْقُرْآنُ عَلَىٰ رَجُلٍ مِنَ الْقَرْيَتَيْنِ عَظِيمٍ ﴿٣١﴾ أَهُمْ يَقْسِمُونَ

قرآن انهن بن شهرن (مڪه ۽ طائف) جي ڪنهن اميرَ ماڻهوءَ تي. ڇا اهي توهان جي رب جي رحمت (نبوت)

رَحْمَتَ رَبِّكَ ۚ نَحْنُ قَسَمْنَا بَيْنَهُمْ مَعِيشَتَهُمْ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا

جي تقسيم ڪن ٿا. اسين انهن جي وچ ۾ هن دنيا اندر سندن معيشت (روزي) جي تقسيم ڪريون ٿا

وَرَفَعْنَا بَعْضَهُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجَاتٍ لِيَتَّخِذَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا

۽ درجن ۾ اسان انهن مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ ڪيو آهي، ان لاءِ ته انهن مان هڪڙا ٻين کان

الرکوع ٣

لہ تفسیر النسفی. کہ تفسیر روح البیان. کہ تفسیر کبیر للعلامۃ الرازی (منزل ٦) کہ تفسیر مظہری.

سُخْرِيًّا ۗ وَرَحْمَتُ رَبِّكَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُونَ ﴿٣٢﴾ وَلَوْلَآ أَن يَكُونَ

ڪم ۽ ٿئي ٿا ۽ (سول) اوهان جي رب جي رحمت (نبوت) انهن جي دولت کان بهتر آهي ۽ جيڪڏهن ايئن نه هجي ها ته

النَّاسُ أُمَّةً وَٰحِدَةً لَّجَعَلْنَا لِمَن يَكْفُرُ بِالرَّحْمَٰنِ لِبُيُوتِهِمْ

سڀ ماڻهو هڪ دين تي هجن ها ته اسين ضرور رحمٰن جي انڪارين لاءِ ، چاندي جي

سُقُفًا مِّن فِضَّةٍ وَمَعَارِجَ عَلَيْهَا يَظْهَرُونَ ﴿٣٣﴾ وَلِبُيُوتِهِمْ أَبْوَابًا

ڇتن وارا گهر ۽ سيڑهيون تيار ڪرايون ها جن تي اهي چڙهن ها ۽ انهن جي گهرن لاءِ (چاندي جا) دروازا

وَسُرُرًا عَلَيْهَا يَتَّكِـُٔونَ ﴿٣٤﴾ وَزُخْرُفًا ۚ وَإِن كُلُّ ذَٰلِكَ لَمَّا

۽ تخت نهرايون ها جن تي ٽيڪ ڏين ها ۽ ڪين هر قسم جي آرائش ڏيون ها ۽ اهو سڀ ناهي مگر

مَتَاعُ الْحَيَوٰةِ الدُّنْيَا ۚ وَالْـَٔاخِرَةُ عِندَ رَبِّكَ لِلْمُتَّقِينَ ﴿٣٥﴾

دنيا جي حياتي جو (بي بقا) سامان ۽ توهان جي رب وٽ آخرت پرهيزگارن لاءِ آهي .

وَمَن يَعْشُ عَن ذِكْرِ الرَّحْمَٰنِ نُقَيِّضْ لَهُۥ شَيْطَٰنًا فَهُوَ لَهُۥ قَرِينٌ ﴿٣٦﴾

۽ جيڪو ماڻهو رحمٰن جي ذڪر کان منهن موڙي ٿو اسين اُن تي شيطان کي مقرر ڪريون ٿا ۽ اهو اُن جو ساٿي آهي .

وَإِنَّهُمْ لَيَصُدُّونَهُمْ عَنِ السَّبِيلِ وَيَحْسَبُونَ أَنَّهُم مُّهْتَدُونَ ﴿٣٧﴾

إِلٰهٌ غَيْرُ اللّٰهِ ۭ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَإِنْ يَّرَوْا

الله تعالىٰ کان سواءِ ڪو معبود آهي، الله تعالىٰ انهن جي شرڪ کان پاڪ آهي . ۽ جيڪڏهن اهي

كِسْفًا مِّنَ السَّمَآءِ سَاقِطًا يَّقُوْلُوْا سَحَابٌ مَّرْكُوْمٌ ﴿٤٤﴾

آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندڙ ڏسن ته چوندا (اهو) گهُٽاٽو (وسندڙ) ڪڪر آهي.

فَذَرْهُمْ حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ فِيْهِ يُصْعَقُوْنَ ﴿٤٥﴾ يَوْمَ

پوءِ توهان انهن کي ڇڏي ڏيو ايستائين جو اهي ان ڏينهن (قيامت) کي پهچن جنهن ۾ اهي بيهوش ڪيا ويندا. اُن ڏينهن

لَا يُغْنِيْ عَنْهُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا هُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَإِنَّ لِلَّذِيْنَ

انهن جي رٿ انهن تان ڪاڏي دفع ڪري نه سگهندي ۽ نه انهن جي مدد ڪئي ويندي. ۽ بيشڪ

ظَلَمُوْا عَذَابًا دُوْنَ ذٰلِكَ وَلٰكِنَّ أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٤٧﴾

ظالمن لاءِ اُن کان پوءِ ٻيو (دُنيا ۾) عذاب آهي، پر انهن مان اڪثر نه ڄاڻن .

وَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ فَإِنَّكَ بِأَعْيُنِنَا وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ

۽ رسول عربي توهان پنهنجي رب جي حڪم مطابق صبر ڪريو، پوءِ بيشڪ توهان اسان جي حفاظت ۾ آهيو ۽ توهان پنهنجي رب جي تسبيح ۽ تعريف ڪريو

حِيْنَ تَقُوْمُ ﴿٤٨﴾ وَمِنَ الَّيْلِ فَسَبِّحْهُ وَإِدْبَارَ النُّجُوْمِ ﴿٤٩﴾ ع

جڏهن توهان اُٿو ٿا . ۽ رات ۾ اُن جي تسبيح ڪريو ۽ تارن غائب ٿيڻ وقت به ان جي تسبيح پڙهو.

ع ٢ ٢٤ ٦

له تفسير روح البيان . ٢ تفسير جلالين . ٣ تفسير مظهري

آياتها ٦٢ (٥٣) سُوْرَةُ النَّجْمِ مَكِّيَّةٌ (٢٣) رکوعاتها ٣

سورة والنجم مکه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي آيتون ۾ ٣، رکوع ۽ ١٢٢، آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ٻاجهارو (آهي)

وَالنَّجْمِ اِذَا هَوٰى ۙ﴿١﴾ مَا ضَلَّ صَاحِبُكُمْ وَمَا غَوٰى ۚ﴿٢﴾ وَمَا

قسم آهي محمد ﷺ جو جڏهن پاڻ معراج تان هيٺ لٿا، رسول عربي هدايت ڏيندڙ ۽ صحيح رستو ڏيکاريندڙ آهن ۽ رسول عربي

يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۭ﴿٣﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۙ﴿٤﴾ عَلَّمَهٗ شَدِيْدُ

پنهنجي خواهش سان ڪا به گفتگو نه ٿا ڪن. اها ته وحي رباني آهي جيڪا سندن ڏانهن موڪلي وحي ٿي. رب العلمين پنهنجي حبيب ڪي (اسپيڪر ۾ سڪار ڏيو)

الْقُوٰى ۙ﴿٥﴾ ذُوْ مِرَّةٍ ۭ فَاسْتَوٰى ۙ﴿٦﴾ وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى ۭ﴿٧﴾

جيڪو وڏي قوت وارو آهي. پوءِ (معراج وقت) پاڻ پنهنجي شان وٽان برابر شيءِ (ان وقت) هو افق الاعلىٰ (بلند ڪناري) تي هو.

ثُمَّ دَنَا فَتَدَلّٰى ۙ﴿٨﴾ فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ۚ﴿٩﴾ فَاَوْحٰٓى

ان کان پوءِ رب تعالىٰ (پنهنجي شان مطابق) قريب ٿيو پوءِ تمام قريب ٿيو پوءِ هن کمان جي برابر جو فاصلو هو بلڪ ان کان به گهٽ پوءِ رب العلمين وحي موڪلي

اِلٰى عَبْدِهٖ مَآ اَوْحٰى ۭ﴿١٠﴾ مَا كَذَبَ الْفُؤَادُ مَا رَاٰى ۭ﴿١١﴾ اَفَتُمٰرُوْنَهٗ

پنهنجي حبيب ڏانهن جيڪا وحي موڪلي هئي. دل جيڪو ڏٺو ان بابت غلط نه ٻڌايو. ڇا پوءِ تون هن سان جهڳڙو ڪريو

عَلٰي مَا يَرٰى ﴿١٢﴾ وَلَقَدْ رَاٰهُ نَزْلَةً اُخْرٰى ﴿١٣﴾ عِنْدَ سِدْرَةِ

تا انهي لاءِ جيڪو اُن ڏٺو. ۽ بيشڪ تحقيق رسول عربي رب العلمين کي ٻئي دفعي به سدرة المنتهىٰ (آخري انتهائي حد)

الْمُنْتَهٰى ﴿١٤﴾ عِنْدَهَا جَنَّةُ الْمَاْوٰى ﴿١٥﴾ اِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشٰى ﴿١٦﴾

وٽ ڏٺو. انهيءَ وٽ جنة المأوىٰ آهي. جڏهن اهو سِدْرَهْ تي ڇانيجي رهيو هو.

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿١٧﴾ لَقَدْ رَاٰى مِنْ اٰيٰتِ رَبِّهِ الْكُبْرٰى ﴿١٨﴾

سندن اکيون نه ڦريون ۽ نه حد کان وڌيو. بيشڪ تحقيق پاڻ ڪيترن رب العلمين جون تمام وڏيون نشانيون ڏٺيون.

مابارك الوجه يستحق الدعاء له ما في الانام له عدل ولا مثل. عبدالله عباس ت. در عن ٣٥١

له تفسير روح المعاني وتفسير مظهري وتفسير روح البيان و تفسير (لمنزل ٧) كبير علامه فخرالدين رازي. كه تفسير جلالي وتفسير النسفي. كه تفسير النسفي وتفسير روح البيان وتفسير مظهري. كه تفسير مظهري. كه تفسير روح البيان. كه تفسير مظهري.

أَفَرَءَيْتُمُ اللّٰتَ وَالْعُزّٰى ﴿١٩﴾ وَمَنٰوةَ الثَّالِثَةَ الْأُخْرٰى ﴿٢٠﴾ أَلَكُمُ

چا توهان (پنهنجي بُتن) لاتَ ۽ عُزىٰ ۽ تيئين آخري مَنٰوٰة کي ڏٺو آهي؟ چا توهان کي

الذَّكَرُ وَلَهُ الْأُنْثٰى ﴿٢١﴾ تِلْكَ إِذًا قِسْمَةٌ ضِيزٰى ﴿٢٢﴾ إِنْ هِيَ إِلَّآ

پٽ آهن ۽ وحدهٗ لاشريك لهٗ کي نياڻيون آهن. اها (توهان جي) تقسيم ٽيڙي آهي. ناهن اهي مگر

أَسْمَآءٌ سَمَّيْتُمُوهَآ أَنتُمْ وَءَابَآؤُكُم مَّآ أَنزَلَ اللّٰهُ بِهَا مِن سُلْطٰنٍ ۚ

چند نالا جيڪي توهان ۽ توهان جي ونڊن رکيا آهن، الله تعالىٰ انهيءَ لاءِ کو دليل نہ موڪليو،

إِن يَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ وَمَا تَهْوَى الْأَنفُسُ ۖ وَلَقَدْ جَآءَهُم

اهي رڳو پنهنجي گمان ۽ نفساني خيالات پويان هلن ٿا، ۽ بيشڪ تحقيق انهن وٽ سندن

مِّن رَّبِّهِمُ الْهُدَىٰ ﴿٢٣﴾ أَمْ لِلْإِنسَٰنِ مَا تَمَنّٰى ﴿٢٤﴾ فَلِلّٰهِ الْءَاخِرَةُ

رب جي طرفان هدايت اچي چُڪي آهي. چا (ڪافر) انسان کي اهو سڀ ملي ٿو جيڪو پاڻ تمنا ڪري ٿو. پوءِ دنيا ۽ آخرت جو

وَالْأُولٰى ﴿٢٥﴾ وَكَم مِّن مَّلَكٍ فِى السَّمٰوٰتِ لَا تُغْنِى شَفَٰعَتُهُمْ

مالڪ الله تعالىٰ آهي. ۽ ڪيترائي ملائڪ آسمانن ۾ آهن جو انهن جي شفاعت ڪنهن ڪم ۾

شَيْـًٔا إِلَّا مِنۢ بَعْدِ أَن يَأْذَنَ اللّٰهُ لِمَن يَشَآءُ وَيَرْضٰٓى ﴿٢٦﴾ إِنَّ

نہ ايندي مگر الله تعالىٰ جي اجازت کان پوءِ، جنهن لاءِ پاڻ چاهي ۽ پاڻ راضي ٿئي. بيشڪ

الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْءَاخِرَةِ لَيُسَمُّونَ الْمَلٰٓئِكَةَ تَسْمِيَةَ

جيڪي ماڻهو آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻن اُهي ملائڪن جا مؤنث نالا

الْأُنثٰى ﴿٢٧﴾ وَمَا لَهُم بِهِۦ مِنْ عِلْمٍ ۖ إِن يَتَّبِعُونَ إِلَّا الظَّنَّ ۖ وَإِنَّ

مقرر ڪن ٿا. ۽ انهن وٽ ان جو ڪو به علم ناهي. اهي رڳو (پنهنجي) گمان جي تابعداري ڪن ٿا ۽ بيشڪ

الظَّنَّ لَا يُغْنِى مِنَ الْحَقِّ شَيْـًٔا ﴿٢٨﴾ فَأَعْرِضْ عَن مَّن تَوَلّٰى ۙ

گمان حق کان ڪا شي دفع نہ ٿو ڪري. پوءِ رسول عربي توهان پاسو ڪريو انهي شخص کان جنهن اسان جي

ع ٢ ٤٥ ٥

لہ تفسير مظهري. ٢ تفسير المنسفي. ٣ تفسير المنسفي.

عَنْ ذِكْرِنَا وَلَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿٢٩﴾ ذٰلِكَ مَبْلَغُهُمْ

ذڪر کان پاسو ڪيو ۽ نہ ٿو ارادو رکي مگر دنياجي حياتيءَ جو. اهاسندن علم جي

مِّنَ الْعِلْمِ ؕ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ

انتها آهي . بيشڪ توهان جو رب ئي وڌيڪ علم رکي ٿو ان شخص جو جيڪو راهکان

سَبِيْلِهٖ ۙ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اهْتَدٰى ﴿٣٠﴾ وَلِلّٰهِ مَا فِى الربع

گمراهه ٿيو ، ۽ اهوئي وڌيڪ علم رکي ٿو ان شخص جو جيڪو هدايت وارو ٿيو. ۽ الله تعالىٰ جي لاءِ آهي

السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ ۙ لِيَجْزِىَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوْا

جيڪو آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ، ان لاءِ جو جيڪي برائي ڪن تا انهن کي سندن ڪيل جي

بِمَا عَمِلُوْا وَيَجْزِىَ الَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا بِالْحُسْنٰى ﴿٣١﴾

جزا ڏي ۽ جن ماڻهن نيڪي ڪئي (آهي) انهن کي سهڻي جزا ڏي .

اَلَّذِيْنَ يَجْتَنِبُوْنَ كَبٰٓئِرَ الْاِثْمِ وَالْفَوَاحِشَ اِلَّا اللَّمَمَ ؕ اِنَّ

اهي ماڻهو جيڪي وڏن گناهن ۽ فاحش ڪمن کان بچن ٿا، سواءِ ننڍڙن[1] گناهن جي ، بيشڪ

رَبَّكَ وَاسِعُ الْمَغْفِرَةِ ؕ هُوَ اَعْلَمُ بِكُمْ اِذْ اَنْشَاَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

توهان جو رب گهڻي بخشش ڪندڙ آهي ، اهو توهان کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو جڏهن وقت توهان کي زمين مان پيدا ڪيائين

وَاِذْ اَنْتُمْ اَجِنَّةٌ فِىْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ فَلَا تُزَكُّوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ

۽ جڏهن وقت توهان پنهنجي مائرن جي پيٽن ۾ معصوم بار هئا، پوءِ توهان پاڻ کي پاڪيزه نہ بنايو ؛

هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى ﴿٣٢﴾ اَفَرَءَيْتَ الَّذِىْ تَوَلّٰى ﴿٣٣﴾ وَاَعْطٰى قَلِيْلًا ٢٧ ع ٢

اهوئي پرهيزگارن کي وڌيڪ ڄاڻي ٿو . رسول[2] اڳي ڄاتو ته اهو شخص (ڪافر) کي ڏنو جنهن جي ڪري ان جو منهن موڙيو. ۽ ٿورڙو ڏنو

وَّاَكْدٰى ﴿٣٤﴾ اَعِنْدَهٗ عِلْمُ الْغَيْبِ فَهُوَ يَرٰى ﴿٣٥﴾ اَمْ لَمْ يُنَبَّاْ بِمَا

۽ روڪيو. ڇا! انهيءَ وٽ غيب جو علم آهي جو ۽ اهو (ان جي ذريعي) ڏسي ٿو. ڇا ان کي اها خبر نہ پئي جيڪو ڪجهه

[1] تفسير جلالين وتفسير السنقي . [2] تفسير مظهري .

فِيْ صُحُفِ مُوْسٰى ﴿٣٦﴾ وَاِبْرٰهِيْمَ الَّذِيْ وَفّٰٓى ﴿٣٧﴾ اَلَّا تَزِرُ وَازِرَةٌ

موسيٰ جي صحيفن ۾ ابراهيم جي صحيفن (آسماني ڪتابن) ۾ آهي جنهن (الله تعالىٰ جا) احڪام پورا ڪيا ڪو بہ بار کڻندڙ جنهن

وِّزْرَ اُخْرٰى ﴿٣٨﴾ وَاَنْ لَّيْسَ لِلْاِنْسَانِ اِلَّا مَا سَعٰى ﴿٣٩﴾ وَاَنَّ سَعْيَهٗ

ٻئي جو بار نه کڻندو ۽ ناهي انسان لاءِ مگر جيڪو ٻاڻ ان جو سعيو ڪيائين ۽ بيشڪ سندس سعيو

سَوْفَ يُرٰى ﴿٤٠﴾ ثُمَّ يُجْزٰىهُ الْجَزَآءَ الْاَوْفٰى ﴿٤١﴾ وَاَنَّ اِلٰى رَبِّكَ

جلد ڏٺو ويندو ۽ اُن کان پوءِ کيس اُن جي پوري جزا ڏني ويندي ۽ بيشڪ توهان جي رب ڏانهن

الْمُنْتَهٰى ﴿٤٢﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ﴿٤٣﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَمَاتَ وَاَحْيَا ﴿٤٤﴾

انتهيٰ آهي ۽ بيشڪ اهوئي کلائي ۽ رُڻائي تو ۽ بيشڪ اهوئي ماري ۽ جياري تو ۽

وَاَنَّهٗ خَلَقَ الزَّوْجَيْنِ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰى ﴿٤٥﴾ مِنْ نُّطْفَةٍ اِذَا تُمْنٰى ﴿٤٦﴾

۽ بيشڪ انهي ٻه جوڑا مذڪر ۽ مؤنث بنايا، هڪ قطري مان جنهن وقت ان جو اندازو ڪيو ويو ٿو

وَاَنَّ عَلَيْهِ النَّشْاَةَ الْاُخْرٰى ﴿٤٧﴾ وَاَنَّهٗ هُوَ اَغْنٰى وَاَقْنٰى ﴿٤٨﴾ وَ

۽ بيشڪ آخرت جو اڀارڻ ٻ ان تي آهي ۔ ۽ بيشڪ اهوئي امير ۽ غريب ڪري ٿو ۽

اَنَّهٗ هُوَ رَبُّ الشِّعْرٰى ﴿٤٩﴾ وَاَنَّهٗ اَهْلَكَ عَادَا ِۨالْاُوْلٰى ﴿٥٠﴾ وَثَمُوْدَا

بيشڪ اهوئي شعريٰ تارن جو رب آهي ۔ ۽ بيشڪ انهي پهرين عادُ ۽ ثمود کي هلاڪ ڪيو

فَمَآ اَبْقٰى ﴿٥١﴾ وَقَوْمَ نُوْحٍ مِّنْ قَبْلُ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا هُمْ اَظْلَمَ وَ

پوءِ ڪو بہ باقي نه رهيو ۽ انهي کان اڳ نوح جي قوم کي هلاڪ ڪيو بيشڪ اهي ئي وڏا ظالم ۽ وڏا

اَطْغٰى ﴿٥٢﴾ وَالْمُؤْتَفِكَةَ اَهْوٰى ﴿٥٣﴾ فَغَشّٰىهَا مَا غَشّٰى ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ

سرڪش هئا ۔ ۽ انهي مُؤتفڪه (وارن) کي زوران ساڻ هيٺ ڪيو، پوءِ انهن تي پٽرڻ وسيون ۔ پوءِ اي مخاطب تون پنهنجي

اٰلَآءِ رَبِّكَ تَتَمَارٰى ﴿٥٥﴾ هٰذَا نَذِيْرٌ مِّنَ النُّذُرِ الْاُوْلٰى ﴿٥٦﴾

رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن ۾ شڪ ڪرين ٿو ۔ هي رسول اڳين ڈيڄاريندڙ پيغمبرن وانگر آهي ۔

* وهذا منسوخ المكي في هذه الشريعة بقوله تعالىٰ: وَاَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ (منزل ٧) وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ۔ تفسير روح البيان وتفسير مظهري ۔

ترجمو: انسان جي شريعت ۾ هڪ ٻئي جو ڪيل ڪم مذڪور آيت سان منسوخ (ختم ڪيل) آهي ۔ اها آيت: وَاَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ آهي ۔ اهل سنة جي جمهور عالمن جو

أَزِفَتِ الْآزِفَةُ ﴿٥٧﴾ لَيْسَ لَهَا مِن دُونِ اللَّهِ كَاشِفَةٌ ﴿٥٨﴾ أَفَمِنْ

قيامت ڄو وقت ويجهواڇي پُڪ آهي. الله تعالىٰ کان سوءِ ڪوبه اُن کي ڪولينڊڙ ناهي. ڇا پوءِ توهان

هَٰذَا الْحَدِيثِ تَعْجَبُونَ ﴿٥٩﴾ وَتَضْحَكُونَ وَلَا تَبْكُونَ ﴿٦٠﴾

هن قرآن ڪريم تي تعجب ڪريو ٿا ۽ توهان (ان تي) ڪلوٽا ۽ توهان (ان تي) روئو نه ٿا.

وَأَنتُمْ سَامِدُونَ ﴿٦١﴾ فَاسْجُدُوا لِلَّهِ وَاعْبُدُوا ﴿٦٢﴾ السجدة

۽ توهان (ان کان) غافل آهيو. پوءِ توهان (فوراً) الله تعالىٰ لاءِ سجدو ڪريو ۽ توهان اُن جي عبادت ڪريو.

سُورَةُ الْقَمَرِ مَكِّيَّةٌ (٣٧) (٥٤) اٰيَاتُهَا ٥٥ رُكُوعَاتُهَا ٣

سورة قمر مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ٣ رڪوع ۽ ٥٥ آيتون آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ (آهي).

اقْتَرَبَتِ السَّاعَةُ وَانشَقَّ الْقَمَرُ ﴿١﴾ وَإِن يَرَوْا آيَةً يُعْرِضُوا وَ

قيامت ويجهي ٿي ۽ (رسول عربي ﷺ جي اشاري تي) چنڊ ٻه ٽڪرا ٿيو. ۽ جيڪڏهن اهي ڪو معجزو سندن تائين مُنهن موڙين ٿا ۽

يَقُولُوا سِحْرٌ مُّسْتَمِرٌّ ﴿٢﴾ وَكَذَّبُوا وَاتَّبَعُوا أَهْوَاءَهُمْ وَكُلُّ

چون ٿا (ته هي) مضبوط جادو آهي. ۽ انهن تڪذيب ڪئي ۽ انهن پنهنجي سڏن جي تابعداري ڪئي ۽ هر هڪ

أَمْرٍ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣﴾ وَلَقَدْ جَاءَهُم مِّنَ الْأَنبَاءِ مَا فِيهِ مُزْدَجَرٌ ﴿٤﴾

ڪم پنهنجي انتها تي پهچندڙ آهي. ۽ بيشڪ تحقيق انهن وٽ اُهي خبرون پهتيون جن ۾ تنبيه ڪيل هئي.

حِكْمَةٌ بَالِغَةٌ فَمَا تُغْنِ النُّذُرُ ﴿٥﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ يَوْمَ يَدْعُ

(انهيءَ ۾) نهايت دانائي واري ڳالهه هُئي، پوءِ پيغمبر ڊيڄارڻ ڪارائتا نه ٿيا؟ پوءِ (رسول عربي) توهان انهن کان پاسو ڪريو. اُن ڏينهن سڏي ٿو

الدَّاعِ إِلَىٰ شَيْءٍ نُّكُرٍ ﴿٦﴾ خُشَّعًا أَبْصَارُهُمْ يَخْرُجُونَ مِنَ

سڏيندڙ ڪُنهن شيءِ ڏانهن جيڪا ڪين ناپسند آهي. (اهي) اکيون هيٺ ڪري (پنهنجي) قبرن مان

الْأَجْدَاثِ كَأَنَّهُمْ جَرَادٌ مُّنتَشِرٌ ﴿٧﴾ مُّهْطِعِينَ إِلَى الدَّاعِ ۖ

نڪرندا، گويا ڪ اهي مڪڙ آهن جيڪي منتشر آهن . سڏيندڙ ڏانهن اهي ڊوڙي ويندڙ آهن

يَقُولُ الْكَافِرُونَ هَٰذَا يَوْمٌ عَسِرٌ ﴿٨﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ

ڪافر چوندا هي ڏينهن سخت ڏکيو آهي . انهن کان اڳ نوح جي قوم نه مڃيو

فَكَذَّبُوا عَبْدَنَا وَقَالُوا مَجْنُونٌ وَازْدُجِرَ ﴿٩﴾ فَدَعَا رَبَّهُ أَنِّي

پوءِ انهن اسانجي ٻانهي (نوح) کي ڪوڙو سمجهيو ۽ چيو (هي) مجنون آهي ۽ ان کي جهڪ ڪيو. پوءِ ان پنهنجي خالق کي پڪاريو ته بيشڪ آئون

مَغْلُوبٌ فَانتَصِرْ ﴿١٠﴾ فَفَتَحْنَا أَبْوَابَ السَّمَاءِ بِمَاءٍ مُّنْهَمِرٍ ﴿١١﴾

مغلوب آهيان پوءِ تون (انهن کان) انتقام وٺ. پوءِ اسان آسمان جا دروازا کوليا ان مينهن لاءِ جيڪو گهٽو وسندڙ آهي.

وَفَجَّرْنَا الْأَرْضَ عُيُونًا فَالْتَقَى الْمَاءُ عَلَىٰ أَمْرٍ قَدْ قُدِرَ ﴿١٢﴾

۽ زمين مان (پاڻي ڇڄا) چشما جاري ڪيا پوءِ پيٽ پاڻي ملي پيا ان امر لاءِ جيڪو اندازو ڪيو ويو هو.

وَحَمَلْنَاهُ عَلَىٰ ذَاتِ أَلْوَاحٍ وَدُسُرٍ ﴿١٣﴾ تَجْرِي بِأَعْيُنِنَا جَزَاءً

۽ اسان کي (ٻيڙيءَ تي) سوار ڪرايو جيڪا تختن ۽ ڪلين واري آهي . اها ٻيڙي اسان جي نگراني ۾ هلي رهي هئي، اها جزا هئي

لِّمَن كَانَ كُفِرَ ﴿١٤﴾ وَلَقَد تَّرَكْنَاهَا آيَةً فَهَلْ مِن مُّدَّكِرٍ ﴿١٥﴾ فَكَيْفَ

سندن لاءِ نافرماني جي . ۽ بيشڪ تحقيق اسان انهيءَ واقعي کي نشاني ڪري ڇڏيو. ڇا پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺندڙ. پوءِ ڏسو ته

كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿١٦﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْآنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ

ڪهڙي طرح منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ آهي؟ ۽ بيشڪ تحقيق اسان قرآن ڪريم کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان بنايو، ڇا پوءِ

مِن مُّدَّكِرٍ ﴿١٧﴾ كَذَّبَتْ عَادٌ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِي وَنُذُرِ ﴿١٨﴾ إِنَّا

آهي ڪو نصيحت وٺندڙ اقوم عاد جي (هود پيغمبر) جي تڪذيب ڪئي، پوءِ (ڏسو ته) ڪهڙي طرح منهنجو عذاب ۽ ڊيڄارڻ آهي بيشڪ

أَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيحًا صَرْصَرًا فِي يَوْمِ نَحْسٍ مُّسْتَمِرٍّ ﴿١٩﴾ تَنزِعُ

اسان انهن تي هڪ سخت طوفان ان ڏينهن تي موڪليو جنهن جي منحوسي (انهن تي) هميشه رهي. ماڻهن کي ايئن

لہ تفسیر روح المعانی . کہ تفسیر مظہری . کہ تفسیر بغوی وتفسیر مظہری وتفسیر روح المعانی وتفسیر بیضاوی . گہ تفسیر مظہری .

النَّاسَ ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ مُّنْقَعِرٍ ﴿۲۰﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ

پٽي اڇلايو ٿي، گويا ڪي اهي پاڙان اکڙيل کجين جا ٽڙ آهن . پوءِ (ڏسو ته) ڪهڙي طرح منهنجو عذاب

وَنُذُرِ ﴿۲۱﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿۲۲﴾ ع

۽ ڈيڄارڻ آهي؟ ۽ بيشڪ تحقيق اسان قرآن ڪريم کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان بنايو، پوءِ آهي ڪو نصيحت ونڈرندڙ.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِالنُّذُرِ ﴿۲۳﴾ فَقَالُوْٓا اَبَشَرًا مِّنَّا وَاحِدًا نَّتَّبِعُهٗٓ ۙ

قوم ثمود جي پيغمبرن جي تڪذيب ڪئي . پوءِ چيائون ڇا اسان مان اڪيلو اسين هڪ انسان جي تابعداري ڪريون ؟

اِنَّآ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ وَّسُعُرٍ ﴿۲۴﴾ ءَاُلْقِيَ الذِّكْرُ عَلَيْهِ مِنْۢ بَيْنِنَا

بيشڪ اسين ان وقت گمراهي ۽ عذاب ۾ پوندا سين . ڇا اسان سڀني مان وحي رباني اُن تي نازل ٿي آهي ؟

بَلْ هُوَ كَذَّابٌ اَشِرٌ ﴿۲۵﴾ سَيَعْلَمُوْنَ غَدًا مَّنِ الْكَذَّابُ

بلڪ اهو (حضرت صالح) وڏو ڪوڙو ۽ شرڪش آهي . جلدي سڀاڻي معلوم ڪندا ته ڪير وڏو ڪوڙو

الْاَشِرُ ﴿۲۶﴾ اِنَّا مُرْسِلُوا النَّاقَةِ فِتْنَةً لَّهُمْ فَارْتَقِبْهُمْ وَاصْطَبِرْ ﴿۲۷﴾

شرڪش آهي . بيشڪ اسين ڏاڍي انهن جي آزمائش لاءِ موڪلينڊر آهيون پوءِ تون (اي صالح) انتظار ڪر ۽ صبر ڪر.

وَنَبِّئْهُمْ اَنَّ الْمَآءَ قِسْمَةٌۢ بَيْنَهُمْ ۚ كُلُّ شِرْبٍ مُّحْتَضَرٌ ﴿۲۸﴾

۽ تون انهن کي بڌاءِ تہ بيشڪ پاڻي انهن جي وچ ۾ تقسيم ڪيل آهي، هر ڪو پنهنجي واري تي حاضر هجي.

فَنَادَوْا صَاحِبَهُمْ فَتَعَاطٰى فَعَقَرَ ﴿۲۹﴾ فَكَيْفَ كَانَ عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿۳۰﴾

پوءِ انهن پنهنجي سنگتي کي سڏيو پوءِ ان حملو ڪري ڏاڍي کي هلاڪ ڪيو . پوءِ (ڏسو ته) منهنجو عذاب ۽ ڈيڄارڻ ڪهڙي طرح

اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَكَانُوْا كَهَشِيْمِ الْمُحْتَظِرِ ﴿۳۱﴾

آهي . بيشڪ اسان انهن تي هڪ زبردست ڌماڪو موڪليو پوءِ هو چوڻ ٽيل ڏينگن وانگر ٿي پيا .

وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُّدَّكِرٍ ﴿۳۲﴾

۽ بيشڪ تحقيق اسان قرآن ڪريم کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان بنايو، پوءِ آهي ڪو نصيحت ونڈرندڙ.

ع تفسير مظهري . ۲ تفسير روح البيان . ۳ تفسير مظهري وبغوي . (منزل ۷)

كَذَّبَتْ قَوْمُ لُوْطٍۭ بِالنُّذُرِ ﴿٣٣﴾ اِنَّآ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ حَاصِبًا اِلَّآ

قوم لوط جي پيغمبرن جي تكذيب كئي . بيشڪ اسان انهن تي پٿرين جو مينهن وسايو سواءِ

اٰلَ لُوْطٍ ؕ نَجَّيْنٰهُمْ بِسَحَرٍ ﴿٣٤﴾ نِّعْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ

لوط تي ايمان آڻيندڙن جي، اسان انهن کي رات جي پوئين پهر ۾ نجات ڏني ،اها اسانجي طرفان نعمت هئي، اسين اهڙيءَ طرح جزا ڏيون تا

مَنْ شَكَرَ ﴿٣٥﴾ وَلَقَدْ اَنْذَرَهُمْ بَطْشَتَنَا فَتَمَارَوْا بِالنُّذُرِ ﴿٣٦﴾ وَ

شڪر گذار کي . ۽ بيشڪ تحقيق ان انهن کي اسان جي گرفت کان ڊيڄاريو پوءِ انهن پيغمبرن ۾ شڪ ڪيو . ۽

لَقَدْ رَاوَدُوْهُ عَنْ ضَيْفِهٖ فَطَمَسْنَآ اَعْيُنَهُمْ فَذُوْقُوْا عَذَابِيْ

بيشڪ تحقيق انهن ان جي مهمانن ۾ بدنيتي ڪئي پوءِ اسان انهن جون اکيون ميٽي ڇڏيون پوءِ توهان منهنجي عذاب

وَنُذُرِ ﴿٣٧﴾ وَلَقَدْ صَبَّحَهُمْ بُكْرَةً عَذَابٌ مُّسْتَقِرٌّ ﴿٣٨﴾ فَذُوْقُوْا

۽ ڊيڄارڙ جو مزو چکو. ۽ بيشڪ صبح جو سويري انهن تي دائمي عذاب آيو . پوءِ توهان

عَذَابِيْ وَنُذُرِ ﴿٣٩﴾ وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ

منهنجي عذاب ۽ ڊيڄارڙ جو مزو چکو. ۽ بيشڪ تحقيق اسان قرآن ڪريم کي نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ آسان بنايو، ڇا پوءِ آهي ڪو

مُّدَّكِرٍ ﴿٤٠﴾ وَلَقَدْ جَآءَ اٰلَ فِرْعَوْنَ النُّذُرُ ﴿٤١﴾ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

نصيحت وٺندڙ. ۽ بيشڪ فرعون جي سائين وٽ پيغمبر آيا . انهن اسانجي سڀني نشانين جي

كُلِّهَا فَاَخَذْنٰهُمْ اَخْذَ عَزِيْزٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿٤٢﴾ اَكُفَّارُكُمْ خَيْرٌ

تكذيب ڪئي پوءِ اسان انهن تي سخت پڪڙ ڪئي جيڪا اسانجي شايان شان هئي . ڇا توهان جا ڪافر انهن ۾ هرين

مِّنْ اُولٰٓئِكُمْ اَمْ لَكُمْ بَرَآءَةٌ فِي الزُّبُرِ ﴿٤٣﴾ اَمْ يَقُوْلُوْنَ نَحْنُ

ڪان بهتر آهن يا توهان لاءِ ڪتابن ۾ (نجات جي) ڪا ڇوٽي لکيل آهي . يا اهي چون تا اسين سڀئي

جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ ﴿٤٤﴾ سَيُهْزَمُ الْجَمْعُ وَيُوَلُّوْنَ الدُّبُرَ ﴿٤٥﴾ بَلِ

گڏجي عيوض وٺندا سين . ڪنفريب انهن (ڪافرن) جي ٽولي شڪست کائيندي ۽ (اهي) پٺ ورائي ڀڄندا. بلڪ

ع ٢ ٢ ٥

له تفسير النسفي . ٢ه تفسير مظهري .

السَّاعَةُ مَوْعِدُهُمْ وَالسَّاعَةُ أَدْهٰى وَأَمَرُّ ﴿٤٦﴾ إِنَّ الْمُجْرِمِينَ

انهن جي (عذاب) لاءِ قيامت مقرر آهي ۽ قيامت وڏي مصيبت واري ۽ (دنيا جي عذاب کان) وڏيڪ سخت آهي. بيشڪ مجرم

فِي ضَلٰلٍ وَسُعُرٍ ﴿٤٧﴾ يَوْمَ يُسْحَبُونَ فِي النَّارِ عَلٰى وُجُوهِهِمْ ذُوقُوا

گمراهي ۽ گهيڻي عذاب ۾ آهن. ان ڏينهن اهي منهن ۾ گهليا ويندا، الله تعالىٰ فرمائيندو توهان

مَسَّ سَقَرَ ﴿٤٨﴾ إِنَّا كُلَّ شَيْءٍ خَلَقْنٰهُ بِقَدَرٍ ﴿٤٩﴾ وَمَا أَمْرُنَا إِلَّا

دوزخ جو عذاب چکو. بيشڪ اسان هر شيءَ کي (پنهنجي) اندازي سان خلقيو آهي. ۽ اسان جو حڪم هڪ پيرو

وَاحِدَةٌ كَلَمْحٍ بِالْبَصَرِ ﴿٥٠﴾ وَلَقَدْ أَهْلَكْنَا أَشْيَاعَكُمْ

ايئن ٽيندو جيئن اک جو ڇنبڙ. ۽ بيشڪ اسان توهان جهڙن ڪافر قومن هلاڪ ڪيون

فَهَلْ مِنْ مُدَّكِرٍ ﴿٥١﴾ وَكُلُّ شَيْءٍ فَعَلُوهُ فِي الزُّبُرِ ﴿٥٢﴾

پوءِ آهي ڪو (توهان مان) نصيحت حاصل ڪندڙ ۽ الهي جيڪي عمل ڪن ٿا (اهو سڀ ڪجهه) لوح محفوظ ۾ لکيل آهي.

وَكُلُّ صَغِيرٍ وَكَبِيرٍ مُسْتَطَرٌ ﴿٥٣﴾ إِنَّ الْمُتَّقِينَ فِي جَنّٰتٍ وَنَهَرٍ ﴿٥٤﴾

۽ هر ننڍي ۽ وڏي شيءِ لکيل آهي. بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرن ۾ آهن

فِي مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيكٍ مُقْتَدِرٍ ﴿٥٥﴾

(۽ الهي) وحدهٗ لاشريڪ لهٗ جي حضور ۾ ويهندڙ آهن.

آياتها ٧٨ (٥٥) سُورَةُ الرَّحْمٰنِ مَدَنِيَّةٌ (٩٧) رکوعاتها ٣

سورة رحمٰن مدينه منوره ۾ نازل ٿي انهيءَ ۾ ٣ رکوع ۽ ٧٨ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃاڻو (آهي)

الرَّحْمٰنُ ﴿١﴾ عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ ﴿٢﴾ خَلَقَ الْإِنْسَانَ ﴿٣﴾ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿٤﴾

رحمٰن (جل جلاله) پنهنجي حبيب ﷺ ڪريم کي قرآن ڪريم سيکاريو انسانيت جي جان محمد ﷺ ڪريم کي پيدا ڪيو، انهن کي سڀني علم ﷺ عطا ڪيا.

لله تفسير جلالين. لله تفسير مظهري. لله تفسير روح البيان و تفسير المنقذ من منزل ٧. لله تفسير روح المعاني و تفسير مظهري. لله تفسير خازن.

اَلشَّمْسُ وَالْقَمَرُ بِحُسْبَانٍ ۝٥ وَّالنَّجْمُ وَالشَّجَرُ يَسْجُدٰنِ ۝٦

سج ۽ چندڙ حساب سان هلن ٿا ۔ ۽ وَلُون ۽ وڻ سجدا ڪن ٿا ۔

وَالسَّمَآءَ رَفَعَهَا وَوَضَعَ الْمِيْزَانَ ۝٧ اَلَّا تَطْغَوْا فِي الْمِيْزَانِ ۝٨

۽ الله تعالىٰ آسمان کي بُلند فرمايو ۽ ميزان (ترازو) کي مقرر ڪيو. تو هان ميزان ۾ گهاڻي واڌي نه ڪريو.

وَاَقِيْمُوا الْوَزْنَ بِالْقِسْطِ وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ ۝٩ وَالْاَرْضَ

۽ تو هان انصاف سان وزن ڪريو ۽ تو هان تور کي نه گهٽايو ۔ ۽ الله تعالىٰ زمين کي

وَضَعَهَا لِلْاَنَامِ ۝١٠ فِيْهَا فَاكِهَةٌ ۙ وَّالنَّخْلُ ذَاتُ الْاَكْمَامِ ۝١١

پنهنجي مخلوق لاءِ رکيو ۔ انهيءَ ۾ ميوا آهن ۽ غلاف واريون کجيون آهن ۔

وَالْحَبُّ ذُو الْعَصْفِ وَالرَّيْحَانُ ۝١٢ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

۽ بُوسي سان گڏ اناج آهن ۽ خوشبو دار گل آهن. پوءِ تو هان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو

تُكَذِّبٰنِ ۝١٣ خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ صَلْصَالٍ كَالْفَخَّارِ ۝١٤ وَخَلَقَ

انڪار ڪريو ٿا. الله تعالىٰ انسان کي اهڙي مٽي مان پيدا ڪيو جيڪا ٺڪري وانگر وڄي ٿي ۔ ۽ الله تعالىٰ

الْجَآنَّ مِنْ مَّارِجٍ مِّنْ نَّارٍ ۝١٥ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝١٦

جن کي خالص باهه مان پيدا ڪيو. پوءِ تو هان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا.

رَبُّ الْمَشْرِقَيْنِ وَرَبُّ الْمَغْرِبَيْنِ ۝١٧ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

اُهو ٻن اوپرن ۽ ٻن اولهن جو مالڪ آهي. پوءِ تو هان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين

تُكَذِّبٰنِ ۝١٨ مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ ۝١٩ بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ ۝٢٠

نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. اهو ٻن سمندن کي وهائي توڙي بظاهر ٻاڻ ۾ ملايل آهن. پر انهن ۾ پنهنجي حد کان ٻاهر وڌڻ جي آهي جو اهي هڪ ٻئي کي تجاوز نه ڪن ٿا

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ۝٢١ يَخْرُجُ مِنْهُمَا اللُّؤْلُؤُ وَالْمَرْجَانُ ۝٢٢

پوءِ تو هان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڙين ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن ٻنهي سمندن مان، موتي ۽ مرجان نڪرن ٿا.

فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٣﴾ وَلَهُ الْجَوَارِ الْمُنْشَـَٔاتُ فِی الْبَحْرِ

پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا. ۽ ان جو آهي بيڙيون آهن جيڪي سمنڊ ۾ جبلن

كَالْاَعْلَامِ ﴿٢٤﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٥﴾ كُلُّ مَنْ عَلَیْهَا فَانٍ ﴿٢٦﴾ وَّ

وانگر نمايان آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا جيڪو زمين تي آهي فنا ٿيندڙ آهي. ۽

یَبْقٰی وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٢٧﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٢٨﴾

توهان جي رب جي ذات اقدس باقي آهي جيڪو صاحب جلال ۽ اڪرام آهي. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا.

یَسْـَٔلُهٗ مَنْ فِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلَّ یَوْمٍ هُوَ فِیْ شَاْنٍ ﴿٢٩﴾ فَبِاَیِّ

جيڪي (مخلوق) آسمانن ۽ زمين ۾ آهي (الهي سڀ) اُنهي کان جاسوالي آهن. اُن کي هر روز محصر وفيت آهي. پوءِ توهان (انسان ۽ جن)

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٠﴾ سَنَفْرُغُ لَكُمْ اَیُّهَ الثَّقَلٰنِ ﴿٣١﴾ فَبِاَیِّ

پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا. اي انسان ۽ جن اسين جلد توهان ڏانهن (حساب لاءِ) فارغ ٿيندا سين. پوءِ توهان (انسان

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٢﴾ یٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اِنِ اسْتَطَعْتُمْ

۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا. اي جن ۽ انسان جاگرهه، جيڪڏهن توهان کي طاقت آهي ته

اَنْ تَنْفُذُوْا مِنْ اَقْطَارِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ فَانْفُذُوْا ؕ لَا

توهان آسمانن ۽ زمين جي ڪنارن کان ٻاهر نڪري پوءِ توهان ٻاهر نڪري وڃو، نه تا

تَنْفُذُوْنَ اِلَّا بِسُلْطٰنٍ ﴿٣٣﴾ فَبِاَیِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٤﴾ یُرْسَلُ

نڪري سگهو توهان مگر (روحاني يا سائنسي) قوت سان. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا. توهان تي

عَلَیْكُمَا شُوَاظٌ مِّنْ نَّارٍ ۙ وَّنُحَاسٌ فَلَا تَنْتَصِرٰنِ ﴿٣٥﴾ فَبِاَیِّ

ٻنا دوٽن نهين جي باهه موڪلي ويندي ۽ (اُن جو رنگ) تاڙي جهڙو هوندو، پوءِ توهان کي مدد نه ملندي. پوءِ توهان (انسان ۽ جن)

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٦﴾ فَاِذَا انْشَقَّتِ السَّمَآءُ فَكَانَتْ وَرْدَةً

پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪندا. پوءِ جنهن وقت آسمان چيريو ويندو پوءِ گلاب جهڙو ڳاڙهو (ع)

كَالدِّهَانِ ﴿٣٧﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٣٨﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُسْـَٔلُ

تيل ۽ انگر بگھريل هوندو. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. پوءِ قيامت جي ڏينهن انسان

عَنْ ذَنْۢبِهٖٓ اِنْسٌ وَّلَا جَآنٌّ ﴿٣٩﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٠﴾

۽ جنن کان سندن گناهن بابت پڇا ڪري ويندي. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا.

يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمٰهُمْ فَيُؤْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَالْاَقْدَامِ ﴿٤١﴾

مجرم سندن شڪلن مان سڃاتا ويندا، پوءِ انهن کي ٻيشاني ۽ پيرن کان پڪڙيو ويندو (۽ جهنم ۾ سڌو ڪيو ويندا).

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٢﴾ هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ يُكَذِّبُ

پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. هي اها جهنم آهي جنهن کي

بِهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٤٣﴾ يَطُوْفُوْنَ بَيْنَهَا وَبَيْنَ حَمِيْمٍ اٰنٍ ﴿٤٤﴾

مجرم رد ڪيندا هئا. اُهي جهنم ۾ سخت گرم پاڻي جي درميان چڪر لڳائيندا رهندا.

وقف لازم ٦ ٤ ٦

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٥﴾ وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ

پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. ۽ جيڪو مؤمن پنهنجي رب جي دربار ۾ بيهڻ کان ڊنو

جَنَّتٰنِ ﴿٤٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٧﴾ ذَوَاتَآ اَفْنَانٍ ﴿٤٨﴾ فَبِاَيِّ

(اُن لاءِ) ۾ باغ آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن باغن ۾ قسمين قسمين ميوا ڳاهوندا. پوءِ توهان

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٤٩﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ تَجْرِيٰنِ ﴿٥٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ

(انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن ٻنهي باغن ۾ ٻه چشما وهندڙ هوندا. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي

رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥١﴾ فِيْهِمَا مِنْ كُلِّ فَاكِهَةٍ زَوْجٰنِ ﴿٥٢﴾ فَبِاَيِّ

کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن ٻنهي ۾ هر هڪ ميوو ٻن ٻن قسمن جو هوندو. پوءِ توهان (انسان ۽ جن)

اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٣﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى فُرُشٍ بَطَآئِنُهَا مِنْ

پنهنجي رب جي کهڙين کهڙين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. (اهي بهشتي) اهڙن وڇاڻن تي ٽيڪ لڳائيندا جن جو اسٽر

(منزل ٧)

١ تفسير مظهري. ٢ تفسير مظهري. ٣ تفسير روح البيان.

اِسْتَبْرَقٍ ؕ وَجَنَا الْجَنَّتَيْنِ دَانٍ ﴿٥٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

تلهي (ريشمي) ڪپڙي جو هوندو، ۽ انهن ٻنهي باغن جا ميوا تمام ويجها هوندا. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن

تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٥﴾ فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ

جو انڪار ڪريو ٿا. انهن وچان ڏي اهي عورتون هونديون جن جون نگاهون هيٺ هونديون، انهيءَ کان اڳ انهن کي نه ڪنهن انسان ۽ نه

وَلَا جَآنٌّ ﴿٥٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٧﴾ كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَ

ڪنهن جن هٿ لڳايو هوندو. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. اهي (خوبصورتي ۾) ياقوت ۽

الْمَرْجَانُ ﴿٥٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٥٩﴾ هَلْ جَزَآءُ الْاِحْسَانِ

مرجان جهڙيون هونديون. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. احسان (نيڪي) جو بدلو

اِلَّا الْاِحْسَانُ ﴿٦٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦١﴾ وَمِنْ دُوْنِهِمَا

احسان آهي. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. ۽ انهن کان علاوه

جَنَّتٰنِ ﴿٦٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٣﴾ مُدْهَآمَّتٰنِ ﴿٦٤﴾

ٻه ٻيا باغ آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. (اهي باغ گهاڙي ڳاڙهي رنگ جي) ٻوٽن وارا

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٥﴾ فِيْهِمَا عَيْنٰنِ نَضَّاخَتٰنِ ﴿٦٦﴾

آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن ٻنهي ۾ ٻه چشما آهن جيڪي قوهارن وانگر آهن.

فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٧﴾ فِيْهِمَا فَاكِهَةٌ وَّنَخْلٌ

پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن ٻنهي ۾ ميوا ۽ کجيون

وَّرُمَّانٌ ﴿٦٨﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٦٩﴾ فِيْهِنَّ

۽ دارڻهون آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا. انهن ۾ نيڪ

خَيْرٰتٌ حِسَانٌ ﴿٧٠﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧١﴾

سيرت ۽ نيڪ صورت عورتون آهن. پوءِ توهان پنهنجي رب جي ڪهڑين ڪهڑين نعمتن جو انڪار ڪريو ٿا.

حُورٌ مَّقْصُورٰتٌ فِي الْخِيَامِ ﴿٧٢﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٣﴾

پرده نشين حورون خيمن ۾ آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي كهڙين كهڙين نعمتن جو انكار كريندا

لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَلَا جَآنٌّ ﴿٧٤﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا

انكان اڳ انهن كي نه كنهن انسان ۽ نه كنهن جن هٿ لاتو هوندو. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي كهڙين كهڙين

تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٥﴾ مُتَّكِـِٕيْنَ عَلٰى رَفْرَفٍ خُضْرٍ وَّعَبْقَرِيٍّ

نعمتن جو انكار كريندا. اهي ساون وڇاڻن ۽ چٽ ٽيل خوبصورت سفيد چادرن تي ٽيڪ هڻي

حِسَانٍ ﴿٧٦﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿٧٧﴾ تَبٰرَكَ اسْمُ

ويهندڙ آهن. پوءِ توهان (انسان ۽ جن) پنهنجي رب جي كهڙين كهڙين نعمتن جو انكار كريندا. رسول عربي توهان جي رب جو نالو

رَبِّكَ ذِي الْجَلٰلِ وَالْاِكْرَامِ ﴿٧٨﴾

بابركت آهي جيكو صاحب جلال ۽ اكرام آهي.

اٰيَاتُهَا ٩٦ (٥٦) سُوْرَةُ الْوَاقِعَةِ مَكِّيَّةٌ (٤٦) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة واقعه مكه مكرمه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ٣ ركوع ۽ ٩٦ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع كريان ٿو جيكو نهايت مهربان ۽ رحم وارو آهي.

وقف لازم

اِذَا وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١﴾ لَيْسَ لِوَقْعَتِهَا كَاذِبَةٌ ﴿٢﴾ خَافِضَةٌ

جڏهن قيامت ايندي. جوان جي اچڻ ۾ (كوبه) كوڙ ناهي. (اها الله جي دشمن كي) ذليل كندڙ

رَّافِعَةٌ ﴿٣﴾ اِذَا رُجَّتِ الْاَرْضُ رَجًّا ﴿٤﴾ وَّبُسَّتِ الْجِبَالُ بَسًّا ﴿٥﴾

(۽ الله جي پيارن كي) بلند كندڙ آهي. جنهن وقت زمين ۾ سخت زلزلو ايندو. ۽ جبل ڏڙڪا ڏرا ٿي ويندا.

فَكَانَتْ هَبَآءً مُّنْۢبَثًّا ﴿٦﴾ وَّكُنْتُمْ اَزْوَاجًا ثَلٰثَةً ﴿٧﴾ فَاَصْحٰبُ

پوءِ اهي پكڙيل كرندا ٿي پوندا ۽ (ان وقت) توهان (انسان) ٽي قسم هوندا. پوءِ

(منزل ٧) ١ تفسير مظهري. ٢ تفسير روح المعاني. ٣ تفسير كمالين. ٤ تفسير مظهري.

الْمَيْمَنَةِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۝٨ وَاَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۙ

ساڄي طرف وارا، اهي ساڄي طرف وارا ڪهڙا هوندا؟ ۔ ۽ ڪابي طرف وارا،

مَآ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۝٩ وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ ۝١٠ اُولٰٓئِكَ

اُهي ڪابي طرف وارا ڪهڙا هوندا؟ ۽ اڳرائي ڪندڙ (نبي جي ڪن ۾) تہ اڳرائي ڪندڙ آهن. اُهي ئي

الْمُقَرَّبُوْنَ ۝١١ فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ۝١٢ ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٣ وَ

مقرب بندا آهن. (جيڪي) جنة النعيم ۾ آهن. اهڙا (نيڪوڪار) پهرين مان گهڻا آهن ۔ ۽

قَلِيْلٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ۝١٤ عَلٰى سُرُرٍ مَّوْضُوْنَةٍ ۝١٥ مُّتَّكِـِٕيْنَ

پوين مان ٿورڙا آهن (جيڪي) سون جي تارن سان تيار ٿيل تختن (صوفاسين) تي تڪيون هڻي هڪ ٻئي

عَلَيْهَا مُتَقٰبِلِيْنَ ۝١٦ يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۝١٧

جي سامهون ويهندڙ هوندا. انهن جي چوڌاري هميشه جوان رهندڙ چوڪرا (خدمتگار) هوندا.

بِاَكْوَابٍ وَّاَبَارِيْقَ ۙ وَكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ۝١٨ لَّا يُصَدَّعُوْنَ

جيڪي انهن کي پيالا، ٽمڪا، ۽ هميشه وهندڙ شراب جا جام پيش ڪندا. (ان جي پيئڻ سان) نڪين مٿي ۾ سُور

عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ۝١٩ وَفَاكِهَةٍ مِّمَّا يَتَخَيَّرُوْنَ ۝٢٠ وَلَحْمِ طَيْرٍ

پوندو ۽ نڪسندن عقل گهٽ ٿيندو ۽ (انهن کي اُهي) ميوا ملندا جيڪي پاڻ پسند ڪندا ۽ پکين جو گوشت ملندو

مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ۝٢١ وَحُوْرٌ عِيْنٌ ۝٢٢ كَاَمْثَالِ اللُّؤْلُؤِ الْمَكْنُوْنِ ۝٢٣

جيڪو کين وڻندو. ۽ وڏين اکين واريون حورون هوندیون. جيڪي (حفاظت ۾ رکيل) موتين جهڙيون هوندیون.

جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ۝٢٤ لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا

اهاسندن نيڪ عملن جي جزا هوندي. (اهي) بهشت ۾ اجايون ڳالهيون ۽

تَاْثِيْمًا ۝٢٥ اِلَّا قِيْلًا سَلٰمًا سَلٰمًا ۝٢٦ وَاَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ۙ مَآ

ڪوڙ نہ ٻڌندا. فقط (اُهي) سلام (۽) سلام چوندا. ۽ ساڄي طرف وارا (انسان) اُهي

لہ تفسیر کمالین، ص ۵۲، ۳، ۵۳، ۵۴ ۽ ص تفسیر مظهري.

أَصْحٰبُ الْيَمِيْنِ ﴿٢٧﴾ فِيْ سِدْرٍ مَّخْضُوْدٍ ﴿٢٨﴾ وَّطَلْحٍ مَّنْضُوْدٍ ﴿٢٩﴾ وَّ

ساڄي طرف وارا ڪهڙا هوندا؟ (اهي بهشتي) بنا ڪنڊن وارن ٻيرن ۽ ڪيلن جي ڇڪن ۾ (هوندا) ۰ ۽

ظِلٍّ مَّمْدُوْدٍ ﴿٣٠﴾ وَّمَآءٍ مَّسْكُوْبٍ ﴿٣١﴾ وَّفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ ﴿٣٢﴾ لَّا

هميشه وارن ساڻين ۾ ۰ ۽ هميشه وهندڙ پاڻي ۾ ۰ ۽ گهڻن ميون ۾ (هوندا)۰

مَقْطُوْعَةٍ وَّلَا مَمْنُوْعَةٍ ﴿٣٣﴾ وَّفُرُشٍ مَّرْفُوْعَةٍ ﴿٣٤﴾ اِنَّآ اَنْشَاْنٰهُنَّ

جيڪي نه ختم ٿيندا ۽ نه ممنوع هوندا ۰ ۽ اعليٰ قسم جي وڇاڻن ۾ ۰ بيشڪ اسان انهن عورتن کي

اِنْشَآءً ﴿٣٥﴾ فَجَعَلْنٰهُنَّ اَبْكَارًا ﴿٣٦﴾ عُرُبًا اَتْرَابًا ﴿٣٧﴾ لِّاَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٣٨﴾

ٿيون[1] سرپيدا ڪيو پوءِ انهن کي دوشيزه بنايو جيڪي پنهنجي گهر وارن کي وٽندڙ[2] ڪ جيڏيون ۽ ساڄي طرف وارن لاءِ هوندیون ۰

ثُلَّةٌ مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿٣٩﴾ وَثُلَّةٌ مِّنَ الْاٰخِرِيْنَ ﴿٤٠﴾ وَاَصْحٰبُ

پهرين مان هڪ جماعت ۰ ۽ پوين مان هڪ جماعت (هوندي) ۰ ۽ کاٻي

الشِّمَالِ ۙ مَآ اَصْحٰبُ الشِّمَالِ ﴿٤١﴾ فِيْ سَمُوْمٍ وَّحَمِيْمٍ ﴿٤٢﴾ وَّ

طرف وارا ۰ کاٻي طرف وارا ڪهڙا هوندا؟ (اهي دوزخ جي) گرم هوا ۽ تهکيل پاڻي ۾ ۰ ۽

ظِلٍّ مِّنْ يَّحْمُوْمٍ ﴿٤٣﴾ لَّا بَارِدٍ وَّلَا كَرِيْمٍ ﴿٤٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْا

برندڙ ڏونهن جي پاڇي ۾ هوندا، جيڪي نه ٺڏا هوندا ۽ نه فرحت بخشيندڙ۔ بيشڪ اهي ان کان

قَبْلَ ذٰلِكَ مُتْرَفِيْنَ ﴿٤٥﴾ وَكَانُوْا يُصِرُّوْنَ عَلَى الْحِنْثِ

اڳ (دنيا ۾) فرحتن ۾ هٿا ۰ ۽ اهي هميشه (دنيا ۾) ڪوڙا[3] قسم کڻندا هٿا

الْعَظِيْمِ ﴿٤٦﴾ وَكَانُوْا يَقُوْلُوْنَ ۙ اَئِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا

(تمثل ماڻهو زنده نه ٿيندا)۰ ۽ اهي چوندا هٿا۰ چا! اسين مرندا سين ۽ صفي ۽ هڏا

وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ﴿٤٧﴾ اَوَاٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿٤٨﴾

ٿيندا سين چا اسين يقيناً ٻيو دفعي اٿاريا ويندا سين۰ يا اسان جا پهريان ابا ڏاڏا به (اٿاريا ويندا)۰

[1] تفسير روح البيان۰ [2] تفسير النسفي۰ [3] تفسير مظهري۰

قُلْ اِنَّ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ ﴿٤٩﴾ لَمَجْمُوْعُوْنَ ۙ اِلٰى مِيْقَاتِ

رسول اڳيي توهان (مڪه وارن کي) چئو بيشڪ پهريان ۽ پويان يقيناً قيامت جي وقت

يَوْمٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿٥٠﴾ ثُمَّ اِنَّكُمْ اَيُّهَا الضَّآلُّوْنَ الْمُكَذِّبُوْنَ ﴿٥١﴾ لَاٰكِلُوْنَ

جمع ٿيندڙ آهن . اُن کان پوءِ بيشڪ توهان اي گمراهه (۽) ڪوڙا . يقيناً

مِنْ شَجَرٍ مِّنْ زَقُّوْمٍ ﴿٥٢﴾ فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَشٰرِبُوْنَ

توهر جا وڻ کائيندا . پوءِ اُن سان (پنهنجا) پيٽ پريندا . پوءِ اُن جي

عَلَيْهِ مِنَ الْحَمِيْمِ ﴿٥٤﴾ فَشٰرِبُوْنَ شُرْبَ الْهِيْمِ ﴿٥٥﴾ هٰذَا نُزُلُهُمْ

مٿان ٽهڪيل پاڻي پيئندا . پوءِ (ٽهڪيل پاڻي) ايئن پيئندا جيئن اڃايل اُٺ (پاڻي پيئندو آهي) هي قيامت جي

يَوْمَ الدِّيْنِ ﴿٥٦﴾ نَحْنُ خَلَقْنٰكُمْ فَلَوْلَا تُصَدِّقُوْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَرَءَيْتُمْ

ڏينهن سندن مهماني آهي . اسان توهان کي تخليق ڪيو، پوءِ توهان سچ چونه ٿا مڃو؟ ڇا پوءِ توهان ڏٺو ٿا توهان

مَّا تُمْنُوْنَ ﴿٥٨﴾ ءَاَنْتُمْ تَخْلُقُوْنَهٗۤ اَمْ نَحْنُ الْخٰلِقُوْنَ ﴿٥٩﴾ نَحْنُ

سرمايڙ حيات کي اڇلايو ٿا . ڇا توهان اُن مان انسان خلقيو ٿا يا اسين خالق آهيون . اسان

قَدَّرْنَا بَيْنَكُمُ الْمَوْتَ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿٦٠﴾ عَلٰۤى اَنْ

توهان جي وچ ۾ موت جو وقت مقرر ڪيو ۽ اسان کي ڪو[1] عاجز ڪندڙ ناهي . انهيءَ تي ته

نُّبَدِّلَ اَمْثَالَكُمْ وَنُنْشِئَكُمْ فِيْ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ

توهان جهڙا ٻيا (انسان) تبديل ڪريون ۽ توهان کي اهڙين صورتن ۾ تبديل ڪريون جو توهان پاڻ نه ڄاڻو ۽ بيشڪ تحقيق

عَلِمْتُمُ النَّشْاَةَ الْاُوْلٰى فَلَوْلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٦٢﴾ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا

توهان کي پهرين دفعو زنده ٿيڻ معلوم آهي، پوءِ چونه ٿا نصيحت حاصل ڪريو ڇا پوءِ توهان ڏٺو ٿا توهان

تَحْرُثُوْنَ ﴿٦٣﴾ ءَاَنْتُمْ تَزْرَعُوْنَهٗۤ اَمْ نَحْنُ الزّٰرِعُوْنَ ﴿٦٤﴾ لَوْ نَشَآءُ

جيڪي ٻج پوکيو ٿا . ڇا توهان اُن کي[2] قٽايو ٿا يا اسين قٽائيندڙ آهيون . جيڪڏهن اسين گهرون ته

[1] تنوير المقباس وتفسير ابن عباس . [2] تفسير مظهري . (منزل ٧) [2] تفسير جلالين .

لَجَعَلْنٰهُ حُطَامًا فَظَلْتُمْ تَفَكَّهُوْنَ ﴿۶۵﴾ اِنَّا لَمُغْرَمُوْنَ ﴿۶۶﴾ بَلْ

ته اُن کي سڪائي چُورو چُورو ڪريون پوءِ توهان تعجب ۾ پوندا (ته) بيشڪ اسان ته چٽي ڀَرَ ۾ پياسين. بلڪ

نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿۶۷﴾ اَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِيْ تَشْرَبُوْنَ ﴿۶۸﴾ ءَاَنْتُمْ

اسين محروم رهيا سين. ڇا پوءِ توهان ڏٺائيندا ته جيڪو پاڻي توهان پيئو ٿا. ڇا توهان

اَنْزَلْتُمُوْهُ مِنَ الْمُزْنِ اَمْ نَحْنُ الْمُنْزِلُوْنَ ﴿۶۹﴾ لَوْ نَشَآءُ

ان کي ڪڪر مان نازل ڪريو ٿا؟ يا اسين نازل ڪندڙ آهيون! جيڪڏهن اسين گهرون ته

جَعَلْنٰهُ اُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُوْنَ ﴿۷۰﴾ اَفَرَءَيْتُمُ النَّارَ الَّتِيْ

ان کي کارو ڪري ڇڏيون، پوءِ توهان ڇو نٿا شُڪر ڪريو. ڇا پوءِ توهان ڏٺائيندا ته جيڪا باهه توهان

تُوْرُوْنَ ﴿۷۱﴾ ءَاَنْتُمْ اَنْشَاْتُمْ شَجَرَتَهَآ اَمْ نَحْنُ الْمُنْشِـُٔوْنَ ﴿۷۲﴾

روشن ڪريو ٿا؟ ڇا توهان ان جو وڻ پيدا ڪريو ٿا يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون.

نَحْنُ جَعَلْنٰهَا تَذْكِرَةً وَّمَتَاعًا لِّلْمُقْوِيْنَ ﴿۷۳﴾ فَسَبِّحْ

اسان اُن کي (جهنم جي باهه جي) يادگيري بنايو ۽ مسافرن لاءِ فائديمند بنايون پوءِ رسول عربي توهان

بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿۷۴﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِمَوٰقِعِ النُّجُوْمِ ﴿۷۵﴾ وَ

پنهنجي عظيم رب جي نالي سان تسبيح پڙهو. پوءِ مون کي قسم آهي انهن جاين جو جتي تارا غروب ٿين ٿا. ۽

اِنَّهٗ لَقَسَمٌ لَّوْ تَعْلَمُوْنَ عَظِيْمٌ ﴿۷۶﴾ اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ ﴿۷۷﴾

بيشڪ اهو يقيناً عظيم قسم آهي، جيڪڏهن توهان سمجهو ٿا. بيشڪ اهو قرآن ڪريم آهي جيڪو

فِيْ كِتٰبٍ مَّكْنُوْنٍ ﴿۷۸﴾ لَّا يَمَسُّهٗٓ اِلَّا الْمُطَهَّرُوْنَ ﴿۷۹﴾ تَنْزِيْلٌ

لوح محفوظ ۾ آهي. نه ٿا هٿ لائن ان کي مگر پاڪائي ڪندڙ (وضو ڪندڙ) نازل ڪيل آهي

مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۸۰﴾ اَفَبِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَنْتُمْ مُّدْهِنُوْنَ ﴿۸۱﴾

رب العالمين جي طرفان. ڇا پوءِ توهان قرآن ڪريم کي ڪوڙو ڪندڙ آهيو.

له تفسير روح البيان. ٿه تفسير مظهري. ڪه تفسير النسفي. گه ۽ ڪه تفسير مظهري. له تفسير مظهري.

وَتَجْعَلُوْنَ رِزْقَكُمْ اَنَّكُمْ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَلَوْلَآ اِذَا بَلَغَتِ

۽ توهان پنهنجي لاءِ (قرآن کريم ۾) اهو حصو رکو ٿا تہ بيشڪ توهان ئي (اُن کي) ڪوڙو سمجهو ٿا. پوءِ اهو ڪيئن ٿيندو جڏهن وقت (ساه)

الْحُلْقُوْمَ ﴿٨٣﴾ وَاَنْتُمْ حِيْنَئِذٍ تَنْظُرُوْنَ ﴿٨٤﴾ وَنَحْنُ اَقْرَبُ

نڙي تائين پهتل هوندو. ۽ توهان اُن وقت (اُن قهب الموت کي) ڏسي رهيا هوندا. ۽ اسين اُن کي

اِلَيْهِ مِنْكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُبْصِرُوْنَ ﴿٨٥﴾ فَلَوْلَآ اِنْ كُنْتُمْ

توهان کان ويڏيڪ ويجها آهيون پر توهان نٿا ڏسي سگهو. پوءِ اهو ڪيئن ٿيندو جيڪڏهن توهان کان

غَيْرَ مَدِيْنِيْنَ ﴿٨٦﴾ تَرْجِعُوْنَهَآ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٨٧﴾

حساب ڪتاب ٿيندڙ نہ هجي ها. (تہ پوءِ جو) اُن روح کي بدن ۾ موٽائيو ويو جيڪڏهن توهان سچا آهيو.

فَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ الْمُقَرَّبِيْنَ ﴿٨٨﴾ فَرَوْحٌ وَّرَيْحَانٌ ۙ وَّ

پر پوءِ جيڪڏهن اهو (فوت ٿيل ماڻهو) مُقرب بندن مان آهي. پوءِ (اُن لاءِ) راحت ۽ گل آهن ۽

جَنَّتُ نَعِيْمٍ ﴿٨٩﴾ وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩٠﴾ فَسَلٰمٌ

جنت نعيم آهي. ۽ پر جيڪڏهن اهو ساڄي طرف وارن مان آهي. پوءِ رسول عربي توهان

لَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ الْيَمِيْنِ ﴿٩١﴾ وَاَمَّآ اِنْ كَانَ مِنَ

ڏي ساڄي طرف وارن جي طرفان سلام آهي. ۽ پر جيڪڏهن اهو

الْمُكَذِّبِيْنَ الضَّآلِّيْنَ ﴿٩٢﴾ فَنُزُلٌ مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٩٣﴾ وَّ

ڪوڙن گمراهن مان آهي. پوءِ (سندس) مهماني گرم پاڻي سان آهي. ۽

تَصْلِيَةُ جَحِيْمٍ ﴿٩٤﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ حَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٩٥﴾ فَسَبِّحْ

دوزخ ۾ داخل ٿيڻ آهي. بيشڪ هي ئي حق (۽) يقيني ڳالهه آهي. پوءِ توهان اي رسول عربي

بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٩٦﴾

پنهنجي عظيم رب جي پاڪ نالي سان اُن جي تسبيح پڙهو.

ع ٢ ١٦

له تفسير مظهري. ٢ تفسير روح المعاني.

ایاتھا ٢٩ (٥٧) سُوْرَةُ الْحَدِيْدِ مَدَنِيَّةٌ (٩٤) رکوعاتھا ٤

سورۃ حدید مدینہ منورہ میں نازل ہوئی آھي انھيءَ ۾ ٤ رکوع ۽ ٢٩ آيتون آھن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ باجهار و (آهي)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ①

الله تعالىٰ جي تسبيح ڪن ٿيون اهي (مخلوقون) جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن ، ۽ اهوئي غالب ، صاحب حڪمت آهي .

لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ

انهيءَ لاءِ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ، اهو جياري ۽ ماري ٿو ، ۽ اهوئي هر

شَيْءٍ قَدِيْرٌ ② هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ ۚ وَهُوَ

شيءِ تي قادر آهي . اهو ئي اوّل ۽ آخر ۽ ظاهر ۽ باطن آهي ۽ اهوئي

بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ③ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِيْ

هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي . اهوئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي

سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ؕ يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِي

ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايو ان کان پوءِ (اهو پنهنجي شان وتان) عرش عظيم تي رونق افروز ٿيو ، اهو جاڻي ٿو (هر ان شيءِ کي) جيڪا زمين ۾

الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا

داخل ٿئي ٿي ۽ جيڪا اُن مان نڪري ٿي ۽ جيڪو ڪجهه آسمان مان لهي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه

يَعْرُجُ فِيْهَا ؕ وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

ان ۾ چڙهي ٿو ، ۽ اهو (پنهنجي ڪمال قدرت سان) تو هان سان گڏ آهي (جاهي) تو هان ڪٿي به هجو ، ۽ الله تعالىٰ تو هان جي عملن کي

بَصِيْرٌ ④ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ ⑤

ڏسندڙ آهي . انهيءَ لاءِ آسمانن ۽ زمين جو مُلڪ آهي ، ۽ الله تعالىٰ ڏانهن سمورا ڪم موٽايا وڃن ٿا .

له تفسير روح البيان .

يُولِجُ الَّيْلَ فِي النَّهَارِ وَيُولِجُ النَّهَارَ فِي الَّيْلِ ۭ وَهُوَ عَلِيْمٌۢ

رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ اهو سينن جي

بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٦ اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَاَنْفِقُوْا مِمَّا جَعَلَكُمْ

راز کي ڄاڻندڙ آهي (اي انسانو) توهان الله تعالىٰ ۽ انجي رسول ڏانهن ايمان آڻيو ۽ جن ملڪيتن جو الله تعالىٰ توهان کي وارث ڪيو

مُّسْتَخْلَفِيْنَ فِيْهِ ۭ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ وَاَنْفَقُوْا لَهُمْ اَجْرٌ

جانشين بنايو . انهي مان جڏهن خدا تعالىٰ جي ۾ خرچ ڪيو پوءِ توهان مان جن ايمان آندو ۽ خرچ ڪيو انهن لاءِ تمام وڏو

كَبِيْرٌ ۝٧ وَمَا لَكُمْ لَا تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ ۚ وَالرَّسُوْلُ يَدْعُوْكُمْ

اجر آهي . ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان الله تعالىٰ تي ايمان نٿا آڻيو حالانڪ رسول عربي توهان کي انهيءَ لاءِ سڏين ٿا

لِتُؤْمِنُوْا بِرَبِّكُمْ وَقَدْ اَخَذَ مِيْثَاقَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ۝٨

تہ توهان پنهنجي رب تي ايمان آڻيو ۽ بيشڪ اُن توهان کان (پهريائين) پڪو وعدو ورتو آهي جيڪڏهن توهان کي يقين آهي .

هُوَ الَّذِيْ يُنَزِّلُ عَلٰي عَبْدِهٖٓ اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَكُمْ مِّنَ

اُهو ئي آهي جيڪو پنهنجي پياري عبد (حبيب ڪريم) تي واضح آيتون نازل فرمائي ٿو انهيءَ لاءِ تہ اوهان توهان کي اوندهين مان

الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ وَاِنَّ اللّٰهَ بِكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝٩ وَمَا

ڪڍي روشنائي ڏانهن آڻي ، ۽ بيشڪ الله تعالىٰ توهان تي بي حد شفيق ۽ مهربان آهي . ۽ توهان کي

لَكُمْ اَلَّا تُنْفِقُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَلِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ

ڇا ٿيو آهي جو توهان الله جي راهہ ۾ خرچ نٿا ڪريو حالانڪ آسمانن ۽ زمينن جو وارث

الْاَرْضِ ۭ لَا يَسْتَوِيْ مِنْكُمْ مَّنْ اَنْفَقَ مِنْ قَبْلِ الْفَتْحِ

الله تعالىٰ آهي ، توهان مان برابر نہ ٿيندا انهي مان جن فتح مڪي کان اڳ ۾ خرچ ڪيو

وَقٰتَلَ ۭ اُولٰۗىِٕكَ اَعْظَمُ دَرَجَةً مِّنَ الَّذِيْنَ اَنْفَقُوْا مِنْۢ

۽ جهاد ڪيو ، انهن لاءِ تمام وڏو درجو آهي ، انهن مان کان جن خرچ ڪيو فتح کان

لہ تفسير مظهري .

بَعْدُ وَقٰتَلُوْا ؕ وَكُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ؕ وَاللّٰهُ بِمَا

پوءِ ۽ جهاد ڪيو ، ۽ سڀن سان الله تعالىٰ سهڻو وعدو (بهشت جو) فرمايو آهي، ۽ الله تعالىٰ توهان جي

تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿١٠﴾ مَنْ ذَا الَّذِيْ يُقْرِضُ اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا

عملن کان خبردار آهي. ڪير آهي جيڪو الله تعالىٰ کي سهڻو قرض ڏيئي (يعني پنهنجو مال خدا کاران خرچ ڪري ٿو) .

فَيُضٰعِفَهٗ لَهٗ وَلَهٗۤ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿١١﴾ يَوْمَ تَرَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ

پوءِ اهو ان لاءِ ان کي ٻيڻو ڪري ڏيئي ۽ ان لاءِ عزت وارو اجر آهي. اُن ڏينهن توهان مؤمن مردن ۽

الْمُؤْمِنٰتِ يَسْعٰى نُوْرُهُمْ بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ

مؤمن عورتن کي ڏسندا ته انهن جو نُور انهن جي اڳيان ۽ انهن جي ساڄي پاسي هلندو

بُشْرٰىكُمُ الْيَوْمَ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

توهان کي اڄ ڏينهن باغن جي بشارت آهي ، انهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون (اهي)

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٢﴾ يَوْمَ يَقُوْلُ

هميشه انهيءَ ۾ رهندا ، اهائي عظيم ڪاميابي آهي . ان ڏينهن

الْمُنٰفِقُوْنَ وَالْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ

منافق مرد ۽ منافق عورتون مؤمنن کي چوندا ته توهان اسان ڏانهن هڪ نظر ڪريو ته اسين توهان جي نور مان

مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ قِيْلَ ارْجِعُوْا وَرَآءَكُمْ فَالْتَمِسُوْا

نُور ڪجو حصو حاصل ڪريون ، انهن کي چيو ويندو ته توهان پويان (دنيا ۾) وڃو پوءِ توهان اُتي نُور

نُوْرًا ؕ فَضُرِبَ بَيْنَهُمْ بِسُوْرٍ لَّهٗ بَابٌ ؕ بَاطِنُهٗ

گولڻيو ، پوءِ مؤمن ۽ منافقن جي وچ ۾ هڪ ديوار ڪي ويندي ، اُن ۾ دروازو هوندو ، ان جي اندرين پاسي

فِيْهِ الرَّحْمَةُ وَظَاهِرُهٗ مِنْ قِبَلِهِ الْعَذَابُ ؕ ﴿١٣﴾

۾ رحمت (جنت) هوندي ۽ ان جي ٻاهرين پاسي سخت تڪليف (دوزخ) هوندي.

له تفسير روح البيان. ٭ تفسير النسفي.

يُنَادُونَهُمْ أَلَمْ نَكُنْ مَّعَكُمْ ۖ قَالُوا بَلَىٰ وَلَٰكِنَّكُمْ فَتَنتُمْ

مؤمنن کي منافق پڪاريندا تہ چا اسين توهان سان گڏ نہ هئاسين؟ مؤمن چوندا ها، پر توهان پنهنجن نفسن کي

أَنفُسَكُمْ وَتَرَبَّصْتُمْ وَارْتَبْتُمْ وَغَرَّتْكُمُ الْأَمَانِيُّ

فتني ۾ وڌو ۽ توهان مؤمنن لاءِ هلاڪت جو انتظار ڪندا هئاءِ توهان (توحيد ۾) شڪ ڪندا هئاءِ توهان کي لالچ مغرور ڪيو

حَتَّىٰ جَاءَ أَمْرُ اللَّهِ وَغَرَّكُم بِاللَّهِ الْغَرُورُ ﴿١٤﴾ فَالْيَوْمَ

ايستائين جو الله تعالىٰ جو حڪم پهتو ۽ غرور (شيطان) توهان کي الله تعالىٰ کان مغرور ڪيو. پوءِ اڄ ڏينهن

لَا يُؤْخَذُ مِنكُمْ فِدْيَةٌ وَلَا مِنَ الَّذِينَ كَفَرُوا ۚ

نہ توهان کان فديو ورتو ويندو ۽ نہ ڪافرن کان (فديو ورتو ويندو).

مَأْوَاكُمُ النَّارُ ۖ هِيَ مَوْلَاكُمْ ۖ وَبِئْسَ الْمَصِيرُ ﴿١٥﴾ أَلَمْ يَأْنِ

توهان جي جاءِ جهنم آهي، اهو توهان جو ٺڪاڻو آهي ۽ اها تمام خراب جاءِ آهي موٽڻ جي. ڇا اڃان

لِلَّذِينَ آمَنُوا أَن تَخْشَعَ قُلُوبُهُمْ لِذِكْرِ اللَّهِ وَمَا نَزَلَ مِنَ

مؤمنن لاءِ اهو وقت نہ آيو جو انهن جون دليون الله تعالىٰ جي ذڪر لاءِ جهڪي پون ۽ انهيءَ قرآن ڪريم تي عمل ڪن

الْحَقِّ وَلَا يَكُونُوا كَالَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ مِن قَبْلُ

جيڪو نازل ٿيو آهي ۽ انهي نہ هجن انهن ماڻهن وانگر جن کي هن کان اڳ ڪتاب (توراة) ڏنو ويو

فَطَالَ عَلَيْهِمُ الْأَمَدُ فَقَسَتْ قُلُوبُهُمْ ۖ وَكَثِيرٌ مِّنْهُمْ

پوءِ انهن تي ڊگهو زمانو گذريو، پوءِ انهن جون دليون ڪٺيون پيون ۽ انهن مان گهڻا

فَاسِقُونَ ﴿١٦﴾ اعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ يُحْيِي الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۚ

فاسق آهن. توهان يقين ڪريو بيشڪ الله تعالىٰ زمين کي غير آباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪري ٿو.

قَدْ بَيَّنَّا لَكُمُ الْآيَاتِ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُونَ ﴿١٧﴾ إِنَّ الْمُصَّدِّقِينَ

بيشڪ اسان توهان لاءِ پنهنجيون نشانيون بيان ڪيون آهن تہ جو توهان سمجهو. بيشڪ تصديق ڪندڙ مرد

ط ۽ ڪ تفسير الصفي. گ تفسير جلالين وتفسير بيضاوي. ك تفسير بيضاوي (منزل ٧) وتفسير الصفي وتفسير روح البيان. ش تفسير مظهري.
ك تفسير روح المعاني. ش تفسير الصفي. ش تفسير مظهري وتفسير الصفي.

وَالْمُصَّدِّقٰتِ وَاَقْرَضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعَفُ

۽ تصديق ڪندڙ عورتون ۽ الله تعالىٰ کي تمام سهڻو قرض ڏيندڙ (خيرخيرات ڪندڙ) اهو قرض انهن لاءِ ٻيڻو

لَهُمْ وَلَهُمْ اَجْرٌ كَرِيْمٌ ﴿١٨﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَ

ڪيو ويندو ۽ انهن لاءِ عزت وارو اجر (جنت) آهي، ۽ جن مانٺن الله تعالىٰ ۽

رُسُلِهٖٓ اُولٰٓئِكَ هُمُ الصِّدِّيْقُوْنَ ۚ وَالشُّهَدَآءُ عِنْدَ

انجي رسولن تي ايمان آندو اُهي ئي صديق (سچا) آهن ، ۽ اهي ئي پنهنجي رب وٽ (پين ٿي)

رَبِّهِمْ ؕ لَهُمْ اَجْرُهُمْ وَنُوْرُهُمْ ؕ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا

گواهه آهن ، انهن لاءِ انهن جو اجر ۽ انهن جو نور آهي. ۽ جن مانٺن ڪفر ڪيو

وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَحِيْمِ ﴿١٩﴾ ع ٢ ٥ ١٨

۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهو اهي ئي جهنمي آهن .

اِعْلَمُوْٓا اَنَّمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا لَعِبٌ وَّلَهْوٌ وَّزِيْنَةٌ وَّ

توهان يقين ڪريو (آخرت جي مقابلي ۾) دُنيا جي حياتي رانديءَ ۽ غفلت ۽ زينت آهي ۽

تَفَاخُرٌۢ بَيْنَكُمْ وَتَكَاثُرٌ فِى الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ ؕ

پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي فخر ڪرڻ ۽ مال ۽ اولاد جي ڪثرت جو هڪ ٻئي سان مقابلو ڪرڻ آهي.

كَمَثَلِ غَيْثٍ اَعْجَبَ الْكُفَّارَ نَبَاتُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ

(انهن جو) مثال انهن جهڙو آهي جنهن مينهن (آپريل ساوڪ پوڪيندڙ ڪوڏي) تي ان کان پوءِ اها سڪي

فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَكُوْنُ حُطَامًا ؕ وَفِى الْاٰخِرَةِ

پوءِ توهان ان کي هيڏو توڏو اُن کان پوءِ اها ذرا ذرا ٿي وڃي ٿي ، ۽ آخرت ۾ (ڪافرن لاءِ)

عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۙ وَّمَغْفِرَةٌ مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانٌ ؕ وَمَا

سخت عذاب آهي . ۽ (مومنن لاءِ) الله جي طرفان بخشش ۽ رضامندو آهي ، ۽ ناهي

له ۽ ڪه تفسير مظهري، ڪه تفسير روح المعاني، ڪه تفسير (منزل ٧) جلالين وتفسير مظهري، ڪه ۽ ڪه تفسير النسفي.

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ ﴿٢٠﴾ سَابِقُوْٓا اِلٰى مَغْفِرَةٍ

حياتي دنيا جي مگر غرور جو سامان. (عمل صالح ڪ) توهان تڪڙا هلو پنهنجي رب

مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا كَعَرْضِ السَّمَآءِ

جي بخشش ۽ جنت ڏانهن، جنهن جي ويڪر آسمان ۽ زمين جي

وَالْاَرْضِ ۙ اُعِدَّتْ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِاللّٰهِ وَرُسُلِهٖ ؕ

وسعت جيتري آهي (اها) تيار ڪئي وئي آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله تعالىٰ ۽ ان جي رسولن تي ايمان آڻن ٿا.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ

اهو الله تعالىٰ جو فضل آهي جنهن کي چاهي عطا ڪري ٿو، ۽ الله تعالىٰ تمام وڏو

الْعَظِيْمِ ﴿٢١﴾ مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ فِى الْاَرْضِ

فضل ڪندڙ آهي. زمين ۾ ڪا مصيبت (قحط سالي، آسماني ۽ زميني آفتون) نه ئي پهچي

وَلَا فِيْٓ اَنْفُسِكُمْ اِلَّا فِىْ كِتٰبٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ نَّبْرَاَهَا ؕ

۽ نه توهان جي وجودن ۾ (بيمارين ۽ موت وغيره) مگر اها اُن جي پيدائش کان اڳي لوح محفوظ ۾ لکيل آهي.

اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ﴿٢٢﴾ لِّكَيْلَا تَاْسَوْا عَلٰى مَا فَاتَكُمْ

بيشڪ هي ۽ الله تعالىٰ لاءِ آسان آهي. ان لاءِ تہ توهان ان شيءِ لاءِ غمگين نہ ٿيو جيڪا توهان کان وڃي ئي

وَلَا تَفْرَحُوْا بِمَآ اٰتٰىكُمْ ؕ وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ كُلَّ

۽ نہ خوش ٿيو جيڪا توهان کي ڏني ٿو (مطلب تہ رب جي رضا تي راضي رهو) ۽ الله تعالىٰ محبت نہ ٿو ڪري هر

مُخْتَالٍ فَخُوْرِ ۙ ﴿٢٣﴾ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ وَيَاْمُرُوْنَ النَّاسَ

تڪبر ڪندڙ ۽ فخر ڪندڙ ماڻهو. اهي ماڻهو جيڪي بخيلي ڪن ٿا ۽ ماڻهن کي بخيليءَ جو

بِالْبُخْلِ ؕ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِىُّ الْحَمِيْدُ ﴿٢٤﴾

چون ٿا، ۽ جيڪو ماڻهو (خرچ ڪرڻ کان) مُنهن موڙي ٿو تہ (ڏسي) بيشڪ الله تعالىٰ ئي غنيءِ (۽ سڀ ساراهيل آهي

له تفسير النسفي. لـه ۽ ڪه تفسير مظهري. ڪه تفسير جلالين و تفسير روح البيان

لَقَدْ أَرْسَلْنَا رُسُلَنَا بِالْبَيِّنٰتِ وَأَنْزَلْنَا مَعَهُمُ الْكِتٰبَ وَالْمِيْزَانَ

بيشڪ اسان پنهنجا رسول معجزن سان موڪليا ۽ اسان انهن سان گڏ ڪتاب ۽ ميزان نازل فرمايو

لِيَقُوْمَ النَّاسُ بِالْقِسْطِ ۚ وَأَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ فِيْهِ بَأْسٌ شَدِيْدٌ

ان لاءِ تہ ماڻهو انصاف تي قائم رهن، ۽ اسان لوهه کي نازل ڪيو انهيءَ مان جنگي اوزار ٺهن ٿا

وَّمَنَافِعُ لِلنَّاسِ وَلِيَعْلَمَ اللّٰهُ مَنْ يَّنْصُرُهٗ وَرُسُلَهٗ بِالْغَيْبِ ۭ

۽ ماڻهن لاءِ (پيدا ڪيل) نفعا آهن، ۽ ان لاءِ تہ الله تعالىٰ ڏسي ته پوءِ ٻڌن ۽ سندس رسولن جي مدد ڪيرڪري ٿو،

إِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢٥﴾ وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا نُوْحًا وَّإِبْرٰهِيْمَ وَجَعَلْنَا

بيشڪ الله تعالىٰ زبردست قوت وارو غالب آهي. ۽ بيشڪ تحقيق اسان (حضرت) نوح ۽ ابراهيم کي پيغمبر ڪري موڪليو ۽ اسان

فِيْ ذُرِّيَّتِهِمَا النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ فَمِنْهُمْ مُّهْتَدٍ ۚ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ

انهن ٻنهي جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب رکيا، پوءِ ڪي انهن مان هدايت وارا ٿيا ۽ انهن مان گهڻا

فٰسِقُوْنَ ﴿٢٦﴾ ثُمَّ قَفَّيْنَا عَلٰٓى اٰثَارِهِمْ بِرُسُلِنَا وَقَفَّيْنَا بِعِيْسَى ابْنِ

فاسق آهن. ۽ ڪن پوءِ اسان انهن جي پويان پنهنجا پيغمبر موڪليا ۽ اسان انهن ڪان پوءِ عيسىٰ پٽ

مَرْيَمَ وَاٰتَيْنٰهُ الْاِنْجِيْلَ ۙ وَجَعَلْنَا فِيْ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ

مريم جو موڪليو ۽ اسان ان کي انجيل عطا ڪيو، ۽ اسان ان جي تابعدارن جي دلين ۾ (ان لاءِ)

رَأْفَةً وَّرَحْمَةً ۭ وَرَهْبَانِيَّةَ ۨ ابْتَدَعُوْهَا مَا كَتَبْنٰهَا عَلَيْهِمْ

محبت ۽ رحمت پيدا ڪئي، ۽ رهبانيت کي انهن پاڻ پيدا ڪيو، اسان انهن تي اها فرض نه ڪئي هئي

اِلَّا ابْتِغَاۗءَ رِضْوَانِ اللّٰهِ فَمَا رَعَوْهَا حَقَّ رِعَايَتِهَا ۚ فَاٰتَيْنَا

پر (انهن) الله جي رضامندي طلب ڪرڻ لاءِ (ائين ڪيو) پوءِ انهن رهبانيت جو صحيح حق ادا نه ڪيو (يعني رسولن جي تابعداري نه آندي) پوءِ انهن مان

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْهُمْ اَجْرَهُمْ ۚ وَكَثِيْرٌ مِّنْهُمْ فٰسِقُوْنَ ﴿٢٧﴾ يٰٓاَيُّهَا

جن ماڻهن ايمان آندو اسان انهن کي سندن اجر ڏنو، ۽ انهن مان گهڻا فاسق آهن ۔ اي

ع ١٩

لہ مخلوق خدا سان تعلق خلق هڪ ڳوٺ ڇڏي ڪنهن جبل ۾ وڃي عبادت ڪرڻ، جائز نه هو (منزل ٧) شين جي ترڪ ڪرڻ، ڏيهن جو روڏ (ڪنهن ۽ رات جو عبادت ڪرڻ ۽ هميشه اڪيلا ٿي جي زندگي گذارڻ کي رهبانيت چيو وڃي ٿو مترجم (تفسير مظهري وتفسير روح البيان. ٢ تفسير النسفي. ٣ تفسير ظهري وتفسير بيضاوي.

الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ

مؤمنو توهان الله تعالىٰ کان ڈجو ۽ توهان رسول عربيؐ تي ايمان آڻيو اهو توهان کي ٻه حصا

مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ

پنهنجي رحمت مان عطا ڪندو ۽ توهان لاءِ هڪ نور پيدا ڪندو جنهن سان توهان پنڌ ڪندا ۽ توهان کي بخش ڪندو.

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٨﴾ لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ

۽ الله تعالىٰ غفور رحيم آهي . ان لاءِ ته اهلِ ڪتاب واراڻا معلوم ڪن ته الله تعالىٰ جي فضل

عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ

تي انهن جي ڪو اختيار ناهي ۽ بيشڪ ڀلائي الله تعالىٰ جي دستِ قدرت ۾ آهي، جنهن کي چاهي

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ ع

پاڻ عطا ڪري ٿو ، ۽ الله تعالىٰ عظيم ڀلائي ڪندڙ آهي .

اٰيَاتُهَا ٢٢ (٥٨) سُوْرَةُ الْمُجَادِلَةِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٥) رُكُوْعُهَا ٣

سورة مجادله مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ٣ رڪوع ۽ ٢٢ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ٻاجهارو (آهي) .

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا وَتَشْتَكِيْٓ اِلَى

بيشڪ الله تعالىٰ ان عورت جي ڪالهه ٻڌي جيڪا پنهنجي گهر واري جي معاملي ۾ توهان سان ڪالهائي رهي هئي ۽ (پنهنجي) شڪايت

اللّٰهِ ۖ وَاللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿١﴾ اَلَّذِيْنَ

الله تعالىٰ ڏانهن ڪري رهي هئي ۽ الله تعالىٰ توهان ٻنهي جي گفتگو ٻڌي رهيو هو، بيشڪ الله تعالىٰ ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي . توهان مان جيڪي مرد

يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ؕ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا

پنهنجي گهرواريءَ سان ظهار ڪن ٿا، اهي (گهرواريون) سندن ماڻرون ناهن. انهن جون ماڻرون ته اهي آهن

---

١ هي خطاب اهل ڪتاب، يعني آهي، تفسير الشفي وتفسير مظهري و (منزل ٧) تفسير جامع البيان. ٢ ته تفسير الشفي وتفسير بيضاوي وتفسير مظهري وتفسير جلالين وتفسير جامع البيان. ٣ ته تفسير مظهري. ٤ ته يعني ڪو مرد منهنجي لاءِ منهنجي ماءُ وانگر حرام آهين، جاهليت ۾ اهڙو طلاق لاءِ

الجزء ٢٨ ع ٢٠

الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَاٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ

مؤمنو توهان الله تعالىٰ کان ڈجو ۽ توهان رسول عربيؐ تي ايمان آڻيو اهو توهان کي ٻه حصا

مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ

پنهنجي رحمت مان عطا ڪندو ۽ توهان لاءِ هڪ نور پيدا ڪندو جنهن سان توهان پنڌ ڪندا ۽ توهان کي بخش ڪندو.

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿٢٨﴾ لِّئَلَّا يَعْلَمَ اَهْلُ الْكِتٰبِ اَلَّا يَقْدِرُوْنَ

۽ الله تعالىٰ غفور رحيم آهي . ان لاءِ ته اهلِ ڪتاب واراڻا معلوم ڪن ته الله تعالىٰ جي فضل

عَلٰى شَيْءٍ مِّنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاَنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ

تي انهن جي ڪو اختيار ناهي ۽ بيشڪ ڀلائي الله تعالىٰ جي دستِ قدرت ۾ آهي، جنهن کي چاهي

مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ﴿٢٩﴾ ع

پاڻ عطا ڪري ٿو ، ۽ الله تعالىٰ عظيم ڀلائي ڪندڙ آهي .

اٰيَاتُهَا ٢٢ (٥٨) سُوْرَةُ الْمُجَادِلَةِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٥) رُكُوْعُهَا ٣

سورة مجادله مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ٣ رڪوع ۽ ٢٢ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ٻاجهارو (آهي) .

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا وَتَشْتَكِيْٓ اِلَى

بيشڪ الله تعالىٰ ان عورت جي ڪالهه ٻڌي جيڪا پنهنجي گهر واري جي معاملي ۾ توهان سان ڪالهائي رهي هئي ۽ (پنهنجي) شڪايت

اللّٰهِ ۖ وَاللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿١﴾ اَلَّذِيْنَ

الله تعالىٰ ڏانهن ڪري رهي هئي ۽ الله تعالىٰ توهان ٻنهي جي گفتگو ٻڌي رهيو هو، بيشڪ الله تعالىٰ ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي . توهان مان جيڪي مرد

يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآئِهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ؕ اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا

پنهنجي گهرواريءَ سان ظهار ڪن ٿا، اهي (گهرواريون) سندن ماڻرون ناهن. انهن جون ماڻرون ته اهي آهن

---

١ هي خطاب اهل ڪتاب، يعني آهي، تفسير الشفي وتفسير مظهري و (منزل ٧) تفسير جامع البيان. ٢ ته تفسير الشفي وتفسير بيضاوي وتفسير مظهري وتفسير جلالين وتفسير جامع البيان. ٣ ته تفسير مظهري. ٤ ته يعني ڪو مرد منهنجي لاءِ منهنجي ماءُ وانگر حرام آهين، جاهليت ۾ اهڙو طلاق لاءِ

الجزء ٢٨ ع ٢٠

الّٰٓـِٔيْ وَلَدْنَهُمْ ؕ وَاِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا مِّنَ الْقَوْلِ وَزُوْرًا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ

جن انهن کي جنيو آهي، ۽ بيشڪ اهي مرد هڪ نامعقول ڪالهه ڪالهائن تا ۽ ڪوڙ ڳالهائن تا ۽ بيشڪ الله تعالىٰ

لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ۝٢ وَالَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْ نِّسَآئِهِمْ ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ

يقيناً معاف ڪندڙ بخشيندڙ آهي. ۽ جيڪي مرد پنهنجي گهرواڻين سان ظهار ڪن تا ان کان پوءِ پنهنجي ڳالهه تان

لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ؕ ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ

مونڍ جوارائڻ وڪڻ تا پوءِ اهي هڪ ٻئي کي هٿ لائڻ کان اڳ ۾ هانهون آزاد ڪن، اها توهان کي نصيحت ڪئي وڃي

بِهٖ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝٣ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ

ٿي، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان خبردار آهي. پوءِ جنهن ماڻهو وٽ هانهو ناهي پوءِ (اُن ٻي) هٿ لائڻ

مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ۚ فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ سِتِّيْنَ

کان اڳ ۾ لڳاتار ٻه مهينا روزا رکڻا آهن. پوءِ جنهن ماڻهو کي اها طاقت ناهي پوءِ (اُن ٻي) سٺ مسڪين کي

مِسْكِيْنًا ؕ ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ ؕ وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ

طعام کارائڻو آهي، اهو ان لاءِ ته توهان (عملي طور) الله ۽ الله جي رسول تي ايمان آڻيو، ۽ اهي الله تعالىٰ جون حدون آهن ۽

لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٤ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

ڪافرن لاءِ سخت عذاب آهي. بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪن تا

كُبِتُوْا كَمَا كُبِتَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَقَدْ اَنْزَلْنَآ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ ؕ وَ

اُهي ذليل ڪيا ويندا جيئن ڪ انهن کان اڳين کي ذليل ڪيو ويو ۽ بيشڪ اسان صاف صاف آيتون نازل ڪيون آهن ۽

لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۝٥ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا

ڪافرن لاءِ خواريءَ وارو عذاب آهي. ان ڏينهن انهن سڀني کي الله تعالىٰ ٻيهر جيئرو ڪندو ۽ پوءِ انهن کي سندن

عَمِلُوْا ؕ اَحْصٰىهُ اللّٰهُ وَنَسُوْهُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ۝٦ ع

ڪيل ڪمن جي خبر پڌي ڏيندو. الله تعالىٰ انهن کي گڻيو آهي ۽ انهن ان کي وساريو آهي، ۽ الله تعالىٰ ڪل شيءَ کان غائب ناهي.

ع ٢٠

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۭ مَا يَكُوْنُ

اي بڌ نه ڏٺو تو ڏانهن نه ڏٺو بيشڪ الله تعالىٰ (اهو سڀڪجهه) ڄاڻي ٿو جيڪو آسمانن ۾ ۽ جيڪو زمين ۾ آهي ، ايئن نه ٿو هجي

مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ

ته ٽي ماڻهو پاڻ ۾ مخفي صلاح ڪن مگر اهو (الله) چوٿون نه هجي ۽ نه پنج ماڻهو (پاڻ ۾ صلاح ڪن) مگر اهو (الله) ڇهون نه هجي

وَلَآ اَدْنٰى مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَا كَانُوْا ۚ ثُمَّ

۽ نه ان کان گهٽ ۽ نه ان کان وڌيڪ (صلاح ڪندڙ آهن) مگر اهو انهن سان گڏ آهي اهي پوءِ ڪٿي به هجن ، ان کان پوءِ

يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝ اَلَمْ تَرَ

اهو انهن کي سندن عمل بابت قيامت جي ڏينهن ٻڌائيندو بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي . رسول عربي ڇا تو ڏانهن نه

اِلَى الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ النَّجْوٰى ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَ

ماڻهن کي ڏٺو جن کي مخفي صلاح ڪرڻ کان منع ڪيو ويو ، ان کان پوءِ اهي ڪندا رهيا جنهن کان اهي منع ڪيا ويا ۽

يَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ ۭ وَاِذَا جَاۗءُوْكَ

اهي (يهودي ۽ منافق) پاڻ ۾ گناهه ۽ (مسلمانن ڏي) زيادتي ۽ رسول عربي ڏي نافرماني لاءِ مخفي صلاح ڪن ٿا ۽ جڏهن اهي تو ڏانهن اچن

حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ ۙ وَيَقُوْلُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا

ٿا تو ڏانهن کي انهن لفظن سان سلام ڪن ٿا جن سان الله تعالىٰ تو ڏانهن کي سلام نه ڪيو ۽ اهي پنهنجي دلين ۾ چون ٿا ته اسان جي انهي چوڻ جي ڪري

اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ ۭ حَسْبُهُمْ جَهَنَّمُ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝

الله تعالىٰ اسان تي فوراً عذاب چو نه ٿو ڪري ، انهن لاءِ جهنم ڪافي آهي ، ان ۾ اهي داخل ٿيندا پوءِ اها مرڻ لاءِ تمام خراب جاءِ آهي .

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ

اي مؤمنو ! جڏهن تو ڏانهن پاڻ ۾ ڪو مشورو ڪريو پوءِ گناهه ۽ زيادتي

وَمَعْصِيَتِ الرَّسُوْلِ وَتَنَاجَوْا بِالْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ۭ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ

۽ رسول عربي ڏي نافرماني لاءِ پاڻ ۾ مشورو نه ڪريو ۽ تو ڏانهن نيڪي ۽ پرهيزگاري لاءِ پاڻ ۾ مشورو ڪريو ۽ تو ڏانهن الله کان ڈجو

له تفسير مظهري و تفسير ابن عباس . كه تفسير السعدي .

إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ ﴿٩﴾ إِنَّمَا النَّجْوَىٰ مِنَ الشَّيْطَانِ لِيَحْزُنَ الَّذِينَ آمَنُوا

جنهن ڏانهن توهان کي اٿاريو ويندو ۽ (گناهه ۽ زيادتي لاءِ) مخفي صلاح رڪ شيطان جي طرفان آهي، ان لاءِ ته مومنن کي غمگين ڪري

وَلَيْسَ بِضَارِّهِمْ شَيْئًا إِلَّا بِإِذْنِ اللَّهِ ۚ وَعَلَى اللَّهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُونَ ﴿١٠﴾

حالانڪ اهو انهن کي الله جي حڪم کان سواءِ ڪنهن شيءِ جو نقصان پهچائي نٿو سگهي، ۽ مومن کي الله تعالىٰ تي توڪل ڪرڻ گهرجي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا قِيلَ لَكُمْ تَفَسَّحُوا فِي الْمَجَالِسِ فَافْسَحُوا

اي مومنو! جڏهن توهان کي چيو وڃي ته توهان (رسول عربي جي) مجلس ۾ (خاص صحابين لاءِ) جايون خالي ڪريو، ته توهان جايون خالي ڪريو

يَفْسَحِ اللَّهُ لَكُمْ ۖ وَإِذَا قِيلَ انْشُزُوا فَانْشُزُوا يَرْفَعِ اللَّهُ الَّذِينَ آمَنُوا

الله تعالىٰ توهان کي کليل جاءِ (جنت) عطا ڪندو، ۽ جڏهن توهان کي چيو وڃي ته توهان اٿي بيهو، تڏهن الله تعالىٰ توهان مان مومنن

مِنْكُمْ وَالَّذِينَ أُوتُوا الْعِلْمَ دَرَجَاتٍ ۚ وَاللَّهُ بِمَا تَعْمَلُونَ خَبِيرٌ ﴿١١﴾

۽ (ديني) علم وارن جا درجا (جنت ۾) بلند فرمائيندو، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان خبردار آهي.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا إِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُولَ فَقَدِّمُوا بَيْنَ يَدَيْ

اي مومنو! جڏهن توهان رسول عربي جي خدمت ۾ (ڪا ڳالهه) عرض ڪرڻ چاهيو، تڏهن جي عرض ڪرڻ کان اڳ ۾

نَجْوَاكُمْ صَدَقَةً ۚ ذَٰلِكَ خَيْرٌ لَكُمْ وَأَطْهَرُ ۚ فَإِنْ لَمْ تَجِدُوا فَإِنَّ اللَّهَ

(ڪجهه) خيرات ڪريو، اهو توهان لاءِ بهتر آهي ۽ (توهان جي گناهن کي) پاڪ ڪندڙ آهي، پوءِ جيڪڏهن توهان ڪجهه نه ٿا

غَفُورٌ رَحِيمٌ ﴿١٢﴾ ءَأَشْفَقْتُمْ أَنْ تُقَدِّمُوا بَيْنَ يَدَيْ نَجْوَاكُمْ صَدَقَاتٍ ۚ

پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ، مهربان آهي. ڇا توهان تڏهن عرض ڪرڻ کان اڳ ۾ خيرات ڪرڻ کان ڊجو ٿا؟

فَإِذْ لَمْ تَفْعَلُوا وَتَابَ اللَّهُ عَلَيْكُمْ فَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ وَآتُوا الزَّكَاةَ

پوءِ جيڪڏهن توهان ائين ڪري نه ٿا سگهو ۽ الله تعالىٰ توهان تي عنايت ڪئي آهي، تڏهن نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ادا ڪريو

ع ٢ ٢ ٢ وَأَطِيعُوا اللَّهَ وَرَسُولَهُ ۚ وَاللَّهُ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١٣﴾ ع أَلَمْ تَرَ إِلَى

۽ توهان الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪريو، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان خبردار آهي. ڇا توهان نه ڏٺو

[1] تفسير النسفي، [2] تفسير النسفي وتفسير جلالين، [3] تفسير مظهري. (منزل ٧) [4] تفسير جلالين.

الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلَا مِنْهُمْ ۙ

انهن مانهن (منافقن) کي جيڪي انهي قوم (يهودين) سان دوستي رکن تا جن تي الله تعالىٰ غضب نازل ڪيو آهي نه تہ هي انهن مان آهن نہ انهن هي آهن

وَيَحْلِفُوْنَ عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا

ٻ معلومات جي باوجود ڪوڙ تي قسم کڻن تا. الله تعالىٰ انهن لاءِ سخت عذاب

شَدِيْدًا ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾ اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً

تيار ڪيو آهي، بيشڪ اهي خراب عمل ڪن تا. انهن پنهنجي قسمن کي (پنهنجي لاءِ) ڍال بنايو آهي

فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٦﴾ لَنْ تُغْنِيَ

پوءِ اهي الله جي راهہ کان روڪين تا، پوءِ انهن لاءِ خواري وارو عذاب آهي. هرگز انهن جا

عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ

مال ۽ اولاد انهن کي الله جي عذاب کان بچائي نہ سگهندا، اهي جهنمي

النَّارِ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيَحْلِفُوْنَ

آهن، اهي انهي ۾ هميشہ رهندڙ آهن. ان ڏينهن الله تعالىٰ انهن سڀني کي (زنده ڪري) اٿاريندو. پوءِ اهي اُن لاءِ

لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰى شَيْءٍ ؕ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ

قسم کڻندا، جيئن توهان لاءِ قسم کڻن تا ۽ پائين تا تہ بيشڪ اهي نفعي واري شيءِ تي آهن، خبردار بيشڪ اهي ئي

الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٨﴾ اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ فَاَنْسٰىهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ

ڪوڙا آهن. انهن تي شيطان غلبو ڪيو، پوءِ انهن کي الله جي ذڪر کي وساري ڇڏيو. اهي

حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٩﴾ اِنَّ

شيطان جو گروهہ آهن. خبردار بيشڪ شيطان جو گروهہ ئي نقصان وارو آهي. بيشڪ

الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗٓ اُولٰٓئِكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ ﴿٢٠﴾

جيڪي مانهو الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪن تا اُهي وڏن ذليلن مان آهن.

لہ تفسير مظهري. ٢ تفسير جلالين. ٣ تفسير الصفي وتفسير جلالين. (منزل ٧)

كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢١﴾ لَا تَجِدُ

الله تعالىٰ (لوح محفوظ) ۾ لکيو آهي تہ ضرور آئون ۽ منهنجا رسول غالب ٿيندا سين، بيشڪ الله تعالىٰ وڏي قوت وارو غالب آهي. جيڪي

قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَ

مڙهن الله تعالىٰ ۽ آخري ڏينهن تي ايمان آڻن ٿا، تہ هو ان نہ ڏسندا آهي اهڙن ماڻهن سان دوستي رکن ٿا جيڪي الله تعالىٰ ۽

رَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ؕ

سندس رسول جا مخالف آهن، جيتوڻيڪ اهي سندن پيءُ آهن يا سندن پٽ آهن يا سندن ڀاءُ آهن يا سندن مائٽ آهن،

اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ وَيُدْخِلُهُمْ

اهي اُهي آهن جن جي دلين ۾ الله تعالىٰ ايمان ڇڪي ڇڏيو آهي ۽ انهن کي پنهنجي روح (مدد) سان مضبوط بنايو آهي ۽ انهن کي اهڙن

جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ

جنتن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون (اهي) هميشہ انهيءَ ۾ رهندا، الله تعالىٰ انهن کان راضي ٿيو ۽

ع ٢ ٥ ٣ رَضُوْا عَنْهُ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٢٢﴾ ع

اُهي ان کان راضي ٿيا، اهي الله تعالىٰ جي جماعت آهن، خبردار بيشڪ الله تعالىٰ جي جماعت ئي ڪامياب آهي

اٰيَاتُهَا ٢٤ (٥٩) سُوْرَةُ الْحَشْرِ مَدَنِيَّةٌ (١٠١) رُكُوْعَاتُهَا ٣

سورة حشر مدينه منوره ۾ نازل ٿي انهيءَ ۾ ٣، رکوع ۽ ٢٤، رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ ڄاڻهار (آهي).

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١﴾

الله تعالىٰ جي پاڪائي بيان ڪن ٿيون اُهي شيون جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن، ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَخْرَجَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ دِيَارِهِمْ

اهو ئي آهي جنهن انهن ڪافرن (بني نضير قبيلي جي) يهودين کي سندن گهرن مان

لہ تفسير النسفي وتفسير جلالين وتفسير مظهري، ٢ه تفسير مظهري (منزل ٧) وتفسير روح البيان - ٣ه تفسير النسفي.

لِاَوَّلِ الْحَشْرِ ؕ مَا ظَنَنْتُمْ اَنْ يَّخْرُجُوْا وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مَّانِعَتُهُمْ

پهريون پيرو گڏ ڪري ڪڍيو، توهان کي ته انهن جي نڪرڻ جو گمان ئي نه هو، خود انهن جو گمان هو ته بيشڪ اهي سندن قلعا

حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ يَحْتَسِبُوْا ۗ وَقَذَفَ

ڪين الله جي عذاب کان بچائي سگهندا، پوءِ انهن تي عذاب الاهي اُتان آيو جتان ڪين خيال ئي نه هو، ۽ الله تعالىٰ

فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ بِاَيْدِيْهِمْ وَاَيْدِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ

انهن جي دلين ۾ رُعب وڌو جو اهي پنهنجا گهر پنهنجي هٿن ۽ مسلمانن جي هٿن سان خراب ڪرڻ لڳا،

فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ ۝٢ وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ

پوءِ اي عقلمندو توهان (ان مان) عبرت وٺو. ۽ جيڪڏهن الله تعالىٰ (سندن تقدير ۾) سندن جلاوطني نه لکي ها

لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا ؕ وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ۝٣

تہ يقيناً انهن کي دنيا ۾ عذاب ڪري ها، ۽ انهن لاءِ آخرت ۾ باهه جو عذاب آهي.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۚ وَمَنْ يُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ

اهو انهيءَ سبب جو بيشڪ انهن الله تعالىٰ ۽ سندس رسول جي مخالفت ڪئي، ۽ جنهن ماڻهو الله تعالىٰ جي مخالفت ڪئي پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ

شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٤ مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَةً

سخت سزا ڏيندڙ آهي، جيڪي کجور جاوڑ توهان (انهن جا) وڻ ڏيا يا توهان انهن کي پنهنجي

عَلٰٓى اُصُوْلِهَا فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِيَ الْفٰسِقِيْنَ ۝٥ وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ

پاڙن تي بيهڻ ڏنو پوءِ اهو الله جي حڪم سان هو ۽ ان لاءِ ته فاسقن کي خوار ڪيو وڃي، ۽ جيڪو مال غنيمت انهن ماڻ

عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ

الله تعالىٰ پنهنجي حبيب کي ويجهو ڪري عطا ڪيو، پوءِ توهان اُن تي گهوڙا ڊوڙايا ۽ نه اُٺ هلايا

وَّلٰكِنَّ اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ

پر الله تعالىٰ پنهنجي رسولن کي جنهن تي چاهي مسلط (غالب) ڪري ٿو، ۽ الله تعالىٰ هر شيءِ تي

وقف النبی صلی اللہ علیہ وسلم

تفسیر جلالین۔

قَدِيْرٌ ۝٦ مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ

قادر آهي ۔ انهن ڳوٺن مان جيڪو مال غنيمت الله تعالىٰ پنهنجي حبيب ڪريم کي عطا ڪيو ۽ اها الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول لئي آهي

وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ ۙ كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً

۽ رسول عربي ﷺ جي رشتيدار ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي، ان لاءِ تہ اها توهان مان شاهوڪارن جي

بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ۭ وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَمَا نَهٰىكُمْ

جي ملڪيت نہ بنجي وڃي ، جيڪو ڪجهہ توهان کي رسول عربي عنايت ڪري ۽ اهو توهان کي ۽ ۽ جنهن کان توهان کي

وقف لازم

عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۝٧ لِلْفُقَرَآءِ

منع فرمائي ۽ ان کان روڪجو ۽ توهان الله کان ڊجو ۽ بيشڪ الله تعالىٰ سخت سزا ڏيندڙ آهي . ۽ انهن ضرورتمند

الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ

مهاجرن جو حق آهي جيڪي پنهنجي گهرن ۽ پنهنجي ملڪيتن مان باهر ڪڍيا ويا آهي

فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِضْوَانًا وَّيَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ

الله تعالىٰ جو فضل ۽ رضامند و طلب ڪن تا ۽ الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول جي مدد ڪن تا ۽ آهي ئي

الصّٰدِقُوْنَ ۝٨ وَالَّذِيْنَ تَبَوَّءُو الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ

سچا آهن ۔ ۽ انهن مانهن جو بحق آهي جن مدينہ منوره ۽ ايمان ۾ انهن کان اڳي پنهنجو گهر تيار ڪيو

يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُوْنَ فِيْ صُدُوْرِهِمْ حَاجَةً

اهي انهن اصحابن رضی الله عنهم سان محبت رکن تا، جن انهن ڏانهن هجرت ڪئي، ۽ جيڪو ڪجهہ انهن کي ملي تو ان تي کو رشڪ

مِّمَّآ اُوْتُوْا وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۭ

نہ ڪن ۽ اهي انهن کي پنهنجي وجودن تي برتري ڏين تا، جيتوڻيڪ اهي پاڻ سخت ضرورتمند آهن .

وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٩

۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچجو ، پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن .

لہ تفسیر مظهری ۔

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَلِاِخْوَانِنَا

۽ جيڪي ماڻهو انهن کان پوءِ آيا انهن جو به حق آهي، اهي چون ٿا اي اسان جا رب تون اسان کي بخش ڪر ۽ (تون اسان جي انهن) پائرن کي

الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَلَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا غِلًّا لِّلَّذِيْنَ

بخش ڪر جن اسان کان ايمان آڻڻ ۾ سبقت ڪئي ۽ اسان جي دلين ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪينو پيدا نه ڪر، جن

الربع

اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٠﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نَافَقُوْا

ايمان آندو، اي اسان جا رب بيشڪ تون شفقت ڪندڙ مهربان آهين. (اي محالف) چا تو انهن ماڻهن کي ڏٺو جن منافقي ڪئي

يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ لَئِنْ

اهي پنهنجي انهن پائرن کي جيڪي رهيا هئا جن ڪفر ڪيو ۽ اهل ڪتاب وارن مان تہ قسم سان جيڪڏهن

اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ وَلَا نُطِيْعُ فِيْكُمْ اَحَدًا اَبَدًا وَّاِنْ

تو هاڪي (مدينہ منوره ما) ڪڍيو ويو تہ اسين ضرور تو هان سان گڏ نڪرنداسين ۽ اسين ڪڏهن (تو هان جي معاملي ۾) ڪنهن جي چوڻ نہ ڪنداسين ۽

قُوْتِلْتُمْ لَنَنْصُرَنَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ ﴿١١﴾ لَئِنْ اُخْرِجُوْا

جيڪڏهن تو هان سان الرائي ڪئي تہ يقيناً اسين تو هان جي مدد ڪنداسين ۽ الله تعالىٰ شاهدي ڏي تہ بيشڪ اهي يقيناً ڪوڙا آهن. قسم سان جيڪڏهن اهي

لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ ۚ وَلَئِنْ قُوْتِلُوْا لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَئِنْ

ڪڍيا ويا تہ (اهي منافق) انهن سان گڏ ڪونہ نڪرندا ۽ جيڪڏهن انهن (يهودين) سان الرائي ڪئي تہ اهي سندن مدد ڪونہ ڪندا ۽ قسم سان جيڪڏهن

نَّصَرُوْهُمْ لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۫ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ﴿١٢﴾ لَاَنْتُمْ اَشَدُّ

اهي انهن جي مدد ڪن تہ يقيناً اهي پٺ ورائي پڄندا، اُن کان پوءِ انهن جي مدد نہ ڪئي ويندي. (اي مسلمانو) بيشڪ انهن (منافقن)

رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٣﴾

جي سينن ۾ تو هان جو خوف الله کان وڌيڪ آهي، اهو انهيءَ سبب جو بيشڪ اهي اهڙا قوم آهي جيڪا ڏاڍي سمجهي.

لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ اَوْ مِنْ وَّرَآءِ جُدُرٍ ؕ

(اهي منافق) گڏجي به تو هان (مسلمانن) سان نہ وڙهندا، مگر محفوظ ڳوٺن ۾ يا ديوارن جي آڙ ۾

له تفسير جلالين. كه تفسير مظهري.

بَأْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيدٌ ؕ تَحْسَبُهُمْ جَمِيعًا وَّقُلُوبُهُمْ شَتّٰى ؕ

اهي پاڻ ۾ سخت ويڙهه ڪن ٿا. (اي مخاطب) تون انهن کي متفق پائين تو حالانڪ انهن جون دليون جدا جدا آهن.

ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٤﴾ كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ

اهو انهي سبب جو اهي اهڙا قوم آهن جيڪي عقل نه ٿا رکن. انهن جو مثال انهن ماڻهن جهڙو آهي جيڪي

قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٥﴾

ٿورو وقت اڳ ۾ گذريا جوانهن (دنيا ۾) پنهنجي ڪيل عملن جي سزا چکي، ۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي

كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ

انهن جو مثال شيطان جهڙو آهي، جنهن وقت ان انسان کي چيو ته تون ڪفر ڪر، پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪيو

قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾

شيطان چيو بيشڪ آئون تو کان بري آهيان، بيشڪ آئون الله کان خوف کريان ٿو جيڪو رب آهي جهانن جو.

فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ اَنَّهُمَا فِى النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا ؕ وَذٰلِكَ

پوءِ انهن ٻنهي جي پڇاڙي (هي آهي ته) بيشڪ اهي ٻئي هميشه باهه ۾ آهن ۽ اها

جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ ع ٢ ٢٤ ٥

ظالمن جي جزا آهي. اي مومنو! توهان الله تعالىٰ کان ڈجو ۽ توهان مان (هرهڪ)

نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ بِمَا

انسان کي ڏسڻ گهرجي ته سڀاڻي لاءِ اُن ڪهڙو عمل موڪليو آهي، ۽ توهان الله تعالىٰ کان ڈجو، بيشڪ الله تعالىٰ توهانجي عملن کان

تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰىهُمْ

خبردار آهي. ۽ توهان اهڙن ماڻهن جهڙا نه ٿيو جن الله تعالىٰ کي وساريو پوءِ الله تعالىٰ انهن جي وجود ڪي

اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١٩﴾ لَا يَسْتَوِيْٓ اَصْحٰبُ

وساري ڇڏيو، اهي ئي فاسق (نافرمان) آهن. نه ٿا برابر ٿين

(منزل ٧)

النَّارِ وَاَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ؕ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾

جهنمي ۽ جنتي ، جنتي ۽ ڪامياب آهن .

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا

جيڪڏهن (بالفرض) اسين هي قرآن ڪريم ڪنهن جبل تي نازل ڪريون تہ اي مخاطب تون ضرور ان کي الله جي خوف کان

مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

جهڪندڙ ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڏسين ها، ۽ اهي مثال اسين مانهن لاءِ بيان ڪريون تا تہ مَن اهي

يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ

غور ۽ فڪر ڪن. اهو ئي الله تعالىٰ آهي جو ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي، (اهو)

الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿٢٢﴾ هُوَ اللّٰهُ

غيب ۽ حاضر کي ڄاڻندڙ آهي ، اهو نهايت مهربان ظاهر و آهي . اهو ئي الله تعالىٰ آهي

الَّذِيْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ

جو ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي (اهو) بادشاهہ، بي حد پاڪ ، سلامتي ڏيندڙ ، امن ڏيندڙ

الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا

حفاظت ڪندڙ ، غالب وڏي عظمت وارو متڪبر آهي ، انهن جي شرڪ کان الله تعالىٰ

يُشْرِكُوْنَ ﴿٢٣﴾ هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ

پاڪ آهي . اهو ئي الله تعالىٰ آهي (جيڪو) پيدا ڪندڙ، بنائيندڙ، صورت ڏيندڙ آهي، ان جا تمام سٹا

الْحُسْنٰى ؕ يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَ

نالا آهن ، جيڪا (مخلوق) آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اها ان جي پاڪائي بيان ڪري ٿي ، ۽

هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٤﴾ ع ٣

اهو غالب حڪمت وارو آهي .

له تفسير مظهري . ٢ له تفسير النسفي .

اياتها ١٣ (٦٠) سورة الممتحنة مدنية (٩١) ركوعاتها ٢

سورة ممتحنة مدينه منوره ۾ نازل ٿي انهيءَ ۾ ٢ رکوع ۽ ١٣ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ لجپال (آهي .)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ

اي مؤمنو ! توهان منهنجي ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست نه بنايو ، توهان انهن ڏانهن دوستي

اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ ۚ يُخْرِجُوْنَ

جي ڪري رسول عربي جون خبرون پهچايو ٿا ، حالانڪ تحقيق انهن (حق) جو انڪار ڪيو جيڪو توهان وٽ پهتو ، انهن

الرَّسُوْلَ وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ؕ اِنْ كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ

رسول عربي توهان کي هجرت ڪرائي ان لاءِ جو توهان الله تي ايمان آندو ، جيڪو توهان جو رب آهي ، جيڪڏهن توهان منهنجي

جِهَادًا فِيْ سَبِيْلِيْ وَابْتِغَآءَ مَرْضَاتِيْ ۚ تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ ۚ وَ

وات ۾ جهاد لاءِ نڪتاءِ (توهان) منهنجي رضا گهرو ٿا ، انهن سان دوستي نه رکو) توهان انهن کي دوستي جي ڪري خفيه خبرون پهچايو ٿا ، ۽

اَنَا اَعْلَمُ بِمَآ اَخْفَيْتُمْ وَمَآ اَعْلَنْتُمْ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ

آئون توهان جي مخفي ۽ ظاهر کي ويڪ ڄاڻان ٿو ، ۽ توهان مان جنهن ماڻهو ائين ڪيو ، بيشڪ

ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ۝١ اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً وَّيَبْسُطُوْٓا

اهو سڌين رستي تان گمراهه ٿيو . جيڪڏهن اهي (ڪافر) توهان کي لهن تہ توهان سان دشمني ڪن ۽ توهان ڏانهن

اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ وَاَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوْٓءِ وَوَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ ۝٢ ؕ لَنْ

(جنگ لاءِ) هٿ وڌائن ۽ پنهنجي زبان کي برائي لاءِ هلائن ۽ اهي خواهش ڪن ٿا تہ ڪاش توهان ڪافر ٿيو . هرگز

تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ۚ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ؕ وَ

قيامت جي ڏينهن توهان کي توهان جون رشتيدار ۽ اولاد نفعو نه ڏيندا ، الله تعالىٰ توهان جي وچ ۾ فيصلو ڪندو ، ۽

معانقة ١٦ السباع الوقف على القيمة

لہ تفسير الصفي . ٢ ۽ تہ تفسير مظهري .

اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝٣ قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ

الله توهان جي عملن کي ڏسندڙ آهي. بيشڪ توهان (سلمان) لاءِ سهڻي پيروي آهي (حضرت) ابراهيم جي قولن ۾

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَءٰٓؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا تَعْبُدُوْنَ مِنْ

۽ جيڪي مؤمن ساڻس گڏ هئا، جڏهن وقت انهن پنهنجي قوم کي چيو بيشڪ اسين توهان کان ۽ توهان جي بتن کان بيزار آهيون جن جي توهان

دُوْنِ اللّٰهِ ۖ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى

الله کان سواءِ عبادت ڪري رهيا آهيو، اسين توهان جو انڪار ڪريون ٿا ۽ توهان ۽ اسان جي وچ ۾ هميشه لاءِ دشمني ۽ بغض پيدا ٿيو آهي ايستائين جو

تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَمَآ اَمْلِكُ

توهان الله تي ايمان آڻيو جيڪو وحده لاشريڪ آهي، سواءِ ان قول ابراهيم جو جيڪو سندس چاچي لاءِ چيو هو ته آئون تنهنجي لاءِ ضرور بخشش طلب

لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ۝٤

ڪندس ۽ آئون الله جي حضور ۾ توهان لاءِ ڪنهن شيءِ جو اڪ نه ٿيان (اي اسان جا رب اسان تو تي توڪل ڪيو ۽ تو ڏانهن رجوع ڪيو ۽ تو ڏانهن موٽڻو آهي.

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ

اي اسان جا رب تون اسان کي ڪافرن جي فتني (آزمائش) ۾ نه وجهه ۽ اي اسان جا رب تون اسان کي بخش ڪر، بيشڪ تون

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٥ لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ

غالب حڪمت وارو آهين . بيشڪ تحقيق توهان لاءِ انهن ۾ سهڻي پيروي هئي اهڙي ماڻهو لاءِ جيڪو

يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ ۭ وَمَنْ يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ

الله تعالىٰ ۽ قيامت ۾ اميد رکي ٿو، ۽ جيڪو ماڻهو (ان کان) منهن موڙي ٿو ته بيشڪ الله تعالىٰ بي غني (۽)

الْحَمِيْدُ ۝٦ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ ع ٧

ساراهيل آهي. قريب آهي جو الله تعالىٰ توهان جي ۽ توهان جي دشمنن جي وچ ۾

مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً ۭ وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٧ لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ

دوستي ڪرائي ڇڏي، ۽ الله قادر آهي، ۽ الله غفور رحيم آهي . جيڪي ماڻهو

ع ٢ ٧

له تفسير مظهري ڪه تفسير النسفي . ٣ڪه لغات القرآن . ڪه ۽ انهن کي ايمان (منزل ٧) ۾ توفيق بخشي ۽ جڏهن مڪه مڪرمه فتح ٿيو ۽ انهن توهان جي عزيزن ايمان آندو ۽ توهان جي ياڙ ۾ دشمني ختم ٿي. مفهوم از تفسير النسفي .

عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ يُقَاتِلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ

دين ۾ توهان سان نه ٿا وڙهن ۽ انهن توهان کي پنهنجي گهرن ٿان نه ڪڍيو. الله تعالىٰ توهان کي

دِيَارِكُمْ اَنْ تَبَرُّوْهُمْ وَتُقْسِطُوْٓا اِلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝٨

اهڙن ماڻهن سان احسان ۽ انصاف ڪرڻ جي منع نه ٿو فرمائي ، بيشڪ الله تعالىٰ انصاف ڪندڙن سان محبت رکي ٿو.

اِنَّمَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ

جيڪي ماڻهو دين ۾ توهان سان وڙهن ٿا ۽ انهن توهان کي توهان جي

مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظٰهَرُوْا عَلٰٓى اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَنْ يَّتَوَلَّهُمْ

گهرن مان ٻاهر ڪڍيو ۽ توهان جي ڪڍڻ لاءِ انهن مدد ڪئي الله تعالىٰ فقط اهڙن ماڻهن ٿا دوستي جي منع فرمائي ٿو جيڪي ملهائن ٿا دوستي

فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ۝٩ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا جَاۗءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ

ڪندو ٻوءِ اهي ئي ظالم آهن . اي مؤمنو جڏهن توهان وٽ مؤمن عورتون (ڪافرن ڏانهن وڃن)

مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ۭ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ

هجرت ڪري اچن ٻوءِ توهان انهن جو امتحان وٺو الله تعالىٰ انهن جي ايمان کي بهتر ڄاڻي ٿو ٻوءِ جڏهن توهان انهن کي

مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ۭ لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ

مؤمن معلوم ڪريو ٻوءِ توهان انهن کي ڪافرن ڏانهن نه موٽايو ٻوءِ اهي ڪافرن لاءِ حلال ناهن ۽ نه اهي ڪافر انهن لاءِ حلال

لَهُنَّ ۭ وَاٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا ۭ وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ

آهن ، ۽ توهان انهن جي مڙس کي ڏيو جيڪو انهن خرچ ڪيو آهي ۽ توهان (مؤمن) تي ڪو گناهه ڪونهي جو توهان انهن عورتن سان نڪاح ڪريو جڏهن

اُجُوْرَهُنَّ ۭ وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَسْـَٔـلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْـَٔـلُوْا

توهين انهن جو مهر ادا ڪريو ۽ ۽ ڪافر عورتن جي نڪاح ۾ مضبوط نه ٿيو ۽ توهان انهن کان گهرو جيڪو توهان خرچ ڪيو ۽ اهي (ڪافر) توهان

مَآ اَنْفَقُوْا ۭ ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ۭ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ حَكِيْمٌ ۝١٠

کان گهرن جيڪو انهن خرچ ڪيو ، اهو توهان الله جو حڪم آهي ، اهو توهان جي وچ ۾ فيصلو ڪري ٿو ۽ الله تعالىٰ هميشه ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي

لہ تفسیر جلالین ۔ کہ تفسیر مظہری ۔

وَاِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ

۽ جيڪڏهن توهان جي هٿ مان ڪجهه عورتون (ڪهڙن سبب جي ڪري) ڪافرن ڏانهن نڪري وڃن پوءِ توهان انهن کي سزا ڏيو

فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ اَنْفَقُوْا ؕ وَاتَّقُوا

پوءِ جن مائٽن جو گهر وارو ويو آهي انهن کي (مال غنيمت مان) ايترو ڏيو جيترو انهن خرچ ڪيو آهي، ۽ توهان الله تعالى

اللّٰهَ الَّذِيْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿١١﴾ يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا جَآءَكَ

کان ڈجو جنهن تي توهان يقين رکندڙ آهيو، اي سچا نبي جنهن وقت توهان وٽ

الْمُؤْمِنٰتُ يُبَايِعْنَكَ عَلٰٓى اَنْ لَّا يُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَيْـًٔا وَّلَا

مؤمن عورتون اچن (۽) ان ڳالهه تي بيعت ڪن ته الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪنديون ۽ نه

يَسْرِقْنَ وَلَا يَزْنِيْنَ وَلَا يَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا يَاْتِيْنَ

چوري ڪنديون ۽ نه بدڪاري ڪنديون ۽ نه اهي پنهنجي اولادن کي قتل ڪنديون ۽ نه اهي

بِبُهْتَانٍ يَّفْتَرِيْنَهٗ بَيْنَ اَيْدِيْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا يَعْصِيْنَكَ

بُهتان آڻيندیون جنهن کي پنهنجي هٿن ۽ پيرن سان گهڙين ٿيون، ۽ پلائي ڇڏين ته توهان جي

فِيْ مَعْرُوْفٍ فَبَايِعْهُنَّ وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

بي فرماني نه ڪنديون، پوءِ توهان انهن عورتن سان بيعت ڪريو ۽ توهان الله کان انهن لاءِ بخشش طلب ڪريو بيشڪ الله تعالى

رَّحِيْمٌ ﴿١٢﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ

بخشيندڙ مهربان آهي. اي مؤمنو توهان انهيءَ قوم سان (قطعاً) دوستي نه رکو جن تي الله تعالى

عَلَيْهِمْ قَدْ يَئِسُوْا مِنَ الْاٰخِرَةِ كَمَا يَئِسَ الْكُفَّارُ

غضب ڪيو آهي، اهي آخرت کان نا اميد ٿيا جيئن ڪافر

مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ﴿١٣﴾ ع

قبرن وارن کان نااميد ٿيا.

اياتها ١٤ (٦١) سُوْرَةُ الصَّفِّ مَدَنِيَّةٌ (١٠٩) رکوعاتها ٢

سورة صف مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ ٢ رکوع ۽ ١٤ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اجهارو (آهي)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ

الله تعالىٰ جي پاڪائيءَ بيان ڪن ٿيون اهي (شيون) جيڪي آسمانن ۾ زمين ۾ آهن، ۽ اهو ئي غالب

الْحَكِيْمُ ① يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لِمَ تَقُوْلُوْنَ مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ②

صاحبِ حڪمت آهي. اي مؤمنو! توهان اهڙي ڳالهه چو ٿا ڪريو جنهن تي پاڻ عمل نه ٿا ڪريو.

كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ اَنْ تَقُوْلُوْا مَا لَا تَفْعَلُوْنَ ③

الله تعالىٰ کي سخت ناپسند آهي اها ڳالهه جيڪا توهان چئو ٿا (۽ پاڻ) اُن تي عمل نه ٿا ڪريو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الَّذِيْنَ يُقَاتِلُوْنَ فِيْ سَبِيْلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمْ بُنْيَانٌ

بيشڪ الله تعالىٰ انهن ماڻهن سان محبت رکي ٿو جيڪي صفون ٻڌي سندس راهه ۾ جهاد ڪن ٿا گويا اهي ديوار

مَّرْصُوْصٌ ④ وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ لِمَ تُؤْذُوْنَنِيْ وَقَدْ

مضبوط ديوار آهن. ۽ رسول عربي توهان کي ياد ڪريو جنهن وقت (حضرت) موسىٰ پنهنجي قوم کي چيو تي اي منهنجي قوم توهان موڪي چو ايذايو تا؟

تَعْلَمُوْنَ اَنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ ۭ فَلَمَّا زَاغُوْٓا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوْبَهُمْ ۭ

حالانڪ توهان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي تي بيشڪ آئون توهان ڏانهن الله جو پيغمبر آهيان، پوءِ جڏهن انهن ٽيڙ ڪئي الله انهن جي دلين کي ٽيڙيو

وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ⑤ وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ

ڪيون ۽ الله تعالىٰ گنهگار قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي. ۽ توهان ياد ڪريو جنهن وقت (حضرت) عيسىٰ ابن

مَرْيَمَ يٰبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا

مريم چيو تي اي بني اسرائيل بيشڪ آئون توهان ڏانهن الله جو پيغمبر آهيان آئون پاڻ کان اڳ ۾ آيل

له تفسير كمالين. ٢ له تفسير ابن عباس.

بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرٰىةِ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوْلٍ يَّاْتِيْ مِنْۢ بَعْدِي

کتاب توراة جي تصديق ڪريان ٿو ۽ رسول عربي جي بشارت ڏيندڙ آهيان جيڪو منهنجي پويان ڪاڻ پوءِ تشريف فرما ٿيندو

اسْمُهٗۤ اَحْمَدُ ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ قَالُوْا هٰذَا سِحْرٌ

سندن نالو احمد (صلي الله عليه وآله وسلم) هوندو، پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم انهن وٽ واضح دليل ڪٽي پهتا، انهن چيو هي صاف جادو

مُّبِيْنٌ ۝۶ وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُوَ

آهي . ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تعالىٰ تي ڪوڙهه ٽو حالانڪ ان کي

يُدْعٰۤى اِلَى الْاِسْلَامِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝۷

اسلام ڏانهن سڏيو ويڇي ٿو ، ۽ الله تعالىٰ ظالمن جي قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي .

يُرِيْدُوْنَ لِيُطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَاللّٰهُ مُتِمُّ نُوْرِهٖ وَلَوْ

اهي (ڪافر) اراد ڪن ٿا ته الله جي نور کي پنهنجي ڦوڪن سان وسائي ۽ الله تعالىٰ پنهنجي نور کي مڪمل ڪندڙ آهي جيتوڻيڪ

كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ ۝۸ هُوَ الَّذِيْۤ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ

ڪافرن کي (اهو) ناپسند آهي . اهو ئي آهي جنهن پنهنجي رسول عربي کي هدايت ۽ دين حق سان انهي لاءِ

الْحَقِّ لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ ۙ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ۝۹ يٰۤاَيُّهَا

موڪليو ته جيئن انهيءَ کي سمورن دينن تي غالب ڪري، جيتوڻيڪ مشرڪن کي (اهو) ناپسند آهي . اي

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ۝۱۰

مومنو ! ڇا آئون توهان کي اهڙي تجارت جو ڏس ڏيان جيڪا توهان کي دردناڪ عذاب کان بچائي .

تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُجَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

(اها هي آهي جو) توهان الله تعالىٰ ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ توهان الله تعالىٰ جي راهه ۾ جهاد ڪريو

بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝۱۱

پنهنجي مالن ۽ پنهنجي جانين سان ، اهو توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا .

ع ۲

لہ تفسیر جلالین .

يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ وَيُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

اهو (رب كريم) توهان جا گناهه بخش كندو ۽ توهان کي باغن ۾ داخل كندو جن جي هيٺان

الْاَنْهٰرُ وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ

نهرون وهن ٽيون ۽ شاندار محلن ۾ جيڪي هميشه رهڻ وارن باغن ۾ هوندا، اها تمام وڏي

الْعَظِيْمُ ﴿١٢﴾ وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا ؕ نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ ؕ وَ

كاميابي آهي. ۽ (علاوه ازين) توهان کي هي نعمت به ملندي جيڪا توهان کي وڻندي، الله تعالىٰ جي طرفان مدد ايندي ۽ فتح قريب آهي، ۽

بَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْۤا اَنْصَارَ اللّٰهِ

توهان مؤمنن کي بشارت ڏيو. اي مؤمنو! توهان الله تعالىٰ جا مددگار ٿيو ۽

كَمَا قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى

جيئن عيسىٰ بن مريم حوارين کي چيو ته الله جي طرفان (حمايتي ٿي) منهنجي مدد

اللّٰهِ ؕ قَالَ الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّآئِفَةٌ

كيرڪندا. حوارين چيو اسين الله جا مددگار آهيون، پوءِ بني اسرائيل جي

مِّنْ بَنِيْۤ اِسْرَآءِيْلَ وَكَفَرَتْ طَّآئِفَةٌ ۚ فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ

هڪ ٽولي ايمان آندو ۽ (ٻئي) ٽولي ڪفر ڪيو، پوءِ اسان سندن دشمنن تي

اٰمَنُوْا عَلٰى عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ﴿١٤﴾ ع ٢ ٢٥ ١٠

مؤمنن کي مدد عطا ڪئي، پوءِ مؤمن غالب ٿيا.

اٰيَاتُهَا ١١ (٦٢) سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ مَدَنِيَّةٌ (١١٠) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة جمعه مدينه منوره ۾ نازل ٿي انهيءَ ۾ ٢، رڪوع ۽ ١١، آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي)

لہ تفسیر مظهري وتفسیر النسفي، گه تفسیر النسفي وتفسیر جلالین. (منزل ٤)

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ

الله تعالىٰ جي پاڪائي بيان ڪري رهيون آهن اهي شيون جيڪي آسمانن ۾ زمينن ۾ آهن، اهو بادشاهه، مقدس

الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ

غالب حڪمت وارو آهي. اهو ئي آهي جنهن اُمّين (يعني اڪثر عربن) ۾ پاڻ مان رسول عربي ﷺ کي موڪليو

يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيْهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ

جيڪو انهن تي الله جون آيتون پڙهي ٿو ۽ انهن کي پاڪ ڪري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽

الْحِكْمَةَ ۗ وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢﴾ وَّ

حڪمت سيکاري ٿو، ۽ بيشڪ اهي رسول عربي ﷺ کان اڳ ۾ صاف گمراهي ۾ هئا. ۽

اٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا يَلْحَقُوْا بِهِمْ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٣﴾

۽ انهن پويان کي (علم ۽ حڪمت عطا ڪري ٿو) جيڪي انهن کي نه پهتا ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ

اهو الله تعالىٰ جو فضل آهي، پاڻ جنهن کي چاهي عطا ڪري ٿو. ۽ الله تعالىٰ عظيم

الْعَظِيْمِ ﴿٤﴾ مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا

فضل ڪندڙ آهي. انهن (يهودين) جو مثال جن تي توراة (جي علم ۽ عمل جو بار) رکيو ويو ان کان پوءِ انهن اهو بار

كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ؕ بِئْسَ مَثَلُ الْقَوْمِ

نه کنيو، انهن جو مثال ان گدڙ جهڙو آهي جيڪو پٺ تي ڪتاب کڻي ٿو. (اهو) تمام خراب مثال آهي اُن قوم

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

جو جيڪي الله تعالىٰ جي آيتن جي تڪذيب ڪن ٿا، ۽ الله تعالىٰ ظالمن جي قوم کي

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٥﴾ قُلْ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ هَادُوْۤا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ

هدايت نه ٿو ڏي. رسول عربي توهان فرمايو، اي يهوديو جيڪڏهن توهان پاڻيوتا ٿا بيشڪ توهان

[1] تفسير مظهري. [2] ۽ [3] تفسير النسفي.

أَوْلِيَآءُ لِلّٰهِ مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ

الله جا پيارا آهيو، ٻين مانهن کان سواءِ ، پوءِ توهان موت جي تمنا ڪريو جيڪڏهن توهان

صٰدِقِيْنَ ۝٦ وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗٓ اَبَدًۢا بِمَا قَدَّمَتْ

سچا آهيو . ۽ اهي ڪڏهن به موت جي تمنا نه ڪندا، انهي بداعمالي جي سببان جيڪا

اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِالظّٰلِمِيْنَ ۝٧ قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ

انهن پنهنجي هٿن ساڻ ڪئي آهي ۽ الله تعالىٰ ظالمن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي . رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ جنهن موت

الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ

کان توهان فرار ٿيو ٿا ، پوءِ بيشڪ اهو توهان سان ملاقات ڪندو ، ان کان پوءِ توهان کي

اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ

الله تعالىٰ ڄاڻندڙ موڪليو ويندو ، پوءِ اهو توهان کي توهان جي عملن جي

تَعْمَلُوْنَ ۝٨ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ

خبر ڏيندو . اي مؤمنو ! جنهن وقت توهان کي (جمعي جي ڏينهن) جمعي جي نماز لاءِ سڏيو

يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ؕ

وڃي پوءِ توهان الله جي ذڪر ڏانهن سعيو ڪريو ۽ توهان واپار کي ڇڏي ڏيو ،

ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝٩ فَاِذَا قُضِيَتِ

اهو توهان لاءِ بهتر آهي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا . پوءِ جنهن وقت نماز

الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ

ادا ڪئي وڃي پوءِ توهان زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل (روزي ۽ علم جي طلب وغيره)

فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ۝١٠

جي طلب ڪريو ۽ توهان الله تعالىٰ جو گهڻو ذڪر ڪريو ته يقيناً توهان نجات حاصل ڪندا .

ع ٢

ع تفسير روح البيان ، ۽ ع تفسير المنتقى وتفسير روح البيان . (منزل ٧)

وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوَا ِۨانْفَضُّوْٓا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا ؕ

۽ جڏهن وقت انهن تجارت يا راند تماشو ڏٺو (گمٽا) اوڏانهن وياڻ تو هان کي خطبي ۾ بيٺل ڇڏيائون .

قُلْ مَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ ؕ وَاللّٰهُ

رسول عربي تو هان فرمايو ته جيڪو (ثواب) الله وٽ آهي اهو راند تماشي ۽ تجارت کان بهتر آهي، ۽ الله تعالىٰ

خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١﴾ ع

بهترين رزق ڏيندڙ آهي .

اٰيَاتُهَا ١١ (٦٣) سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ (١٠٤) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة منافقون مدينه منوره ۾ نازل ٿي، انهيءَ ۾ ٻه رکوع ۽ ١١ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃهارو (آهي) .

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ

رسول عربي جڏهن تو هان وٽ منافق اچي چون ٿا ته اسين شاهدي ڏيون ٿا ته بيشڪ تو هان يقيناً الله جا رسول آهيو،

وَاللّٰهُ يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ

۽ الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تو هان انُ جا رسول آهيو، ۽ الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ته بيشڪ منافق

لَكٰذِبُوْنَ ﴿١﴾ ج اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ

يقيناً ڪوڙا آهن . انهن پنهنجي قسمن کي ڍال بنايو آهي پوءِ اهي الله تعالىٰ جي

سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ

راه کان روڪين ٿا . بيشڪ اهي تمام خراب عمل ڪن ٿا . اهو انهيءَ سبب جو بيشڪ انهن

اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٣﴾

زباني طور ايمان آندو ۽ اُن کان پوءِ ڪفر ڪيو، پوءِ انهن جي دلين تي مُهر هنئي وئي پوءِ اهي نٿا سوچين .

وقف لازم

ع تفسير روح البيان وتفسير مظهري . ك عطرف البشرين و بياسجدها اصلا (منزل ٧) سڀئون سلوڪ مڪرين جي خطبي ۾ موجود هئا، حوالا ۽ سند: تفسير روح البيان تفسير مظهري، تفسير السمرقندي وتفسير روح المعاني . ٥ ك تفسير جلالين . ٥ ك تفسير السمرقندي .

وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ ؕ وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ

۽ جڏهن توهان انهن کي ڏسندا ته انهن جا جسم توهان کي وٺندا ۽ جيڪڏهن اهي ڳالهائن ته توهان انهن جو

لِقَوْلِهِمْ ؕ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ؕ يَحْسَبُوْنَ كُلَّ

ڳالهائڻ ٻڌو ٿا ۽ انهن جو مثال اڻ کاڌل ويڪرو آهي جيڪا ديوار تي ٽيڪ ڏياري بيهاريل هجي ۽ اهي هر وڏي آواز کي

صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ؕ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ؕ قٰتَلَهُمُ اللّٰهُ ۚ

پاڻ لاءِ (مصيبت) پائين ٿا ۽ اهي (توهان مؤمنن جا) پڪا دشمن آهن پوءِ توهان انهن کان پاڻ کي بچايو ۽ الله تعالىٰ انهن کي هلاڪ ڪيو ۽

اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ۝۴ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ

اهي اُبتا ڪيڏانهن موٽي ٿا ۽ جڏهن وقت انهن کي چيو ويو ته توهان اچو رسول ﷺ توهان لاءِ الله تعالىٰ کان

اللّٰهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ۝۵

معافي طلب ڪري ته اهي ٻنجاهن ڦيرين ٿا ۽ توهان انهن کي ڏسندا آهي (اهي استغفار کان) منهن ڦيرائيندڙ ۽ اهي تڪبر ڪندڙ آهن.

سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ؕ

انهن لاءِ برابر آهي جو توهان انهن لاءِ بخشش طلب ڪريو يا بخشش طلب نه ڪريو .

لَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَهُمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ۝۶

الله تعالىٰ هرگز انهن کي نه بخشيندو ۽ بيشڪ الله تعالىٰ فاسقن جي قوم کي هدايت نه ڏيندو .

هُمُ الَّذِيْنَ يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ

اهي اُهي ماڻهو آهن جيڪي چون ٿا ته توهان انهن ماڻهن تي خرچ نه ڪريو جيڪي رسول الله وٽ آهن

اللّٰهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ؕ وَلِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

ايستائين جو اهي جدا جدا ٿين ۽ الله تعالىٰ وٽ آسمانن ۽ زمين جا خزانا آهن .

وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَفْقَهُوْنَ ۝۷ يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَاۤ

پر منافق نه ٿا سوچين . اهي چون ٿا ته جيڪڏهن اسين موٽي

[1] تفسير مظهري. [2] تفسير بيضاوي. [3] تفسير تنوير المقباس. (منزل ۷)

إِلَى الْمَدِينَةِ لَيُخْرِجَنَّ الْأَعَزُّ مِنْهَا الْأَذَلَّ ۚ وَلِلَّهِ

مدينہ پھتاسين تہ ضرور طاقتور ، کمزور کي مدينہ مان باهر کڍندو ۽ الله تعالىٰ لاءِ

الْعِزَّةُ وَلِرَسُولِهِ وَلِلْمُؤْمِنِينَ وَلَٰكِنَّ الْمُنَافِقِينَ

عزت آهي ۽ اُن جي رسول کي عزت آهي ۽ مؤمنن کي عزت آهي پر منافق

لَا يَعْلَمُونَ ﴿٨﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُلْهِكُمْ

نہ ڄاڻن . اي مؤمنو ! توهان جا

أَمْوَالُكُمْ وَلَا أَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ ۚ وَمَنْ

مال ۽ توهان جا اولاد توهان کي الله جي ذڪر کان غافل نہ ڪن ، ۽ جيڪو ماڻهو

يَفْعَلْ ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٩﴾ وَأَنْفِقُوا

ايئن ڪندو ، پوءِ اُهي ئي نقصان وارا آهن . ۽ توهان

مِنْ مَا رَزَقْنَاكُمْ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَ أَحَدَكُمُ

اسان جي عطا ڪيل رزق مان خرچ ڪريو اُن کان اڳ جو توهان مان هڪڙي کي

الْمَوْتُ فَيَقُولَ رَبِّ لَوْلَا أَخَّرْتَنِي إِلَىٰ أَجَلٍ

موت اچي پوءِ چوي اي منهنجا رب تو مون کي ٿورڙو وقت مُهلت ڇو نہ ڏني

قَرِيبٍ فَأَصَّدَّقَ وَأَكُنْ مِنَ الصَّالِحِينَ ﴿١٠﴾ وَلَنْ

ڏني ، پوءِ آئون خير خيرات ڪريان ها ۽ آئون صالحن مان هجان ها ۽ جڏهن انسان جو

يُؤَخِّرَ اللَّهُ نَفْسًا إِذَا جَاءَ أَجَلُهَا ۚ وَاللَّهُ خَبِيرٌ

اجل (مقرر جو وقت) اچي ٿو تہ الله هرگز ان کي پوئتي نہ ٿو ڪري ، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان

بِمَا تَعْمَلُونَ ﴿١١﴾

خبردار آهي .

اٰیاتها ١٨ (٦٤) سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٨) رُكُوعاتها ٢

سورة تغابن مدينه منوره ۾ نازل ٿي، انهيءَ ۾ ٢ رکوع ۽ ١٨ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم وارو (آهي).

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ لَهُ الْمُلْكُ وَ

الله تعالىٰ جي پاڪائي بيان ڪري رهيون آهن اهي شيون جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن، انهيءَ جو مُلڪ آهي ۽

لَهُ الْحَمْدُ ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝١ هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ

انهيءَ جي تعريف آهي، ۽ اُهو هر شيءِ تي قدرت رکندڙ آهي. اُهوئي آهي جنهن توهان کي پيدا ڪيو

فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ۝٢

پوءِ ڪي توهان مان ڪافر آهن ۽ ڪي توهان مان مؤمن آهن، ۽ الله تعالىٰ توهان جا عمل ڏسندڙ آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ ۚ

انهيءَ آسمانن ۽ زمين کي وڏي حڪمت سان پيدا ڪيو ۽ توهان جون صورتون بنايائين پوءِ توهان جون تمام سهڻيون صورتون بنايائين.

وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ۝٣ يَعْلَمُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَيَعْلَمُ مَا

۽ انهيءَ ڏانهن موٽڻ آهي. اُهو ڄاڻي ٿو انهيءَ کي جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ۽ اهو ڄاڻي ٿو جيڪو

تُسِرُّوْنَ وَمَا تُعْلِنُوْنَ ۭ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٤ اَلَمْ

توهان لڪايو ٿا ۽ جيڪو توهان ظاهر ڪريو ٿا، ۽ الله تعالىٰ دلين جون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. ڇا توهان کي

يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَبْلُ ۡ فَذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ

انهن ماڻهن جي خبر نه پهتي جن توهان کان اڳ ۾ ڪفر ڪيو، پوءِ انهن پنهنجي ڪئي جو وبال چکيو

وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ۝٥ ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ

۽ انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. اهو انهيءَ سبب جو بيشڪ انهن وٽ سندن پيغمبر دليل سان

(منزل ٧)

له تفسير روح المعاني وتفسير جامع البيان.

بِالْبَيِّنٰتِ فَقَالُوْٓا اَبَشَرٌ يَّهْدُوْنَنَا فَكَفَرُوْا وَتَوَلَّوْا وَّ

پهتا، پوءِ انهن چيو چاڻي، ماڻهو اسان کي هدايت ڏيندا، پوءِ اُهي ڪافر ٿيا ۽ اُهي ڦريا ۽

اسْتَغْنَى اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ ۝۶ زَعَمَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا

الله تعالىٰ (انهن کان) بي نياز ڪيئي، ۽ الله تعالىٰ بي نياز ساراهيل آهي. ڪافرن چيو ته اهي

اَنْ لَّنْ يُّبْعَثُوْا ؕ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ لَتُبْعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا

هرگز نه اُٿاريا ويندا، رسول عربي توهان فرمايو ها مونکي منهنجي رب جو قسم آهي ته توهان ضرور اُٿاريا ويندا، ان کان پوءِ توهان کي توهان جي

عَمِلْتُمْ ؕ وَذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ ۝۷ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ

عملن جي خبر ڏني ويندي، ۽ اهو الله تعالىٰ لاءِ آسان آهي. پوءِ توهان الله ۽ انَ جي رسول تي ايمان آڻيو

وَالنُّوْرِ الَّذِيْٓ اَنْزَلْنَا ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۝۸

۽ انهيءَ نور (قرآن ڪريم) تي جيڪو اسان نازل ڪيو آهي، ۽ الله تعالىٰ توهان جي عملن کان باخبر آهي.

يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ؕ وَمَنْ

اُهو قيامت جي ڏينهن توهان سيني کي جمع ڪندءِ اهو ڏينهن (ڪافرن لاءِ) خسارت جو ڏينهن هوندءِ جيڪو ماڻهو

يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَ

الله تعالىٰ تي ايمان رکي ٿو ۽ عمل صالح ڪري ٿو، الله تعالىٰ انهيءَ تان انَ جا ڪيل گناهه ميٽرائي ڇڏي ٿو ۽

يُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ

انَ کي باغن ۾ داخل ڪري ٿو جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون (اهي) همیشه همیشه

فِيْهَآ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۝۹ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا

انهيءَ ۾ هوندا، اها عظيم ڪاميابي آهي. ۽ جن ماڻهن ڪفر ڪيو ۽ اسانجي آيتن کي

بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَبِئْسَ

ڪوڙو سمجهو، اهي جهنمي آهن اهي همیشه همیشه انهيءَ ۾ رهندا، ۽ اها موٽڻ جي

ته ۽ ته تفسير مظهري. ته لغات القرآن عربي.

الْمَصِيْرُ ﴿١٠﴾ مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَ

تمام خراب جاءِ آهي. نہ ئي پهچي کا مصيبت مگر الله جي اذن (اجازت) سان ءِ

مَنْ يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿١١﴾

جيڪو مڃي الله تي ايمان آڻي تہ، الله تعالىٰ اُن جي دل کي هدايت ڏي تو، ءِ الله تعالىٰ هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰى

ءِ توهان الله تعالىٰ جي فرمانبرداري ڪريو ءِ توهان رسول ءِ جي فرمانبرداري ڪريو پوءِ جيڪڏهن توهان منهن موڙيو پوءِ

رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ ﴿١٢﴾ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ

اسان جي رسولن تي فقط صاف تبليغ ڪرڻ آهي. الله آهي ناهي ڪو معبود مگر اهو، ءِ الله تعالىٰ تي

فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿١٣﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ مِنْ

مؤمنن کي توڪل ڪرڻ گهرجي. اي مؤمنو! بيشڪ توهان جون

اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ وَاِنْ تَعْفُوْا

ڪي گهرواريون ءِ ڪي توهان جا اولاد توهان لاءِ دشمن آهن پوءِ توهان انهن کان محتاط رهو، ءِ جيڪڏهن توهان معاف ڪندا

وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَآ اَمْوَالُكُمْ

ءِ توهان درگذر ڪندا ءِ توهان بخش ڪندا، پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي. توهان جا مال

وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗٓ اَجْرٌ عَظِيْمٌ ﴿١٥﴾ فَاتَّقُوا

ءِ توهان جا اولاد (توهان لاءِ) آزمائش آهن، ءِ الله تعالىٰ وٽ ئي اجرِ عظيم آهي. پوءِ توهان الله کان ڈجو

اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَاسْمَعُوْا وَاَطِيْعُوْا وَاَنْفِقُوْا خَيْرًا

جيترو توهان کان پهچي سگهي ءِ توهان (نصيحت) ٻڌو ءِ توهان (حڪم) مڃو ءِ توهان (مال) خرچ ڪريو، اهو

لِّاَنْفُسِكُمْ ؕ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٦﴾

توهان لاءِ بهتر آهي، ءِ جيڪو ماڻهو نفس جي حرص کان بچو پوءِ اهي ئي نجات وارا آهن.

له تفسير مظهري. ٢ له تفسير النسفي.

إِنْ تُقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ

جيڪڏهن توهان الله جي راهه ۾ ثواب جي اُميد سان خرچ ڪندا اهوان کي توهان الله کي قرض ڏيندا ۽ اهو توهان کي بخش ڪندو.

وَاللّٰهُ شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾

۽ الله شڪر قبول ڪندڙ بُردبار آهي. اُهو غيب ۽ حاضر کي ڄاڻندڙ، غالب حڪمت وارو آهي.

(آياتها ١٢) (٦٥) سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ (٩٩) (رکوعاتها ٢)

سورة طلاق مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ ٢ رکوع ۽ ١٢ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم ڪندڙ (آهي).

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَ

اي نبي ڪريم (توهان امت کي ٻڌايو ته) جڏهن توهان عورتن کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪريو ته توهان انهن کي انهن جي عدي ۾ طلاق ڏيو.

اَحْصُوا الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ

توهان عدة جو انداز ڪريو ۽ توهان پنهنجي خالق الله کان ڈجو. توهان انهن کي پنهنجي گهرن مان

بُيُوْتِهِنَّ وَلَا يَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ؕ

ڪڍو ۽ نه اهي پاڻ نڪرن مگر جو اهي صاف بي حيائي آڻين.

وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ

۽ اهي الله جون حدون آهن. ۽ جيڪو ماڻهو الله جي حدن کان وڌي ٿو. بيشڪ ان پاڻ سان

نَفْسَهٗ ؕ لَا تَدْرِيْ لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ﴿١﴾ فَاِذَا

ظلم ڪيو. توهان نه ٿا ڄاڻو شايد الله تعالىٰ انهيءَ کان پوءِ ڪو نئون حڪم موڪلي. پوءِ جڏهن

بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ

انهن جي عدت پوري ٿيڻ جي قريب ٿي، پوءِ انهن کي نيڪيءَ سان روڪيو يا نيڪيءَ سان انهن کي جدا ڪريو

(منزل ٧)

١، ٢، ٣ ۽ ڪ تفسير مظهري، ش تفسير النسفي

وَّاَشْهِدُوْا ذَوَيْ عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ذٰلِكُمْ

۽ توهان پاڻ (مسلمانن مان) ٻه انصاف وارا شاهد مقرر ڪريو ۽ توهان خدا ڪارڻ شاهدي ڏيو ، اها

يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ؕ وَ

اُن ماڻهوءَ نصيحت ڪئي وڃي ٿي جيڪو الله تعالىٰ ۽ قيامت تي ايمان رکي ٿو ، ۽

مَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ مَخْرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ

جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ کان خوف ڪري ٿو ، الله اُن لاءِ نجات جو رستو پيدا ڪري ٿو ۽ ان کي اهڙي طرح رزق عطا ڪري ٿو

لَا يَحْتَسِبُ ؕ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ؕ اِنَّ

جو ان پاڻ گمان نه ٿو ڪري ۽ جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ تي توڪل ڪري ٿو ، پوءِ اهو ان لاءِ (بنهه ڇڪاڻ ۾) ڪافي آهي ، بيشڪ

اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ؕ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ شَيْءٍ قَدْرًا ﴿۳﴾

الله تعالىٰ پنهنجو حڪم جاري ڪندڙ آهي ، بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءِ لاءِ اندازو مقرر ڪيو آهي .

وَالّٰٓـِٔيْ يَئِسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآئِكُمْ اِنِ ارْتَبْتُمْ

۽ توهان جي عورتن مان جن کي حيض نه ٿو اچي ، جيڪڏهن توهان کي انهن جي (عدت ڪٿن ۾) مشڪل پيش اچي

فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ ۙ وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ يَحِضْنَ ؕ وَاُولَاتُ الْاَحْمَالِ

پوءِ انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ، ۽ انهن عورتن جي لاءِ جن کي اڃا حيض نه آيو هجي ، ۽ حمل وارين عورتن لاءِ

اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ

عدت هي آهي جو اهي پنهنجا ٻار جڻ ، ۽ جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ کان خوف ڪري ٿو الله تعالىٰ اُن جي ڪم

مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا ﴿۴﴾ ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗۤ اِلَيْكُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ

۾ آساني پيدا ڪري ٿو . اهو الله جو حڪم آهي جنهن کي توهان ڏانهن نازل ڪيو اٿس ، ۽ جيڪو ماڻهو الله تعالىٰ کان

اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗۤ اَجْرًا ﴿۵﴾ اَسْكِنُوْهُنَّ

خوف ڪري ٿو الله تعالىٰ اُن جا سڀ ڪيل گناهه ميٽي ٿو ۽ اُن لاءِ اجر عظيم آهي . توهان انهن عورتن کي انهن جاين (گهرن)

لہ ۽ ڪ ، ڪ ۽ گ تفسير السمرقندي .

مِنْ حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ

تي رهايو جتي توهان پاڻ پهنجي توفيق آهر رهوتا ۽ توهان انهن کي تڪليف نہ پهچايو

لِتُضَيِّقُوْا عَلَيْهِنَّ ؕ وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا

جو انهن تي تنگي ٿئي ، ۽ جيڪڏهن اهي عورتون حمل سان آهن پوء توهان انهن کي

عَلَيْهِنَّ حَتّٰى يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ

خرچ ڏيو(ماني تڪي وغيره جو) ايستائين جو اهي بار لاهي ، پوء جيڪڏهن اهي توهان جي بار کي کير پيارين

فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَ

پوء توهان انهن کي سندن اجورو ڏيو ، ۽ انهيءَ لاءِ توهان پاڻ ۾ نيڪيءَ سان صلاح مشورو ڪريو ، ۽

اِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗۤ اُخْرٰى ۝٦ لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ

جيڪڏهن توهان جي پاڻ ۾ ڪشمڪش پيدا ٿئي پوء فوراً ان بار کي ٻي عورت کير پياري . امير ماڻهو پنهنجي حيثيت مطابق

مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ فَلْيُنْفِقْ

(پاڻ) خرچ ڪري ، ۽ غريب ماڻهو پنهنجي پهچ آهر اُن ۾ خرچ ڪري انهيءَ مان جيڪي ڪجهه اُن

مِمَّاۤ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ؕ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا مَاۤ اٰتٰىهَا ؕ

کي الله رزق ڏنو آهي ، نہ تہ تڪليف ڏئي الله ڪنهن انسان کي مگر سندس ڏني مطابق

سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا ۝٧ وَكَاَيِّنْ مِّنْ ١ ع ١٢

عن قريب الله تعالىٰ تنگيءَ کان پوء فراخي پيدا ڪندو . ۽ ڪيترائي

قَرْيَةٍ عَتَتْ عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ فَحَاسَبْنٰهَا

ڳوٺ ناٽا هئا جن پنهنجي رب ۽ پنهنجي رسولن جي حڪمن جي نافرماني ڪئي پوء اسان انهن سان

حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا عَذَابًا نُّكْرًا ۝٨

بي حد سخت حساب ڪيو ، ۽ اسان انهن کي بي حد سخت عذاب ڪيو .

له تفسير مظهري . كله تفسير السنفي وتفسير جامع البيان .

فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا خُسْرًا ۝٩

پوءِ انهن پنهنجي ڪيل جو وبال چکيو ۽ انڪم جي پڇاڙي نقصان واري ٿي ۔

اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۖ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي

الله تعالىٰ انهن لاءِ سخت عذاب تيار ڪرايو آهي، پوءِ توهان الله کان ڊجو، اي

الْاَلْبَابِ ۚ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۛ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ۝١٠ رَّسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ

عقلمندو ! جن مانهن ايمان آندو، بيشڪ الله تعالىٰ توهان ڏانهن صاحب ذڪر رسول عربي موڪليو جيڪو توهان تي الله جون صاف آيتون تلاوت ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ ڏجن مانهن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ وَمَنْ

ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن کي اونداهين مان ڪڍي روشني ڏانهن آڻي ۽ جيڪو مانهو

يُّؤْمِنْۢ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

الله تي ايمان آڻي ٿو ۽ نيڪ عمل ڪري ٿو الله تعالىٰ انڪي باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ۭ قَدْ اَحْسَنَ

نهرون وهن ٿيون هميشه هميشه انهيءَ ۾ هوندا، بيشڪ الله تعالىٰ اُن لاءِ

اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا ۝١١ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّ

سهڻو رزق (بهشت) ڪيو آهي. الله تعالىٰ اهو آهي، جنهن ست آسمان ۽

مِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ۭ يَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْٓا

انهن جيترين زمينون پيدا ڪيون آهن. انهن سڀني ۾ الله جو حڪم جاري آهي

اَنَّ اللّٰهَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَحَاطَ

بيشڪ الله تعالىٰ هر شيءِ تي قادر آهي ۽ بيشڪ تحقيق الله تعالىٰ

ع ١٤

بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا ﴿١٢﴾

هر شيءَ جي علم کي احاطو ڪندڙ آهي.

اياتها ١٢ (٦٦) سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ (١٠٧) رڪوعاتها ٢

سورة تحريم مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ١٢ آيتون ۽ ٢ رڪوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان پاڇاڙو آهي).

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ

اي نبي ڪريم توهان (پاڻ ٿي) اهي شيون ڇوتائ حرام ڪريو جيڪي الله تعالىٰ توهان لاءِ حلال ڪيون آهن،

تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ۭ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١﴾

توهان پنهنجي گهر واڻين جو رضامند وطلب ڪريو ٿا، ۽ الله بخشيندڙ پاڇاڙو آهي.

قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَيْمَانِكُمْ ۚ وَاللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَ

تحقيق الله تعالىٰ توهان لاءِ توهان جي ڪنيل قسمن جو ڪفارو مقرر ڪيو آهي، ۽ الله توهان جو مددگار آهي، ۽

هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٢﴾ وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ

اهو صاحب علم وحڪمت آهي. ۽ جنهن وقت رسول عربي پنهنجي هڪ بي بي کي هڪ راز واري ڳالهه

حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ اللّٰهُ عَلَيْهِ عَرَّفَ

بيان ڪئي، ۽ جڏهن اُن بي بي اها ڳالهه بي بي کي ٻڌائي ۽ الله اها ڳالهه رسول عربي تي ظاهر ڪئي ته پاڻ ڪجهه ڳالهه

بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ قَالَتْ

بيان فرمائي ۽ ڪجهه ٽاموٽي اختيار ڪئي، ۽ جڏهن پاڻ ڪريمن اها ڳالهه پنهنجي بي بي کي چئي بي بي عرض

مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ۭ قَالَ نَبَّاَنِيَ الْعَلِيْمُ الْخَبِيْرُ ﴿٣﴾ اِنْ

ڪيو ته توهان کي اها ڳالهه ڪنهن ٻڌائي؟ رسول عربي فرمايو ته مون کي اها ڳالهه الله تعالىٰ ٻڌائي آهي. جيڪڏهن

١ تفسير الصفي.

تَتُوبَآ إِلَى اللّٰهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوبُكُمَا ۚ وَإِنْ تَظٰهَرَا

توها بئي الله ڏانهن رجوع ٿيندؤ، پوءِ بيشڪ توهان جون دليون مائل ٿيندؤ. ۽ جيڪڏهن (بالفرض) توهان ٻئي اُن شاهتاوون

عَلَيْهِ فَإِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيلُ وَصَالِحُ

ڪنديون ڪريو، پوءِ بيشڪ الله تعالىٰ پنهنجي حبيب جو مددگار آهي ۽ جبرئيل امين ۽ صالح

الْمُؤْمِنِينَ ۚ وَالْمَلٰٓئِكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيرٌ ﴿٤﴾ عَسٰى رَبُّهٗٓ

مؤمن ۽ ان کان پوءِ ملائڪ به ان جا مددگار آهن . ۽ جيڪڏهن اهو توهان کي

إِنْ طَلَّقَكُنَّ أَنْ يُّبْدِلَهٗٓ أَزْوَاجًا خَيْرًا مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ

طلاق ڏي پوءِ عن قريب اُن کي سندس رب توهان جي عيوض توهان کان بهتر گهروارين ڏيندو، جيڪي اطاعت

مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓئِبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓئِحٰتٍ ثَيِّبٰتٍ وَّ

مؤمن هوندڙيون فرمانبردار هوندڙيون، تائب ٿيندڙ هوندڙيون، عبادت ڪندڙ هوندڙيون، روزا رکندڙ هوندڙيون، شادي شده هوندڙيون ۽

أَبْكَارًا ﴿٥﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ اٰمَنُوا قُوٓا أَنْفُسَكُمْ وَ

غير شادي شده هوندڙيون. اي مؤمنو! توهان پنهنجي وجودن کي ۽

أَهْلِيكُمْ نَارًا وَّقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَيْهَا

پنهنجي اهل کي اُن باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر (بُت) هوندا اُن باهه ۾

مَلٰٓئِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُونَ اللّٰهَ مَآ أَمَرَهُمْ

بي حد سخت ملائڪ مقرر هوندا جيڪي الله جي حڪمن جي نافرماني نٿا ڪن

وَيَفْعَلُونَ مَا يُؤْمَرُونَ ﴿٦﴾ يٰٓأَيُّهَا الَّذِينَ كَفَرُوا لَا

۽ اُهي حڪم مطابق ڪم ڪن ٿا . اي ڪافرو! توهان اڄ ڏينهن

تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ۖ إِنَّمَا تُجْزَوْنَ مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ﴿٧﴾ ع

عذر پيش نه ڪريو ، توهان کي توهان جي عملن مطابق جزا ڏني ويندي .

ع ١ ٥

له تفسير النسفي . ٥ه تفسير مظهري .

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْٓا اِلَى اللّٰهِ تَوْبَةً نَّصُوْحًا ؕ عَسٰى

اي مؤمنو! توهان الله جي دربار اقدس ۾ سچي دل سان توبه تائب ٿيو ، عن قريب

رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ وَيُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

توهان جو رب توهان تان توهان جا ڪيل گناهه معاف فرمائيندو ۽ توهان کي باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ يَوْمَ لَا يُخْزِى اللّٰهُ النَّبِيَّ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

نهرون وهن ٿيون ، اُن ڏينهن الله تعالىٰ رسول عربي ۽ انهن مؤمنن کي عزت ۽ وقار بخشيندو جيڪي

مَعَهٗ ۚ نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَبِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَآ

ان سان گڏ هوندا، انهن جو نور انهن جي اڳيان ۽ انهن جي ساڄي پاسي تيزيءَ سان هلندو، اهي چوندا اي اسان جا رب

اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا وَاغْفِرْ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۝٨

اسان لاءِ توڙ اسان جي نور کي مڪمل ڪر ۽ توڙ اسان کي بخشي ڪر ، بيشڪ توڙ هر شيءِ تي قادر آهين .

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَاغْلُظْ عَلَيْهِمْ ؕ

اي رسول عربي توهان ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪريو ۽ توهان انهن تي سختي ڪريو ،

وَمَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝٩ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا

۽ انهن جي جاءِ جهنم آهي ، ۽ تمام خراب آهي جاءِ موٽڻ جي . الله تعالىٰ ڪافرن جو مثال

لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّامْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا تَحْتَ

بيان ڪيو (پيغمبر) نوح جي گهر واري ۽ (پيغمبر) لوط جي گهر واريءَ جو ، اهي ٻئي اسان جي

عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا صَالِحَيْنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا

صالح ٻانهن مان ٻن ٻانهن جي نڪاح هيٺ هيون ، پوءِ انهن ٻنهي ڪافر ڪيو ۽ اهي ٻئي انهن ٻنهي عورتن تان

مِنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيْنَ ۝١٠ وَ

الله جو (عذاب) ڪجهه به دفع نه ڪري سگهيا ۽ حڪم ڪيو ويو ته توهان ٻئي عورتون جهنم ۾ داخل ٿيندڙن سان گڏ داخل ٿيو ۽

١ تفسير مظهري وتفسير النسفي . ٢ تفسير مظهري .

وقف لازم

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ اِذْ قَالَتْ

الله تعالىٰ مؤمنن جو مثال بيان ڪري ٿو ۽ فرعون جي گهروارين جو، جڏهن ان چيو

رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ فِرْعَوْنَ

اي منهنجا رب تون منهنجي لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ گهر تيار ڪراءِ ۽ تون مون کي فرعون ۽ ان جي

وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١١﴾ وَمَرْيَمَ ابْنَتَ

عمل کان نجات ڏي ۽ تون مون کي ظالمن جي قوم مان نجات ڏي. ۽ (بي بي) مريم ڏي

عِمْرٰنَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا وَ

عمران جي جيڪا پاڪدامن عورت هئي، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجي طرفان روح ڦوڪيو ۽

صَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ ﴿١٢﴾ ع

ان پنهنجي رب جي احڪامن جي ۽ ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ پاڻ فرمانبردارن مان هئي.

اٰيَاتُهَا ٣٠ (٦٧) سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ (٧٧) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة ملڪ مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ ٢ رڪوع ۽ ٣٠ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ (آهي).

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴿١﴾

بابرڪت آهي اهو الله جنهن جي هٿ قدرت ۾ سموري بادشاهي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ

اهو ئي آهي جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو ان لاءِ ته توهان کي آزمائي ته توهان مان ڪير ڀلو ڪم

عَمَلًا ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ

عمل ڪري ٿو ۽ اهو ئي غالب بخشيندڙ آهي. اهو ئي آهي جنهن ست آسمان

ع تفسير السنفي.

وقف لازم

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ اِذْ قَالَتْ

الله تعالىٰ مؤمنن جو مثال بيان ڪري ٿو ۽ فرعون جي گهروارين جو، جڏهن ان چيو

رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ فِرْعَوْنَ

اي منهنجا رب تون منهنجي لاءِ پاڻ وٽ جنت ۾ گهر تيار ڪراءِ ۽ تون مون کي فرعون ۽ ان جي

وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١١﴾ وَمَرْيَمَ ابْنَتَ

عمل کان نجات ڏي ۽ تون مون کي ظالمن جي قوم مان نجات ڏي. ۽ (بي بي) مريم ڏي

عِمْرٰنَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا وَ

عمران جي جيڪا پاڪدامن عورت هئي، پوءِ اسان ان ۾ پنهنجي طرفان روح ڦوڪيو ۽

صَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ ﴿١٢﴾ ع

ان پنهنجي رب جي احڪامن جي ۽ ڪتابن جي تصديق ڪئي ۽ پاڻ فرمانبردارن مان هئي.

اٰيَاتُهَا ٣٠ (٦٧) سُوْرَةُ الْمُلْكِ مَكِّيَّةٌ (٧٧) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة ملڪ مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ ٢ رڪوع ۽ ٣٠ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ (آهي).

تَبٰرَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرُ ۙ﴿١﴾

بابرڪت آهي اهو الله جنهن جي هٿ قدرت ۾ سموري بادشاهي آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي.

الَّذِيْ خَلَقَ الْمَوْتَ وَالْحَيٰوةَ لِيَبْلُوَكُمْ اَيُّكُمْ اَحْسَنُ

اهو ئي آهي جنهن موت ۽ زندگي کي پيدا ڪيو ان لاءِ ته توهان کي آزمائي ته توهان مان ڪير ڀلو ڪم

عَمَلًا ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفُوْرُ ۙ﴿٢﴾ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ

عمل ڪري ٿو ۽ اهو ئي غالب بخشيندڙ آهي. اهو ئي آهي جنهن ست آسمان

ع تفسير السنفي.

طِبَاقًا ؕ مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ؕ فَارْجِعِ

طبقاكري پيدا كيا (اي ڏسندڙ) تون رحمٰن جي مخلوق ۾ كو تفاوت ڏسين ٿو؟ پوءِ تون (آسمان ڏانهن)

الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ۝٣ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ

اک ڪيڏي ڏس، چاتو ڪي ان ۾ ڪا سير ڏسڻ ۾ اچي ٿي؟ ان کان پوءِ تون ٻيئي دفعي اک ڪيڏي ڏس ته تو ڏانهن

يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ۝٤ وَلَقَدْ زَيَّنَّا

تنهنجي نظر ناڪام ٿي موٽندي ۽ اها عيب ڏسڻ کان خالي هوندي. ۽ بيشڪ تحقيق اسان

السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَجَعَلْنٰهَا رُجُوْمًا لِّلشَّيٰطِيْنِ وَ

هيٺين آسمان کي تارن سان سينگاريو آهي ۽ اسان انهن کي شيطانن لاءِ ماڻهڪو شعلو بنايو ۽

اَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابَ السَّعِيْرِ ۝٥ وَلِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ

اسان انهن لاءِ جهنم جو عذاب تيار ڪيو آهي. ۽ جن ماڻهن پنهنجي رب جو انڪار ڪيو (انهن لاءِ)

عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ۝٦ اِذَآ اُلْقُوْا فِيْهَا سَمِعُوْا

جهنم جو عذاب آهي، ۽ اها تمام خراب موٽڻ جي جاءِ آهي. جنهن وقت اهي جهنم ۾ اڇلايا ويندا تہ اهي اُن ۾

لَهَا شَهِيْقًا وَّهِيَ تَفُوْرُ ۝٧ تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الْغَيْظِ ؕ كُلَّمَآ

خراب آواز ٻڌندا ۽ اها (جهنم) ٽهڪندڙ هوندي. ڪاوڙ جي ڪري اها ڦاٽڻ جي قريب هوندي، جڏهن به اُن

اُلْقِيَ فِيْهَا فَوْجٌ سَاَلَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَذِيْرٌ ۝٨

۾ ڪو ٽولو اڇلايو ويندو تہ انهن کان جهنم جو دارو غو (ڪاوڙمان) پڇندو تہ ڇا تو هان وٽ ڪو پيغمبر نہ آيو؟

قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا

اهي چوندا ها! بيشڪ اسان وٽ پيغمبر آيا، پوءِ اسان انهن کي نہ مڃيو ۽ اسان چيو تہ الله تعالىٰ

نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ كَبِيْرٍ ۝٩

ڪاشي نہ نازل ڪئي آهي، نہ هتا توهان (جهني) مگر وڏي گمراهيءَ ۾.

لہ تفسير جلالين. ٢ تفسير النسفي وتفسير جامع البيان ولغات القرآن. (منزل ٧) ٣ تفسير جلالين. ٤ تفسير النسفي.

وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِيْٓ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١٠﴾

۽ اهي چوندا ڪاش اسين ٻڌون ها يا سمجهون ها ته اسان (اڄ) جهنمين مان نه هجون ها.

فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِيْرِ ﴿١١﴾

پوءِ اهي پنهنجا ڪيل گناهه مڃيندا ، پوءِ جهنمي، الله تعالىٰ جي رحمت کان پري هوندا .

اِنَّ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ

بيشڪ جيڪي ماڻهو ڏسڻ ۾ نه پنهنجي رب کان خوف ڪن ٿا، انهن لاءِ بخشش ۽ وڏو

كَبِيْرٌ ﴿١٢﴾ وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ

اجر آهي. ۽ توهان پنهنجي ڳالهه آهستي چئو يا وڏي سڏ چئو، بيشڪ اهو سينن جو راز

الصُّدُوْرِ ﴿١٣﴾ اَلَا يَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَهُوَ اللَّطِيْفُ الْخَبِيْرُ ﴿١٤﴾ هُوَ

ڄاڻندڙ آهي. ڇا اهو (مخلوق جو احوال) نه ڄاڻي جنهن پيدا ڪيو ۽ اهو ئي لطف ڪندڙ خبردار آهي. اهو ئي

الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِيْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا

(خالق) آهي جنهن توهان لاءِ زمين (زراعت ۽ هلڻ وغيره) لاءِ نرم بنايو پوءِ توهان ان جي رستن ۾ هلو ۽ (سندس رزق) رزق

مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَاِلَيْهِ النُّشُوْرُ ﴿١٥﴾ ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِي السَّمَآءِ اَنْ

مان کائو ۽ انهي ڏانهن اٿڻو آهي، ڇا توهان اُن رب کان بي خوف آهيو جنهن جي بادشاهي آسمان ۾ آهي (جو هو)

يَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِيَ تَمُوْرُ ﴿١٦﴾ اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِي

توهان کي زمين ۾ گهرائي ڇڏي پوءِ اها اُن وقت ڏکي ٿي. ڇا توهان بي خوف آهيو اُن رب کان جنهن جي حڪومت

السَّمَآءِ اَنْ يُّرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَيْفَ

آسمان ۾ آهي (جو هو) توهان تي آسمان مان پٿر وسائي ، پوءِ توهان کي جلد معلوم ٿيندو ته منهنجو عذاب

نَذِيْرِ ﴿١٧﴾ وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿١٨﴾

ڪهڙي طرح آهي. ۽ بيشڪ تحقيق انهن کان اڳين ماڻهن به انڪار ڪيو، پوءِ ڪهڙي طرح منهنجو انڪار ٿيو .

ع ۱۲

له تفسير الشفي. له تفسير تنوير المقباس. له تفسير جامع البيان. له تفسير جلالين.

أَوَلَمْ يَرَوْا إِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَيَقْبِضْنَ ۛ مَا يُمْسِكُهُنَّ

چا اُهي انهن پکين کي نہ ڏسن جيڪي انهن جي مٿان پر کولي ۽ پر بند ڪري اڏامن ٿا. نہ ڏسنيالي انهن کي

إِلَّا الرَّحْمٰنُ ۚ إِنَّهُ بِكُلِّ شَيْءٍۭ بَصِيرٌ ﴿١٩﴾ أَمَّنْ هٰذَا الَّذِي

مگر رحمان. بيشڪ اهو هر شئي کي ڏسندڙ آهي. يا توهان جو اهو کهڙو

هُوَ جُندٌ لَّكُمْ يَنصُرُكُم مِّن دُونِ الرَّحْمٰنِ ۚ إِنِ

لشکر آهي جيڪو رحمان کان سواءِ توهان جي مدد ڪري. ناهن

الْكٰفِرُونَ إِلَّا فِي غُرُورٍ ﴿٢٠﴾ أَمَّنْ هٰذَا الَّذِي يَرْزُقُكُمْ

ڪافر مگر غرور ۾. يا توهان جو اهو ڪير آهي جيڪو توهان کي رزق ڏي

إِنْ أَمْسَكَ رِزْقَهُۥ ۚ بَل لَّجُّوا فِي عُتُوٍّ وَنُفُورٍ ﴿٢١﴾

جيڪڏهن رحمان توهان جو رزق بند ڪري، بلڪ اهي سرڪشي ۽ حق کان پري ڀڄڻ ۾ ثابت قدم آهن.

أَفَمَن يَمْشِي مُكِبًّا عَلَىٰ وَجْهِهِۦٓ أَهْدَىٰٓ أَمَّن يَمْشِي

چا پوءِ اهو ماڻهو جيڪو منهن ڀر هلي ٿو، اهو وڌيڪ هدايت يافته آهي يا اُهو ماڻهو، جيڪو سڌي

سَوِيًّا عَلَىٰ صِرَٰطٍ مُّسْتَقِيمٍ ﴿٢٢﴾ قُلْ هُوَ الَّذِيٓ أَنشَأَكُمْ وَ

رستي تي سنئون ٻڌو هلي ٿو. رسولِ عربي توهان فرمايو الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان کي پيدا

جَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَٰرَ وَالْأَفْـِٔدَةَ ۖ قَلِيلًا مَّا

ڪيو ۽ جنهن توهان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون پيدا ڪيون، توڙڙا اهي آهن

تَشْكُرُونَ ﴿٢٣﴾ قُلْ هُوَ الَّذِي ذَرَأَكُمْ فِي الْأَرْضِ وَإِلَيْهِ

جيڪي (توهان) شڪر ڪن ٿا. رسولِ عربي توهان فرمايو الله تعالىٰ اهو آهي جنهن توهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ توهان کي

تُحْشَرُونَ ﴿٢٤﴾ وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هٰذَا الْوَعْدُ إِن كُنتُمْ

اُن ڏانهن گڏ ڪيو ويندو ۽ اهي (ڪافر مؤمنن کي) چون ٿا ته هي وعدو (قيامت جو) ڪڏهن پوندو، جيڪڏهن توهان

لے تفسیر النسفی۔ ٢ تفسیر مظہری۔ ٣ تفسیر جلالین۔

صٰدِقِيْنَ ﴿١٥﴾ قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاِنَّمَآ اَنَا

سچا آهيو . رسولِ عربي توهان فرمايو (اهو) علم الله تعالىٰ وٽ آهي ، ۽ آئون ته فقط

نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢٦﴾ فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ

صاف ڊيڄاريندڙ آهيان . پوءِ جڏهن اُهي اُن عذاب کي پاڙ وٽ قريب ڏسندا تڪافڙ جا منهن خراب ٿي ويندا ، ۽ کانئن چئي

كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿٢٧﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ

ويندا ، ۽ انهن کي چيو ويندو ته هي اهو عذاب آهي جيڪو توهان گهرندا هئا . رسولِ عربي توهان فرمايو مونکي اها ڳالهه

اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِيَ اَوْ رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ

پڌرايو ته جيڪڏهن الله (بالفرض) مون کي ۽ منهنجي ساٿين کي هلاڪ ڪري يا اسانجي رحم ڪري ، پوءِ ڪافرن کي

مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾ قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ

دردناڪ عذاب کان ڪير بچائيندو . رسولِ عربي توهان فرمايو اهو رحمٰن آهي جنهن تي اسان ايمان آندو ۽ اسان اُن تي توڪل ڪيو ،

فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٩﴾ قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ

پوءِ توهان کي جلد معلوم ٿيندو ته صاف گمراهي ۾ ڪير آهي . رسولِ عربي توهان فرمايو توهان مون کي پڌرايو ته جيڪڏهن

اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿٣٠﴾ ع

اهو توهان جو پاڻي نهايت هيٺ ڪري ڇڏي ، پوءِ ڪير آهي جيڪو توهان کي چشمي وارو پاڻي آڻي ڏي .

سُوْرَةُ الْقَلَمِ مَكِّيَّةٌ (٢) (٦٨) ركوعاتها ٢ اياتها ٥٢

سورة قلم مڪي آهي ، انهي ۾ ٢ رڪوع ، ٥٢ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو ، جيڪو نهايت مهربان ۽ اڇهارو (آهي) .

نٓ ۚ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ ﴿١﴾ مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ﴿٢﴾ ع

نٓ ، قسم آهي قلم جو ۽ جيڪو اهو لکت ڪري ٿو . رسولِ عربي توهان پنهنجي رب جي نعمت سان عقلمند آهيو .

ع ٢ ٥٢ تفسير مظهري .

وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ۝٣ وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝٤

۽ بيشڪ توهان لاءِ بي انتها اجر عظيم آهي . ۽ بيشڪ توهان جو خُلق عظيم آهي .

فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ ۝٥ بِاَيِّيْكُمُ الْمَفْتُوْنُ ۝٦ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

پوءِ عن قريب توهان ڏسندا ۽ اُهي به ڏسندا ته توهان مان ڪير بي عقل آهي . بيشڪ توهان جو رب ئي

اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ۝٧

وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي اُن کي جيڪو ان جي واٽ کان گمراهه ٿيو ۽ اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن کي .

فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ ۝٨ وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ ۝٩ وَلَا

پوءِ توهان کوڙن ماڻهن جي نه ٻڌو . اهي نرمي ڪرڻ جي تمنا ڪن تا پوءِ اُهي به نرمي ڪن . ۽ توهان کان ڪا ڳالهه نه

تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ۝١٠ هَمَّازٍ مَّشَّآءٍۭ بِنَمِيْمٍ ۝١١ مَّنَّاعٍ

ٻڌو هر اهڙي ماڻهو جي جيڪو گهڻا قسم کڻندڙ خوار آهي . گهٽ طعنا ڏيندڙ (فساد لاءِ) هڪ ڪن جو ڪاهيندڙ چغليون ڪري ٻڌائيندڙ اسلام کان

لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۝١٢ عُتُلٍّۭ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ۝١٣ اَنْ كَانَ

سخت ۽ سڀاڻ منع ڪندڙ حد کان وڌندڙ ، گنهگار ، بدڪار اخلاق ، ان کان پوءِ ولد الزنا (يعني بهڻي پي جو پٽ ناهي) جيتوڻيڪ

ذَا مَالٍ وَّبَنِيْنَ ۝١٤ اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٥

مال ۽ پٽ وارو آهي . جڏهن اُن تي اسانجون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون چوي ٿو (تہ اهي) اڳين ماڻهن جون آکاڻيون آهن

سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ ۝١٦ اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ

جلدي اسين سندس سُونڊ (نڪ) تي داغ ڏينداسين . بيشڪ اسان انهن کي آزمايو جيئن اسان باغ وارن کي آزمايو .

اِذْ اَقْسَمُوْا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ ۝١٧ وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ ۝١٨ فَطَافَ

جنهن وقت انهن قسم کنيو تہ صبح جو سويري اهي ميوو پٽينداسين . ۽ انهن ان شاءالله نہ چيو . پوءِ اُن باغ

عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّنْ رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ ۝١٩ فَاَصْبَحَتْ

تي (رات جو) توهان جي طرفان آفت پهتي ۽ اُهي (ان وقت) ننڊ ۾ هئا . پوءِ باغ ڦري ٽيو

له تفسير جلالين . ڪله وليد بن مغيره ، سرور ڪائنات جي لاءِ مجنون جو لفظ (منزل ۷) استعمال ڪيو ، رب العالمين جيڪو ستن آسمانن جو ، ان الهه ۽ زمين جو مالڪ آهي ، ان جي لاءِ هي ڪلمو سندس لاءِ عيب ظاهر ڪيا . الهه ، ماڻهن ڪري ويندڙ جي ، عظمت ۾ ڪمزور ڪرڻ جي ، از تفسير السنى و تفسير جلالين . مترجم عفى عنه .

كَالصَّرِيْمِ ﴿٢٠﴾ فَتَنَادَوْا مُصْبِحِيْنَ ﴿٢١﴾ اَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ

مثل لاباري کيل پوک جي. پوءِ صبح جي وقت انهن هڪ ٻئي کي سڏي ڇيوتو توهان صبح جي وقت پنهنجي پوک تي هلو

اِنْ كُنْتُمْ صٰرِمِيْنَ ﴿٢٢﴾ فَانْطَلَقُوْا وَهُمْ يَتَخَافَتُوْنَ ﴿٢٣﴾ اَنْ لَّا

جيڪڏهن توهان کي ميوو ٻنڌو آهي. پوءِ اهي روانا ٿيا ۽ اهي پاڻ ۾ آهستي گالهائڙ لڳا. ته نه

يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ ﴿٢٤﴾ وَّغَدَوْا عَلٰى حَرْدٍ

داخل ٿئي اج توهان جي باغ تي کو مسڪين ۽ صبح جي وقت پنهنجي ارادي تي

قٰدِرِيْنَ ﴿٢٥﴾ فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْٓا اِنَّا لَضَآلُّوْنَ ﴿٢٦﴾ بَلْ نَحْنُ

قادر ٿي روانا ٿيا. پوءِ جڏهن انهن (سڙيل) باغ ڏٺو تڏهن چوڻ لڳا ته بيشڪ اسين يقيناً رستو ويل جنڊ آهيون. بلڪ اسين

مَحْرُوْمُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿٢٨﴾

محروم آهيون. انهن مان چڱي ماڻهو چيو، چا مون توهان کي نه چيو هو ته توهان الله جي پاڪائي (خير خيرات) ڇو نٿا ڪريو

قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٢٩﴾ فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى

انهن چيو اسان جو رب پاڪ آهي، بيشڪ اسان ظالم هئاسين. پوءِ اهي هڪ ٻئي کي سامهون ٿي

بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿٣١﴾ عَسٰى

هڪ ٻئي تي ملامت ڪرڻ لڳا. انهن چيو هاءِ افسوس بيشڪ اسين الله جي حد کان وڌندڙ هئاسين. عن قريب

رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿٣٢﴾ كَذٰلِكَ

اسان جو رب اسان کي ان کان بهتر باغ عطا ڪندو، بيشڪ اسين پنهنجي رب ڏانهن مائل ٿيندڙ آهيون. اهڙيءَ طرح

الْعَذَابُ ۭ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ ع

عذاب آهي، ۽ پر آخرت جو عذاب تمام وڏو آهي، ڪاش اهي ڄاڻن ها.

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿٣٤﴾ اَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِيْنَ

بيشڪ پرهيزگارن لاءِ سندن رب وٽ نعمتن وارا باغ آهن. چا پوءِ اسين مسلمانن کي

كَالْمُجْرِمِينَ ﴿٣٥﴾ مَا لَكُمْ ۖ وقفة كَيْفَ تَحْكُمُونَ ﴿٣٦﴾ أَمْ لَكُمْ كِتَابٌ

مجرمن وانگر ڪنداسين. توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ توهان ڪهڙيءَ طرح فيصلو ڪريوٿا. ڇا توهان وٽ ڪو ڪتاب آهي

فِيهِ تَدْرُسُونَ ﴿٣٧﴾ إِنَّ لَكُمْ فِيهِ لَمَا تَخَيَّرُونَ ﴿٣٨﴾ أَمْ لَكُمْ

جو ان ۾ توهان پڙهو ٿا. سو بيشڪ توهان لاءِ ان ۾ اهو ئي آهي جيڪو توهان پسند ڪريوٿا. يا توهان لاءِ

أَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ ۙ إِنَّ لَكُمْ لَمَا

اسان تي قيامت جي ڏينهن تائين ڪي پڪا قسم کنيل آهن جو بيشڪ توهان لاءِ اهو آهي جيڪو

تَحْكُمُونَ ﴿٣٩﴾ سَلْهُمْ أَيُّهُمْ بِذَٰلِكَ زَعِيمٌ ﴿٤٠﴾ أَمْ لَهُمْ

توهان فيصلو ڪريوٿا. اي رسول ڏي توهان انهن کان پڇيو ته انهن مان ڪهڙو سندن ضامن آهي. يا انهن وٽ

شُرَكَاءُ ۚ فَلْيَأْتُوا بِشُرَكَائِهِمْ إِنْ كَانُوا صَادِقِينَ ﴿٤١﴾ يَوْمَ ١٥ مع

ڪي شريڪ آهن، پوءِ اهي پنهنجي شريڪن کي آڻين جيڪڏهن اهي سچا آهن. قيامت جي ڏينهن

يُكْشَفُ عَن سَاقٍ وَيُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُودِ فَلَا يَسْتَطِيعُونَ ﴿٤٢﴾

بيحد سختي هوندي ۽ انهن کي سجدي ڏانهن سڏيو ويندو پوءِ ڪين سجدي جي توفيق نه ٿيندي

خَاشِعَةً أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۖ وَقَدْ كَانُوا يُدْعَوْنَ

سندن اکيون هيٺ هونديون انهن کي خواري ڍڪي ويندي، ۽ بيشڪ انهن کي (دُنيا ۾) سجدن ڏانهن

إِلَى السُّجُودِ وَهُمْ سَالِمُونَ ﴿٤٣﴾ فَذَرْنِي وَمَن يُكَذِّبُ بِهَٰذَا

سڏيو ويندو هو ۽ اهي (ان وقت) صحيح سلامت هئا. پوءِ توهان مون کي ڇڏيو ۽ انهن ماڻهن کي ڇڏيو جيڪي

الْحَدِيثِ ۖ سَنَسْتَدْرِجُهُم مِّنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٤٤﴾ وَأُمْلِي لَهُمْ ۚ

قرآن ڪريم کي نٿا مڃن، اسون انهن کي درجي بدرجي (عذاب ڏانهن) وٺي وينداسين جو کين خبر نه پوندي. ۽ اسون انهن کي مهلت ڏيئي ٿو

إِنَّ كَيْدِي مَتِينٌ ﴿٤٥﴾ أَمْ تَسْأَلُهُمْ أَجْرًا فَهُم مِّن مَّغْرَمٍ مُّثْقَلُونَ ﴿٤٦﴾

بيشڪ منهنجي رڍ پاڪ آهي. ڇا توهان انهن کان ڪا اجرت طلب ڪريوٿا، پوءِ اهي ڄڻي ته زير بار آهن.

(منزل ٧)

له تفسير ابن عباس. كه تفسير النسفي وتفسير بيضاوي. كه تفسير جلالين.

أَمْ عِنْدَهُمُ الْغَيْبُ فَهُمْ يَكْتُبُونَ ﴿٤٧﴾ فَاصْبِرْ لِحُكْمِ رَبِّكَ

چا انهن وٽ غيب آهي جو هو (ان کي) لکن ٿا. ﴿٤٧﴾ پوءِ توهان پنهنجي رب جي حڪم مطابق صبر ڪريو

وَلَا تَكُنْ كَصَاحِبِ الْحُوتِ إِذْ نَادَىٰ وَهُوَ مَكْظُومٌ ﴿٤٨﴾

۽ توهان يونس عليه السلام پيغمبر وانگر نه هجو، جنهن وقت ان پُڪاريو ۽ اهو پريشان حال هو. ﴿٤٨﴾

لَوْلَا أَنْ تَدَارَكَهُ نِعْمَةٌ مِنْ رَبِّهِ لَنُبِذَ بِالْعَرَاءِ وَهُوَ

جيڪڏهن اُن کي سندس رب جي طرفان نعمت نه پهچي ها ته ضرور ان کي ميدان ۾ اڇلايو وڃي ها ۽ اهو

مَذْمُومٌ ﴿٤٩﴾ فَاجْتَبَاهُ رَبُّهُ فَجَعَلَهُ مِنَ الصَّالِحِينَ ﴿٥٠﴾ وَ

مذموم هجي ها. ﴿٤٩﴾ پوءِ کيس سندس رب برگزيده ڪيو ۽ اُن کي صالحين مان ڪيو. ﴿٥٠﴾ ۽

إِنْ يَكَادُ الَّذِينَ كَفَرُوا لَيُزْلِقُونَكَ بِأَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا

ان قريب ڪافر توهان کي پنهنجي بد نظرن سان ڪيرائڻ چاهين ٿا، جڏهن اهي

الذِّكْرَ وَيَقُولُونَ إِنَّهُ لَمَجْنُونٌ ﴿٥١﴾ وَمَا هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِلْعَالَمِينَ ﴿٥٢﴾ ع

قرآن ڪريم ٻڌن ٿا ۽ چون ٿا بيشڪ اهو عقل کان پري آهي. ﴿٥١﴾ ۽ ناهي اهو مگر سڀني جهانن لاءِ نصيحت. ﴿٥٢﴾

اياتها ۵۲ (۶۹) سُورَةُ الْحَاقَّةِ مَكِّيَّةٌ (۷۸) رکوعها ۲

سورة حاقة مڪي مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ۵۲ آيتون ۽ ۲ رکوع آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي.

الْحَاقَّةُ ﴿١﴾ مَا الْحَاقَّةُ ﴿٢﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا الْحَاقَّةُ ﴿٣﴾ كَذَّبَتْ

يقيناً ٿيندڙ. ﴿١﴾ ڪهڙي يقيني ٿيندڙ؟ ﴿٢﴾ ۽ توهان کي ڪنهن ڄاڻايو ته يقيني ٿيندڙ (قيامت) ﴿٣﴾ چا آهي

ثَمُودُ وَعَادٌ بِالْقَارِعَةِ ﴿٤﴾ فَأَمَّا ثَمُودُ فَأُهْلِكُوا بِالطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾

ثمود ۽ عاد اُن قيامت عليه السلام جو انڪار ڪيو. ﴿٤﴾ پر ثمود پوءِ اهي بي حد زبردست دانهن سان هلاڪ ڪيا ويا. ﴿٥﴾

وقف لازم

ع ۲ ۳ ۶

له تفسير بيضاوي. ڪه تفسير مظهري.

وَاَمَّا عَادٌ فَاُهْلِكُوْا بِرِيْحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ۙ﴿۶﴾ سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ

۽ پرعاد پوءِ اهي بي حدّ سخت طوفان سان هلاڪ ڪيا ويا (الله تعالىٰ انهيءَ طوفان کي) انهن تي

سَبْعَ لَيَالٍ وَّثَمٰنِيَةَ اَيَّامٍ ۙ حُسُوْمًا ۙ فَتَرَى الْقَوْمَ فِيْهَا

مسلسل ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن مسلط ڪيو ، پوءِ توهان اُن قوم کي انهيءَ هر هڪ مين ٻي ڪريل

صَرْعٰى ۙ كَاَنَّهُمْ اَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ۚ﴿۷﴾ فَهَلْ تَرٰى لَهُمْ مِّنْۢ

ڏسوها، گويڪ اهي ڪجيءُ جاکريل تڙ آهن . پوءِ ڇا توهان انهن مان ڪو

بَاقِيَةٍ ﴿۸﴾ وَجَآءَ فِرْعَوْنُ وَمَنْ قَبْلَهٗ وَالْمُؤْتَفِكٰتُ

باقي رهيل ڏسوٿا. ۽ فرعون ۽ ان کان اڳيان ۽ اُٿل ڪيل ڳوٺن واسرن

بِالْخَاطِئَةِ ۚ﴿۹﴾ فَعَصَوْا رَسُوْلَ رَبِّهِمْ فَاَخَذَهُمْ اَخْذَةً رَّابِيَةً ﴿۱۰﴾

گناهه ڪيائون . پوءِ انهن سندن رب جي رسولن جي نافرماني ڪئي پوءِ الله تعالىٰ انهن کي بي حد سختي سان پڪڙيو.

اِنَّا لَمَّا طَغَا الْمَآءُ حَمَلْنٰكُمْ فِى الْجَارِيَةِ ﴿۱۱﴾ لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ

بيشڪ جڏهن پاڻي حد کان زياده ٿيو، اسان توهان کي هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪرايو. ان لاءِ ته ان کي توهان لاءِ

تَذْكِرَةً وَّتَعِيَهَآ اُذُنٌ وَّاعِيَةٌ ﴿۱۲﴾ فَاِذَا نُفِخَ فِى الصُّوْرِ نَفْخَةٌ

يادگار بنايون ۽ ياد رکندڙ ڪن (ان کي) محفوظ رکن. پوءِ جڏهن هڪ دفعو صُور (ڦوڪيو) ويو

وَّاحِدَةٌ ۙ﴿۱۳﴾ وَّحُمِلَتِ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً

۽ ڌرتي ۽ جبل کنيا ويندا پوءِ اهي هڪ دفعو چڪنا چور

وَّاحِدَةً ۙ﴿۱۴﴾ فَيَوْمَئِذٍ وَّقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿۱۵﴾ وَانْشَقَّتِ السَّمَآءُ

ڪيا ويندا . پوءِ اُن ڏينهن ايندڙ (قيامت) واقع ٿيندي . ۽ آسمان چير ٻو

فَهِىَ يَوْمَئِذٍ وَّاهِيَةٌ ۙ﴿۱۶﴾ وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى اَرْجَآئِهَا ؕ وَيَحْمِلُ عَرْشَ

پوءِ اهو اُن ڏينهن نهايت ڪمزور هوندو . ۽ ملائڪ ان جي ڪنارن تي بيٺل هوندا، ۽ ان ڏينهن

لہ ۱ تفسیر مظہری، ۲ تفسیر روح البیان، ۳ تفسیر السنی. (منزل ۷)

رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ ﴿١٧﴾ يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى

توهان جي رب جو عرش اٺ ملائڪ پاڻ تي کڻندا ۔ اُن ڏينهن توهان سڀئي پيش ٿيندا ڪو به

مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ﴿١٨﴾ فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ

توهان مان مخفي نه تي سگهندو ۔ پر جنهن کي پنهنجو عمل نامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، چوندو

هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ﴿١٩﴾ اِنِّيْ ظَنَنْتُ اَنِّيْ مُلٰقٍ حِسَابِيَهْ ﴿٢٠﴾

ته هي توهان منهنجو عمل نامو پڙهو ۔ مون کي يقين هوندو ته بيشڪ آئون پنهنجي حساب کي پهچندس ۔

فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٢١﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿٢٢﴾ قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ ﴿٢٣﴾

چوندو اهو پسنديده آرام ۾ هوندو ۔ مٿاهين باغ ۾ هوندو ۔ جنهن جا ميوا ويجهو هوندا ۔

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ﴿٢٤﴾

توهان مزي سان کائو پيئو انهن عملن جي ڪري جيڪي توهان گذريل ڏينهن ۾ ڪيا هُئا

وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُوْتَ

۽ جنهن ماڻهو کي کاٻي هٿ ۾ عمل نامو ڏنو ويندو، چوندو ۽ اهو چوندو ته هاءِ افسوس مون کي منهنجو عمل نامو

كِتٰبِيَهْ ﴿٢٥﴾ وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ﴿٢٦﴾ يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ﴿٢٧﴾

نه ڏنو وڃي ها ۔ ۽ آئون نه ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي ۔ هاءِ افسوس اُهو موت فيصلو ڪندڙ ٿهجي ها ۔

مَآ اَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ ﴿٢٨﴾ هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ﴿٢٩﴾ خُذُوْهُ

منهنجي ملڪيت مون کان (عذاب) نه لاٿو ۔ منهنجا سڀ دليل مون وٽان ختم ٿيا ۔ الله تعالىٰ فرمائيندو توهان کي

فَغُلُّوْهُ ﴿٣٠﴾ ثُمَّ الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ ﴿٣١﴾ ثُمَّ فِيْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ

پڪڙيو پوءِ اُن کي جوڪڙيو ۔ پوءِ اُن کي ٻرندڙ دوزخ ۾ وجهو ۔ پوءِ اُن کي ستر هٿ (ڊگهي) زنجير ۾

ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ﴿٣٢﴾ اِنَّهٗ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ ﴿٣٣﴾

چڪيءَ طرح جڪڙيو ۔ بيشڪ اُهي ان عظيم رب تي ايمان نه ٿو آندو ۔

ه ۽ ڪ تفسير النسفي ۔ ڪ تفسير روح البيان ۔

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿۳۴﴾ فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا

۽ نہ مسڪين کي کارائڻ جي ترغيب ڏيندو هو. پوءِ اڄ هتي اُن جو ڪو حمايتي دوست

حَمِيْمٌ ﴿۳۵﴾ وَّلَا طَعَامٌ اِلَّا مِنْ غِسْلِيْنٍ ﴿۳۶﴾ لَّا يَاْكُلُهٗۤ اِلَّا

ناهي. ۽ نه ان لاءِ کو طعام آهي مگر (دوزخين جي) پوءَ. نه تا کائين ان کي مگر

الْخَاطِـُٔوْنَ ﴿۳۷﴾ فَلَاۤ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۳۸﴾ وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿۳۹﴾

خطا ڪندڙ. پوءِ آڻون انهن شين جو قسم کڻان ٿو جيڪي توهان ڏسو ٿا. ۽ جيڪي توهان نه ٿا ڏسو.

اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿۴۰﴾ وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ ؕ قَلِيْلًا مَّا

بيشڪ اهو قرآن ڪريم رسول عزيز سان (الله ۽ وٽان رسالت جا) گفتگو آهي. ۽ اهو ڪنهن شاعر جو قول ناهي، ٿورڙا آهي آهن

تُؤْمِنُوْنَ ﴿۴۱﴾ وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿۴۲﴾ تَنْزِيْلٌ

جيڪي ايمان آڻيندڙ ٿا. ۽ اهو قول ڪنهن ڪاهن جو ناهي، ٿورڙا آهي آهن جيڪي نصيحت حاصل ڪن ٿا. اهو قرآن ڪريم

مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿۴۳﴾ وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ﴿۴۴﴾

رب العلمين جي طرفان نازل ڪيل آهي. ۽ جيڪڏهن (بالفرض) ڪو ماڻهو ڪا ڳالهه ناهي اسان ڏانهن منسوب ڪري ها.

لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿۴۵﴾ ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ﴿۴۶﴾ فَمَا

تہ ضرور اسين اُن کي قوت سان پڪڙيون ها. ان کان پوءِ اسين ضرور اُن جي شاهه رڳ ڪٽيون ها. پوءِ

مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿۴۷﴾ وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿۴۸﴾

توهان مان ڪو به اُن کي بچائيندڙ نه هجي ها. ۽ بيشڪ اهو قرآن ڪريم پرهيزگارن لاءِ نصيحت آهي.

وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿۴۹﴾ وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى

۽ بيشڪ اسان کي معلوم آهي ته يقيناً توهان مان ڪي ڪوڙا به آهن. ۽ بيشڪ اهو قرآن ڪريم ڪافرن لاءِ

الْكٰفِرِيْنَ ﴿۵۰﴾ وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿۵۱﴾ فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿۵۲﴾

حسرت آهي. ۽ بيشڪ اهو يقيناً اهو حق اليقين آهي. پوءِ اي رسول عربي تون پنهنجي رب عظيم جي نالي سان تسبيح پاڪائي بيان ڪر.

(منزل ۷)

لہ تفسیر النسفی۔

سُوْرَةُ الْمَعَارِجِ مَكِّيَّةٌ (۷۰) (۷۹) اٰيَاتُهَا ۴۴ رُكُوْعَاتُهَا ۲

سورة معارج مکه مکرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ ۴۴ آيتون ۽ ۲ رکوع آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ آجهارو (آهي).

سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ۙ﴿۱﴾ لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌ ۙ﴿۲﴾

هڪ سائل اهو عذاب گهريو جيڪو ڪافرن تي واقع ٿيندڙ آهي، انهيءَ کي ڪو دفع ڪندڙ ناهي.

مِّنَ اللّٰهِ ذِى الْمَعَارِجِ ؕ﴿۳﴾ تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِىْ

(اهو عذاب) الله جي طرفان ٿيندو جو وڏن وڏن درجن وارو آهي. ملائڪ ۽ جبريل امين ان جي دربار اقدس تائين هڪ ڏينهن ۾ چڙهن ٿا جنهن

يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ۚ﴿۴﴾ فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا ۙ﴿۵﴾

ڏينهن ۾ جنهن جو مقدار پنجاهه هزار سال آهي. پوءِ تون چڱيءَ طرح سهڻو صبر ڪر.

اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا ۙ﴿۶﴾ وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا ؕ﴿۷﴾ يَوْمَ تَكُوْنُ

بيشڪ اهي ڪافر ان کي پري سمجهن ٿا. ۽ اسين اُن کي قريب ڏسون ٿا. ان ڏينهن

السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ ۙ﴿۸﴾ وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ ۙ﴿۹﴾ وَلَا يَسْـَٔلُ

آسمان پگهريل چاندي وانگر هوندو. ۽ جبل رنگيل اُن وانگر (هلڪا ٿي) اڏامندا. ۽ (ان ڏينهن) ڪو دوست

حَمِيْمٌ حَمِيْمًا ۚ﴿۱۰﴾ يُّبَصَّرُوْنَهُمْ ؕ يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِىْ

ڪنهن دوست کان نه پڇندو. اهي (هڪ ٻئي کي) ڏسندا ۽ سڃاڻيندا، ڪافر سڪ ڪندو ڪاش جيڪڏهن اُن

مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍۢ بِبَنِيْهِ ۙ﴿۱۱﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ ۙ﴿۱۲﴾ وَ

ڏينهن جي عذاب جي عيوض پنهنجا پٽ ڏئي. ۽ پنهنجي گهر واري ڏئي ۽ پنهنجو ڀاءُ ڏئي. ۽

فَصِيْلَتِهِ الَّتِىْ تُـْٔوِيْهِ ۙ﴿۱۳﴾ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ ثُمَّ

پنهنجو خاندان جيڪو ڏکئي وقت ڪيس پناهه ڏئي ٿو. ۽ سمورين شين جيڪي زمين ۾ آهن. ان کان پوءِ

لہ، عہ ۽ عہ تفسير النسفی. گہ تفسير جلالين. ڪہ تفسير مظهری. (منزل ۷)

يُنْجِيهِ ﴿١٤﴾ كَلَّا ۖ إِنَّهَا لَظَىٰ ﴿١٥﴾ نَزَّاعَةً لِّلشَّوَىٰ ﴿١٦﴾ تَدْعُوا

اهوان کي بچائي ، هرگز نه ، بيشڪ اها ٻرندڙ باهه هوندي. جيڪا کل لاهيندڙ هوندي. اها ان کي پڪاريندي

مَنْ أَدْبَرَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٧﴾ وَجَمَعَ فَأَوْعَىٰ ﴿١٨﴾ إِنَّ الْإِنسَانَ خُلِقَ

جنهن پٺ ڏني ۽ منهن ڦيريو ۽ ملکيت گڏ ڪري پوءِ ان کي بند ڪيو. بيشڪ انسان بي حد لالچي ۽ تورو صبر ڪندڙ

هَلُوعًا ﴿١٩﴾ إِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوعًا ﴿٢٠﴾ وَإِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ

ڪري پيدا ڪيو ويو. جڏهن ان کي تڪليف پهچي ٿي تڏهن بي صبر ٿئي ٿو. ۽ جڏهن ان کي ڀلائي پهچي ٿي

مَنُوعًا ﴿٢١﴾ إِلَّا الْمُصَلِّينَ ﴿٢٢﴾ الَّذِينَ هُمْ عَلَىٰ صَلَاتِهِمْ

منع ڪري ٿو. مگر اهي نمازي جيڪي اُهي پنهنجي نمازن ۾

دَائِمُونَ ﴿٢٣﴾ وَالَّذِينَ فِي أَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُومٌ ﴿٢٤﴾ لِّلسَّائِلِ

قائم دائم آهن . ۽ انهن جي مالن ۾ معلوم حق آهي. سوال ڪندڙ لاءِ

وَالْمَحْرُومِ ﴿٢٥﴾ وَالَّذِينَ يُصَدِّقُونَ بِيَوْمِ الدِّينِ ﴿٢٦﴾ وَ

۽ نه سوال ڪندڙ لاءِ . ۽ اهي قيامت جي ڏينهن جي تصديق ڪن ٿا . ۽

الَّذِينَ هُم مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِم مُّشْفِقُونَ ﴿٢٧﴾ إِنَّ عَذَابَ

اهي ماڻهو ئي پنهنجي رب جي عذاب کان ڊڄندڙ آهن . بيشڪ انهن جي رب جي

رَبِّهِمْ غَيْرُ مَأْمُونٍ ﴿٢٨﴾ وَالَّذِينَ هُمْ لِفُرُوجِهِمْ حَافِظُونَ ﴿٢٩﴾

عذاب کي کو دفع ڪندڙ ناهي. ۽ اهي ماڻهو ئي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪندڙ آهن

إِلَّا عَلَىٰ أَزْوَاجِهِمْ أَوْ مَا مَلَكَتْ أَيْمَانُهُمْ فَإِنَّهُمْ غَيْرُ

مگر پنهنجي گهر واري ٿي يا پنهنجي (شرعي) باندين ٿي پوءِ بيشڪ انهن ٿي ڪا ملامت

مَلُومِينَ ﴿٣٠﴾ فَمَنِ ابْتَغَىٰ وَرَاءَ ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْعَادُونَ ﴿٣١﴾

ناهي . پوءِ جيڪو انهن کان علاوه چاهي ٿو پوءِ اهي ئي حد کان وڌندڙ آهن .

لہ تفسیر جلالین وتفسیر جامع البیان. کہ تفسیر جامع البیان. (منزل ٧) کہ تفسیر مظہری.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿۳۲﴾ وَالَّذِيْنَ

۽ اهي ماڻهو ٿي پنهنجي امانتن ۽ پنهنجي وعدن کي پورو ڪندڙ آهن . ۽ اهي ماڻهو

هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ﴿۳۳﴾ وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ

ٿي پنهنجي شاهدين تي قائم آهن . ۽ اهي ماڻهو ٿي پنهنجي نمازن جي

يُحَافِظُوْنَ ﴿۳۴﴾ اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ﴿۳۵﴾ فَمَالِ الَّذِيْنَ

حفاظت ڪن ٿا . اهي جنتن ۾ تعظيم ۽ تڪريم سان هوندا ، پوءِ انهن ڪافرن کي

كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ ﴿۳۶﴾ عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ

چاٽيو آهي جيڪي توهان ڏانهن تيز نگاهن سان ڏسن ٿا . ساڄي ۽ کاٻي پاسي کان گروهه گروهه ٿي

عِزِيْنَ ﴿۳۷﴾ اَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّدْخَلَ جَنَّةَ

ڏسندا آهن . ڇا انهن مان هر هڪ جنة النعيم ۾ داخل ٿيڻ جي طمع

نَعِيْمٍ ﴿۳۸﴾ كَلَّا ۭ اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّمَّا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۹﴾ فَلَآ اُقْسِمُ بِرَبِّ

رکي ٿو . هرگز نه ، بيشڪ اسان انهن کي ان شيءَ مان خلق ڪيو آهي جنهن کي اهي ڄاڻن ٿا . پوءِ مون کي قسم آهي

الْمَشٰرِقِ وَالْمَغٰرِبِ اِنَّا لَقٰدِرُوْنَ ﴿۴۰﴾ عَلٰٓى اَنْ نُّبَدِّلَ خَيْرًا

اُوپرن ۽ اُلهن جي رب جو بيشڪ اسين يقيناً ان ڳالهه تي قادر آهيون . جو اسين انهن کي تبديل ڪري

مِّنْهُمْ ۙ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوْقِيْنَ ﴿۴۱﴾ فَذَرْهُمْ يَخُوْضُوْا وَيَلْعَبُوْا

انهن کان بهتر آڻيون . ۽ اهي اسان کان اڳرائي ڪندڙ ناهن . پوءِ توهان انهن کي ڇڏيو ته ٻيلي اهي اجايو ڳالهيون ۽ راندين

حَتّٰى يُلٰقُوْا يَوْمَهُمُ الَّذِيْ يُوْعَدُوْنَ ﴿۴۲﴾ يَوْمَ يَخْرُجُوْنَ

ڪن ايستائين جو اهي اُن ڏينهن کي ملن جنهن جو کين وعدو ڏنو ويو . اُن ڏينهن اهي قبرن مان تڪڙا

مِنَ الْاَجْدَاثِ سِرَاعًا كَاَنَّهُمْ اِلٰى نُصُبٍ يُّوْفِضُوْنَ ﴿۴۳﴾ خَاشِعَةً

ٿي محشر ڏانهن نڪرندا گويڪ تحقيق اهي پنهنجي جهنڊي ڏانهن موٽن ٿا . انهن جون اکيون

(منزل ۷)

لہ تفسیر جلالین . ۲ تفسیر مظهری .

أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۚ ذٰلِكَ الْيَوْمُ الَّذِي كَانُوا يُوعَدُونَ ﴿٤٣﴾

جهڪيل هوندين انهن تي ذلت چائيل هوندي. اهو آهي ڏينهن آهي جنهن جو ڪين وعدو ڏنو ويو هو.

اٰيَاتُهَا ٢٨ (٧١) سُوْرَةُ نُوْحٍ مَّكِّيَّةٌ (٧١) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة نوح مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ٢ رڪوع ۽ ٢٨ آيتون.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ ڏاجهارو (آهي).

إِنَّا أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلٰى قَوْمِهٖٓ أَنْ أَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ أَنْ

بيشڪ اسان (حضرت) نوح کي پيغمبر ڪري سندس قوم ڏانهن موڪليو ته تون پنهنجي قوم کي ڈيڄار ان کان اڳ ۾

يَّأْتِيَهُمْ عَذَابٌ أَلِيْمٌ ﴿١﴾ قَالَ يٰقَوْمِ إِنِّي لَكُمْ نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٢﴾

انهن تي دردناڪ عذاب اچي. (حضرت) نوح فرمايو اي منهنجي قوم بيشڪ آئون توهان لاءِ صاف ڈيڄاريندڙ آهيان.

أَنِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ وَأَطِيْعُوْنِ ﴿٣﴾ يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ

توهان الله تعالىٰ جي عبادت ڪريو ۽ توهان ان کان ڈجو ۽ توهان منهنجي اطاعت ڪريو. اهو توهان لاءِ توهان جا ڪجهه گناهه

ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ إِلٰى أَجَلٍ مُّسَمًّى ۚ إِنَّ أَجَلَ اللّٰهِ إِذَا

بخش ڪندو ۽ توهان کي هڪ مقرر مدي (موت) تائين مهلت ڏيندو. بيشڪ الله جو اجل (موت) جڏهن

جَآءَ لَا يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿٤﴾ قَالَ رَبِّ إِنِّي دَعَوْتُ

ايندو (تہ ان کي) پوئتي نہ ٿو ڪيو وڃي جيڪڏهن توهان ڄاڻو ٿا. نوح (پيغمبر) عرض ڪيو اي منهنجا رب بيشڪ مون

قَوْمِي لَيْلًا وَّنَهَارًا ﴿٥﴾ فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَآءِيْ إِلَّا فِرَارًا ﴿٦﴾

پنهنجي قوم کي رات ڏينهن (دين جي) دعوت ڏني. پوءِ منهنجي سڏڻ تي اهي فرار ٿيندا ويا.

وَإِنِّي كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا أَصَابِعَهُمْ فِيْٓ

۽ بيشڪ مون جڏهن به انهن کي سڏيو ان لاءِ ته تون انهن کي بخشين ته انهن پنهنجيون آڱريون

لہ تنوير المقباس تفسير ابن عباس، کہ ۽ تفسير النسفي. (منزل ٧)

اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا

پنهنجي ڪنن ۾ روڏيون ۽ پنهنجا ڪپڙا ڍڪياءِ (اهي پنهنجي) ڪفر تي قائم رهياءِ انهن تمام گهڻي

اسْتِكْبَارًا ۝٧ ثُمَّ اِنِّيْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ۝٨ ثُمَّ اِنِّيْٓ اَعْلَنْتُ

تڪبر ڪئي ۔ اُن کان پوءِ بيشڪ مون انهن کي ظاهر بظهور سڏيو۔ ان کان پوءِ بيشڪ مون انهن کي علي الاعلان

لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا ۝٩ فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ

سڏيو ۽ تمام مخفي انداز سان به مون انهن کي سڏيو ۔ پوءِ مون چيو توهان پنهنجي رب کان بخشش طلب ڪريو ،

اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۝١٠ يُّرْسِلِ السَّمَآءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۝١١ وَّ

بيشڪ اهو هميشه گناهه بخشيندڙ آهي ۔ اهو توهان تي مسلسل (فائديمند) بارش موڪليندو ۔ ۽

يُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّ

توهان جي مدد ڪندو مالن ۽ پُٽن سان ۽ توهان لاءِ باغ پيدا ڪندو ۽

يَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ۝١٢ مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ۝١٣

توهان لاءِ نهرون وهائيندو ۔ توهان کي ڇا ٿيو آهي جو توهان الله ۾ عزت جي اُميد نٿا رکو ۔

وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ۝١٤ اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ

حالانڪ تحقيق اُن توهان کي ڪيترن مرحلن ۾ تخليق فرمايو ۔ ڇا توهان نٿا ڏسو ته الله تعالى ڪهڙي طرح

سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ۝١٥ وَّجَعَلَ الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّ

ست آسمان هڪ ٻئي جي مٿان پيدا ڪيا ۔ ۽ انهن ۾ چنڊ روشن ڪيو ۽

جَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ۝١٦ وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ

سج کي ڏيئو (جو تپندڙ روشني ۾ سج مثل ملي ٿي) بنايو ۽ الله توهان کي (حضرت آدم کي) سلن وانگر زمين مان

نَبَاتًا ۝١٧ ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ فِيْهَا وَيُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ۝١٨

پيدا ڪيو ۔ اُن کان پوءِ توهان کي اُن زمين ۾ موتائيندو ۽ توهان کي اُن مان دوباره باهر ڪڍندو ۔

لغات القرآن عربي ۔ تفسير السنفي ۔ تفسير تنوير المقباس ۔ (منزل ٧) تفسير مظهري ۔

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا ﴿۱۹﴾ لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا

۽ الله تعالیٰ توهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بنايو ۔ ان لاءِ ته توهان اُن جي ڪشادن رستن

فِجَاجًا ﴿۲۰﴾ قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ

ٻي هلو. (حضرت) نوح عرض ڪيو اي منهنجا رب بيشڪ انهن منهنجي نافرماني ڪئي ۽ انهن پنهنجن رئيسن جي تابعداري ڪئي

يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ﴿۲۱﴾ وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿۲۲﴾

جن کي سندن مال ۽ اولاد وڌيڪ خساري ۾ وڌو. ۽ انهن (نوح پيغمبر لاءِ) تمام وڏا فريب ڪيا.

وَقَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ۬

۽ چيائون توهان هرگز پنهنجي بُتن کي نه ڇڏجو ۽ توهان هرگز (پنهنجي بُتن) وَدَّ ۽ سُواع

وَّلَا يَغُوْثَ وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا ﴿۲۳﴾ وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ وَلَا

۽ يَغُوث ۽ يَعُوق ۽ نَسر کي نه ڇڏجو ۔ ۽ بيشڪ انهن گهڻن کي گمراهه ڪيو، ۽ نه

تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا ضَلٰلًا ﴿۲۴﴾ مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا

زياده ڪيائون ظالمن لاءِ مگر گمراهي. اهي پنهنجي ڪيل گناهن جي ڪري ٻوڙيا ويا

فَاُدْخِلُوْا نَارًا ۙ فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ﴿۲۵﴾

پوءِ قبر جي عذاب ۾ داخل ڪيا ويا، پوءِ انهن الله تعالیٰ کان سواءِ کو مددگار نه لڌو.

وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ

۽ نوح پيغمبر عرض ڪيو اي منهنجا رب تون زمين تي ڪافرن مان ڪو به

دَيَّارًا ﴿۲۶﴾ اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا

رهندڙ نه ڇڏ. بيشڪ جيڪڏهن تو انهن کي ڇڏيو ته اهي تنهنجي بانهن کي گمراهه ڪندا ۽ اهي نه ڄڻن

اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿۲۷﴾ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ

مگر گنهگار ۽ ناشڪر. اي منهنجا رب تون مون کي بخشڪر ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي بخشڪر ۽ هر اُن ماڻهو کي بخشڪر جيڪو

له لغات القرآن عربي ۔ ڪه تفسير مظهري ۔ ڪه تفسير النسفي ۔ ڪه تفسير مظهري وتفسير النسفي ۔

دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَلَا

ايمان سان منهنجي گهر ۾ داخل ٿيو ۽ (قيامت تائين) مؤمن مرد ۽ مؤمن عورتن کي بخش کري ۽ نه ئي

تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا تَبَارًا ﴿٢٨﴾

زياده ٿئي ظالمن لاءِ مگر تباهي .

اٰيَاتُهَا ٢٨ (٧٢) سُوْرَةُ الْجِنِّ مَكِّيَّةٌ (٤٠) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة جن مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ ٻه رڪوع ۽ ٢٨ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ آهي .

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا ﴿١﴾

رسول عربي ڏي توهان نهنجي امت کي چئو ته مونڏانهن وحي ڪيو ويو آهي بيشڪ جنن ماڻهن جي هڪ جماعت قرآن ڪريم ٻڌو ۽ انهن چيو بيشڪ اسان هڪ عجيب قرآن ڪريم ٻڌو

يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا ﴿٢﴾

جيڪو هدايت ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو ۽ اسان اُن تي ايمان آندو ۽ اسين هرگز نهنجي رب سان ڪنهن هڪڙي کي شريڪ نٿا ڪريون .

وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ﴿٣﴾ وَّ

۽ بيشڪ اسانجي رب جو شان نهايت اعليٰ آهي ، ڀاڙ گهر واري ۽ اولاد کي (نهنجي لاءِ) پسند نه ڪيائين . ۽

اَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ﴿٤﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ

بيشڪ اسان مان ڪم عقل ، الله تعالىٰ لاءِ غلط ڳالهيون منسوب ڪن ٿا . ۽ بيشڪ اسين پاڻ ڌاريا سين

اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿٥﴾ وَّاَنَّهٗ كَانَ

ته انسان ۽ جن هرگز الله تعالىٰ تي ڪوڙ نه هڻندا . ۽ بيشڪ

رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ

انسانن مان ڪجهه مرد ، جنن جي ڪجهه مردن کان پناه گهرندا هئا ، پوءِ انهن جي تڪبر ۾

١ تفسير النسفي وتفسير مظهري وتفسير روح البيان وتفسير جلالين . (منزل ٧) ٢ تفسير النسفي وتفسير ابن عباس وتفسير جلالين . ٣ ڏسو ڪتاب تفسير مظهري .

رَهَقًا ﴿٦﴾ وَّاَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ

واڌاروٽيو ۔ ۽ بيشڪ انهن گمان ڪيو جيئنڪ توهان (مڪي وارن) گمان ڪيو تہ هرگز الله تعالىٰ ڪو پيغمبر نہ

اَحَدًا ﴿٧﴾ وَّاَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا

موڪليو ۔ ۽ بيشڪ اسان آسمان کي هٿ لاتو پوء اسان ان کي سخت پهري

شَدِيْدًا وَّشُهُبًا ﴿٨﴾ وَّاَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ

۽ شعلن سان پريل ڏٺو ۔ ۽ بيشڪ اسين انهيءَ ۾ خاموجاين ٿي (راز نہ ٻڌڻ لاءِ) و هنداهئاسين ،

فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ﴿٩﴾ وَّاَنَّا لَا

پوء جيڪو جن (هاڻي) ٻڌڻ جي ڪوشش ڪري تہ اهو پنهنجي پويان هرندڙ شعلو لهي تو ۔ ۽ بيشڪ اسين نہ

نَدْرِيْٓ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ

ٿا ڄاڻون تہ ڇا زمين ۾ شر جو ارادو ڪيو ويو آهي يا سندن رب هدايت جو

رَبُّهُمْ رَشَدًا ﴿١٠﴾ وَّاَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَمِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ

ارادو فرمايو آهي ۔ ۽ بيشڪ ڪي اسان مان صالح آهن ۽ ڪي اسان مان صالح نہ آهن ۔

كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا ﴿١١﴾ وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ

اسان جا مختلف مسلڪ آهن ۔ ۽ بيشڪ اسان کي يقين آهي تہ اسين زمين ۾ الله تعالىٰ جي ڪنٽرول کان ٻاهر نا هيون

وَلَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ﴿١٢﴾ وَّاَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰٓى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ

۽ اسين پڻ سندس ڪنٽرول کان هرگز ٻاهر نہ ٿا ٿيون ۔ ۽ بيشڪ اسان جڏهن قرآن ڪريم ٻڌو تہ اسان ان تي ايمان آندو ۔

فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّلَا رَهَقًا ﴿١٣﴾ وَّاَنَّا مِنَّا

پوء جيڪو پنهنجي رب تي ايمان آڻي تہ پوء اهو نقصان ۽ زيادتي جو خوف نہ ڪري ۔ ۽ بيشڪ اسان ۾ کان

الْمُسْلِمُوْنَ وَمِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ؕ فَمَنْ اَسْلَمَ فَاُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ﴿١٤﴾

مسلمان آهن ۽ ڪجهہ اسان مان ظالم آهن ، پوء جنهن اسلام آندو پوء انهن هدايت ڳولي لڌي ۔

وَاَمَّا الْقٰسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ﴿۱۵﴾ وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا

۽ پر ظالم پوءِ اهي جهنم جو ٻارڻ ٽيا ۽ رسول عربي توهان فرمايو تموڙا انهن لاءِ وحي موڪلي ٿي تجيڪ هن

عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ﴿۱۶﴾ لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ؕ وَ

اهي دين اسلام تي قائم رهيا ته اسين انهن کي گهڻي مقدار مينهن جو پاڻي پيارينداسين. ان لاءِ ته اسين انهن کي انهي ۾ آزمايون ۽

مَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًا ﴿۱۷﴾ وَّ

جيڪو الله جي ذڪر کان پاسو ڪري ٿو الله ان کي سخت عذاب ۾ داخل ڪري ٿو. ۽

اَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿۱۸﴾ وَّاَنَّهٗ لَمَّا

بيشڪ مسجدون الله تعالى جون آهن پوءِ توهان (اي انسانو ۽ جنو) الله سان ڪنهن جي عبادت نه ڪريو ۽ بيشڪ جڏهن

ع ۱۹ ۱۱ قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿۱۹﴾ قُلْ

رسول عربي (اڻ م) الله جي عبادت لاءِ بيٺا تڏهن نوريا ٿاهي پاڻ ڪرين جي قريب بيٺا (سندس عبادت ڏسڻ لاءِ). رسول عربي توهان فرمايو

اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖۤ اَحَدًا ﴿۲۰﴾ قُلْ اِنِّيْ لَاۤ اَمْلِكُ

آئون ته پنهنجي رب جي عبادت ڪريان ٿو ۽ آئون اُن سان ڪنهن کي شريڪ نه ٿو ڪريان. رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ آئون توهان لاءِ ڪنهن

لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿۲۱﴾ قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ

نقصان ۽ هدايت جو مالڪ ناهيان. رسول عربي توهان فرمايو بيشڪ ڪو به مون کي الله تعالى کان هرگز بچائي

اَحَدٌ ۙ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿۲۲﴾ اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ

نه ٿو سگهي ۽ هرگز آئون اُن کان سواءِ ڪا پناه نه ٿو لهان. مگر الله تعالى جي تبليغ

اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ

۽ رسالت جو ذمو مون تي آهي ۽ جيڪو مڃو الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪري ٿو، پوءِ بيشڪ اُن لاءِ

نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿۲۳﴾ حَتّٰۤى اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ

جهنم جي باهه آهي اُن ۾ هميشه هميشه رهندا. ايستائين جو جڏهن اهي ان کي ڏسندا جن جو ڪيل وعدو ڏنو ويو

فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾ قُلْ اِنْ

پوءِ اهي جلد معلوم ڪندا تہ ڪير ضعيف مدد ڪار ڪهڙا ڪهن جا هوندا ۽ تمام ٿوري تعداد ۾ مدد ڪار ڪهن جا هوندا - رسول ڏي ٻڌاءِ تہ

اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ

تہ آئون نہ ٿو ڄاڻان تہ قيامت قريب آهي يا اُن کي منهنجو رب ڪجهہ مهلت ڏيندو - الله تعالىٰ غيب جون خبرون ڄاڻندڙ

فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ

آهي پوءِ اهو پنهنجي غيب تي ڪنهن کي واقف نہ ٿو ڪري - سواءِ پنهنجي پسنديده رسولن جي ، پوءِ بيشڪ

يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾ لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ

ان جي اڳيان ۽ پويان (ملائڪن جو) سخت پهرو مقرر ڪري ٿو - ان لاءِ تہ ظاهر ٿئي تہ بيشڪ ان پيغمبر

اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾ ع ٢ ٢

پنهنجي رب جا احڪام پهچايا يا ان جي علم ۾ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪو انهن وٽ آهي ۽ ان کي هر شيءِ جو تعداد معلوم آهي.

اٰيَاتُهَا ٢٠ (٧٣) سُوْرَةُ الْمُزَّمِّلِ مَكِّيَّةٌ (٣) رُكُوْعَاتُهَا ٢

سورة مزمل مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي ، انهي ۾ ٢ رڪوع ۽ ٢٠ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان بي اڇمار ڏيندڙ (آهي)

يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ﴿١﴾ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢﴾ نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ

اي نبوت جي چادر ۾ ڪيندڙ ! جيڪو تون رات جو ٿورو حصو (عبادت لاءِ) اُٿ - اڌ حصو يا اُن کان

مِنْهُ قَلِيْلًا ﴿٣﴾ اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿٤﴾

ڪجهہ گهٽ حصو - يا ڪجهہ ان کان زياده ڪري (مطلب تہ رات جو ڪهڙو وقت عبادت لاءِ اُٿڻ جو اختيار آهي ۽ تون) قرآن کي چڱي طرح ٺهراءِ جهلي پڙهو

اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ﴿٥﴾ اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ

بيشڪ اسين تو ڏانهن تي قرآن ڪريم نازل ڪنداسين - بيشڪ (عبادت لاءِ) رات جو اٿڻ اهو

لہ ان ڏينهن ڪافر جيڪو مدد ڪار ٿيندا هوندو پرالله تعالىٰ ۽ پيغمبر (منزل ٧) ۽ ملائڪ مؤمن جا مدد ڪار هوندا. ١٢ تفسير القاسمي .
لہ تفسير القاسمي . لہ تفسير مظهري . لہ تفسير ڪبير . لہ تفسير روح البيان . لہ تفسير القاسمي .

أَشَدُّ وَطْاً وَّأَقْوَمُ قِيلًا ﴿٦﴾ إِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا

سخت[1] بار آهي ۽ (ان ۾) قرآن ڪريم جي تلاوت بهتر ٿئي ٿي. رسول عربي بيشڪ توهان لاءِ ڏينهن ۾ تمام گهڻي

طَوِيلًا ﴿٧﴾ وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ إِلَيْهِ تَبْتِيلًا ﴿٨﴾

مصروفيت آهي. ۽ توهان پنهنجي رب جو نالو ياد ڪريو ۽ سڀني کان جُدا ٿي فقط اُن ڏانهن متوجه ٿيو.

بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ﴿۷﴾ وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا

انهن مؤمنن سان ڪيو هو. ۽ انهن (مؤمنن) ۾ ڪو عيب نه هو، مگر انهن الله تعالىٰ

بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿۸﴾ الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَ

تي ايمان آندو جيڪو غالب هميشه سراهيل آهي. اهو آهي جنهن لاءِ آسمانن ۽ زمين جي

الْاَرْضِ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۹﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ

بادشاهي آهي، ۽ الله تعالىٰ هر شيءِ تي گواهه آهي. بيشڪ جن مانهن

له تفسير الدهلوي وتفسير مظهري.

فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ

مؤمن مردن ۽ مؤمن عورتن کي تڪليف ڏني ان کان پوءِ اُهي توبه تائب نه ٿيا پوءِ انهن لاءِ

عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ۝١٠ اِنَّ الَّذِيْنَ

جهنم جو عذاب آهي، ۽ انهن لاءِ باهه جو عذاب آهي. بيشڪ جن مائٹن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ

ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا انهن لاءِ باغ آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون.

ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ؕ ۝١١ اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ ؕ ۝١٢

اها تمام وڏي ڪاميابي آهي. بيشڪ توهان جي رب جي پڪڙ بي حد سخت آهي.

اِنَّهٗ هُوَ يُبْدِئُ وَيُعِيْدُ ۝١٣ وَهُوَ الْغَفُوْرُ الْوَدُوْدُ ۝١٤ ذُو

بيشڪ اهوئي (دنيا ۾) پيدا ڪري ٿو ۽ (آخرت ۾) دوباره زندهه ڪري ٿو. ۽ اهو (گنهگار مومنن کي) بخشيندڙ (۽ نيڪ ڪمن تي) پيار ڪندڙ آهي جيڪو

الْعَرْشِ الْمَجِيْدُ ۝١٥ فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيْدُ ؕ ۝١٦ هَلْ اَتٰىكَ

عرش سڳوري جو مالڪ آهي. جيئن چاهي تيئن ڪندڙ آهي. ڇا توهان وٽ

حَدِيْثُ الْجُنُوْدِ ۝١٧ فِرْعَوْنَ وَثَمُوْدَ ؕ ۝١٨ بَلِ الَّذِيْنَ

لشڪرن جي خبر پهتي. يعني فرعون ۽ ثمود جي؟ بلڪ اهي مائٹو جن

كَفَرُوْا فِيْ تَكْذِيْبٍ ۝١٩ وَّاللّٰهُ مِنْ وَّرَآئِهِمْ مُّحِيْطٌ ۝٢٠

ڪفر ڪيو سي تڪذيب ڪرڻ ۾ آهن. ۽ الله تعالىٰ انهن جي پويان کين گهيرو ڪندڙ آهي.

بَلْ هُوَ قُرْاٰنٌ مَّجِيْدٌ ۝٢١ فِيْ لَوْحٍ مَّحْفُوْظٍ ۝٢٢

بلڪ اهو قرآن مجيد آهي. جيڪو لوح محفوظ ۾ آهي.

اٰيَاتُهَا ١٧ (٨٦) سُوْرَةُ الطَّارِقِ مَكِّيَّةٌ (٣٦) رُكُوْعُهَا ١

سورة طارق مڪه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ ١٧ آيتون ۽ هڪ رڪوع آهي.

له جامع البيان. كه جلالين. كه النسفي.

(منزل ٧)

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان باجهارو (آهي).

وَالسَّمَآءِ وَالطَّارِقِ ۝١ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الطَّارِقُ ۝٢ النَّجْمُ

قسم آهي آسمان جو ۽ قسم آهي طارق جو. ۽ تو کان کي ڪنهن ڄاڻايو ته طارق ڇا آهي؟ (الوهڪ) برندتر

الثَّاقِبُ ۝٣ اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ۝٤ فَلْيَنْظُرِ

ستارو آهي. هر انسان لاءِ هڪ محافظ (فرشتو) مقرر آهي. پوءِ انسان کي سوچڻ

الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ۝٥ خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ۝٦ يَّخْرُجُ

گهرجي ته ان کي ڇامان خلقيو ويو آهي؟ (اُن کي) هڪ ٽپي واري پاڻي مان پيدا ڪيو ويو آهي. جيڪو

مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ۝٧ اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ ۝٨

پُٹن ۽ سينن جي وچان نڪري ٿو. بيشڪ اهو، اُن جي موٽائڻ تي قادر آهي.

يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ۝٩ فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ ۝١٠ وَ

جنهن ڏينهن مخفي راز جي جاچ ڪئي ويندي. پوءِ (قيامت جي انڪار ڪندڙ لاءِ) کانسواءِ قوت ۽ کانسواءِ مددگار ٿيڻ جو قسم آهي

السَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ۝١١ وَالْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ ۝١٢ اِنَّهٗ

آسمان جو جيڪو مينهن وسائي ٿو. قسم آهي زمين جو جيڪا سلاهجائي ٿي. بيشڪ اهو (قرآن ڪريم)

لَقَوْلٌ فَصْلٌ ۝١٣ وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ۝١٤ اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۝١٥

فيصلو ڪُن قول آهي. ۽ اهو (قرآن ڪريم) کو مذاق ناهي. بيشڪ اهي (ڪفار مڪه) جيڪي طرح اتڪلون ڪن ٿا.

وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ۝١٦ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ۝١٧

۽ آئون انهن کي اتڪلن جي جزا ڏيان ٿو ۽ رسول عربي تو ۽ هاڪاڻ ڪافرن کي ويجهڙيو (۽) انهن کي ٿوري مهلت ڏيو.

سُوْرَةُ الْاَعْلٰى مَكِّيَّةٌ (٨٧) (٨) (رُكُوْعُهَا ١) (اٰيَاتُهَا ١٩)

سورة اعلیٰ مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي الهي ۾ ١ رڪوع ۽ ١٩ آيتون آهن.

لہ ۽ ڪ مظهري. ڪ تفسير نسفي. ڪہ تفسير جلالين. (منزل ٧) ڪہ تفسير مظهري.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جو نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ باجهار و (آهي).

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى ۙ﴿۱﴾ الَّذِيْ خَلَقَ فَسَوّٰى ۙ﴿۲﴾ وَالَّذِيْ

رسولِ عربي توهان پنهنجي رب جي نالي جي پاڪائي بيان ڪريو جيڪو بيحد اعليٰ آهي. اهو رب جنهن پيدا ڪيو پوءِ درست ڪيو ۽ اهو رب جنهن

قَدَّرَ فَهَدٰى ۙ﴿۳﴾ وَالَّذِيْٓ اَخْرَجَ الْمَرْعٰى ۙ﴿۴﴾ فَجَعَلَهٗ غُثَآءً

اندازو ڪيو پوءِ هدايت ڏني. ۽ اهو رب جنهن (مال لاءِ) گھاسُ چارو پيدا ڪيو. پوءِ ان کي سڪل (ءِ)

اَحْوٰى ۙ﴿۵﴾ سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰٓى ۙ﴿۶﴾ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ

ڪارو بنايو. اسين جلد توهان کي قرآن سيکارينداسين پوءِ توهان نه وساريندا. مگر جيڪو الله تعالیٰ چاهي، بيشڪ اهو

يَعْلَمُ الْجَهْرَ وَمَا يَخْفٰى ؕ﴿۷﴾ وَنُيَسِّرُكَ لِلْيُسْرٰى ۚ﴿۸﴾ فَذَكِّرْ

هر ظاهر ۽ مخفي کي ڄاڻي ٿو. ۽ اسين جلد توهان کي آسان طريقي جي توفيق ڏينداسين پوءِ توهان نصيحت ڪريو

اِنْ نَّفَعَتِ الذِّكْرٰى ؕ﴿۹﴾ سَيَذَّكَّرُ مَنْ يَّخْشٰى ۙ﴿۱۰﴾ وَيَتَجَنَّبُهَا

جيڪڏهن نصيحت (انهن) کي نفعو ڏيئي. جلد اهو ماڻهو نصيحت حاصل ڪندو جيڪو ان کان ڊڄي ٿو. ۽ ان کان اهو وڏو بدبخت

الْاَشْقَى ۙ﴿۱۱﴾ الَّذِيْ يَصْلَى النَّارَ الْكُبْرٰى ۚ﴿۱۲﴾ ثُمَّ لَا يَمُوْتُ

پري ٿيندو. جيڪو بي حد وڏي باهه ۾ پوندو. ان کان پوءِ نه اهو ان ۾ مرندو

فِيْهَا وَلَا يَحْيٰى ؕ﴿۱۳﴾ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى ۙ﴿۱۴﴾ وَذَكَرَ اسْمَ

۽ نه جيئندو. بيشڪ ڪامياب ٿيو اهو شخص جيڪو (ڪفر ۽ گناهن کان) پاڪ ٿيو. ۽ پنهنجي رب جو نالو وٺي (الله اڪبر)

رَبِّهٖ فَصَلّٰى ؕ﴿۱۵﴾ بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ۖ﴿۱۶﴾ وَالْاٰخِرَةُ

چئي) پوءِ نماز شروع ڪري ٿو. بلڪ توهان (ڪافر) دُنياجي حياتي کي پسند ڪريو ٿا. ۽ آخرت

خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ؕ﴿۱۷﴾ اِنَّ هٰذَا لَفِي الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ۙ﴿۱۸﴾ صُحُفِ

پڻ ۽ وڌيڪ بقادار آهي. بيشڪ هي (مذڪوره نصيحت) پهرين آسماني ڪتابن ۾ آهي يعني

ف تنوير المقباس. ڪ روح البيان. ڪه شفي. ڪه روح البيان و شفي. ۽ ڪه شفي. ڪه روح البيان. ڪه جلالين.

إِبْرٰهِيمَ وَمُوسٰى ﴿١٩﴾ ع

(حضرت) ابراهيم ۽ (حضرت) موسيٰ جي ڪتابن ۾.

(آياتها ٢٦) (٨٨) سُوْرَةُ الْغَاشِيَةِ مَكِّيَّةٌ (٦٨) (رُكُوعُها ١)

سورة غاشيه مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ٢٦ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڇاروَ (آهي).

هَلْ أَتٰىكَ حَدِيْثُ الْغَاشِيَةِ ﴿١﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ﴿٢﴾

تحقيق توهان وٽ غاشيه (قيامت) جي خبر پهتي. ڪيترا ئنهن ان ڏينهن ذليل ۽ خوار هوندا.

عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿٣﴾ تَصْلٰى نَارًا حَامِيَةً ﴿٤﴾ تُسْقٰى مِنْ عَيْنٍ

(جيڪي فقط دنيا لاءِ) ڪم ڪندڙ (۽) ٿڪجندڙ هوندا. انهي ۾ وڏندڙ باهه ۾ پوندا. (انهن کي) بي حد ٿهڪندڙ چشمي مان

اٰنِيَةٍ ﴿٥﴾ لَيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ اِلَّا مِنْ ضَرِيْعٍ ﴿٦﴾ لَّا يُسْمِنُ

پاڻي پياريو ويندو. انهن لاءِ ضريع (سڪل زهريلي ڪنڊ) کان علاوه ڪو به طعام نه هوندو. جيڪو نه کين تلهو ڪندو

وَلَا يُغْنِيْ مِنْ جُوْعٍ ﴿٧﴾ وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾ لِّسَعْيِهَا

۽ نه کائن بک دفع ڪندو. ڪيترا چهرا ان ڏينهن نعمتن ۽ خوشين ۾ هوندا. جيڪي پنهنجي ڪوشش تي

رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾ فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾ لَّا تَسْمَعُ فِيْهَا لَاغِيَةً ﴿١١﴾

راضي ۽ خوش هوندا. انهي بلند جنت ۾ هوندا. جو ان ۾ ڪا اجائي ڳالهه نه ٻڌندا.

فِيْهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾ فِيْهَا سُرُرٌ مَّرْفُوْعَةٌ ﴿١٣﴾ وَّاَكْوَابٌ

انهيءَ ۾ هڪ چشمو وهندڙ آهي. انهيءَ ۾ متائان تخت آهن. (۽ هر وقت انهن جي اڳيان) چونڊيل

مَّوْضُوْعَةٌ ﴿١٤﴾ وَّنَمَارِقُ مَصْفُوْفَةٌ ﴿١٥﴾ وَّزَرَابِيُّ مَبْثُوْثَةٌ ﴿١٦﴾

پيالا هوندا. ۽ لاڳيتا غاليچا وڇايل هوندا. ۽ (انهن ۾) سفيد اعلىٰ قسم جا ڪيترا وڇايل هوندا.

وقف لازم

١٩-١٢

١ تفسير جلالين وتفسير بغوي. ٢ تفسير روح البيان وتفسير بغوي. ٣ تفسير روح البيان. ٤ تفسير جلالين.

أَفَلَا يَنظُرُونَ إِلَى الْإِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ﴿١٧﴾ وَإِلَى السَّمَاءِ

چاپو ۽ اهي اُٺ (جي خلقت) ڏانهن نہ ٿا ڏسن تہ اهو ڪهڙيءَ طرح پيدا ڪيو ويو. ۽ آسمان ڏانهن نہ ٿا ڏسن تہ اهو

كَيْفَ رُفِعَتْ ﴿١٨﴾ وَإِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾ وَإِلَى الْأَرْضِ

ڪيئن بلند ڪيو ويو. ۽ جبلن ڏانهن نہ ٿا ڏسن تہ اهي ڪيئن ڪوڙيا ويا. ۽ زمين ڏانهن نہ ٿا ڏسن تہ اها

كَيْفَ سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾ فَذَكِّرْ ۖ إِنَّمَا أَنتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾ لَّسْتَ عَلَيْهِم

ڪيئن وڇائي ويئي (آهي). پوءِ رسول عربي توهان نصيحت ڪريو، توهان نصيحت ڪندڙ آهيو. توهان هرگز انهن تي

بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾ إِلَّا مَن تَوَلَّىٰ وَكَفَرَ ﴿٢٣﴾ فَيُعَذِّبُهُ اللَّهُ الْعَذَابَ

تسلط ڪندڙ نہ آهيو. مگر جيڪو ماڻهو منهن ڦيري ٿو ۽ ڪفر ڪري ٿو. پوءِ الله تعالىٰ انُ کي تمام وڏو عذاب

الْأَكْبَرَ ﴿٢٤﴾ إِنَّ إِلَيْنَا إِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ إِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُم ﴿٢٦﴾

ڇڪايئ ٿو. بيشڪ انهن جو ورڻ اسان ڏانهن آهي. ان کان پوءِ بيشڪ انهن جو حساب ڪرڻ اسان تي آهي.

الجزء الثلاثون النصف

اٰيَاتُهَا ٣٠ (٨٩) سُوْرَةُ الْفَجْرِ مَكِّيَّةٌ (١٠) رُكُوْعُهَا ١

سورة فجر مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ٣٠ آيتون آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃا رحم ڪرڻ وارو آهي).

وَالْفَجْرِ ﴿١﴾ وَلَيَالٍ عَشْرٍ ﴿٢﴾ وَالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ ﴿٣﴾ وَاللَّيْلِ

قسم آهي فجر جو، قسم آهي ڏهن راتين جو. قسم آهي ٻڌي ۽ اڪيءَ جو. قسم آهي رات جو

إِذَا يَسْرِ ﴿٤﴾ هَلْ فِي ذَٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِي حِجْرٍ ﴿٥﴾

جڏهن اها وڃي ٿي. بيشڪ انهيءَ ۾ عقلمندن لاءِ (هڪ عظيم) قسم آهي.

أَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ﴿٦﴾ إِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ﴿٧﴾ الَّتِي

رسول عربي ڇا تو هان ڏٺو تہ توهان جي رب عادُ ارم سان ڇا ڪيو. اهي ارم شهر وارا جيڪي قد ۾ وڏا هئا. انهن جهڙا

له تفسير بيضاوي. ٢ تفسير مظهري. ٣ لغات القرآن.

لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ﴿٨﴾ وَثَمُودَ الَّذِينَ جَابُوا الصَّخْرَ

(قناور) شهرن ۾ نه پيدا ڪيا ويا ۽ ثمود واراجن وادي ۾ قرين ۾ پٿر تراشي ڪري

بِالْوَادِ ﴿٩﴾ وَفِرْعَوْنَ ذِي الْأَوْتَادِ ﴿١٠﴾ الَّذِينَ طَغَوْا فِي الْبِلَادِ ﴿١١﴾

گهر بنايا ۽ فرعون واراجيڪي مضبوط عمارتون ٿاهيندا هئا. انهن ماڻهن شهرن ۾ نافرماني ڪئي.

فَأَكْثَرُوا فِيهَا الْفَسَادَ ﴿١٢﴾ فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ

پوءِ ان ۾ فساد وڌايائون. پوءِ توهان جي رب انهن تي سخت عذاب وارو ڇهڪ

عَذَابٍ ﴿١٣﴾ إِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ﴿١٤﴾ فَأَمَّا الْإِنسَانُ إِذَا

موڪليو. بيشڪ توهان جو رب يقيناً هڪ موجي ۾ مخلوق جو انتظار ڪندڙ آهي. پر انسان (ڪافر) کي جڏهن

مَا ابْتَلَاهُ رَبُّهُ فَأَكْرَمَهُ وَنَعَّمَهُ ۙ فَيَقُولُ رَبِّي أَكْرَمَنِ ﴿١٥﴾

سندس رب آزمائي تو پوءِ ان کي عزت ۽ نعمت ڏي تو، پوءِ اهو چوي تو منهنجي رب مون کي عزت ڏني.

وَأَمَّا إِذَا مَا ابْتَلَاهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهُ ۙ فَيَقُولُ رَبِّي

۽ پر جڏهن وقت انهن کي آزمائي تو پوءِ ان تي رزق تنگ ڪري تو. پوءِ اهو چوي تو منهنجي رب

أَهَانَنِ ﴿١٦﴾ كَلَّا ۖ بَل لَّا تُكْرِمُونَ الْيَتِيمَ ﴿١٧﴾ وَلَا تَحَاضُّونَ

مون کي خوار ڪيو. خبردار بلڪ توهان يتيمن جي عزت نٿا ڪريو. ۽ نه توهان ٻاڻ ۾ هڪ ٻئي کي

عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ﴿١٨﴾ وَتَأْكُلُونَ التُّرَاثَ أَكْلًا لَّمًّا ﴿١٩﴾

مسڪين جي کاڌي جو شوق ڏيارين ٿا. ۽ توهان (ناحق) ورثي جي ملڪيت کي هڙپ ڪري ويو ٿا.

وَتُحِبُّونَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿٢٠﴾ كَلَّا إِذَا دُكَّتِ الْأَرْضُ دَكًّا

۽ توهان مال کي جمع ڪرڻ جي بي حد محبت رکو ٿا. خبردار جڏهن وقت زمين تي زلزلن کان پوءِ زلزلا

دَكًّا ﴿٢١﴾ وَجَاءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ﴿٢٢﴾ وَجِيءَ يَوْمَئِذٍ

ايندا. ۽ توهان جي رب جو حڪم پهچندو ۽ ملائڪ صفون ٻڌي بيهندا. ۽ انهيءَ ڏينهن

ل تفسير مظهري، ٢ تفسير السنفي، ٣ تفسير ڪمالين ولغات القرآن (منزل ٧) ٤ تفسير جلالين

بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَاَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ﴿٢٣﴾

جهنم کي آندو ويندو، اُن ڏينهن انسان سوچيندو ۽ (اُن ڏينهن) سوچڻ مان ڇا حاصل ٿيندو.

يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿٢٤﴾ فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ

اهو چوندو ته هاءِ افسوس پنهنجي حياتي ۾ کو نيڪ عمل ڪريان ها. پوءِ اُن ڏينهن الله تعالىٰ کي ڪو به

عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٥﴾ وَّلَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٦﴾ يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ

ڪو اُن جي عذاب جهڙو عذاب ڪري سگهندو ۽ الله کان وڌيڪ اُن جي ڪو به ڪرڙو بند ڪري سگهندو. اي نفس

الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾

مطمئن. تون پنهنجي رب ڏانهن موٽ (اِن حال ۾) جو تون اُن کان راضي (۽) اهو تو کان راضي هجي.

فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿٢٩﴾ وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿٣٠﴾

پوءِ تون منهنجي خاص ٻانهن ۾ داخل ٿي. ۽ تون منهنجي جنت ۾ داخل ٿي.

آياتها ٢٠ (٩٠) سُوْرَةُ الْبَلَدِ مَكِّيَّةٌ (٣٥) رُكوعها ١

سورة بلد مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي. اُن ۾ هڪ رڪوع ۽ ٢٠ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان (۽) رحم وارو (آهي).

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿١﴾ وَاَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿٢﴾

قسم آهي مون کي هن عظمت واري شهر (مڪه مڪرمه) جو. ۽ رسول عربي تو هان هن عظمت واري شهر ۾ رهندڙ آهيو.

وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ ﴿٣﴾ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ﴿٤﴾

قسم آهي رسول عربي جو ۽ اُن جي امت جو. بيشڪ تحقيق اسان انسان کي تڪليف لاءِ پيدا ڪيو.

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ﴿٥﴾ يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ

ڇا اهو (ڪافر) پيو ٿو سمجهي ته ڪو به هڪڙو اُن تي قادر نه ٿيندو. اهو چوي ٿو ته مون

مَالًا لُّبَدًا ﴿٦﴾ أَيَحْسَبُ أَن لَّمْ يَرَهُۥٓ أَحَدٌ ﴿٧﴾ أَلَمْ نَجْعَل

تمام گھٹو مال وڃايو. ڇا هو پاڻي تي ته ان کي ڪوبه نه ڏسي . ڇا انسان اُن لاءِ

لَّهُۥ عَيْنَيْنِ ﴿٨﴾ وَلِسَانًا وَشَفَتَيْنِ ﴿٩﴾ وَهَدَيْنَٰهُ

ڇا ڪيون پيدا نه ڪيون ؟ ۽ زبان ۽ ٻه چپ پيدا نه ڪيا ؟ ۽ انسان اُن کي (خير ۽ شر[1] جون)

ٱلنَّجْدَيْنِ ﴿١٠﴾ فَلَا ٱقْتَحَمَ ٱلْعَقَبَةَ ﴿١١﴾ وَمَآ أَدْرَىٰكَ

ٻه واٽون نه ڏيکاريون. پوءِ عَقَبَهٗ ۾ ٽپو نه ڏيو. ۽ تو هان کي ڪنهن ڄاڻايو ته

مَا ٱلْعَقَبَةُ ﴿١٢﴾ فَكُّ رَقَبَةٍ ﴿١٣﴾ أَوْ إِطْعَٰمٌ فِى يَوْمٍ ذِى

عَقَبَهٗ ڇا آهي ؟ ٻانهي کي آزاد ڪرڻ. يا بک واري ڏينهن طعام

مَسْغَبَةٍ ﴿١٤﴾ يَتِيمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ﴿١٥﴾ أَوْ مِسْكِينًا ذَا مَتْرَبَةٍ ﴿١٦﴾

کارائڻ . ان يتيم کي جيڪو ويجهو مائٽ هجي. يا ان مسڪين کي جيڪو مٽي ۾ رهندڙ هجي

ثُمَّ كَانَ مِنَ ٱلَّذِينَ ءَامَنُوا۟ وَتَوَاصَوْا۟ بِٱلصَّبْرِ وَ

پوءِ اهو اهڙن مانهن مان هجي جن ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪئي ۽

تَوَاصَوْا۟ بِٱلْمَرْحَمَةِ ﴿١٧﴾ أُو۟لَٰٓئِكَ أَصْحَٰبُ ٱلْمَيْمَنَةِ ﴿١٨﴾

۽ هڪ ٻئي کي رحم ۽ ڪرم جي وصيت ڪئي. اهي ساڄي پاسي وارا (بهشتي) آهن .

وَٱلَّذِينَ كَفَرُوا۟ بِـَٔايَٰتِنَا هُمْ أَصْحَٰبُ ٱلْمَشْـَٔمَةِ ﴿١٩﴾

۽ جن مانهن انسان جي آيتن جو انڪار ڪيو اهي ڪاٻي پاسي وارا (دوزخي) آهن.

عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ﴿٢٠﴾

انهن تي دم ڏنل باهه هوندي.

ع ۱ ۱۵

ايامها ۱۵ (۹۱) سُورَةُ الشَّمْسِ مَكِّيَّةٌ (۲۶) رکوعها ۱

سورة شمس مڪه مڪرمه نازل ٿي آهي، انهي ۾ هڪ رکوع ۽ ۱۵ آيتون آهن.

[1] تفسير جلالين، ڪه تنوير المقباس.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي شروع ڪريان تو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڇهارو (آهي).

وَالشَّمْسِ وَضُحٰىهَا ۙ﴿۱﴾ وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰىهَا ۙ﴿۲﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا

قسم آهي سج جو ۽ ان جي روشنيءَ جو. قسم آهي چنڊ جو جڏهن هو مڪمل روشني ڪري تو. قسم آهي ڏينهن جو جڏهن

جَلّٰىهَا ۙ﴿۳﴾ وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰىهَا ۙ﴿۴﴾ وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰىهَا ۙ﴿۵﴾

اهو سڄي روشن ڪري تو. قسم آهي رات جو جڏهن اها سڄي ڪائنات کي ڍڪي تي. قسم آهي آسمان جو ۽ ان جي بنائيندڙ جو.

وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰىهَا ۙ﴿۶﴾ وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۙ﴿۷﴾ فَاَلْهَمَهَا

قسم آهي زمين جو ۽ اُن جي پکيڙيندڙ جو. قسم آهي انسان جو ۽ ان جي درست ڪندڙ جو. پوءِ اُن جي

فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ۙ﴿۸﴾ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۙ﴿۹﴾ وَقَدْ

برائيءَ ۽ چڱائيءَ اُن جي دل ۾ وڌائين. بيشڪ ڪامياب ٿيو اهو شخص جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ڪيو. ۽ بيشڪ

خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ؕ﴿۱۰﴾ كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِطَغْوٰىهَآ ۙ﴿۱۱﴾ اِذِ

ناڪام ٿيو اهو شخص جنهن پنهنجي نفس کي (گناهن ۾) لڪايو. ثمود وارن پنهنجي سرڪشيءَ جي ڪري (پيغمبر حضرت صالح) کي ٽميو، جڏهن

انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا ۙ﴿۱۲﴾ فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ

اهو شخص (ڏاڇي کي مارڻ لاءِ) اٿيو جيڪو وڏو ويدبخت هو. پوءِ انهن کي (حضرت) صالح چيو الله جي ڏاڇيءَ ان جي پاڻي پيئڻ

وَسُقْيٰهَا ؕ﴿۱۳﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا ۫ فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ

جي واري ڪان پاسو ڪيو. پوءِ انهن اُن کي ڪوڙو سمجهيو، پوءِ انهن ڏاڇيءَ کي هلاڪ ڪيو، پوءِ انهن کي سندن رب

رَبُّهُمْ بِذَنْۢبِهِمْ فَسَوّٰىهَا ۖ﴿۱۴﴾ وَلَا يَخَافُ عُقْبٰىهَا ۧ﴿۱۵﴾

سندن گناهه جي ڪري هلاڪ ڪيو پوءِ انهن کي برابر ڪيائين. ۽ الله تعالىٰ کي انهن جي تباهيءَ جي پرواهه نه هئي.

ع ۱ ۱۵ ۱۶

اٰيَاتُهَا ۲۱ (۹۲) سُوْرَةُ الَّيْلِ مَكِّيَّةٌ (۹) رُكُوْعُهَا ۱

سورة ليل مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي. انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ۲۱ آيتون آهن.

لہ ۱۳، ۱۴، ۱۵ جي لات چنڊ مڪمل گول ۽ روشن ٿيڻ تي. از تفسير مظهري (منزل ۷) ۲ تفسير النسفي. ۳ تفسير مظهري.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع كريان تو جيكو نهايت مهربان ۽ جهاروو (آهي).

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ۙ﴿۱﴾ وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۙ﴿۲﴾ وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ

قسم آهي رات جو جڏهن اُها ڍڪي وڌي تي. قسم آهي ڏينهن جو جڏهن اهو روشن ٿئي تو. قسم آهي اُن خالق جو جنهن مذكر

وَالْاُنْثٰۤى ۙ﴿۳﴾ اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ؕ﴿۴﴾ فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَ

۽ مؤنث پيدا كيا. بيشڪ توهان جي كوشش يقيناً مختلف آهي. پوءِ پراهو ماڻهو جنهن (پنهنجو مال خدا جي رستي) ڏنو

اتَّقٰى ۙ﴿۵﴾ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ۙ﴿۶﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ؕ﴿۷﴾

۽ پرهيزگاري اختيار كئي ۽ ملت اسلام كي سچو سمجهو. پوءِ جلد اسين اُن كي آساني جي توفيق عطا كندا سين.

وَاَمَّا مَنْۢ بَخِلَ وَاسْتَغْنٰى ۙ﴿۸﴾ وَكَذَّبَ بِالْحُسْنٰى ۙ﴿۹﴾ فَسَنُيَسِّرُهٗ

۽ پراهو ماڻهو جنهن بخيلي كئي ۽ بي پرواهه ٿيو. ۽ ملت اسلاميه جي تكذيب كئي. پوءِ جلد اسين اُن كي

لِلْعُسْرٰى ؕ﴿۱۰﴾ وَمَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗۤ اِذَا تَرَدّٰى ؕ﴿۱۱﴾ اِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدٰى ۖ﴿۱۲﴾

ڏاڍي مشڪل ۾ گرفتار كندا سين. ۽ جڏهن اهو ڀاڙ ۾ مرندو ۽ تركيس سندس مال كو نفعو نه ڏيندو. بيشڪ هدايت اسان تي آهي.

وَاِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَالْاُوْلٰى ﴿۱۳﴾ فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ۚ﴿۱۴﴾ لَا

۽ بيشڪ آخرت ۽ دنيا جا مالڪ اسين آهيون. پوءِ آئون توهان كي ان باهه كان ڊيڄاريان تو جيكا ٻري پئي. نه تو

يَصْلٰىهَاۤ اِلَّا الْاَشْقَى ۙ﴿۱۵﴾ الَّذِيْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ؕ﴿۱۶﴾ وَسَيُجَنَّبُهَا

داخل ٿئي انهيءَ ۾ مگر وڏو بدبخت. جنهن تكذيب كئي ۽ منهن ڦيرايو. ۽ اُن كان ضرور پري ركيو ويندو

الْاَتْقَى ۙ﴿۱۷﴾ الَّذِيْ يُؤْتِيْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ۚ﴿۱۸﴾ وَمَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ

اُن شخص كي جيكو وڏيڪ پرهيزگار آهي جيكو پنهنجو مال (نيڪ كمن ۾) پاڻ خرچ كري تو. ۽ كنهن جو ان تي كو

مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤى ۙ﴿۱۹﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ۚ﴿۲۰﴾

احسان ناهي جنهن جو بدلو ڏنو وڃي تو. مگر اهو فقط پنهنجي رب تعالىٰ جو رضامند و گهري تو.

له تفسير الصفي. ٭ تفسير جلالين

وَلَسَوْفَ يَرْضٰى ﴿٢١﴾ ع

ع اهو جلد (پنهنجي رب کان) راضي ٿيندو.

ايَاتُهَا ١١ (٩٣) سُوْرَةُ الضُّحٰى مَكِّيَّةٌ (١١) رُكُوْعُهَا ١

سورة ضحیٰ مکه مکرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۱۱ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃاروو (آهي).

وَالضُّحٰى ﴿١﴾ وَالَّيْلِ اِذَا سَجٰى ﴿٢﴾ مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَمَا

قسم آهي ڏينهن جي روشنيءَ جي. قسم آهي رات جو جڏهن اها خاموش ٿي. رسولِ عربيءَ توهان کي توهان جي رب ڇڏيو آهي ۽ نه

قَلٰى ﴿٣﴾ وَلَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ﴿٤﴾ وَلَسَوْفَ يُعْطِيْكَ

ناراض آهي. ۽ يقيناً آخرت توهان لاءِ دنيا کان بهتر آهي. ۽ بيشڪ جلد توهان کي توهان جو رب ايترو عطا ڪندو

رَبُّكَ فَتَرْضٰى ﴿٥﴾ اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ﴿٦﴾ وَوَجَدَكَ

جو توهان راضي ٿيندا. ڇا الله تعالیٰ توهان کي يتيمي جي عزت ۽ شرافت ۾ پرورش نه ڏني؟ توهان کي ڳولهيو ۽ توهان کي

ضَآلًّا فَهَدٰى ﴿٧﴾ وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ﴿٨﴾ فَاَمَّا

پنهنجي محبت ۾ جڏهن ته توهان پنهنجي حفاظت ۾ رکيو ۽ ڇا نه توهان کي ضرورتمند نه ڏٺو ۽ توهان کي غني ڪيو. پوءِ

الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ﴿٩﴾ وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ﴿١٠﴾

توهان (امتي) يتيم تي ڪاب سختي نه ڪريو. ۽ توهان سوال ڪندڙ کي نه ڌڪاريو.

وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ﴿١١﴾ ع

ع توهان پنهنجي رب جي نعمتن جو اظهار ڪريو.

ايَاتُهَا ٨ (٩٤) سُوْرَةُ اَلَمْ نَشْرَحْ مَكِّيَّةٌ (١٢) رُكُوْعُهَا ١

سورة الم نشرح مکه مکرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۸ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع كريان تو جيكو نهايت مهربان ۽ اجهارو (آهي).

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ۙ﴿۱﴾ وَوَضَعْنَا عَنْكَ

رسول عربي ڇا اسان توهان جي سيني کي (وسيع علم ۽ حڪمت لاءِ) کشادو نه ڪيو؟ ۽ ڇا اسان توهان تان توهان جي

وِزْرَكَ ۙ﴿۲﴾ الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ۙ﴿۳﴾ وَرَفَعْنَا لَكَ

ان بار کي (امت جي بخشش جو انتظار) نه لاتو جيڪو توهان تي گرو هو ۽ ڇا اسان خاص توهان لاءِ توهان جي

ذِكْرَكَ ؕ﴿۴﴾ فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۙ﴿۵﴾ اِنَّ مَعَ

ذکر کي بلند نه ڪيو. (يقيناً اسان ايئن ڪرڻ فرمايو) پوءِ بيشڪ ڏکن سان گڏ سک آهن. بيشڪ ڏکن

الْعُسْرِ يُسْرًا ؕ﴿۶﴾ فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ۙ﴿۷﴾ وَاِلٰى

سان گڏ سک آهن. پوءِ توهان جڏهن (نماز کان) فارغ ٿيو پوءِ توهان (دعا لاءِ) کوشش ڪريو. ۽ پنهنجي

رَبِّكَ فَارْغَبْ ۧ﴿۸﴾

رب ڏانهن (دعا گهرڻ ۾) توهان رغبت ڪريو.

اٰيَاتُهَا ۸ (۹۵) سُوْرَةُ التِّيْنِ مَكِّيَّةٌ (۲۸) رُكُوْعُهَا ۱

سورة التين مڪي مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي انهي ۾ هڪ رڪوع ۽ ۸ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع كريان تو جيكو نهايت مهربان ۽ اجهارو (آهي).

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ ۙ﴿۱﴾ وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ۙ﴿۲﴾ وَهٰذَا

قسم آهي انجير جو ۽ قسم آهي زيتون جو. قسم آهي طور سينا (جبل) جو. قسم آهي

الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ۙ﴿۳﴾ لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ

بلد الامين (مڪ مڪرمه) جو. بيشڪ تحقيق اسان انسان کي

ع ۸/۱۹

أَحْسَنِ تَقْوِيمٍ ﴿٤﴾ ثُمَّ رَدَدْنٰهُ أَسْفَلَ سٰفِلِينَ ﴿٥﴾

تمام سهڻي صورت ۾ پيدا ڪيو. ان کان پوءِ انسان انُ کي هيٺ کان وڌيڪ هيٺ ڪيو.

إِلَّا الَّذِينَ ءَامَنُوا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ أَجْرٌ

مگر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا پوءِ انهن لاءِ اجر آهي

غَيْرُ مَمْنُونٍ ﴿٦﴾ فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّينِ ﴿٧﴾

جيڪو ختم ٿيندڙ ناهي. پوءِ (اي انسان) توکي ڪهڙي شيءِ دين کان تڪذيب ڪرائي ٿي.

أَلَيْسَ اللَّهُ بِأَحْكَمِ الْحٰكِمِينَ ﴿٨﴾

ڇا الله تعالىٰ احڪم الحاڪمين ناهي؟ (ها آهي ان ۾ ڪو شڪ آهيان تہ هو احڪم الحاڪمين آهي).

سُورَةُ الْعَلَقِ مَكِّيَّةٌ (۹۶)

اٰيَاتُهَا ۱۹ | (۹۶) | رُكُوعُهَا ۱

سورة علق مڪي مڪرمہ ۾ نازل ٿي آهي ۽ ان ۾ هڪ رڪوع ۽ ۱۹ آيتون آهن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڇاروَ (آهي).

اقْرَأْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِي خَلَقَ ﴿١﴾ خَلَقَ الْإِنسٰنَ مِنْ

(سوءِ ڪري) تو هان پڙهجي رب جي نالي سان پڙهو، جنهن پيدا ڪيو (آهي). انسان کي رت جي هڪ ڊڳ مان

عَلَقٍ ﴿٢﴾ اقْرَأْ وَرَبُّكَ الْأَكْرَمُ ﴿٣﴾ الَّذِي عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ﴿٤﴾

پيدا ڪيو. تو هان پڙهو ۽ تو هان جو رب وڏو ڪريم آهي. اهو رب جنهن قلم سان (لکڻ وغيرہ) سيکاريو.

عَلَّمَ الْإِنسٰنَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ﴿٥﴾ كَلَّا إِنَّ الْإِنسٰنَ

انسان کي اُن سيکاريو جيڪو اهو نہ ڄاڻندو هو. خبردار بيشڪ انسان

لَيَطْغَىٰ ﴿٦﴾ أَنْ رَّءَاهُ اسْتَغْنَىٰ ﴿٧﴾ إِنَّ إِلَىٰ رَبِّكَ الرُّجْعَىٰ ﴿٨﴾

نافرماني ڪري ٿو (جنهن وقت) اهو پاڻ کي غني ڏسي ٿو. بيشڪ (سڀني کي) تو هان جي رب ڏانهن موٽڻو آهي.

أَرَءَيْتَ الَّذِي يَنْهَىٰ ﴿٩﴾ عَبْدًا إِذَا صَلَّىٰ ﴿١٠﴾ أَرَءَيْتَ إِن

چاتوتھاان ماٹھو (ابوجهل) کي نہ ڈٹو جيڪو رسول عربيءَ کي نماز پڑھڻ کان روکي تو چاتوتھاان کي نہ ڈٹو جو جيڪڏھن

كَانَ عَلَى الْهُدَىٰٓ ﴿١١﴾ أَوْ أَمَرَ بِالتَّقْوَىٰٓ ﴿١٢﴾ أَرَءَيْتَ إِن

اُھو هدايت تي هجي ها . يا پرهيزگاريءَ جو چوي ها. چاتوھان ان کي نہ ڈٹو جو جڏھن وقت ان

كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰٓ ﴿١٣﴾ أَلَمْ يَعْلَم بِأَنَّ اللَّهَ يَرَىٰ ﴿١٤﴾ كَلَّا

تکذيب کئي ءِ منهن موڙيو. چاھو نہ توڙجاڻي تہ بيشڪ الله تعالىٰ ڏسي پيو. خبردار

لَئِن لَّمْ يَنتَهِ لَنَسْفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ﴿١٥﴾ نَاصِيَةٍ كَـٰذِبَةٍ

جيڪڏھن اھو باز نہ آيو، تہ اسين يقيناً ان کي پيشاني کان پکڙبنداسين. اھا پيشاني جيڪا کوڙي آھي

خَاطِئَةٍ ﴿١٦﴾ فَلْيَدْعُ نَادِيَهُۥ ﴿١٧﴾ سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ﴿١٨﴾ كَلَّا

(۽) گنهگار آھي . پوءِ ڀلي اھو پنهنجي مجلس وارن کي بڪاري. اسين به فوراً پنهنجي عذاب وارن ملائڪن کي سڏينداسين خبردار

لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِب ﴿١٩﴾ السجدة

ان جي ڪا ڳالهه نہ ٻُڌو ۽ توڻا (هميشه) سجدو ڪريو ۽ (مون کي) ويجها ٿيو.

إِيَاهَا ۴ (۹۷) سُورَةُ الْقَدْرِ مَكِّيَّةٌ (۲۵) رُبُوعُهَا ۱

سورة قدر مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آھي ۽ اڻ هڪ رڪوع ۽ ۳۰ آيتون آھن.

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَـٰنِ الرَّحِيمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان بلجهارو آھي).

إِنَّآ أَنزَلْنَـٰهُ فِى لَيْلَةِ الْقَدْرِ ﴿١﴾ وَمَآ أَدْرَىٰكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ﴿٢﴾

بيشڪ اسان قرآن ڪريم کي شب قدر ۾ نازل فرمايو . ۽ رسول عربي توڻا کي ڪهڙ جاڻايو تہ شب قدر ڇا آھي ؟

لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۙ خَيْرٌ مِّنْ أَلْفِ شَهْرٍ ﴿٣﴾ تَنَزَّلُ الْمَلَـٰٓئِكَةُ

شب قدر تہ هزار مهينن کان ڀلي آھي . انهيءَ رات ۾ فرشتا

وقف اللازم عليه وقف النبي

لہ تفسير النسفي .

وَالرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۙ﴿۴﴾ سَلٰمٌ ۛ

۽ جبرئيل امين پنهنجي رب جي حُڪم سان لهن تا، انهيءَ رات ۾ پرهه ”قَدْرِ“ تائين

هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ﴿۵﴾

هر ڪالهه ڪان سلامتي آهي.

اٰيَاتُهَا ۸ (۹۸) سُوْرَةُ الْبَيِّنَةِ مَدَنِيَّةٌ (۱۰۰) رُكُوْعُهَا ۱

سورة بيّنة مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ۸ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو، جيڪو نهايت مهربان بأجهارو (آهي).

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ

اهلِ ڪتاب (يهودي ۽ نصاريٰ) ۽ مُشرڪ (بُت پرست) پنهنجي مذهب کي

مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ﴿۱﴾ رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ

ڇڏيندڙ نه هئا ايستائين جو انهن وٽ واضح دليل نه اچي. يعني اهو رسول الله (صلى الله عليه وآله وسلم) جيڪو

يَّتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ﴿۲﴾ فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ﴿۳﴾ وَمَا

(انهن ڏي) پاڪ صحيفا پڙهي ٿو. انهن ۾ انصاف واري لکت آهي. ۽ نه

تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ

فرقه بندي ڪئي اهلِ ڪتاب مگر اُن کان پوءِ جو انهن وٽ واضح دليل

الْبَيِّنَةُ ﴿۴﴾ وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ

پهتا. ۽ انهن کي نه حُڪم ڪيو ويو مگر اهو ته اهي خالص عقيدي سان الله تعالىٰ جي

الدِّيْنَ ۙ حُنَفَآءَ وَيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوا الزَّكٰوةَ

عبادت ڪن، (هِن دين کي ڇڏي) فقط دين اسلام ڏانهن مائل هجن ۽ نماز پڙهن ۽ زڪوٰة ڏين

له النسفي.

وَذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ ۝٥ اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ

۽ اهو دين سڌو دين آهي . بيشڪ جن مانڻهن ڪفر ڪيو اهلِ ڪتاب

الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ

مان ۽ مشرڪن مان ، اهي سڀ هميشه جهنم جي باهه ۾

فِيْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ۝٦ اِنَّ الَّذِيْنَ

هوندا ، اهي ئي سموري مخلوق کان وڌيڪ خراب آهن . بيشڪ جن مانڻهن

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۝٧

ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا ، اهي ئي سموري مخلوق کان وڌيڪ بهتر آهن .

جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا

انهن جي جزا انهن جي رب وٽ آهي اهي باغ جن هيٺان

الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا

نهرون وهندڙ آهن هميشه انهيءَ ۾ رهندا ، الله تعالىٰ انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي اُن کان

عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ۝٨ ع

راضي ٿيا ، اها جزا اُن مانڻهوءَ جي آهي جيڪو پنهنجي رب کان ڊڄي ٿو.

ع ۸/۲۳

اٰيَاتُهَا ۸ (۹۹) سُوْرَةُ الزِّلْزَالِ مَدَنِيَّةٌ (۹۳) رُكُوْعُهَا ۱

سورة زلزال مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي ، انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۸ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان بي حد رحم وارو (آهي).

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۝١ وَاَخْرَجَتِ الْاَرْضُ

جڏهن وقت (قيامت[1] اچڻ جي ڪري) زمين پنهنجي جنبش مطابق تمام زور سان هلائي وئي[2] ۽ زمين پنهنجا وزن (بار)

[1] تفسير مظهري - [2] تفسير جلالين .

اَثْقَالَهَا ﴿۲﴾ وَقَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ﴿۳﴾ يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ

ٻاهر ڪيندي . ۽ انسان (ڪافر) چوندو هن کي ڇا ٿيو آهي ؟ اُن ڏينهن زمين پنهنجي ٻاڻ تي ڪيل عمل

اَخْبَارَهَا ﴿۴﴾ بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ﴿۵﴾ يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ

ظاهر ڪندي . ان لاءِ جو بيشڪ توهان جي رب اُن کي اهو حڪم ڏنو هوندو . اُن ڏينهن ماڻهو ڇڙ وڇڙ ٿي

اَشْتَاتًا ۙ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ﴿۶﴾ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ

(پنهنجي رب ڏانهن) موڪلندا، ان لاءِ ته پنهنجا عمل ان کي ڏيکارين . پوءِ جنهن ماڻهو ذري جيتري چڱائي ڪئي هوندي

خَيْرًا يَّرَهٗ ﴿۷﴾ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ﴿۸﴾

اهو اُن کي ڏسندو . ۽ جنهن ماڻهو ذري جيتري برائي ڪئي هوندي اهو اُن کي ڏسندو .

اَيَاتُهَا ۱۱ (۱۰۰) سُوْرَةُ الْعٰدِيٰتِ مَكِّيَّةٌ (۱۴) رُكُوْعُهَا ۱

سورۂ عٰديٰت مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ هڪ رڪوع ۽ ۱۱ آيتون آهن .

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ٻاجهارو (آهي) .

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ﴿۱﴾ فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ﴿۲﴾ فَالْمُغِيْرٰتِ

قسم آهي (مجاهدن جي) انهن گهوڙن جو جيڪي هانپار وهڻ تا . پوءِ قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي سُنبهي پٿرن ۾ چڻگون ڏيئي تا . پوءِ قسم انهن

صُبْحًا ﴿۳﴾ فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ﴿۴﴾ فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ﴿۵﴾ اِنَّ

گهوڙن جو جيڪي صبح جي وقت دشمن تي حملو ڪن تا . پوءِ قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي غبار اڏائن تا . پوءِ قسم آهي انهن گهوڙن جو جيڪي (دشمن جي)

الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ ﴿۶﴾ وَاِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ﴿۷﴾

صفن ۾ اندر وڃن تا . بيشڪ انسان (ڪافر) پنهنجي خالق جو يقيناً ناشڪرو آهي . ۽ بيشڪ اهو (پنهنجي) ان ڳالهه تي (پاڻ) گواهه

وَاِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ﴿۸﴾ اَفَلَا يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ

آهي . ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ يقيناً شديد آهي . ڇا پوءِ اهو نٿو ڄاڻي جنهن وقت مُلن کي

۱ ع ۱ ۲۴

۱ تفسير السنفي . ۲ تفسير جلالين . ۳ تفسير مظهري

مَا فِي الْقُبُوْرِ ﴿٩﴾ وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوْرِ ﴿١٠﴾ إِنَّ رَبَّهُمْ

قبرن مان ڪڍي اڇاريو ويندو. ۽ اهي راز ڪوليا و ڀڃاجيڪي سيني ۾ آهن. بيشڪ انهن جو رب

بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ﴿١١﴾ ع

ان ڏينهن انهن جي احوال کان يقيناً خبردار آهي.

سُوْرَةُ الْقَارِعَةِ مَكِّيَّةٌ (٣٠) (١٠١) (ايَاتُهَا ١١ رُكُوْعُهَا ١)

سورة قارعه مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ هڪ رکوع ۽ ١١ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اجهارو (آهي).

اَلْقَارِعَةُ ﴿١﴾ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٢﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿٣﴾

قَارِعَةُ! قَارِعَةُ ڇا آهي؟ ۽ توهان کي ڪنهن ڄاڻايو ته قارِعَة ڇا آهي؟

يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ﴿٤﴾ وَتَكُوْنُ

اُن ڏينهن (قيامت جي ڏينهن) ماڻهو مُنتشر پتنگن وانگر هوندا. ۽ ان ڏينهن

الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ﴿٥﴾ فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ

جبل پڇيل اُنَ وانگر هوندا. پوءِ جنهن ماڻهو جون نيڪيون

مَوَازِيْنُهٗ ﴿٦﴾ فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ﴿٧﴾ وَاَمَّا مَنْ

گرين هونديون. پوءِ اهو جَنَّتٌ ۾ آهي. ۽ پر جنهن ماڻهو

خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ ﴿٨﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَآ اَدْرٰىكَ

جون نيڪيون هلڪيون هونديون. پوءِ ان جي رهڻ جي جاءِ هَاوِيَة آهي. ۽ توهان کي ڪنهن

مَا هِيَهْ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿١١﴾ ع

ڄاڻايو ته اها ڇا آهي؟ اها هڪ برندڙ باهه آهي.

ع ١ ٢٥ - ٢٦

١ تفسير مظهري. ٢ تفسير جلالين.

سُوْرَةُ التَّكَاثُرِ مَكِّيَّةٌ (۱۰۲) (۱۶) اٰيَاتُهَا ۸ رُكُوْعُهَا ۱

سورة تكاثر مكه مكرمه ۾ نازل ٿي آهي انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۸ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان تو جيڪو نهايت مهربان ۽ جهاڙو (آهي).

اَلْهٰىكُمُ التَّكَاثُرُ ۙ﴿۱﴾ حَتّٰى زُرْتُمُ الْمَقَابِرَ ۭ﴿۲﴾

ملڪيت جي ڪثرت توهان کي غافل بنايو. ايستائين جو توهان قبرن تي پهتا.

كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ﴿۳﴾ ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ؕ﴿۴﴾

خبردار توهان جلد معلوم ڪندا. ان کان پوءِ خبردار توهان جلد معلوم ڪندا.

كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ ؕ﴿۵﴾ لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ۙ﴿۶﴾ ثُمَّ

خبردار جيڪڏهن توهان کي يقيناً معلوم هجي ها (ملڪيت جي حرص غافل نه ڪيو ها) تو ها ٻيڙ ڪ جهنم ڏسندا. ان کان پوءِ

لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ ۙ﴿۷﴾ ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىِٕذٍ

توهان يقيناً اُن کي اکين سان ڏسندا. اُن کان پوءِ يقيناً توهان کان اُن ڏينهن

عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾ ع ۱ ۸ ۲۷

الله جي طرفان ڏنل نعمتن بابت ضرور سوال پڇيو ويندو.

سُوْرَةُ الْعَصْرِ مَكِّيَّةٌ (۱۰۳) (۱۳) اٰيَاتُهَا ۳ رُكُوْعُهَا ۱

سورة والعصر مكه مكرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۳ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان تو جيڪو نهايت مهربان ۽ جهاڙو (آهي).

وَالْعَصْرِ ۙ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِىْ خُسْرٍ ۙ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِيْنَ

قسم آهي نبوت جي زماني جو. بيشڪ انسان يقيناً خساري ۾ آهي. مگر جن مانٺن

لہ تفسیر روح المعانی.

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ

ايمان آندو ۽ عمل صالح كيا ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي حق جي نصيحت ڪئي

وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾

۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي صبر جي نصيحت ڪئي.

ع ۲۸ - ۱۰

ايامها ۹ (۱۰۴) سُوْرَةُ الْهُمَزَةِ مَكِّيَّةٌ (۳۲) رکوعها ۱

سورة همزة مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ هڪ رکوع ۹ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اجهارو (آهي)

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۙ﴿۱﴾ الَّذِيْ جَمَعَ مَالًا

هر انهيءَ انسان لاءِ ويل آهي جيڪو عيب گولينڊڙ ڇُغلخور آهي. جنهن مال جمع ڪيو

وَّعَدَّدَهٗ ۙ﴿۲﴾ يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخْلَدَهٗ ۚ﴿۳﴾ كَلَّا لَيُنْۢبَذَنَّ

۽ ان کي ڳڻيو. (ڇا) اهو پاڻي ٿو ته بيشڪ ان جو مال ان ڪي هميشه هوندو. خبردار اهو يقيناً حُطَمَهْ

فِي الْحُطَمَةِ ۖ﴿۴﴾ وَمَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ؕ﴿۵﴾ نَارُ اللّٰهِ

۾ اڇلايو ويندو. ۽ توهان کي ڪنهن ڄاڻايو ته حُطَمَهْ ڇا آهي ؟ اها الله تعالىٰ جي ٻرندڙ

الْمُوْقَدَةُ ۙ﴿۶﴾ الَّتِيْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ؕ﴿۷﴾ اِنَّهَا عَلَيْهِمْ

باهه آهي. جيڪا دلين تائين پهچي ويندي. بيشڪ اها باهه انهن تي

ع ۲۹ - ۱۰

مُّؤْصَدَةٌ ۙ﴿۸﴾ فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ﴿۹﴾

بند ڪئي ويندي. (۽ انهن کي) وڏن ٿنڀن سان (جڪڙيو ويندو).

ايامها ۵ (۱۰۵) سُوْرَةُ الْفِيْلِ مَكِّيَّةٌ (۱۹) رکوعها ۱

سورة فيل مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ ۵ آيتون ۽ هڪ رکوع آهي.

لہ ۽ ۷۵ تفسير مظهري.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کريان تو جيکو نهايت مهربان ۽ اڃاروڪو (آهي).

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ۝١ اَلَمْ

رسولِ عربي تو ڏانهن نه ڏٺو؟ تو ڏانهن جي رب هاڻين وارن (ابرهه ۽ اُن جي لشکر) سان چا ڪيو؟ چا

يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ۝٢ وَّاَرْسَلَ عَلَيْهِمْ

الله تعالیٰ سندن رٽ کي باطل ۽ ضايع نه ڪيو؟ ۽ انهن تي

طَيْرًا اَبَابِيْلَ ۝٣ تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ۝٤

پکين جا ولر موڪليا. جن انهن کي باهه مان پڪل ڪريون هنيون.

فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ۝٥

پوءِ انهن کي کاڌل بُوسي وانگر ڪيائين.

اِيْلٰفِهِمْ سُوْرَةُ قُرَيْشٍ مَكِّيَّةٌ (۲۹) رُكُوْعُهَا ۱

سورة قريش مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ۴ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کريان تو جيکو نهايت مهربان ۽ اڃاروڪو (آهي).

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ۝١ اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ ۝٢

قريش کي وارا رغبت ڪن ٿا. (يعني) اهي اونهاري ۽ سياري ۾ سفر جي رغبت ڪن ٿا.

فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ۝٣ الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ

پوءِ اهي هن بَيْتُ اللّٰه جي رب جي عبادت ڪن. جنهن انهن کي بک ۾ کاڌو ڏنو

جُوْعٍ ۙ وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ۝٤

۽ انهن کي خوف مان امن ڏنائين.

ع ۱۵ ۱۵ ع ۱۶ ۱۶

اٰیاتھا ۷ | (۱۰۷) سُوْرَةُ الْمَاعُوْنِ مَكِّيَّةٌ (۱۷) | رکوعھا ۱

سورة ماعون مکه مکرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۷ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڇا رو (آهي).

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ۝١ فَذٰلِكَ الَّذِيْ

ڇا توهان ان ماڻهوءَ کي ڏٺو جيڪو دين جي تڪذيب ڪري ٿو. پوءِ اهو آهي جيڪو

يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝٢ وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝٣

يتيم کي جهٽڪي ٿو ۽ مسڪين کي طعام کارائڻ لاءِ (ڪنهن کي) شوق نه ٿو ڏياري.

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۝٤ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ

پوءِ ويل آهي انهن نمازين لاءِ، جيڪي پنهنجي نماز ۾

سَاهُوْنَ ۝٥ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۝٦ وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ۝٧

غافل آهن. اهي ٻيا ڏيکاءُ لاءِ عمل ڪن ٿا. ۽ گهر ۾ استعمال جون شيون هڪ ٻئي کي نه ڏين.

اٰیاتھا ۳ | (۱۰۸) سُوْرَةُ الْكَوْثَرِ مَكِّيَّةٌ (۱۵) | رکوعھا ۱

سورة ڪوثر مکه مکرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۳ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع کريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڇا رو (آهي).

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝١ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ۝٢

رسول ۽ اسان بيشڪ توهان کي تمام گهڻي ٻلائي عطا ڪئي. پوءِ توهان پنهنجي خالق لاءِ نماز پڙهو ۽ قرباني ڪريو.

اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ۝٣

بيشڪ توهان جو مخالف ئي هر ٻلائي کان پري آهي.

سُوْرَةُ الْكٰفِرُوْنَ مَكِّيَّةٌ (۱۰۹) (۱۸) اٰيَاتُهَا ۶ رُكُوْعُهَا ۱

سورة ڪافرون مڪي معڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ۶ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃاروو (آهي).

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۙ﴿۱﴾ لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۙ﴿۲﴾ وَلَآ

رسول ۽ ٻڌي توهان فرمايو! اي ڪافرو! آئون انهن جي عبادت نه ٿو ڪريان جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا. ۽ نه

اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۚ﴿۳﴾ وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۙ﴿۴﴾

توهان عبادت ڪندڙ آهيو جنهن رب جي آئون عبادت ڪريان ٿو. ۽ نه آئون عبادت ڪندڙ آهن جن جي توهان عبادت ڪريو ٿا.

وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۭ﴿۵﴾ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۧ﴿۶﴾

۽ نه توهان عبادت ڪندڙ آهيو جنهن جي آئون عبادت ڪريان ٿو. توهان لاءِ توهان جو دين آهي ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين آهي.

سُوْرَةُ النَّصْرِ مَدَنِيَّةٌ (۱۱۰) (۱۱۴) اٰيَاتُهَا ۳ رُكُوْعُهَا ۱

سورة نصر مدينه منوره ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رڪوع ۽ ۳ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃاروو (آهي).

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ۙ﴿۱﴾ وَرَاَيْتَ

رسول ۽ ٻڌي جنهن وقت توهان وٽ الله جي مدد ۽ فتح پهتي. ۽ توهان ڏسو ٿا ته

النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۙ﴿۲﴾

ماڻهو الله جي دين ۾ فوجون فوجون ٿي داخل ٿين پيا.

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ۭ اِنَّهٗ كَانَ تَوَّابًا ۧ﴿۳﴾

پوءِ توهان پنهنجي رب جي تعريف سان گڏ تسبيح پڙهو ۽ توهان هميشه استغفار پڙهو، بيشڪ اهو توبه قبول ڪندڙ آهي.

ع ۱ ۲ ۳ ۴ ۵ ۶ ۷ ۸ ۹ ۱۰ ۱۱ ۱۲ ۱۳ ۱۴ ۱۵ ۱۶ ۱۷ ۱۸ ۱۹ ۲۰

۴ ع ۱ ۲ ۳ ۴ ۵ ۶ ۷ ۸ ۹ ۱۰ ۱۱ ۱۲ ۱۳ ۱۴ ۱۵ ۱۶ ۱۷ ۱۸ ۱۹ ۲۰

۲۵ ع ۱ ۲ ۳ ۴ ۵ ۶ ۷ ۸ ۹ ۱۰ ۱۱ ۱۲ ۱۳ ۱۴ ۱۵ ۱۶ ۱۷ ۱۸ ۱۹ ۲۰

وقف النبي صلى الله عليه وسلم ۱۲۰

لہ تفسیر النسفی.

اياتها ۵ (۱۱۱) سُوْرَةُ اللَّهَبِ مَكِّيَّةٌ (۶) رکوعها ۱

سورة لهب مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۵ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃاروڙ آهي).

تَبَّتْ يَدَآ اَبِيْ لَهَبٍ وَّتَبَّ ۝۱ مَآ اَغْنٰى عَنْهُ مَالُهٗ وَ

شال تباهه ٿين ٻئي هٿ ابو لهب جا ۽ اهو تباهه ٿي ويو. ان کي سندس مال ۽ سندس

مَا كَسَبَ ۝۲ سَيَصْلٰى نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۝۳ وَّامْرَاَتُهٗ ؕ

ڪمائي ڪم نه آئي. اهو جلد باهه ۾ داخل ٿيندو جيڪا تيز برندڙ هوندي. ۽ ان جي زال ۽

حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۝۴ فِيْ جِيْدِهَا حَبْلٌ مِّنْ مَّسَدٍ ۝۵

کائين جي پري مٿي تي کڻندڙ آهي. ان جي ڳلي ۾ ڪجيءَ جو سخت رسو پوندو.

اياتها ۴ (۱۱۲) سُوْرَةُ الْاِخْلَاصِ مَكِّيَّةٌ (۲۲) رکوعها ۱

سورة اخلاص مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ رکوع ۽ ۴ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو نهايت مهربان ۽ اڃاروڙ آهي).

قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۝۱ اَللّٰهُ الصَّمَدُ ۝۲ لَمْ يَلِدْ ۙ وَلَمْ

رسول ۽ ٻي توهان فرمايو الله تعالىٰ هڪ آهي. الله تعالىٰ بي نياز آهي، نه ان جو ڪو اولاد آهي، ۽ نه

يُوْلَدْ ۝۳ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ كُفُوًا اَحَدٌ ۝۴

اهو ڪنهن مان پيدا ٿيو آهي. ۽ نه ئي ڪو سندس مثال آهي.

اياتها ۵ (۱۱۳) سُوْرَةُ الْفَلَقِ مَكِّيَّةٌ (۲۰) رکوعها ۱

سورة فلق مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهي ۾ هڪ رکوع ۽ ۵ آيتون آهن.

له تفسير مظهري.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع كريان تو جيكو نهايت مهربان ۽ جهارو (آهي).

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَقِ ۙ﴿۱﴾ مِنْ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ﴿۲﴾ وَمِنْ

رسول عربي توهان فرمايو، آئون ان رب كان پناه وٺان تو جيكو صبح كي پيدا كندڙ آهي. آئون اُن شركان پناه وٺان تو جيكو اُن پيدا كيو

شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ﴿۳﴾ وَمِنْ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِى

آهي ۽ ان جندڙ جي شركان جنهن وقت اهو پي نور ٿئي تو ۽ آئون انهن عورتن جي شركان پناه وٺان تو جيكي گنڊين ۾

الْعُقَدِ ۙ﴿۴﴾ وَمِنْ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ﴿۵﴾

ڦوڪون ڏين ٿيون ۽ آئون پناه وٺان تو حسد كندڙ جي اُن شركان جڏهن اهو حسد كري تو.

اٰيَاتُهَا ٦ (۱۱۴) سُوْرَةُ النَّاسِ مَكِّيَّةٌ (۲۱) رُكُوْعُهَا ١

سورت الناس مكه مڪرمه ۾ نازل ٿي آهي، انهيءَ ۾ هڪ ركوع ۽ ۶ آيتون آهن.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

الله تعالىٰ جي نالي سان شروع كريان تو جيكو نهايت مهربان ۽ جهارو (آهي).

قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ ۙ﴿۲﴾ اِلٰهِ

رسول عربي توهان فرمايو، آئون ان رب جي پناه ۾ آهيان جيكو سڀني ماڻهن جو پيدا كندڙ آهي، سڀني ماڻهن جو بادشاه آهي، سڀني

النَّاسِ ۙ﴿۳﴾ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ ۙ الْخَنَّاسِ ۙ﴿۴﴾ الَّذِىْ

ماڻهن جو معبود آهي. ان جي شركان جيكو دل ۾ خاموشيءَ سان وسوسا وجهي تو ۽ اهي جيكي

يُوَسْوِسُ فِىْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ﴿۵﴾ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ ﴿۶﴾

ماڻهن جي سينن ۾ وسوسا وجهن ٿا ۽ كي جنن مان آهن ۽ كي انسانن مان آهن.

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْمُ

بفضله تعالىٰ وكمال كرمه ليلة القدر جي رات يعني ۲۷ رمضان المبارك ۱۴۲۱ھ في بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن مڪمل ٿيو. بقلم عبد الوحيد مجددي
بوقت ۵:۳۰ وڳي رات، از درگاه محمد ديه لنده سائيڊار تعلقه ٽنڊو محمد خان، ضلع حيدرآباد سنڌ. ۱۸ جنوري ۱۹۹۹ع.

الله تعالىٰ ۽ ان جي حبيب ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جي مدد ۽ مهرباني سان ڪتابت پوري ٿي
ڪاتب: محتاج مسڪين فقير فيض محمد سڪندري پٽائي ۲۰ رجب ۱۴۲۲ھ ۽ آڪٽوبر ۲۰۰۱ء، حيدرآباد سنڌ.

له تفسير مظهري.

دُعَاءُ خَتْمِ الْقُرْاٰنِ

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ ۝ وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْمُ ۝ وَنَحْنُ عَلٰى ذٰلِكَ
مِنَ الشّٰهِدِيْنَ ۝ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝ اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا بِكُلِّ حَرْفٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ حَلَاوَةً
وَبِكُلِّ جُزْءٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ جَزَاءً اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا بِالْاَلِفِ اُلْفَةً وَبِالْبَاءِ بَرَكَةً وَبِالتَّآءِ تَوْبَةً وَبِالثَّآءِ ثَوَابًا
وَبِالْجِيْمِ جَمَالًا وَبِالْحَآءِ حِكْمَةً وَبِالْخَآءِ خَيْرًا وَبِالدَّالِ دَلِيْلًا وَبِالذَّالِ ذَكَآءً وَبِالرَّآءِ رَحْمَةً وَبِالزَّاءِ
زَكٰوةً وَبِالسِّيْنِ سَعَادَةً وَبِالشِّيْنِ شِفَآءً وَبِالصَّادِ صِدْقًا وَبِالضَّادِ ضِيَآءً وَبِالطَّآءِ طَرَاوَةً وَبِالظَّآءِ
ظَفَرًا وَبِالْعَيْنِ عِلْمًا وَبِالْغَيْنِ غِنًى وَبِالْفَآءِ فَلَاحًا وَبِالْقَافِ قُرْبَةً وَبِالْكَافِ كَرَامَةً وَبِاللَّامِ
لُطْفًا وَبِالْمِيْمِ مَوْعِظَةً وَبِالنُّوْنِ نُوْرًا وَبِالْوَاوِ وُصْلَةً وَبِالْهَآءِ هِدَايَةً وَبِالْيَآءِ يَقِيْنًا ۝ اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا
بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ ۝ وَارْفَعْنَا بِالْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ۝ وَتَقَبَّلْ مِنَّا قِرَآءَتَنَا وَتَجَاوَزْ عَنَّا مَا كَانَ فِيْ
تِلَاوَةِ الْقُرْاٰنِ مِنْ خَطَاٍ اَوْ نِسْيَانٍ اَوْ تَحْرِيْفِ كَلِمَةٍ عَنْ مَّوَاضِعِهَآ اَوْ تَقْدِيْمٍ اَوْ تَاْخِيْرٍ اَوْ زِيَادَةٍ اَوْ
نُقْصَانٍ اَوْ تَاْوِيْلٍ عَلٰى غَيْرِ مَآ اَنْزَلْتَهٗ عَلَيْهِ اَوْ رَيْبٍ اَوْ شَكٍّ اَوْ سَهْوٍ اَوْ سُوْٓءِ الْحَانٍ اَوْ تَعْجِيْلٍ عِنْدَ
تِلَاوَةِ الْقُرْاٰنِ اَوْ كَسَلٍ اَوْ سُرْعَةٍ اَوْ زَيْغِ لِسَانٍ اَوْ وَقْفٍ بِغَيْرِ وُقُوْفٍ اَوْ اِدْغَامٍ بِغَيْرِ مُدْغَمٍ اَوْ اِظْهَارٍ
بِغَيْرِ بَيَانٍ اَوْ مَدٍّ اَوْ تَشْدِيْدٍ اَوْ هَمْزَةٍ اَوْ جَزْمٍ اَوْ اِعْرَابٍ بِغَيْرِ مَا كَتَبْتَهٗ اَوْ قِلَّةِ رَغْبَةٍ وَّرَهْبَةٍ عِنْدَ
اٰيٰتِ الرَّحْمَةِ وَاٰيٰتِ الْعَذَابِ فَاغْفِرْ لَنَا رَبَّنَا وَاكْتُبْنَا مَعَ الشّٰهِدِيْنَ ۝ اَللّٰهُمَّ نَوِّرْ قُلُوْبَنَا بِالْقُرْاٰنِ
وَزَيِّنْ اَخْلَاقَنَا بِالْقُرْاٰنِ وَنَجِّنَا مِنَ النَّارِ بِالْقُرْاٰنِ وَاَدْخِلْنَا فِي الْجَنَّةِ بِالْقُرْاٰنِ اَللّٰهُمَّ اجْعَلِ الْقُرْاٰنَ
لَنَا فِي الدُّنْيَا قَرِيْنًا وَّفِي الْقَبْرِ مُوْنِسًا وَّعَلَى الصِّرَاطِ نُوْرًا وَّفِي الْجَنَّةِ رَفِيْقًا وَّمِنَ النَّارِ سِتْرًا وَّحِجَابًا وَّ
اِلَى الْخَيْرٰتِ كُلِّهَا دَلِيْلًا فَاكْتُبْنَا عَلَى التَّمَامِ وَارْزُقْنَآ اَدَآءً بِالْقَلْبِ وَاللِّسَانِ وَحُبَّ الْخَيْرِ
وَالسَّعَادَةَ وَالْبِشَارَةَ مِنَ الْاِيْمَانِ ۝ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحٰبِهٖ
وَاَتْبَاعِهٖ اَجْمَعِيْنَ ۝ اٰمِيْنَ ۝ وَسَلَّمَ تَسْلِيْمًا كَثِيْرًا اَبَدًا ۝

سرٹیفکیٹ

میں نے یہ پورا قرآن تیس پارے شروع سے لیکر آخر تک حرف بحرف چیک کیا ہے۔

تصدیق کی جاتی ہے کہ اس پورے قرآن مجید کے متن اور اعرابات وغیرہ میں کوئی غلطی نہیں ہے۔

مولوی محمد اللہ وسایا



اِنتساب

آئون پنهنجي هن ترجمي شريف مُسمّيٰ به

بيان الرحمٰن في ترجمة القرآن

کي پنهنجي والد بزرگوار اعلیحضرت فيض درجت پير آغا عبد الحميد جان سرهندي فاروقي سجاده نشين درگاهِ مُجدّديه تنبده سائين داد ۽ گرامي قدر پنهنجي والده ماجده مد ظلهما جن جي نالن مُبارکن ڏانهن مَنسُوبُ کريان ٿو. والدين کريمين جي دُعائن ۽ شفقتن سان اج اَلحَمدُ للهِ قرآن کريم جو ترجمون اوّل کان آخر تائين لکي پورو کيو اٿم، جيکو هن وقت ۳۰، پارن جي هڪ جلد ۾ توهان جي هٿن ۾ موجود آهي.

گر قبول اُفتد زهے عزّ و شرف

فقير عَبدُ الوحيد عفي عنهُ

۲۷، رمضان المبارک ۱۴۱۹ھ / 15، جنوري 1999ء
از درگاهه مجددیه تنبد وسائينداد، ضلع حيدرآباد

اظهار تشکر

آئون خلوصِ دل سان محترم جناب
الحاج قاضي عبدالقدُوس راجڙ صاحب جو ٿورائتو آهيان
جن پوري کوشش کري بَيَانُ الرَّحْمٰن فِيْ تَرْجَمَةِ الْقُرْآن
کي شائع کرايو آهي. ان ساڻ گڏ بين سيني معاونن جي پڻ مهرباني.
اسين سيني لاءِ دعاگو آهيون. شال ربّ العالمين
پنهنجي حبيب کريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي
طُفيلي سيني کي خوش آباد سلامت رکي ۽ اجرِ عظيم سان
نوازي، آمين.

فَاِنَّهٗ عَلٰى ذَالِكَ قَدِيْرٌ.

راقمُ الحروف:
فقير عبدالوحيد عفي عنه
انچارج: درگاهه مجدّديه، تنڊو سائينداد

مترجم جي طرفان
مختصر وضاحت

بفضله تعالىٰ تاريخ ۲۷ رمضان المبارک ۱۴۱۹ھ/ ۱۵ جنوري ۱۹۹۹ء تي

بَيَانُ الرَّحْمٰنِ فِي تَرْجَمَةِ الْقُرْآنِ

جو مڪمل ترجمون ۳۰ پاره لکي پورو ڪيو ويو آهي. فَالْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى ذَالِكَ.
هن ترجمي ۾ الله تعالىٰ جَلَّ جَلَالُهٗ ۽ پاڻ ڪريمن صلى الله عليه وآله وسلم
جي نالن مبارڪن جو تفسيري ترجمون تحقيقات سان شامل ڪيو ويو آهي.

محترم قارئين حضرات توهان جي اڳيان

بَيَانُ الرَّحْمٰنِ فِي تَرْجَمَةِ الْقُرْآنِ

جون ڪجهه خصوصيتون پيش ڪجن ٿيون:-

① قرآن ڪريم جو سنڌي ۾ تفسيري ترجمون بيان ڪيو ويو آهي.

② قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ الله تعالىٰ جو تقدس برقرار رکيو ويو آهي.

③ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ حبيب ڪريم صلى الله عليه وآله وسلم جو شان نمايان رکيو ويو آهي.

④ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ صحابه ڪرام ۽ اهل بيت جي عظمت ظاهر ظاهر ڪئي وئي آهي.

⑤ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ اولياء الله جي تعظيم بيان ڪئي وئي آهي.

⑥ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ قديم مفسرين کان حوالا ورتا ويا آهن.

⑦ قرآن ڪريم جي ترجمي ۾ عربي گرامر ۽ بنيادي قاعدن تي عمل ڪيو ويو آهي.

⑧ قرآن کريم جي ترجمي ۾ مؤدبانہ الفاظ استعمال کيا ويا آهن.
⑨ قرآن کريم جي ترجمي ۾ هڪ عربي لفظ جي سنڌي ۾ معنيٰ بيان ڪئي وئي آهي.
⑩ قرآن کريم جي ترجمي ۾ خاص جاين تي مُستند تفسيرن جا حوالا ڏنا ويا آهن.

علاوه ازين اسان پنهنجي سمجهه ۽ علم مطابق پوري پوري ڪوشش ڪري نهايت صحيح سنڌي ۾ بامحاوره تفسيري ترجمون پيش ڪريون ٿا اميد ته اسان جي اها ڪوشش بارگاهِ ربُّ العٰلمين ۾ رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ جي طُفيلي قبول پوندي. وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللهِ بِعَزِيْزٍ ○

بَيَانُ الرَّحْمٰنِ فِيْ تَرْجَمَةِ الْقُرْآنِ ۾ هيٺين مُستند تفسيرن مان حوالا ورتا ويا آهن:

① تَفْسِيرِ كَبِيْرُ عربي
② تَفْسِيرِ بَيْضَاوِي عربي
③ تَفْسِيرِ مَظْهَرِيْ عربي
④ تَفْسِيرِ جَلَالَيْنِ عربي
⑤ تَفْسِيرِ نَسَفِيْ عربي
⑥ تَفْسِيرِ كَمَالَيْنِ عربي
⑦ تَفْسِيرِ مِقْبَاسُ عربي
⑧ تَفْسِيرِ اِتْقَان عربي
⑨ تَفْسِيرِ مُفْرَدَاتِ عربي
⑩ تَفْسِيرِ لُغَاتُ الْقُرْآنِ عربي
⑪ تَفْسِيرِ جَامِعُ الْبَيَان عربي
⑫ تَفْسِيرِ رُوْحُ الْبَيَان عربي
⑬ تَفْسِيرِ رُوْحُ الْمَعَانِيْ عربي

مِن جانب مُترجم:

عبدهٗ عبدالوحيد سرهندي عفي عنه
انڊرگاهه مُجدّديه، ٽنڊو سائينداد
تاريخ: ٢٧ رمضان المبارڪ ١٤١٩ هـ

عظيم الشان ترجمي

بيان الرحمان في ترجمة القرآن

جي باري ۾ وضاحت

از: سيد قمرالزمان شاهه. حيدرآباد. سنڌ

هن عظيم، منفرد ۽ خوبين سان ڀرپور ترجمي جي عظيم مترجم جيڪا هن دور ۾ لاثاني شيءِ هن قرآن ڪريم جي ترجمي جي صورت ۾ اسان مسلمانن کي نصيحت، برڪت ۽ روحاني قوت حاصل ڪرڻ لاءِ عطا ڪئي آهي. اها ڪا معمولي يا بازاري ۽ ڪاروباري شيءِ نه آهي. بلڪ جيڪي هن کي ٻين عام ترجمن کان منفرد بنائي اعليٰ مقام ڏين ٿيون، تن خوبين جو آءٌ هت چند لفظن ۾ ذڪر ڪرڻ پاڻ تي فرض سمجهان ٿو.

1- هن ۾ سولي سهاڄي سنڌي ٻوليءِ جو استعمال نهايت نرالي ۽ منفرد انداز ۾ ڪيو ويو آهي. ٻوليءِ جي روائي ۽ لفظن جو ورجاءُ اهڙي نموني سان ڪيو ويو آهي، جو پڙهندڙ جي زبان ۽ دل و دماغ ڪٽي به منجهي نه پوي، بلڪ بغير هڪ ۽ رندڪ جي مفهوم کي واضح طرح سمجهندو، پڙهندو مزو ۽ لطف ولندو وڃي.

ان کان علاوه ترجمي ۾ عربي لفظن جي ترجمي جو محل ۽ موقعي جي لحاظ سان تمام گهڻو خيال رکيو ويو آهي، جيئن ته ڪو لفظ اگر ڪفار لاءِ استعمال ٿيل آهي ته اتي ان جي معنيٰ "بيوقوف" ڪٽي وڻي آهي، پر جيڪڏهن ساڳيو لفظ اگر صحابه ڪرام لاءِ استعمال ٿيو آهي، ته اتي ان جي معنيٰ اها (بيوقوف) نه ڪٽي وڻي آهي، پر اتي ان جي معنيٰ صحابه ڪرام جي شان مطابق "بي سمجهه يا اڻ ڄاڻ" ڪٽي وڻي آهي، بيوقوف نه.

قرآن شريف ۾ جتي به حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم، انبياء ڪرام، اصحابه ۽ اولياء عظام جو ذڪر آيو آهي، اتي عام مترجمن سنڌن ادب ۽ احترام جو خاص خيال ناهي رکيو، پر سائين جن اتي ادب ۽ احترام کي نظر ۾ رکندي عمده نموني سان سنڌن شان ۾ نهايت شائسته ۽ پيارا لفظ استعمال ڪري هن ترجمي جي اهميت کي منفرد حيثيت ڏني آهي ۽ سنڌي ٻوليءِ جي ادبي اسلوب جو پورو پورو حق ادا ڪيو آهي.

وڏي ڳالهه ته ايان هيءَ آهي جو اسان سائين جن کي هڪ اهڙو ڪتابت ٿيل قرآن ڪريم جو عربي متن ڏنو هو، جنهن جي هر ست هيٺان ترجمي جي محدود جاءِ ڇڏيل هئي ۽ سائين جن کي ان سڄي ست جو خوبصورت ترجمو ۽ تفسير مڪمل سمجهائي، سان انهيءَ محدود جاءِ ۾ ئي پورو

کرڻو هو، سمورو قرآن شاهد آهي تہ ڪٽي بہ سائين جن هڪ آيت ۽ ست جو ترجمو هروپرو ٻي ست ٽائين نہ پهچايو آهي، بلڪ تمام سهڻي انداز ۽ خوبصورتيءَ سان اتي ٿي ان کي پورو ڪيو. گڏوگڏ اسان جي ڪاتب فقير بہ انهيءَ نقاست کي خوب نباڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جيڪڏهن ڪنهن کي قرآن پاڪ جي سمجهڻ جي خواهش هجي تہ ان کي ڪپي تہ هڪ پيرو فقط سنڌي ترجمو ئي پڙهي سمورو قرآن پورو ڪري تہ ان کي مطلب سمجهڻ ۾ ڪافي ڪجهہ مدد ملندي ۽ پڙهندي ڪٽي يہ ڪا ڏکيائي يا هيڪ محسوس نہ ٿيندي. اها هن ترجمي جي خصوصيت آهي.

2- هن ترجمي جي هيءَ بہ هڪ انفرادي خصوصيت آهي، جو مترجم صاحب هن ترجمي کي وقت اهڙن قديم ۽ عظيم عربيءَ جي تيرهن تفسيرن کان مدد ورتي آهي ۽ هر صفحي تي انهن جي مطابق ترجمو ڪري حوالا ڏنا آهن، جن جي قدامت، اهميت ۽ خصوصيت کان اڄ جو ڪوبہ مذهبي فرقو انڪاري ناهي. بلڪ موجوده دور جي هر مڪتبہ فڪر جي تعليم و تدريس ۽ ريسرچ جو دارومدار سيني شعبن ۾ انهن تيرهن ئي تفسيرن تي آهي، جن جي اهميت هڪ ٻئي کان وڌيڪ آهي. انهن تفسيرن جي لسٹ ۾ هن ترجمي جي شروع ۾ ڏنل آهي. يعني 1- تفسير ڪبير، 2- تفسير بيضاوي، 3- تفسير مظهري، 4- تفسير جلالين، 5- تفسير نسفي، 6- تفسير ڪمالين، 7- تفسير مقباس، 8- تفسير اتقان، 9- تفسير مفردات، 10- تفسير لغات القرآن، 11- جامع البيان، 12- تفسير روح البيان، 13- روح المعاني. (سپ عربي).

ان ڪري هن ترجمي جي هڪ اها بہ خوبي آهي جو اهو انهيءَ ميجيل تيرهن قديم تفسيرن جو نچوڙ آهي. باقي سائين جن موجوده دور جي فرقہ واريت جي بوءِ سان آلوده ۽ ادب ۽ زبان جي شائستگيءَ کان خالي ڪنهن بہ سنڌي، اردو، يا انگريزي ترجمي کان ڪابہ مدد نہ ورتي آهي. گويا هي ترجمو سائين جن هڪ ريسرچ اسڪالر جي حيثيت ۾ ڪري پاڻ ملهايو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ وارن کين آڇ ڏني تہ انهيءَ ترجمي تي پي. ايڇ. ڊيءَ جي ڊگري ڏني وڃي، مگر پاڻ اهو چئي انڪار ڪيائون. مون کي هتي دنيا جي پي. ايڇ. ڊي نہ ڪپي چوتہ سائين جن اڳ ۾ سنڌ يونيورسٽي مان بہ ايم. اي. فرسٹ ڪلاس ۾ ڪيون آهن.

3- بزرگن جو فرمان آهي تہ قرآن ڪريم جي هر آيت ۾ هڪ ڳجهو لفظ رکيل هوندو آهي، جنهن جي حقيقي معنيٰ الله جل جلاله ۽ حضور حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي خاص نگاهہ ڪرم کان سواءِ ڪنهن تي ظاهر نہ ٿي ٿئي. اسان هت يقين سان چئون ٿا تہ هن مترجم سائينءَ تي اهو ڪرم حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي خاص دعا مدد ۽ تائيد سان الله تعالي ڪيو آهي جو پاڻ اهڙن ڳجهن لفظن جي خاص معنائن کي واضح ڪيو اٿن، ۽ ايئن چوڻ هجي جو پاڻ وڏي پائي جي بزرگن جو اولاد آهن، سندن سلسلہ، نسب حضرت مجدد الف ثاني سان ڳنڍيل آهي، حضرت آغا حسن جان ۽ آغا عبدالله جان سندن جد امجد آهن، ۽ پاڻ بذات خود هڪ ڪامل شخصيت هجڻ سان گڏ مستاز عالم دين آهن.

هي انڪشاف ۽ ڪرم پڻ سائين جن تي خصوصاً حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي طرفان ٿيو آهي، جو پاڻ جتي تشبيهات وارن لفظن جي معنيٰ ڪئي اٿن. اها ان ڪرم جو مظهر ثابت ٿي آهي. مثال طور: يا ايها المزمل- يا ايها المدثر: جنهن جي عام مترجمن "اي چادر اوڍڻ وارا" وغيره ڪئي آهي تہ اتي سائين جن ترجمو ڪيو آهي تہ: "اي نبوت جي چادر اوڍڻ وارا نبي"! اهڙي، طرح الله تعالىٰ قرآن ڪريم ۾ نبي پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جي نسبت سان ڪنهن شيءِ جو قسم ڪنيو آهي تہ اتي عام مترجمن ان جي اصل حقيقت کي نہ سمجهيو آهي. جهڙوڪ: والنجم اذا هوىٰ، جنهن جي معنيٰ عام مترجمن ستارو ڪئي آهي. مگر سائين جن ان جي معنيٰ "فائونڈيشن/ بنياد/ اصل" ڪئي آهي يعني پاڻ ڪريم معراج تي پنهنجي بنيادي ۽ حقي صورت ۾ نهايت تيز ويا ۽ تيز ترين موٽيا.

قاب قوسين او ادنيٰ، جي معنيٰ ڪيترائي مترجم اصل ۽ حقيقي نہ ڪري سگهيا آهن. جو ان آيت ۾ اصل لفظ "او ادنيٰ" وڏي رمز وارو آهي. جنهن کي سائين جن واضح ڪندي مفهوم سمجهايو آهي تہ پاڻ جسماني طرح معراج تي ويا، سدرة المنتهيٰ کان اڳتي فقط الله جل جلاله جو نور ئي نور هو، جتي حضرت جبرئيل امين بيهي ويو ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا جيڪڏهن اڳتي هڪ وار برابر به چريس تہ سڙي ويندس. چوتہ جبرئيل امين جو وولٹيج پاور ايترو هو. مگر حضور نبي ڪريم انهي، جلوي سان اڳتي ويا ۽ ويندا رهيا، چوتہ حضور پاڪ جو نور الله جل جلاله جي نور منجهان هو. ان ڪري ان کي ڪابہ رڪاوٽ نہ ٿي ۽ ان الله جي نور ۾ ويا ترندا، جنهن جي ڪا حد نہ هئي. اهڙي قسم جي معنيٰ ڪرم ڪان سواءِ نہ ٿيندي آهي. اهڙا ٻيا به ڪيترائي هنڌ آهن، جتي سائين جن اهڙي معنيٰ واضح ڪئي آهي، جيڪا اجوڪي ذهينن ۽ عقل جي اڪابرن جي امڪان ۾ نہ آهي.

پهرين پنجن پارن جي ترجمي جي اشاعت تي، پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن خوش ٿيا ۽ ان سان گڏ سندن جد امجد بزرگن به خوشي ڪئي. جو اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي شاهديون مليون آهن. جن اهڙي خوشي، جي اظهار جو مشاهدو ڪيو، اهي الله تعالىٰ جا ٻانها اڄ به موجود زنده سلامت آهن.

پهرين پنجن پارن جي اشاعت بعد سندن والد بزرگوار حضرت خواجہ عبدالحميد جان هڪ لڳان ڪجهہ فڪرمند ٿيا تہ هن نوجوان عالم نندي عمر ۾ هڪ اهڙي عظيم ڪتاب ڪلام پاڪ جو ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو آهي، جنهن جي تہ تائين پهچڻ لاءِ ۽ حقيقت سمجهڻ لاءِ وڏن وڏن عالمن، اسڪالرن زندگيون ڳاري ڇڏي ڪيون، پر اصل حقيقت تائين ڪماحقه نہ پهچي سگهيا، اتي هن نوجوان جي ڪيل ترجمي تي متان ڪٿي ڪو موجوده دور جو عالم اعتراض نہ ڪري وڃي. سائين جن رڳو اهو خيال ئي ڪيو تہ رات جو ڪين حضرت خواجہ عبدالله جان رحمة الله عليه (حضرت شاهہ آغا) خواب ۾ آيا ۽ فرمايائون تہ اي عبدالحميد! ڪوبہ فڪر نہ ڪر، مون هي ترجمو اڪر اڪر ڪري پڙهيو آهي، سو ڪنهن کي به هن تي اعتراض ڪرڻ جي ڪا طاقت ڪانهي.

ان کان سواءِ هن ڳالهه جو پڻ هن ترجمي ۾ خاص ڌيان رکيو ويو آهي ته الله تعالىٰ جي حڪمن جي انحرافي ۽ انڪار جي صورت ۾ ڏاڍن ڏهمانن ۽ فرمانبرداري، جي صورت ۾ وعدن ۽ انعامن بابت جن مترجمن وڏي طمطراق سان ترجما ڪري مائڻن کي منجهايو آهي ته جيڪو عبادت نه ڪندو سو دوزخ ۾ ويندو ۽ جيڪو عبادت ڪندو اهو جنت ۾ ويندو. ته اهڙي فيڪٽر ۽ فڪر کي پڻ اهڙي انداز سان نپايو ويو آهي جو مائڻ هي ترجمو پڙهي خدا جي عبادت جنت جي شوق يا دوزخ جي خوف کان نه ڪن، بلڪ الله تعالىٰ ۽ ان جي حبيب پاڪ جي رضا جوئي ۽ سندن محبت جي حصول لاءِ ڪن.

جيئن هڪ پيري حضرت رابعه بصري رحمة الله عليها بصري شهر جي ڪنهن رستي تان گذري رهي هئي ۽ سندن هڪ هٿ ۾ پاڻي، جو ڪٹورو هو ۽ ٻئي هٿ ۾ ٻرندڙ ڪاڻ. ان حال ۾ حضرت حسن بصري رحمة الله عليه کين ڏسي فرمايو ته اي بي بي صاحبه! ڇا ماجرا آهي، جو اڄ اوهان جي هڪ هٿ ۾ پاڻي ۽ ٻئي ۾ باهه آهي؟

بي بي صاحبه فرمايو ته دل ٽي چوي ته هن باهه سان جنت کي ساڙي ڇڏيان، جنهن ۾ داخل ٿيڻ جي تمنا ۾ مائڻ عبادت ڪن ٿا، ۽ دل ٽي ڪهي ته هن پاڻي، جي ڪٹوري سان دوزخ جي باهه کي وسائي ڇڏيان، جو مائڻ فقط ان جي خوف کان عبادت ڪن ٿا. ڇا! اسان الله ڪريم رحيم جي عبادت ۽ فرمانبرداري ان جي محبت ۽ عشق ۾ نه ٿا ڪري سگهون، جنهن اسان کي بيشمار نعمتن ۽ عطائن سان نوازيو آهي. ڇا ! الله تبارڪ و تعالىٰ جا اسان تي اهي احسان ڳڻڻ آهن جو اسان کي اشرف المخلوق انسان ڪري پيدا ڪيائين ۽ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جو اُمتي ڪيائين ۽ آفاقي دستور العمل قرآن ڪريم اسان کي عطا ڪيائين ته پوءِ اسان کي ان جي حڪمن جي پيروي ۽ عبادت سندس شڪرگذاري ۽ سندس رضا لاءِ ڪرڻ ڪهڙي نه جنت جي حصول ۽ دوزخ جي خوف کان، جڏهن کان جنت ۽ دوزخ جو خيال ذهنن ۾ فٽ ڪيو ويو آهي، تڏهن کان احڪامات جي پيروي، ۾ لالچ ۽ خوف جو عنصر عشق ۽ محبت تي حاوي ٿيو آهي ۽ عبادت ۽ رياضت جو معيار بدلجي ويو آهي ۽ عبادت ۽ پيروي جا پٹمانا رڳو جنت ۽ دوزخ وڃي رهيا آهن، ۽ خلق خدا هڪ وڏي مونجهاري ۾ پنجي اصل مقصد وڃائي ويٹي آهي. مگر هن ترجمي ۾ اهڙي نظريي ۽ خيال کي پڻ سهٹي انداز سان سلجهايو ۽ سمجهايو ويو آهي، جيئن مائڻ هي ترجمو پڙهي عشق الاهي، ۾ سرشار ٿي. الله تعالىٰ جي رضا ۽ محبوبن جي محبت حاصل خاطر عبادت ڪن.

اهڙي، طرح هي ترجمون موجوده دور جو هڪ عظيم الشان ۽ منفرد ۽ نرالو ترجمو آهي، جيڪو هڪ عظيم ڪرم جو نتيجو آهي. اسان کي يقين آهي ته جيڪو به مسلمان ياءِ هن ترجمي کي محبت سان پڙهي هيئين سان هنڌائيندو ته انشاءِ الله تعالىٰ ان تي الله تعالىٰ جي ڪرم ۽ رحمت جي انوارات جي برسات وسندي ۽ اهو يقيناً فيض وارو ٿيندو. وما توفيقي الا بالله.

مترجم جو تعارف

حمد و ثنا جگائي ان مالکِ ڪائنات کي، جنهن جي "ڪُنْ" فرمائڻ سان هر شئي وجود ۾ آئي. بعد صلواتون ۽ سلام اُن نورِ مجسم جي ذاتِ اطهر تي، جيڪي رحمة للعالمين (صلى الله عليه وآله وسلم) جوڪ ڪربنجي جهان تي وَسيا.

جاڻڻ گهرجي ته قرآنِ پاڪ هڪ اهڙو الهامي ۽ لافاني ڪتابِ الاهي آهي جنهن جي وسعت ۽ حڪومت قيامت تائين مؤمنن جي وجود ۾ هر وقت هر دور ۾ نئين ۽ تر و تازه رهندي. جنهن جي هر آيت و ڏن و ڏن ظاهري ۽ باطني راز ن سان پريل، جنهن جو هر مضمون وقت ۽ موقعي جي مناسبت سان انساني فطرت جي عين مطابق مسائل جو حل فراهم ڪندڙ ۽ جنهن جو هر نڪتو بي انت گهجهن الاهي راز ن سان پر پور آهي. قرآن پاڪ جي اصل معنىٰ ۽ مفهوم ۽ مطلب کي سمجهڻ لاءِ هن وقت تائين لاتعداد عالمن بي حساب مختلف ٻولين ۾ ترجما ڪيا، هزارين مفسرن تفسير لکيا، ايستائين جو دنيا جي ٻئي ڪنهن ڪتاب تي ايڏي وڏي پُماني تي تحقيقي تشريحي ڪم نه ٿيو آهي جيترو هن ڪتابِ الاهي (قرآن پاڪ) تي ٿيو آهي ۽ چوڻ ٿئي جو هي ڪلامِ الاهي آهي. مگر قرآنِ پاڪ جي مضمون جي اصلي حقيقت تائين پهچي ڪو به عالم، فاضل، مفسر، محقق ۽ مفڪر وغيره ان جي ڪُلي حقيقت تان پردو هٽائي نه سگهيو آهي. بنا مبالغي جي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي علمي وسعت ۽ قلبي بصيرت آهر هن بحرِ عميق مان موتين گولڻ جي پر پور ڪوشش ڪئي آهي.

بيشڪ انهن جون بي بهاڪاوشون مسلمانن لاءِ قيامت تائين مشعلِ راهه ۽ رُشد و هدايت جو لازوال سرمايو آهن. مرحوم و مغفور فقير خير محمد نگر مديني شريف وارا فرمائيندا هئا ته قرآن پاڪ جي هر آيت ۾ هڪڙو خاص گجهو اکر (راز) رکيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ الله جلّ جلاله جي طرفان ڪرم ٿيڻ سان صرف سندس ئي پياري بانهي تي عيان ٿئي ٿي. جنهن ڪري اڪثر قرآن شريف جي ترجمن ۽ تفسيرن ۾ اهڙن خاص رازن ۽ رمزن جو خيال نه رکيو ويو آهي. جن بزرگن تي امڙا راز ظاهر ٿيا، تن وري انهن کي تحرير ۾ نه آندو ۽ نه اهي شايع ٿيا. بلڪ راز - راز ئي رهيا.

حضرت غوث پاڪ رحمة الله تعالىٰ عليه جڏهن قرآن شريف جو تفسير بيان فرمائيندا هئا ته هڪ هڪ آيت جون ڇهه ڇهه، ست ست ۽ ڪڏهن ڪڏهن يارنهن يارنهن معنائون بڌائيندا هئا. خود عربي زبان ايڏي وسيع آهي جو هڪ اکر جون ڪيترائي معنائون نڪرن ٿيون.

هن قرآن جي مترجم سائين عبدالوحيد جان جو چوڻ آهي ته قرآن جي معنيٰ ۽ تفسير اهو ئي، جنهن تي الله تعالىٰ جو ڪرم هجي ۽ حضور نبي ڪريم صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جن جي نظرِ رحمت هجي ۽ پوءِ ان کي عربي زبان تي مڪمل عبور حاصل هجي ۽ ان کي مدد صرف پُراڻن عربي مستند تفسيرن کان وٺڻ گهرجي، جيڪي حضور صلى الله عليه وآله وسلم جن جي زماني مبارڪ کي قريب آهن، جهڙوڪ: تفسير جلالين، تفسير بيضاوي، تفسير ڪبير، تفسير مظهري، تفسير روح البيان ۽ تفسير روح المعاني وغيره.

هين هولين سان گڏهن سُهڻي، سلوڻي ۽ سَوَلي زبان سنڌي ۾ به قرآن مجيد جا ترجما ۽ تفسير قديم زماني کان وقت ۽ ضرورت جي لحاظ سان سنڌي عالم

کندا آیا آهن. جیکڈهن گاڻائو کبوتہ سوین اهڙا نسخا ملندا، جن متان وڌي عرق ریزي ۽ بي انتها محنت سان کمر کیو ویو آهي ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي هر ترجمون ۽ تفسیر پنهنجو مثال پاڻ آهي ۽ هي گالهه هت لکندي به هي عاجز فخر محسوس ٿو کري تہ قرآن پاک جو بهریون ترجمون سنڌي ٻولي ۾ هڪ سنڌي عالمِ دین کیو هو. مگر منهنجي ناقص ڄاڻ مطابق، جیکو ترجمون قرآن پاک جي شایانِ شان چئجي، سو اڄ تائین اردو زبان ۾ اعلیٰ حضرت مولانا احمد رضا خان بریلوي رحمة الله تعالیٰ علیہ کان سواءِ ٻیئي کنهن نہ کیو آهي. تنهن کي به سنڌي ۾ ترجمون کري شایع کیو ویو آهي. اسان اها دعویٰ تہ نٿا کریون تہ زیرِ نظر ترجمون کو حرفِ آخر ۽ مکمل الاهي راز ن تان پردو هٽایل آهي. مگر هن ترجمي جي پڙهڻ کان پوءِ قارئین کرام کي ضرور معلوم ٿیندو تہ هن نوعمري ۾ حضرت پیر عبد الوحید جان سرهندي جن هن ترجمي ۾ پنهنجي علمي لیاقت ۽ وسعت ءِ قلبي بصیرت جو چا اظهار کیو آهي. عام کتابن کي ڇڏي خاص طور تي قرآن پاک جو ترجمون لکڻ هر کنهن جي وس جي گالهه کانهي، جو جیکو چاهي نالي وڌائڻ ۽ شهرت حاصل کرڻ خاطر، بي ڏڪ ادب واحترام ۽ باریک نکتن جي تقاضائن کي پس پُشت ڇڏي ترجمون کري پنهنجو نالو عالمن جي صف ۾ شامل کرائي. جي چند چاڻ کبي تہ کي اهڙا به ترجما ملندا، جیکي مٿین نوعیت جا آهن. اهو قرآن پاک سان کو انصاف نہ آهي. قرآن پاک اهو کتاب آهي، جنهن تي لکڻ لاءِ قلم کڻڻ کان اڳ علم و عرفان کان علاوه خدا شناسي ۽ محبوبن کریمن صلی الله علیه وآله وسلم جي عشق سان لبریز هئڻ ۽ سندن نظرِ کرم ۽ گجهي مدد ۽ ربط جي ضرورت آهي ۽ جنهن کي قرآن پاک جي زبان ۽ ترجمي واري ٻولي ۾ هنهي تي مکمل

عبور حاصل هجي. جنهن کي علم ۽ ادب جي هيئت ۽ ڪلام جي مزاج جي سڀني پهلوئن جي پوري پوري ڄاڻ حاصل هجي. جيئن قرآن پاڪ جي اصل روح کي نمايان ۽ اجاگر ڪري سگهجي. مترجم، ان قدس ۾ پنهنجي ذميواري کي خوب کان خوب تر انداز سان نباهيو آهي ۽ جنهن خوبصورت انداز سان، تسلسل، ڪلام جي روانی، سليس ۽ عام فهم سادي سَوَلي ۽ منڌي سنڌي ٻولي ۾ ڪلام پاڪ جو منفرد ۽ مدلل ترجمون لکيو آهي، سو کنهن ڪرامت کان گهٽ نه آهي. الله جل جلا لُهٗ جي رحمتن جي مٿن برسات رحمة للعالمين صلی الله عليه وآله وسلم جن جي مٿن نظرِ عنايت ۽ پنهنجي بزرگانِ سلف جي روحاني فيض جي درياءِ منجهان بي پايان فيض جي مٿن پالوٽ جو هو ڪمال آهي، جهن جي مدد سان سائين جن کي اها عظيم تر سعادت حاصل ٿي رهي آهي.

سڀاڄي سنڌ، جنهن کي مدينو جو ميئر صلی الله تعالیٰ عليه وآله وسلم جي خاص الخاص مهربانين سان "بَابُ الْاِسْلَام" جو نرالو شرف حاصل آهي، شروع کان ئي اوليائن، عاشقن الله وارن، بزرگن، صوفين، عالمن، درويشن، مجذوبن ۽ فقيرن جي سرزمين رهي آهي. جنهن شاهه لطيف جهڙا لعل، شهباز جهڙا قلندر، مخدوم بلاول جهڙا ڪامل حضرت روضي ڌڻي جهڙا رهبر پيدا ڪيا تہ ٻئي طرف مخدوم عبدالواحد سيوهاڻي نعمان ثاني جهڙا فقيه، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جهڙا فاضل، مولٰنا بهاءالدين بهائي ثاني سعدي جهڙا مصنف ۽ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي جهڙا ڪيترائي مجاهد عالم پيدا ڪيا.

انهن اوليائن، بزرگن ۽ عالمن جي صف ۾ هڪ روشن ۽ فيض رسان درگاهه — درگاهِ عاليه سرهندیه مجددیه فاروقیه به پونئين هڪ صدي کان ٽنڊو سائينداد، ضلع حيدرآباد سنڌ ۾ روحاني فيض ۽ علم و عرفان جو مرڪز بڻيل آهي.

مان هت هي ڳالهه لکندي فخر محسوس ٿو ڪريان تہ اسان جي خاندان جو روحاني ربط ۽ عقيدت مندي جو سلسلو هن درگاهه سان شروع کان ئي آهي. اسان جي خاندان جي هڪ عظيم بزرگ شخصيت سيّد ميران محمّد شاهه اوّل ٽڪرائي رحمة الله عليه جڏهن منيارين ۾ ميان سيّد حاجي شاهه صاحب جي مزار شريف تي زيارت لاءِ وياتہ زيارت کان پوءِ کين پهريون پيرو روحاني طاقت سان سراج الاولياء حضرت خواجه عبدالرحمان جان سرهندي مجددي جي زيارت ڪرائي ويئي ۽ کين حڪم ڪيو ويوتہ سندن دست بيعت ٿين، ان وقت حضرت خواجه صاحب جن افغانستان ۾ هئا. سيد ميران محمّد شاهه صاحب جڏهن ميان سيّد حاجي شاهه صاحب جي مزار شريف تان پنهنجي ٽين واري مرشد جي روحاني زيارت ڪري گهر آياتہ کين پنهنجي مرشد جو ظاهري ديدار ڪري دست بيعت ٿيڻ جو بي انتها اشتياق ٿيو. کين والد سگوري مشورو ڏنوتہ سنڌ و درياءِ جي (آبي) رستي سان قندار ۽ هين ملڪن جا ڪيئي قافلا گذرن ٿا، سو توهان انهن قافلن کي نظر ۾ رکو. شايد هڪ نه هڪ محل اهاروشن تصوير توهان کي نظر اچي وڃي جنهن جو اوهان کي اونو ۽ اوسيئڙو آهي. سيّد ميران محمّد شاهه پنهنجي والد سگوري جي مشوري تي عمل ڪندي پورا ٻه سال عشق ومستي ۾ انهن راهه روان قافلن کي نهايت اوسيئڙي ۽ باريڪ بيني سان جاچيندا رهيا مگر صادق صورت پسڻ کان قاصر رهيا. عشق ومستي ۽ اشتياق جي بُلندي هن حد کي وڃي پهتي جو شاهه صاحب خود قندار جو سفر نيتيو. شاهه صاحب عشق ۾ پي خود ئي سفر جي صعوبتن ۽ ڏکين راهن جي تڪليفن کان بي نياز ٿي قندار پهچي جڏهن پنهنجي مرشد جي دربار ۾ حاضر ٿيا تڏهن سراج الاولياء حضرت خواجه عبدالرحمان ڄاسرهندي صاحب مديني شريف جي سفر تي اسهڻ لاءِ تيار هئا. مگر جڏهن سندن نظر صادق

طالب تي پيئي تہ سفر جو ارادو مؤخر ڪيائون ۽ سيد ميران محمد شاھ کي تلقين ڪري پنھنجي خاص مريدن جي حلقي ۾ شامل ڪيائون. ان وقت افغانستان جي اندروني صورتحال ابتر ھئڻ سبب سيد صاحب حضرت خواجہ صاحب جن کي مڪمل طرح سان سنڌ ۾ ھلي پنھنجي گوٺ ٽکڙ ۾ مستقل رھائش پذير ٿيڻ لاءِ عرض ڪري پنھنجي دلي ارادي کان آگاھ ڪيو ۽ ان بعد پاڻ واپس آيا.

سراج الاولياء حضرت خواجہ عبدالرحمان جان سرھندي (جن جو سلسلۂ نسب ۴۷ پشت جي واسطي سان خليفۂ ثاني سيدنا حضرت عمر ابن الخطاب رضي الله عنه سان ۽ جي ملي ٿو ۽ ان ئي سلسلي ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرھندي رحمة الله عليه جي ۳۳ پشت ۾ پيدائش ٿي) جي ڏاڏي قطب الزمان حضرت شاھ فضل الله سرھندي ۽ سندن والد قدوة السالڪين حضرت شاھ عبدالقيوم سرھندي جن جا سنڌ ۾ گھڻيئي ڪافي تعداد ۾ مريد ۽ معتقد موجود ھئا. جن ڏانھن پاڻ ايندا رھندا ھئا. جڏھن پاڻ قندار کان حجاز مقدس ھجرت ڪرڻ وقت افغانستان ڇڏي سنڌ جي شھر مٺيارين ۾ تشريف فرما ٿيا، تڏھن علائقي جي ھر ھڪ مريد جي اھا خواھش ھئي تہ حضرت خواجہ صاحب اسان وٽ ھلي دائمي قيام فرمائين. مگر پاڻ سڀني کي فرمايائون تہ اسان ھت رھڻ لاءِ نہ آيا آھيون بلڪ اسان جو ارادو حجاز مقدس ھجرت ڪري وڃڻ جو آھي. اتي ئي سيد ميران محمد شاھ به موجود ھئا، جن حضرت صاحب کي اڳي وانگر پنھنجو عرض پيش ڪيو، جنھن کي حضرت خواجہ صاحب جن قبول فرمايو ۽ پوري خاندان سميت سيد ميران محمد شاھ جي گوٺ ٽکڙ ۾ ڪجھ عرصو قيام فرمايائون. ٽکڙ ۾ گذارڻ کان پوءِ حج جي ارادي سان، حضرت صاحب جن

مدینہ منورہ روانا ٿیا۔ جڏھن مدینہ منورہ پھتا تہ پاڻ پکو ارادو ڪیائون تہ اسین مدینہ منورہ ۾ ھميشہ قيام پذير ٿيندا سين۔

جڏھن اھا خبر سندجي مريدن کي پھتي تہ سندمان کافي مخلص مدينہ منورہ پچي حضرت صاحب کي واپس سنڌ هلڻ لاءِ عرض ڪيو، پر پاڻ سيني کي انڪار ڪري ڇڏيو۔ نيٺ سائين ميران محمد شاھ اول ۽ ڪجھ ٽکڑائي سيد مدينہ منورہ پھتا ۽ حضرت صاحب کي عرض ڪيائون تہ توھان واپس اسان وٽ هلو۔ جڏھن ٽکڑائي سيدن گھٹو زور پريو تہ حضرت صاحب جن فرمايو تہ اسان جو ارادو ھتي رھڻ جو آھي۔ پر جيڪڏھن توھان هلڻ لاءِ گھڻو ڇوٽا تہ آئون سنڌ هلڻ يا نہ هلڻ جو جواب توھان کي سُپاڻ ٻڌائيندس۔ حضرت صاحب جن عشا جي نماز مسجد نبوي شريف ۾ پڙھي، ساري رات ذڪر ۽ عبادت ۾ گذاريو، تهجد جي نماز کان پوءِ پاڻ استخاره جي دُعا پڙھي آرام ڪيو۔

ننڊ اچڻ شرط کين سرڪار دوعالم صلی الله عليه وآله وسلم جي زيارت نصيب ٿي۔ پاڻ کريمن، حضرت صاحب کي ارشاد فرمايو تہ توھان سنڌ وڃو، چوتہ سنڌ وارن کي توھان جي ضرورت آھي۔ حضرت صاحب عرض ڪيو تہ اسين سنڌ وڃڻ لاءِ تيار آھيون پر براہ ڪرم توھان مون کي پنھنجي نشاني عطا فرمايو۔ پاڻ ڪريمن سائي رنگ جو ھڪ ننڍڙو خوبصورت پٽ مبارڪ عنايت فرمايو۔ حضرت صاحب جن جڏھن سمھاڪ ٽياڻا اھو ساڳيو پٽ مبارڪ سندن سيني مُبارڪ تي موجود ھو۔ پوءِ ڏينھن ڇُڪ جو سوير حضرت خواجہ صاحب جن سائين ميران محمد شاھ (اول) کي مخاطب ٿي فرمايو تہ اسين توھان سنڌ هلڻ لاءِ تيار آھيون۔ مطلب تہ ٽکڑائي سيدن جي استدعا تي حضرت خواجہ صاحب جن مدينہ منورہ ۾ رھائش جو ارادو ترڪ فرمائي واپس ٽکڙ شريف پھتا۔ پاڻ وصيت فرمايائون تہ مذڪوره عنايت ٿيل پٽ مبارڪ سندن لحد ۾ سندن سيني تي رکيو وڃي۔ سندن وصيت موجب اھو متبرڪ پٽ سندن سيني مبارڪ تي

رکيو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ هن گاديءَ جي بهرئين بزرگ جي آمد ۽ قيام سان روحاني فيض جي ابتدا ٿي ۽ نڪرڻ جو غير معروف گوٺ ڏسندي ئي ڏسندي روحاني معرفت جو مرڪز بنجي ويو. جتي پوري برصغير سنڌ، هند، ڪابل ۽ قندار جا پاندئيڙا منزلون مائي اچي فيض حاصل ڪرڻ لڳا. سندن فيض اڄ تائين جاري آهي. پاڻ ۱۳۱۵ھ مطابق ۱۸۹۸ع ۾ وصال فرمايائون، سندن مقبره شريف گنجي ٽڪر جي دامن ۾ سنڌو درياءَ جي ڪناري تي آهي.

(۲) سندن وصال بعد سندن فرزند تاج الاولياء حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي مجددي مسند نشين ٿيا. پاڻ ڪجهه عرصو نڪرڻ ۾ گذارڻ بعد ۱۳۱۶ھ مطابق ۱۸۹۸ع ۾ اچي ٺٽو سائيندادنلع حيدرآباد ۾ مستقل سڪونت پذير ٿيا. سندن ظاهري و باطني تعليم وتربيت پنهنجي والد ماجد کان حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ به سال ڪن مٽيارين جي نامياري عالمن وٽ ديني تعليم حاصل ڪيائون. ان بعد حجاز مقدس وياءِ اتي پنجن سالن تائين اتي جي ممتاز عالم مولانا رحمة الله مهاجر مڪي کان سندن مدرسي صولتيه ۾ علم حاصل ڪيائون ۽ پڙهڪي مڪرمه جي مفتي شيخ احمد زيني دحلان کان حديث شريف جو علم پڙهيائون ۽ کانئن روايت صحاح سته جي اجازت پڻ حاصل ڪيائون حضرت خواجه صاحب کي عوام الناس سان ياد ڪندو هو، جهڙوڪ: تاج الاولياء، قطب الاقطاب ۽ ثاني المجدد وغيره. پاڻ کافي مسجدون ۽ مدرسا قائم ڪيائون ۽ ويهاروکن عربي ۽ فارسي ڪتاب تصنيف ڪيائون. سندن رحلت ۲ رجب ۱۳۶۵ھ ۾ ٿي ۽ سندن والد سڳوري جي پاسي ۾ ساڳي مقبري شريف ۾ مدفون آهن.

(۳) حضرت خواجه محمد حسن جان جي وصال کان پوءِ سندن فرزند قطب الاقطاب خواجه عبدالله جان عرف حضرت شاه آغا سرهندي مسند نشين ٿيا. پاڻ به وڏا عالم دين ۽ عربي فارسي ۽ سندي جا قادرالڪلام شاعر پڙهيا، سندن ڪافي شاعري قلمي بياض جي

صورت ۾ موجود آهي. پاڻ به پنهنجي بزرگن جي روايت کي برقرار رکندي کيترائي مدرسا ۽ مسجدون ٺهرايائون ۾ انڪل ۲۵ ڪن سنڌي، عربي ۽ فارسي ڪتاب لکيائون. پاڻ ۱۷ اپريل ۱۹۷۳ع ۾ تهجد جي وقت قرآن پاڪ جو ختم پورو ڪري اکيون پوريائون ۽ واصل بالله ٿيا.

(۴) حضرت شاهه آغا جي وصال بعد سندن فرزند امام العارفين حضرت خواجه غلام علي جان سرهندي مسند نشين ٿيا. پاڻ پنهنجي وقت جا وڏا عارف ۽ ممتاز عالم هئڻ سان گڏوگڏ حاذق حڪيم پڻ هئا. پرهيزگاري ۽ تقويٰ جا پيڪر ۽ شريعت ۽ طريقت جا امام هئا. سندن وفات ۲۶ شعبان ۱۳۹۷ھ مطابق ۱۹۷۷ع ۾ ٿي، سندن مزار سڀني مقبري ۾ آهي.

(۵) سندن وصال بعد سندن فرزند حضرت خواجه عبدالحميد جان مجددي سرهندي مسند نشين ٿيا. الله تعالىٰ کين خضري حياتي بخشي. پاڻ پنهنجي عقيدتمندن ۽ مريدن لاءِ چپرءِ چانو آهن ۽ سندن تاليف قلب لاءِ ذڪر اذڪار طرف خاص توجه ڏيندا رهن ٿا. ساڳئي وقت سندن پياري فرزند (هن قرآن جي مترجم) کي به پنهنجي خاص توجه ۽ پرپور ڪوشش سان اعليٰ مقامن تي پهچائڻ ۾ ڪابه ڪسر باقي نه ڇڏي اٿن. اهوئي سبب آهي جو سائين عبدالوحيد جان صاحب ٿوري عمر ۾ هن منزل کي پهتا آهن. جنهن جو مثال قارئين آڏو آهي.

(۶) حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي مجددي جي ولادت باسعادت ۲۲ ڊسمبر ۱۹۶۳ع مطابق ۵ شعبان ۱۳۸۳ھ بروز آچر دارالارشاد درگاهِ عاليه ٽنڈو سائيڏاد ۾ ٿي. سندن ابتدائي تعليم و تربيت نندپڻ کان ئي سندن ڏاڏي امام العارفين حضرت آغا غلام علي جان ڪئي. مٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ کين موري ۾ مدرسه رحمانيه ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. جتي کين مدرسي جي مدرس اعليٰ حضرت مولانا مفتي عزيزالله صاحب جن خاص توجه سان پڙهايو. اٽن سالن ۾ درسِ نظامي پورو ڪيائون. ان

دوران، مولوي، عالم ۽ فاضل عربيءَ جا امتحان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائون. ٻئي طرف وفاق طرفان منظور ٿيل تنظيم المدارس اهلِ سنت پاڪستان لاهور کان سَنَد شهادة العالميه (ايم. اي) ممتاز پوزيشن ۾ حاصل ڪيائون. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي مان ايم. اي عربي جي ڊگري فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ حاصل ڪيائون جنهن تي کين سنڌ يونيورسٽي طرفان "سونرٽمغو" بطورِ اعزاز ڏنو ويو. ان سان گڏ مايه ناز عالم حضرت مولانا مفتي محمد فيض احمد اويسي بهاولپوري وٽ دورهُ تفسير پڙهيائون. پاڻ تعليم سان گڏ مطالعو به جاري رکيو آهي. سندن بزرگن کان شاعريءَ حڪمت به ورثي ۾ مليل آهي. ۱۹۸۱ء ۱۹۹۰ء ۱۹۹۱ء ۽ ۱۹۹۴ء ۾ چار ڀيرا کين حج جي سعادت به حاصل ٿي آهي، جتي (مدينو شريف ۾) قيام دوران کين سلطانِ ڪونين صلي الله عليه وآله وسلم جي فيوضات ۽ برڪات سان خوب نوازيو ويو. سندن علمي لياقت ۽ روحاني بصيرت ۽ تحقيقي اهليت جو اعتراف ۾ سنڌ حڪومت کين ويهن سالن جي ننڍي عمر ۾ مهراڻ يونيورسٽي جا مشورو ۾ سينڊيڪيٽ جو ميمبر مقرر ڪيو. مطلب ته پاڻ جامع خصوصيات جا حامل اهلهه هيرا آهن، جن جي جيتري واکاڻ ڪجي سا گهٽ آهي، سندن فني مهارت ۽ علمي وسعت جو کوانداز و ئي ڪونهي. خصوصًا علم تفسير، علم حديث ۽ علم فقه تي تڪمال جي دسترس حاصل آهي. اهڙا مهرباني متن خاص طور تي حضرت حبيب ڪريم صلي الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جن جي آهي: جو پاڻ صرف ۲۹ سال جي عمر ۾ قرآن پاڪ جو ترجمون (۽ تفسير) لکڻ شروع ڪيوائون. اهو به آسان ۽ روان سنڌي ۾ تحت اللفظ ۽ انتهائي منفرد ۽ مدلل انداز سان ادب ۽ محبت جي تقاضائن کي پورو ڪندي، ڪيترن ئي مخفي رازن تان پردو هٽائي بصيرت افروز ترجمو ڪيو آهي. قرآن جي هر آيت جي هر لفظ ۾ هڪ ڳجهي معنيٰ رکيل آهي. جنهن جي پروڙ جي هر ڪو بصيرت ۽ اهليت نه تو رکي، مگر سائين عبدالوحيد جان ان سلسلي ۾ پوري پوري ڪوشش

کئي آهي. منهنجي دعا آهي ته الله تعالیٰ کين اعلیٰ صفات ۽ برکات و فيوضات سان نوازي ۽ پنهنجي بزرگن جي نقوشِ نمايان تي مڪمل معمل ۽ قائم دائم رکي، جيئن هي فيض و برڪت جو روان روحاني درياء عامة المسلمين کي ترٽپ ۽ توقع مطابق حقيقي فيض سان سيراب ڪندو رهي.

الله تعالیٰ جا لک احسان، ڪروڙين ڪرم، جو محبوبن ڪريمن عليه التحية والتسليم جي خاص الخاص مهربانين سان هن ترجمي جي اشاعت جو محبوب ترين ڪم آسان جي حصي ۾ آيو آهي. انهي سموري ڪم جي تڪميل آسان جي ڪاتب فقير فيض محمد سڪندري پٽاڻي ۽ هين دوستن نهايت خوش اسلوبي سان سائ ڏنو آهي. الله تعالیٰ پنهنجي حبيب ڪريم صلی الله عليه وآله وسلم جي صدقي سڀني تعاون ڪندڙن کي جزاءِ خير سان نوازي، آمين.

پروگرام مطابق پهرئين مرحلي ۾ ڪم کي آسان ڪندي، پنجن پنجن پارن جا جلد شايع ڪري في سبيل الله تقسيمِ عام ڪيو ويو. هن وقت بفضله تعالیٰ مڪمل ٽيهن پارن جي ترجمي کي يڪجا ڪري هڪ جلد ۾ شايع ڪري رهيا آهيون، ۽ هي سعادت جناب قاضي عبدالقدوس راجڙ حاصل ڪري رهيو آهي.

آخر ۾ سڀني پڙهندڙن کي مؤدبانه گذارش ٿي ڪجي ته هن عظيم ڪارِ خير ۾ حصي وٺندڙن سڀني مهربانن ۽ مومن عاجزِ ۽ منهنجي اهل اولاد کي پنهنجي نيڪ دعائن ۾ ياد فرمائيندا.

خادم العلماء:

سيد قمر الزمان شاه

لطيف آباد نمبر 2، حيدرآباد سنڌ

بسم الله سبحانه وتعالى
نحمده ونصلي ونسلم

هي ترجمون قرآن جو

مُؤمنو دِل سان پڙهو، هِي ترجمون قُرآن جو،
سَولو سُنو سُهٽو ٿيو، هِي ترجمون قُرآن جو.

دِل جِي عَقِيدَت سان پڙهو، رَحمٰن جو ٿيو هِي بيان،
بِهتر و بالا ٿيو، هِي ترجمون قُرآن جو.

شان مُرسَل مِيڙجو، کولي کيمان مِعيان،
قابِلِ تعرِيف ٿيو، هِي ترجمون قُرآن جو.

مُستند اُن جا حوالا، مُعتبر اُن جي زبان،
اهلِ سُنّت جو ٿيو، هِي ترجمون قُرآن جو.

پڙهندڙن تي رحمتون، نازِل ٿين ٿيون بي گمان،
اعليٰ ۽ اشرف ٿيو، هِي ترجمون قُرآن جو.

عبد کي عِرفان مِليو، محبوب مدني مِير کان،
خير سان پُور و ٿيو، هِي ترجمون قُرآن جو.

عبده عبد الوحيد سرهندي عفي عنه تنڊو ساڏاڙ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى وَآلِهٖ وَسَلَّمَ عَلَيْهِ

قرآن پاڪ ﷺ تي نازل ڪيو ويو آهي.
قرآن جبرئيل عليه السلام جي ذريعي نازل ڪيو ويو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي مومنن تي الله جو احسان سڏيو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ جي تابعداريءَ کي الله جي تابعداري ٻڌايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي ڪتاب جو علم ۽ حڪمت سيکارينڌڙ ۽ انسانن جي نفسن کي پاڪ ڪندڙ ٻڌايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي سيني جهانن لاءِ رحمت سڏيو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي الله تعالىٰ وٽ رسائيءَ جو ذريعو ٻڌايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي ايذائڻ، الله تعالىٰ کي ايذائڻ سڏيو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ جي بيعت کي پنهنجي بيعت ۽ سندن هٿ مٿان الله جو هٿ ٻڌايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ تي درود ۽ سلام موڪلڻ جو حڪم ڪيو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ جو ذڪر بلند ڪرڻ فرمايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي صاحبِ قرآن ٻڌايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي ڪوثر عطا فرمايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي صاحب معراج (الله جو قرب) چيو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ جي شهر ۽ سندن ذات اقدس جو قسم کائي ٿو ۽ڪين شفيع يوم النشور ٻڌايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي طيبٌ و طاهرٌ، سراجٌ المنير، شاهد، مُبشر، نذير، رئوف، رحيم، ڪريم، طٰهٰ، يٰسٓ، مزمل ۽ مدثر جهڙن پيارن خطابن سان نوازيو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ جو ادب سيکارينڌڙ آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي هادي ۽ رهبر فرمايو آهي.
قرآن پاڪ ﷺ کي خاتم النبيين چيو آهي.

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى حَبِيْبِهٖ وَبَلَّغَ سَلَامَ رَسُوْلِ النَّبِيِّ الْكَرِيْمِ

محبوب جي قدمن جي خاڪ
سيد قمر الزمان شاهه
لطيف آباد- حيدرآباد

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

سیدنا محمد صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم




مبشر
نذیر
سراج
منیر
مجاب
حق
کریم
مبین
ذوخزینة
مطاع
بشری
نعمة الله
ذکر الله
مصطفی
نور
مندر
مصباح
هدی
داع
مدعو
حنی
عفو
قوی
امین
مکرم
یکین
وصول
مؤمل
ذوغیرة
ذوعز
قدصدق
مطیع
غوث
هدیة الله
سیف الله
مجتبی
مهدی
مجیب
ولی
مامون
متین
ذوقوة
ذوفضل
رحمة
غیاث
صراط المستقیم
الرحمن الرحیم
حزب الله
متقی
اولی



جڏهين حضرت صاحب جن قرآن شريف کي ختم ڪندا هئا يا نئون پاڙهندا هئا يا پاڙهائيندا هئا - وَهُوَ هٰذَا[1]:- بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ - اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ پڇاڙي تائين - بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط الٓمّٓ ذٰلِكَ الْكِتَابُ لَا رَيْبَ فِيْهِ - مُفْلِحُوْنَ تائين - اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّوْمُ - پڇاڙي آيت الڪرسي تائين - لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ - پڇاڙ سورة تائين - شَهِدَ اللّٰهُ اَنَّهٗ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ وَالْمَلٰٓئِكَةُ وَاُولُوا الْعِلْمِ قَآئِمًا بِالْقِسْطِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ - يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ - پڇاڙي سورة حشر تائين

جڏهين سورة جي پڇاڙي تي پهچندا هئا تہ پاڙهندا هئا يا پاڙهائيندا هئا اَلْحَكِيْمُ الَّذِيْ تَقَدَّسَتْ عَنِ الْاَمْثَالِ ذَاتُهٗ وَتَنَزَّهَتْ عَنْ مُشَابَهَةِ الْاَمْثَالِ صِفَاتُهٗ وَاحِدٌ لَا مِنْ قِلَّةٍ مَوْجُوْدٌ لَا مِنْ عِلَّةٍ بِالْبِرِّ مَعْرُوْفٌ وَبِالْاِحْسَانِ مَوْصُوْفٌ اَوَّلٌ قَدِيْمٌ بِلَا ابْتِدَاءٍ وَاٰخِرٌ رَحِيْمٌ بِلَا انْتِهَاءٍ لَا يُنْسَبُ اِلَيْهِ الْبَنَاتُ وَلَا الْبَنُوْنَ وَلَا تُوْهِنُهٗ تَدَاوُلُ الْاَوْقَاتِ وَالسِّنُوْنَ مُحِيْطٌ بِعَمَلِ الْعِبَادِ بِرِّهٖ وَجَهْرِهٖ وَكَفِيْلُ الْمُؤْمِنِيْنَ بِتَاْيِيْدِهٖ وَنَصْرِهٖ وَمِنْ اٰيَاتِهٖ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ سُبْحَانَكَ مَا خَلَقْتَ هٰذَا بَاطِلًا سُبْحَانَكَ فَقِنَا عَذَابَ النَّارِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَنْزَلَ عَلٰى عَبْدِهِ الْكِتَابَ وَلَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا[2] وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْمَخْصُوْصِ بِاَنْوَاعِ الْكَرَامَاتِ وَالْمَبْعُوْثِ بِاَصْنَافِ الْمُعْجِزَاتِ وَالْقُرْاٰنِ سِيَّمَا وَعَلٰى اٰلِهِ الْحَرِيِّ اَنْ لَّهٗ وَاَصْحَابِهِ الْحَرِيِّ اَنْ وَتَابِعِيْهِ الْحُفَّاظِ لَهٗ اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ سَيِّدَنَا مُحَمَّدًا صَلَّى اللّٰهُ

---

[1] يعني:- فصل پڙهين پر جيڪي تون شاوعد ڪيوسون، ختمن جي دعائن ۽ دعائن جي ترتيب لکڻ جو هي آهي دعائون آهن
[2] اُهي هي دعائون ۽ ترتيب آهي -

عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ الْقُرْاٰنَ كِتَابُهُ الْقَدِيْمُ وَصِفَتُهُ الذَّاتِيَّةُ
الَّذِيْ لَا يَأْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ
بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۔ صَدَقَ اللّٰهُ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ وَبَلَّغَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْمُ
وَنَحْنُ عَلٰى ذٰلِكَ مِنَ الشَّاهِدِيْنَ رَبَّنَا تَوَفَّنَا عَلَيْهَا مُسْلِمِيْنَ وَاَلْحِقْنَا
بِالصَّالِحِيْنَ غَيْرَ خَزَايَا وَلَا مَفْتُوْنِيْنَ اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا وَارْفَعْنَا بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ
وَاهْدِنَا وَبَارِكْ لَنَا بِالْاٰيَاتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ وَنَجِّنَا مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِيْنَ
وَاجْعَلْهُ لَنَا حُجَّةً يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَتَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ
اَللّٰهُمَّ اجْعَلِ الْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ رَبِيْعَ قُلُوْبِنَا وَجِلَاءَ اَحْزَانِنَا وَذَهَابَ لَهُمُوْمِنَا
وَغُمُوْمِنَا وَطَهَارَةً لِّقُلُوْبِنَا وَقُرَّةَ الْعُيُوْنِنَا وَشِفَاءً لِّصُدُوْرِنَا وَزَكَاةً لِّنُفُوْسِنَا
وَدَوَاءً لِّمَرَضَانَا وَاُنْسًا بِكَ وَانْقِطَاعًا مِّنْ غَيْرِكَ رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا اِنَّكَ اَنْتَ السَّمِيْعُ
الْعَلِيْمُ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ اَجْمَعِيْنَ
اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا بِكُلِّ حَرْفٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ حَلَاوَةً وَّحِلْمًا وَّبِكُلِّ كَلِمَةٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ
كَرَامَةً وَّكَمَالًا وَّبِكُلِّ اٰيَةٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ اَمْنًا وَّاِيْمَانًا وَّبِكُلِّ سُوْرَةٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ
سَعَادَةً وَّسُرُوْرًا وَّبِكُلِّ جُزْءٍ مِّنَ الْقُرْاٰنِ جَزَاءً وَّجَمَالًا ۔ اَللّٰهُمَّ اجْعَلِ الْقُرْاٰنَ
الْعَظِيْمَ لَنَا فِي الدُّنْيَا قَرِيْنًا وَّعِنْدَ الْمَوْتِ نَصِيْرًا وَّفِي الْقَبْرِ مُوْنِسًا وَّعِنْدَ الْبَعْثِ
فَجَّاثًا وَّعِنْدَ الْحِسَابِ شَفِيْعًا وَّعَلَى الصِّرَاطِ نُوْرًا وَّفِي الْجَنَّةِ رَفِيْقًا وَّمِنَ النَّارِ
سِتْرًا وَّحِجَابًا وَّاِلَى الْخَيْرَاتِ كُلِّهَا دَلِيْلًا ۔ اَللّٰهُمَّ نَوِّرْ قُلُوْبَنَا بِتِلَاوَةِ الْقُرْاٰنِ
وَنَجِّنَا مِنَ النَّارِ بِالْقُرْاٰنِ وَاَدْخِلْنَا الْجَنَّةَ بِالْقُرْاٰنِ وَنَعُوْذُ بِكَ مِنَ الْخِزْيِ الْفَضِيْحَةِ
فِي الدَّارَيْنِ بِحُرْمَةِ الْقُرْاٰنِ ۔ اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنَّا تِلَاوَتَنَا وَتَجَاوَزْ عَنَّا مَا كَانَ لَنَا
فِيْ تِلَاوَتِهٖ مِنْ نِّسْيَانٍ اَوْ تَحْرِيْفٍ عَنْ مَّوْضِعِهَا اَوْ تَغْيِيْرِ حَرْفٍ اَوْ تَقْدِيْمٍ فِيْهِ اَوْ تَاْخِيْرٍ
اَوْ زِيَادَةٍ اَوْ نُقْصَانٍ اَوْ تَرْكِ مَدٍّ اَوْ تَشْدِيْدٍ اَوْ جَزْمٍ اَوْ اِعْرَابٍ بِغَيْرِ مَكَانٍ اَوْ
اِدْغَامٍ بِغَيْرِ مُدْغَمٍ اَوْ اِظْهَارٍ بِغَيْرِ بَيَانٍ فَاكْتُبْهُ مِنَّا عَلَى التَّمَامِ وَالْكَمَالِ الْمُهَذَّبِ
مِنْ كُلِّ الْحَانٍ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۔ اَللّٰهُمَّ فَاِذَا اَفَدْتَّنَا الْمَحْمُوْدَةَ
عَلٰى تِلَاوَتِهٖ وَسَهَّلْتَ لَنَا جَوَارِيَ الْاَلْسِنَةِ بِحُسْنِ عِبَارَتِهٖ فَاجْعَلْنَا مِمَّنْ يَّرْعَاهُ
حَقَّ رِعَايَتِهٖ وَيَدِيْنُ لَكَ بِاعْتِقَادِ التَّسْلِيْمِ لِمُحْكَمِ اٰيَاتِهٖ وَيَفْزَعُ اِلَى الْاِقْرَارِ

بِمُتَشَابِهِهٖ وَمُوْضِحَاتِ بَيِّنَاتِهٖ۔ اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ اَنْزَلْتَهٗ عَلٰى نَبِيِّكَ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مُجْمَلًا وَاَلْهَمْتَهٗ عِلْمَ مَعَانِيْهِ مُفَصَّلًا وَّفَهَّمْهُ غَرَائِبَهٗ وَعَجَائِبَهٗ مُكَمَّلًا وَوَرَّثْتَنَا عِلْمَهٗ بِقَدْرِ اسْتِعْدَادِنَا مُفَسَّرًا وَفَضَّلْتَنَا عَلٰى مَنْ جَهِلَ عِلْمَهٗ وَحَرِمَ قَرْأَتَهٗ بِبَرَكَةِ مُتَابَعَتِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تَفَضُّلًا فَصَلِّ اَللّٰهُمَّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ نِ الْخَطِيْبِ بِهٖ وَالْمُبَلِّغِ لَهٗ لِاُمَّتِهٖ وَعَلٰى اٰلِهِ الْخُزَّانِ لَهٗ وَاَصْحَابِهِ الْحُرَّاسِ لَهٗ وَتَابِعِيْهِ الْحُفَّاظِ لَهٗ وَاجْعَلْنَا مِمَّنْ يَّعْتَرِفُ بِاَنَّهٗ مِنْ عِنْدِكَ حَتّٰى لَا يُعَارِضَنَا الشَّكُّ فِيْ تَصْدِيْقِهٖ وَلَا يَخْتَلِجَنَا الزَّيْغُ عَنْ قَصْدِ طَرِيْقِهٖ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاجْعَلْنَا مِمَّنْ يَّتَصَبَّبُ بِعَجْلِهٖ وَيَاْوِيْ مِنَ الْمُتَشَابِهِ اِلٰى مَعْقِلِهٖ وَيَسْكُنُ مِنَ الْمُحْكَمِ فِيْ جَنَاحِهٖ وَيَهْتَدِيْ بِضَوْءِ صَاحِبِهٖ وَلَا يَلْتَمِسُ الْهُدٰى فِيْ غَيْرِ جَنَابِهٖ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاحْطُطْ بِالْقُرْاٰنِ عَنَّا ثِقْلَ الْاَوْزَارِ وَهَبْ لَنَا حُسْنَ شَمَائِلِ الْاَبْرَارِ وَاقْفُ بِنَا اٰثَارَ الَّذِيْنَ قَامُوْا لَكَ بِهٖ اٰنَاءَ اللَّيْلِ وَاَطْرَافَ النَّهَارِ حَتّٰى تُطَهِّرَنَا مِنْ كُلِّ دَنَسٍ بِتَطْهِيْرِهٖ وَتَقْفُوَ بِنَا اٰثَارَ الَّذِيْنَ اسْتَضَاءُوْا بِنُوْرِهٖ وَلَمْ يُلْهِهِمُ الْاَمَلُ عَنِ الْعَمَلِ فَيَقْطَعَهُمْ بِخَدْعِ غُرُوْرِهٖ۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَرَسُوْلِكَ كَمَا بَلَّغَ رِسَالَتَكَ وَصَدَعَ بِاَمْرِكَ وَنَصَحَ لِعِبَادِكَ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ نَبِيَّنَا يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَقْرَبَ النَّبِيِّيْنَ مِنْكَ مَجْلِسًا وَّاَمْكَنَهُمْ مِنْكَ شَفَاعَةً وَّاَجْلَهُمْ عِنْدَكَ قَدْرًا وَّاَوْجَهَهُمْ عِنْدَكَ جَاهًا۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدًا وَّشَرِّفْ بُنْيَانَهٗ وَعَظِّمْ بُرْهَانَهٗ وَثَقِّلْ مِيْزَانَهٗ وَتَقَبَّلْ شَفَاعَتَهٗ وَارْفَعْ دَرَجَتَهٗ وَاَحْيِنَا عَلٰى سُنَّتِهٖ وَتَوَفَّنَا عَلٰى مِلَّتِهٖ وَاجْعَلْنَا مِنْ اَهْلِ طَاعَتِهٖ وَاحْشُرْنَا فِيْ زُمْرَتِهٖ وَاَوْرِدْنَا حَوْضَهٗ وَاسْقِنَا بِكَاْسِهٖ اٰمِيْن۔ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاجْعَلِ الْقُرْاٰنَ لَنَا فِيْ ظُلَمِ اللَّيَالِيْ مُؤْنِسًا وَمِنْ نَزَغَاتِ الشَّيَاطِيْنِ وَخَطَرَاتِ الْوَسَاوِسِ حَارِسًا وَلِاَقْدَامِنَا عَنْ نَقْلِهَا اِلَى الْمَعَاصِيْ حَابِسًا وَلِاَلْسِنَتِنَا عَنِ الْخَوْضِ فِي الْبَاطِلِ مُخْرِسًا وَلِمَاطَوَاتِ الْغَفْلَةِ عَنَّا مِنْ تَصَفُّحِ الْاِعْتِبَارِ نَاشِرًا حَتّٰى تُوْصِلَ اِلٰى قُلُوْبِنَا فَهْمَ عَجَائِبِهٖ وَعِلْمَ اَسْرَارِهٖ وَنَزِّلْ اَجْرَامَ اَمْثَالِهِ الَّتِيْ ضَعُفَتِ الْجِبَالُ الرَّوَاسِيْ عَلٰى صَلَابَتِهَا عَنْ احْتِمَالِهٖ اَللّٰهُمَّ اجْعَلِ الْقُرْاٰنَ

الْعَظِيْمَ لِقُلُوْبِنَا ضِيَاءً وَّ لِاَبْصَارِنَا جِلَاءً وَّ ادْفَعْ عَنَّا النِّقَمَ وَ اجْعَلْنَا عِنْدَ الْجَزَاءِ مِنَ الْفَائِزِيْنَ وَ عِنْدَ النَّعْمَاءِ مِنَ الشَّاكِرِيْنَ وَ عِنْدَ الْبَلَاءِ مِنَ الصَّابِرِيْنَ وَ لَا تَجْعَلْنَا مِنَ الَّذِيْنَ يَقْرَءُ الْقُرْاٰنَ وَ الْقُرْاٰنُ يَلْعَنُهٗ۔ اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلِ الْقُرْاٰنَ بِنَا مَوَاخِذًا وَّ لَا الصِّرَاطَ بِنَا زَلِلًا وَّ لِاَسَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ اَصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنَّا فِي الْقِيٰمَةِ مُرْضِيًا وَّ اجْعَلْهُ لَنَا شَافِعًا وَّ مُشَفَّعًا وَّ اَوْرِدْنَا حَوْضَهٗ وَ اسْقِنَا بِكَاْسِهٖ مَشْرَبًا رَوِيًّا سَائِغًا هَنِيْئًا لَّا نَظْمَاءُ بَعْدَهٗ اَبَدًا ۝ اَللّٰهُمَّ انْفَعْنَا بِالْقُرْاٰنِ الَّذِيْ رَفَعْتَ مَكَانَهٗ وَ رَتَّبْتَ بُرْهَانَهٗ وَ جَعَلْتَ الْعَرَبِيَّةَ الْفَصِيْحَةَ لِسَانَهٗ۔ اَللّٰهُمَّ فَكَمَا جَعَلْتَنَا بِهٖ مُصَدِّقِيْنَ وَ لِمَا فِيْهِ مُحَقِّقِيْنَ فَاجْعَلْنَا بِتِلَاوَتِهٖ مُشَفَّعِيْنَ وَ اِلٰى لَذِيْذِ خِطَابِهٖ مُسْتَمِعِيْنَ وَ بِمَا فِيْهِ مُتَعَبِّدِيْنَ وَ لِاَحْكَامِهٖ جَامِعِيْنَ وَ لِاَدَاءِ اَوَامِرِهٖ وَ نَوَاهِيْهِ خَاضِعِيْنَ وَ عِنْدَ خَتْمِ قِرَاْتِهٖ مِنَ الْفَائِزِيْنَ وَ لِثَوَابِهٖ حَائِزِيْنَ وَ لَكَ فِيْ جَمِيْعِ شُهُوْدِنَا ذَاكِرِيْنَ وَ اِلَيْكَ فِيْ جَمِيْعِ اُمُوْرِنَا رَاجِيْنَ۔ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنَا مِنَ الَّذِيْنَ حَفِظُوا الْقُرْاٰنَ اِنْ حُرْمَتَهٗ لَمَّا حَفِظُوْهُ وَ عَظَّمُوْهُ مَنْزِلَتَهٗ لَمَّا سَمِعُوْهُ وَ تَاَدَّبُوْا بِاٰدَابِهٖ لَمَّا حَضَرُوْهُ وَ الْتَزَمُوْا حُكْمَهٗ وَمَا نَارَ قُوْهُ وَ اَحْسَنُوْا جِوَارَهٗ لَمَّا جَاوَرُوْهُ وَ اَرَادُوْا بِتِلَاوَتِهٖ وَجْهَكَ وَ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَوَصَلُوْا بِهٖ اِلَى الْمَقَامَاتِ الْفَاخِرَةِ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَنَا فِيْ صَبِيْحَتِنَا هٰذِهٖ وَ فِيْ يَوْمِنَا هٰذَا وَ فِيْ لَيْلَتِنَا هٰذِهٖ اَجْمَعِيْنَ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ۔ اَللّٰهُمَّ عَافِنَا وَ اعْفُ عَنَّا بِعَفْوِكَ الْعَظِيْمِ وَ اسْتُرْنَا بِسِتْرِكَ الْجَمِيْلِ اَللّٰهُمَّ اِنَّكَ عَفُوٌّ كَرِيْمٌ تُحِبُّ الْعَفْوَ فَاعْفُ عَنَّا۔ اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ الْعَفْوَ وَ الْعَافِيَةَ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ هٰذِهِ الْخَتْمَةَ الْمُبَارَكَةَ الْمَيْمُوْنَةَ مُبَارَكَةً مَّيْمُوْنَةً عَلٰى مَنْ قَرَاَهَا وَ حَضَرَهَا وَ سَمِعَهَا وَ اٰمَنَ عَلٰى دُعَائِهَا وَ اَنْزِلْ۔ اَللّٰهُمَّ مِنْ بَرَكَاتِهَا عَلٰى اَهْلِ الدُّوْرِ فِيْ دُوْرِهِمْ وَ عَلٰى اَهْلِ الثُّغُوْرِ فِيْ ثُغُوْرِهِمْ وَ عَلٰى اَهْلِ الْحَرَمَيْنِ فِيْ حَرَمَيْهِمْ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنَاتِ۔ اَللّٰهُمَّ وَ انْزِلْ بَرَكَاتِهٖ عَلٰى اَهْلِ الْقُبُوْرِ فِيْ قُبُوْرِهِمْ مِنْ اَهْلِ مِلَّتِنَا النُّوْرَ وَ الضِّيَاءَ وَ الْفَسْحَةَ وَ الرَّحْمَةَ وَ جَازِهِمْ بِالْاِحْسَانِ اِحْسَانًا وَ بِالسَّيِّئَاتِ غُفْرَانًا وَ ارْحَمْنَا اِذَا صِرْنَا اِلٰى مَا صَارُوْا اِلَيْهِ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ۔ اَللّٰهُمَّ لَا تَدَعْ لَنَا ذَنْبًا اِلَّا غَفَرْتَهٗ وَ لَا هَمًّا اِلَّا فَرَّجْتَهٗ وَ لَا كَرْبًا اِلَّا نَفَّسْتَهٗ وَ لَا حَاجَةً اِلَّا قَضَيْتَهَا يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ۔ اَللّٰهُمَّ بَلِّغْ

956

ثَوَابَ هٰذِهِ الْخَتْمَةِ الْمُبَارَكَةِ الْمُعَظَّمَةِ الْمُشَرَّفَةِ الْمُكَرَّمَةِ الْمَيْمُوْنَةِ فِيْ هٰذِهِ السَّاعَةِ
اِلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا وَمَوْلٰنَا وَمَلَاذِنَا وَمَلْجَانَا وَشَفِيْعِنَا سَيِّدِ رُسُلِكَ وَخَاتَمِ اَنْبِيَائِكَ
حَبِيْبِكَ وَرَسُوْلِكَ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَاِلٰى اَرْوَاحِ اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ
اَجْمَعِيْنَ وَاِلٰى اَرْوَاحِ جَمِيْعِ اَنْبِيَائِكَ وَرُسُلِكَ وَاٰلِ كُلٍّ وَاَصْحَابِ كُلٍّ صَلٰوةُ اللّٰهِ
عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْنَ خُصُوْصًا اِلٰى اَرْوَاحِ خُلَفَائِهِ الرَّاشِدِيْنَ اَبِيْ بَكْرِنِ الصِّدِّيْقِ
وَعُمَرَ الْفَارُوْقِ وَعُثْمَانَ ذِي النُّوْرَيْنِ وَعَلِيِّنِ الْمُرْتَضٰى وَبَاقِي الْعَشَرَةِ الْمُبَشَّرَةِ
رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمْ وَاِلٰى اَرْوَاحِ السِّبْطَيْنِ الشَّهِيْدَيْنِ وَاُمِّهِمَا سَيِّدَةِ النِّسَاءِ
وَعَائِشَةَ وَخَدِيْجَةَ وَسَائِرِ اُمَّهَاتِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْاَوْلَادِ وَبَاقِي الْبَنَاتِ الطَّيِّبِيْنَ
الشَّرِيْفَيْنِ وَسَائِرِ اَصْحَابِ بَدْرٍ وَاَصْحَابِ اُحُدٍ وَاَصْحَابِ بَيْعَةِ الرِّضْوَانِ وَالصَّحَابَةِ
وَالتَّابِعِيْنَ وَالْاَئِمَّةِ الْاِثْنَا عَشَرَ الْاَطْهَرِ وَالْاَئِمَّةِ الْمُجْتَهِدِيْنَ وَاِلٰى رُوْحِ شَيْخِ
الْعَالَمِيْنَ سُلْطَانِ الْعَارِفِيْنَ اَبَا يَزِيْدِنِ الْقُطْبِ الْبُسْطَامِيِّ وَاِلٰى رُوْحِ قُطْبِ
الرَّبَّانِيِّ الْغَوْثِ الصَّمَدَانِيِّ مُحْيِ الدِّيْنِ اَبِيْ مُحَمَّدٍ عَبْدِ الْقَادِرِ الْجِيْلِيِّ رَضِيَ اللّٰهُ
تَعَالٰى عَنْهُمَا وَاِلٰى رُوْحِ ذِي الْفُتُوْحِ شَيْخِنَا وَمُرْشِدِنَا قُطْبِ الْعَالَمِيْنَ غِيَاثِ الْمُسْتَغِيْثِيْنَ
شَيْخِ الطَّرِيْقَةِ وَالْحَقِيْقَةِ وَالشَّرِيْعَةِ السَّيِّدِ بَهَاءِ الْحَقِّ وَالدِّيْنِ الْخَوَاجَهْ مُحَمَّدٍ نَقْشْبَنْدَ
وَاِلٰى رُوْحِ الْاِمَامِ الْهُمَامِ قُطْبِ الرَّبَّانِيِّ الْمَحْبُوْبِ السُّبْحَانِيِّ الْمُجَدِّدِ لِلْاَلْفِ الثَّانِيِّ
الشَّيْخِ اَحْمَدَ سَرْهَنْدِيْ قُدِّسَ سِرُّهُ الْاَقْدَسُ وَاِبْنِهِ الْاِمَامِ حُجَّةِ الْاِسْلَامِ الْخَوَاجَهْ
مُحَمَّدٍ مَعْصُوْمٍ قُدِّسَ سِرُّهُ الْمَكْتُوْمُ وَاِلٰى اَرْوَاحِ مُرْشِدِيْهِمْ وَمُسْتَرْشِدِيْهِمْ
اِلٰى يَوْمِنَا هٰذَا اَجْمَعِيْنَ وَاِلٰى اَرْوَاحِ اٰبَائِنَا وَاَجْدَادِنَا وَاُمَّهَاتِنَا وَجَدَّاتِنَا وَاِخْوَانِنَا
وَسَائِرِ مَنْ لَهُمْ حَقٌّ عَلَيْنَا وَمَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَاءِ وَاِلَى الْحَاضِرِيْنَ مِنَّا وَالْغَائِبِيْنَ
وَاِلٰى اَرْوَاحِ سَائِرِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُسْلِمِيْنَ مِنَ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ بِرَحْمَتِكَ وَفَضْلِكَ
يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لَنَا وَلِوَالِدَيْنَا وَلِاُمَّهَاتِنَا وَلِاِخْوَانِنَا وَلِاُسْتَاذِيْنَا وَلِمَشَائِخِنَا
وَلِمُعَلِّمِيْنَا وَلِجِيْرَانِنَا وَلِعَشَائِرِنَا وَلِقَبَائِلِنَا وَلِمَنْ لَهٗ حَقٌّ عَلَيْنَا وَلِمَنْ اَوْصَانَا بِالدُّعَاءِ
وَلِجَمِيْعِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ الْاَحْيَاءِ مِنْهُمْ وَالْاَمْوَاتِ
وَاكْتُبِ السَّلَامَةَ عَلٰى عَبِيْدِكَ الْحُجَّاجِ وَالْغُزَاةِ وَالزُّوَّارِ وَالْمُسَافِرِيْنَ فِيْ بَرِّكَ وَبَحْرِكَ
مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ اَجْمَعِيْنَ - اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ بِالْاِيْمَانِ الْقَدِيْمِ وَلَكَ الشُّكْرُ بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ

بَنِيْهِنَا مِنَ الْخَطَرِ الْعَظِيْمِ وَنَجِّنَا مِنَ الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ وَارْزُقْنَا النَّظَرَ اِلٰى وَجْهِكَ
الْكَرِيْمِ وَتُبْ عَلَيْنَا اِنَّكَ اَنْتَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ وَاقْضِ حَوَائِجَنَا وَحَوَائِجَ الْمُسْلِمِيْنَ
اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْنَ وَنَسْئَلُكَ اَللّٰهُمَّ بِجَاهِهِ الْاَعْظَمِ وَبِقُرْبِهِ الْاَكْمَلِ وَالْاَفْخَمِ
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَنْ تَتَفَضَّلَ عَلَيْنَا بِجَمِيْعِ مَا نُحِبُّهٗ مِنَ الْخَيْرِ وَتُعِيْذَنَا
مِنْ جَمِيْعِ مَا نَخَافُهٗ مِنَ الشَّرِّ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ
وَالسَّلَامُ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ وَصَلَّى اللّٰهُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارَكَ
وَسَلَّمَ اَجْمَعِيْنَ اٰمِيْن اٰمِيْن اٰمِيْن يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ ۔

بسم الله الرحمن الرحيم

إنا نحن نزلنا الذكر وإنا له لحافظون

اختتام

بيان الرحمن في ترجمة القرآن

از قلم:

عبده عبد الوحيد سرهندي

مدرس مدرسة محمدية سرهند بيد دار الارشاد

تبنده كم سيالكوت ضلع حيدر آباد سند

بتاريخ

۱۲، ذوالقعده ۱۴۱۹ھ مطابق ۲۸، فيبروري ۱۹۹۹ء

(۱) سُوْرَةُ الْفَاتِحَةِ مَكِّيَّةٌ (۵)

اٰيَاتُهَا رُكُوْعُهَا

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۝

الله تعالیٰ جي نالي سان شروع کرڻا ٿو جيکو نهايت مهربان ۽ آهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝١ الرَّحْمٰنِ

سڀئي تعريفون الله لاءِ آهن جيکو رب آهي جهانن جو، نهايت مهربان،

الرَّحِيْمِ ۝٢ مٰلِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ ۝٣

۽ آهي مالڪ آهي ڏينهن قيامت جو

اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ۝٤

خاص تنهنجي عبادت ڪريون ٿا ۽ خاص تو کان مدد وٺون ٿا

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ۝٥ صِرَاطَ

اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ ۽ رستو

الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ ۙ غَيْرِ

انهن ماڻهن جو جن تي تو نعمت ڪئي آهي نه انهن جو

الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّآلِّيْنَ ۝٦

رستو جن تي تون ناراض آهين ۽ نه گمراهن جو.

---

۱ تفسير ڪبير، ۲ تفسير جلالين وتفسير روح البيان. منزل ۱ ۳ تفسير بيضاوي وتفسير روح البيان. ۴ تفسير جلالين وتفسير روح البيان. ۵ ڪمالين حاشيه جلالين. ۶ تفسير روح البيان.

ثناءِ سرورِ عالم صلي الله عليه وسلم

اسان جو پاڪ پيغمبر، محمد سرور عالم،
اسان جو شافع محشر، محمد سرور عالم.

ڪري معراج جسماني، ويا عرش مُعليٰ تي،
ملين اختيار رحماني، محمد سرور عالم.

خدا جي پاڪ هستيءَ کي ڏنو آن جاءِ تي عربي،
آهي محبوب سُبحاني، محمد سرور عالم.

عطا ٿي کين سرداري، نبين ۽ رسولن جي،
اهو اعزاز رباني، محمد سرورِ عالم.

خدا جي مهربانيٰ تي، مَهابي مير مرسل جي،
مليو هي دين لاثاني، محمد سرور عالم.

نوازش جي نظر گهرجي، سَدا هن عبد عاجز کي،
ڪندو احسان سُبحاني، محمد سرور عالم.

بقلم

عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنه

۱۵-۲-۹۹

٧٨٦
٩٢

شَرفِ اِنتسابِ

قيوم جهان، قطب دوران، سراج الاولياء

حضرت آغا عبدالرحمن جان سرهندي

مُجددي فاروقي قدس سرهُ العزيز

جن جي نالي مبارڪ ڏانهن هن ڪتاب کي

منسوبَ ڪريان ٿو.

اُحِبُّ الصّٰلِحِيْنَ وَلَسْتُ مِنْهُمْ

لَعَلَّ اللهُ يَرْزُقُنِيْ صَلَاحاً

ترجمه:

آئون صالحن سان محبت رکان ٿو ۽ پاڻ انهن مان ناهيان،

مونکي اُميد آهي ته الله تعالي مون ۾ صلاحيت پيدا ڪندو.

از قلم

عبده عبدالوحيد سرهندي

١٥, ٢, ٩٩

ٽنڊه سائينداد

اظهار تشڪر

الله تعاليٰ جل شانه وعمر نواله ۽ الله جي حبيب ڪريم صلي الله عليہ وآله وسلم جو مون تي عظيم احسان ۽ ڪرم ٿيو آهي، جو قرآن ڪريم جي ٣٠ پارن جو عام فهم سنڌي ترجمو ڪري مڪمل ڪيو اٿم ۽ مؤرخہ ٢٨ فيبروري ١٩٩٩ع تي ان سلسلي ۾ هي ڪتاب:

اختتام

بَيَانُ الرَّحْمٰنُ فِيْ تَرْجُمَةِ الْقُرْآنِ

شايع ڪري رهيو آهيان.

ٿورا نہ ٿورا، مون تي ماروئڙن جا.
ٻلايون ٻيرا، ڪٽي ڪٽيان ڪيترا.

(شام)

بقلم

عبده عبدالوحيد مجددي

١٥,٢,٩٩

ٽنڈو سائينداد

ڪرم جي برسات

الحمدللهِ رب العلمين والصلواة والسلام علي سيد الانبياء والمرسلين وعلي آله واصحابه اجمعين.

اما بعد!

ڄاڻڻ گهرجي تہ، هن نفسانفسي جي دور ۾ قرآن پاڪ جي خدمت هڪ وڏو ڪارنامو ۽ عظيم سعادت آهي ۽ اها سعادت الله ۽ الله جو حبيب ڪريم جنهن کي نصيب ڪري.

ذَالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَاءُ ۝

هي ترجمو ظاهري علم سان نہ پر روحاني عرفان سان ڪيو ويو آهي.

عربي ايڏي وسيع زبان آهي جنهن جي هر لفظ جون ڪيئي معنائون ٿين ٿيون ۽ صحيح معنيٰ جو انتخاب صرف ڪرم سان ٿئي ٿو. قرآن جي هر آيت ۾ هڪڙو ڪجهو لفظ رکيل آهي جنهن جي جيسيتائين صحيح معنيٰ عيان نہ ٿي ٿئي تيسيتائين صحيح مفهوم بيان نہ ٿو ڪري سگهجي. اسان سائين عبدالوحيد جان کي ايتري محدود جاءِ ڏني جو جنهن ۾ ڪين مڪمل ۽ جامع ۽ عام فهم ترجمو ڪرٿو هو. پاڻ ان ڪالهہ کي اهڙي عظيم الشان نموني نيايو جو

تمام سهڻي نموني ۾ ترجمو لکي ان محدود ست ۾ سمائي ڇڏيو.

اسان قرآن کريم جي متن جي ڪتابت نہ ڪرائي بلڪ هڪ سهڻي نموني لاهور جي ڇپيل اهڙي قرآن پاڪ جو انتخاب ڪيو جنهن جي متن جي هر ست جي هيٺان ترجمي جي لاءِ هڪ ست جي جاءِ ڇڏيل هئي.

پاڻ، قرآن کريم جي ريسرچ جي نموني سان پراڻن مشهور ۽ صحيح تفسيرن جا حوالا ڏيئي ترجمي کي وڌيڪ مستند ڪيو آهي. جنهن جو مثال اڄ تائين سنڌي ترجمن جي تاريخ ۾ ڪونہ ٿوملي.

ان کان سواءِ پاڻ ايتري تہ سهڻي ۽ پروقار سنڌي ٻولي استعمال ڪئي اٿن، جيڪا هڪ طرف قرآن پاڪ جي شايانِ شان آهي تہ ٻئي طرف صاحب قرآن حضور نبي کريم صلي الله عليہ و آله وسلم ۽ صحابہ ڪرام جي شايانِ شان آهي.

مثال طور قرآن کريم ۾ جتي بہ حضور نبي کريم صلي الله عليہ وآله وسلم جو شان بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن آيتن جو ترجمو ڪولي ڪولي صاف صاف لفظن ۾ ڪيو ويو آهي ۽ حضور نبي کريم صلي الله عليہ وآله وسلم جن جو شان مبارڪ نمايا رکيو ويو آهي.

ٻيو تہ جتي قرآن پاڪ ۾ صحابہ ڪرام ۽ ڪافرن لاءِ ساڳيو لفظ استعمال ٿيو آهي. اتي ان جي معنيٰ بہ ان لحاظ سان ڪئي وئي آهي. مثال طور لفظ "سُفَهاءُ" جتي صحابہ

ڪرام ڏانهن منسوب آهي تہ ان جي معنيٰ "بي سمجهہ" لکي وئي آهي ۽ جڏهن ڪافرن لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي تہ ان ساڳي لفظ جي معنيٰ "بيوقوف" لکي وئي آهي.

الله ڪريم قرآن پاڪ ۾ ڪيترين جاين تي پنهنجي ئي پيدا ڪيل شين جو قسم کنيو آهي. جن شين جي معنيٰ عام ترجمي ڪرڻ وارن اهڙي نموني ۾ لکي آهي جيڪا الله جي شايانِ شان نہ آهي. قسم هميشہ ڪنهن متبرڪ يا ڪنهن پياري شئي جو ڪٹيو آهي، تنهنڪري الله پاڪ پنهنجي نبي ڪريم صلي الله عليہ و آله وسلم سان جيڪي بہ شيون منسلڪ آهن انهن جو قسم کنيو آهي.

جهڙوڪ: لَآاُقْسِمُ بِهٰذَاالْبَلَدِ وَاَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَاالْبَلَدِ وَ وَالِدٍ وَّمَاوَلَدَ٥

يعني اي محبوب، اسان کي توهان جي شهر (مبارڪ) جو قسم! جنهن ۾ توهان جي رهائش آهي، ۽ توهان جي والدين ڪريمين ۽ توهان جي ذات اقدس جو قسم.

اهل سنت جا سڀئي مفسرين ڪرام انهي ڳالهہ تي متفق آهن تہ جيستائين سائين ڪريم مڪي مڪرمہ ۾ رهائش پذير هٹا تيستائين اهو قسم مڪي لاءِ هو ۽ جڏهن پاڻ ڪريم هجرت ڪري مديني منوره پهتا تہ ان ڏينهن کان ولي قيامت تائين اهو قسم مديني لاءِ آهي ۽ سائين جن جي والدين جو قسم بہ اهو ثابت ٿو ڪري تہ سائين ڪريمن جا والدين الله تعالیٰ کي پيارا ۽ ان جي توحيد تي قائم هٹا، جن لاءِ قرآن پاڪ جو هي دليل ڪافي آهيڪ

وتقلبك في الساجدين (شعراء: ٢١٩) اي محبوب اسان توهان جي نور کي صرف انهن پيشانين ۾ رکيو جيکي مون کي سجدو ڪندڙ هيون، يعني حضرت آدم کان وٺي حضرت عبدالله تائين. حضرت آدم عليه السلام کي جيڪو فرشتن کان سجدو ڪرايو ويو انهن سيني فرشتن به آدم جي پيشاني ۾ سائين ڪريمن جو نور ڏسي سجدو ڪيو، پر شيطان کي اهو نبوت جو نور ڏسڻ ۾ ئي نه آيو.

تفسير ڪبير ۾ علامه فخرالدين رازي رحمة الله عليه هي شعر لکيو آهي:

لَوْ اَبْصَرَ الشَّيْطٰنُ طَلْعَتَ نُوْرِهٖ
لَكَانَ اَوَّلَ مَنْ كَانَ سَجَدَ بِهٖ

جيڪڏهن شيطان حضرت آدم جي پيشاني ۾ سائين ڪريمن جو نور ڏسي ها ته يقيناً سيني فرشتن کان پاڻ آدم کي پهرين سجدو ڪري ها.

وَالضُّحٰى وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى: اي محبوب اسان کي قسم آهي توهان جي چهري انور جو ۽ توهان جي سياهه زلفن جو.

وقيله: محبوب توهان جي گفتار جو قسم.

قرآن ڪريم ۾ بار بار "اِذْ" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ سيني تفسيرن هي لکي آهي ته: "اي محبوب توهان اهو وقت ۽ اهو قصو ياد ڪريو"

مثال طور: وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ جَاعِلٌ فِي الْاَرْضِ خَلِيْفَةً (بقره: ٣٠) اي محبوب توهان اهو وقت ياد ڪريو، جڏهن توهان جي رب ملائڪن کي فرمايو ته

بيشڪ آئون زمين تي پنهنجو نائب (آدم عليه السلام) مقرر ڪندڙ آهيان.

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلَآئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْا اِلَّآ اِبْلِيْسَ.

يعني اي محبوب توهان اهو وقت ياد ڪريو جڏهن اسان ملائڪن کي فرمايو، سجدو ڪريو پوءِ سيني سجدو ڪيو مگر ابليس نه ڪيو.

وَاِذْقَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ- اي محبوب: اهو وقت ياد ڪر، جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو.

وَاِذِ اسْتَسْقٰى مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ:

ءِ جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم لاءِ پاڻيءَ جي طلب ڪئي.

مطلب ته: قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ "اذ" جو لفظ استعمال ڪري محبوب ڪريمن کي مخاطب ٿي باربار ياد ڏياريو آهي ته اي محبوب فلانو واقعو، يا فلانو وقت، يا فلانو موقعو، يا فلاني ڳالهه ياد ڪريو. جنهن جي معنيٰ آهي ته اوهان يقين اتي موجود هئا.

قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي جاين تي الله پاڪ "اَلَمْ تَرَ" جو لفظ استعمال ڪيو آهي: جنهن جي معنيٰ آهي ته ڇا توهان نه ڏٺو؟ يعني يقيناً توهان ڏٺو.

مثال طور: اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ.

(اي محبوب ڇا توهان نه ڏٺو ته اسان هاٿي وارن سان ڇا ڪيو)

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ

(اي محبوب ڇا توهان نه ڏٺو ته توهان جي رب عاد (قوم) سان ڇا ڪيو.

انهن سيني مذكوره مثالن ذكر كرڻ جو مطلب آهي ته سائين عبدالوحيد جان جيكو ترجمو كيو آهي اهو محبوب جي شان كي اعليٰ ۽ ارفع ۽ واضح كري ٿو. جنهن ۾ محبوبن كريمن جي ذات اقدس كي ازل كان ابد تائين هر وقت ۽ هر هنڌ موجود ۽ حاضر ناظر هجڻ ثابت كيو آهي. جڏهن ته هين ترجمن ۾ اها خاصيت نه آهي.

الله تعالىٰ زمانن ۽ مكانن جو خالق ۽ مالك آهي ۽ اهو بي نياز آهي. ان كي زماني جي قسم كٽڻ جي كهڙي ضرورت آهي. پر جنهن زماني جي سندن محبوب سان نسبت آهي، يعني محبوب پاك جي نبوت وارو زمانو؛ اهو زمانو به الله تعالىٰ كي ايترو پيارو ۽ اشرف لڳو جو پاڻ فرمايائين وَالعَصرِ؛ يعني اي محبوب مون كي تنهنجي زماني جو قسم. انهن مثالن لكڻ جو مطلب هي آهي ته سائين عبدالوحيد جان، الحمد كان ولي والناس تائين قرآن پاك جي ترجمي جو محور حبيب كريم صلي الله عليه وآله وسلم جي شان اقدس كي بنايو آهي.

سائين عبدالوحيد جان سرهندي جو چوڻ آهي ته هي قرآن پاك آهي ئي سموري جو سمورو محبوب پاك جي صفت ۽ سارا هر؛ ته پوءِ جڏهن الله پاك قرآن پاك كي محبوب جي صفت ۾ نازل كري ته اسان محبوب جا غلام پلا چو نه محبوب شان بيان كريون، جنهن جو رب پاڻ ثنا خوان آهي، ۽ اسان هي ترجمو فقط محبوب پاك جو شان اقدس واضح كرڻ لاءِ كيو آهي. جڏهن ته

ٻين ڪيترن ترجمن ۾ انهي ڳالهه جو ڪوبه خيال نه ڪيو ويو آهي.

اهو الله جل جلاله جو محبوبن ڪريمن جي صدقي اسان تي خاص ڪرم آهي جو اسان کان پنهنجي محبوب جو شان بيان ڪرائي پيو ۽ اسان لاءِ سورت احزاب پاره ٢٢ ۾ الله تعاليٰ جو حڪم آهي.

ترجمه: "بيشڪ الله تعاليٰ ۽ سندس ملائڪ نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم تي درود موڪلين ٿا، اي ايمان وارؤ! اوهين به مٿس درود موڪليو ۽ چڱي طرح سلام موڪليو." جن الله تعاليٰ جي انهي حڪم کي نه مڃيو ۽ درود ۽ سلام نه موڪليو تہ انهن لاءِ الله تعاليٰ انهي آيت سان گڏ يڪدم ٻي آيت ۾ درود ۽ سلام نه پڙهڻ وارن لاءِ سزا به تجويز فرمائي آهي. "يعني بيشڪ جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ ۽ سندس رسول اڪرم کي ايذاءُ ڏين ٿا انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله جي لعنت آهي ۽ الله تعاليٰ انهن لاءِ ذلت وارو عذاب تيار ڪري رکيو آهي."

☆☆

قرآن پاڪ جي ترجمي کان سواءِ سائين عبدالوحيد جان ٻيا ٻ ڪيترائي سرڪار جي ثنا ۾ اهم علمي ۽ روحاني ڪم سرانجام ڏنا آهن جن جو مختصر ذڪر خير هي آهي:

١. **بيان الرحمان في ترجمة القرآن:** قرآن ڪريم جو سنڌي ۾ عام فهم ۽ تفسيري ترجمو آهي جيڪو ١٥ پارن تائين ڇهـ هزار نسخا شايع ٿي في سبيل الله تقسيم ڪيا ويا آهن.

٢. **دلائل الخيرات:** هي اهو مستند ۽ جامع درود پاڪ جو مجموعو آهي جيڪو پوري دنيا ۾ قرآن پاڪ کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ پڙهيو وڃي ٿو ۽ پوري دنيا جا ماڻهو ان جا لکين نـ. ڪروڙين نـ. بلڪ اربين ختما پڙهي چڪا آهن ۽ درود شريف جا جيڪي ٻ صيغا موجود آهن اهي سڀ دلائل الخيرات مان ورتل آهن انهي دلائل الخيرات جي سائين جن ڪي مديني منوره جي شيخ الدلائل کان سند ٻ مليل آهي. سائين عبدالوحيد جان هن ڪتاب جو سنڌي ۾ عام فهم ترجمو ڪري شايع ڪرايو آهي جنهن جون پارنهن هزار ڪاپيون شايع ٿي في سبيل الله تقسيم ڪيون ويون آهن.

٣. **قصيده برده شريف:** هي اهو عظيم قصيدو شريف آهي جيڪو سرور ڪائنات جي خدمت ۾ مقبول آهي ۽ مشرق کان مغرب تائين پوري عالم اسلام ۾ وڏي

محبت سان پڑهيو وڃي ٿو. هن ڪتاب جو پڻ سائين عبدالوحيد جان سنڌي ۾ هڪ منفرد ۽ آسان ترجمون ڪري ستن بابن ۾ مرتب ڪيو آهي، جنهن جون ڇهه هزار ڪاپيون شايع ڪري في سبيل الله تقسيم ڪيون ويون آهن.

۴. متبرڪ وظيفا: هن ڪتاب ۾ اڄ ڪلهه جي عام مسلمانن جي رهنمائي لاءِ سڄي سال جي متبرڪ راتين جا فضائل، ورد، وظائف، ختم خواجگان ۽ حزب البحر ۽ سائين جن جون جوڙيل سنڌي نعتون ۽ مناجاتون شامل ڪيون ويون آهن. هن ڪتاب جون ست هزار ڪاپيون شايع ڪري في سبيل الله تقسيم ڪيون ويو آهن.

۵. درود مقدس: هي اهو عظيم منفرد ۽ مقبول درود شريف آهي، جنهن کي پڑهي جيڪا به دعا گهري وڃي تہ اها يقينن مقبول ٿي وڃي ٿي، هن درود شريف کي سائين جن نئين سر سينگاريو آهي جنهن جون ٻي هزار ڪاپيون شايع ڪري في سبيل الله تقسيم ڪيون ويون آهن.

ان کان علاوه سائين جن اسان جي ٻين ڪتابن جهڙوڪ: برڪات الصلوات، حج جي ڪتابن، مديني ۽ مڪي جون دعائون، قرآني دعائون ۽ دعاءِ عرفہ وغيره جي نظرثاني ۽ ترجمو به سائين جن ڪيو آهي.

ان کان سواءِ سائين جن Ph.D جي ڊگري لاءِ "قرآن ڪريم ۽ شاهہ لطيف" تي ريسرچ ڪري رهيا آهن، جنهن جو موضوع هي بيت آهي:

جي تو بيت پائئيا، سي آيتون آهين
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي
(شاهه)

منهنجي دعا آهي ته الله تعالىٰ سائين جن تي پنهنجو
ڪرم، پنهنجي مهرباني ۽ پنهنجي عنايت برقرار رکي ۽
حضور نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جي نظر
عنايت، نظر ڪرم ۽ نظر شفقت متن قائم رهي ۽ پنهنجي
بزرگن جي مدد قائم ۽ دائم رهي، جيئن هي فيض ۽
برڪت جو روان روحاني درياءَ سيني مسلمانن کي حقيقي
محبوبي فيض سان سيرآب ڪندو رهي ۽ اسان مريدن کي
سندن رهنمائي سدائين حاصل هجي. (آمين)

☆☆

آئون جناب حضرت صاحب سائين آغا عبدالحميد جان
سرهندي مدظله العاليه جن جي خدمت ۾ مبارڪباد پيش
ڪريان ٿو جو سائين جن جي تعليم ۽ تربيت جي فيوضات
۽ برڪات سان سندن فرزند ارجمند هن قرآن ڪريم جي
مترجم، قرآن ڪريم جو ترجمو ۽ پيا ڪافي ديني ڪتاب
لکي اسان مريدن عقيدتمندن مخلصن ۽ پوري سنڌ جي
مسلمانن کي پنهنجي فيض سان مستفيض ڪيو آهي.

ان کان علاوه اسان هن درگاهه جي سڄي جماعت ۽
سيني مخلصن ۽ حاضرين مجلس کي به هن عظيم ڪم
سرانجام ٿيڻ تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

الله تعالىٰ جي فضل و ڪرم ۽ محبوبن ڪريمن جي خاص عنايتن سان هن ترجمي جي اشاعت جو ڪم منهنجي حصي ۾ آيو آهي ۽ الحمدلله ان جي مڪمل اشاعت جو ارادو رکان ٿو ۽ الله پاڪ ۽ ان جي رسول پاڪ کان ان جي مڪمل اشاعت جي سلسلي ۾ مدد طلب ڪريان ٿو. هي جيڪو ڪجهه آئون ڪري رهيو آهيان اهو سڀ ڪجهه منهنجي مرشدن ڪريمن جي دعا ۽ ڪرم نوازي سان آهي.

هن عظيم ڪم ۾ تمام گهڻي دل و جان ۽ محبت سان اسان جو ساٿ، اسان جي پياري ڪاتب فيض محمد پتافي سڪندري ڏنو آهي ۽ اسان سان هر وقت هن محبوب ڪمن ۾ گڏ آهي. ۽ نيوگرين پريس جي مالڪ سيد واجد علي حسني سهڻي نموني سان نپايو آهي.

علاوه ازين جناب قاضي عبدالقدوس راجڙ صاحب جن هن قرآن پاڪ جي پنجن پنجن پارن جون پنج پنج هزار ڪاپيون عمده نموني سان ڇپرائي في سبيل الله تقسيم ڪيون آهن ۽ برڪات الصلوات، قصيده برده، متبرڪ وظيفا ۽ دلائل الخيرات جون ڏي ڏي هزار ڪاپيون ڇپائي في سبيل الله تقسيم ڪيون آهن ۽ اهو سلسلو جاري رکيو اڃن ۽ هن ڪم ۾ اسان جو سچو ساٿ ڏيئي رهيا آهن. الله تعالىٰ اسان جي انهن سڀني مخلص ساٿين کي دين ۽ دنيا ۾ ڪاميابي ۽ ترقي عطا فرمائي. (آمين)

اِنَّ هٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ.

بيشڪ هي قرآن ڪريم انهن ماڻهن کي هدايت ڏي ٿو، جيڪي ان کي پڙهي، ان تي عمل ڪن ٿا ۽ اهڙن مومنن کي جنت جي بشارت ڏئي ٿو.

اسين پر اميد آهيون ته پڙهندڙ اسان جي هن ڪوشش مان پرپور فائدو ونڊندا ۽ قرآن پاڪ جي ترجمي کي پاڻ پڙهندا ۽ پنهنجي اولاد پنهنجي دوستن واسطيدارن کي هي الله ۽ الله جي رسول جو پيغام پهچائي پنهنجا ٻئي جهان موچارا ڪندا.

طالب دعا و دعاگو

سيد قمر الزمان شاهه ٽڪڙائي

(پڙ پوٽو سيد ميران محمد شاهه اول)

لطيف آباد نمبر ٢ حيدرآباد سنڌ

قرآن كريم جا فضائل

(١) حضرت سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه كان روايت آهي، پاڻ كريمن ارشاد فرمايو، ته الله تعالىٰ هن قرآن كريم سان گهڻن ماڻهن کي بلند كري ٿو ۽ گهڻن ماڻهن کي پست كري ٿو. يعني جيكي ماڻهو اُن تي ايمان آڻن ٿا ۽ اُن تي عمل كن ٿا انهن لاءِ بُلندي آهي ۽ جيكي ائين نه ٿا كن انهن لاءِ پستي آهي. (هيءُ حديث صحيح مسلم ۾ موجود آهي.)

(٢) حضرت سيدنا عثمان ابن عفان رضي الله تعالىٰ عنه كان روايت آهي، ته پاڻ كريمن صلي الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو: ته توهان مان سڀ كان بهتر شخص اهو آهي جنهن قرآن كريم سكيو ۽ ٻين کي قرآن كريم سيكاريو.

(هيءُ حديث شريف صحيح بخاري شريف ۽ صحيح مسلم شريف ۾ موجود آهي.)

(٣) حضرت سيدنا علي ابن ابي طالب رضي الله تعالىٰ عنه كان روايت آهي ته پاڻ كريمن صلي الله عليه و آله وسلم جن ارشاد فرمايو: ته عن قريب اهو وقت ايندو جڏهن فتنا پيدا ٿيندا. مون عرض كيو، ته يا رسول الله ﷺ! پوءِ انهن فتنن كان نكرڻ جو كهڙو ذريعو هوندو؟ پاڻ كريم ﷺ جن ارشاد فرمايو، ته كتاب الله (يعني

قرآن کریم). جو تہ اُن ۾ توهان کان اڳين جا حالات آهن ۽ توهان کان پوءِ جون خبرون آهن ۽ توهان جي (موجوده) معاملن جا احڪامات آهن. ۽ اهو قرآن ڪريم فيصلہ ڪُن قول آهي ۽ بي فائدو قول نہ آهي. جيڪو سرڪش ماڻهو قرآن ڪريم کي ڇڏيندو، الله تعاليٰ اُن کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪو ماڻهو قرآن ڪريم کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ هدايت تلاش ڪندو، الله تعاليٰ اُن کي گمراهہ ڪندو. فقط قرآن ڪريم ئي الله تعاليٰ جي مضبوط رسي آهي ۽ اهوئي ذِڪر حڪيم آهي، ۽ اهوئي صراط مستقيم آهي. اهو ئي قرآن ڪريم آهي، جنهن کي انساني خواهش سان ڪابہ لغرش ڏئي نہ ٿي سگهجي. زبانون اُن سان ملتبس ٿي (مُنجهي) نہ ٿيون سگهن. عالم قرآن ڪريم جي علم کان مستغني (بي نياز) ٿي نہ ٿا سگهن ۽ اهو گهٽي ۽ بار بار پڙهڻ جي باوجود پراڻو نہ ٿو ٿئي ۽ اُن جا عجائبات ختم نہ ٿا ٿين قرآن ڪريم جي مطابق چوندڙ سچو آهي ۽ اُن تي عمل ڪندڙ ثواب جو مستحق آهي ۽ اُن جي موافق فيصلو ڪندڙ عادل آهي، اُن ڏانهن سڏيندڙ صحيح رستي ڏانهن هدايت يافتہ ٿئي ٿو.

(هيءُ حديث شريف جامع ترمذي شريف ۽ دارمي شريف جي آهي ۽ علامہ جلال الدين سيوطي الأتقان فِي علومِ القرآن ۾ درج ڪئي آهي.)

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنہ کان روايت

آهي، ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو، ته بيشڪ جنهن ماڻهو جي سيني ۾ قرآن ڪريم مان ڪا شي ناهي، اهو ماڻهو ويران گهر جي مثال آهي. هيءُ حديث جامع ترمذي ۽ دارمي ۾ آهي، ۽ امام ترمذي فرمايو ته هيءُ حديث صحيح آهي.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو، ته جيڪو ماڻهو قرآن ڪريم مان (فقط) هڪ اکر پڙهي ٿو، اُن کي اُن جي عيوض هڪ نيڪي ملندي، جيڪا ڏهن نيڪين جي برابر هوندي. (پاڻ فرمايائون) ته آئون ائين نه ٿو چوان ته "الـم" هڪ حرف آهي، پر الف هڪ حرف آهي ۽ لام ٻيو حرف آهي ۽ مِيم ٽيون حرف آهي. (هيءُ حديث جامع ترمذي ۽ دارمي ۾ آهي.)

حضرت معاذ رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو، ته جنهن ماڻهو قرآن ڪريم پڙهيو ۽ جيڪي ڪجهه اُن ۾ لکيل آهي اُن مطابق عمل ڪيو، ته اُن جي ٻيءُ ماءُ کي قيامت جي ڏينهن تاج پارايو ويندو، اُن (تاج) جي روشني اُن سج کان وڌيڪ احسن هوندي، جيڪو دنيا ۾ توهان جي گهرن تي ايرندو هو، پوءِ توهان جو رايو اُن تي عمل ڪندڙ شخص بابت ڇا آهي؟ (هيءُ حديث احمد ۽ ابوداؤد ۾ آهي)

حضرت براء بن عازب رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو، ته توهان قرآن ڪريم کي پنهنجي (سهڻن) آوازن سان سينگاريو. (هيءُ

حديث احمد، ابوداؤد، ابن ماجه ۽ دارمي ۾ آهي.)

حضرت ابو سعيد بن مُعلي رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي، ته آئون مسجد شريف ۾ نماز پڙهي رهيو هوس، پوءِ نبي کريم ﷺ جن مونکي سڏيو، پوءِ مون کين جواب نه ڏنو. آن کان پوءِ آئون سندن حضور ۾ آيس ۽ مون عرض کيو ته يا رسول الله ﷺ آئون نماز پڙهي رهيو هوس. پاڻ کريمن فرمايو، ڇا! الله تعالي (قرآن کريم ۾) ائين نه فرمايو آهي: ته اِستَجِيبُوا لله وِللرسولِ اَذا دعاکم- ترجمو (توهان الله ۽ الله جي رسول جي دربار ۾ حاضر ٿيو جڏهن توهان کي سڏين)، آن کان پوءِ پاڻ کريمن فرمايو: ڇا آئون توکي قرآن کريم جي اُها هڪ عظيم سورة نه سيکاريان، آن کان اڳ ۾ جو تون مسجد کان باهر نڪرين! پوءِ پاڻ کريمن منهنجي هٿ مان جهليو، پوءِ جڏهن اسان باهر نڪرڻ جو ارادو کيو، مون عرض کيو ته يا رسول الله، توهان فرمايو هو ته آئون توکي قرآن کريم جي هڪ عظيم سورة سيکاريندس. پاڻ کريمن فرمايو (اُها) اَلحمد شريف آهي ۽ اهائي سَبعَ مثاني ۽ قرآن عظيم آهي جيکو مون کي ڏنو ويو آهي. (هيءَ حديث بخاري شريف ۾ موجود آهي.)

حضرت ابوسعود رضي الله عنه کان روايت آهي، ته رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو، ته جيکو ماڻهو سورة بقره جون آخري ٻه آيتون (اٰمَنَ الرسول - کان- فانصرنا علي القوم الکفرين تائين) سمهڻ وقت پڙهندو، آهي آن

لاءِ ڪافي آهن.

هي حديث بخاري شريف ۽ مسلم شريف ۾ موجود آهي.

حضرت معقل بن يسار رضي الله تعالىٰ عنہ ڪان روايت آهي، تہ رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم جن ارشاد فرمايو، جنهن شخص سورة يس، الله جي رضامندي لاءِ پڙهي، تہ اُن جا اڳيان سيئي گناهہ بخش ڪيا ويا. پوءِ توهان سورة يس پنهنجي فوت ٿيلن تي پڙهو. (هي حديث بيهقي شريف ۾ موجود آهي.)

حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنہ ڪان روايت آهي، تہ رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم جن ارشاد فرمايو، تہ هر شي جي زينت ۽ خوبصورتي هوندي آهي ۽ قرآن ڪريم جي زينت سُورة رحمٰن آهي. (هي حديث مشڪواة شريف ۾ موجود آهي.)

قرآن كريم مؤمنن لاءِ شفا آهي

درحقيقت سمورو قرآن كريم مؤمنن لاءِ شفاءِ رحمت آهي، پر هن مختصر كتاب اندر قرآن كريم جي كجهہ آيتن جا فائدا ءِ پڙهڻ جي ترتيب لكون ٿا. اميد ته پڙهندڙن كي انهن مان فيض ءِ فائدو حاصل ٿيندو.

١. آيات شفا

(١) وَيَشْفِ صُدُوْرَ قَوْمٍ مُّؤْمِنِيْنَ ○ (٢) وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ○
(٣) يَخْرُجُ مِنْ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ○
(٤) وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْآنِ مَاهُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ○ (٥) وَاِذَا مَرِضْتُ فَهُوَ يَشْفِيْنِ ○ (٦) قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًى وَّ شِفَآءٌ ○

قرآن كريم جون هي؛ چهہ آيتون جيكڏهن كنهن بہ مريض كي چيني جي ٽانو تي لكي؛ ست ڏينهن پيارجن ته ان كي هر قسم جي بيماري مان شفا ملندي.

٢. فَسَيَكْفِيْكَهُمُ اللّٰهُ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ○

وقت جو حاكم، زميندار، يا بالا آفيسر كنهن شخص تي سخت ناراض هجي ته هي آيت شريف پڙهي پاڻ تي دم كري ان جي سامهون ويندو ته اهو ان تي مهربان ٿيندو.

٣. قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَآءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَآءُ ط وَتُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ

بِيَدِكَ الْخَيْرُ ۖ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ○

قرض جي ادائگي لاءِ روزانہ ست دفعا فجر جي نماز کان پوءِ ست دفعا عشاجي نماز کان پوءِ ۴۰ ڏينهن مذکوره آيت شريف پڙهي تہ قرض جلد ادا ٿي ويندو.

۴. رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوْبَنَا بَعْدَ اِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ○

روزانہ هر نماز کان پوءِ، هي آيت شريف دُعا طور پڙهي تہ اُن ماڻهو جو هِن جهان مان ايمان سان خاتمون بالخير ٿيندو.

۵. رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ○

بي اولاد ماڻهو هي آيت شريف ڪثرت سان پڙهن تہ الله تعالىٰ کين اولاد دعا ڪندو.

۶. حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ○

دشمنن جي دفع ڪرڻ لاءِ هي آيت شريف روزانہ هڪ سؤ دفعا پڙهي دُعا ڪهري تہ سندس دشمن دفع ٿي ويندا.

۷. اَللّٰهُ لَطِيْفٌ بِعِبَادِهٖ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ وَهُوَ الْقَوِيُّ الْعَزِيْزُ ○

رزق روزي جي برڪت لاءِ هي آيت شريف روزانہ هڪ سو دفعا پڙهي دُعا ڪهري تہ سندس رزق روزي ۾ برڪت ٿيندي.

۸. رَبَّنَا اَخْرِجْنَا مِنْ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ الظَّالِمِ اَهْلُهَا ○

خراب مُلڪ يا علاقي ۾ قاسي پوي تہ هيءَ آيت روزانہ صبح ۽ شام ڪثرت سان پڙهي دُعا ڪهري تہ اُن مُلڪ ۽ علاقي مان باعزت باهر نڪرندو.

۹. رَبَّنَا ظَلَمْنَا اَنْفُسَنَا وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ ○

سمورن گناهن معاف ڪرائڻ لاءِ فرض نماز کان پوءِ هميشہ هي آيت پڙهي تہ سندن سمورا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

١٠. لِيَرْبِطَ عَلٰى قُلُوْبِكُمْ وَيُثَبِّتَ بِهِ الْاَقْدَامَ ○

دل جي دهڪي لاءِ روزانہ ٨١ دفعا هيءُ آيت پڙهي پنهنجي دل ۽ سيني تي دم ڪري تہ جلد مڪمل صحت ياب ٿيندو.

١١. فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ السِّحْرُ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ ○ وَ يُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ ○

سحر ۽ جادو کي دفع ڪرڻ لاءِ هي آيتون پاڻي تي پڙهي اُن ماڻهو جي منهن ۽ مٿي تي چنڊا هڻو جنهن تي سحر جو اثر هجي، سحر ۽ جادو بلڪل ختم ٿي ويندو.

١٢. فَاللّٰهُ خَيْرٌ حَافِظًا وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ○

خوف ۽ خطري کي ختم ڪرڻ لاءِ هي آيت ڪثرت سان پڙهي تہ خوف ۽ خطرو جلد دفع ٿي ويندو.

١٣. بِسْمِ اللّٰهِ مَجْرٖىهَا وَمُرْسٰىهَا اِنَّ رَبِّيْ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ○

سواريءَ تي سوار ٿيڻ وقت هيءَ آيت شريف پڙهو تہ سفر جي سختين ۽ آفتن کان محفوظ رهندو.

١٤. وَبِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَبِالْحَقِّ نَزَلَ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ○

هر مرض ۽ درد دفع ڪرڻ لاءِ اُن جاءِ تي هٿ رکي ٥ دفعا هي آيت پڙهي دم ڪريو تہ اُها تڪليف دور ٿي ويندي.

١٥. رَبِّ اشْرَحْ لِيْ صَدْرِيْ ○ وَيَسِّرْ لِيْ اَمْرِيْ ○ وَاحْلُلْ

عُقْدَةً مِّنْ لِّسَانِيْ يَفْقَهُوْا قَوْلِيْ ٥

ذهانت ذکاوت لاءِ مذکوره آيتون فجر نماز کان پوءِ ٢١ دفعا پڙهي تہ ذهين ۽ زکي ٿيندو.

١٦. رَبِّ زِدْنِيْ عِلْمًا ٥

علم ۽ عرفان جي واڌاري لاءِ روزانہ هک سو دفعا پڙهي تہ علم ۽ عرفان ۾ اضافو ٿيندو.

١٧. لَهٗ مَافِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ٥

زراعت ۽ پوک جي هر قسم جي مرضن دفع کرڻ لاءِ هيءُ آيت ١٠٠ دفعا پڙهي، واريءَ تي دم ڪجي پوءِ اها واري اُن پوک تي ڇٽکارجي تہ مرض ختم ٿي ويندو.

١٨. وَشِفَآءٌ لِّمَا فِي الصُّدُوْرِ ٥

دل جي هر قسم جي بيمارين لاءِ روزانہ ١٠٠ دفعا پڙهي پنهنجي دل ۽ سيني تي دم ڪريو جلد فائدو ملندو.

١٩. اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰى اَفْوَاهِهِمْ ٥

دشمن جي زبان بند کرڻ لاءِ روزانو صبح شام ٣٣-٣٣ دفعا پڙهي تہ دشمن جي زبان کي مهر لڳي ويندي.

٢٠. رَبِّ اَصْلِحْ لِيْ فِيْ ذُرِّيَّتِيْ ۚ اِنِّيْ تُبْتُ اِلَيْكَ وَاِنِّيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ ٥

نافرمان اولاد جي هدايت لاءِ هيءُ آيت شريف ڪثرت سان پڙهي تہ اولاد فرمانبردار ۽ صالح ٿيندو.

٢١. وَ اِنْ يَّكَادُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَيُزْلِقُوْنَكَ بِاَبْصَارِهِمْ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكْرَ وَ يَقُوْلُوْنَ اِنَّهٗ لَمَجْنُوْنٌ ۝ وَ مَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ۝

بد نظر لاءِ هي آيت شريف لکي تعويذ جي صورت ۾ پائي چڏي ته بدنظر جو اثر ختم ٿي ويندو.

٢٢. لَا يُصَدِّعُوْنَ عَنْهَا وَلَا يُنْزِفُوْنَ ۝

مٿي جي سور لاءِ هي آيت شريف ٣٣ دفعا پڙهي پنهنجي هٿ تي دم ڪري پوءِ پنهنجي هٿ کي پنهنجي مٿي تي ڦيرائي ته مٿي جو سور ختم ٿي ويندو.

٢٣. اِذَا السَّمَآءُ انْشَقَّتْ ۝ وَ اَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَ حُقَّتْ ۝ وَ اِذَا الْاَرْضُ مُدَّتْ ۝ وَ اَلْقَتْ مَا فِيْهَا وَتَخَلَّتْ ۝

ولادت ۾ آساني لاءِ هي آيتون ١٣ دفعا پڙهي پاڻي تي دم ڪري ان عورت کي پيارجن جنهن کي وضع حمل جي تڪليف آهي. انهن آيتن جي برڪت سان ٻار جڻڻ ۾ ڪيس آساني ٿيندي.

٢٤. وَلِكُلِّ نَبَاٍ مُّسْتَقِرٌّ ۝

ڏندن جي سور لاءِ هي آيت پنهنجي سور واري ڏند تي هٿ رکي ٩٩ دفعا پڙهي ته سور ختم ٿي ويندو.

٢٥. اِنَّا اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝ فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَ انْحَرْ ۝ اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ۝

يرقان ۽ برهل لاءِ هي آيتون پڙهي پاڻ تي روزانه ٧ دفعا

صبح ۽ ۷ دفعا شام دم ڪري ۽ ڪارن مرچن تي ۷ دفعا پڙهي دم ڪري صبح جو نيراني ۷ ڪارا مرچ استعمال ڪري تہ يرقان ۽ برهل ختم ٿي ويندي.

نوٽ: اسان هي جيڪي بہ قرآن ڪريم جون آيتون لکيـــــون آهن، انهن جي پڙهڻ وقت اول ۽ آخر ۾ درودشريف ضرور پڙهندا ۽ اسان جي طرفان سڀني مسلمانن کي هن آيتن کي پڙهي فائدي حاصل ڪرڻ جي اجازت آهي.

بقلم:

عبدہ عبدالوحید سرهندی

قرآن ڪريم تي هڪ مؤدبانه نظر

قرآن ڪريم جا ـــــ ٣٠ ـــــ پارا آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ١١٤ ـــــ سورتون آهن

قرآن ڪريم جا ـــ ٥٥٨ ـــــ رڪوع آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ٦٦٦٦ ـــــ آيتون آهن

قرآن ڪريم جا ـــــ ٣٢٢٠٦٧١ ـــــ حرف آهن

قرآن ڪريم جا ـــــ ١٤ ـــــ سجدا آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ٧ ـــــ منزلون آهن

قرآن ڪريم جا ـــــ ١٤ ـــــ حرف مقطعات آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ٨٨٠٤ ـــــ پيشون آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ٥٣٠٢٢٣ ـــــ زبرون آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ٩٥٨٢ ـــــ زيرون آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ١٧٧١ ـــــ مَدون آهن

قرآن ڪريم جون ـــ ١٢٧٤ ـــــ شَدون آهن

قرآن ڪريم جا ـــــ ١٠٥,٦٨٤ ـــــ نقطا آهن

هيءَ اهو عظيم ۽ مقدس قرآن ڪريم آهي جيڪو الله تعاليٰ جي حُڪم مطابق ٢٣ سالن جي عَرصي ۾ صَاحبِ قُرآنِ مُحَمد رَسُولُ اللهِ صلي الله عليه و آله وسلم تي نازل ٿيو.

بقلم عبد

مديني جيمبر جي
هڪ عظيم ۽ منفرد دُعا

الله جي پياري حبيب سرور ڪائنات فخر موجودات ﷺ جن عرب جي سر زمين تي دين اسلام جي تبليغ جي ابتدا ڪئي. مڪ مڪرمه ۽ آس پاس جا ماڻهو آهستي آهستي مشرف بہ اسلام ٿيندا رهيا. ايستائين جو انهن صحابہ ڪرام جو تعداد ٣٩ تي اچي پهتو. پر اُن جي باوجود ديني تبليغ علي الاعلان نہ ٿيندي هئي ۽ جيڪي تبليغ ٿي رهي هئي سا مخفي ٿي رهي هئي. مسلمان جيڪڏهن عبادت الاهي ۽ ديني احڪام تي عمل ڪندا هئا، سو بہ مخفي طور ڪندا هئا.

دين اسلام، کي اُن وقت هڪ عظيم شخصيت جي گهُرج هئي، جنهن سان دين معزز ۽ مشرف ٿئي. الله پاڪ جي پياري رسول ﷺ عام طرح تہ مڪي جي سيني ماڻهن کي دين جو پيغام پهچايو، پر الله جي رسول جي دل ۾ ان عظيم شخصيت کي راهہ راست تي آڻڻ جي خواهش پيدا ٿي، جنهن سان دين معزز مشرف ۽ مضبوط ٿئي ۽ دين جي علي الاعلان تبليغ ۽ تشهير ٿئي. هڪ ڏينهن حضرت عمر بن خطاب غلط ارادي سان تلوار هٿ ۾ کڻي الله جي رسول ﷺ جي دربار ۾ اچي رهيا هئا. الله جي

رسول حضرت عمر بن خطاب جي حق ۾ هيءُ هڪ عظيم ۽ منفرد دعا ڪهري، جنهن سان سندن تقدير متجي وئي. اُن دُعا جا، الفاظ مُبارڪ هي آهن جيڪي حديث ۽ تاريخ اسلام جي مستند ڪتابن ۾ موجود آهن:

اَللّٰهُم اَعِزالاِســـــلام وَفِي رِوَايَة اخرِي اَللّٰهُم اَيِدِ الاسلام بِعُمرِ بن خطاب خاصة [1]۔

(اي منهنجا رب تون اسلام کي خاص عمر بن خطاب جي ايمان آڻڻ سان معزز ۽ مضبوط بناءِ.)

هن دُعا جو اهو اثر ٿيو جو حضرت عمر بن خطاب اسلام ۾ داخل ٿيا ۽ اهڙي طرح ۴۰ صحابہ ڪرام جو تعداد مڪمل ٿيو. سندن ايمان آڻڻ سان مسلمانن ۾ هڪ عظيم خوشي جي لهر پيدا ٿي ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي مبارڪون پيش ڪيائون. حضرت عبدالله بن عباس کان [2] روايت آهي ته جنهن وقت حضرت عمر بن خطاب اسلام آندو ته حضرت جبرئيل عليہ السلام نازل ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته اي الله جا پيارا حبيب، آسمان وارا عمر بن خطاب جي ايمان آڻڻ تي توهان کي مبارڪباد پيش ڪن ٿا ۽ الله جي پياري حبيب جي طرفان حضرت عمر بن خطاب رضي الله تعالىٰ عنه کي فَارُوقُ [3] جو لقب عطا ڪيو ويو. فاروق جي معنيٰ آهي حق ۽ باطل جي وچ ۾ فرق ڪندڙ.

---

(۱) سُنن ابن ماجه، تاريخ الخلفاء للسيوطي الاصابة في تميز الصحابة.
(۲) سنن ابن ماجه و حاڪر. (۳) تاريخ الخلفاء للسيوطي.

حضرت فاروق اعظم نبوت جي ڇهين سال ذوالحج جي مهيني ۾ اسلام قبول ڪيو. ان وقت سندن عمر ۲۷ سال هئي. سندن سلسلو نسب هن ريت آهي: حضرت عمر بن خطاب بن عبدالعزيٰ بن رياح بن قُرط بن رزاح بن عدي بن ڪعب بن لوي القرشي العدوي.

حضرت فاروق اعظم رضي الله تعالىٰ جن فرمائن ٿا [1] ته اسلام آڻڻ کان پوءِ مون الله جي پياري حبيب صلي الله عليه و آله وسلم جي دربار اقدس ۾ عرض ڪيو، ته يا رسول الله ﷺ ڇا اسين حق تي ناهيون؟ الله جي پياري حبيب فرمايو بيشڪ اسين يقيناً حق تي آهيون. ان تي مون عرض ڪيو ته پوءِ هي مخفي رهڻ ۽ حجاب ڇا جي لاءِ آهي! پوءِ اسين سيئي مسلمان گڏجي دار ارقم مان ٻه صفون ٿاهي باهر نڪتاسين. هڪ صف ۾ سيدنا امير حمزه رضي الله تعالىٰ عنه هٿ ۾ هڪ صف ۾ آئون هئس ۽ اهڙي طرح اسين مسجد الحرام ۾ داخل ٿياسين. قريش خاندان وارن جڏهن مون کي ۽ (حضرت) امير حمزه رضي الله عنه کي مسلمانن سان گڏ ڏٺو ته اهي بي حد پريشان ٿيا. (حضرت امير حمزه حضرت عمر کان فقط ٽي ڏينهن اڳ مسلمان ٿيا هئا)

حضرت عبدالله بن مسعود کان روايت آهي [2] ته جنهن ڏينهن کان حضرت فاروق اعظم ايمان آندو، ان ڏينهن کان اسلام هميشه معزز ۽ بلند ٿيندو رهيو.

(۱) تاريخ الخلفا للسيوطي. (۲) صحيح بخاري

حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه جو عدل، انصاف، تقويٰ، ديندارياري، علم، ادب، تواضع، بردباري، بهادري، جراتمندي، سادگي، دانشمندي، عظيم فيصلا، بهترين خطبا، عالم اسلام ۽ مسلمانن جي بهتري ۽ پلائي لاءِ عظيم خدمتون احاديث مبارک ۽ تاريخ اسلام ۾ موجود آهن. پاڻ هڪ جامع صفات انسان هئا.

پاڻ پنهنجي خلافت ۾ زبردست عدل انصاف تي قائم رهيا ۽ سندن دور خلافت ۾ تمام گهڻيون فتوحات ٿيون، ۽ دين اسلام کي جيڪا گهرج هئي سا فاروق اعظم رضي الله جي طرفان مڪمل ڪئي وئي. احاديث مبارکه ۽ تاريخ اسلام ۾ حضرت فاروق اعظم جا فضائل ۽ مناقب ۽ سندن انصاف، تقويٰ، علم، تواضع، جراتمندي، بهادري ۽ دانشمندي جا واقعا مفصل مذکور آهن.

سائين کريمن جي دعا سان فاروق اعظم اسلام لاءِ جيڪي عظيم خدمتون سرانجام ڏنيون، اهي قابل تعريف آهن.

سائين کريمن جي ان عظيم ۽ منفرد دعا جو اثر هي ٿيو جو هڪ هزار سال گذرڻ کان پوءِ به دين اسلام کي جيڪڏهن ڪنهن عظيم شخصيت جي ضرورت پيش آئي تہ اها شخصيت به حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه جي اولاد مان هئي.

امام رباني مجددلف ثاني حضرت احمد سرهندي فاروقي رضي الله تعالي عنه ۹۶۷ھ ۾ مغليه دور ۾ سرهند

شريف ۾ پيدا ٿيا، وقت جي بادشاهه اڪبر ۽ جهانگير جو اصلاح ڪيائون ۽ اڪبر بادشاهه جي هٿرادو ٺاهيل دين الاهي جي سختي سان تردید ڪيائون۽ نيٺ هندستان جا مغليه حڪمران، دين اسلام تي قائم ٿي سندن مريد ٿيا ۽ سندن عظيم تحريڪ سان بي ديني ختم ٿي، ۽ دين اسلام کي تمام گهٽي ترقي ۽ سرفرازي حاصل ٿي ۽ سندن ڪوششن سان برصغير ۾ اسلامي شريعت جو نفاذ ٿيو، علاوه ازين سندن خليفن پوري دنيا جي هر علائقي ۾ پهچي دين متين جي عظيم خدمت ڪئي. سندن عظيم ديني خدمتن جي ڪري کين مجدد الف ثاني جو لقب ڏنو ويو، ان جي معنيٰ آهي ته ٻئي هزار سال جو مجدد. مجدد جي معنيٰ آهي دين جي از سرنوتجديد ڪندڙ.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رضي الله تعالىٰ جي اولاد ۾ به مديني جي مير جي دعا جو اثر قائم رهيو، سندن اولاد پشت درپشت، نيڪ صالح ۽ اولياء الله ٿيندا رهيا، انهن بزرگن جا حالات ۽ سندن عظيم ديني خدمتون هن مختصر مضمون ۾ آڻڻ ناممڪن آهن.

الحمد لله ثم الحمد لله جو احسان جو تعلق به انهي خاندان سان آهي.

نسبتِ دارم بتو شاہا وسیلہ سوئے تو
حبذا تلک الوسیلۃ نعم ذاک الانتساب

از قلم حضرت شاهه
آغا سرهندي قدس سره
٢٧ محرم سنه ١٣٦١هـ
تنده سائيندا

مختصر تاريخي حالات

امام رباني مجدد الف ثاني حضرت احمد فاروقي سرهندي

قدس سره العزيز

امام رباني مجدد الف ثاني جو نالو مبارک حضرت احمد فاروقي ۽ لقب بدرالدين ۽ کنيت ابوالبرکات آهي.

نسب مبارک:

٢٨ واسطن سان سندن سلسلہ نسب اميرالمؤمنين سيدنا عمر بن خطاب رضي الله تعالىٰ عنه تائين پهچي ٿو. سندن ڏاڏن بزرگن مان حضرت خواجہ مسعود رحمة الله عليہ، جيکي پنهنجي وقت جا رهبر هئا، عباسي خليفن جي استدعاتي پنهنجي وطن حجاز مقدس مان هجرت ڪري دارالخلافه بغداد شريف پهتا. سندن فرزند عباسي خليفن جي طرفان خراسان جي حڪومت جا والي ٿيا ۽ انهيءَ واسطي جي ڪري ڪابل ڪي پنهنجو وطن اختيار ڪيائون. ايستائين جو حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جن جو ١٥ پُشت ۾ ڏاڏو بزرگوار، سلطان شهاب الدين

علي المعروف بہ فرخ شاھ کابلي خراستان (افغانستان) جا بادشاھ ٿيا. ۽ کيترائي دفعا کافرن سان جهاد کرڻ لاءِ هندستان تي حملا کري فتح ۽ کامياب سان مال غنيمت حاصل کري واپس کابل پهتا. بالآخر پاڻ بادشاهي ترک کري کابل جي کوهستان ۾ سکونت پذير ٿيا ۽ چشتيہ سلسلہ مطابق ياد الاهي ۾ مشغول رهي رشد ۽ هدايت ۾ مصروف رهيا. سندن قبرمبارک کابل ۾ دره، فرخ شاه کابلي ۾ اڄ تائين موجود آهي. "يزارُ ويَتبرک بہ" ان جي زيارت کري سگهجي ٿي ۽ اَن کان تبرک حاصل کري سگهجي ٿو.

حضرت خواجہ فريد الدين فاروقي شکرگنج رحمة الله عليہ جيکي هندستان جي مشهور ولين مان آهن اُهي بہ حضرت فرخ شاھ کابلي جي اولاد مان آهن.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن جا ٦ پشت ۾ ڏاڏا بزرگوار حضرت امام رفيع الدين فاروقي کابلي رحمة الله تعالىٰ عليہ ظاهري ۽ باطني کمالات جا جامع هئا. جڏهن حضرت مخدوم جهانيان بُخاري رحمة الله تعالىٰ عليہ بخارا کان کابل پهتا تہ حضرت امام رفيع الدين فاروقي کي پاڻ سان گڏ هندستان وٺي آيا ۽ کين پنهنجو نائب ۽ نماز پڙهائڻ لاءِ امام مقرر کيائون. حضرت امام رفيع الدين فاروقي وقت جي بادشاھ فيروز شاھ غِلزئي جي حڪم مطابق سرهند شريف جو شهر ۽ سرهند شريف جو قلعو تعمير کرائي اُتي ٿي سکونت

پذير ٿيا. سندن مزار ۽ مقبره شريف سرهند شريف شهر جي ويجهو مشهور معروف زيارتگاهه آهي. يُزَارُويُتَبرکُ بِه.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جن جو والد شريف حضرت مخدوم عبدالاحد فاروقي، عالم باعمل، عابد، زاهد ۽ صاحب تقوي بزرگ هئا. پاڻ پهريائين حضرت شيخ عبدالقدوس رحمة الله عليه کان چشتيه سلسلي جي خلافت کاملہ کان سرفراز ٿيا. ۽ اُن جي وفات کان پوءِ حضرت شاهه کمال رحمة الله عليه کان قادريه سلسلہ ورتائون جو پاڻ کمال ۽ تکميل جي درجي تي پهتا ۽ هزارين ماڻهو سندن ظاهري ۽ باطني فيوضات ۽ برکات کان مستفيض ٿيا.

پاڻ مؤرخہ ۷ رجب المرجب سنہ ۱۰۰۷ ھ وصال فرمايائون. سندن قبر مبارک سرهند شريف کان هک ميل باهر بسي شهر ۾ زيارتگاه عام و خاص آهي.

امام رباني مجدد الف ثاني حضرت احمد سرهندي رحمة الله عليه جي ولادت باسعادت جمعہ جي رات مؤرخہ ۱۴ شوال المکرم سنہ ۹۷۱ھ سرهند شريف ۾ ٿي ۽ لفظ خاشع مان سنہ ۹۷۱ھ ابجد جي حساب سان تاريخي مادو نڪري ٿو. سندن والد بزرگوار کان منقول آهي تہ پاڻ کشف ذريعي معلوم کيائون تہ سرور کائنات مفخرِ موجودات صلي الله عليه و آله وسلم جن سندن حويليءَ ۾ تشريف فرما ٿيا آهن ۽ ننڍڙي نومولود يعني

امام رباني صاحب جن جي ڪن ۾ اذان ۽ تڪبير ڏئي رهيا آهن.

پاڻ ننڍپڻ جي زماني ۾ عام ٻارن جي عادت وانگر روئڻ ۽ حرڪتن ڪرڻ کان پاسو ڪندا هئا. ۽ پاڻ هميشه خوش اخلاق هوندا هئا. جڏهن سندن عُمر تعليم حاصل ڪرڻ کي پهتي تہ قرآن ڪريم جي درس ۾ ابتدا ڪيائون. ٿورڙي وقت اندر پاڻ قرآن ڪريم ياد ڪيائون ۽ پنهنجي والد شريف جي خدمت ۾ علم معقول ۽ علم منقول جي ڪتابن پڙهڻ ۾ مشغول ٿيا ۽ اُن ۾ قوي استعداد ۽ ڪماليت حاصل ڪيائون.

اُن کان پوءِ حضرت مولانا ڪمال صاحب جي خدمت ۾ پهتا جيڪي اُن زماني جا مشهور عالم دين ۽ صاحب نسبت بزرگ هئا ۽ مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي جا استاد پڻ هئا. علم معقولات پوري تحقيق ۽ تدقيق سان مڪمل ڪيائون.

حديث شريف جا ڪتاب شيخ الحديث حضرت مولانا يعقوب ڪشميري ۽ شيخ الحديث حضرت قاضي بهلول بدخشاني کان حاصل ڪيائون. مذڪوره بزرگ شيخ المحدثين حضرت مولانا عبدالرحمن بن فهد جا شاگرد هئا. جيڪي پوري عرب دنيا ۾ علم حديث جا استاد تسليم ڪيا ويڻ ٿا ۽ سندن گهراٽو، آباءُ واجداد کان "بيتُ الحَديثِ" جي نالي سان مشهور آهي.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن

انهن برزگن کان حدیث شریف جون مُسلسل سندون حاصل کري محدثين کرام جي جماعت ۾ داخل ٿيا. پاڻ پهريائين شريعت جا علوم مڪمل ڪيائون ۽ اُن کان پوءِ طريقت ڏانهن متوجه ٿيا.

حاصل مقصد ته پاڻ سترهن سالن جي عُمر ۾ علم معقولات ۽ علم منقولات کان فارغ تحصيل ٿي دَرس تدريس ۾ مشغول ٿيا. هڪ طرف پاڻ ظاهري علم جي نشرواشاعت لاءِ کوشش ٿي ڪيائون ته ٻئي طرف پاڻ باطني علم ڏانهن متوجه ٿيا ٿي ۽ پنهنجي والد بزرگوار کان طريقه چشتيه قادريه ۾ ڪمال درجي تي پهچي تڪميل ڪيائون ۽ سندن نائب ٿيا.

جڏهن سندن والد بزرگوار سنه ۱۰۰۷هـ ۾ وصال فرمايو پاڻ سنه ۱۰۰۸هـ ۾ حرمين شريفين جي ارادي سان سرهند شريف کان دَارُلاَولياءِ دهلي شريف پهتا. اُتي پاڻ هڪ ڪامل ولي جون ڪرامتون ۽ فضائل ٻڌائون، اهي بزرگ سلسلہ عاليہ نقشبنديه سان منسلڪ هئا، جيڪي ماوراءُ النهر کان تازا هندستان پهتا هئا. سندن اسم گرامي مويدالدين الرضي خواجہ محمدن الباقي، المعروف بہ خواجہ بيرنگ هو.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره پنهنجي ڪمال ذوق ۽ شوق سان سندن خدمت ۾ پهتا ۽ سندن ڀرپور توجهن ۽ خاص عنايتن سان ممتاز ۽ سرفرار

ٿيا. ٿوري وقت اندر جيڪي ڪين ملڻو هو سو مليو ۽ جنهن مڪان تي ڪين پهچڻو هئو پاڻ پهتا.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن کي جڏهن سندن مرشد، ڪامل ۽ مڪمل ڏٺائون تہ پاڻ ڪين طريقہ عاليہ نقشبنديہ جي طالبن ۽ سالڪن جي تعليم ۽ تربيت تي مقرر فرمايائون. بالآخر پاڻ پنهنجا سڀ مخلص ۽ خليفا حضرت امام رباني جي خدمت ۾ موڪلي سندن حوالي ڪيا ۽ سندن ننڍا فرزند ۽ گهر جا ڀاتي بلڪ خود پاڻ بہ سندن مريد ٿيا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ حضرت احمد سرهندي آهو سڄ آهي جو اسان جهڙا هزارين تارا ان ۾ گم ٿي وڃن ٿا.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن جي عُمر مبارڪ جڏهن چاليهن سالن کي پهتي تہ جُمعي جي ڏينهن ڏهين ربيع الاول ڪشف جي ذريعي ڪين سرور ڪائنات صلي الله عليہ و آله وسلم جي طرفان ٻئي هزار سال جي تجديد جي بهترين خلعت (پوشاڪ) ڪان مشرف ٿيا ۽ پاڻ دين جي تجديد ڪيائون ۽ سُنت جو احيا ڪيائون ۽ بدعت کي ختم ڪيائون.

ٿورڙي وقت اندر سندن رشد ۽ هدايت جو آفتاب نہ فقط هندستان ۾ نہ پر پوري دنيا ۾ سندن فرزندن ۽ سندن خليفن جي ذريعي روشن ۽ چمڪڻ لڳو. اُن زماني کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سيٺي اولياء ڪرام ۽ عُلماء عظام سندن مجددیت جا قائل معترف ۽ متفق البيان آهن.

حضرت مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي رحمة الله عليہ جن جا لکيل ديني ڪتاب مشهور معروف آهن ۽ پاڻ ان دور جي عالمن جا رهبر هئا. پاڻ هڪ مستقل ڪتاب امام رباني مجدد الف ثاني جي تجديد جي باري ۾ لکيو اٿن ۽ حضرت شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليہ جيڪي سڀني حديث جي عالمن جا اڳواڻ هئا ۽ هندستان جي عالمن جا اڳواڻ هئا. پاڻ لکن ٿا تہ امام رباني مجدد الف ثاني هن دور ۾ دين کي مضبوط ڪندڙ ۽ قطب الارشاد هئا. سندن هٿ مبارڪ تي گهڻا گمراهہ ۽ بي دين ماڻهو دیندار ٿيا. (انتهي ملخصاً)

امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن جي ذات اقدس جي لاءِ ايترن عظيم مرتبن ۽ درجن جي ثابت ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڪنهن ڪشف ڪرامت ۽ فضائل لکڻ جي ضرورت نہ آهي. پر چونڪہ اڳين ڪتابن ۾ سندن فضائل ۽ مناقب تمام گهڻا لکيل آهن، انهن مان فقط چند (توهان جي معلومات لاءِ)تحرير ڪجن ٿا.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جن کي بشارت ڏني وئي تہ سندن شفاعت سان قيامت جي ڏينهن هزارين ماڻهو بخشيا ويندا.

ڪين الهام ٿيو تہ توهان جنهن جنازه تي نماز پڙهو ٿا اهو ميت بخشيل آهي ۽ جنهن مقام وارن لاءِ توهان بخشش گهرو ٿا، انهيءَ مقام وارن تان عذاب کڻايو وڃي ٿو.

كين هيءَ بشارت ڏني وئي تہ غَفَرتُ لَکَ وَلِمَن تَوسَلَ بِلا بِوَاسَطَةٍ اَو بِلا وَاسِطَةَ اِلَيٰ يَومِ القِيمَةِ- ترجمہ: يعني توهان کي بخش کيو ويو ۽ انهن ماڻهن کي بخش کيو ويو جيکي واسطي سان يا بغير واسطي جي قيامت تائين توهان جا مُريد ٿيا.

کين علماءِ راسخين ۾ داخل کيو ويو ۽ کين قرآن کريم جي حروف مقطعات جي رازن کان واقف کيو ويو.

کين بشارت ڏني وئي تہ علم ڪلام جا توهان مجتهد آهيو.

پاڻ حضرت سيدنا علي رضي الله تعاليٰ عنہ کي ڏٺائون ۽ حضرت علي الله رضي الله تعاليٰ عنہ کين فرمايو تہ آئون توهان وٽ انهيءَ لاءِ آيو آهيان تہ توهان کي آسمانن جا مخفي علم سيکاريان.

کين بشارت ڏني وئي تہ توهان جيڪوچئو ٿا جيکو لکو ٿا اهو سڀ اسان جي طرفان آهي ۽ اهو اسان وٽ مقبول آهي.

کين بشارت ڏني وئي تہ توهان لاءِ هن دنيا کي آخرت بنايو اٿئون.

سندن عظيم ڪرامت ۽ ڪمال، استقامة علي الشريعة ۽ اتباع سنت ۽ بدعت کان احتراز ڪرڻ آهي، جو تہ حضرت ظاهراً ۽ باطناً مذڪوره بالا ڪمن تي بي حد پابند هئا ۽ هيءَ سڀ فيض ۽ برڪتون ان جي ڪري آهن.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني جن جو وصال سُنت مطابق ٦٣ سال جي عُمر مبارڪ ۾ مؤرخہ ٢٩ صفر سنہ ١٠٣٤هـ ۾ ٿيو ۽ ماده تاريخ وارث الرسول مان ١٠٣٤هـ نڪري ٿو ۽ ڪين انهيءَ ڳبي مبارڪ ۾ رکيو ويو جيڪو پاڻ پنهنجي فرزند حضرت خواجہ محمد صادق سرهندي لاءِ تعمير ڪرايو هو ۽ پاڻ دنيا ۾ پنهنجي صدقہ جاريہ لاءِ ۽ عظيم ۽ يادگار شيون ڇڏيون.

(١) سندن لکيل ڪتاب ۽ مڪتوبات شريف جيڪا شريعت ۽ طريقت جي رازن سان لبريز آهي.

(٢) سندن فرزند ارجمند ۽ سندن خليفاً، جو سارو جهان سندن رشد ۽ انوار سان منور ٿيو، ۽ مخلوق خدا جي سندن فيوضات ۽ برڪات ڪان مستفيض ٿي، نِعمَ السَلَفُ ونِعمَ الخَلَفُ ۽ بفضله تعالىٰ و ڪمال ڪرمہ اُميد آهي تہ هي سلسلو (نقشبنديہ مُجدديہ) قيامت تائين قائم ۽ دائم رهندو. انهتي ملخصاً.

مترجم

عبده عبدالوحيد مُجددي عفي عنہ

تندہ سائينداد

١٥، ٢، ٩٩

سَند دوره تفسير القرآن

هيءَ سند دوره تفسير القرآن جي آهي جيڪا شيخ الحديث و التفسير حضرت علامه محمد فيض احمد اويسي دامت برڪاته جن کان مليل آهي، هيءُ اها سند آهي جنهن جي اجازت سان قرآن ڪريم جو ترجمو ۽ تفسير مستند نموني لکي سگهجي ٿو. هيءُ سند برصغير جي مشهور مفسرن کان ٿيندي حجاز مقدس جي مشهور ۽ معروف مفسرين ڪرام تائين پهچي ٿي. اُن کان پوءِ سيد المفسرين حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله تعالىٰ عنہ کان ٿيندي سرور ڪائنات فخر موجودات صلي الله عليہ و آله وسلم جن جي ذات اقدس تائين پهچي ٿي. هن سند ۾ لکيل آهي تہ صاحب قرآن يعني محمد رسول الله صلي الله عليہ و آله وسلم قرآن ڪريم جا جميع علوم و عرفان، جبرئيل امين عليہ السلام جي معرفت، الله سُبحانه و تعالىٰ جل شانه کان حاصل ڪيا. الحمدلله، مون کي اِها سَنَدَ بتاريخ ۱۴ رجب سنہ ۱۴۰۶هـ ۾ ملي.

(هن سَنَدَ جو عڪس صفحي ۴۴ تي ڏنو ويو آهي.)

يا الله جل جلاله

يا رسول الله صلى الله عليه وسلم

بسم الله الرحمن الرحيم

منجانب مدرسة اهل السنة الجامعة الاويسية الرضوية [illegible]

سند دورہ تفسیر القرآن

اكمل المحامد لله الواحد الاحد [illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible] اما بعد [illegible]

[illegible] مولانا المولوى [illegible]

على بركة الله تعالى [illegible]

مولانا ابى الفضل محمد سردار احمد القادرى الرضوى شيخ الحديث قدس سره [illegible]

رسول الله صلى الله عليه وسلم [illegible]

[illegible] اهل السنة والجماعة [illegible]

[illegible]

والحمد لله المالك [illegible] والصلوة والسلام على سيد المرسلين خاتم النبيين [illegible]

واوليائه ملته وعلماء شريعته اجمعين برحمتك يا ارحم الراحمين وكان ذلك فى

[illegible] من شهر رجب المرجب سنة ١٤٠٢ [illegible]

من هجرة شفيع الحشر [illegible] صلى الله عليه وسلم [illegible]

[illegible]

[illegible]

سَند درسِ نظامي

هيءَ سند درس نظامي جي آهي، جيڪا مونکي سنڌ جي هڪ عظيم علمي درسگاهه مدرسه رحمانيه مورو ضلع نوشهرو فيروز مان ملي. هيءُ سند مون کي منهنجي جشن دستار فضيلت جي موقعي تي ملي آهي اها علمي ۽ روحاني تقريب ٽنڊه سائينداد ۾ بتاريخ ٦ نومبر ١٩٨٦ع ۾ منعقد ٿي. هن تقريب ۾ پوري پاڪستان جي جيد ۽ مستند علماء ڪرام وڏي تعداد ۾ شرڪت فرمائي ۽ ٽنڊه سائينداد جي تاريخ ۾ هيءُ جشن دستار فضيلت هڪ اهم ۽ عظيم الشان جلسو هو. درس نظامي جي هن سَندَ تي منهنجي استاد حضرت علامه مفتي عزيزالله بگهيه صاحب جن جي صحيح ٽيل آهي، آن کان علاوه پاڪستان جي تقريباً ٢٥ مستند علماء ڪرام جون صحيحون ٽيل آهن. درس نظامي جي هيءُ اها عظيم سَند آهي جنهن سان ديني علوم پڙهائي سگهجن ٿا ۽ انهن علمن تي قلم کڻي لکي سگهي ٿو. اُهي شرعي علوم هي آهن: علم تفسير، علم حديث، علم فقهه، علم فلسفه، علم منطق، علم ادب، علم نحو، علم صرف، علم تاريخ، علم عقائد، علم فرائض وغيرهم. الحمدلله اها سند مون کي ٣ ربيع الاول سنه ١٤٠٧هـ ۾ ملي. (هن سَنَدَ جو عڪس صفحي ٤٦ تي ڏنو ويو آهي)



درسِ نظامی جنڈ نمبر ۲۳۲

الحمد للہ الذی جعل العلم نورا وهدی وشرائع الانبیاء جعل العقل فضلا بارزا والنقل شرفا باهرا والصلوٰة والسلام علی من بعث بالشریعة الغراء التی بها الطریق واضح والحق لائح وعلی آله واصحابه الذین سعوا فی ترویج الدین حتی صار الحق مبینا والباطل مضمحلا وبعد فان هذه الدرسیة العربیة قد اسست علی ید المفتی الاجل العالم الربانی جامع من جمع الله فیه جمیع مواهب الانبیاء فکانه مجموعهم الذی لم یکن من کمالهم الا وکان من کمالاته الوجیز الرضیین الاستاذ المکرم مولانا محمد عبد الحق صاحب ادام الله ظله علی رؤس العلوم وجعله لنا ولجمیع المسلمین ذخرا لیوم المعاد فقد عنانی بالحضور لدیه وطلب الی اجازة تلک العلوم التی تلقیتها عن مشائخی الاعلام الذین هم کالنجوم الزاهرة فی سماء العلم فاجزته بکل ما صح عندی وثبت لدی من المعقول والمنقول وهو ان یقرأ الکتب الدرسیة المعروفة فی هذه الدیار من اصول الدین والنحو والصرف وغیرها فی هذه المدة المبارکة فان وفق لذلک کما هو المرجو منه فلیعلم انه یکون من المحظوظین ویکون ممن یحشر مع العلماء الراسخین ویکون من المقربین عند الله تعالی وعلی رسوله الکریم صلی الله علیه وسلم وعلی آله واصحابه الذین هم کالنجوم الزاهرة وعلی من تبعهم باحسان الی یوم الدین وانا احقر العباد واذلهم واحوجهم الی رحمة ربه الغنی [illegible] لما اکتب التحریر الجلالین البیضاوی، الفوز الکبیر مشکوٰة شرح نخبة الفکر الدرس علی شرح جامی علی سلم الدروس میبذی مختصر المعانی مقدمات الکبیر سراجی شرح العقائد التاریخ الاسلامی۔

لفضائل المدرسین الکرام والاکابر العظام

[illegible]

[illegible]

(۴۶)

سَند شهادة العالميه

هيءُ سَند تَنظيم المدارس اهلِ سنت پاڪستان جي طرفان مليل آهي، جيڪا شيخ الحديث حضرت علامہ مفتي عبدالقيوم هزاروي دامت برڪاتہ جي صحيح سان جاري ٿيل آهي، حديث شريف جي مشهور ۽ مستند ڇهن ڪتابن کي پڙهي ان کان پوءِ هيءُ حديث شريف جو امتحان ڏنو ويو، هيءُ امتحان حديث شريف بابت هڪ اهم ۽ مستند امتحان آهي، اَلحمدلله اهو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيم. هِن حديث شريف جي سَند ملڻ کان پوءِ، حديث شريف جا سيئي ڪتاب پڙهائي سگهجن ٿا ۽ احاديث مبارڪ جو ترجمون ۽ شرح لکي سگهجي ٿو، جو تہ هِن سَند ملڻ کان پوءِ حديث شريف جي سَند برصغير جي مشهور علماء حديث کان ٿيندي اها اجازت صحابہ ڪرام تائين پهچي ٿي، صحابہ ڪرام رضي الله عنهم اُهي عظيم شخصيتون آهن، جن اهي حديثون الله تعالىٰ جي پياري حبيب ڪريم صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي زبان وحي ترجمان کان ٻڌيون، بفضله تعالىٰ مون کي هيءُ سند رجب المرجب سنہ ۱۴۰۵ھ ۾ مِليو.

(هن سَنَدَ جو عڪس صفحي ۴۸ تي ڏنو ويو آهي)

بسم الله الرحمن الرحيم

تنظيم المدارس (اهل السنة) پاكستان

الرقم السلسل ١٥٢٠



شهادة العالمية في العلوم العربية والإسلامية

الحمد لله رب العلمين، والصلوة والسلام على خاتم الانبياء والمرسلين وعلى آله واصحابه اجمعين

نشهد بان مولانا پير عبد الوحيد ابن/بنت پير عبد الحميد جان سرهندي

وتاريخ ميلاده ٢ ابريل ١٩٦٤ ورقم التسجيل ٢١٣٦ ورقم الجلوس ١٦

من طلاب الجامعة الراشدية پير گوٹھ (خيرپور)

قد حصل على شهادة العالمية في العلوم العربية والاسلامية

بعد اتمام الدراسة النهائية واجتياز الامتحان المنعقد

باشراف تنظيم المدارس (اهل السنة) في ١٤٠٥ هـ الموافق ١٩٨٤ ش

بتقدير ممتاز وعدد درجاته ٤٨٨/٧٠٠ فقط

ونسال الله عزوجل ان يسلك به سبيل العلماء العاملين

محل الاصدار

التاريخ رجب المرجب ١٤٠٥ هـ

الامين العام

الرئيس

بسم الله الرحمن الرحيم

والصلاة والسلام على اشرف المرسلين وعلى آله وصحبه وسلم تسليما

{ إِجَازَةُ }

الشريف الحسني الحاج عبد الناصر ابوبكر الصديق المدينة المنورة في ١٤/ ٢/ ١٤١٧هـ

خادم الطريقة الشـــــــاذلية الى حضرة : [illegible]

المدينة المنورة تليفون (٨٢٥٥٠٠١)

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله اختار لمقام الولاية رجالا قصرت عن ادراك كمالاتهم عقول الفحول وعجزت عن الوقوف على حصر ما افاض الله تعالى عليهم من النفحات القدسية واللمحات الانسية بطون دفاتر المعقول والمنقول كيف لا وهم اصحاب الدوائر ومن على محورهم هذا النظام دائر لايحوم حول منازلهم محجوب ولو كاد ان يشق بصافنات هواجسه جيوب الغيوب فاين الثريا واين الثرى بل واين سدرة المنتهى .والصلاة والسلام على سيدنا ومولانا محمد المتردي برداء كنت نبيا وآدم بين الماء والطين سيد الاولين والآخرين المنزل عليه ألا إن اولياء الله لا خوف عليهم ولا هم يحزنون وعلى آله الطيبين الطاهرين وصحابته الغر الميامين.

اما بعد: السلام عليكم ورحمة الله تعالى وبركاته تفيبكم عنكم حتى لا تشاهدوا سواه فإني قد اجزت [illegible] الذي احسن ظنه بي فيما يجوز لي روايته من احزاب سيدي ابي الحسن الشاذلي رضي الله عنه ، والمسبعات المطر ، ودلائل الخيرات كما اجازني بذلك مشائخي الفحول واخص منهم

بالذكر سيدي وجدي ومربي روحي وجسدي العارف بالله الشيخ سيدي الحاج عبدالرحمن الحسني وهو عن والده الشريف الحسني الحاج رابح وهو عن والده الشيخ سيدي الحاج احمد وهو عن شيخه ووالده المحدث الشهير الشيخ سيدي المداني وهو عن شيخه القطب الرباني الشيخ سيدي عبد الكريم الشهير وهو عن والده الشيخ المقدم سيدي محمد وهو اخيه الغوث الصمداني الشيخ سيدي الخير رضي الله عنه وهو عن الشيخ سيدي احمد المكناسي المغربي المالكي الشهير بالمحجوب عن ابيه عن جده سيدي محمد عن ابيه الشيخ سيدي احمد عن صاحب الدلائل الامام العارف بالله الشيخ سيدي محمد بن سليمان الجزولي رحمه ورضي الله عنه وبسنده المتصل الى الامام سيدي ابي الحسن الشاذلي رحمه الله ورضي الله عنه الى سيد الاولين والاخرين سيدنا ومولانا وحبيبنا قرة العيون

سيدنا محمد صلى الله عليه وسلم.

هذا واوصي الجاز ونفسي بتقوى الله عز وجل في السر والعلن فيما ظهر وما بطن ورفع الهمة وان يخشى الله ولايعجب بنفسه كما قال العارف بالله الشيخ سيدي عبدالقادر الجيلاني:

اوصيكم وكسر النفوس فإنها. مراتب عز عند اهل الحقيقة

والله يوفقنا واياكم لما فيه الخير وصالح دعواتكم....

خادم الطريقة الشاذلية



سنڌ جو هڪ علمي ۽ روحاني مرڪز درگاهه ٺندو سائينداد

الحمدلله، اسان جي سنڌ صدين کان علمي ۽ روحاني مرڪز رهي آهي. انهي مقدس سر زمين تي وقت بہ وقت علماء ڪرام ۽ اولياء عظام پيدا ٿيندا رهيا آهن. برصغير ۾ اسلام جو پهريون روشن ڪرڻو سنڌ جي سرزمين تي پهتو، اُن ڪري سنڌ کي بَابُ الاسلام (اسلام جو دروازو) سڏيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ڪيترائي روحاني ۽ علمي مرڪز آهن، انهن علمي ۽ روحاني مرڪزن مان هڪ متبرڪ مرڪز درگاهه نقشبنديہ ٺندو سائينداد آهي، جيڪا شهر ٺندو محمد خان کان هڪ ميل جي مفاصلي تي موجود آهي.

عالم اسلام ۾ تصوف جا چار مشهور سلسلا آهن (١) سلسلہ قادريہ (٢) سلسلہ چشتيہ (٣) سلسلہ سهروردیہ (٤) سلسلہ نقشبنديہ. اسان جي درگاهه سلسلہ عاليہ نقشبنديہ سان منسلڪ آهي. انهيءَ ڪري نقشبندي سلسلي جي مختصر وضاحت هن جاءِ تي ڪجي ٿي.

هن سلسلہ نقشبنديہ جي ابتدا حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان ٿي، اُن کان پوءِ وقت بہ وقت بزرگان دين هن سلسلي کي مروج ۽ مشهور ڪيو ۽

هن سلسلي جو فيض عام ڪيو. اٽين سن هجري ۾ حضرت خواجه سيد محمد بهاءُ الدين نقشبند رحمة الله عليه هن سلسلي ۾ هڪ ڪامل مرشد ۽ رهبر پيدا ٿيا، جن نقشبنديه سلسلي جي فيض کي عام ڪيو.

ان کان پوءِ برصغير ۾ هن سلسلي عاليه جي ابتدا حضرت امام رباني مجدد الف ثاني حضرت احمد فاروقي نقشبندي کان ٿي. پاڻ هزار سال جا مجدد آهن. عربيءَ ۾ مُجدد، دين جي تجديد ڪندڙ کي چيو وڃي ٿو. پاڻ شريعت ۽ طريقت جا امام ۽ وقت جا قَيوم هئا. سندن فيض کان ساري دنيا مستفيض ٿي.

حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قُدِسَ سره جن جو هڪ عظيم ڪارنامو هي آهي ته مغليه خاندان مان شهنشاهه اڪبر هڪ مصنوعي دين، "دين الاهي" تيار ڪيو، جيڪو شرعي قانون جي بالڪل مخالف هو. ان دور جا عالم صوفي انهي جرّتو دين الاهي کان بيزار هئا. پر ڪنهن کي به جرات نه ٿي، جو وقت جي حاڪم جو مقابلو ڪري سگهي. اڪبر کان پوءِ سندن پٽ جهانگير ان دين الاهي تي پابند رهيو. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني ان مصنوعي دين الاهي کي ختم ڪري، برصغير ۾ شريعت اسلامي نافذ ڪرائي. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني هن سلسلي نقشبنديه کي شريعت ۽ طريقت تي استوار ڪيو. سندن هزارين خليفن پوري دنيا جي هر علائقي ۾ پهچي دين جي خدمت ڪئي ۽ نقشبندي

سلسلي جي شمع روشن ڪئي. حضرت مجدد الف ثاني قدس سره جن جي اولاد ۾ خداتعالىٰ پنهنجي فضل سان اها لياقت ۽ صلاحيت پيدا ڪئي، جو سندن اولاد دنيا جي ڪنهن به علائقي ۾ جيڪڏهن سڪونت پذير ٿيو ته اُتي انهن بزرگن دين جي خدمت ڪئي ۽ روحاني فيض عام ڪيو.

امام رباني مجدد الف ثاني قُدس سِره جي اولاد مان سڀ کان اول سراج الاولياء حضرت خواجه عبدالرحمٰن جان افغانستان سان هجرت ڪري سنڌ ملڪ جي ڳوٺ ٽڪڙ ضلع حيدرآباد ۾ سڪونت پذير ٿيا. حضرت صاحب جن جو وڏو فرزند حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي سنه ١٣١٦هـ ۾ درگاهه ٽنڈو سائينداد ۾ رونق پذير ٿيا. حضرت صاحب جن جي اچڻ سان ٽنڈوسائينڌ داد جو هڪ ننڍو ڳوٺ ڏسندي ئي ڏسندي دين جو مرڪز بنجي ويو.

حضرت صاحب جن جي اچڻ سان مخلوق خدا جي ٽنڈوسائينداد ۾ تمام گهٽي آمدورفت ٿئي. سنڌ، هند، بلوچستان ۽ عرب رياستن جا هزارين ماڻهو هن درگاهه تي پهچي نقشبندي فيض کان مستفيض ٿيا.

هن درگاهه ۽ ديني مرڪز جي باني حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي جو مختصر سوانح حيات پيش ڪجي ٿي.

تاج الاولياء حضرت خواجه محمد حسن جان

سرهندي فاروقي جي ولادت باسعاڻ ٦ شوال سنہ ١٢٧٨هـ ۾ قندهار ۾ ٿي. سندن ظاهري ۽ باطني تعليم ۽ تربيت سندن والد، سِراجُ الاولياء حضرت خواجہ عبدالرحمٰن جان سرهندي فاروقي نقشبندي رحمة الله عليہ کئي، جيڪي پنهنجي دور جا نهايت جليل القدر عالم دين ۽ کامل ولي الله ۽ امام رباني مجدد الف ثاني جي مسند عاليه جا سجاده نشين هئا. سندن ۾ اچڻ کان پوءِ پاڻ ٻہ سال سندن جي مشهور عالم مولانا قاضي لعل محمد مٹياروي وٽ ٻہ سال تعليم ورتائون. اُن کان پوءِ حضرت صاحب جن پنج سال حجاز مقدس ۾ رهي عربستان جي ممتاز عالم حضرت مولانا رحمة الله مهاجر مکي ۽ مکہ مکرمہ جي مفتي اعظم حضرت شيخ احمد زيني دحلان وٽ صحاح سته (حديث جا ڇهہ مستند کتاب) مڪمل کيائون ۽ حديث شريف جي علم پوري ڪرڻ کان پوءِ قرآن ڪريم حفظ کيائون.

حضرت صاحب جن پنهنجي سموري زندگي ديني خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. گهڻين مصروفيتن جي باوجود پاڻ تقريباً ٢٥ ديني ۽ علمي کتاب لکي، انهن مان اکثر پنهنجي خرچ سان شايع ڪرائي تقسيم کيائون. سندن تصنيفات جو تفصيل هن طرح آهي:

(١) اَنِيسُ الْمُريدِين: (فارسي) سنہ ١٣١٦هـ ۾ تصنيف کيائون. هيءُ کتاب پنهنجي والد بزرگوار جي سوانح عُمري ۾ لکيو اٿن، جنهن ۾ تصوف ۽ سلوڪ جي

ڪيترن رازن کي ظاهر ڪيو اٿن. هي ڪتاب ۲۰۰ سو صفحن تي مشتمل آهي، ۽ حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي اڪيڈمي (ٽنڈو سائينداد) جي طرفان هن ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شايع ڪيو ويو آهي.

(۲) تَذکَرَةُ الصُلحاء: (فارسي) سنہ ۱۳۳۶هـ ۾ تصنيف ڪيائون. هن ڪتاب ۾ حضرت صاحب جن پنهنجي دور جي انهن مختلف بزرگن جا حالات ۽ فضائل جمع ڪيا آهن، جن سان سندن ملاقات ٿي هئي. هي ڪتاب ۸۲ صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جو اردو ۾ ترجمو حضرت صاحب جن جي حياتي ۾ شايع ٿي چڪو هو.

(۳) شَرحُ حِکَمُ: (فارسي) سنہ ۱۳۴۴هـ ۾ تصنيف ڪيائون. هيءُ ڪتاب اصل عربي ۾ شيخ عطاءالله اسڪندري جو لکيل هو، حضرت صاحب جن ان جو شرح فارسي ۾ لکي ڪتاب کي آسان بنايو. علم تصوف جي سالڪن لاءِ هيءُ ڪتاب منفرد ۽ ممتاز حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ تصوف جي عميق مسئلن کي آسان ۽ عام فهم بنايو ويو آهي. هي ڪتاب ۲۰۸ صفحن تي مشتمل آهي.

(۴) اَلاُصُولُ الاَربعَةَ: (فارسي) سنہ ۱۳۴۶ هـ ۾ تصنيف ڪيائون.هي ڪتاب اهل سنة والجماعة جي بنيادي چئن عقيدن تي مشتمل آهي. (۱) غَيرالله جي تعظيم جائز آهي. (۲) وسيلو وٺڻ جائز آهي. (۳) يا رسول الله چوڻ جائز آهي. (۴) فقه حنفي تي عمل ڪرڻ واجب آهي.

مذكوره سيني مسئلن کي قرآن کريم جي آيتن ۽ مستند ۽ صحيح حديثن ۽ بزرگان دين جي اقوال سان نهايت سهڻي ۽ مدلل نموني سان ثابت کيو ويو آهي. هي کتاب ۱۲۷ صفحن تي مشتمل آهي. هيءُ کتاب حضرت مصنف جي حياتي ۾ ئي شايع ٿيو ۽ پوري عالم اسلام ۾ مقبول ۽ مشهور ٿيو. ۱۹۷۸ع ۾ هي کتاب استنبول (ترکي) مان شايع ٿيو. ۽ هاڻي هي کتاب حضرت خواجہ محمد حسن جان اکيڊمي ٺندو سائينداد جي طرفان اردو ۾ ترجمو ڪري شايع کيو ويو آهي ۽ عن قريب اکيڊمي جي طرفان هي کتاب سنڌي ۾ شايع کيو ويندو.

(۵) طَريق النِجات: (فارسي) سنہ ۱۳۴۲هـ ۾ تصنيف کيائون. هن کتاب ۾ صحيح اسلامي عقيدا بيان کيا ويا آهن، ۽ منجهس نماز، روزا، حج زکوات ۽ نيکيءَ جي عملن جي ترغيب ڏياري وئي آهي. هي کتاب ۲۶۶ صفحن تي مشتمل آهي، هي کتاب مصنف جي حياتي ۾ شايع ٿيو هن کتاب جو ٻيو ايڊيشن استنبول (ترکي) مان سنہ ۱۹۷۸ع ۾ شايع ٿيو ۽ ٽيون ايڊيشن سنہ ۱۹۸۹ع ۾ سيالکوٽ پنجاب مان شايع ٿيو. هن کتاب جو اردو ترجمون حضرت مصنف جي فرزند حضرت علامه حافظ محمد هاشم جان مَجددي قدس سره جن کيو آهي.

(۶) اَلعَقائدِ الصَحيحةَ: (عربي) سنہ ۱۳۶۰هـ ۾ تصنيف کيائون. هن کتاب ۾ اهل سنة و الجماعة جا

كافي عقيدا قرآن ۽ حديث جي روشني سان بيان ڪيا اٿن، ۽ نجدي فرقي جي ترديد ۾ هي ڪتاب تيار ڪيو اٿن ۽ هي ڪتاب مصنف جي حياتي ۾ شايع ٿيو. ۽ مشرق کان مغرب تائين عالم اسلام ۾ مقبول خاص و عام ٿيو. هن ڪتاب جو اردو ترجمون حضرت مصنف جي فرزند حضرت علامه حافظ محمد هاشم جان مُجددي قدس سره جن ڪيو آهي. هي ڪتاب ترڪي مان شايع ٿيو ۽ حضرت خواجه محمد حسن جان اڪيڊمي طرفان سنه ۱۹۸۲ع ۽ سنه ۱۹۸۳ع ۾ پهه دفعا شايع ٿيو آهي. هي ڪتاب ۱۵۴ صفحن تي مشتمل آهي.

(۷) آنسابُ الانجاب: (فارسي) سنه ۱۳۴۰هـ ۾ شايع ڪرايائون، هن ڪتاب ۾ حضرت صاحب جن حضرت امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي اولاد جو حسب نسب، تاريخ ولادت، جاء سڪونت ۽ تاريخ وفات ذڪر ڪئي اٿن. مجددي سرهندي خاندان لاءِ هي ڪتاب هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. هي ڪتاب ۱۱۲ صفحن تي مشتمل آهي. هيءُ ڪتاب مشهور عام پريس لاهور مان شايع ٿيو ۽ هيئنر هي ڪتاب نايابَ آهي ۽ فقط چند ماڻهن وٽ محفوظ آهي.

(۸) رساله تهليله: (فارسي) سنه ۱۳۵۴هـ ۾ هي ڪتاب شايع ڪرايائون، حضرت صاحب جن هن ڪتاب ۾ ڪلمه طيبه لااِله الا الله محمد رسول الله جا فضائل ۽ توحيد ۽ رسالت جا بهترين دليل بيان ڪيا اٿن ۽ پاڻ

كريمن عليه الصلواة و السلام جن جو نسب نامه سندن ولادت با سعادت جو ذكر، سندن اولاد مبارك ۽ صحابہ كرام جو ذكر خير كيو اٿن.

(٩) شِفاءُ الأمراضِ: (عربي) حضرت صاحب جن هن كتاب ۾ ورد وظائف جمع كيا آهن ۽ سيني روحاني ۽ جسماني مرضن جو علاج بيان كيو اٿن. هن كتاب ۾ پاڻ پنهنجا مجرب تعويذات بہ شامل كيا اٿن. هي كتاب حضرت صاحب جن سنہ ١٣١٤هـ ۾ تصنيف كيو.

(١٠) ترجمہ عُهودُ وَ مواثيق فارسي: هي كتاب اصل حضرت امام شعراني جو تاليف كيل آهي. حضرت صاحب جن ان جو سليس فارسي ۾ ترجمو كيو. هي كتاب تصوف ۽ اخلاق جي موضوع تي لكيل آهي.

(١١) اَلاشَارَةُ اِلي البِشارَة: (فارسي) هي كتاب فقه حنفي جي روشنيءَ ۾ امام رباني مجدد الف ثاني قدس سره جي فتويٰ موافق تحرير كيو ويو آهي. هن كتاب ۾ واضح دليلن سان بيان كيل آهي تہ التحيات پڑهڻ وقت، لفظ اَشهدُ تي شهادت آڱر نہ كٹڻ بهتر ۽ اَحسن آهي.

(١٢) سُرُورُ الَمحزون: (عربي) هن كتاب ۾ حضرت صاحب جن لطائف نقشبَنديه جو جامع بيان كيو آهي ۽ هي كتاب تصوف جي موضوع تي لكيل آهي.

(١٣) ابتدائي سُلوك: (فارسي) هن كتاب ۾ حضرت صاحب جن نئين سالك لاءِ نقشبندي سلسلہ جي ذِكر جو طريقہ كار تمام سهڻي انداز ۾ بيان كيو

آهي. هن کتاب جو سنڌيءَ ۾ ترجمون ٿي چکو آهي جيکو ۾ دفعا شايع ٿيو آهي. تصوف جي موضوع تي هي هڪ مختصر، پر جامع کتاب آهي.

(۱۴) لُغاتُ القُرآنِ عربي: هن کتاب ۾ قرآن کريم جي سيني ڏکين لفظن جو آسان عربي ۾ ترجمو کيو ويو آهي ۽ هر سورت جي هر هڪ رکوع جا ڏکيا اکر جُدا کري ترتيب سان انهن جي عربيءَ ۾ معنيٰ لکي وئي آهي، ته جيئن عربيءَ پڙهندڙ شاگردن کي آساني ٿئي. هي کتاب ۱۶۱ صفحن تي مشتمل آهي ۽ ايجان تائين غير مطبوع آهي. هيءُ قلمي نُسخو جامعه مُجدديه جي لئبرري ۾ حضرت مصنف قدس سره جي هٿن مبارکن سان لکيل موجود آهي.

(۱۵) عالم برزخ: (فارسي) هن کتاب ۾ عالم برزخ جو احوال درج ٿيل آهي ۽ ارواحن جي کيفيت قرآن کريم ۽ احاديث جي روشني ۾ مدلل بڌائي ويئي آهي.

(۱۶) اَلتَنويرُ في اثبات التقدير: حضرت مصنف هن کتاب ۾ تقدير جا مسئلا وضاحت سان بيان کيا آهن. کتاب جو مضمون نهايت عمدو ۽ جامع آهي. تقدير الاهي تي اعتراض کندڙن کي عقلي ۽ نقلي جواب ڏئي مطمئن کيو اٿن. هي کتاب پنهنجي موضوع تي هڪ مکمل تحقيقات آهي.

(۱۷) صِحةُ الجمعةِ في القُريٰ عربي: حضرت مصنف قَدس سره هن کتابَ ۾ فقه حنفي موجب دليل

بيان ڪيا آهن تہ جُمعي جي نماز شهرن ڪان علاوه ڳوٺن ۾ بہ ادا ڪري سگهجي ٿي.

(۱۸) سفر نامه عراق حجاز مقدس و شام:

حضرت صاحب جن سنہ ۱۳۳۲هـ ۾ حج بيت الله لاءِ عربستان ويا. هن سفر ۾ حضرت صاحب پهرئين عراق (بغداد) شريف ويا. اُن کان پوءِ شام ويا ۽ اُن کان پوءِ حج ادا ڪري پنهنجي وطن خيريت سان پهتا. هن سفر ۾ حضرت صاحب جن سان سندن مريدن جي وڏي جماعت گڏهئي. هن سفرنامہ ۾ حضرت صاحب جن سڀني زيارتن ۽ سفر جي واقعن جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. هي ڪتاب شايع ٿيل آهي ۽ تقريباً ۲۰۰ صفحن تي مشتمل آهي.

(۱۹) پنج گنج فارسي: هي ڪتاب حضرت صاحب جن سنہ ۱۳۲۰هـ واري حج جي سفر دوران تصنف ڪيو. هي ڪتاب پنجن ننڍن رسالن تي مشتمل آهي. (۱) سفرنامہ‌حرمين. (۲) مَناسِکِ حج (۳) شرح چهل ڪاف (۴) الأحَادِيثُ المسَلسِلة (۵) نصيحت نامه.

(۲۰) عَجائبُ المَقدُورات فارسي: هن ڪتاب ۾ مصنف عليہ الرحمة اهي قدرت جا عجيب واقعا بيان ڪيا آهن جيڪي پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺا اٿن. تحرير جو انداز بيحد دلچسپ ۽ ولندڙ آهي.

(۲۱) قَواعِدُ التَجوِيد: هن ڪتاب ۾ حضرت صاحب جن قرآن ڪريم جي علم تجويد (قراءةُ) جا بنيادي قائدا نهايت اختصار سان لکيا اٿن. هي قائدا قرآن ڪريم جي پڙهندڙن کي ضرور ياد ڪرڻ گهرجن، جو

انهن قائدن جي مدد سان قرآن كريم جي صحيح قراءة كري سگهجي ٿي. هي كتاب مصنف عليه الرحمة جي خوشخطي سان، جامعه مُجدديه جي لئبرري ۾ محفوظ آهي.

انهن كتابن كان علاوه سندن علمي تحريرون، شرعي فتوائون ۽ هدايتن ۾ريا خط كافي تعداد ۾ موجود آهن.. جن جي مطالعي سان سندن ديني ۽ علمي كارنامن جو بخوبي اندازو كري سگهجي ٿو.

حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي شريعت ۽ طريقت جا امام هئا. سندن اكثر وقت ورد وظائف ۽ عبادت الاهي ۾ گذرندو هو. پاڻ بهترين حاذق حكيم هئا، يوناني دوائون پنهنجي خرچ سان تيار كرائي في سبيل الله مخلوق خدا ۾ تقسيم كندا هئا. حضرت صاحب جن فارسي ۽ عربي جا بهترين شاعر هئا، سندن نعتون ۽ قطعات موجود آهن. حضرت صاحب جن جي سوانح عُمري تي كتاب مونِس المخلصين فارسي هك جامع كتاب تصنيف ٿيل آهي. جيكو حضرت صاحب جن جي فرزند قطب الاقطاب صاحب العلم والعرفان حضرت آغا عبدالله جان سرهندي لكيو آهي. هن عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت جو وصال ٢ جون سنه ١٩٤٦ع مطابق ٢ رجب ١٣٦٥هـ ۾ ڏنڈه سائينداد ۾ ٿيو مذكوره پنهي بزرگن پنهنجي دور ۾ دين جي خدمت ۾ كاكسر باقي نه ڇڏي. حضرت صاحب جن كي چار فرزند هئا. (١) صاحب العلم والعرفان حضرت آغا عبدالله جان سرهندي

قدس سره. (٢) حضرت قبله حاجي عبدالستار جان سرهندي قدس سره. (٣) حضرت علامه محمد هاشم جان سرهندي قدس سره. (٤) حضرت آغا محمد حنيف جان قدس سره (رحمة الله تعالي عليهم اجمعين)

حضرت صاحب جي وصال کان پوءِ سندن وڏو فرزند صاحب العلم و العرفان قطب الاقطاب حضرت قبلہ آغا عبدالله جان مسند نشين ٿيا. سندن وصال کان پوءِ سندن وڏو فرزند امام العارفين حضرت آغا غلام علي جان سرهندي قدس سره جن مسند نشين ٿيا، اُن کان پوءِ هن وقت سندن وڏو فرزند (ءِ راقم الحروف جو والد صاحب) اعليٰ حضرت فيض درجت حضرت آغا عبدالحميد جان سرهندي دامت برکاته هن وقت درگاهہ مجدديه ٽنڊو سائينداد جا سجاده نشين آهن. پاڻ پنهنجي مخلص مُريدن لاءِ ابر رحمت آهن، شال رب کريم کين صحت سلامتي ءِ عمر خضري عطا ڪري آمين ثم آمين.

بفضله تعالي اڄ به هيءُ درگاهہ مُجدديه هڪ علمي ءِ روحاني حيثيت رکي ٿي، ءِ هر سال هن درگاهہ تان هزارن جي تعداد ۾ ديني ڪتاب شايع ڪيا وڃن ٿا. آخر ۾ منهنجي دعا آهي ته شال رب العالمين جل جلاله و عم نواله بطفيل رحمة للعلمين صلي الله عليه و آله وسلم هن درگاهہ مجدديه کي سدائين قائم ءِ دائم رکي. (آمين ثم آمين)

بقلم عبد مُجددي

عرض حال

بحضور قطب ربانی غوث صمدانی امام ربانی مجدد الف ثانی

حضرت احمد سرہندی نقشبندی فاروقی قدس سرہ العزیز

یا مجدد الف ثانی ای شہ عالی جناب
مقتدائی شرق و غرب ملتجائی شیخ و شباب

پیش قدر رفعت تو آسمان سر بر زمین
پائی بوس درگہ تو خسرو گردون رکاب

شمع جمع اہل عرفان نور چشم کاملان
انجم چرخ ولایت راتو روشن آفتاب

عرض عبداللہ بشنو کن توجہ از کرم
جلوہ فرما تاکہ دل روشن شود چون ماہتاب

باز سرگردہ بدرگاہت رسید از ملک سندہ
باد و چشم اشکبارو بادل پُر اضطراب

عاجز و دل خستہ درماندہ و مسکین غریب
قابل رحم وکرم ہست این تنِ بی آب و تاب

نسبت دارم بتو شاہا وسیلہ سوئی تو
حبدا تلک الوسلیتہ نعم ذاک الانتساب

کے روا داری زلطف عام خود، ای ذوالکرم
عالمے از فیض تو معمور و من مسکین خراب

رد مکن از درگہت این سائل درماندہ را
کز کریمان عار باشد بر غریبان سد باب

یا الٰہی از طفیل بندگان خاص خود
خاتمہ بالخیر گردان عاقبت حسن و ماب

من بہ پیش تو شفیع آوردہ ام ارواح شان
زانکہ خود فرمودۂ تو وابتغوا اندر کتاب

دوستان ہر کس کہ استدعا زمن کردہ دُعا
حاجت او شان روان کن ہم دعائیم مستجاب

صد سلام ما نثار روضۂ ات ہر صبح شام
کلما سجعت حمام فی الریاض المستطاب

باد بارندہ سحاب رحمت رضوان حق
بر مزار پاک تو دائم الی یوم الحساب

از قلم اعلیٰ حضرت قبلہ طریقت والی حقیقت
حضرت آغا عبداللہ جان سرہندی المعروف بہ
حضرت شاہ آغا مجددی فاروقی قدس سرہ العزیز
راقم عبدالوحید سرہندی عفی عنہ از ٹنڈہ سائیں

بسم الله سبحانه وتعالى

نحمده ونصلي ونسلم

ترجمون قرآن جو

مؤمنو دل سان پڑهو ، هي ترجمون قرآن جو،
سولو سُنو سُهڻو ٿيو ، هي ترجمون قرآن جو.

دل جي عقيدت سان پڑهو ، رحمٰن جو ٿيو هي بيان،
بهترو بالا ٿيو ، هي ترجمون قرآن جو.

شان مرسل مير جو ، کولي کيم اُن مرعيان،
قابلِ تعريف ٿيو ، هي ترجمون قرآن جو.

مُستند اُن جا حوالا ، مُعتبر اُن جي زبان،
اهلِ سُنت جو ٿيو ، هي ترجمون قرآن جو.

پڑهندڙن تي رحمتون ، نازل ٿين ٿيون بي گمان،
اعلىٰ ۽ اشرف ٿيو ، هي ترجمون قرآن جو.

عبد کي عرفان ملیو ، محبوب مدني مير کان،
خير سان پورو ٿيو ، هي ترجمون قرآن جو.

بقلم عبدهٗ عبدالوحيد سرهندي از درگاهه تنديه سائيڏاد
۲۸-۲-۱۹۹۹

بسم الله الرحمن الرحيم

نعت مصطفیٰ

صلی الله تعالیٰ علیه وآله وسلم

محمد مصطفیٰ آهي، حبيب ڪبريا آهي
اهوئي ابتدا آهي، اهوئي انتها آهي

نه دنيا هُئي نه عقبیٰ هُئي، نه ئي مخلوق خلقيل هُئي
مگر اوّل سين ڪان ئي رسولِ مجتبیٰ آهي

خدا خلقيو جهانن کي رسول الله جي صدقي
اهوئي رحمتِ عالم امامُ الأنبياء آهي

ذڪر اذڪارِ سڀ فاني محمد جو ذڪر باقي
سبب هي ٻيو جو خود الله سندن ئي نعت خوان آهي

صبح سانجهي سدائين سڀ پڙهو صلوٰة سيدتي
سين وِردن ڪان اعليٰ هي وظيفو بي بها آهي

قبر محشر دنيا ۾ مدد ڪنهن جي نه ٿي گهرجي
سهارو عبد جو هردم رسولِ دوجهان آهي

عبده عبد الوحيد هندي عفي عنه

دارالارشاد درگاه ٽنڈو سائنداد